ماڻڪ مِٽُ سندوم

[ماڻڪ جون تحريرون]



مرتب: ناز سنائي

مالڪ مِٽ سندوَم

[منير احمد مالڪ جون تحريرون]

حويليءَ جا راز

ٽي ناوليٽ

ساهه مٺ ۾

مرتب: ناز سنائي

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.

2004ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ماڻڪ مٺ سندوم
ليکڪ: منير احمد ماڻڪ
مرتب: ناز سنائي
پهريون ڇاپو: مارچ 2004ع
ڪيليگرافي: سائره
ڪمپوزنگ: احسان علي لغاري
ناز ڪمپوزرس
۴. سيد آرڪيڊ. گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ
قيمت: =/200
ٻه سئو روپيه فقط

سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر ۱۴۲

MANIK MIT SANDOM
By: Muneer Ahmed Manik
Compiled by: Naz sanai
Shop :No 4- Sayed arced Ibrat line,
Gari khato Hyderabad.sindh.
Book no: 136-
Per copy: Rs/= 200

ٻه اکر

ماٺڪ، منير احمد، منير سنڌي؛ منير.....اسان جي سنڌي زبان جو اهو باهمت/ بهادر/ بي ڊپو/ ارڏو ۽ اڙٻنگ ليکڪ هو جو هن پنهنجي شعوري اک کولڻ سان جيڪو رستو اختيار ڪيو، پنهنجي زندگيءَ جي انت/ پڄاڻيءَ تائين ان تي بيٺو رهيو.

ماٺڪ جون تحريرون جڏهن ڇپجڻ لڳيون ته پراڻي، ڪوڙهه ورتل سماج ۾ ڄڻ تاڪوڙا پئجي ويا. هُن جي هڪ هڪ تحرير نه رڳو بينل پاڻيءَ ۾ پٿر برابر هئي پر هو هر تحرير سان هڪ لهر اُڀاري ويندو هو ۽ ان جون تحريرون پڙهڻ سان لڳ ڪانڊارجي ويندا هئا، وار اُڀا ٿي ويندا هئا. هو بينل پاڻيءَ ۾ پٿر رڳو رونشو ڏسڻ لاءِ نه اڇلائيندو هو پر هو پاڻيءَ ۾ حقيقي لهر پيدا ڪرڻ لاءِ ائين ڪندو هو.

هو پنهنجي فن، فڪر ۽ فلسفي سان اهڙو سچو هو جهڙو هڪ سچي فنڪار کي پنهنجي تحريرن سان سچ پچ وفادار رهڻ گهرجي. هن جيڪي ڪجهه لکيو، بهادري ۽ بي ڊپائيءَ سان لکيو. هو پورهيت اديب هو، سياسي ورڪر هو. اسان جي سڄي سياست ۽ سموري ادب جي ذري پرزي کان واقف هو ڇو ته هو ان کيتر ۾ ٿيندڙ سموري هلچل جو پُرزو ٻه هو.

هن جيڪي تحريرون لکيون آهن، هتي اُهي هڪ ڪتاب ۾ آنديون ويون آهن، اهي جڏهن اسان جا پڙهندڙ پڙهندا ته انهن آڏو، اُن دور جي سياسي، سماجي ۽ معاشرتي عڪاسي اهڙي طرح اڳيان اچي بيهندي ڄڻ ته اسان اهو سڀ ڪجهه اکين سان ڏسي ۽ پسي رهيا آهيون. ماٺڪ جو ڪردار جڏهن سياسي ڪم ڪري ٿو، ادبي پورهيو ڪري ٿو، پنهنجي وطن ۽ قوم لاءِ سوچي ٿو ۽ ماڻهن ۾ رهي انقلاب آڻڻ لاءِ جُهد ۽ ڪشالا ٿو ڪاٽي ۽ ان دوران هن کي جيڪي ٻه پوڳڻو پوي ٿو. ان کي پڙهندي، پڙهندڙ سچي پچي ايترو ئي پوڳي ٿو جيترو ماٺڪ جو ڪردار پوڳي ٿو.

هن جڏهن معاشرتي براين تي لکيو ۽ اسان جي سڄي معاشري کي اگهاڙو ڪري پيش ڪيو ته اسين سمورا اگهاڙا نظر اچڻ لڳاسين. اسان پنهنجي اوگهڙ کي ته نه ڏٺو پر ماٺڪ کي گاريون ڏنيون، هن کي اگهاڙو ليکڪ سڏيو. هن خلاف گهٽي واويلا ڪئي. جيڪا واويلا اسان کي پنهنجي ماحول جي بڇڙاين ۽ بدڪردارين تي ڪرڻ گهربي هئي اُها اسان ماٺڪ لاءِ ڪئي. ماٺڪ سڀ ڪجهه ٻڌندو رهيو. پر هن کي انهن الزامن پٺتي ورڻ لاءِ هڪ پل ٻه سوچڻ نه ڏنو ۽ هو اڃا ٻه وڌيڪ واضع نموني سان لکندو رهيو. ۽ ان جون تحريرون اسان جي ادب جو اهو نشان بنجي ويون جيڪو نشان اسان کي پري کان ڏگهو ڏسي رهيو هو ۽ هاڻي ٻه جڏهن پڙهندڙ ان کي پڙهندو ته پڪ سمجهي وٺندو ته سنڌي ادب مان ماٺڪ جو نالو ڪڏهن نه ته سگهجي ۽ ان کي ڪڏهن مرحوم ٻه سڏي نه ٿو سگهجي. هو اهڙو ڪردار آهي جيڪو اسان جي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ سدائين لازوال حيثيت رکندو.

ناز سنائي

حيدرآباد ، سنڌ

٢-جون- ٢٠٠٢ع

سنڌاءُ

حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون)

❀ اڳهاڙو سچ — شوڪت حسين شورو — 5
❀ آس نراس — ماڻڪ — 7
❀ حويليءَ جا راز — 9
❀ ٻاهر ڀاڦ نہ نڪري — 12
❀ حقيقت ۽ دوکو — 22
❀ هڪ ڪهاڻي سواءِ سري جي — 34
❀ پلاٽ — 52
❀ ڪاري — 63
❀ پهرين انامر ڪهاڻي — 68
❀ ٻي انامر ڪهاڻي — 74
❀ ٽي انامر ڪهاڻي — 84
❀ بيٺل ڦيرو — 92
❀ وقتائتو موت — 402
❀ ڪلارڪ جي پهرين تاريخ — 105
❀ اتساهہ جو موت — 109
❀ مئل زندگي — 112
❀ نوٽبڪ / ڊائريءَ منجهان — 119
❀ انسان بوءِ - انسان بوءِ — 121
❀ روبوٽ — 124
❀ گيس چيمبر — 126

ٽي ناوليٽ — 129

❀ رڃ ۽ پڙاڏا — 130
❀ پاتال ۾ بغاوت (A Revoltim the World) — 161
❀ سسيفس جي ناڪار — 162
❀ پاتال ۾ بغاوت — 171
لڙهندڙ نسل — 191

ساهہ مٺ ۾ — 252

❀ هڪ خط — 254
❀ جڏهن سڄڻ سنو مليا نصير مرزا — 256
❀ سنڌيت جي اندروني ايڪس ري موهن ڪلپنا — 256
❀ ساهہ مٺ ۾ - امن آيمان — 258
❀ ماڪڙ — 289
❀ ساهہ مٺ ۾ - ٻاڻيتال — 311
❀ ڪاسائيءَ جي چونڊ — 319
❀ ساهہ مٺ ۾ - وڳوڙ — 321
❀ ساهہ مٺ ۾ - امن امان — 332
❀ ماڻڪ جي جيون جو خاڪو ۽ سندس لکڻيون — 352
❀ انٽرويو — 379

حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون)

• اگھاڙو سچ

ماٺڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ڏکھي قطار کان ھٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنھن کي سنڌي ادب جا تارا نيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نہ آھن ۽ پڙھندڙ ھن کي شوق سان پڙھڻ کانپوءِ گاريون ڏيندا آھن.

ڏسڻ ۾ بنھہ سادو، ابوجھہ. پر اصل ۾ ميسوٽو. اگ ۾ گرم بحث ڪندڙ، ھاٿي گھٽو ڪري خاموش رھندڙ. من ۾ خطرناڪ ڳالھيون سوچيندڙ ۽ رڳو سوچيندڙ نہ. جيڪڏھن ھو اُھي خطرناڪ ڳالھيون من ئي من ۾ سوچيندو رھي تہ اسين سڀ ڏک ۾ رھون ھا. اسين سڀ الائجي ڇا ڇا سوچيندا آھيون، الائجي ڇا ڇا ڏھاڙي ڏسندا رھندا آھيون- گنديون، ڪنيون، واھيات ڳالھيون. پر پاڻ ئي انھن تي لڄي ٿيندا آھيون، پنھنجو پاڻ کي ڇنڀيندا آھيون ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندا آھيون تہ اسان جي چوڌطرف اھو گند بہ آھي.

اسان وٽ ڪلاسيڪي چوٽي آھي تہ گند کي قلھوربو تہ ڍپ ڪندو. ھن نئين دور ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آھيون، اسين سڀ حقيقت پسند آھيون، پر ان سان گڏ مھذب پڻ آھيون، اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پھرائي پيش ڪندا آھيون.

۽ ماٺڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوھہ آھي ئي اھو تہ ھو اگھاڙو سچ ٿو پيش ڪري- ھن حقيقت تان ڪپڙا لاھي ڇڏيا آھن. آئون ڄاڻان ٿو تہ اسان مان گھٽا ان ڳالھہ کي قبول نہ ڪندا. ھا، جي چاھين تہ ماٺڪ کي دل کولي گاريون ڏئي سگھن ٿا، پر اھو خيال رکن تہ وڏي وات گاريون ڏيندي گھڻون وھائيندي، رڙيون ڪندي، ڪٽي چريا نہ ٿي پون ۽ ڪپڙا لاھي رستن تي ڊوڙڻ نہ لڳن. نہ، اسين مھذبُ ماٺھو آھيون. اسين رڳو بچڙو ڪنداسين ۽

ماڪ کي آهستي آهستي فضيلت سان ۽ تي ڪچيون گاريون ڏئي ڇڏيندا سين. تهذيب ۾ رک رکاءَ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اڻ ٽر آهن.

۽ انهن ئي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي، ٿُڏي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليڪو لنگهي ويندڙ، اڳهاڙو سچ پيش ڪندڙ- لڙهندڙ نسل جا ليکڪ- جن ڪڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين هجڻ جي دعوي نہ ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو، پنهنجي وجود جو بار لکڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا. ۽ اهو رڳو هنن جو بار ڪونهي، سڀنيءَ نئين ٽهيءَ جو بار آهي، نين حالتن جو بار آهي. ماڪ ان بار لاهڻ جي، اسان سڀني کي آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شوڪت حسين شورو

[ماڪ جي ڪتاب ”رج ۽ پڙاڏا“ ۾ اڳ ڇپيل]

آس/ نراس

اونده انڌڪار ، جيـــون وڍيل ، ڪچڻ ڏوه ٻٽـــيل ، سنڌ: هڪ تاريخي سچائي. سنڌ تنهنجو ناءُ ورتم، جڻ ڪاريهر تي پير پيم-(اياز).

مجيل سچائين/ حقيتن کان انڪار. ٻئي پاسي سچي ڌرتي تي واڙيل انسان گيس چيمبر ۾ بند. وڏا واڪا، تن ۾ هڪ ئي پڙاڏو. جو اسين چئون ٿا / ٻاڪاريون ٿا، سو ساپيان آهي! ۽ ٻيو گهٽو ڪجهه هن ديس ۾........

جنهن دؤر مان اسين گذري رهيا آهيون، جڏهن تاريخ جي ڦيٿن ڪي، تاريخ جي قاعدن ۽ انسان جي تخليقي سوچ بدران اُرهه زورائيءَ سان پوئتي ڌڪيويو وڃي. انهن حالتن ۾ قومي ادب وسيلي اظهار وڏي اهميت نه رکي ٿو: پر جيڪڏهن وڏاءُ کان ڪم نه ونون ته: جنهن حالتن مان اسان گذري رهيا آهيون، تن ۾ ادب، نلهو ادب پيدا ڪرڻ ئي سڀ ڪجهه نه آهي، پر هڪ ساهه پساهه کڻندڙ، سرت رکندڙ ۽ ساڃهه پريو ذهن رکندڙجي حيثيت سان اسان تي ٻيون به گهڻيون ذميواريون پون ٿيون. اهي ذميواريون جيڪي ڪنهن واڙيل ۽ خاص طور نسل ڪشيءَ جي شڪار تيل ساڃهه وارن انسانن تي ٻڌل قوم تي پون ٿيـون. هن ڏس ۾ ادب جي اهميت ۽ ان جي ڪردار کان انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. چاڪاڻ ته تاريخ ۾ اهڙين حالتن هيٺ، جن مان اسين گذرون پيا، ادب نهايت نمايان ۽ ڀرپور پاڳو ورتو آهي. ۽ نه رڳو پاڻ - سجاڳي يا ساڃهه، جيڪا پنهنجي ئي کل ۾ بند تيل هجي، ڪو نتيجو ڪڍي ٿي، جيستائين ان کي، ڦرندڙ، ۽ تاريخي گهرجن پٽاندڙ عملي روپ نه ٿو ڏجي.ادب يا اديب به هن کان آجو ڪونه آهي، پلا ٻيو ڪجهه به نه نلهو ذڪر ته ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته: اديب/ قوم جي ذميدار ڪردارن مان هڪ آهي.

ڪنهن به قوم جي وجود جي ناتي سان گڏ، تخليقي ادب کان انڪار ڪرڻ- نه سچائيءَ کان مُنهن موڙڻ آهي. پر اکيون بند ڪرڻ پڻ. جو ڪجهه وس ۾ آهي، ۽ قاعدن قانونن جي زنجيرن ۾ قاتل، پر اتساهه سان پريل، ۽ جئري جاڳندي احساس سان تپ تار تيل، جيڪڏهن اها ڳالهه ڪليل لفظن ۾ چئجي ته: قومي ڏوه جي احساس- تياس ٻي تنگيل نوجوان، پنهنجي ذاتي، قوميءَ مانَ واري جيابي لاءِ اوسر ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. ادب جي تخليق انهن روين مان هڪ آهي. جٽڪ گهاتي ڪاري ڪڪريءَ ۾ قاتل، سچ مان نڪتل هڪ ٽرورو. جئري

جاڳندي، پر وڪڙ ۾ آيل، ڦاٿل پساهه جي هڪ انساني ناتي، سماجي طور قومي وجود رکندڙ ساڃهه ۽ حساس، انسان جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ قومي آئڊنٽي جي بقا لاءِ، پاڻ کي جٽرو رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ ، آڪاش سان پاڻ ملائڻ لاءِ ۽ دنيا جي قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ لاءِ.

پر اسان لاءِ بنيادي سوال آهي. سڀ کان پهريون پنهنجو جياپو، قومي سڃاڻپ سان.هن وقت جن حالتن مان اسين گذرون پيا، انهن پٽاندڙ جيڪڏهن اسين نلهو ۽ نلهو رڳو ادب تي پارينداسين (ادب جي اهميت کان انڪاري نه ٿيندي) ته اها تاريخ سان ۽ پنهنجي وجود سان ويساهه گهاتي، دغا ۽ پاڻ نگڻ جي برابر ٿيندو. هن مامري ۾ هيءَ حقيقت ڪنهن به حالت ۾ اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اسين نه روسي آهيون، نه ويٽنامي، نه ڪيوبائي ۽ نه ئي وري آفريڪي. بنيادي تبديلين جي ڏس ۾ ٻين جي تجربن مان سکي ۽ پرائي ته سگهجي ٿو، جو اهي تجربا، پوءِ سماجي تبديلين جا هجن يا سائنسي اوسر جا، ڪنهن خاص ملڪ جي، قوم جي ميراث نه هوندا آهن، پر پوري انسان ذات جي ملڪيت هوندا آهن. ان مان اهو مطلب نه وٺڻ گهرجي ته: اسان جيئن جو تيئن انهن جي ڪاپي ڪيون. قومي بقا ۽ اوسر جي بنيادي تبديلين ۾ تخليقي سوچ ته بنيادي عنصر آهي، پر تاريخ مان پرائيندي، قوم جي نفسيات، مزاج، حالتن، ڦيرن ڦارين ۽ ويرن جي اٽڪلن، چالن کي به آڏو رکڻو پوي ٿو، ۽ ان کان پوءِ ئي پنهنجي سرجڻ، بقا ۽ اوسر لاءِ پتوڙڻ جي حڪمت عملي ۽ تلن ۽ اٽڪلن جي جوڙجڪ ڪرڻي پوي ٿي، وقت ۽ موقعي مطابق ڦيرڦار تي پوي ٿي. اگواٽ گهڙيل ۽ ٺاڦيل نظرين (Degmes) جي پوئواري، انڌي جي لٺ آهي، جيڪا گهٽو ڪري پنهنجن کي ئي ٺڙي لڳندي آهي. هن ڏس ۾ گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو پر....

ادب ۽ حياتيءَ جڻ ڪو هڪ ٻئي لاءِ ئي جنم ورتو آهي. جتي ادب زندگيءَ مان تخليق ٿئي ٿو. اتي، ادب به زندگيءَ کي تخليق ڪري ٿو. اسان وٽ اڄ ڪلهه جيڪو ڪجهه مانيَ ماحول جي باوجود ادب/ شاعري سرجي ٿي پئي، ان ۾ وقت جي اولڙي سان گڏ، خاص طور فارم ۾ ڪيترائي سٺا ۽ ڪامياب تجربا ڪيا ويا آهن. ادبي لحاظ کان اسان جي آڏو انهن جي اهميت آهي، جو اسين پنهنجي فني اظهار جا ڪيترائي روپ پڌرا پيا ڪيون. البت هن ڏس ۾ لاڙي جي خيال کان، ڪيترن ئي ادبي- فني اختلافي مسئلن مُنهن ڪڍيو آهي، مثال طور پاڇوڪڙائپ (Escepiam) فراريت، نراسائي، رجعت پسندي، اُبهام، تجريت، ذهني مونجهارا وغيره. اُن کي ليکڪن ۾ پيدا ٿيل نراسائي چئي سگهجي ٿو، پر ٻئي سري سان ڏٺو وڃي ته تاريخ جي سچائيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن، دور مان

اسين گذري رهيا آهيون، ان ۾ هڪ بي وس ماڻهو حياتيءَ کان بچان ڪري سگهي ٿو. البت جيتري قدر نراسائي يا بي مقصديت جو لاڳاپو آهي، سا هڪ عام فضا آهي. ڪارڻ پڌرا آهن. سيڪو ڇاٽي ٿو. اڄ جي ليکڪن جو ڏوهہ اهو آهي تہ اهي، تاريخ سان سچار آهن. جڏهن ان جو اهڙو اظهار ڪن ٿا. جيڪو اظهار، اسان جي هلندڙ تاريخ جو ڀاڱو آهي. هن حقيقت کان انڪار ڪرڻ اکيون پورڻ برابر ٿيندو تہ: سماجي/ قومي گهوٽالي ۾ جيڪڏهن مثبت سگهہ (Positive fotcc) سگهاري نہ آهي تہ ذات جو بحران، هڪ منطقي نتيجو ٿئي ٿو.

اها نراسائيءَ جي فضا هوندي بہ ائين چوڻ ڪونہ جڳائي ڇاڪاڻ تہ اديب جو ذهني معيار عام ماڻهوءَ جي ذهني معيار کان پختو هوندو آهي. (جيئن تہ اديب ساڳي ئي ماحول ۾ رهندي بہ عام ماڻهوءَ کان شعوري طرح اڳيرو هوندو آهي) پر سماج ۾ لاشعوري ڪيفيت مان سرجيل نراسائيءَ جي رنجهہ- ڪنجهہ ڀوڳيندي. ليکڪ کي گهرجي تہ پنهنجي لکڻين ۾ اتساهہ جاڳائيندڙ آئيڊيل ڪردار تخليق ڪري. جيئن "نراسائي اميد جو وڳو پهري."

مايوسي ليکڪ جي ذهن تي ڪڏهن، ڪڏهن تہ گهڙيءَ ڪن لاءِ ايندي بہ آهي. جيئن شاهہ جي من تي- "ڪڏهن، ڪڏهن هينئڙا ٿين نٿو مور."

بس نراسائي ۽ مايوسي ليکڪ جي من تي ڏرٽو ماري ويهي نہ رهي. اُها مايوسي بہ سونهين جيڪا اميد جي آسري ۾ هوندي آهي. منهنجي ليکڪ لاءِ ڏنل هنن لفظن تائين راءِ، منهنجي نظر ۾ اڄ جي سچار ليکڪ لاءِ آهي.

ڪن ڪان رڳو انڪساريءَ سان اهو سوال آهي تہ: انقلاب جي بنيادي گهرجن پٺاندر، ٻين لفظن ۾ (Objective and Subjective) حالتن ڇا ڪيو آهي. ماڻهن سان لاڳاپي جا ڪيترائي روپ آهن. گهرجن پٺاندر انهن منجهان اتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي!؟ هاڻي فرض ڪيون تہ رڳو ليکڪ جو مامرو آهي تہ: نلهو الزام هڻندڙن، هٿ نوڪيون بزرگن ۽ پنهنجي تجربي جون لپاڙون هڻندڙ ليکڪن ڪهڙيون مثبت ۽ تعميري وڪون کنيون آهن، ٻڌي يا تنظيمي ڏس ۾ مڙني کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ؟ هي ڪنهن جو فردي سوال ناهي، پر تاريخ جو سوال آهي.

ماڻڪ

نواب شاهہ 81-12-9

حويليءَ جا راز

پنيهرن جي مهل هئي. آءٌ حڪيم خيرمحمد جي حيدري شفاخاني ڏانهن وڃي رهيو هوس. پري کان ئي ڏٺم ته حڪيم صاحب پراڻي ڪاٺ جي صندل تي پلٿي ماريو، کرل ۾ ڪنهن دوا جو سفوف ڪري رهيو هو. معمول پٽاندر سندس مٿيون چپ ڏندن ۾ اندر پڪوڙيل ۽ هيٺيون چپ ٻاهر ٻولو ٿي نڪتل هو. مون کي پري کان ئي ڏسي، کرل کي پري ريڙهي هٿ ڳوڏ سان اُگهيائين. جڏهن حيدري شفاخاني جي چانئٺ اُڪري، پير اندر رکيم ته حڪيم اٿي، اڳتي وڌي. اکير مان ياڪر پائي، پنهنجو وات منهنجي ساڄي ڪن تي آڻي چيو، "ڪجهه ٻڌو اٿئي؟" مون اٿي ئي ڪنڌ سان ناڪار ڪري چيو، "نه." پوءِ هندن جي زماني واري هڪ ڇڳل موڙي ڏي ريڙهي مون کي وهڻ جو اشارو ڪيو. اءِ ويهي رهيس. هن چوڌاري رازدارانه نموني نظر ڦيرائي ۽ منهن جي ويجهو اچي آواز کي تمام هلڪو ڪري چيائين، "ڪجهه به نه ٻڌو اٿئي؟"

"نڪي، پر ڇاجي باري ۾؟"

حڪيم جواب نه ڏنو. پٺ واري دريءَ مان چورن وانگر ليئو پائي وري مون ڏي ڏٺائين ۽ پنهنجا ڳاڙها گول گول دوڏا ڦاڙي چيائين، "اڙي حيف ٿئي. ههڙي خوشخبري به نه ٻڌئي ته پوءِ جڻ جائو ئي ناهين پيو- جهل ته ڏسيانءِ ٿو. ٻاهر ڏسان ته ڪا پهر ته ڪانهي." ائين چئي حڪيم ٻاهر جو سماءَ ڪرڻ نڪري ويو. مون کي سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته آخر اهڙي کهڙي ڳالهه آهي، جو حڪيم اهڙي رزداري پيو رکي ۽ ٻڌائڻ لاءِ جبل جيڏا سانباها پيو ڪري. ڪافي سوچ بعد به مان ڪنهن نتيجي تي پهچي نه سگهيس. نيٺ حڪيم پنهنجي چمپليءَ سان ٺڪ ٺڪ ڪندو اندر آيو. اچڻ شرط پنهنجو منهن منهنجي ڪن جي ويجهو آڻي چيائين، "هيڏي ٻڌ."

"ها."

"سائين ڏنل شاهه جي نندي نينگري پڄي وئي..."

"هان! ڇا چيئه!؟

"اڙي آهستي، حويلي پر ۾ آهي. ميان پٽين کي به ڪن آهن."

"سائين ڏنل شاهه جي نندي ۾ نندي نينگر...."

"........ جيڪا هاڻ ساماڻي هئي ۽ اجا تازو هفتو اڳ قران شريف

ڪي بخشائي هئائون."
"ڪنهن سان پڳي؟"
"جمعي شيديءَ سان."
"جمعو شيدي! ڪهڙو جمعو شيدي؟".
"اڙي اهو ئي جمعو شيدي، جيڪو حويليءَ جو ٻاٽي پريندو هو. جنهن کي ڏاڏو، ڏاڏو ڪري ڪونہ چوندا هئاسين."
"اڙي اهو! دانگيءَ جهڙو روڏو ڏڪ!"

• "هائو، هائو، " حڪيم وڏي رازدانہ نموني ۽ انتهائي آهستي ڳالهائي بہ رهيو هو تہ پنهنجا ڳاڙها گول گول دوڏا بہ ڦرڙائي رهيو هو. آءُ سن وچان حڪيم جو منهن تڪي رهيو هوس.

"اڙي واچ گودو ئي وئي ائئي، سمجهين ڇا تو ٻچا. زمانو ترقي تي آهي. ماڻهو چنڊ تي پيا پهچن......."

ساهہ روڪي لاڳيتو ڳالهائڻ ڪري، حڪيم جو سينو پرجي آيو ۽ وات سان ڊگهو ساهہ ڪڍي اڳتي چوڻ لڳو. "آخر هي ڪيسيتائين ڦهر جا ڪوٽ رهندا نيٺ تہ ڪرندا. ڏين سان ظلم تہ ڏسو، انسان جي قرآن سان شادي! سا بہ زائفان! حڪيم جالينوس جو قول آهي تہ عورت کي مرد کان چاليهہ دفعا وڌيڪ نفسياتي خواهش ٿيندي آهي- چڱو ڪيائين. نہ تہ حويليءَ ۾ عمر ڳري وڃيس ها، عمر. جيئڻ ٻين ٻيبين جون عُمريون پيون ڳرن. هون! قران سان ئي عورت پرڻجي، واهہ ڙي سنڌ جا سيد.........."
حڪيم پنهنجي منهن ڳالهائيندو رهيو.

حڪيم جون اهي ڳالهيون ٻڌي، منهنجي ذهن ۾ هڪ ٺاٺ ڏيندڙ ڪرنٽ اڀريو. "سائين ڏنل شاهہ جي نندي ۾ نندي نينگر؟ اڙي ان جو نالو شهہ بانو هو. وڏي بيبي ڪيس پيار مان شاهو ڪري ڪوٺيندي هئي. شاهو؟ ڏاڏي شيديءَ سان پرڻجي وئي! ڏاڏي شيديءَ سان!! هڪ روڏو، ٻنو ۽ ڏڪ جهڙو بن مانس، ان سان!!" مون بي خيالي ۾ پڇڪيو ۽ حڪيم ڏي نهاريم تہ ڪٿي هن ٻڌو تہ ڪونہ. پر هو وري پنهنجي ڌن ۾ محو، کرل ۾ دوا ڪرڙي رهيو هو تہ پنهنجي منهن ڳالهائي بہ رهيو هو.

خيالن جو سيلاب جڻ، ذهن جي وسيع وادي ۾ پلٽجي پيو ۽ لاشعور جي ڪندرن ۾ تهہ ٿيل نندپڻ جي ماضيءَ جون يادگيريون ميڻ وانگر وڃي شعور جي سطح تي اڃڻ لڳيون.

"مان جڏهن ننڍو هوس، اٺن- نون سالن جو. سيدن جي حويلي

مان ڏڏ ونڻ ويندو هوس. مائي ساران جيڪا سيدن جي سيني کان جهوني بانهي هئي، سا ڏڏ ولوڙيندي هئي. آءُ هر روز صبح جو خالي ٿيو ڪٽي مائي ساران جي پير ۾ وجي رکندو هوس، بيا بہ ڪيترا ڳوٺ جا ننڍا نينگر ۽ نينگريون، ڏڏ ونڻ لاءِ ٿيا. جست جا لوٽا ۽ چونئريون ڪٽي اچي مائي ساران جي پير ۾ رکندا هئا. ڏڏ ولوڙجڻ تي، مائي ساران سيني کي ونڊي ڏيندي هئي. مان عمر ۾ سيني نينگرن کان وڏو هوس. حويليءَ ۾ بيون بانهيون بہ هونديون هيون. جوان جماڻ، اڌروٽ ۽ پوڙهيون. سڀ سڄو ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ رڌل رهنديون هيون. وڏي بيبيءَ سڄو ڏينهن هندوري ۾ ويٺي هوندي هئي، جو ڪا بيماري هيس. جنهن ڪري گهڻو هلي ڦري ڪانہ سگهندي هئي. سائين ڏنل شاهہ ڪڏهن ڪڏهن حويليءَ ۾ ايندو هو، نہ تہ اڪثر ڪري نئين نهرايل بنگلي ۾ رهندو هو. يا وري ڪراچيءَ يا لاهور ۾. حويلي ۾ سيني جي لاڏڪوڏ ۽ پيار جو مرڪز سائين ڏنل شاهہ بادشاهہ جي سڀ کان ننڍي نياڻي شهہ بانو هئي. بيبي وڏي ڪيس پيار وچان شاهو ڪري ڪوٺيندي هئي. شاهو سڄو ڏينهن حويليءَ ۾ ڊُڪندي ۽ ٽپا ڏيندي هئي. ڪڏهن اڱڻ ۾ تہ ڪڏهن اندر هجرن ۾. سائين کي پٽ اولاد تہ هوئي ڪونہ، سواءِ ٻن نياڻين جي. شاهو ننڍي هئي، انڪري سڀ هن کي گهڻو پيائيندا هئا. شاهو! جيڪا رات ڏاڏي شيديءَ سان پڇي وئي. تنهن جي جمار ان وقت شايد نو- ڏهہ سال کن هئي. سندس منهن گول مٽورڙو هو ۽ رنگ ڳاڙهاڻ مائل اڇو. اڱڙين جي ڳڏي جي ڪارن ڏاڳن سان نهيل اکين وانگر سندس اکيون بہ چيريل ڪاريون ڪتاريون هيون. تنهن مٿان ترار وانگر جڙيل ڪارا گهاٽا ۽ جڙوان پرون ڏاڍا نهندا هيس. بس، سوني تي سهاڳ. جڏهن بانهي وچان سينڌ ڏئي، سندس چوٽي چڪي ٻڌندي هئي، تہ سندس ويڻل پيشاني اڌ چنڊ وانگر جرڪندي نظر ايندي هئي. حويلي ۾ شاهوءَ جي وڏي ڀيڻ رهندي هئي. بيبي جنت. سائين ڏنل شاهہ جي وڏي نياڻي بيبي جئان شاهوءَ کان اٽڪل ٽي چار سال کن وڏي هئي. ان جا مهاندا بہ هوبهو شاهوءَ جهڙا هئا. شاهو اجا ٽڙندڙ مکڙي هئي تہ بيبي جنان بهار ۾ جوبن تي رسندڙ ٽڙيل گل. جنهن جيون، نازڪ، نرم ۽ لسيون پنکڙيون چڳيءَ طرح ڪليل هونديون آهن ۽ پونئري لاءِ مقناطيسي چڪ رکنديون آهن. هن جي سڳنڌ موسم بهار جي صبح صادق ۾ ٽڙيل گلن وانگر ٻري کان ئي محسوس ٿيندي آهي ۽ پاڻ ڏانهن بي ساختگي ڪشش ڪندي آهي."

نندپڻ جي يادگيرين جو سلسلو هلندو رهيو. سنڌوءَ جي وهڪري جيان:

"مان سيدن جي حويليءَ مان ڏڌ وٺڻ ويندو هوس. شاهو اجا ننڍي هئي. تن ڏينهن بيبي جنان بہ. شاهو وانگر قران شريف کي پخشائي هئائون. جو سيدن ۾ ڪو اهڙو نينگر ڪونہ هو. تنهن ڪانسواءِ چون پيا تہ اصل ڳالهہ ملڪيتي حصي جي ورهاڱي جي هئي. ڏاڏيءَ، جيڪا بخشائڻ جيُ ريت تي ويئي هئي، تنهن ڳالهہ تي ڪئي تہ، "بيبيءَ کي ڪنوار وانگر سينگاريو هئائون. ڪيس ريشمي ڳاڙهو وڳو پهريو ويو هو. سندس هٿن تي مينديءِ لاتي وئي هئي. قران پاسي کان رحل تي پيو هو ۽ بيبي گهونگهٽ ۾ شرمايو (يا پوءِ ڊڄيو) منهن هيٺ ڪيو ويٺي هئي."

سندس دل ٻڏي رهي هئي، سهاڳ رات جي باري ۾، خيالن ئي خيالن ۾، اڻ ڄاتل خوف، گهري پر لطف درد ۽ اڻ چڪيل بي انتها خوشيءَ جي نازڪ ڏاڳن سان اُڻيل سهڻن خوابن، سڄڻ سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جي اونهي تڙپ ۽ جواني جي سانديل جوان، ڪنوارن امنگن جي اٿاه ساگر ۾ ٻڏڻ بجاءِ، پر ۾ ريشمي پوتين ۾ ويڙهيل قران شريف جي ڊپ ۾ ٻڏي رهي هئي. قران شريف جي پرسان، هڪ ڪاٺي جي پيالي ۾ ڪافور جلي رهيو هو. جنهن جي خوشبوءَ سڄي ڪوٺيءَ ۾ پکڙجي وئي هئي. اتي موجود هڪ البيلي جوان نينگر کي لڳو تہ، ان پيالي ۾ جڻ بيبيءَ جا جوان امنگ ۽ ڪنوارا خواب جلي رهيا آهن، جي جلي جلي رک ٿي ويندا.

قران شريف سان شاديءَ ڪرڻ کانپوءِ بيبي جنان کي دورا پوڻ لڳا هئا. حويليءَ ۾ سڀ چوندا هئا تہ قران شريف شادي ڪرڻ ڪري، بيبيءَ ۾ سيد خاندان جو ڪو نيڪ روح اچي واسو تو ڪري، پر ڳوٺ جي مسيت جو مولوي صاحب چوندو هو تہ روح ڪڏهن بہ هن گهنگار دنيا ۾ اچي نٿو سگهي. باقي بيبيءَ کي جن ٿو اچي. جن بہ ڊيڊ جن، جيڪو جنن جو سردار آهي ۽ خاص سيدن جي گهرن جو مهمان ٿيندو آهي. جڏهن بيبي جنان ۾ جن اچي واسو ڪندو هو تہ هوءَ سڄي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي. جندا ڪولي ڪنڌ ڌوڻيندي هئي. سندس سڄو بدن گرم ٿي ڦڙڪڻ لڳندو هو ۽ جيڪو بہ سندس پر ۾ ويندو هو، ان کي پاڪر پائي چنڪ هٽندي هئي. رانيوتا پائيندي هئي ، ان جي ڄمڙي چوسي رت ڪڍي ڇڏيندي هئي. جيسيتائين منجهس جن هوندو هو. تيسيتائين جنهن ماڻهوءَ يا شيءَ ۾ پاڪر هوندو هوس، ان کي زوريءَ ٻانهن ۾ پڪوڙي، ٻاڻ کي لوڏيندي رهندي هئي. گهڙي

ساعت ائين ڪرڻ ڪانپوءِ، سائي ۽ بي حال ٿي ڪري پوندي هئي. بيبي جنان جي اها حالت ڏسي مائي ساران، پنهنجي اشهد آڪر هينئين چپ تي رکي، عجب ۾ پئجي چوندي هئي. ”رب منهنجي جو شان! هڪ ته سيد جو ٻار. وري قران جي امان. مٿان سون تي سهاڳو اهو جو. مٿس رب جو پيار.“ ۽ پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀري آڱر آسمان ڏانهن کڻي چوندي ”ٻڙي، رب جا راز رب ڄاڻي، بندي کي ڪا سڌ ڪا جوڙ.“

مان بيبي جنان کان ڏاڍو ڏڄندو هوس. ڏڏ ونڻ ويندي مهل سدائين اهو ئي سوچيندو ويندو هوس ته شل نه هينئر بيبيءَ کي جن اچي. متان ان وقت مون کي ڀاڪر پائي چڪ هڻي رت ڪڍي. وري مولوي صاحب جي هيءَ ڳالهه، ”ڏيڏ جن وڏو حرامي ۽ بيمان آهي. جڏهن ڪنهن عورت ذات وٽ ايندو آهي ۽ ان مهل جيڪو به مرد ذات. انهيءَ عورت جي ڀرسان ويندو آهي ته ڏيڏ جن جو جهڪيءَ ۾ اچي، ان مرد جو ڪڏهن ڪڏهن ڳاٽو ڀڃي ڇڏيندو آهي.“ ياد ڪري ڏڪي ويندو هوس ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ آيت الڪرسي پڙهي، قميص جي ڳلي جي پن ڪولي، سيني جي اندر شوڪاري، الله سائينءَ کان دعا گهرندو هوس ته مولا! پيران پير دستگير ۽ محمد مٺي جي صدقي بيبيءَ جي جن کان بچائجانءِ.

سوچ جي عميق سمنڊ جي اونهين گهراين ۾ لڙهندي. جڻ منهنجي آڏو حويليءَ جي هر شي اچڻ لڳي. پڌري ۽ چٽي. هڪ ڏينهن، جيڪو منهنجي ڄمار جو نئون ۽ عجيب تر ڏينهن هو. انهيءَ ڏينهن مان سيدن جي حويليءَ تان روز وانگر ڏڏ ونڻ ويس. پنهنجو ٽيو پوڙهي ٻانهي مائي ساران جي پير ۾ رکي. ڀرسان ڀيل ڪٽ جي واڏڻ ڪان ويهي رهيس. اڄا ڪو ٻار ڪونه آيو هو. مائي ساران پنهنجي ئي ڌن ۾ ڏڏ ولوڙي رهي هئي. بيبي وڏي مٿان سائي شال ڍڪيو ننڊ پئي هئي. شاهو به، جنهن جا نينگ ٽپا هيڏي ساري ويران لڳندڙ اڱڻ کي ڪجهه زندگي بخشيندا هئا، سا به شايد اندر هجري ۾ هئي. سڄي اڱڻ ۾ چپ چپات لڳي پئي هئي. عجيب خاموش ماحول ڇانيل هو. رڳو ڏڏ ولوڙڻ ڪري، ڇاڏيءَ اندر ڦرندڙ مانڌائيءَ جو ڊنگائتو آواز پئي آيو. اهو آواز چپ چپات جي ماحول ۾ اڃا وڌيڪ عجيب پئي لڳو. مان ڇاڏيءَ اندر لچندڙ ڏهيءَ جي آواز ۾ ڪن لڳايو، پنهنجي خيالن ۾ گم سم وينو هوس ته آوڏيءَ مهل، بيبي اندران نڪتي. سندس اکيون خمار ۾ اڌ پوريل هيون. ائين پئي لڳو جڻ اها اڃا هاڻ هند مان اٿي آئي آهي ۽ سڄي رات ننڊ ڪرڻ بجاءِ، لچندي پچندي رهي آهي. پر سندس

منهن ۾ نئين قسم جي وٺندڙ ٻهڪ هئي ۽ اڌ پوريل اکين ۾ پرڪشش چمڪ. سندس هلڻ جي لوڏ ۾ هڪ نئون انداز ۽ لچڪ هئي. هن منهنجي پرسان اچي، مون کي ڳراٽڙي پائي چيو. ”ڪڪا شيءِ کائيندين؟“ مون کيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، قميص جو اڳ آڱرين ۾ ويڙهڻ لڳس. ان وقت مون کي اها ڳالهہ ياد اچي ويئي تہ، جڏهن بيبيءَ جنت کي جن ايندو آهي، تڏهن سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويندو آهي ۽ ساهہ تيز تيز هلڻ لڳندو اٿس. مون ان وقت سندس اهڙي حالت ڏٺي، هن منهن جي ڪلهي تي هٿ رکيو تہ منهنجي دل ڌپ ۾ سسندي وئي. آءٌ سندس منهن ۾ نماڻائيءَ منجهان، ڊنل ۽ هيسيل نظرن سان ڏسڻ لڳس. ”ڊڄ نہ ڪڪا، هل تہ شيءِ ڏيانءِ.“ ائين هن پيار منجهان، ڪنڌ لوڏي پنهنجا ڳاڙها چپ گول ناهي، انهن سان ٻچڪار ڏيندي چيو ۽ ساڄي ٻانهن جي ڀاڪر ۾ ڪري پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وٺي آئي. منهنجو لڱ لڱ ڪانڊارجي ويو. دل ۾ چيم. ”اباڙي، اڄ تہ مري ويس، لاهہ ٿي نڪري ويا“ آيت الڪرسي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ڌپ ۾ اها بہ وسري ويئي هئي.

ڪوٺيءَ ۾ اندر گهڙڻ شرط بيبيءَ مون کي زور سان ڀاڪر پاتو ۽ منهن جي ڳٽي تي چمي ڏئي چيو، ”ڊڄ نہ منهنجا منڙا.“ سندس آواز ۾ گهرو جذبو ۽ لرزش هئي، ان وقت بيبيءَ جا گرم گرم ۽ ڳاڙها چپ، تازي وڍيل گوشت جي ٽڪري وانگر ڦڙڪي رهيا هئا. ساهہ تمام تيزيءَ سان ناسن مان اچي وڃي رهيو هوس. ان ڪري ريشمي چولي مان سيني جو ابار لهوار پڌرو پسجي رهيو هو. سموري بدن جو رت ڄڻ ڳٽن ۾ اچي گڏ ٿيو هوس، سندس ڳٽا ڳاڙها ڳٽورڙا ٿي ويا هئا. اکين جون ڏاريون ايري آيون هيس ۽ انهن ۾ مقناطيسي چڪ هئي. سندس سڄو بدن باهہ وانگر پئي ٻريو. مان سندس ڀاڪر ۾ هوس، سندس بدن جي گرمي گنجيءَ ۽ ريشمي چولي جي ديوار اورانگهي مون کي ڇهي رهي هئي. جيتوڻيڪ ان گرميءَ ۾ ٻغلن جي پگهر جي ڌپ بہ گڏيل هئي، پر اها گرمي مون کي ڏاڍي وڻي ۽ تهہ سياري ۾ باهہ جي وٺندڙ سيڪ وانگر لڳم.

اهي ڳالهيون ياد اچڻ سان منهنجي بدن ۾ ڄڻ سياٽو پئجي ويو. خيالن جو سلسلو ڄڻ ڇڄي پيو. چوڌاري دواخاني ۾ حڪيم کي ڏٺم، هو بدستور کرل ۾ سفوف ڪري رهيو هو، تہ ڪو پارسيءَ جو شعر بہ جهونگاري رهيو هو ۽ رکي رکي پڻ پڻ ڪيائين، ”مار پوين، اڄ ڪو گراهڪ نہ لڙيو آهي. هن ڳوٺ جا ماڻهو هوڻئن تہ هر شيءِ ۾ ڪنجوس، پر بيمار ٿيڻ

۾ بہ ڪنجوس.“ سندس انهن گفتن تي مون مشڪي، پنهنجن يادگيرين کان جند ڇڏائڻ خاطر، دل ۾ چيو، ”هون بيهودا خيال، پر اهي يادگيريون دماغ مان نڪرڻ بجاءِ، لاشعور جي اٿاهہ ساگر مان پلٽجي، تيز وهڪري وانگر شعور جي صاف ۽ شفاف سطح تي اچڻ لڳيون ۽ يادگيرين جو ڳانڊاپو وري مرڪز تي اچي، زنجير جي ڪڙين وانگر ڳنڍجي ويو.

”.......... بيبي جنان در پيڪڙي ان جو ڪڙو آهستي آهستي چاڙهيو“ ۽ پوءِ مون کي هڪدم ياڪر ۾ وجهي پاڻ سان گڏ کٽ تي اڇليو. سندس نرم ۽ گداز ٻانهون منهنجي نندڙي ۽ سڪل بدن جي چوڌاري مضبوطيءَ سان ڀڪوڙجي ويون. سندس نڪ مان نڪرندڙ تيز ساهہ جي بوءِ مان سولائي سان محسوس ڪري رهيو هوس. سندس سيني اندر بي چين مڇيءَ وانگر لڇندڙ دل جي ڌڙڪ ۽ اپريل ارهن جي هلچل منهن جي سيني کي چگيءَ طرح ڇهي رهي هئي. هن منهنجي نهائين تي، پنهنجا لسا لسا هٿ آهستي آهستي ڦيرڻ شروع ڪيا. منهنجي سڄي بدن ۾ هڪ وڻندڙ مزيدار ڪتڪتائي ڦهلجي وئي. پوءِ هن منهنجي گوڏ جي ڳنڍ ۾ هٿ وڌو.... ۽ پوءِ؟...، سندس ٽنگون منهنجي ڪاٺيءَ جهڙين سڪل ۽ ميرين ٽنگن ۾ ٻڪجي ويون- مان سندس ڪڇ ۾ نندڙي ٻنل ٻار وانگر واٽڙو لڳي رهيو هوس. منهنجي حالت ان هرڻي جي ٻچي وانگر هئي، جيڪو شڪاريءَ جي تير کان بچڻ لاءِ ميلن جا ميل ڊڪي، پوءِ هڪ هنڌ سهڪي بيهي رهندو آهي. ٿڪل، ٻنل ۽ هراسيل. ان وقت سندس اکين مان معصومانہ بي وسي، لاچاري ۽ نماڻائي بکندي آهي. آءٌ بيبيءَ جي بدن مان نڪرندڙ گرميءَ جي تاءُ، سيني اندر ڌڙڪندڙ دل جي ڌڙڪڻ ۽ لوچ پوچ جي حالت ۾ ڦرڪندڙ جسم جي انگ انگ جي لرزش محسوس ڪري رهيو هوس. مون ڪيس انهيءَ حالت ۾ ڏسي پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. سوچڻ لڳم تہ، مري ويس. بيبيءَ کي ڏيڍ جن آهي، اڄ خير ڪونهي. منهنجا مولا! خير ڪجانءِ.“ هڪ دفعو ٿورڙيون اکيون کولي ڏٺم، بيبيءَ جي سهڪي واري ڪيفيت ڏسي هيبت وٺي ويم ۽ وري اکيون پوري ڇڏيم.

بيبيءَ جو سڄو بدن ٿڙڪي رهيو هو ۽ هوءَ حد کان وڌيڪ تيز سهڪي رهي هئي. آهستي آهستي سندس ياڪر هي ڇڪ زور وٺندي وئي. نڪ جي ڦونڊاڙيل ناسن مان ساهہ تنهائين وڌيڪ تيز اچڻ وڃڻ لڳو. گهڙي ساعت انهيءَ حالت ڪاٻوءِ، بيبي جهٽڪو ڏئي، ساٽي ۽ بي حال تي ڪري پيئي. مون منجهان ياڪر هلڪو ٿي ويس. سندس اکيون هلڪي نموني

پورجي ويون هيون. مدت کان سڳايل مرڪ، سندس ٻاڙهن ٻاڙهن چپن تي ڪيڏي رهي هئي. مان تارا ڦوتاڙي بيبيءَ جي ڪير جهڙي اڇي بدن کي ڏسڻ لڳس. چاهہ، عجب ۽ تجسس وچان. بيبي اڃا ستي پيئي هئي. پڇڻ لاءِ بلو پلو هو. سوچيم تہ ننپ ڏئي پڇان. پر وري خيال آيو تہ متان بيبيءَ وارو جن پٺ وني ۽ ڪنڌ پڇي سو پڇڻ جو خيال لاهي اتي ئي ويهي رهيس ۽ بيبيءَ جي اڇي بدن کي ڏسڻ لڳم. سچ پچ ڊپ ۾ بہ، بيبيءَ جي بدن کي ڏسڻ ۾ ڏاڍو مزو پئي آيو.

گهڙيءَ کن ڪانپوءِ بيبي اٿي لٽا پائي، ڪانچ جا ور ناهيائين. پوءِ منهنجي ڳٽي تي پيار مان ٺڦڪي هٽي ڇيائين، ”ڏس ڪڪا، ڪنهن کي ٻڌائجان نہ.“ مون ڪنڌ هيٺ هوندي ئي، ناڪاريءَ ۾ لوڏي نہ ڪئي. پوءِ بيبيءَ جاري ۾ رکيل هڪ چاڏيءَ مان سڪل ٻيرن جي مٺ ڀري منهنجي کيسي ۾ وڌي. ڪارڪن جون چار ڳڙيون ۽ هڪ ڦلن جو بوڙبندو هٿن ۾ ڏيندي چيو، ”هان، منهنجا من، هيءَ شي ڪاءُ“ پوءِ هڪ آنڪي کيسي ۾ وجهندي چيائين، هن جي هٿ تان شيءِ وني ڪائجانءَ. پر ڏس، هيءَ ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءَ. شابي منهنجي پيڙي ڪي.“ ائين چئي هن ٻهڪ واري مرڪ مرڪي، جڻ لکن جو خزانو هٿ اچي ويو هجيس. مان ڏڏ ڪٽي واپس گهر آيس، ۽ اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪيم. جو ڊپ هيم تہ متان بيبيءَ جو ڊيڊ جن ڳاتو پچي وجهي.

اهڙي ريت مان ڏڏ وٺڻ ويندو هوس ۽ اڪثر بيبي خانان جي ڪونيءَ ۾ وجي ساڻس گڏ سمهندو بہ هوس. هاڻي مون کي بلڪل پؤ نہ ٿيندو هو، جن جو بہ نہ. ڊپ بجاءِ پنهنجائپ، هراس بجاءِ اڻ جاتل مزو ۽ اجنبيت بجاءِ مقناطيسي ڇڪ محسوس ٿيندي هئي. هاڻي بنا ڊپ ڊاءُ جي مان بہ بيبيءَ کي ياڪر پائيندو هوس. بيبيءَ جو نرم نرم ۽ نازڪ بدن مون کي ڏاڍو وڻندو هو. اڪ جي ڪپهہ مان نهيل ريشمي وهاڻي وانگر، سندس گداز، لسي ۽ اڇي بدن تي هٿ ڦيريندو هوس، ائين ڪرڻ سان ڏاڍو مزو ايندو هو. سندس اڇي چمڙي اوچي بوسڪي وانگر چلڪندڙ، ريشمي ۽ ترڪٽي لڳندي هئي، دل چوندي هئي تہ سدائين ساڻس ستو پيو هجان، ۽ هڪ پلڪ بہ ڌار نہ ٿيان.

ائين آءُ سيدن جي حويليءَ تان ڏڏ وٺڻ ويندو هوس، تہ بيبي جنت سان موجون بہ ماڻيندو هوس. بہ سال کن مون ائين وَتَ ورتا. نيٺ هڪ ڏينهن جڏهن مان ڏڏ جو ٿيو مائي ساران جي پر ۾ رکي، پرسان پيل ڪٽ جي

واڏڻ ڪان بيٺو هوس تہ بيبيءَ وڏيءَ مون کي سڏي، منهنجي منهن ۾ غور سان ڏسندي چيو، ”ابا، تون هاڻي وڏو ٿي ويو آهين. منهن ۾ مڇن جي ساوڪ بہ لهي آئي اٿئي. ان ڪري اندر حويليءَ ۾ نہ ايندو ڪر. باقي ڏڌ لاءِ پنهنجو ننڍو ڀاءُ موڪليندو ڪر. يا تون ئي ٻاهر سڏي وٺي ويندو ڪر.“
انهيءَ آخري ڏينهن تي بيبي جنان مون کي ڀاڪر ۾ ڀاڪر ڀري، پاڻ سان گڏ گهٽي مهل سمهاريو هئو ۽ هوءَ بہ ٽي دفعا ساڻي ٿي هئي. آخري دفعو ڀاڪر ۾ مون کي پاڻ ڏانهن زور سان ڀڪوڙيندي چيو هئائين، ”تون مونکي هتان ڀڄائي هل. ڪنهن ڏوراهين ديس.“ مان سندس اهي اکرَ ٻڌي ڏڪي ويس ۽ ڀاڪر ڍلو ڪري، ٻک ڇڏائيندي ورائيم، ”نہ نہ، آءٌ توکي ڪيڏانهن وٺي ويندم. تنهنجي تہ شادي قران سان ٿيل آهي نہ. تون تہ قران کي بشڪيل آهين ڪين. مان توکي ڀڄائيندس تہ قرآن منهن جا سنڌ ڀِسڪائي ڇڏيندو.“ هن ڍري ٿيل ڀاڪر ۽ ٽنگن جي ٻک کي مضبوط ڪندي، جوش ۽ جذبي منجهان وڏيڪ زور ڏيندي چيو، ”تون اجا ڪڪي جو ڪڪو ئي آهين، پر ڏس منهن جا من، حويليءَ جي پٺئين پاسي، هو جو ٻير جو گهاٽو وڻ آهي نہ، اتي لڪي لڪي ايندو ڪر. هاڻي؟ ايندين نہ منهنجا جاني، مان توکي ڏوڪڙ ٻہ جام ڏينديس.“ مون ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو.
خيالن جو سلسلو هلندو رهيو. مهراڻ جي موجن جيان: ”بيبي شهہ بانو، بيبي جنت جي ننڍي ڀيڻ هئي. هوبهو جنت جهڙي. اجا بہ بيبي جنان کان سونهن ۾ سرس هئي. ان جي شادي بہ بيبي جنان وانگر، سيدن قران شريف سان ڪرائي، ڪيس حق بخشائي ڇڏيو هئائون. ڇا بيبي شهہ بانو بہ جمعي شيديءَ سان سمهندي هوندي؟ جيئن بيبي جنان مون کي ڀڄائڻ لاءِ چيوهو، تيئن بيبي شهہ بانو بہ جمعي شيديءَ کي ڀڄائڻ لاءِ چيو هوندو؟ تڏهن تہ ڀڄائي ويس. پر جمعو شيدي تہ صفا ڪنو هو. رنگ ڏانگيءَ جي تري جهڙو، ڪارو نڪ منو، منهن تي ماتا جا داغ، جهڙو هو دک، ان سان ڀڄي ويئي! بيبي تہ هئي ملوڪ! جهڙو گلاب جو گل.... مان تہ ڀاڙي آهيان. نپٽ ڀاڙي. ڏاڏي شيديءَ وانگر، مان بہ بيبي جنان کي ڀڄايان ها تہ لئہ ٿي وڃي ها..... پر هوءَ تہ سيد جو ٻار هئي، ٻنهي جهانن جو آسرو، تنهن ڪانسواءِ سائين ڏنل شاهہ جي نياڻي، جيڪو لکن جو مرشد. ڪامورا ڪڙا هن جي در جا ٻيلي....
اهي خيال ڀڄائيندي، منهن جي ذهن ۾ سائين ڏنل شاهہ بادشاهہ جو جلالي چهرو اڀري ويو. شراب جي نشي ۾ خمارِيل ۽ ٽانڊن وانگر ٻرندڙ

اکيون، ٽلهن ۽ ڪارن چپن مٿان مروٽيول ڏگها شهپر، ماس ڀريل منهن، ٽلهو ڪنڌ، جنهن سان لوٽو ورائي ڪونہ سگهندو هو. پنهنجي ٽلهي ڪنڌ کي پوئتي ڪري جڏهن ٺهڪ ڏيندو هو تہ ڄڻ گجگوڙ پوندي هئي. سندس شڪل ياد ڪري مون کي ڏڪٽي وٺي وئي.

”جمعي جو خير ڪونهي، سيدياڻي پڇائي ويو آهي. سا بہ سائين ڏنل شاهہ جي نياڻي، سنڌ جو سيد سردار، ذات ذات ڏاڙيل سندس هردم سلامي، ڪامورا سندس پيالي پائي. تنهن ڪانسواءِ وڏو ميمبر. جمعي کي سائين ڳترا ڳترا ڪرائي ڇڏيندو.“ مون کان ڇرڪ نڪري وئي. ”پر جيڪڏهن منهنجي خبر پئجي ويس تہ-؟“ اهو سوچي منهنجو هانءُ ئي ڌڙڪڻ ويو.

”ميان پنهنجي منهن الائي ڇا پيو چئين؟“. هڪ تہ سڄي ڏينهن ۾ ڪو گراهڪ نہ وريو آهي، وري تون بہ الائي ڪهڙن خيالن ۾ ٻڏل.“ حڪيم موڙي کي ريڙهي منهنجي پرسان اچي ويهندي چيو:

”مان سوچيان پيو تہ سائين ڏنل شاهہ، جمعي شيدي جا لاهہ ئي ڪيرائي ڇڏيندو.“ ڇا جو بابا. اهي سيد رڳو ننڌ ۾ شينهن ٿين. سنڌ کان ٻاهر موڳا صفا للو.“ حڪيم وراڻيو. ”پر سائينءَ جا مريد سنڌ کان ٻاهر بہ تہ آهن نہ، سائين پنهنجي تي اچي تہ جمعي جا سرنهن جيڏا داڻا ڪرائي ڇڏي.“ مون چيو.

”ڇڏ ڙي يار، اهي سنڌ جاماٺهو آهن، سادا ۽ ابوجهہ، نہ تہ ميان زمانو الائي ڪٿي وڃي پهتو آهي. ابا، هينئر اهڙو سٽائو واءُ لڳو آهي، جو مرشدن جون مريديون ٻربديون ويون ٻن ۾. جي مريد، مرشد جون نياڻيون ٿا پڇائين، سي ورائيندا وري ڪٿان.“

”پر حڪيم صاحب، بيبي تہ قران کي بخشيل هئي نہ. آخر تہ رب جو سچو ڪلام آهي. جمعي جا سنڌ ڪين سڪائيندو؟“

ان تي حڪيم صاحب وڏو ٺهڪ ڏيندي چيو، ”ميان مان تي پلي، اها سيدياڻي انهيءَ روڏي کي ڦبي. پر ٻيلي،“ حڪيم صاحب وري چوڻ شروع ڪيو، ”جمعي کي جس هجي، مڇڻ مراد آ. مڙس جو پٽ هو سائين. ها، ڪا ڳالهہ آ!“

حڪيم صاحب جا اهي لفظ مون کي تير تي لڳا. لڳم، ڄڻ حڪيم صاحب مون کي چٽي رهيو هجي تہ تون وڏو ٻاڙي هئين.

سهڻي 1967ع ۾ ڇپيل.

ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري

اڄ جڏهن فجر جي نماز لاءِ اٿي ۽ ماٽس کي صبح مرداڻي وهنجندي ڏٺائين تہ وري، جڻ هينئين تي ٻرڇي لڳس ۽ اندر پڄرندو محسوس ٿيس. پاڻيءَ ڇڻڪار ۽ بالٽيءَ جي ڪڙ ڪڙ جو آواز، سندس ذهن تي زيڪو ڪري ٿي لڳو ۽ سندس لڱن تي پئجي اندر ئي اندر دٻيل درد کي جهرائڻ لڳو. هوءَ ذرو ويچارڻ ڪان سواءِ پروڙي وئي تہ رات ڇا ٿيو هوندو. صبح مرداڻي جڏهن بہ فجر جي نماز کان اڳ، ماءُ کي وهنجندي يا وهنتل ڏسندي هئي تہ ماٽس فجر جي نماز کان ڳُس ڳساءُ پئي ڪري، تہ انهي وقت، هر دفعي سندس من ۾ ماءُ جي خلاف ڏڪار پربو دشمني وارو جذبو ايرڻ سان ڳڏ، دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي هيس ۽ جسم جي رڳ رڳ مان دٻيل درد، ڪر موڙئي ايرندو محسوس ٿيندو هوس. اهو سڄو ڏينهن هوءَ ملول ۽ وسائل وسائل ڳذاربندي هئي. پر اندر ئي اندر جڻ سانديل امنگن جي چتا جلندي محسوس ٿيندي هيس ۽ سمجهندي هئي تہ، ائين جلندي جلندي، پاڻ هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي. وري جڏهن ڏينهن ٻن اندر روز مره جي ڪم ڪار ۾ اها دونهين ٿمجي ويندي هيس ۽ اندر ۾ ڪٿن وانگر اٿيل امنگن جو طوفان جڏهن بينل پاڻيءَ وانگر مانو ٿي ويندو هيس، تہ ڪيس پنهنجو پاڻ تي اچرج ايندو هو ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪندي هئي، تہ اهو آخر ڪيس ٿئي ڇا ٿو؟ پر هوءَ ان جو جواب پائي نہ سگهي هئي، يا لاشعوري طور ڪيس ان جو جواب ڪتڪندو هو، پر هوءَ ان تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي، جو اڳيان بہ ماءُ هيس، جنهن ڪيس پاليو نپايو هو نڪا ڪا پهاڄ.

هن کي ياد آيو: شاديءَ کان اڳ، جڏهن اڃا سندس عمر ٻارنهن سال ڪان هئي. هڪ رات اوچتو ئي اوچتو. سس پس تي اک ڪلي ۽ ڏٺائين تہ ماٽس ۽ پٽس واري کٽ، خالي آهي، صفي واري بتي پئي ٻري ۽ اهو سس پس جو آواز اندران اچي رهيو آهي. سندس دل ڌڙڪڻ لڳي. هوءَ اٿي ۽ پاٺمرادو، جڻ ڪا اندروني قوت، ڪيس آهستي آهستي، پير پير ۾ پائي، صفي جي در وٽ ڳهلي آئي. در جي ڳڙکن مان هن اندر نهاريو. اندر ڏسڻ سان، سندس هينئين ۾ جڻ ڪنهن چڪ وڌس، دماغ ماؤف ٿي ويس، جڻ تہ ان ۾ دونهون پرجي ويو هجي، سندس جسم مان هڪ ٽاٽ ايريو، جنهن

لونڊڙين وٽ اچي نڪاءُ ڏنو. شرم ۽ نفرت وچان سندس منهن جو پنو ٿي لهي ويو. سندس اکيون پورجي ويون ۽ هن پاڻ کي، ذهن جي دونهين ۾ پوساتجندڙ محسوس ڪيو. هي ٻهريون دفعو ماڻس جو ڏڪار ۽ نفرت ڀريو دونهاتيل چهرو، سندس ذهن ۾ اڀريو هو ۽ ننڍپڻ کان سندس ذهن ۾ ويٺل ماڻس جو مقدسائيءَ وارو خاڪو، بم سان اڏايل عمارت وانگر، پاش پاش ٿي ويو هو. هوءَ پنهن جي بستري تي آئي. اها سڄي رات ڪيس ننڊ ڪانه آئي هئي. عجيب ڦيرو ڏنو ۽ اهو ڪيس بنهه نه وڻيو. ان کان پوءِ هوءَ سدائين ماءُ کي ڪجهه اجنبي نظرن سان ڏسندي هئي، يا ماڻس ڪيس سچ پچ ائين لڳندي هئي ۽ ڪيس، سندس لاءِ، ماڻس جي پيار مان بڇان ايندي هئي.

هوءَ بدنو ڪٽي، پاڻيءَ سان ڀري، آڳر جي ڏيڊيءَ واري ڪنڊ ۾ پيل منجيءَ تي اچي ويٺي. هڪ ڊگهو ٿڌو ساهه ڀري، هٿ ڌوئڻ لڳي. هٿ ڌوئيندي هن چوڌاري اڳڻ ۾ نهاريو. اڳڻ جي ساڄي پاسي کان پيل کٽ تي سندس ننڍي ڀيڻ صابي ۽ ننڍو ڀاءُ اڪو ستا پيا هئا. پريان آخري ڇيڙي واري کٽ تي پڻس ستو پيو هو، بيپرواه، ان کٽ تي پيو وهاڻو خالي پيو هو. ان جي پرسان سندس کٽ هئي، جنهن تي سندس ٻن سالن جو ڪڪو اگهور ننڊ ۾ پيو هو. پنهنجي ابهم ڪڪي تي نظر پيس، ڪيس پنهنجو اهو ٻار زندگيءَ جو هڪ ڳورو ۽ پچر نه ڇڏيندڙ بوج لڳو.

”ڪهڙن ويچارن ۾ پئجي وئي آهين امان، جود ڪر چاڻ سج اڀريو.“ ماڻس غسلخاني مان اشهد ڪلمون پڙهندي، وار ڇنڊيندي نڪتي ۽ سنڌس پرسان لنگهي، سندس منهن ۾ نهاري، وري سٽل ٻارن ڏانهن ٻلهار ويندڙ نهار ڪري، پوتي ناهي وڃي مصلي تي ويٺي. ماءُ جي اها نهار ڪيس اندر جلائيندڙ ننولي لڳي. پرسان لنگهڻ وقت، ماڻس جي وار ڇنڊڻ ڪري، پاڻيءَ جا ڦڙا ڄي سندس منهن تي اچي پيا، انهن ۾ لڪس صابڻ جي هلڪي هلڪي خوشبوءَ رچيل هئي. اها خوشبوءَ ڪيس ڏاڍي وڻي. هن ماڻس کي وجهڻ وقت ڏنو، سندس هلڻ جي چال بدليل هئي. پولهه جي لوڏ ۾ جوانيءَ وارو اڙبنگ موڙو ۽ ڳالهائڻ ۾ مناس، جنهن ۾ مامتا واري گنڀير جذبي جي بجاءِ، ماٿيل امنگ کان پوءِ چنچل نخري سان خوشيءَ جو اٿاه جذبو ڀريل هوندو آهي. مصلي تي ويٺل ماءُ کي ترڇين نگاهن سان ڏسي، دل ئي دل ۾ چوڻ لڳي، ”مئي، چاليهن سالن جي عمر ۾ به پاڻ کي جوان جماڻ پئي پائني.“ اتي ماڻس ڪيس، ماءُ کان به وڌيڪ عورت لڳي. سندس جسم ۾ ڪتڪتائي ايري ۽ بجليءَ جي ڪرنٽ وانگر، انگ انگ ۾ ڦهلجي ويس. واڻ

واري منجيءَ تي ويني، بئي اپا ڪيل گوڏا سولا ڪيائين، انهن تي ٻنهين ٻانهن جون ٺونٺيون رکي، هٿن جي ٻنهي ترين سان پنهنجو منهن جهلي سوچڻ لڳي. پيار ۽ پيار جي سٻنڌ بہ ڪهڙي نہ عجيب لذت ڀري چيز آهي، جو ان جي ماڻ سان، اسان کي هر شئي پياري ۽ وڻندڙ لڳي ٿي. هر ماڻهو زندگيءَ سان پيار ڪرڻ لڳي ٿو. اها ئي امان آهي، هونءَ صبح جو اٿندي آهي تہ نماز کان وٺي نيرن پوري ٿيڻ تائين ٻارن کي پئي ڇهڙون ڏيندي آهي ۽ هاڻي ڪيئن نہ سيني تي ٻلهار نهار ڪري وڃي مصلي تي ويٺي آهي..."

"ائي امڙ ڪڪي ماءُ، توسان آهي تہ خير، ٻڙي پهر ٿيو اٿئي وضوءَ ڪي، جڻ جمي وئي آهين، جلد ڪر جاڻ سج اڀريو." ماٹس پهرين رڪعت ڪانپوءِ سلام ڦيريندي چيو.

انهيءَ آواز جڻ ڪيس گهري ننڊ مان ڏونڌاڙي اٿاريو. جلد جلد وضو ڪري، پوتي ڻاهي، ماٹس جي پاسي کان، پنيرو مصلو ڻاهي وڃي نماز ۾ بيٺي ۽ نيت ٻڌي چپن ۾ الحمدالله شروع ڪيائين. سندس چپ مشين وانگر چرڻ لڳا، پر ذهن ۾ سُر سُر ٿي، پيار بہ ڪهڙي نہ عجيب شئي آهي..... "ائي امڙ" هن ماءُ جا لفظ ذهن ۾ ورجايا، انهن لفظن جي چوڻ جي ڍنگ ۾ ڪيڏو تہ اونهو ۽ ڳتيل پيار ڀريل هو ۽ چاهت جو جذبو. پيار جي ميلاپ ۾ اها ڪهڙي خاصيت آهي، جو اهو مامتا کي بہ اياري ٿو ۽ وڏيڪ زنده رهڻ جي آس کي پيدا ڪري ٿو! پيار کانسواءِ زندگي زهر آهي- سندس ذهن ۾ سُر سُر وڏندي رهي ۽ ٽتل بند ڪانپوءِ، ڇڙواڳ سيلاب وانگر، خيال پلٽجڻ لڳا. ٽي سال اڳ، هن کي پنهنجي شاديءَ واري رات ياد آئي. سڄو ڪمرو خوشبوءَ سان ٽٻٽار هو ۽ مڙس جي اچڻ کان اڳ اڻ ڄاتل خوف مٿس حاوي هو. ان وقت ڪيس ننڍپڻ جي اها رات ياد آئي هئي، جڏهن هن چوريءَ چوريءَ در جي ٽنگ مان، پنهنجي ماءُ پيءُ کي اگهاڙو ڏٺو هو ۽ انهن جي خلاف نفرت ۽ ڏڪار سندس جسم جي رڳ رڳ ۾ پيهجي وئي هئي. اهو واقعو ياد اچڻ سان، ڪيس شاديءَ کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي. در جو چيڪٽ ٿيو، چيڪٽ ٿيڻ سان، سندس دل جي ڌڙڪڻ اوچتو تيز ۽ دماغ ماؤف ٿيڻ لڳو. گهوٽ اندر آيو، هن ڪيس پيار ڪرڻ شروع ڪيو. ڪيس ان مان ٻچان اچڻ لڳي، گهوٽ جي هٿ چراند وڌندي رهي، پيار ڀريا ٻول، پر انهن مان سندس دل کي ڪوبہ ڇهي نہ سگهيو. چميون، هوءَ انهن ۾ جهجڪ محسوس ڪري رهي هئي. گهوٽ جا هٿ سندس لسي بدن تي ترڪڻ لڳا، آهستي آهستي هيٺ ٿيندا ويا، ارهن کان هيٺ، پيٽ تي ڦري، ٽڏڙا ڪڍي،

هيٺ سرڪڻ لڳا- آهستي آهستي. ڪيس ڪجهه تبديليءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. اهو احساس ته هٿن جي ڇهاءَ ۽ پاڪر مان ڪيس ڪجهه مزو اچي رهيو آهي ۽ اهو احساس ته نفرت ۽ خوف جي مٿان هڪ اڻ ڄاتل لذت ڇانئجڻ لڳي آهي، اها لذت آهستي آهستي وڌندي وئي. ڪيس لڳو ته ڄڻ اها اڻ ڄاتل لذت، سندس جسم جي ڪن ڳجهن حصن ۾ دٻيل هئي جا هاڻ آهستي آهستي پڌري ٿي رهي هئي. اهو لطف وڌندو رهيو ۽ هوءَ بيخود ٿيندي وئي، سندس انگ انگ مان بي چين خواهش تڙپي اٿي، سندس سڄي بدن ۾ هڪ سياٽو اڀريو. جنهن منهن ڪان ٿيندو، پنين تائين ڏوڙي ڇڏيس، سندس جسم جي ٻوٽي ٻوٽي ڦڙڪي اٿي، بدڪو ڏٺي. گهوٽ ڪي ڇهڻي وئي هئي.

اهو ياد ايندي، نماز ۾ بيٺي بيٺي سندس سڄي بدن ۾ سياٽو ڊوڙي ويو. ٻانهن سان ڇاتيءَ هٿ تي رکيو بيٺي هئي، تن کي وڌي زوريءَ ڀڪوڙيائين، ڄڻ ڪنهن ڪي پاڪر ۾، اندرين اڌمي وڃان، پاڻ ڏي ڇڪيندي هجي.

”ائي اما ڪڪي ماءُ، مئي چاق ته آهين؟ هيءُ توکي صبح لاڪر ٿيو ڇا آهي؟“ ماڻس جا نماز پوري ڪري، ڪڌهوڪو رڙٺي ۾ ڇانهه ناهي رهي هئي، تنهن جي سڏ ڪيس سجاڳ ڪيو. هن محسوس ڪيو ته هوءَ نماز ڇڏي الاءِ ڪيڏانهن وڃي نڪتي آهي. ڪنڌ کي جهٽڪو ڏنائين، ڇپن ۾ پڙهڪيائين ’نعوذ باالله، مئو شيطان‘، وري منڍ کان الحمد شروع ڪيائين، جيئن تيئن رڪوع مان ٿيندي سجدي ۾ وئي، اٿي بيٺي.

’آخر امان کان مون کي ايڏي نفرت ڇو آهي؟ هن مون کي پاليو آهي. مان به ته هاڻي ماءُ آهيان، پنهنجي ڪڪي جي نيپاج لاءِ ڇا ڇا سهڻو پيو اٿم، امان به ته اهو ئي ڀنو آهي‘ پوءِ به مون کي ڪڏهن امان کان چڙ ڇو ٿي وئي؟

هوءَ بيٺي بيٺي پنهنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳي، پر ان جو جواب ڄاڻڻ کان اڳ، ماڻس جو اڻ لکي همدردي، ڏيا، مامتا واري ڳنيير ڇهري جو تصور اچي ويس. سندس منهن تي ڏک جا تاثر اڀريا، گلو پرجي آيس، اکيون پڃي ويس، ڇپن ۾ پڙهڪيائين. ’امڙ، او منهنجي جيجل! منهنجي مڙس کي تو ته ماريو ئي ڪونه آهي، پوءِ جڏهن توکي صبح جو وهنجندو ڏسي، ان جو مطلب سمجهي، خبر ناهي ڇو توکان ساڙ محسوس ٿيندو اٿم. هيءَ ته پنهنجي پنهنجي تقدير آهي جيجان!‘ نيڻن جا ڳوڙها ٿمڻ تي آيس ته زوريءَ

اکيون پچي، هينئين چپ کي چڪ هڻي ڳيت ڏئي، تري آيل ڳوڙهن کي پيئڻ جي ڪوشش ڪيائين.

"هن چوريءَ کي اڄ الاءِ ڇا ٿيو آهي، وڃي وضوءِ تي تہ ڀهر ڇت، ٻيڻي نماز ۾ تہ جڻ ڄمي وئي آهي." سندس ڪنن تي ماڻس جو آواز پيس. ماءُ جا اهي لفظ ڪيس ايڏو تہ اگرا لڳا، جو ٻچان اچڻ لڳس. چند لپڪ اڳ، جو ماءُ لاءِ پنهنجائپ جو جذبو اڀريو هوس، سو مٽجي نفرت ۾ چڙ ۾ تبديل ٿي ويو. ڪيس ساڙ محسوس ٿيو.

جيئن تيئن نماز پوري ڪري ٻهاري ڪنيائين. ڀهرين صفي کي ٻهاري ڏيڻ لڳي. پر ڪم تي دل نہ وريس. ڪيس هن روز روز جي ڪم مان ڪوفت ٿيڻ لڳي. روز مشين وانگر، اٿي، نماز پڙهي، ٻهاري ڏيڻ، ٿانو ملڻ، پوءِ ٿوپو ڏيڻ، زندگي تيليءَ جي گهاڻي وانگر پئي ڦري، جنهن ۾ رڻ ست، سڄي ڏينهن جي پورهئي ۾ چوسجيو وڃي. ڪيس سامهون گهر واري نينگر خورشيد جيڪا ڪاليج ۾ پڙهندي آهي، ياد آئي "ڇوري ڪهڙي نہ الهڙ آهي. چيلهہ کي موڙو ڏئي، سينو سيٽي هلندي آهي تہ جواني تيز ڦوهاري وانگر اڇلون ڏيئي ٺمندي اٿس. اٿس ڪو الڪو! چمڪندڙ ٺيڊي ڪپڙا پائي هلندي آهي، تہ جڻ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جو مٽ ئي نہ سمجهندي آهي. ٺيڊي ڪپڙن ۾ هلڻ وقت پولهہ تہ ٻٽ ٻٽ ڪندو اٿس، پر اڳيان ارهہ بہ سوٽ ڏاڙهونءَ وانگر شيڪيل هوندا اٿس، سي بہ سوڙهي ريشمي چولي ۾ جڻ ٻلين وانگر ٺمر- ٺمر ڪري پيا جرڪندا آهن"، ڪيس ان تي رشڪ اچڻ لڳو.

سندس هٿ ۾ پاڻمرادو آهستي آهستي ٻهاري بہ هلي رهي هئي تہ ذهن بہ. پنهنجي ليکي دل ئي دل ۾ چوڻ لڳي، "پر منهنجي عمر ۾ بہ تہ ڪا ويل ڪانہ آهي. اها ئي ٿيويهہ چوويهہ سال ٿيندم مس. ويهن ۾ هيس، شادي ٿيم، سال ڪن ڪانپوءِ ڪڪو ڄايم، بس ترت ئي مرحوم پاڻ ندڪٽو ڪري ويم. ۽ هاڻ! لڳان تہ وقت کان اڳ جڻ پوڙهي پئي. پلا سڄو ڏينهن پئي اندر ئي اندر پچان پچران، ٻاهر ٻاڦ نہ ڪيان، سو وقت کان اڳي مڙهي نہ ٿينديس تہ ٻيو ڇا ٿينديس، هاڻي زندگيءَ ۾ رهيو ئي ڇا آهي،ائين ئي، اندر ئي اندر، پچي پچي رک ٿي وينديس" سندس بدن ڏکڻ لڳو، منهن تي اٻاڪائي ڇائجڻ لڳس، ڄا جڻ اندر ۾ ڏکيل ڏونهينءَ جو تاءُ هئي. صفي کي ٻهاري ڏئي، ورانڊي ۾ آئي. گوڏن تي هٿ رکي، هيٺ اوڪڙو ويٺي تہ چيلهہ وٽان سور جي ست اڀريس. ٻهاري ڏيندي اڳتي وڌي، لڳ لڳ جهرندو

محسوس ٿيس ۽ پنين وٽ ڄڻ ڪنهن چڪ وڌا هجنس. ڀهاري ڏيندي چوڌاري نهارڻ لڳي. ساڳيون ئي شيون، ساڳين جاين تي پيل هيون، جيئن ننڍي هوندي ڪان، هن گهر ۾ ڏسندي آئي هئي. پر هن کي پنهنجي ئي هن گهر ۾ ڪجهه اجنبيت محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ پنهنجو پاڻ کي هن گهر ۾ مهمان سمجهڻ لڳي. اچانڪ منجهس خواهش ابري ته، هن کي پنهنجو گهر هجي، جتي هوءَ گهرڌياڻي هجي، هن کي پنهن جو گهر ياد اچڻ لڳو، ۽ سندس دل ۾ لاشعوري طور هڪ چڪ ڏيندڙ سڪ پيدا ٿي ته انهيءَ گهر کي ڏسي.

اچا ڀهاري ڏيندي، وراندي جي اڌ تي پهتي هئي ته ماڻس سڏ ڪيس، "ائي امان، اڄ ڪڪي کي ماني کاراءِ."

ڀهاري ڦٽي ڪري رنڌڻي ۾ آئي، سندس ڪڪو روئي رهيو هو، "بابا کي ماني ڏئي اچان؟" هن پنهنجي پٽ تي مٺاڻري نهار ڪري، سامهون چلهه جي پرسان ويٺل ماءُ کان پڇيو.

"نه، مان پاڻهي تي ڏئي اچانس، تون پنهنجي نينگر کي سنڀال، صبح مرداني رينگٽ شروع ڪيو اٿائين." ماڻس ائين چئي، ماني دبڪيءَ تي رکي، هڪ هٿ ۾ ڪٽي ٻئي هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ جهلي، مڙس کي ڏيڻ لاءِ اٿي. هن ماءُ جي منهن ۾ ڏٺو، اهو پيار وچان ڀڪيو پئي، ماني کڻڻ جي انداز کي ڏٺو، ان ۾ چاهت هئي، سندس هلڻ جي چال کي ڏٺو، ان ۾ جوانيءَ واري چنچلتائي پئي جهلڪي، مانيءَ کي ڏٺو، اڄ معمول کان وڌيڪ گيهه پيل هيس. هڪ دفعو وري ذهن بولاتي ڪاڌي، اندر مان ڪروڌ، ساڙ ۽ بغض سر سر ڪري ابرڻ لڳس.

سندس ڪڪو رينگي رهيو هو. سندس توجه اوڏانهن ڇڪي. مانيءَ ٽڪر پچي، پٽس کي بيدلو، مٺي تي هٿ ڦيري، مٺاڻري ٻچڪار ڏئي چيائين، "کاءُ. شاباش پٽ کي." پٽ کي ائين مٺاڻرو پيار ڪرڻ، کيس ڪجهه عجيب ۽ اندر ۾ ڄڻ ڪجهه چيندڙ لڳو ۽ اهو کيس پليءَ پٽ محسوس ٿيو ته سندس پيار رکو، مامتا جي جذبي کان وانجهيل ۽ کوکلو آهي. پر اهو احساس به مٺاڻرو هو، ان کان وڌيڪ شدت سان، کيس ائين لڳو ته، سندس اهو پٽ دل جو ٽڪرو نه، پر هڪ بوج آهي، جيڪو مٿس زوريءَ مڙهيو ويو آهي. جنهن کي هوءَ کڻڻ لاءِ مجبور آهي.

ماڻس موٽي اچي چيلهه جي پرسان منجيءَ تي ويئي. ان جي پٺيان سندس ننڍو ڀاءُ، ڳچيءَ ۾ ڪتابن جو ٿيلهو وجهي، ڳوهيل اٽي واري پاٽ

لتاڙي، اڇي ماءُ جي هنج ۾ ٻينو ۽ رڙ ڪري چيائين، ”امان، خرچي ڏي.“
”جهل خرچي، منهنجا پرين.“ ماءُ. پٽ جا ٻنهي هٿن سان ڳل وٺي، پنهنجي ويجهو آئي، سندس نرڙ تي چمي ڏني، رئي جي پلاند مان ڏهه پيسي ڪڍي، سندس ننڍڙي ننڍڙي هٿ جي ترئ تي رکندي چيو، ”سنڀالي وڃ اسڪول پٽ، روڊ تي مٿا لارين وارا، ائين ٿا هلائين جو جڳ جهان جي خبر ڪانه ٿي پوين.“ ۽ وڌيڪ ٻچي کي آسيس ڏيندي چيائين، ”چڱو هاڻي الله نگهبان“ پٽ کي ويندي ماڻس ڏٺو، سندس نيڻن ۾، مامتا وارو مقدس پيار ۽ مستقبل لاءِ نيڪ خواهشون پريل هيون.
ماءُ کي پنهنجي پٽ سان پيار ڪندو ڏسي. هن کي دل ۾ وڍ ڏيندڙ جهڪ آيو. جيتوڻيڪ اهو سندس پاءُ هو. پنهنجي پٽ کي ڏنائين، جيڪو هڪ اک تي پنهنجو ابتو هٿ رکي، هوڏ ٻڌي، منهن سجايو سڏڪا ڀري رهيو هو. ڪيس هڪ چبي آئي، ستل مامتا جو جذبو پڙڪو ڏئي اڀريو، اهو جذبو جيڪو اندر ئي اندر، جلندڙ آگ ۾ جلي جلي رک ٿيندو پئي ويو هو.
”ڪاءُ منهنجا سدورا پٽ، شابي منهنجا منڙا.“ نانس نينگر کي پيار وچان ٻچڪار ڏئي پرچائڻ لڳي. پٽس لاءِ ماڻس جو اهو پيار ڪيس دل ڏاريندڙ طنز ۽ ذلت ڀري خيرات لڳي. سندس رت جمّي ويو، اچانڪ خود بخود سندس هٿ اٿيو، نڪاءُ ڏئي پٽس جي ڪچڙي ڳل تي ڦهڪو ٿيو، ڳل تي چنبي جو ڳاڙهو نشان ٿي ٻينو. چماٽ سان گڏ سندس وات مان نڪري ويو، ”ٻُري ويا تو تہ زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي، مٿا موت بہ نٿو اچئي.“ سندس آواز ۾ روئڻهارڪي لرزش هئي.
”آئي مٺي، خير گهر. ابهم آهي نيٺ تہ تيسو ٻار جو ڪم آ.“ ماڻس ڪيس ڇڙٻ ڏني ۽ ڏوهٽي جا ڳوڙها اگهندي وڏي پيار ۽ پاٻوهہ مان چوڻ لڳي: ”نہ منهنجا لال، مان گهور وڃانءُ. آ، تون مون ڏي آءُ.“ ائين چئي، ٻئي هٿ اڳتي وڌائي ٻانهون ڊگهيون ڪري، ڏوهٽي کي ڪڍڻ لڳي. اها هن کي هڪ چٽر لڳي؛ جنهن ۾ انبار طعنن تنڪن جا هجن. هن پٽ کي ماءُ جي هٿن مان ڦري، ٻاهر آگر ۾ اچي اچي کٽ تي سٽيو ۽ ماني ٽڪر سندس وات ۾ وجهندي، اندر جي ٻاهہ مان چيو، ”هانِ وٺ ڏر، مٺو پاڻ تہ مري ويو، هي جزا مٿي ۾ هٽي ويم.“ ڪيس سيني ۾ هڪ بوجهہ محسوس ٿيو، مٿي کي ڦيري آيس، اکيون پرجي آيس، جڻ اکين مان پاڻي نيسارا ڪري وهندس. سندس دل چيو، وڏيون وڏيون اوڇنگاريون ڏئي روئي دانهون ڪري، اهڙيون اوڇنگارون، جيڪي جوان جماڻ مڙس جي موت تي ڪيون

هٺائين. اندر جي گهراين مان زور سان اوڇنگاريون ڏئي رئڻ جي ڀرپور خواهش هيٺ، هينئن ۾ ڇپي ڏينڊڙ هڏڪي آيس. پر هوءَ روئي نہ سگهي. سواءِ ان جي جو سندس اکين مان بہ ٽي ڳوڙها سرڪندا، ڳلن تان وهڻ لڳس ۽ هن اکيون ۽ اهي ڳوڙها رئي جي پلاند سان اگهي، نڪ ۾ آيل گوبي کي هٿ ۾ زور سان سٹڪي ٺهڪو ڪري اڇلايائين. جيڪو پٽ تي ٺڦجي پيو ۽ آهستي آهستي هيٺ رڙهڻ لڳو.

سج ڪافي مٿي چڙهيو هو. معمول پٺاندر ماني کائي هوءَ رڌڻي ۾ نيرن تي ٺڦيل ٿانون کي ڌوئڻ لاءِ ويٺي. ماٹس ماني ڪري، رڌڻي مان اڳئي اٿي اڳڻ ۾ آئي هئي. هن راتوڪو ڪيرهاٺو گلاس کڻي ان ۾ اجان چار ملي ئي مس تہ ماٹس رڌڻي ۾ آئي. پنهنجي منهن تي پيار ڳاڏڙ همدردي جو تاثر آڻي. سندس منهن ۾ غور سان ڏسي چوڻ لڳي، ”اما رضو!“

”هون..... “ هن رڪائي مان وراڻيو.

”توکان هڪ ڳالهہ پڇان؟“

”ڪهڙي؟“

”هي مڙس جي مرڻ کانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن توکي ڇا ٿي ٿو وڃي“ ماٹس ڏک وچان ڌيمي چوڻ لڳي، ”اما، اها تہ رب جي رضا هئي، پلا ان تي ڪنهن جو وس هو. ڏيءَ، مون کان تنهن جي اها حالت ڏٺي نٿي ٿئي. تون مون کي ڏس، آخر توکي روڳ ڪهڙو آهي؟“

”ڪجهہ بہ نہ، اما.“ ىن مٺاڇري نموني ورندي ڏني پر دل کي کا سٽ آيس.

”نہ امڙ، کو تہ روڳ اٿئي: ڇا مون کي بہ ٻڌائڻ ۾ شرم ٿي محسوس ڪرين. مان تہ تنهنجي ماءُ آهيان.“ ماٹس سندس منهن ۾ چتائي ڏٺو.

”نہ نہ اما، ڪجهہ بہ ناهي، بس اهئين ڪڏهن ڪڏهن طبعيت ملول ٿي ويندي آهي.“ هن ڪنڌ هيٺ ڪري، هينئين چپ کي چِڪ هڻي وراڻيو.

”بس اهئين ڇا؟ ماٹس تکڙو حجتي سوال ڪيس. وري ڪجهہ ڏيري ۽ پاٻوهہ مان چيائين، ”ڪجهہ تہ آهي ڏيءَ. پلا ڇري ماءُ کان بہ لڪائين ٿي؟“ ماٹس پيار پرين نگاهن سان منهن ۾ ڏٺو.

”پلا-؟“ گهڙي پلڪ رکي، ماٹس سندس منهن ۾ نهاري ”پلا“ لفظ تي ڪجهہ زور ڏئي چيو.

”پلا-“ کانئس ڇرڪ نڪري ويو. وري ڌيرج سان چوڻ لڳي،

"نہ اما، ڪجھہ بہ ناهي." سندس منهن تي لڄ وچان لالائي پکڙجي وئي، سيني ۾ اندر جڻ بينل پاڻيءَ ۾ ڪنهن پٿر اڇليو ۽ ان ۾ اوچتي چرپر ٿي. ڪنڌ شرم وچان هيٺ جهڪي آيس، بدن کي ٿورو لوڏي. مٽي تي پوتي چڱيءَ طرح سرڪائي انهيءَ کي ناهيائين.

رڌڻي ۾ بئي ماءُ- ڌيءَ خاموش هيون.

"تانو مان تي ڏٺان تون ڪڪي کي ڪٽي وهنجاريندس ۽ تون بہ وهنج. رن منهن ئي سڄائي ڇڏيو ٿئي." ماٽس خاموشي ٽوڙيندي ڪيس گهري پيار پرين نظرن سان ڏسندي چيو.

"نہ اما، تانو ڌوئي وڃي وهنجان ٿي." هن رڪائي مان چيو.

"اڻ منهنجي سدوري." ماٽس سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ ٻاراٽي. نموني ڪيس پابوھہ وچان چيو.

رڌڻي مان ٻاهر اچي هن ڪڪي کي کنيو ۽ نل مان پاڻيءَ جي بالٽي ڀري غسلخاني ۾ گهڙي. ڪڪي کي هيٺ وهاري پاڻ ڪپڙا لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگڻ لڳي. ڪپڙا لاهيندي دل ۾ چوڻ لڳي، "مان بہ ڪهڙي نہ خود غرض آهيان اڄايو ٿي امان کان جلان." ڪجھہ پلڪ خاموش رهي وري چوڻ لڳي، "امان نيٺ بہ تہ عورت آهي تنهن کان سواءِ ماءُ. ڪيس نہ ڇپي ايندي تہ ٻيو ڪنهن کي ايندي." 'يلا-' هن ماءُ جا لفظ ورجايا، ان جو مطلب ڇا ٿي ٿي سگهيو. منهن جي اندر جو روڳ پروڙي ورتائين. ها، نيٺ بہ عورت آهي. سندس منهن تي ڳاڙهاڻ آئي بدن ۾ حرارت محسوس ٿيس. پنهنجي ننگي بدن کي ڏنائين ڪجھہ عجيب محسوس ٿيس. نرڙ اڱيان آيل وارن کي ڪنڌ جو جهٽڪو ڏئي پوئتي هٽايائين. پنهنجو ڪابو هٿ منهن تي آئي ڳٽي تي ڦيرائڻ لڳي. ڳٽو گرم لڳس. هٿ آهستي آهستي هيٺ سرڪڻ لڳس. ڪنڌ کان ٿي بغلن وٽ آندائين. پوءِ ارهن جي ٻِنڊڻ وٽ آڱر ڦيرائڻ لڳي، سڄي بدن ۾ گرمي وڌندڙ محسوس ٿيس. ڪاڻ جي ٽاڪيءَ تي اوڪڙو ٿي ويٺي. هٿ جي هن ڇهاءَ سان سندس بدن ۾ حرارت وڌندي رهي ۽ هڪ عجيب قسم جو سرور اچڻ لڳس. هٿ جي ڇهاءَ سان اهو سرور وڌندو ويس ۽ اڪيون ڏيري ڏيري پورجڻ لڳس. اوچتو سندس پوري جسم ۾ ڪتڪتائي ڏيندڙ ڏڪٽي ايري جنهن سڄي بدن کي لوڏي ڇڏيس. اکيون کوليائين سندس ڪڪو پاڻيءَ سان کيڏي رهيو هو. ڪڪي جي پاڻيءَ ۾ هٿن جا ٿاڦوڙا هڻڻ ڪري پاڻيءَ جا ڇندا ڪيس پئي لڳا. انهن مان زندگي بخشيندڙ لطف آيس. پٽ جي بيپرواهيءَ سان کيڏڻ ۽ پاڻيءَ جي ڦٽڻ ۾ گد گد ٿيڻ

ڪيس ذاڍو وڻيو. پيار جي اندروني جذبي جي شدت وچان جهٽ ڏئي پٽ کي
ڪنيائين ۽ ڇاتيءَ ۾ لڪائي پنيءَ تي پيار پربون ٿڦڪيون هڻڻ لڳس. وري
پٽ جا ڳل پنهنجي ڳلن سان ملائي سندس ڳٽن تي، ڇپن تي، نرڙ تي، اکين
تي چميون ڏيڻ لڳي. ڪيس لڳو سندس اندر ۾ ڪا بي چين هلچل آهي.
مضطرب آنڌمانڌ آهي، ڪو طوفان آهي. هن پوري قوت سان پنهنجي ٻچي
کي ڇاتيءَ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏڻ چاهيو. هوءَ جذبات جي انهيءَ طوفان
۾ پيار جي ٿبڪين ڪائڻ ۾ مگن هئي تہ مٿان ماڻس جو سڏ ٿيس، ”آئي
رضو، دير لاتئي، پيو پاڻي ڪپئي؟“

”نہ اما، اڃهو آيس.“ هن اندران ورندي ڏني.

”ماءُ جي آواز تي هڪ دفعو وري ڪيس پنهنجي ۽ ماڻس جي وچ ۾
ماءُ- ڌيءَ اڃا بہ وڌيڪ عورت- عورت جي وچ ۾ پنهنجائپ واري گهري
جذبي جو احساس ٿيڻ لڳو، ۽ دل ۾ چيائين، ”اما ضرور بابي سان ڳالهہ
ڪري سندس لاءِ ڪٿي ڳالهيون هلائيندي. پر ڪٿي؟“ هوءَ ويچار ۾ پئجي
وئي ۽ خيال ئي خيال ۾، پنهنجن ويجهن مائٽن جا چڙا ڇاندا مرد نظر مان
ڪڍڻ لڳي. ممو، سندس سؤٽ ممتاز. جاٺو جوان، هلندو آهي تہ مڙدانگي
انگ انگ مان بکندي اٿس. پر، پر هن تہ شاديءَ کان ئي مرڳو انڪار ڪري
ڇڏيو آهي. ماسيءَ جون تي نينگريون ساماڻيون وينيون آهن انهن کي بہ نپ
جواب ڏئي ڇڏيائين. وڏي ماسات جا تہ وار بہ اڃا تي رهيا آهن. پيو ڪير
آهي؟ هوءَ پنهنجن مائٽن جي ڪنوارن مردن کي هڪ هڪ ڪري نظرن مان
ڪڍندي وئي. پر ڪنهن نہ ڪنهن ڪارڻ سيني مان نا اميد ٿيندي وئي.
اچانڪ سندس ذهن ۾ هڪ چهرو اُڀريو. عبدو لالي جو. جيڪو سندن گهر
جي سامهون هڪ ننڍڙي مانڊٽي ڪولي وينو آهي ۽ ان تي ننڍيون ننڍيون
ريزڪي شيون وڪٽي پيٽ گذران ڪندو آهي. ”ڪو گهرگهاٽ بہ ڪونہ
اٿس، سمهندو بہ انهيءَ مانڊٽيءَ ۾ ئي آهي. آهي شايد چڙو ڇاندو، مئو
گهوري تہ ڪيئن ڏسندو آهي، جڏهن بہ ٻاهر نڪيڏانهن وڃڻ وقت گهٽيءَ
مان لنگهندي آهيان. هونئن بہ سڄو ڏينهن پيو مان جي ڊريءَ ۾ تڪيندو
رهندو آهي.“ سندس دل ڪجهہ ڌڙڪڻ لڳي ۽ لالي عبدوءَ جي شخصيت ۾
پاڻ ڏانهن ڇڪ محسوس ڪيائين. ”شايد منهنجي لاءِ پيو واجهائيندو آهي“
پر- اوچتو نراسائي ۽ ياس بي پاڙي وانگر سندس جسم کي وڪوڙجڻ
لڳي. ”پر هو تہ ڌاريو آهي، ذات تہ ڇا قوم بہ ڌاري آهي.“ نا اميديءَ جي
سمنڊ ۾ غوطا ڪائيندي، ڪيس پنهنجي انتهائي مظلوميت ۽ قيد هجڻ جو

احساس شدت سان ٿيو، ”آخر عورتن سان ايڏو ظلم ڇو؟“ هوءَ سوچڻ لڳي، ”مرد ته چار شاديون به ڪري سگهن ٿا، پر عورت لاءِ بيوه ٿيڻ به عيب آهي. نه نه، هي انصاف ناهي. الله سائينءَ وڏو ظلم ڪيو آهي. شايد.......“ هوءَ ڊڄي سوچڻ لڳي، ”شايد الله سائين به مرد آهي، نالو ته مردن جهڙو اٿس ۽ نبي به سڀئي مرد موڪليا اٿئين.“ ڊپ سندس عضوي عضوي ۾ ڀيهندو ويو، وار ڪانڊارجي ويس ۽ اچانڪ وات مان نڪري ويس. ”نعوذ باالله، هي مون ڇا چيو. هي ته ڪفر آهي. يا منهنجا رب مون کي معاف ڪري ڇڏ.“ پر کيس تعجب وٺي ٿو ته انهيءَ معافيءَ ۾ اها دل جي سچائي ڪانه آهي ۽ کيس لڳو ته جيڪو ڪجهه چيو اٿائين، اندر ئي اندر مان اها گواهي پئي ملي ته سچ اهو آهي. مٿاڇري دل سان پٽڪي، ”پر اهو ته ڪفر آهي.“ جڻ اندر ئي اندر مان ڪو چويس ٿو، ”هو ته سچ آهي. نيٺ عورت سان اها بي انصافي ڇو؟“

هن هڪ ڊگهو شوڪارو پري پاٽيءَ جو ڪٽورو مٿان لاتو. وهنجي ٻاهر نڪتي. ماٺس جي غيرمعمولي همدرديءَ نما پيار هڪ دفعو وري کيس سونهري اميدن جي دنيا ۾ آڻي ڇڏيو.

رات جا ڏهه ڪن ٿيا هئا. هرڪو ماني ٽڪي کائي، پنهنجي پنهنجي کٽ تي سٽو پيو هو. ماٺس، پٽس کي زور پئي ڏنا. سمورا ٻار ننڊ پئجي چڪا هئا. هوءَ جاڳي رهي هئي. سڌو سنئون ليٽي ٻانهن اکين تي رکيو سٽي پئي هئي. اندر ۾ آنڌ مانڌ هيس. ماٺس ڏانهن ڪن لايو سڄو ڌيان اوڏانهن ڪري ڇڏيو هئائين ته سندس لاءِ ماٺس ڇا ٿي چوي. پر ماٺس خاموشي سان مڙس کي زور ڏيندي رهي. کيس ماءُ جي خاموشيءَ تي ڏاڍا جک پئي آيا ۽ اندر جي اڻ تڻ بي چينيءَ جي روپ ۾ وڌڻ لڳي.

ماٺس اٿي، سندس پير ۾ اچي ڪجهه پلڪ کيس ڏسي اڳتي وڌي بدنو کڻي غسلخاني ڏانهن وئي. شايد کيس جاچيائين پئي ته ننڊ ۾ آهي يا سجاڳ. ماءُ جي اچڻ تي هوءَ چپ ماري اکين پئي رهي جڻ واقعي ننڊ هجيس. ماٺس موٽندي ڀيهر کيس ڏٺو ۽ پوءِ مڙس سان وڃي گڏ سٽي.

”رضوءَ پيءُ، ڪجهه رضوءَ جي باري ۾ سوچيو اٿوَ. نينگر اڃا ته جوان آهي.......“ هيءَ ماٺس جو آواز هو. ماءُ جا اهي لفظ ٻڌي ڪانئس هڪ وڏو ساهه نڪري ويو. جڻ اهو ساهه اندر سانڍي رکيو هئائين.

”ها، مون کي به سندس الڪو آهي. پر.......“ هيءُ پٽس جو آواز هو. سندن ڪن وڌيڪ ڪڙا ٿيا.

پر ڇا، ڪٿي ڪو ٻلو ڪرينس، نينگرين لاءِ ڪي مڙس ڪُٺا.”
ماٺس ڇيو ۽ پاسو ورائي هڪ تنگ مڙس جي ٽنگن تي ٻيٽي ڪري رکيائين.
”رضوءَ ماءُ، اهو وقت ويو جڏهن نينگرين لاءِ مرد سڪندا هئا.
تون ڀانئين ٿي تہ مون ڪو پنهنجي ليکي گهٽايو هوندو.”
”ڇو، ڪنهن سان ڳالهہ چوري اٿئي ڇا؟”
”ها، مموءَ ماءُ کي چيم ممتاز لاءِ، پر ٽپ جواب ڏنائين. ڇي نياڳي آهي.”

ٻيءُ جا اهي لفظ ٻڌي سندس دل تي ڄڻ پٿر ڪريو. سموري بدن جون رڳون شيڪجي آيس. پر پاڻ تي ضابطو رکندي چپ رهي ۽ ڪن ڏئي ٻڌڻ لڳي.

”پر نيٺ تہ منهن سر ڪٻس.” هيءَ ماٺس هئي.

آخر مان کهڙو ڪارو منهن ڪيان، ٻن- ٽن هنڌن ڳالهہ چوري اٿم، پر هر هنڌ جواب. هڪ تہ ڇوڪري جو ٻيءُ، وري ڳالهہ بہ مان چوريان، آخر جڳ جهان ڇا چوندو. مان تہ نا اميد ٿي پيو آهيان. رضوءَ ماءُ، پنهنجي پنهنجي قسمت آهي، ڀلا اسين ڪري بہ ڇا ٿا سگهون، پنهنجو گهر اٿس، زندگيءَ جا چار ڏينهن ڏک سک ۾ گذاري وڃي پار پوندي....” پٽس جي ڳالهائڻ ۾ ڪجهہ ترشي ۽ نراسائي هئي.

ماٺس چپ رهي ۽ پٽس وڌيڪ نہ ڳالهايو.

ماءُ، ٻيءُ جي اها خاموشي ڪيس کائڻ لڳي. اکين آڏو اوندهہ اچڻ لڳس، سندس زندگي هڪ جلندڙ ڪوڙو لڳي، جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي جلندو محسوس ڪيائين. پاسو ورائي ماءُ، ٻيءُ واري کٽ ڏانهن منهن ڪيائين ۽ اڌ اکيون کولي کين ڏسڻ لڳي. ماٺس پٽس کي ٻک کي وجهي ستي پئي پئي هئي. اکيون ٻوٽي پاسو ورائي پير ۾ سُتل پٽ کي ياڪر پاتو، پنهنجو ڳٽو ڪکي جي ڳٽي تي رکيائين ۽ اکين جي ڪنڊن کان خاموش ڳوڙها وهڻ لڳس، جي ڳٽن تان وهندا وهاڻي ۾ جذب ٿيندا ويا.

- چوڏس 1975ع

حقيقت ۽ دوکو

ڊاڪٽر قمرالدين: شهر جي مشهور ۽ سٺن فزيشنن مان هڪ ذهين ۽ هوشيار. ڪڻڪ رنگو. جسم جي متناسب بناوت ۽ خدوخال ڪري، پرڪشش شخصيت. گنڀير ۽ سنجيدو. آزاد خيال ۽ شريف النفس. پنهنجي پيشي سان لڳاءُ رکندڙ. ايماندار ۽ انسان دوست هجڻ ڪان مشهور. شهر جي مٿين معزز شخصيتن مان هڪ. پر پنهنجي حيثيت جي حلقي ۾ بنهه گهٽ هلندڙ. ذاتي دوستن جو حلقو بلڪل نه- سواءِ زميندار رئيس قربان عليءَ جي. جنهن سان ميٽرڪ تائين هم ڪلاسي هجڻ ۽ هينئر سندس فيملي ڊاڪٽر هجڻ جي ناتي دوستاڻا تعلقات. سي به تڪلف جي حد تائين. زندگيءَ جو هڪ 'روٽين' (Routine) گهر- ڪلينڪ- مريض- مطالعو- ٻارن سان پيار- آچر جي ڏينهن آرام. جنهن ۾ پنهنجي مختصر ڪٽنب- زال امينه، نوجوان پٽ اڪبر، تيرهن سالن جي ڌيءَ ڪلثوم ۽ ٻن سالن جي ڪڪي سان ڪري ڪنهن تفريحي هنڌ تي ويندو آهي.

صبح جو پنهنجي مثالي ڪٽنب سان گڏ نيرن ڪرڻ کان پوءِ ڪلينڪ ويندو آهي. وري هڪ بجي اچي سائن گڏ منجهند جي ماني کائيندو آهي، آرام ڪندو آهي. شام جو ڇهين وڳي ڪلينڪ. وري رات جي ماني ڪٽنب سان گڏ. رات جي ماني کان پوءِ ڳپل مهل تائين جاءِ جي اڱڻ لان ۾ يا ٻاهر خالي روڊ تي پسار ڪندو آهي، پسار کان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ اچي پڙهندو آهي- ڪيسن تي ويچاريندو آهي ۽ ڪتابن کي 'ريفر' (Refer) ڪندو آهي. سندس ڪمرو: سادگيءَ سان هر شي رکيل. ٻڪ شيلف جي مٿئين تختي تي ڪنهن دوائن جي ڪمپنيءَ طرفان ڇپيل ڪيلينڊر: ڪجهه دوائن جون شيشيون ۽ ڪجهه رسالا رکيل. ۽ هيٺين خانن ۾ سندس پيشي سان لاڳاپو رکندڙ ڪتابن کان سواءِ ادب، فلسفي، نفسيات ۽ سائنس جي مختلف برانچن جا ڪتاب نظر ايندڙ. سڄي ڪمري ۾، در جي سامهون، پٽ جي پوري وچ تي هڪ تصوير ٽنگيل: ڪنهن فطري نظاري جي. ڪمري جي سادي سجاوٽ ۽ ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر قمر ڪيڏو سادو، گهرو ۽ پنهنجي پيشي کان سواءِ ٻين علمن جو مطالعو ڪندڙ آهي، ۽ سندس ڪٽنب هڪ مثالي ڪٽنب آهي.

رات جي ماني کائڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر پيوءَ کي ڀنج ۾ ڪنيو: ڳل تي چمي ڏنائين. ٻن وڏن ٻارن کي به پنيان اچڻ لاءِ چيائين. اندر ڪمري

ڏانهن ويندڙ زال ڏانهن ڏسي مرڪيائين، ۽ بنگلي جي اڳيان لان ۾ آيو. چهل قدمي ڪرڻ لڳو. اڪبر ڪلثوم بہ ساڻس گڏ هلڻ لڳا. روز مرهہ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا: ڪاليج جون، پڙهائيءَ جون.... ائين ڳالهيون ڪندا پسار ڪري رهيا ها تہ سندس نوڪر بخشو اتي آيو.

چيائين: "صاحب اوهانجو فون آهي."

"رئيس قربان علي"

"قربان علي؟" ڊاڪٽر سوالي انداز ۾ ورجايو. پوءِ آهستي، ڄڻ ڪجهہ سوچيندي، پڇڪيائين، "تہ رئيس، 'عمرو' ڪري آيو آهي- هون. ڇا ٿو چئي؟"

"چئي ٿو تہ فون ڊاڪٽر صاحب کي ڏج."

"هون-" ڊاڪٽر، ڪڪو بخشوءَ کي ڏيندي، وڃڻ بارن کي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃڻ لاءِ چئي، اندر، فون جو رسيور رکڻ کان پوءِ ڪي گهڙيون اتيئي، ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻينو رهيو. ۽ پوءِ سوچيندي سوچيندي ٻاهر وڃڻ لڳو.

"ڇاهي" امينہ اندران ڪمري مان نڪرندي پڇيس.

"ڪجهہ بہ نہ." زوريءَ آندل مرڪ سان وراڻيائينس.

"ڪيڏانهن پيا وڃو؟"

"رئيس قربان ڏانهن."

"ڇو؟ خير تہ...." حيرت مان پُڇيائينس.

"ها ها." ڊاڪٽر ساڳي زوريءَ آندل بناوتي مرڪ سان چيو، "ڪا ڳالهہ ناهي. رئيس چيو آهي تہ ملي وڃ."

"تہ هو عمري تان واپس اچي ويو آهي؟"

"ها."

"ڪڏهن؟"

"ڪلهہ."

"پوءِ اوهانکي اڄ ٻڌايو اٿس!"

"بس- مان ٽي ٿو اچانس."

"هينئر ڪهڙو ضرور آهي. سڀاڻي ملجوس."

"نہ- مان منٽن ۾ ٿي ٿو اچان."

۽ گيراج ڏانهن موٽر ڪڍڻ لاءِ وڌيو.

...... تي سکهي ٿو. هي ڪائنون مهينو....... هن کيس ٻڌايو هجي، يا هو سمجهي ويو هجي (؟)

هڪ حقيقت نتيجو....... نتيجو....... نتيجو.......نتيجو....... نتيجو....... نتيجو..... نتيجو..........بکواس: 'ڪانسڪوئنس' (Consequence)

'اوهه، آءِ جسٽي فاءِ اٽ' آءِ ڪين جسٽي فاءِ اٽ'....(Oh, I justify it. I can justify it) مون کي ائين ڪرڻ کپندو هو. بلڪل، نه ته هوءَ تباهه ٿي وڃي ها. 'ييس اٽ از جسٽي فيل: اٿيڪلي، مارلي، لاجيڪلي'-(yes, it is logically, ethically, justifiable:) ڪوبه اخلاقي قدر، قانون ڪنهن کي ائين ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي. (چينڪاٽ) ختم.... بجهي جاٽي ائين کي ڪنهن قانون قدر، اخلاقي ڪوبه

اف! هي ماٺهو: انڌا- مري پوي ها ته چون ها ڊاڪٽر جاٽي واٽي..... مان پنهنجي زال سان محبت ڪيان ٿو هوءَ مون سان. منهنجي نيت ڪڏهن به..... 'لسٽ (Lust) 'نيور نيور' (Never, Never) بلڪل نه ائين ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي. ڪڏهن به نه..... پر سوال آهي...."

'اٿبارشن' (Abortion)

هون- اهو ئي 'ساليوشن' (Solution) آهي. 'ييس وڌ آئوٽ دئٽ'..... (Yes, with out that) ذليل رئيس. هنه.

هينئر جڏهن مان وٽس وڃي رهيو آهيان، هو ڇا سوچيندو هوندو: ڊاڪٽر ويساهه گهاتي ڪئي آهي. اعتماد کي ٺيس پهچائي اٿس. ڊاڪٽر ڪميٽو- نه، ڪچيون گاريون ڏيندو هوندو. هر سنڌي وڏيري وانگر. ذليل انسان تون آهين. تون- انسان ڪش، تون! جنهن پئسن جي هول ۾ هڪ معصوم جي زندگيءَ کي تباهه ڪرڻ کان به ڪونه ڪيهايو. هڪ معصوم، پياري -- ڊاڪٽر صاحب اوهان کي ڇا ٻڌايان ته مان شهزاديءَ کي ڪيڏو ٿو پانيان.

فراڊ.

-- هوءَ منهنجي زندگي آهي.

-- قاتل. سنڌ جا زميندار: هنن کي گوليءَ سان اڏائجي. گوليءَ سان.......

-- ڊاڪٽر صاحب- ڊاڪٽر صاحب

هي مونکي ڪنهن سڏيو! هي سڀ هلندڙ مون ڏانهن ڏسي ڇو رهيا

آهن!

-- سائين خير تہ آهي، ون- وي جي ابتڙ پيا وڃو؟

-- 'اوهہ! 'آءِ ايم سـاري' (Oh! I am sorry) مـان پنهنجن خيالن ۾ پئي ويس. 'ويري ساري.' (Very sorry)

مـان 'نروس' (Nervous) ٿي ويو آهيـان؟ نہ نہ-؟ 'گلٽي ڪانشس' (Guilty conscious) مون ڪوبہ گناهہ نہ ڪيو آهي.

لئڪ آف مارل ڪريج (Lack of moral courage)

نو. جو ڪجهہ ٿيندو، 'آءِ ول فيس اِٽ.' (I will face it)

هينئـر هو مـون سـان ڪيـئن پيش ايندو؟ 'پولائٽلي' .... (Politely) يا-؟ نيٺ تہ وڏيرڪي ذهينت اٿس. ممڪن آهي- مـان خود بي عزتو ڪندو مانس

-- ڪورٽ

ممـڪـن آهي 'سـپـوز.' (Suppose) 'بـٽ اٽ از امپاسيبل..؟(But it is impossible)

ڪورٽ جو ڪمرو

'مي لارڊ انسـان جي زندگي ايڏي 'چيپ' (Cheap) ناهي جو- مان آهيان. 'سر، آءِ ايم ڊاڪٽر، ناٽ پيوري ٽين' (Sir I am doctor (not puritan 'ييس سر' (yes sir) -'سڊڪشن' (Seduction)

نو نو، اٽ از رانگ، اٽ از رانگ، (No, No, it is wrong it (is wrong

'فارنيڪيشن' (Fornication)

There was voluntaryism between....
.understanding

'بٽ سـر- آءِ وانٽ تو سي.' (to see But Sir, I want)

اوهہ! 'نيور نيور' (Never, Never) ڪڏهن بہ نہ.

'وات از موريلٽي' (Wht is morllty) اخلاق خود پنهنجي جاءِ تي 'ويگ ڪانسيپٽ' (Vegue concept) آهي. جيڪڏهن انکي 'رليٽو فارم' (Relative form) ۾ نہ ڏنو ويندو. محض بڪواس، ڪنهن حد تائين عجيب مذاق. 'اليوشن (Illusion) سر.

The concept of morality should be measured in relation to the vital needs of the perticular rela-

tive circumstances. yes, it is the basic principle of cial what youethical scinces: medicl ethics, or so may classify......

هنن مخصوص حالتن ۾... ها سائين، هنن مخصوص حالتن ۾، منهنجو اهو فعل قانوني ڏوهه نه آهي.. نه بداخلاقي- نه ويساهه گهاتي. هڪ انساني زندگيءَ جي اهميت کي آڏو رکي مون اهو هڪ.. فرض سمجهي ئي- هن جي هڪ اهم فطري ضرورت کي سمجهي ئي- ۽ ها! چاڪاڻ ته مون چاهيو، منهنجي اندر جي آواز هيئ، مون انهيءَ کي هڪ اخلاقي فرض سمجهي ڪري ئي-

مان تسليم ڪيان ٿو ته منهنجي ئي مشوري تي رئيس پنهنجو ڪٽنب ڳوٺ کان هتي شهر ۾ مستقل طور آندو. مان سائٽس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهندو هوس. رئيس کان مون اهڙي اجازت ورتي... صحيح آهي: رئيس جو مون ۾ مڪمل اعتماد هو. مون ڪيس اهو ئي مشورو ڏنو ۽ بار بار ڏنو ته: سندس ڏينهون ڏينهن وڌندڙ 'هيسٽرو- مينيا- ڪنڊيشنس' (Hysterio mania conditions) جو علاج صرف شادي آهي. هن کي پيار گهرجي. هوءَ نوجوان آهي، ساماٿيل. سندس 'سيڪسيوئل ارج' (Sexual urge) جي تسڪين لاءِ...' اهو فطري آهي. دوائون: محض عارضي سڪون ڏيندس. رئيس هر دفعي انڪار ڪندي ملڪيت جو سوال کڙو ڪيو. 'يس سر' وات ڪين آءِ ڊو فار هر؟' (Yes sir, what can I do for her) سواءِ مشوري ڏيڻ جي! همدردي ڪرڻ جي! 'سئمپٿي' (Sympathy) ڪجهه به ناهي. سواءِ رسمي لفظن جي 'هئپوڪريسيءَ (Hypocracy) جي. ڇا اهڙي لفظي همدردي هنجو علاج ٿي سگهي ٿو. 'نو نو- نو، مي لارڊ نو.' (No, No, My Lord No!) مونکي يقين هو ته اهي دورن جا حملا سندس لاءِ هڪ ڏينهن ڪنهن 'فزيڪل ڊفيڪٽ' (Pyhsical defect) جو ڪارڻ بنجندا. 'بلائينڊنيس' ڊيفنيس' پئرالئسس آر..."

(Blindness, deafness, parlysis..)

'سائڪياٽرسٽ؟' (Psychiatrist)

مونکي فضول لڳو. اوهان خود ئي سوچيو نه.. هڪ فطري ۽ ها، مون اها جاچ ڪئي، پنهنجي منهن، هڪ سچي خواهش هيئ ته ڪاش، هوءَ هتي شهر ۾ ڪنهن سان 'لو' (love) ڪندي هجي. جيئن عموما

ڪنواريون چوڪريون ڪنديون آهن. ۽ اها ڪهڙي نہ سٺي ڳالهہ هجي ها، پر هو ڪيڏي سادي سودي، هيسيل ۽ سخت پابنديءَ هيٺ! ممڪن آهي،يقين جي حد تائين تہ هن قصوراتي دنيا ۾ پنهنجو ڪو محبوب بنايو هجي. ۽–

جڏهن تہ فيصلو ڪورٽ ۾ ٿيندو. مان وٽس وڃان (؟)، ڳاڻي موٽايان (؟) هروڀرو 'مس- بهيو.' (Misbehave) ڪري... نہ، ممڪن آهي: 'پولائٽلي' (Politely) پيش اچي. ۽ هن حادثي کي حقيقت پسنديءَ سان 'ريئلائيز' (Realise) ڪري، مون سان ان سلسلي ۾ مشورو ڪري. اهو وڌيڪ بهتر آهي. ۽–، اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو، هي منهنجا اجايا انديشا هجن. اجايا... هن جو شڪ مونتي نہ ويندو هجي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو. مونکي ننڍپڻ کان وٺي ڄاڻي. منهنجي شرافت ۽ ايمانداريءَ تي سندس پختو اعتماد آهي. هون، منهنجي باري ۾ ائين سوچي بہ نٿو سگهي. مون جڏهن ڪيس چيو: رئيس هن ڪيس ۾ ضروري آهي تہ مان ساٿس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهان.'

چيائين "ڊاڪٽر صاحب انهيءَ ۾ پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. شهزادي اوهان جو پنهنجو ٻچو آهي. بس رڳو...."

باسٽرڊ.' هيپوڪريٽ' (Bastard, Hypocrite)

'ڊاڪٽر صاحب اوهانکي خبر آهي تہ مان چئن مهينن لاءِ پاڪ ملڪن ڏانهن زيارت لاءِ وڃي رهيو آهيان پنهنجا گناهہ بخشائڻ. شهزادي جي پارت....'

ايڏي پروسي هوندي مون ۾ ڪيئن ٿو شڪ ڪري سگهي! ڪڏهن بہ نہ. مونکي وٽس وڃڻ گهرجي. پر... ان جي معنيٰ؟ هو هن کي ڏوهي نهرائي. نتيجو! غيرت جي احمقانہ تصور هيٺ ماري ڇڏ– اوهہ! ڪيڏو ڀيانڪ تصور آهي. وحشي جانور. جهنگلي!

'نو نو، شي از انوسينٽ. شي وڊ نات بي بليمڊ.(No, no, she is innocent. she would not be blamed) مان 'ڪنفيس' (Confess) ڪندس. آءِ ول اڪسيپٽ دي ريئلٽي. آءِ ول!' (I will accept, the reality i will)

اکيون- نيم خوابيدهہ- چهرو- نهار- چڪ

'هائو بيوٽيفل چارمنگ' (How beautiful, charming)

-- نہ نہ – مان انهيءَ کان متاثر نہ ٿيو هوس. ڪڏهن بہ نہ.

مون رڳو سندس حسن جي ساراهہ ڪئي هئي. پر اهو منهنجي 'انٽينشن' (Intention) تي اثرانداز نہ ٿيو هو. مون سندس ضرورت کي آڏو رکي اڳتي سوچي ڇڏيو هو: 'ڪنٽر اسيپٽوز' (Contracepitves) جو استعمال-- ها، مون ڪيترا پيرا پاڻ کان سوال پڇيو هو: لاجيڪلي آءِ ڪنوينسڊ ماءِ سيلف' (Logically, I convinced) ڪرڻ گهرجي.
اهو گناهہ ٿي نٿو سگهي. نہ ويساهہ گهاتيَ نہ ئي بداخلاقي.
'ليگل ايسپڪٽ' (Leahal aspect)

اوهو! واضح طور نہ سوچيو هوم.سوچي بہ نٿي سگهيس. ناممڪن هو. ناممڪن پر.

هي اوچتو! اوچتو حادثو! حادثو ئي چئبو.

انهيءَ ڏينهن ..... اوچتو- بهرحال اڳي پوءِ ٿيڻو هو. رڳو موقعي جو اندازو رکڻو هو. موقعي جو- خود ئي- پر احمقانہ انداز ۾، غلط وقت تي- پر ڇا ٿي سگهيو.

'جيجي مان هن سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ چاهيان ٿو.' چيريل اکين جا ڇپر هيٺ مٿي- نهار- ڳاڙهو ٽپندڙ چهرو- چڪ- چپ چرندڙ- تيز ساهہ سيني جو اڀار لهوار.

ماٺ

اکيون اکين ۾

شهزادي!

اوچتو- پاڪر

شهزادي! اهو ڇا

پاڪر جي چڪ زور سان- تڙپ- تڙپ 'يس' (Yes)، 'نمفوليپٽڪ' (Nympholleptic) چمي- چميون

؟- چميءَ ۾ 'انيشئيٽو (Initative) منهنجو هو.

ها، منهنجو، بي خوديءَ وچان. اها چمي!؟ همدرديءَ واري پيار وچان- جيئن هڪ ٻار کي ڏبي آهي (؟) ڪو اهڙو ارادو جنهن کي جنسي معنيٰ ۾ (؟) نہ- بنهہ نہ.

پر مان سمجهان ٿو تہ، ڀرين تہ منهنجو اهڙو ارادو ڪونہ هو، پوءِ هنجي خود- سپردگي ۽ ڀرپور ها، ائين ئي-

ڇا هي منهنجا ذهني مفروضا آهن؟ هن اچا 'ريئلائيز' (Realise) نہ ڪيو هجي. اچا ڪلهہ تہ آيو آهي. پر اچڻ شرط مون سان مليو ڇونہ؟ ملڻ

ڪيندو هوس. پر جيڪڏهن ڄاڻ اڃا نہ پئي هوندس. تہ ڪنهن وقت پئجي سگهيس ٿي. بلڪل. پنهنجي زال کي ڇڇيو هوندائين. ضرور. ايندو رهندو هو يا نہ. ڳيل ڏينهن ڪان مان نہ ويو آهيان. وچڻ ڪيندو هوم.....هن گهرايو بہ تہ ناهي! ان جي معنيٰ انهيءَ عرصي ۾ شهزادي نارمل رهي آهي(؟) يا....

’اوهو ليو اٽ (Oh, Leave it)

جڏهن ڊاڪٽر جي گاڏي رئيس جي بنگلي جي مين گيٽ مان اندر لنگهي تہ ڏٺائين رئيس، بنگلي جي ٻاهرين پاسي واري ٿلهي تي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل. سندس پر ۾ منجيءَ تي ويٺل ڪمدار. ۽ سامهون ڪرسيءَ تي ڪو ملاقاتي.

سندس پراڻو نوڪر ٿورو پريرو بيٺل. ڊاڪٽر ڪار جو دروازو بند ڪري ٿلهي ڏانهن وڌڻ لڳو، اندر جي هُرکر وچان. رئيس ڪيس ڏسي اڳيئي اٿيو هو ۽ ڏانهس وڌڻ لڳو هو. اڳتي وڌي، وڌي اُڪير ۽ قرب مان ڀاڪر ڀاتائينس.

”ڊاڪٽر صاحب ڪهڙا حال اٿو؟“ هن گرمجوشيءَ مان هٿ ملائيندي چيو.

سائين، مهرباني– دعا آهي. خيرن سان موٽي آيو“ زوريءَ آندل مرڪ چپن تي. ذهن ۾ مونجهہ، تجسس، ڪجهہ ڄاڻڻ لاءِ.

۽ پوءِ اهڙي رسمي گفتگو–

سموري گفتگوءَ دوران ڊاڪٽر اشاري طور بہ اهڙو اندازو لڳائي نہ سگهيو، تہ رئيس ڪي ڪا اهڙي ڄاڻ آهي. هو ٻٽي شڪي ذهن سان سوچيندو رهيو. سواءِ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي.

ڪجهہ وقت ائين رسمي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ، رئيس ڊاڪٽر کي اندر هلڻ لاءِ چيو. هونئن عام طور، رئيس ڊاڪٽر کي اندر تڏهن وٺي ويندو آهي، جڏهن شهزادي، سندس زال يا وري سندس طبعيت خراب هوندي آهي.

ڊاڪٽر جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. مار– قتل؟– اوچتو خيال آيس. رئيس ڏانهن سوال ڀرين نظرن سان ڏسڻ لڳو. ۽ رئيس جڻ سندس اڻ ڇيل سوال کي سمجهندي، اڳيان ٿيندي چيو. ’اچو سائين، اچو. اوهان تہ پنهنجا ئي آهيو. اوهان کان ڪهڙو پردو.‘

ڊاڪٽر سندس پٺيان هلڻ لڳو.

اندر گهر ۾: رئيس جي زال ۽ ڌيئس، شهزادي هڪ ئي کٽ تي

وينيون هيون. هيٺ منجهيءَ تي نوڪرياڻي وينل. پاڻ ۾ ڪجهہ ڳالهائي رهيون هيون. جڏهن ڊاڪٽر اندر گهڙيو تہ رئيس جي زال رئو ناهيندي ٿورو چري، پري ويٺي ۽ ڊاڪٽر کي ڪيڪاريائين. نوڪرياڻي اٿي بيٺي، شهزادي تڪڙي اٿي ۽ تيز تيز اندر ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي.

”ڪيڏانهن پٽ، ڪيڏانهن؟“ رئيس شهزاديءَ کي ويندو ڏسي رڙ ڪئي.

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، اجا وڌيڪ تڪڙي اندر هلي وئي.

”هيڏي شهزادي! پٽ ٻاهر اچ، هاڻي ڊاڪٽر صاحب ڪان ڪهڙو ٿي پردو ڪرين“.

هوءَ نہ آئي.

پٺس وري سڏ ڪيس. ڪجهہ حجت ۽ رعباتي نموني ۾.

هوءَ ٻاهر آئي. آهستي آهستي. ڪنڌ هيٺ، نظرون جهڪيل. لڄايل.

منجهيل ڊاڪٽر. ’ڇا ڪيان؟‘ سوچڻ لڳو.

”ڪيئن ٿئي طبعيت، شهزادي؟“ هن رسمي طور پڇيو.

شهزادي نالو وٺندي، ڪيس ڪجهہ عجيب عجيب لڳو.

هن ڪان اڳ جڏهن بہ هو شهزاديءَ کي مخاطب ٿيندو هو، تہ سندس نالو وٺڻ بدران ’ٻچا‘، ’ڌي‘، ’پٽ‘ چوندو هوس. ان دوران لاشعوري طور سندس ڌيان شهزاديءَ جي پيٽ ڏانهن ڪچيو. هو چور نظرن سان هن جي پيٽ ڏانهن ذري ذري ڏسڻ لڳو. انهيءَ فعل کي شعوري طور خراب سمجهندي بہ، سندس نظرون هن جي پيٽ تي ڪپجي ٿي ويون. پيٽ اڳتي وڌيل. نہ وڌيل. نظرن جو دوڪو(؟). نہ- هلڪو وڌيل(؟) محسوس نہ ٿيندڙ ذهن جو سراب (؟) دوڪو. اندازي لڳائڻ جو. احساس.

منجهيل ذهن جو- ڪوبہ فيصلو ڪري نہ سگهيو. البت تشويش.

”ويهہ.“ لڄايل، ڪنڌ هيٺ ڪري ٿورو پريرو بيٺل شهزاديءَ کي چيائين. پنهنجو اجنبي آواز خود ئي محسوس ڪيائين. هوءَ بيءَ ڪٽ تي ويهي رهي. ماٺ. اکيون هيٺ. جهڪيل بدستور.

رئيس ڪيس پنهنجي سفر، پلي ولايت جي مقدس جاين ۽ اتي جي حالتن وغيره جي باري ۾ احوال ٻڌائڻ لڳو. ڊاڪٽر محسوس ڪيو يا ڪيس لڳو تہ ڳالهائڻ جي وچ ۾ رئيس ڪنهن ڪنهن وقت معنيٰ خيز نظرن سان،

ڪڏهن شهزاديءَ ڏانهن تہ ڪڏهن ڏانهنس پئي ڏٺو.

رات جا ٻارهن ٿيا، تہ هن رئيس کان موڪلايو. موڪلائڻ وقت رئيس پلي ولايت کان آندل سامان سوکڙيءَ طور کيس ڏيندي چيو: "سائين، رڳو هن لاءِ اوهانکي تڪليف ڏني هيم."

انجو مطلب ڇا ٿو ٿي سگهي؟ هن اجا اهو محسوس نہ ڪيو آهي. شهزاديءَ بہ ڳالهہ نہ کولي آهي. هوءَ ويچاري ڪيئن ٻڌائيندي. پر مونکي حقيقت ظاهر ڪرڻ گهرجي. ٻيءَ حالت ۾ غلط فهميون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪيترا مونجهارا- اهو نہ ٻڌائڻ ڏوهہ آهي. ٻي معنيٰ ۾ ويساهہ گهاتي. ۽.....ها؟ مون کي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ گهرجي. اهوئي وڌيڪ درست آهي تہ رئيس کي سچي حقيقت ۽ اهي اڻ ٽر حالتون ٻڌائي، اٻارشن لاءِ آماده ڪيانس.

پر هيءَ مڪمل 'سالیوشن' (Solution) تہ ناهي هنجي زندگي؟ شادي!

'.ييس، اٽ از آلسو پاسيبل' (Yes it is also possible)

سندس شاديءَ لاءِ مجبور ٿي.

غيرت وچان ماري وجهيس

اوهہ! ائين بہ ٿي سگهي ٿو. اف- مان..... مونکي گهبرائڻ نہ گهرجي. جڏهن هي سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ مان پاڻ کي ذهني طور تيار ڪري رهيو هوس تہ سوچيو هوم مان انهن هاڃيڪار قدرن کي ميڙ ۽ انهن مطابق هلڻ لاءِ پابند ناهيان. جيڪي عام مروج آهن. مان آزاد آهيان. منهنجي هن فعل سان تعلق رکندڙ فرد کي مادي توڙي غير مادي نقصان نٿو پهچي. اها هن جي ضرورت آهي. ضرورت علاج جي حد تائين. هن جي ٻيءُ کي ڄڻڻ ۽ نپائڻ جي دعويٰ رکندي، اهو حق ڏئي نٿو سگهجي تہ هو پنهنجي مفاد خاطر کيس جيئري ئي قبر ۾ دفن ڪري ڇڏي. ڪنهن بہ ٻيءُ کي اهڙو حق ڏئي نٿو سگهجي.

هون- مون کي 'نروس' (Nervous) ٿيڻ نہ گهرجي. ههڙي حالت پيدا ٿيڻي هئي، 'لاجيڪلي' (Logically).

سچ جي جنگ.

واقعي لڳي پيو تہ سچ جي جنگ ٿي آهي. انساني تهذيب جي اعليٰ قدرن لاءِ. سچ-؟

اسان جي پنهنجن تمنائن جو عڪس آهي. دلي تمنائن جو. مجرد ۽

لطيف روپ ۾، پوءِ اسين انهن دلي تمنائن کي منطقي شڪل ۾ پيش ڪري سچ جو نالو ڏيندا آهيون....

؟.... اهو ڪنهن فيلسوف؟ اوهه، 'نتشي' (Nietsche) ته ان جي معنيٰ..

'ايبسوليوٽلي نات' (Absolutely not)
چا مان پاڻ کي نڄي سگهان ٿو؟
'پئراڊاڪس' (Paradox)
'نيور- نيور' (Never, Never)

'ايني هائو' (Any How)، بهتر آهي ته مان رئيس کي هن حقيقت کان آگاهه ڪريان. ۽ اهو هن جي دماغ ۾ وهاربان ته اهو اڻ ٿر هو. ۽ انهيءَ ۾ منهنجي ڪابه اهڙي نيت ڪانه هئي، جنهن کي جنسي لذت، جنسي لذت جو مقصد يا اهڙي قسم جي بدنيتي چئجي. پر........ ممڪن اهي ائين چوڻ سان وڌيڪ 'اينٽيگنائيز' (Antagonise) ٿئي. بهتر آهي، ڪنهن ريت رڳو ڪيس شهزاديءَ جي شاديءَ ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيان. جيترو ممڪن ٿي سگهي جلد. ها، ائبارشن ڪانپوءِ. ايندڙ پهرين ئي ملاقات ۾ ساٿس ڳالهائيندس. سواءِ ڪنهن گهبراهٽ جي. مون ته ڪو گناهه ڪيو ناهي، جو اجايو ذهني عذاب پوڳيان:

ڊاڪٽر اهو سوچي، قطعي اندر ۾ فيصلو ڪيو. ان هوندي به هڪ مبهم ڪٽڪندڙ غير تسلي بخش احساس ڪٺي گهر آيو:

۽ پوءِ ڊاڪٽر جي رئيس سان ملاقات ٿيندي رهي. رسمي ۽ دستوري ڳالهيون. ملڻ وقت هر دفعي هن اهڙو ذڪر چورڻ لاءِ سوچيو. پر هر دفعي سوچڻ ۽ سوچي ذهني ڪرب ۽ تنتي پيڙا پوڳڻ ڪانسواءِ ڪجهه ڪري نه سگهيو. هر دفعي جڏهن اٽل ارادو ڪندي به، چئي نه سگهندو هو ته پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڏاڍ جڪ ايندا هوس ۽ پنهنجو من چيد ڪندي سوچيندو هو: اخلاقي جرئت جي ڪمي؟ نه- رئيس جي شخصيت؟ نه- رئيس جا نارمل ورتاءُ؟ نه- باقي چا؟ ڪجهه به نه. هن دفعي مان ڪيس ضرور چوندس. ائين چئي چڪتاڻ پيدا ڪندڙ سوچ ڏارا کي دبائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو. ۽ پوءِ وري- ملڻ کان اڳ شروعات ڪرڻ لاءِ انداز اختيار ڪرڻ، لفظن جي چونڊ ۽ رئيس طرفان اٿندڙ خيالي نقطن جو خيالي جواب سوچيندو هو.

پر هو وري به ذڪر ڪري نه سگهيو. ۽ نه رئيس ئي ڪا اهڙي

ڳالهه ڪئي.

اٿين مهينو گذري ويو.

هڪ ڏينهن جڏهن. ڊاڪٽر ڪلينڪ ۾ ڪنهن مريض کي چڪاسي رهيو هو ته رئيس جو فون آيس. جنهن ۾ هن کيس رات جي ماني سائس گڏ کائڻ لاءِ دعوت ڏني. ظاهر آهي، ڊاڪٽر انڪار ڪري نه سگهيو. ۽ گهر ڇٽي ڇڏيائين ته هو رات جي ماني رئيس وٽ کائيندو.

رات جو ماني تي. جڏهن ماني کائي رهيا هئا. تڏهن به رئيس جو ورتاءُ ساڳيو نارمل هو.مهذب گهرائپ وارو. هر بناوت کان خالي پائجندڙ. البت ڪنهن ڪنهن وقت پاڻ. ڇٽڪ ڪنهن گهري سوچ جي تبيءَ ۾ پئجي ٿي ويو. ته وري ڪنهن ڪنهن مهل سندس ڪل اجائي، سواءِ ڪنهن ڪارڻ جي ٿي لڳي. جڏهن ته ڊاڪٽر منجهيل. ڪنهن مهل ته موڳو ئي موڳو. ان هونديءَ به هن پنهنجي ليکي ڪوشش ڪري رئيس کي اهو محسوس ٿيڻ نه ٿي ڏنو ته ڪو پاڻ غائب دماغ آهي، ۽ سندس سوچ ڪنهن ٻئي هنڌ آهي.

مانيءَ کانپوءِ جڏهن نوڪر سندن آڏو چانهه رکي ته رئيس کيس چيو، ”بس، چانهه جا ٿانو پوءِ کڻجانءِ“ تون وڃ ۽ هيءُ در بيڪڙيو وڃ.“ هو هليو ويو.

”ڊاڪٽر صاحب، اوهان سان هڪ اهم مسئلي تي ڳالهائڻو هو“، رئيس چڻ اوچتو ڊاڪٽر ڏانهن نهاريندي چيو، ”انهيءَ ڪري اوهان کي....“ ”ها ها، چو نه-“ ڊاڪٽر پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي ناهيندي چيو. ڪوڪلي. بناوٽي مرڪ. اندر ۾ هرڪر، بيقراري ساڻ.

”اوهان ته پنهنجا ئي آهيو. بنهه گهر جا ڀاتي. اوهان کان ڪي ڳجهو-.“ هو خاموش ٿي ويو. لڳي پيو مناسب لفظن ۾ مقصد بيان ڪرڻ لاءِ پتوڙي رهيو آهي. ڊاڪٽر قمر سندس منهن ۾ تجسس وچان نهاري، سندس لفظن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو.

”مون سوچيو هو“، رئيس چوڻ لڳو، ”شهزاديءَ جي شاديءَ جي باري ۾ اوهان سان صلاح ڪريان.“

”هون-“ ڊاڪٽر اجا اڳتي ٻڌڻ لاءِ پوري ڌيان سان ڏانهس تڪڻ لڳو.“

”اوهان جو ڇا خيال آهي؟“ ڪجهه وقفي جي ماٺ کانپوءِ رئيس پڇيو.

”ها سائين، مون به اوهان کي اڳ ۾ به ڪيترا ڀيرا اهوئي مشورو

ڏنو هو. مان اوهان سان متفق آهيان." ڊاڪٽر ورائيو. ۽ خاموش ٿي ويو.
ڊاڪٽر چپ. رئيس چپ. اها خاموشيءَ ڪجهه عجيب لڳي ٿي. خالي خالي. خاموشيءَ جو اهو خال تقاضا ڪندڙ ته، ڳالهائي ان کي ڀريو وڃي. رئيس ڊاڪٽر ڏانهن ڏٺو، ڪجهه اهڙين نظرن سان، جن ۾ ڪجهه اُڪلڻ لاءِ توقع هجي ۽ ڊاڪٽر جي اندرين بيقراري، رئيس کان وڌيڪ ٻڌڻ لاءِ اتساهه رکندڙ. انهيءَ خاموشي دوران ڊاڪٽر قمر کي اوچتو خيال آيو: رئيس کي سموري حقيقت کان آگاهه ڪرڻ جو. ۽ سڀ ڪجهه اڪلڻ لاءِ چڻ ڪا اندرين قوت ڪيس همٿائي رهي هجي. ۽ شعور ابتدا ڪرڻ لاءِ مناسب لفظ ڦولهيندو هجي.
"ڊاڪٽر صاحب." رئيس خاموشيءَ کي ڀڳو. "جي-" ڊاڪٽر مناسب لفظ ڦولهيندو هجي.
"ڳالهه دراصل هيءَ آهي ته"، هٻڪندي رئيس چيو، "شهزاديءَ کي پيٽ ٿي پيو آهي."
"پيٽ!" ڊاڪٽر اکيون ڦاڙي ڏانهس ڏٺو. رئيس انهيءَ مهل چڱيءَ طرح سندس منهن جو رنگ بدلجندو ڏٺو.
"ها پيٽ، شهزادي کي پيٽ ٿي پيو آهي ڊاڪٽر صاحب." رئيس آهستي آهستي چوڻ لڳو، "انهيءَ جي باري ۾ اوهان سان ڳالهائڻو هو. هو گهڙيءَ کن لاءِ خاموش ٿي ويو.
ڊاڪٽر پنهنجي سيني اندر ڌڙڪندڙ دل جو ڌڙڪو محسوس ڪيو. ۽ ڪرسيءَ تي پاسو بدلايو. ۽ پوءِ مٿي پولار ۾ نهاري، اکيون ٽمڪايون. ۽ اوچتو چيو. "رئيس"، سندس آواز بدليل هو، "مون کي اڳئي خبر هئي- ها، مون کي ان نتيجي جي خبر هئي، قربان علي."
چند گهڙين لاءِ چپ ٿي ويو. رئيس جون اکيون بدستور سندس منهن ۾ هيون.
"دراصل....آ...." هو هٻڪيو، "آ... دراصل مون کي اڳ خبر هئي- رئيس، شهزاديءَ کي اهو پيٽ مون مان آهي."
هن آخري جملو ٽڪڙو ۽ جلدي چئي ورتو.
رئيس ڏانهنس تڪيندو رهيو: عجب ۽ حيرت گهٽ، افسردگي وڌيڪ. لڳي پيو هن کي انهن لفظن جي توقع هئي. ان ڪري سندس اکين ۾ حيرت کان وڌيڪ ڪا مبهم معنيٰ هئي. هن هڪ ٿڌو ساهه ڀريو. ساهه، جواڻ- چٽو هو. ڪنهن مفهوم کان خالي. اندازو نه پيو ٿي سگهي ته اهو

ساهہ اطمينان جو هو يا صدمي جو.

”ها، رئيس، اهو ٻار مون مان آهي. شهزادي بي ڏوهڻ آهي. ۽....“ هن ڪين رکي چيو، ”مان بہ- پنهنجي پنهنجي جاءِ تي. مون ائين ڇاڻي ٻجهي ڪيو.“ هينئر سندس ڳالهائڻ ۾ رواني اچڻ لڳي. ”مان سمجهان پيو تہ مون کي ائين ڪرڻ گهرجي. هڪ همدرد انسان جي حيثيت ۾.“ ڪن مان ڪانپوءِ وري چوڻ شروع ڪيائين، ”اها شهزاديءَ جي ضرورت هئي ۽ آهي. سوال آهي ملڪيت جو. جو اوهان جو مفاد آهي. انهيءَ لاءِ ڇو پوڻي؟ ڇا اوهان شاديءَ ڪانسواءِ رهي سگهيو؟ رئيس، معاف ڪجو. اوهان جي بابت... جيڪڏهن اوهان خراب نہ سمجهو تہ- منهنجو مطلب آهي....خير.....

پوءِ ڇا هوءَ انسان ناهي، ضرورت محسوس نہ ڪندي هوندي؟ ڇا اوهان فطري بک کي تاري سگهو ٿا؟ معاف ڪجو- اوهان تہ مهيني ۾ الاءِ... خير--“

”بس ڊاڪٽر صاحب ڳنهگار...“

”ڪا ڳالهہ ناهي رئيس“، هن ڦڪي مرڪ سان چيو. جا طنز سان ڀريل هئي. ”رئيس، مان ڪنهن بہ اهڙي اخلاقيات ۾ ويساهہ رکندڙ نہ آهيان. جا ٻئي انسان کي ڪنهن بہ شڪل ۾ غلامہ رکي ۽ محض پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ ٻئي انسان کي ڪنهن بہ نموني ۾ چيڀاٽي. هن معاملي ۾ اوهان خود ڏسو تہ ذاتي مفاد جو جذبو ڪيڏو نہ ڪريل آهي جو اوهان کي هڪ معصوم جي زندگي- سو بہ پنهنجي نياڻي- بهرحال منهنجي آڏو منهنجو فعل ڪابہ بداخلاقي يا گناهہ ڪونهي. هٿائين منهنجي آڏو، اهو فعل هڪ ’رليٽو مارئلٽي‘ (Relative Morality) هئي، ها، رليٽو مارئلٽي. يعني تہ، يعني تہ...... سنڌيءَ ۾ انهيءِ کي ڇا تو چئي سگهجي، نسبتي اخلاقيات. پر اهو لفظ بہ پورو مفهوم ادا نٿو ڪري. اوهان تہ منهنجي مقصد کي سمجهي ويا هوندا.... ها، رئيس قربان علي خان. دنيا ۾ هر شي ’رليٽو‘ (Relative) آهي... سو مون هڪ معصوم، بي گناهہ نوجوان نينگر جي زندگي ۽ سندس بنيادي ضرورت پوري نہ ٿيڻ جي حالت ۾ پيانڪ نتيجن کي آڏو رکيو. جو ظاهر آهي منهنجي آڏو سڀ کان وڏو اخلاق هو. (۽ آهي.) ان کي اخلاقي فرض چئوس يا هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت سان-

ان ڪانسواءِ هڪ ٻئي بہ امڪان کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هاڻي اوهان خود سوچيو، جڏهن اوهان ڪنهن عورت سان هڪ ڪمري ۾

بند هجو. ۽ اهڙو شڪ تہ ڇا پر يقين شهزاديءَ کي بہ هجي. تہ اوهان ڇا ٿا سمجهو؟

هوءَ ڪنواري، ڪنهن وقت کان سامايل ڇا سوچيندي هوندي؟ اڇا بہ صحيح ڇئجي تہ ڇا تصور ڪندي هوندي. ۽ اهڙي قسم جا تصور ظاهر آهي تہ سندس.... بهرحال اوهان يقين ڄاڻو جيڪڏهن سندس فطري ضرورت، فطري انداز ۾ پوري نہ ٿئي ها، تہ (يا ٿي)، سندس 'ريپريسڊ ڪامپليڪسز' (Repressed Complexes) انتهائي پيچيده شڪل اختيار ڪن ها. (۽ ڪندا.)

ڪيس پونڊڙ دورا شدت اختيار ڪري، سندس نارمل شخصيت جا ياڳا ڪري ڇڏيندا ۽ سندس لاءِ جسماني عيب: انڊائپ، پوڙاڻ، مستقل چريائپ يا ٻئي ڪنهن جسماني عيب يا اڏ رنگ جو ڪارڻ بنجندا. مان اوهان کي وري بہ يقين ٿو ڏياريان تہ منهنجي نڪتو سندس صحت ۽ حياتيءَ جو هو، نڪي جنسيت يا شيطاني خواهش جو."

هو چپ ٿي ويو.

"رئيس"، هن وري چوڻ شروع ڪيو، "بهرحال مان اوهان جي انهيءَ راءِ سان متفق آهيان تہ اوهان سندس شادي ڪرايو. پر... منهنجي خيال ۾، انهيءَ کان اڳ ۾ ضروري آهي تہ ٻار ڪيرايو وڃي. مان اها جوابداري ڪڻان ٿو. جينوٽيڪ اها ڪا ڏکي ڳالهہ ناهي. مون کي اهو احساس آهي تہ، اوهان کي روحاني اذيت پهتي هوندي، انهيءَ لاءِ مون کي ار......"

"پر ڊاڪٽر صاحب"، رئيس، ڊاڪٽر جي ڳالهہ ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏيندي ٻي وسيءَ مان چيو، "هوءَ ٻار ڪيرائڻ لاءِ تيار ناهي. مان پاڻ انهيءَ خيال جو هوس تہ سندس ٻار ڪيرايو وڃي. پر هوءَ سخت ضد ڪري بيٺي آهي. هن جي ڳالهائڻ مان مون کي يقين آهي تہ، جيڪڏهن هن جو ٻار ڪيرايو ويو تہ هوءَ صدمي هيٺ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويهندي. ها ڊاڪٽر صاحب"، هن ساهہ پريندي چيو، "ان ڪانسواءِ سيني نوڪرياڻين کي خبر پئجي چڪي آهي. ظاهر آهي تہ ڳالهہ لڪي ڊاڪٽر صاحب! انهن سيني ڳالهين کي ذهن ۾ رکي اوهان پنهنجي راءِ کان...." هو چپ ٿي ويو.

"رئيس"، ڊاڪٽر هن جي خاموشيءَ کي ڏسندي چيو، "هن سلسلي ۾ مان اوهان جي هر ممڪن مدد ڪندس. اوهان بي ڌڙڪ ڇئي ڏيو. جو ڪجهہ اوهان هن باري ۾ سوچيو ٿا."

"ڊاڪٽر صاحب....، دراصل مون کي چوندي بہ شرم پيو ٿئي،

پر- ڇا ڪجي حالتون ئي اهڙيون آهن. ۽...؛ ڇوڪريءَ جو ٻيءُ هوندي.... پر....دراصل منهنجو......" هو چپ ٿي ويو."

"نہ نہ- اوهان ٻي حجاب چئي ڏيو." ڊاڪٽر تجسس ڀريل سوالي نگاهن سان ڏانهس ڏسڻ لڳو.

"ڊاڪٽر صاحب، منهنجي خيال ۾ اوهان شهزاديءَ سان شادي ڪريو." هن اوچتو تڪڙو چئي ڏنو.

"مان!!؟-" ڊاڪٽر حيرت مان ذري گهٽ رڙ ڪئي، "يعني مان!؟" پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيائين، "رئيس، مان اڳيئي شادي شده آهيان، ۽ ٽن ٻارن جو ٻيءُ. مان پنهنجي زال سان محبت ڪريان ٿو. اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي! اوهان ڪٿي ٻئي- منهنجو مطلب آهي تہ......"

"ڊاڪٽر صاحب ٻئي هند...... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا تہ .... ڪير ٻہ...."

"نہ نہ- هن ۾ مان بہ اوهانجي....."

"پر اوهان انڪار ڇو ٿا ڪريو؟ اهو ضروري ناهي تہ ٻي شادي ڪرڻ سان ڪو پهرين زال جي محبت ۾ گهٽتائي اچي. ۽ جڏهن تہ شريعت محمد موجب هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪري سگهو ٿا."

"پر- پر مان پنهنجي زال سان پيار ڪيان ٿو ۽ هن سان گڏ زندگيءَ ۾ مطمئن آهيان........۽ رئيس"، هن لفظن تي زور ڏيندي چيو، "مان هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ زالون رکڻ جي اصول کي نٿو نندیان ٿو. اهو عورت سان نسورو ظلم آهي عورت جي سخت توهين. انسان جو مذاق." هن پاسو بدلايو. "ان ڪانسواءِ رئيس، مان اهڙن اصولن، احڪامن يا قدرن کي نندينڊو آهيان، جنهن مان انسان کي غلام رکڻ يا هن جي ڪنهن طرح سان توهين ڪرڻ جي اجازت هجي. پوءِ اهي اصول شريعت جي نالي ۾ هجن. اخلاقي قدرن جي نالي ۾ هجن يا سماجي ضرورتن جي نالي ۾ هجن....."

"پر شهزاديءَ جي پيٽ ۾ ٻچو اوهان جو آهي. اوهانجو تخم". رئيس غصي گاڏڙ هلڪي جارحانہ انداز ۾ چيو.

ڊاڪٽر خاموش. منهن ڳاڙهو ٽيل.

منهن جو تخم؟ تخم؟؟...... بليڪ ميل ڪرڻ ٿو چاهي. ذليل. ڪريل ذهنيت. ڊاڪٽر تڪڙا تڪڙا خيال آيا هن پاڻ کي نروس ٿيندو محسوس ڪيو.

رئيس"، ڊاڪٽر پاڻ ٿي ضابطو مڙهيندي چيو. "منهنجي آڏو ٻار ڪيرائڻ ڪو مسئلو ناهي پر جيڪڏهن... جيڪڏهن اوهان ٻار ڪيرائڻ نٿا چاهيو: يا اوهان جي ذهن ۾ اهو وينل آهي تہ، اهو حرامي ٻار آهي- اوهان ان جو خيال نہ ڪندا..... بهرحال مان ساڻس شادي ڪري نٿو سگهان. اهو ناممڪن آهي. ناممڪن."

"ڊاڪٽر-" رئيس ڏانهنس نهاريو ۽ هلڪو مرڪيو.

ڊاڪٽر کي انهيءَ ڦڪي مرڪ ۽ نهار ۾ ننگي مڪاري نظر آئي.

"ڊاڪٽر، اوهان پنهنجي هُن فعل کي ڪٽي ڪهڙي بہ انداز ۾ پيش ڪري، پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو: پر اسان جا سماجي قدر....... ۽ پڻ قانون..... اوهان کي..."

رئيس قانون جي لفظ تي زور ڏنو. ۽ اڳتي صاف گوئيءَ سان پنهنجو مقصد ٻڌائڻ جي جرئت (شايد) ساري نہ سگهيو. ان ڪري هٻڪندي تز لفظ ڳولڻ لڳو. جيئن ڊاڪٽر مشتعل نہ ٿئي. پر هو ائين ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ۽ چپ ٿي ويو.

ڊاڪٽر پنهنجي لڳايل اندازي مطابق ان کي صاف ڪيو: "اوهان جو مطلب آهي ڪورٽ؟"

"جي؟ نہ نہ- منهنجو مطلب تہ ناهي........پر......"

"اوهان ڪورٽ ۾ وڃي سگهو ٿا." ڊاڪٽر گهرائي مان ۽ فيصلي ڪن انداز ۾ چوندي اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو.

رئيس سڏيس، هن ان تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو.

ڊاڪٽر، ٻاهر بيٺل پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهي زور سان در بند ڪري، ڪار اسٽارٽ ڪئي.

ڪار ۾ پهرين تہ ڪيس هلڪي پڇتاءَ ۽ پنهنجي انتهائي بي حسيءَ گڏ. مبهم طور پنهنجو پاڻ پنهنجن نظرن ۾ ڪريل هجڻ، بي عزتو ٿيل ۽ ڏوهي هجڻ جو احساس ٿيو. پر پوءِ ذهن کي جهٽڪو ڏئي، شعوري طور ان احساس کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ويو، جو ڪيس انهيءَ لاءِ ڪافي وزني دليل هئا. پڻ ان سان گڏ، نامطمئن هجڻ جو هلڪو- هلڪو احساس ڪيس اندر ئي اندر ڪرٽ، ڪرٽ ڪرڻ لڳو.

"ذليل. ڪميڻو." ڏند ڪرٽيندي پٽڪيائين.

"ڪورٽ. هن، 'آءِ ول گو ديئر' (I will go there) دراصل مون کي اڳ ۾ ئي هن سان ذڪر ڪرڻ ڪپندو هو. جڏهن عمري کان واپس

آيو هو. احمق آهيان. بزدل.” پڇتاءُ.

اڪيون شهزاديءَ جون، چڪ، پاڪر، بي خوديءَ وچان، چمي، چميون، ٽڙپ، خود سپردگي مون چمي چو ڏني؟

’ڪنٽراسيپٽو‘ (Contraceptive).

هون، جلدي بازي.....

چهرو شهزاديءَ جو، چڪ، ٽڙپ.

لاشعوري طور؟- پوءِ مون ’رليٽو مارلٽي (-Relative Morali ty) جو جواز ڳوليو. شعوري سطح تي...... پنهنجي اندرين غير واضح خواهش کي ’جسٽيفاءِ“ (Justify) ڪرڻ لاءِ......... (نونو) (,No No) قطعي نہ ’ائبسوليوٽلي ناٽ“ (Absolutely not) مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. ڪڏهن بہ نہ. مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. مون سندس زندگيءَ ۾ ضرورت کي ئي آڏو رکي. جيڪڏهن منهنجي آڏو محض خواهش جي تسڪين هجي ها تہ مان بين ڪيترن هنڌن.

’اوهہ، ڊيم اٽ‘.(Oh, damm it)

۽ ڊاڪٽر خالي ذهن سان گاڏيءَ جي اسپيڊ تيز ڪري ڇڏي، گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ.

ڊرتي 1974ع

هڪ ڪهاڻي- سواءِ سري جي

پاڻ اڃان نہ آيو!

اڄ مڙئي طبيعت ۾ فرق پئي ڀانيان. هلڪائي پئي لڳيم. ڪنگهہ بہ جهڪي آهي، پاسو ورايان، الا! منهنجا رب! ڪٽ تي هڪ ئي هنڌ، جسم ئي سڪي ويو آهي، ڇا تہ ٿي وئي آهيان: هڏن جو پڃرو. نہ مٺن ۾ نہ جيئڻن ۾. هفتي کن کان تہ شڪل بہ ڪونہ ڏٺي اٿم. آئينو ڏسان. نهيو باهہ ڏينس. اڇايو وري. بس اُهئين مهيني ڪان مٿي- هن حال ۾ وري ڪهڙو آئينو ڏسان. سمجهان ٿي تہ شڪل ڪهڙي مور ٿي وئي هوندم. بس وڌ ۾ وڌ مهينو. باقي رهيو ئي ڇا اٿم جو جيئڻ جي آس ڪريان: هڏن جو پڃرو پساهن ۾. اڇهوڪي اڏاڻو.

پلا هن ڏک ڪرڻ مان، ڳوڙها تمائڻ مان ڪي ورندو؟ هٿائين وڏيڪ هرويرو جان جلندي. پلا جان جلائڻ مان ڪي وري تہ ڪٿي جلائجي، نہ تہ هرويرو....... پاڻ تہ وسان ڪين گهٽايائين. وس ڪان وڏيڪ پاڻ پتوڙيو اٿائين. شل سدا جڙيو هجي نہ تہ ههڙا مڙس ڪٿي! هن حال ۾ بہ نيائي پيو. جس هجيس. اڄ جا مڙس آهن جو..........

پر اڃا ڪونہ آيو؟ هن مهل تائين تہ آفيس مان اچي ويندو آهي، اچڻ سان ئي پهرين هتي منهنجي ڪوٺيءَ ۾ ايندو، گوريون ڪارائيندو، آٿت ڏيندو، پوءِ لڳندو ٻئي ڌنڌي سان. ڀانيان ٿي تہ سادين ڇئن ڪان بہ مٿي ٿيم ٿي ويو هوندو. متان ايندو هجي! ايندو ئي هوندو. اوير سوير تہ اوس پئي ٿيندي آهي.

- ائي گوريون.

گوريون کائڻ جي مهل ٿي آهي، ڪڏهوڪو: ۽ مان هن ويچارن ۾- پاڻ اچي هٿن سان ڏيندو آهي. ڪيس خيال تہ هوندو. پر ڪو ڪم ٿي پيو هوندس. نهيو مان ئي ٿي- هن سڪيءَ ڪي ڇا ٿيو! هيءَ تہ هن مهل تائين اچي نڪرندي آهي. اڃان بہ اڳيرو، ڪو ڪم ٿي پيو هوندس. نپٽيءَ ڪي هجي شاٻس، نہ تہ اڄ ڪير ٿو ڪنهن جي ڪري؟ منهنجي ڪِريءَ جو ڪري، سندس مَاني تنهن ڪان سواءِ. ٿيم ٿي اچي دوا پياريم، پرگهور ۾ تہ نہ ڏني اٿئين تتي نہ ٿڌي- پيا مٿ آهن جو هوئڻ تہ نهيو، آئيءَ ويل بہ اڳونو

ڪڏيو ڏين، ويڙهو ساڳيو، رت ساڳيو ڪا اوپرائپ آهي! بس زماني جا رنگ آهن، پنهنجا بہ پراوا تہ ويجها بہ اوپرا! مائي سڪينہ ڪي بہ جَسُ هجي نہ تہ ڪير ٿو پنهنجي پيٽ جايون ائين ڇڏي؟ منهنجو تہ ساڻس ڪو ارواح اٽڪيل آهي. ننڍپڻ کان ئي وني گڏ ڪيڏيون ڪڏيون آهيون. اجان ڪڪي هئي تہ هنج تي کٽي گهمائيندي هئي سانس.ائي ڏنئي! وري هي ميون گوريون دل تان لهي ويم، کٽي ڳهي ڇڏيان، ڇڏيو تہ هنن بہ اندر ساڙي آ. اصل جهڙي باهہ پئي پريم. دل تہ گهٽو ئي ٿي چويم تہ ٽڪ هٽي ڦٽو ڪري ڇڏيان. هاڻي باقي رهيو ئي ڇا آهي، جو- بس سندس اجايو زور- ڪن ڏينهن جي تہ- ها، باقي رهيو ئي ڇا اٿم؟

- (ڏک پري پيڙا)

هن مهل تائين تہ اڃڻ گهربو هوس. ڏٺي شل خيرَ ڪري، (ڳڻتيءَ، اُلڪي ۽ اوسيڙي جو احساس. احساس جو گهرو ٿيندو وڃڻ.)

(اوچتو): متان!.....(مرڪ) هيءَ بہ جو گم آهي. مان بہ چوان تہ - پاڻ هاڻي ڪڏهن ڪڏهن دير ڪيو ڇڏي. هيءَ بہ ساڳي مهل نہ تہ هن مهل تائين پئي هتي هوندا آهن. هون! (مرڪ جو ڦهلاءُ) هاڻ سمجهيم.

مونکي بہ ڪٺ ورتي سال اڃي پريو آهي، پانيان تي تہ پروکي سياري کان- ها، سال ڪن پوءِ ڪيئن ٿو رهي سگهي! ههڙو مڙس. مان تہ سندس اندر جي ذري ذري مان گهميل آهيان. مئي! پلا انهيءَ ۾ سندس کهڙو ڏوهہ مان هر حال ۾ سڄو سال ڪريل، ڪنهن نہ ڪم جي. پوءِ، هيءُ نيٺ بہ تہ مڙد..

.... تنهن ڏينهن پنگياڻيءَ سان پئي سُس پُس ڪيائين. الائي ڪهڙا پئي سرپات ڪديائون. مان تہ وهنجڻ واري جاءِ ۾ هيس، سمجهي نہ سگهيس، پلا هن مئيءَ بيماريءَ.... پر سمجهان ٿي تہ- نيٺ عورت آهيان، ڪٺ ورتل آهيان تہ ڇا ٿيو؟ دماغ تہ سالم آهي، پلا ان ۾ سندس ڪهڙي اربع خطا! پاڻ تہ روڳي ڪونهي. جي چڱي پلي هجان ها تہ دلهہ ڪيان ها ڇا؟ اهي بيون رنون آهن جو مڙسن کي ٿيون- نہ تہ اهو مڙد جو شان آ. پلا مڙد ڪيئن سڏجن! مئي پنگياڻي لڳي تہ ڏٺي مُٺي پئي، مان بہ چوان تہ پاڻ اڳٿين پوڙهي پنگياڻي کي ڪڍي هن ڏٺيءَ مٺيءَ کي رکيو اٿائين. جي هيءَ رن چڱي آهي تہ پاڻ بہ ڪو گهٽ آ ڇا؟ شهزادو آ. شهزادو.

ها پوءِ بنهي جي سُس پُس بند ٿي وئي هئي، ها ها- سمجهان ٿي تہ ائين.... ڪيس ڪهڙي سڌ ٿي تہ مان وهنجڻ واري جاءِ ۾ آهيان، ۽ پئي

ٻڌم. ٻڌم، ڇا ڇٽڪ ڏنم ٻيو- ڇپ ماريو ويٺي هيس تہ متان شڪجن.

- ۽ ان ڏينهن شوڪوءَ ماءُ بہ حق تي پئي- آهئين هي رنون ڊيڪر آهن، نہ سهو، ڊيڪ ڏنائين: 'مئي، مڙسهن تہ-" مان سمجهي ويس تہ ڇا ٿي چوي، ڇهڙن رن، ڦهڪائي ڏنو مانس 'ائي چو نہ، ڪهڙي اربع خطا ڪيائين؟ اهو تہ مڙس جو شان آ. نہ تہ مڙدانگي ڪيئن سڏجي.'

رن وئي تہ پڇري هوندي. وري نہ ڪڇيائين- ۽ ان ڏينهن هن ڏائڻ- نالو بہ مئيءَ جو آهي- نجي ماءُ تي سندس لاءِ چيو- اُهئين هي رنون ساڙ سڙيون آهن. وڏيون پارسا ٿيو گهمن. هون! مونکي ڄڻ ڪل ئي ڪانهي، سندن پتي پتي جي ڄاڻ اٿم، تہ ويڙهي ۾ ڪير ڪنهن سان ۽ سندن مڙد بہ- رڳو ٻاهريون ڊڪ اٿن. مڙني جي شرافت ڪي ڄاڻان ٿي. ساليون تہ نهيو، ڇڏيون پاڇايون بہ ڪونہ اٿن. مڙني جو ڳجهہ ڏنو پيو آهي. باقي جي هن ڪجهہ ڪيو تہ رنن ڪي پيٽ ۾ ولوڙ اچي پيو. هُنہ! اصل پنهنجو ڄُرڪو هوندن.

ائي سڪي شودي، مان بہ چوان تہ مئي، منهنجي پرگهور ۾ مريو ٿي وڃين. جيڏي ڪيڏي مهل پڳي بيني آهين، اصل ساهہ پئي گهورين، پر اي مني، مان سڀ سمجهان ٿي، سڀ ڪي ڪيتري وقت کان ويٺيءَ ڄاڃيان. هڪڙي پيري چيو هئائين تہ: 'ساهڙيون تہ ههڙيون هجن.' اهو ٻڌي تون شرمائجي وئي هئينءِ، ۽ هن ڪليو هو. مان اهو سمجهان ٿي، ۽ ها- هڪ پيري تہ اوهان ٻنهي ڪي اکين ئي اکين ۾ ڪجهہ چوندو- ائي! ڪو هڪ پيرو، مان تہ چوان ٿي، جڏهن ڪان ڪٽ بلي تي آهيان، تو ڪاٿ هٽڻ- نپٽي، واهہ جي تو ساهڙپ نيائي آهي، هان زي- پرگهور منهنجي، رڳو نالي ۾، مطلب پنهنجو، مان بہ چوان تہ-

پر آئي نندوري، مان ڪا ارهي توروئي آهيان؟ نہ نہ. منڙي نہ، ايئن ناهي. جڏهن ڪٽ ورتم تہ بہ ڄاڻ چو لڳندو هيم تہ تون ۽ پاڻ- اهو ائين لڳندو هيم يا ڪا هينئينءَ جي سڌ هئي تہ تون هن گهر جي- ۽ توکي ۽ هن ڪي ڳالهائيندي، ڪل پوڳ ڪندي ڏسندي هيس تہ پاڻ‌ءَ دل پئي ڪڌندي هئي، ها، قسم سان من پيو ڀڪندو هو، ۽ اندر ۾ ڪا آس ڪر موڙبندي هئي تہ: تون ۽ پاڻ- آئي! مون سان قسمت ڪئي:

(ڏک پري پيڙا)

جڏهن ڪٽ ورتيم، دل چيو تہ بس هاٺي چيهہ آهي. هاٺي ڏنئي: ڇا وڃي ٻچيو آهي. پس ڪي ڏينهن: اچي پڇاڻان. يلا ان جو ڪيتو پاڻ جو

لوڙي، نيٺ اڳي پوءِ ڪا تـہ اچڻي آهي، چوري، ساڻس اهڙو جڙنديٖنءَ جهڙي منديءَ تي تڪ.

(اکين ۾ تري آيل پاڻي)

راڻي ڪري راج ڪرائيندءَ. جي چڱا پيـر پـرئينيس تـہ دل تي راج ڪنديئنس. سندس مٽ پنهنجن ۾ آهي ڪو سهي؟ چا مڙدانو حسن. چا ڏيا. چا قربائتو. نج سون تئي ڙي.

شل جڙيو هجي.

ائي مان ڪو سڙان ٿوروئي ٿي. من ، مون سان تـہ قسمت ڪئي. هن جمـار ۾. ان تي ڪنهنجو وس- ڪـو وسـيلو. هاڻ تـہ اها وجي آس رهي اٿم، ڪيس اکين آباد ڏسي وڃان. مون ڪيس ڏنو بـہ چا آهي؟ ڏک ڏولاوا- ٻيو چا؟ وس پڇيم تـہ هٿن سان لائون لهرائي وجي قبر پيڙي ٿيان. اندر تـہ نريل هوندم. پلا دم،تي ڪهڙو ويساهہ. هن حال ۾؟ باقي بچيو ئي چا اٿم،. هڏا ءِ چم. هن روڳي ۾ ڦاٿل ساهہ جو پڪيئڙو اچ اڏاڻو ڪي سڀان.

اچي تـہ چوندي سـانس. پڇاڙيءَ جو اهو قـرب ڪـري، جيـتـرو ٿي سگهي. منهنجي هوندي ئي- ڪـيس اکين آباد ڏسي، سک سـان تـہ سـاهہ ڏيان.......

پر اچا هيءَ!؟

ڪا مهل تي اٿن!

پر هيءَ شودي بـہ چڏيس نـہ. جهٽي پئي هونديس، چڇڙ ٿيو. آهي ڪنواري، پاڻ بـہ تـہ- مان تـہ سندس اندر جيڏي پرزي مان گهميل آهيان. پيـار ڪرڻ تـہ ڪـائنس ڪو سکي. دل ئي نـہ چوندي هئي، ڪـائنس پري ٿيندي، بس، ائين ساڻس پئي هجان، چهٽيل. رنون سڙنس بـہ ٻڌهن ٿيون نـہ، هيءَ تـہ اچا چوزي آ، پانيان تي تـہ مون کان وڏ ۾ وڏ چار سال ننڍي هوندي ءِ هن عمر ۾...... نپٽي آهي بـہ تـہ-- خير، چڱ پلائيءَ ۾ مان بـہ ڪا گهٽ ڪانـہ هيس. بس هيءَ تـہ نصيب جو ڪـيل آهي، هن ئي جمـار ۾ ويل وهائي چڏيائين. ڪهڙي جواني ڏٺم، ڪهڙي جواني ماڻيم؟ چا چوڙيم؟ تنهن کان تـہ نـہ چمان ها، خير، ڏٺيءَ جي آڏو، ڪو وس ڪنهن جو.

ڪٿي هوندا: وڏي صـــفـي ۾؟ ڪونيءَ ۾؟ هون، ڪـونيءَ ۾ ئي هوندا. پڪ ئي پڪ، مان بـہ تـہ اتي ئي هوندي هئي سانس نـہ-

اچ اهي گهڙيون، اهي ڳالهيون، اهي- پاڻ‌ءَ تـہ...

ڪونيءَ ۾ ڪا تـہ ڳالهہ آهي جو- پاڻ تـہ ان ڪوني ڪانسواءِ- مئيءَ

۾ ڪا ته اهڙي ڳالهه آهي! نه اٿس ڪا روشني، نه وري ڪا پاهرئين پاسي ڪان ڪا دري، در به صفي ۾، پاروهي تذڪار لڳو پيو هوندو اٿس. منگهه مان سو هلڪي روشني ايندي اٿس. نه ته ٿيو خير باقي ڪجهه اونده، ڪجهه روشني. ڪي ڏينهن اچي ٿيا آهن، مان ته اکين وري ڏٺي به ڪانه آهي. هيءَ ڪٺ ۽ مان. ميون دوائون، باهه لڳين سيون. مار پوي مقدر ناهڻ واري کي، اهو نه ڏنائين ته- هن ئي جمار ۾-

(ڏيان)

هيءَ سس پس!؟

ها، اندران پئي اچي ڪوئيءَ مان.

"-؟"

هيءَ ته سندس آواز آهي:

"سڪينه چا تون سمجهين ٿي ته- او چڙي، پڪو انجام. تون پروسو ڪر نه........"

اڳتي الائي چا چيائينس؟

"-؟"

هيءَ ته سڪي جو آواز آهي. الائي چا وراڻيائينس؟

"-؟"

هيءَ سندس آواز آهي.

"-؟"

منهنجو نالو ورتائين. الاءِ منهنجي نالي چا ٿو چويس، اڄ يا سيان مرندي؟...... نه نه، ائين نه چيو هوندائينس! ويساهه ۾ ئي نٿو اچيم، مون غلط سمجهيو آهي، چٺو ٻڌڻ به ته نٿو اچيم، پر جي چيائين تڏهن به چا؟ ڪو ڪوڙو ٿوروئي آ. مون ۾ هاڻي رهيو ئي چا آهي، جائي ته چوي ٿو: اڄ نه سيان مرندي.

پر اي نپٽيا، مان به ته اهو ئي پئي چوان ته، پنهنجن هٿن سان ميندي لائي، وڃي قبر پيڙي ٿيان. پچاڙيءَ جو هٺ نندورن نيٽن سان توکي خوش ٿي ڏسي وڃان. مون ته توکي ڏنو ئي چاهي: نياڳ، روڳ، ڏک ۽........

اڙي! منهنجي اکين ۾ ڳوڙها! مٺا! ائين ته نه ٿيو.

نپٽي، هي ڳوڙها ته......(ڳوڙها نيٽن ۾، مرڪ چپن تي).

چپ ته-

ڏيان:
هي آواز؟
چيڪٽ ٿيو- پانيان ڪٽ جو؟
سڙبات-
"-؟"
ها، هينئر.... پاڻ مون کي تہ سندس عادتن جي- نيٺ ساٿس- نياڳي چپ تہ.
ڏيان:
....
....
ائي منيس! هيءُ مون کي ڇا ٿيو آ: اُپ ساهي، ڇاتيءَ ۾ ڌڙڪو، لنو لنو ۾ ڇڻ ڪجھہ ڊوڙي ويم. پڳهر ۾ شل- ۽ هيءُ.....
؟؟..... آواز تہ نٿو اچي؟ اچا نہ نڪتا!
ڪٿي هيءُ منهنجو اڄايو وهم تہ- ڏينهون ڏينهن الائي ڇا ٿو ٿيندو وڃيم!؟
هوءَ اوسيئڙي ۾ هوندي.
پوٺا پنج پيا ٿين، ڇا ڪجي، نوڪري ناهي ٺوڪري آهي، غلامي: ذهني ۽ جسماني غلامي. رت ست نچوڙيو وڃي. جي ڪٿي ڪڇ تہ: نڪ ايڪسپلينشن، سائين گهر گهاٽ وارا آهيون، پنيان ڪا بيماري هوندي، ڪو گهر جو ڪم ڪار هوندو. نيٺ رت تہ انهن لاءِ ٿا ولوڙيون. ذري جو بہ احساس نہ. آفيس ٽائيم ڪانپوءِ جو ويهڻ- ڇيو ناهي، شوريل اڪيون وڃي هينئون جهلين، ڇهڙون چليو ڏين. ڇڻ پورهيو نٿا ڪيون، خيرات ٿا گهرون. پنندڙ کي بہ ماڻهو عزت سان وراڻيندو آهي: بابا معاف ڪر. پيٽ لاءِ ڪرڻو ٿو پوي نيٺ زنده رهڻو آهي. اسان جهڙن ماڻهن کي زنده رهڻ لاءِ غلامي ڪرڻي آهي. ڪيڏي ذلالت، مٿان ڊونگ تہ قومي خدمت آهي. پاڻ وتن عياشيون ڪندا، رڳي ٽن صحيح ڪرڻي، مصيبت اسان هيڻين لاءِ. ڇا ڪجي. مجبوري-
گوريون بہ کاڌيون هونديون الاءِ نہ؟ انتظار- ظاهر آهي. سندس ذهني ٽينشن جو ڪارڻ بڻيو هوندو. اهو سندس لاءِ نيڪ ناهي، ڪيس هر حالت ۾ مطمئن ۽ نارمل رهڻ گهرجي. سندس لاءِ اهو ضروري آهي. مون تہ ڪيترا ڀيرا سمجهايو اٿمانس، پر اهو ڪنهن حد تائين فطري بہ آهي، ڏڳهي

بيماري ۾ ائين ٿيندو آهي. سو به ڪنهن مدي کان گهٽ ورتل ماڻهو، نيچرل آهي، دوا ته هن پياري هونديس، گوريون- سي به هن زوريءَ ڪارايون هوندس. ڪجهه وقت اوسيئڙو ضرور ڪيو هونديائين. اهو جڻ هڪ نيم بنجي ويو آهي ته ان مهل جون گوريون ۽ صبح جو آفيس ۾ وڃڻ کان اڳ ۽ رات جو دوا مان ڏيانس. منجهند جي دوا سڪينا پياريس. ر

جيتوڻيڪ اهو نيڪ ناهي، اوير سوير ته آهي ئي سهي ۽ اسان جهڙا ملازم ماڻهو، ٻين جي وس، پنهنجي وس جو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿي، محتاجي جا ٿئي، زنده رهڻ لاءِ. پر سندس عورتاڻو ضد: شام جون گوريون منهنجي هٿن سان ونندي، اها ڇوٽي سچ آهي ته بيمار جو ضد ٻار جو ضد سمان ٿئي. پر اهو ڪو ايڏو اهم مسئلو ڪونهي جنهن تي مان پنهنجو مٿو پيو کپايان، اصل ڳالهه آهي ته مون کي هر حال ۾ سندس خوشيءَ جو خيال رکڻ گهرجي، اجايو پيو ڳڻتي ڪيان. سڪينه اهڙي آهي جو- زوريءَ ڏنيون هونديئنس. هوءَ ته مونکان به وڌيڪ تي سندس خيال رکي. ها، جيڪڏهن هيءَ ويچاري هٿ نه وندائي ها ته-

ڪهڙي ته سباجهي ۽ لڄاري آهي. ويچاري ساهڙپ توڙي مائٽيءَ جو حق صحيح معنيٰ ۾ ادا ڪيو آهي. سواءِ ڪنهن غرض جي. شاباس هجيس، نه ته هيڏو سارو ويڙهو آهي، ڪي ڏاريان ڪونه آهن، ڪنهن جي به ڪن تي جونءِ ڪانه چري! سندس هوندي، هن جي بيماريءَ جي تڪليف جو ته جڻ مونکي احساس ئي نه رهيو آهي، ههڙيون نينگريون ڪٿي؟ باقي جنهن گهر ۾ ويندي-

اڙي ها، سچي، تنهن ڏينهن ماٽس ٻڌايو ته ايندڙ مهيني مڱڻو ڪرائي ڇڏيندا سين، ۽ پوءِ مهيني اندر شادي.

’بس ابا، مڙئي ٿيو بار لاهڻو. نياڻي آ- نيٺ ڪيترو وهاريس، هڪ ڏينهن ته شينهن ڪلهي چڙهڻي آهي. پنهنجا پاڻ ۾ آهيون انو.....‘

منهنجي خيال ۾ انو سندس لاءِ نيڪ ور ٿيندو. سنو سڌريل آهي. روزگار سان. شڪل شبيهه ۾ به ويل ڪونه آهي، پر شڪل کي ڇا ڪبو؟ وڏي ڳالهه ته سڌريل آهي.

ڇُه، سندس لاءِ گوريون ونٿيون هيون. ويچارن ئي ويچارن ۾- مُونان اسٽور واري جو قرض به چڱو چڙهي ويو آهي. سمجهان ٿو ته ٽي- چار سئو ٿي ويا هوندس، ڪٿي پنجن سون کي نه ڏڪ لڳو هجي! گذريل ٻن مهينن کان پائي به ڪانه ڏني اٿمانس. دوائون به ڏينهون ڏينهن وڃن

چڙهنديون. نہ آهي حد نہ حساب. قرض- بہ هزار ڪن ٿي ويو هوندو: آفيس مان ايڊوانس، دڪاندار جا. ڇا ٿيندو....؟؟
(ڳٽنيءَ جو وجود کي وڪوڙجڻ)
لهي ويندو. حياتي آهي تہ پيو لاهبو. رڳو سندس جان بچي، پيسن جو ڪهڙو ملهہ! اصل ڳالهہ زندگيءَ جي آهي. اهي لاها چاڙها تہ مڙسن تي ايندا ئي آهن.
ڪيڏو نہ شريف آهي، هيترا دوائن جا پيسا ٿي ويا اٿس، پر محسوس ئي ٿيڻ نہ ڏنو اٿائين. فائدو-؟
مان سمجهان ٿو تہ- پر ڊاڪٽر تہ چوي ٿو، ٺيڪ ٿيندي پئي وڃي. مونکي تہ ڪو خاص فرق نظر نٿو اچي. باقي بچيو ڇا اٿس. هڏا ۽ چم. ممڪن آهي ڊاڪٽر رسمي طور آٿت ڏيندو هجي، سندن پيشو ئي اهڙو آهي. مريض کي، سندن مائٽن کي پر اميد رکڻ ضروري ٿيو پوي. هڪ قسم جو نفسياتي اثر. هونئن بہ اُميد وڏي شيءَ آهي. اميد جي آسري تي سڄي دنيا پئي هلي، مونکي پُر اميد هئڻ گهرجي. ڪڏهن بہ ائين- خدا نہ ڪري، سوچڻ نہ گهرجي. ڏٺي چاهي تہ ڇا نٿو ٿي سگهي.اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪجهہ بہ ناممڪن نہ آهي، رڳو پيسو هجي، هوءَ تہ اڃايو..........
'بس مهيني ڪان وڌيڪ جيئري رهي نہ سگهنديس. تو منهنجي لاءِ'
نہ نہ- چري، ائين نہ چو.'
هون: هڏا ۽ چم، مشڪل چڙهي!
نہ- روڳي انسان اهڙيون نااميديءَ جون ڳالهيون سوچيندو آهي، فطري بيماريءَ جي حالت ۾ زندگيءَ سان دلچسپي رهي ئي ڪانہ ٿي، پر- مونکي ائين سوچڻ نہ گهرجي. مان تہ تندرست آهيان، پر سندس ناچاڪائيءَ مونکي بہ ڪنهن حد تائين- نہ. گهرجيم تہ کيس آٿت ڏيندو رهان. زال جي حيثيت سان سنو نڀايو اٿس، مونتي ٻلهار ويندي هئي.اهو احساس ٿيڻ نہ ڏنائين تہ ڪو منهنجو الڳ وجود آهي. هر خواهش پوري ڪيائين. هر طرح جو خيال، نہ تہ اڄ زالون آهن جو مڙسن کي ٿيون دوڏا ڏيکارين. مجال آ.ڪو مرد- پر هن تہ مون سان-
بيماري: اها تہ قدرت جي وس جي ڳالهہ آهي، اڙي ها. سندس لاءِ فروٽ بہ وٺڻو آهي، متان ڪلهہ وانگر وسري وڃيم. هيءَ ويسر تہ- سندس ئي بيماريءَ ڪري؟ الڪو نہ رهي ئي ٿو، سڄو گهر ڊانوان ڊول ٿي ويو آهي،

گهر چا. سڄي زندگي ٻانوان ٻول ٿي وئي آهي، کهڙا نه خوش هوندا هئاسين. پنهنجي حال ۾ مست. گهر جي ننڍڙي دنيا. جاني به تندرستيءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪانه آهي، هاڻي گهر کهڙو نه ويران ويران ٿو لڳي. جڻ ته ڪو راڪاس گهمي ويو هجي. ها، عورت جو وجود ڪنهن گهر لاءِ ڪيڏو نه لازمي آهي، گهر ۾ عورت آهي ته زندگي آهي. نه نه- شايد. عورتون وري ائين سوچينديون هجن: گهر ۾ مرد جو وجود لازمي آهي، گهر لاءِ دراصل ٻنهي جو وجود لازمي آهي.

ها، ڏاڍو مزيدار ٽوٽڪو هو: زال ۽ مڙس پاڻ ۾ نه نهندا هئا. زال ٿلهي ته مڙس سيپڪڙو، پاڙيسري سندس جهيڙي کان تنگ ٿي پيو، سو هڪ ڏينهن وٽن اچي سمجهائڻ لڳو. 'زال ۽ مڙس هڪ ئي زندگيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن، جيڪڏهن هڪ ڦيٿو خراب ٿي پيو ته، زندگيءَ جي گاڏي نه هلي سگهندي'، ان تي ٿلهي زال جي سنهڙي مرد، پهرين زال ڏانهن پوءِ پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي وراڻيس ته: 'ميان، جڏهن هڪ ئي زندگيءَ جو هڪ ڦيٿو ٽريڪٽر جو ۽ ٻيو ڦيٿو رڪشا جو هجي، ته پوءِ ٻڌاءِ ته اها زندگيءَ جي گاڏي ڪٿان هلندي؟'

ويچارو سمجهائيندڙ پاڙيسري پيلڙو منهن ڪري واپس هليو ويو.

دراصل جتي ٻنهي جو وجود لازمي آهي، اتي ٻنهي لاءِ ذهني هڪجهڙائي به لازمي آهي. نه ته گهر ٻُسو ۽ جهيڙي جو آکاڙو، زندگي نامڪمل ته نهيو، پر مرڳوئي زهر......

جي هيءَ مري وئي......

(ڳڻتيءَ جو گهرو احساس، هن پيانڪ سوال مان، ته پوءِ چا ٿيندو.)

نه نه، ڏٽي خير ڪندو، مونکي چڱائيءَ جي اميد رکڻ گهرجي.

(پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ باوجود به، ذهن اندر زوريءَ گهڙي ايندڙ خطري جو احساس)

هو: "اڄ دير ٿي وئي"، مرڪي. معافي انداز ۾ "دراصل..."

هوءَ: "مڙئي خير آهي"، ٻهڪندڙ چهرو، مرڪ چپن تي.

هو: "دوا پيتئي؟"

هوءَ: "ها."

هو: "گوريون به؟" هلڪي مرڪ.

هوءَ: "ها- اڄ مڙئي فرق پيئي پانيان".

هو: ”ها ها، تون هاڻي جلد نوبني ٿي ويندينءِ. ڊاڪٽر چيو ٿي تہ تون هاڻي تيزيءَ سان تندرست ٿي رهي آهين..“
هوءَ: ”اهي مئا ڊاڪٽر تہ ائين ئي چوندا آهن. نہ تہ ڪمائي ڪٿان ٿئين.“
هو: ”نہ نہ- پنهنجو ڊاڪٽر مجيد ڏاڍو ايماندار ۽ شريف انسان آهي. ڏس نہ، توکي ڄامشوري جي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ هن ويچاري ڪيڏي نہ ذاتي ڪوشش ورتي، پر هتي تہ آهي اِنڌي ننگري وڏن ماڻهن جي سفارش ۽ پيسو....“
هوءَ: ”باهہ ڏينس مئي کي، ان مارئي جي شڪل بہ ڏني نٿي وڻي، سيون هڻي هڻي پرڻ ڪري ڇڏيو اٿائين.“
هو: ”نہ نہ- ڇري، انهيءَ ۾ پنهنجي تہ چڱائي آهي. نيٺ تندرستيءَ لاءِ اهو تہ سهڻو پوندو.“
هوءَ: ”نهيو، ڇڏ ان مئي جي پچار.“ مرڪ سان.
هو: ”سڪينا ڪانہ ٿي ڏسجي، هلي وئي؟“
هوءَ معنيٰ ڀريل نظرن سان، هلڪا مرڪيل چپ ڦهلائيندي، ڌانهنس غور سان ڏسي ٿي.
هو: ”تون اڄ سچ پچ خوش ٿي نظر اچين.“ خوش ٿيندي.
هوءَ: ”چو نہ ٿيندس.“ ماڻي جي هلڪي ادا: ڪنڌ ۽ جسم جي لوڏ، معنيٰ ڀريل نظرن ۽ پڪوڙيل پر ڦهلايل چپن سان، ماڻي ۽ مرڪ جي انداز مان خوشي ٽمندڙ.
هو: ”اڄ ڄاڻي پاڻي ڀِڪين پيئي-“
هوءَ هلڪو شرمائي ٿي.
هو خوشيءَ، عجب ۽ پيار ڀريل نظرن سان ڌانهنس ڏسي ٿو.
ٻئي چپ: ڪي ڪن رکي-
هو: ”ها- سڪينا وئي هلي؟“
هوءَ: ”سڪينا-؟“ معنيٰ ڀريل سوال، ساڳي ادا سان هلڪو ماٺو.
هو: ”ها“
هوءَ: ”پر سڪينا تہ اڄ صبح کان پوءِ آئي ئي ڪانهي.“ ساڳيون معنيٰ ڀريل نظرون.
هو: ”ڇا چيءِ! آئي ئي ڪانهي!“ اچرج.
هوءَ: ”نہ-“ ساڳيو معنيٰ ڀريل انداز.

هو: ”ڪمال آ! تہ تو دوا ۽ گوريون پاڻ ئي کاڌيون؟“
هوءَ: ”ها. پلا انهيءَ ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي.“
هو: ”تعجب آهي.“
هوءَ: ”ڇا جو؟“
هو: ”هن جو، ۽ مان بہ دير سان پهتس، توکي ڪيڏي نہ تڪليف ٿي هوندي- پلا ڪش کاڌي اٿئي؟“
هوءَ: ”ها اها صبح جو ئي ڏيئي وئي هئي. ڇو؟ ڇا ٿيو؟“ معنيٰ پريل سوال: ڪجهہ کوٽڻ لاءِ.
هو ڪي گهڙيون چپ.
هوءَ ٻڌڻ لاءِ ڏانهنس اچرج ۽ سونجهہ وچان ڏسندي رهي ٿي. هو خاموشي ٽوڙيندي: ”تہ- هينئر ئي وڃي ونهواهہ ۾ وٺي ڇا؟“ ڪلي مذاقي انداز ۾.
هوءَ: ”ونهواهہ!“ ڌڙڪندڙ دل.
هو: ”ها...“ خوش ٿيندي، ”توکي خبر ناهي؟“
هوءَ: ڪنڌ سان ناڪار ڪري ٿي.
هو: ”مونکي بہ ڪلهہ يا ٽيون ڏينهن سڪينا ماءُ ٻڌايو تہ سندس مڱڻو ايندڙ مهيني انوءَ سان ڪندا.“
هوءَ: ”انوءَ سان!“
هو: ”ها. تاريخ بہ ٻڌي اٿن، شايد 29 چنڊ جي. مون سمجهيو توکي خبر آهي جوڙي واهہ جي نهندي.“
هوءَ: ”انوءَ سان!!“ مرٽينگهہ آواز ۾ ورجائي ٿي. ۽ لڳيس ٿو. ڄڻ ڪانئس ڪجهہ وڃائجي ويو. اوچتو ئي اوچتو ڪري پيجي پيو. امالڪ ڪنگهہ جي دوري ۾ وچڙجي وڃي ٿي. هو اٿي پنيءَ تي هٿ ڦيرائيس ٿو ۽، ۽ وري گهبراهٽ مان گلاس ڪٽي پاڻي پيرڻ لاءِ باهر گهڙا منجيءَ ڏانهن تڪو وڌي ٿو.
گلاس پيري واپس اچي ڏسي ٿو. هوءَ ڪنگهہ ۾ وچڙيل. ساٽي ٿيل، سندس حواس خطا- تڪڙو تڪڙو ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ جي خيال سان باهر پيجي ٿو، هن خيال ڪي خيال ۾ نہ رکندي، تہ تيسيتائين هوءَ جيئري بہ هوندي يا نہ--“

پلاند

ڄتي هن ڪان ڪي گهڙيون اڳ گهوٽين طرفان ڪنوارين ڏانهن وڃڻ ڪري، جڳمڳ ڪندڙ روشنيءَ ۾ عورتن جي ڇڏيل سڳنڌ هوندي بہ، سانت، ويراني ۽ هڪ قسم جي اٻاٽڪائي ڇانيل هئي اتي ايندڙ ڄڃ جي گوڙ، شرنائن ۽ دهلن جي سريلن ۽ عورتن جي رس ڀريل آوازن زندگيءَ جي ڀرپور وير آڻي ڇڏي:

چڙهي گهوٽ، گهوڙي آيو-
ڪٿي آيو،
ڪٿي آيو،

گهر ۾ گهڙڻ شرط ڀينرن، سؤٽن، ماساتن ۽ ٻين جيڏين سرتن دهل سنڀاليو، تالهہ ڪنيو. منو سريلو گهري، ڀرپور ۽ سچي جذبي ۾ وهنتل آواز، جنهن ۾ خود انهن ڪنوارين نينگرين جي آس اميدن، خوابن ۽ ارمانن جو اولڙو هو، رات جي سيني کي چيرڻ لڳو:

رک صندليءَ تي پير،
منهنجا مور لاڏا!
گهورون گهورئي پيڻ،
منهنجا مور لاڏا!
منهنجا مور لاڏا.....

ڪنوار پهريون پيرو پنهنجي ساهري گهر پير رکيو. باڇاهہ پير جا پلاند هينان، جيڪو گهوٽ -ماءُ پنهنجي رئي مان ناهيو هو، ٻئي- گهوٽ گلڻ ۽ سندس ڪنوار- وک وک ۾ وجهندا، سيج ڏانهن وڌڻ لڳا. هلندي هلندي گلڻ کي هلڪو ٿابو آيو جو موڙن ۾ سجو منهن ڍڪيل هيس. ماڻس جي واتان نڪتو بسملهايون، ابو منهنجو! ضرب تہ ڪانہ آيئي؟"

"نہ اما." گلڻ موڙن هينان، اندران ئي وراڻيو.

پوءِ گهوٽ ماءُ سائڻ گڏوگڏ ۽ اڳيان اڳيان هلندڙ نينگرين ۽ زائفائن کي ڇهڙ ڏيندي چيو: "ميون، دڳ تہ ڇڏيو، ويهڻ تہ ڏيون، پوءِ پيون ڏسجو." سندس اواز ۾ تيزيءَ سان گڏ دٻيل غرور جو اهو پاڇولو بہ هو، جيڪو هر سوڀ حاصل ڪندڙ وجود مان بکندو آهي. ۽ پوءِ، ڪنوار کي سيج تي وهاري رڙ ڪيائين: "وڄٽا!" ۽ ان سان گڏ، دهل جي چوڌاري وينل

نينگرين ڏانهن مهڙ ڪري چيائين: ”چوريون، هٿ هلايو، ساهه ڪونہ اٿو چا!“ ۽ پاڻ بہ دهل ۽ گـڏيل لاڏي جي آواز ۾ لئي تي پير ۽ ٻانهون هلائڻ لڳي:

منهنجا مور لاڏا،

منهنجا مور لاڏا...

جيتوڻيڪ هن ڪان اڳ لاڳيتو ڳائڻ ڪري سندس نڙي ويهي وئي هئي. آواز ڳرو ۽ گهگهو ٿيو تي نڪتس. پر ان آواز ۾، ۽ تڪاوٽ ۽ اوجاڳن هوندي بہ، پيرن ۽ ٻانهن جي چرپر ۾ جان هئي، اتساهہ هو ۽ ڀرپور امنگ جو اظهار هو. وري ڳائڻ ۽ جهمر چڙي، دهل وارين کي ”هاها، هٿ هلايو، آواز ڪڍو“ جي هدايت ڪرڻ لڳي: ”تکو هٿ هلايو، پيا بہ وڃنا ڪٿي اچو، منهنجي راڻيءَ کي گرمي ٿيندي هوندي!“

ان وچ ۾ گلڻ مردن ڏانهن وڃي چڪو هو. منهن ڏسڻ جي رسم شروع ٿي-

”ائي گهوٽ ماءُ، مبارڪان هجن ئي، چوڏهين جو چنڊ مليو اٿئي!“

”اِدي منهنجي خير مبارڪ ڏٿيءَ جا لک لائق.“

”گلڻ- ماءُ ننهن تہ سون ملي اٿئي. وڏن ڀاڳن واري آهين.“

”ها امڙ، منهنجو گلڻ بہ ڪو گهٽ نہ آهي.“

منهن جي ڏسڻ جو سلسلو هلندو رهيو- پينرون، ماسيون، سؤٽون، ماساتون اوڙي پاڙي واريون....

”ادي- گهوٽ ماءُ، ننهن مبارڪ هجيئن.“

گلڻ- ماءُ ٻڌو اڻ- ٻڌو ڪري رڙ ڪئي: ”ائي ڪا رهي تہ ڪانہ؟ يانيان تي، ڦاپان رهجي ويئي آهي. ڪٿي آ گهوٽ جي ڀڄي؟ آ- ئي ڦاپان، ڪٿي آهين، تو منهن ڏٺو؟“ بيزاريءَ جي لهجي ۾.

”آچان تي ادي، ڪڪي کي ڏوٿاري وٺان.“

”ائي ٻڙي، سيگهہ ڪر، اجا مڙد رهيل آهن. منهنجي راڻي تڪل آهي، تہ جلد وڃي آرامي ٿين.“

نوجوانڙين جا ٽونڪر ڀريا آواز آيا:

”آرامي وري ڪٿان ٿيندا، اجا تہ سڄي رات جاڳڻو اٿن!“ کلن جا ٽوڪريا پنجي ويا. اجا کل بند ٿي ڪانہ تي تہ ٻيو آواز آيو:

”راڻيءَ جو تڪ نويڪلائي ۾ پاٿهي لاهي ڇڏيندو ماسي، تون ڳڻتي نہ ڪر.“

ٿهڪن جا ڦوهارا نڪري آيا.

"چوريون آهيو، ڇتيون آهيو. اتو ڪا وات ڪي جهل." گلڻ - ماءُ بہ کلڻ لڳي. ڊبيل کل، جنهن ۾ اندر ئي اندر مان اُڌمو ڪائي ڦوهاري وانگر اڇل ڪائيندڙ خوشي هئي. گد گد ٿيندي چيائين: "اها ڪهڙي آ، آئي نوران! چوري، ترس، تنهنجا بہ ور مـان تڪ نڪـرندا. هينئـر ئي تي راٺي ڪي سنيالين!" هيڏي هوڏي نهاري: "آئي نوريءَ ماءُ! ڪٿي آهين؟ ٻڌين تي ڏيٺين ڪي؟- چاڙهينس شينهن ڪلهي، نہ تہ چوري هٿن مان ويندءِ!"

- ٿهڪڙو.

گلڻ مـاءُ وري واڪو: "آئي ڦـاپان، ٻڙي، رب ڪي ڏس، جي هڙ ۾ ڏوڪڙ نہ اتـئي تہ ڇڏينس ڪري. مـئي سـيگهہ ڪر، راٺو اوسـيـڙي ۾ هوندم."

* * * *

موجود، گهوٽ جي سيني ويجهن مٽن مائٽن: ڪنوار جو منهن ڏٺو. هئو مئو ٿري. لاڏن: دهلن ۽ شـرنائين جو آواز بند ٿي چڪو هو. مڪمل سانت هئي. مهمان مڙا تڪ ۽ ننڊ سبب جتي جن ڪي جاءِ ملي هئي، سمهي پيا هئا. ڪونگهرن جا ٻرڙات پئي پيا. روشني بہ ٽڪل ٽڪل ۽ ساٺي ساٺي ٿي لڳي. ڪنوارر وٽ هينئـر گلڻ ماءُ سـميت باقي ڪي چوڪريون ٻاڪريون وڃي بچيـون هيـونِ. گلڻ ماءُ ڪنوار جو گهونگهٽ نيـڪ ڪندي، موجود چوڪرين ڪي چيـو تہ "هاڻ لڙ لاهيـو. نڪـرو هتان تہ گهـوٽ پنهنجي وني سنيـالي." نينگريون هڪ هڪ ٿي ٻاهر نڪـتيـون. گهوٽ سينگاربل سيج واري ۽ ڪوٺيءَ جي در تائين آيو. مائٽس وڏي قرب، اتساهہ ۽ ڀربور خوشيءَ منجهان ڪيس ڀاڪيءَ ۾ آٽيندي، ڪنوار جي لڳو لڳ وهاريو. "هان، ماءُ گـهـور وڃئي، سنيـال پنهنجي راٺي ڪي. مـان ٻاهر نڪـران تہ اندران ڪڙو چاڙهي ڇڏ، پر ترس"، ڪيس ڪجهہ ياد آيو، "مـان ڪيـر آٺي ڏيانءِ." هوءَ تڪڙي تڪڙي ٻاهر نڪـتي، سندس هلڻ جي چال ۾ جتي اپهرائي هئي، اتي تمندڙ خوشيءَ جو اظهـار بہ هو. ڪيـر جو جڳ ۽ گـلاس آٺي ڪوٺيءَ ۾ رکيائين ۽ گلڻ ڪي ڪن ۾ ڪجهہ سرٻات ڪرڻ ڪانپوءِ سندس نرڙ تي چمي ڏنائين ۽ ڪڙي تڙي آواز ۾ چيائين، "هاٺي در ڏئي ڇڏ."

ٻاهر نڪـري، در ٻيـڪـڙيندي، ڪيس اوچتـو ئي اوچتـو، اٿلڪي ۽ مڪمل خوشيءَ جو ڀربور احساس ٿيو. "ابا گلڻ، ڪڙو چاڙهي ڇڏ."

اندران ڪڙي چڙهڻ جو آواز ٻڌائين. ان آواز سندس دل تي گهڻو ۽

وزني اثر ڪيو ۽ اٿاهہ خوشيءَ ۾ ڪڏڪا ڏيڻ لڳي. دل جي تيز ڌڙڪ پاڻ چٽيءَ ريت محسوس ڪيائين. کيس لڳو تہ پاڻ صدين کان ڪو سپنو ڏسي رهي هئي، ڪا آس سانديندي پئي آئي، سا اڄ تڪميل جي چوٽيءَ تي پهتي هئي. ڪونيءَ واري در کي بيهر ڏٺائين ۽ ذهن جي اک سان ان ۾ اندر ليئو پاتائين. گلڻ جو جاننو جواني وارو مردانو وجود، سوپاري ۽ برتر حيثيت ذهن جي اک ۾ تڪ بڌي بيني. مساڳ لڳل چپن تي مرڪ ڦهلجي ويس- گهري ۽ اٿاهہ مرڪ جنهن ۾ من اندر ٿيندڙ جشن جو پڙاڏو هو.

هن ٻاهرُ نهاريو.جنهن پاسي مڙد سٿل هئا. لڳس، سڀ مرد ماڻهو سمهي پيا آهن- گلڻ بيءُ بہ.

هيءَ اُٿي ئي گهوٽ- ڪنوار واريءَ ڪونيءَ جا چائنٺ کان ٿورو پريرو، گلم تي ليٽي پيئي. اندر، من ئي من ۾ چوليون هڻندڙ خوشيءَ ۽ ساندڀل خواب جي تڪميل جي احساس، سندس ننڊ کي ڪوهين ڏور ڀڄائي ڇڏيو. ماٺجندڙ ڀرپور احساس جي لي واري وهڪ ۾، کيس ياد آيو جڏهن کيس ڀهريون ٻيٽ ٿيو هو، تڏهن ڏٺيءَ در ڪيڏو ٻاڏايو هئائين ۽ باسون باسيون هئائين تہ "شل نينگر هجي."

مڙسهنس ۽ سندس ڏير ياروءَ شرط هنئي هئي. پوءِ گلڻ جو جمر، سندس زندگيءَ جو ٻيو جنم تي آيو. گلڻ جي ٻت ۾ کيس، پنهنجي وجود جو اولڙو نظر ايندو هو.

اندران گلڻ جي کنگهڪار جو آواز آيو ۽ ڪت جو چيڪٽ. سندس ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو. اڻ چاتل اندرين خواهش ۽ تجسس وچان در ۾ نظرون کپجي ويس. وري سندس ذهن جي اک اندر ليئو پاتو: گلڻ جي جاننى جواني وارو مڙدانو وجود، سوپاري، مٿانهين ۽ برتر حيثيت. ڪنوار بيوس، مضبوط هانيءَ واري گلڻ جي ور چڙهيل- گلڻ، جو سندس وجود جو هڪ حصو ئي هو. کيس ائين ڏسندي هڪ قسم جي ڀرپور خوشيءَ، لي ۽ لذت جو مڪمل ۽ اونهو احساس پئي ٿيو، ۽ اهو احساس سندس لڳ لڳ ۽ انگ انگ ۾ اوتجي ٿي ويو، ۽ ان سان گڏ سندس گهليل مرڪ ۾ ڪا معنيٰ پرجي ٿي ويئي.

هوءَ انهيءَ مڪمل ۽ ڀرپور لي کي ماڻيندي، گهري ۽ اٿاهہ احساس مان لنگهي رهي هئي تہ اوچتو سندس ذهن ۾ سندس شاديءَ جي پهرين رات تري آئي: اڻ وڻندڙ. کيس ياد آيو. جڏهن هن سندس اوگهڙ سان هٿ چراند ڪئي هئي تہ کيس ڪيڏيءَ ذلت ۽ بي عزتيءَ ۽ بي وسيءَ جي احساس

هيٺ روحاني اذيت پهتي هئي. سوچيو هئائين، هوند زمين ڦاٽي ۽ ان ۾ دٻجي وڃان. ۽ ان ڪانپوءِ پهتل جسماني ايذاءُ، سندس روح کي فنا ڪري ڇڏيو هو.

هن وقت، ذهن تي تري ايندڙ ياد ۾، اهو احساس ۽ شادي جي پهرينءَ رات پهتل جسماني ۽ روحاني پيڙا واريءَ حقيقت جو ڪٿو بہ ڪونہ هو. رڳو لاشعوري وهڪ ۾ تري ايندڙ ياد جي حد تائين نلهي ياد سواءِ ڪنهن احساس جي. اُهو سوچيندي؛ سندس چپن تي هلڪي مرڪ ڦهلجي ويئي ۽ ان سان گڏ ذهن جي پردي تي، اندر، گلڻ سان گڏ پوريل ڪنوار جو جسم تري آيو- ائين، جيئن شاديءَ جي پهرينءَ رات سندس هو- بيوس ڦاٿل، روحاني ۽ جسماني اذيت ۾ ورتل. پر ڪنوار جي اذيت ۽ بي وسيءَ جو تصور ڪيس مزو ۽ تسڪين ڏيڻ لڳو- عجيب قسم جي تسڪين! گلڻ جو تصور جيڪو هوبهو ڪيس پنهنجي مڙس جي پهرينءَ رات وانگر سگهارو؛ مضبوط ۽ جارح نظر آيو، ان جي هر جارحيت ۾ ڪيس پنهنجي وجود جو پاڇو نظر آيو ۽ سندس دٻيل انا، غرور جي شڪل وٺي اسرڻ لڳي ۽ چوٽيءَ تي چڙهڻ لڳي.

سجاڳ ۽ چوٽيءَ تي چڙهيل انا هيٺ، غرور، تڪبر ۽ سوڀ جو احساس سندس سڄي وجود ۾ تيزيءَ سان ڊوڙي ويو. ۽ ڏنائين ڪنوار کي جيڪا گلڻ اڳيان بيوس هئي، ۽ ڏنائين گلڻ کي، ۽ پوءِ گلڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي......

گهري اطمينان، تسڪين ۽ سوڀ واريءَ برتريءَ جو احساس سندس رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳو.

صبح جو جڏهن هوءَ ڪم ڪار ڪاڻ هيڏانهن هوڏانهن هلي رهي هئي، تہ سندس هلڻ جي لوڏ ۽ انداز مان ماٺيل سوڀ جو چٽو احساس بکي رهيو هو.

نئين زندگي 1975ع

ڪاري

انجام پاڙڻ لاءِ: وقت ۾ واڄهہ وڌل، وقت ڄميل، رڙهي نٿو. ڳجها تڏا ساهہ. اتاولو من. اُماڙيون اندر ۾، پڇي راس ٿيندڙ آس. آسائتيون اکيون، ڏانوان ڏول ڪندڙ مانڌاڻ، اڻ- پورا جواب. ڳنل وراٽيون. منڌيل وقت رڙهي ئي نٿو.

جهومر تارا، اُڀ ۾ اکيون. اندر ۾ مانڌاڻ. چوڦير اوندهہ جون چوليون. لڏندڙ لمندڙ آسائتو من. ٻک ۾ ٻاهہ، پوءِ بہ اجهل وکن کي هونش جا ٻيڙا وڌل. متان: ٻوربل آس جهوٽي تي ڇٽي پوي.

اوندهہ جون چوليون. ٻڌل لوڪ. ٻر ٻر تڏڪار جي ورڪا ۾ دفن ٿيل. آسائتيون اکيون اُڀ ۾ ڪتل. اجهل وکون ٻيڙا ڇڏائيندڙ. اٽل آيل: چوڦير نگاهہ. ساهہ مٺ ۾. پوءِ بہ جوکو پيرن هينان لتاڙيندڙ وقت تي لانگ ورايل. اٽڪيل ساهہ. اجهل وکون. يار ڏانهن. رئي جو پٽڪو. مڙداني همٿ. وک وک ۾. اندر جي اُڌمي جي چير تي اجهل وکون. پير، پير ۾.

اوندهہ جو اٿاهہ سمنڊ جهاڳيندڙ. من جي اک سان هرگس چلڪندڙ. ڪئين پيرا لتاڙيل، تنهن ڪري ڄاتل سڃاتل. اجهل وکون ڏيري ۾، آس مروٽيل. اٻاٽڪو من. جو، ڪاريءَ وارا ڪک. اڄا بہ يار نہ آيو!

اوسيئڙي ۾ اکيون ڀنل. منڌل من. هتي، هن هنڌ ڪئين ڀيرا ماٺيل- وڄايل، وڄائي ماٺيل، ماٺي- وڄايل گهڙين جي سڳنڌ ۾ ٽٻيون. آڏڪو:

اڄا نہ آيو!
هورا- ڪورا ساهہ جي.
اوس ايندو.
آنٽ من کي.
مڃاڻ.
ڪٽڪو. ٻر شڪ جو ڳس نہ. انڌو ويساهہ. انڌي منّ وانگر.
اجهوڪي ٻوياڙيءَ جو پهر-
اوندهہ جي پاتال ۾ اوسيڙي ڀنل نيڻ آسائتا. اُڻ-تڻ. هورا ڪورا.
ڪڙ- ڪڙ. سڪل ڀن لتڙ آيل. اٿاهہ سرهائيءَ هيٺ، اوسيڙي جو عذاب گهٽيل.

انگل، ڪوڙو روسامو:
دير ڪيئي؟
اک لڳي وئي هئي.
منهنجي اک نہ لڳي. سومهڻيءَ ڪان وٺي پئي واجهايم.
پرچاءِ. ايلاز. منيون ايلازن جون. ميڙن منٿن ساڻ.
ٽونڪر: شابس ٿئي.
وري نہ ٿيندو،
انجام
ڏاڙهي
رهاڻ. اڻ- ڪٿ ڳالهيون.
پوريل آس ڇٽي پئي، مـتل، مـانداڻ ۾ اٿل. وير چندڊ کي ڇهڻ لاءِ تڙپڻ لڳي. ڌرتيءَ کي پوانٿي آئي.
ڇين جو اتڪاءُ:
اڄ تہ پڃايون
اڄ
ساهي ڪار ناهي
اتڪيل، ڇيون، جهاڪا ڪائيندڙ ساهہ. ڪيڻ جي پگهر جي بوءِ ۽ بيڙين پيتل ساهہ ۾ بولاتيون.
بس!
ساهي وٺان
وٺ نہ ڏيندي سِيانءِ
ادمبر وڇان ايام
وري سـاڳي ڪـار. هر لوچ سـپڻ جي بولاتي. هر بولاتي سـپڻ جو ڏنگ. هر ڏنگ اُبيڙيندڙ ساهہ. بولاتيءَ جي لوڏ حياتيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي اک- بوٽ. جهر- مر تارا. اوندهہ جي سـاگر ۾ ڇوليـون. ڇوليون ڍهندڙ- ٺـهندڙ. اڻ- ڪٿ سلسلو ڇولين جو. ڪـپ کي رسڻ لاءِ آتيــون. لانگ، لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. وقت بيـنل. ڌرتي بيـنل. ديرو بيـنل. سڀ ڪجهہ وڇايل. اوجهل. پاڻ بہ.
اُڌڙيل ساهہ پولار ۾ تيز ڪائيندڙ. وير چندڊ کي ڇهي واپس ورندڙ. ۽ پوءِ نـاپر. ڇوقير سانت. ساٺي ڌرتي. ساٺو ديرو. هلڪي ٿڌڙي هير، ساٺن لڱن کي ڪتڪتائي ڪندڙ. اُڌڙيل ساهن کي سنوارِيندڙ.

ڪا مهل ائين-
موڪلايون
وري انجام
سيان هن ويل؟
نہ-.
پرهينءَ
روز روز نہ ڪڙڪ نہ پوي
هتي؟
پلي
نہ- ڪينچيءَ واري پل تي
پر
چنچلتا:
چرءُ اک نہ لڳي وڃئي
دبيل تهڏ ياڪر. سائيون منيون ننداڪڙيون.
موڪلائي:

وِڪ، وڪ ۾، دهڪو دل جو. جوڪو پيرن هينان لتاڙيل، پر وقت جي لانگ ورايل. ادڪي ساڻ: ڪا مهل نہ، ڪنهن جهڙي. هوشائتيون وڪون، تن ۾ بيڙا وڏل. سجاڳ من جا سانتيڪا چوڪس حواس. وڪ، وڪ ۾ نہ وچڙي.

سپ سڪ.

پوءِ: ماٿيل گهڙين جي اولڙن تي اڏيل، سامائيل سپنا.

بور جهلينڊڙ. جهوتن لاءِ آسائتا چٽجڻ لاءِ.

وقت ۾ واجهہ وڏل. وقت جميل. رڙهي نٿو. ڳجها ٿڌا ساهہ. اُتاولو من، اُماڙيون اندر ۾. پڇي راس ٿيندڙ آس. آسائتيون اکيون، ڊانوان ڊول ڪندڙ مانڌاڻ.....

منديل مئو وقت رڙهي ئي نٿو!

جهرمر تارا. اپ ۾ اکيون. اندر ۾ مانڌاڻ. چؤڦير اوندهہ جون چوليون. لڏندڙ لمندڙ آسائتو من. بک ۾ پاهہ. پوءِ بہ اجهل وڪن کي هونش جا بيڙا وڏل. متاڻ: آس جهوتي تي چڙهي پوي.

اوندهہ جون چوليون. بڌل لوڪ. برابر تذڪار جي ورڪا ۾، دفن ٿيل. آسائتيون اکيون اپ ۾ ڪتل. اجهل وڪون بيڙا چڏائيندڙ. اٿل آيل: چوڦير

نگاهہ مٿ ۾ ساهہ. پوءِ بہ جوکو پيرن هيٺان لتاڙجندڙ. وقت تي لانگ ورايل. وقت پيرن هيٺان اٽڪيل ساهہ. اجهل وکون، يار ڏانهن. رئي جو پٽڪو. مڙداني همٿ. وک، وک ۾، اندر جي اڏمي جي ڇير تي اجهل وکون. پير، پير ۾.

اوندهہ جو اُٿاهہ سمنڊ جهاڳندڙ. من جي اک ٿان هرگس چاڪندڙ. ڪيئن پيرا لتاڙيل، تنهن ڪري ڇاتل سڃاتل.......

يار اڳ، اوسيڙو ڪندڙ.

اوتجي آيل پوڳ جو خيال من ۾:

مڙدانو آواز ناهي:

'متان ويو آهين.'

سراپيل همراهہ. ٿبيءَ ۾ پيل. پوءِ، امالڪ ياچ.

ڏبيل ٺهڪڙن جي ڦوهار ٻانهن ڪان جهلي، ياڪر ۾ پڪڙ.

'گيدي آهين.'

'ٻلي. تون هئين.'

'ڪيڏانهن پئي ٻڳين؟'

'مون سمجهيو-'

'تو سمجهيو اجهو ڏٽي اچي پڳا.'

'نہ، تڏهن بہ هوشيار تہ رهجي.'

ڏاهپ جا ٻول!

'ڏچين تو؟'

'نہ جاني، تڏهن بہ ڪتڪو تہ-'

ٿبيءَ ۾ پيل!

'جي اهڙي مهل اچي-'

اونهي کوهہ مان جهيٽو آواز.

'سر لڳي.'

'پڪو انجام.'

'مڙساٽي ڏاڙهي.'

'ٻني نہ ڏيندين؟'

'اهو لعنتي ٿئي.'

وريل ويساهہ. اڻ- مئي خوشيءَ ۾ اوتيل. پاٻوهہ جا گل پڪڙيل ڳلن تي. ڳچيءَ ۾ ٻانهن جو هار. چمين جي ورڪا.

آڊمبر ۾ پريل، لوچ ڪائيندڙ آواز:
’جاني-‘
ڇين جو اٽڪاءُ. ٻوريل آس ڇٽيل. منٺل مانڊاڻ ۾ اٿل. وير چنڊ ڪي
ڇهڻ لاءِ تڙپ. ڌرتيءَ ڪي پوانٽي.
اٽڪيل ڇيون. جهاڪا ڪائيندڙ ساهہ. ڪچن جي پگهر جي ٻوءِ ۽
پيڙين پيتل ساهہ ۾ ٻولاٽيون.
وٺ نہ ڏيندي ماڻ.......
آڊمبر اپار.
هر لوچ سيڻ جي ٻولاٽي. هر ٻولاٽي سيڻ جو ڏنگ، هر تنگ،
اُڍيڙيندڙ ساهہ. ٻولاٽيءَ جي هر لوڏ، حياتيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي
اک- ٻوٽ. جهر مر تارا. اوندهہ جي ساگر ۾ ڇوليون. ڌهندڙ- نهندڙ اڻ-
ڪٽ سلسلو ڇولين جو. ڪپ ڪي رسڻ لاءِ آتيون. آتيون ڇوليون. لانگ
لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. ٻينل وقت پيرن هينان ڇيپاٽيل. ڌرتي ٻينل.
سيڪجهہ وڃايل. اوجهل. پاڻ ٻہ، پاڻ ڪان-
اُڌڙيل ساهہ پولار ۾ تيز ڪائيندڙ. ويرون چنڊ ڪي ڇهي واپس ورندڙ
ٽڪل، ساٿيون، جو زور سان ڪريل، ۽ پوءِ ناپر. سانت. ساٿي ڌرتي. ساٺو
واهہ. هلڪي ٿڌڙي هير ساٿن لڱن کي ڪتڪتائي ڪندڙ. اُڌڙيل ساهن ڪي
سنواريندڙ. ماٺيل گهڙين جي ڇولين جي هندوري ۾ ٿڦڪيون ڪائيندڙ لڳ.
ڪنهن سمي امالڪ ڪن وڃيا.
ڌت هٽي پيل. جهليل ساهہ وس ۾ ڪيل.
جائي ٻہ، ٻہ پاڇولا اڳتي وڌندڙ.
سرٻات ۾: پيو هج. نہ اٿجاڻ.
ڪيڪار تي:
’متان ويا آهيو.‘
اوندهہ جي ماني سمنڊ ۾ پينڊ پئي.
’مڙس ٿجاڻ.‘
هوڪار:
’متان-‘
مڙس ٽپ ڏئي اٿيل. گولي
’وڃئي تو جهل ڪجاڻ:‘
هيٺئين ۾ چگهہ، اکين آڏو اوندهہ. اکين جي هيريل روشني اندي

ٿيل.

هڪ پاڇو پڇندڙ.

يار جي ياچ جي وڪ، گهوباٽو. هنياءَ تي ٿهڪو ٿي لڳندڙ.

ڪوماٽيل ذهن. ڪوماٽيل حواس. سر تي آئي، منهن ڏبو.

ڪوماٽيل ذهن ۾ سوچ جو ترورو. پاڻ سنيااليل:

’حيف ٿس.‘

’نہ وئي آهين رن.‘

پولار ۾ ٻولاٽيون ڪائيندڙ آواز ڪي سڃاڻڻ لاءِ:

ادو؟

امالڪ چوٽيءَ ۾ هٿ. ست: ڪريل رن. ڪٿي، ڪيڏانهن پڳئي يار؟

اوسان خطا. ڪجي جهڙي پٽ.

يار جو لفظ ٻت ٻٽيل لڳن تي چندو ٿي لڳل. تٺل، ٻڙڪا ڏيندڙ پاٽيءَ جو چندو روح ۾ قلڪٽو ٿيل.

’آ- اچي تو-‘

چمڪات، وڄ ڪريل، ڪنڌ لڙيل. ڏڪ مٿان ڏڪ. ٻت ڌرتيءَ تي زبڪو ڪري ڪريل. گڙڪايل ڪيڪرات، رات جي اونداهين سانتيڪي سمنڊ جي پيٽ اندر.

۽ پوءِ ساڳي سانت.

ٻئي ڏينهن، سڄ ايرئي راڄ ڏٺل: واهہ ۾ لڙندڙ لاش سڃاڻپ وڃايل. چيائون ’ڪاري.‘

۽ پوءِ سڀ پنهنجي پنهنجي ڪرت سان لڳل.

- مهراڻ 1977ع

پهرين انام ڪهاڻي

اڄوڪي صبح واري اخبار جي اهم خبرن منجهان هڪ خبر:
پنهنجي ڏيءُ کي مارينداڙ، شهر جو برک ۽ جهونو وڪيل گل محمد، جنهن تي پرهينءَ ڪورٽ ۾ پنهنجي ڌيءَ کي مارڻ جي ڏوهه هيٺ ڪيس هلندڙ هو، سو رات پوليس جي پهري هيٺ وارڊ ۾ مئل لڌو ويو!"

هن ڪيس جي اهم خاصيت هيءَ هئي ته: نه رڳو وڪيل صاحب جي ڊاڪٽر، سندس زال، جيڪا به هڪ پڙهيل ڳڙهيل عورت آهي ۽ سندس وڏي پٽ، جيڪو به چڱي خاصي عهدي تي آهي، جي بيانن منجهان، پر مرحوم جي همٿ واري ميتا منجهان پڌرو هو ته شهر جي ڏاهي وڪيل پنهنجي ڌيءَ کي ڄاڻي واڻي ۽ سٽيل رٿا پٽاندر ماريو هو.

مرحوم جيءَ زال ٻڌايو:

"منهنجي هڪ ئي نينگري، جنهن کي منهنجي مڙس سعيو ڪري ماريو، سا ننڍپڻ کان وٺي ئي چري هئي. اسان سندس علاج ڪرائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. نيڪ ٺي ويندي هئي، وري ساڳي حالت. ملڪ جي وڏين وڏين اسپتالن ۾ ۽ ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ کان پوءِ به، جڏهن سندس صحت مڪمل طور نه سڌري ته پوءِ اسان ڪيس آمريڪا نيئي وياسين. اتي سندس علاج تي هزارين روپيا خرچ آيو. پر، خير سندس حالت ڪافي سڌري. اتي ٻن- ٽن مهينن دوران چريائپ جو مٿس ڪوبه شديد دورو ڪونه پيو. جيئن ته رڙيون ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، پنهنجي سر منهن ڪري لوهه پائي پڄڻ، يا وڙهڻ وغيره. البت چپ چپ ۽ موڳي موڳي رهندي هئي. ماهر ڊاڪٽرن ٻڌايو ته آهستي آهستي نارمل ٿي ويندي. اسين ڪيس واپس وٺي آياسين ۽ دوائن جو ڪورس ڪيس باقائدي ڪارائيندا رهياسين. هتي به مهيني ڏيڍ تائين ساڳي حالت ۾ رهي. چپ چپ ۽ موڳي موڳي. ڳالهائيندي هئي ته موڳائپ سان ۽ ڄڻ سوچيندي سوچيندي ياد ڪندي ڪندي........

"خير، اسان کي ويساهه هو ته اسان جي اڪيلي ۽ پياري نينگري ٿورڙي ئي وقت ۾ نارمل ٿي ويندي. وڪيل صاحب وٽ به جونيئر وڪيل ها، جي وٽس سکندا ها. انهن منجهان هڪ سلڇڻو ۽ شڪل شبيهه جو ناهوڪو جوان هو. وڪيل صاحب جو مٿس ڏاڍو راز هو. غريب هو، پر ڏاڍو مخلص ۽ ايماندار هو. وڪيل صاحب خيال ڪيو ته ڇوڪري به هاڻي نيڪ

ٿيندي پئي وڃي، سو سندس شادي انهيءَ نوجوان، پنهنجي جونيئر وڪيل سان ڪرڻ لاءِ سوچيائين. مون سان صلاح ڪيائين. جو مرحوم سدائين منهنجي ڳالهه کي رکندو هو. سندس نظريو هو تہ زال زندگيءَ جي ساٿڻ آهي، دوست آهي، دوستن جا باهمي لاڳاپا سدائين هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي هوندا آهن، نہ عام رواجي زال- مڙس جي لاڳاپن وانگر، جن ۾ زالن مٿان مردن کي برتري هوندي آهي. هو انهن مذهبي تصورن تي ننوليون ڪندو هو، جن ۾ مردن کي مجازي خدا ڪوني، عورت تي لازم ٺهرايو ويو آهي تہ انهن جو هر طريقي سان خيال رکن ۽ نالي ماتر عورتن جي حقن جو ذڪر ڪري، عورتن لاءِ مردن جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ فرض ٺهرايو ويو آهي. الا ڪيڏو نہ عظيم انسان هو پاڻ!

”خير، مون کي بہ سندس اهو خيال وڻيو. چوڪرو مون کي پسند هو، چوڪري ۽ سندس مائٽن بہ ها ڪئي. سچ پچ اسان کي هڪ نئين حياتي ملي. وڏي ڳالهہ تہ اسان، پنهنجي منڙيءَ لاڏليءَ سان بہ ذڪر ڪيو، هن بہ انڪار نہ ڪيو. بس! مان ڇا ٻڌايان..... خوشيون ئي خوشيون هيون.

۽ پوءِ اوچتو، هڪ رات........

”مان سمجهان ٿي تہ ان ويل رات جا ادائي ڪن ٿيا هوندا تہ اوچتو منهنجي راڻي (مان ڪيس پيار مان سڏيندي هيس) دانهن ڪري اٿي. ۽ پوءِ، انهيءَ وقت کان پوءِ وري ساڳي حالت! هتي ڊاڪٽرن کي ڊيڪاريوسين- پر وقتي آرام، پوءِ ساڳي حالت. وڪيل صاحب بنهہ نااميد ٿي پيو. بس، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ چوٿين- پنجين ڏينهن ڪيس ڪورٽ ۾ ڪيس هلائيندي دل جو دورو پيو. خدا خدا ڪري پاڻ بچيو.

”منهنجو خيال هو تہ، نوجوان جونيئر وڪيل سان جنهن سان ڳالهہ ٽيل هئي، راڻيءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيون. من شاديءَ کان پوءِ چڱي ٿئي. پر انهيءَ جي ابتڙ وڪيل صاحب جو خيال هو تہ، اهو وڏو انساني ڏوهہ ٿيندو. چوڪري جي حياتي تباهہ ٿيندي. ۽ اسانکي اهڙو ظلم ۽ ناانصافي ڪرڻ نہ گهرجي، جو پنهنجي زندگيءَ جو عذاب، جيڪو اسان کي هڪ ڇٽيندڙن جي حيثيت سان مليو آهي، اهو هڪ معصوم ۽ اڻ لاڳاپيل انسان جي مٿان مڙهي ڇڏيون. اها سراسر بي انصافي ۽ مهاپاپ ٿيندو. مون کي سندس هن دليل، راڻيءَ جي شاديءَ ڪرائڻ کان باز رکيو تہ: ماءُ ۽ پيءُ جي حيثيت سان ۽ هڪ ئي ڌيءُ هجڻ جي ڪري پاڳلپڻي جي ڪارڻ پيدا ٿيندڙ

ڏکيائون ۽ تڪليفون جهڙي ريت اسين رضا خوشيءَ سان برداشت ڪري وجون ٿا. ممڪن آهي ته، شاديءَ کان پوءِ به سندس نيڪ نه ٿيڻ جي حالت ۾، هڪ مڙس جي حيثيت سان هو اهي برداشت نه ڪري سگهي ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن بيزار ٿي اهڙو قدم کڻي، جو هن کي ڪنهن قسم جو سخت هاجو رسي. ۽ پوءِ مون چتيءَ ريت محسوس ڪيو ته والدين جي حيثيت سان اسين جهڙي ريت راڻيءَ جي پرگهور ڪري سگهون ٿا، نوجوان وڪيل، مڙس جي حيثيت سان نه ڪندو. انهيءَ کان سواءِ هيءُ به گهٽي حد تائين امڪان هو ته چوڪرو انڪار ڪري. خير منهنجي راڻيءَ جي حالت نه سڌري، سا نه سڌري، ته انهيءَ وچ ۾ وڪيل صاحب کي ٻيو دل جو دورو پيو. اجا انهيءَ منجهان ئي چڱو ڀلو ٿي مس اٿيو ته وري ٽيون دورو پيس!

اها شام اجا به مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي. وڪيل صاحب ڳالهيون ئي اهڙيون اڻرج جهڙيون، چرڪائيندڙ ويساهه ۾ نه ايندڙ ڪيون هيون، جن لاءِ مان ڪڏهن سوچي به نه ٿي سگهيس! ۽ اها شام، اڄ به مون کي چتيءَ ريت ياد آهي.

سرءُ جا ڏينهن هجن ۽ سرءُ جي اداس اداس، اپاڪي شام. اسين شام جي چانهه تي وراندي ۾ ويٺا هئاسين. مان، وڪيل صاحب ۽ نوجوان زال سميت منهنجو وڏو نينگر حفيظ. جيڪو ميونسپالٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر آهي ۽ اسان کان ڌار، پنهنجي سيبتي زال سان، ميونسپالٽيءَ طرفان مليل بنگلي ۾ رهندو آهي. حفيظ روزانو پنهنجي زال سميت شام جي چانهه اسان وٽ پيئڻ ايندو آهي. چانهه پيئڻ کان پوءِ ۽ ڪجهه وقت هتان هتان جون ڳالهيون ڪري ڪجهه وقت وهڻ کان پوءِ، نوجوان جوڙو اٿي هليو ويو.

”مون کي هتي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ وسري وئي ته: جڏهن به اسان جي نينگريءَ تي چريائپ جو دورو پوندو هو جنهن ۾ هوءَ وڙهندي، ڏاڍيان ڳالهائيندي يا شيون وغيره. ڀجڻ لڳندي هئي، ته پوءِ انهيءَ حالت ۾ اسين کيس هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئاسين. ۽ کيس مانيءَ يا چانهه ۾ پاڻ سان شريڪ نه ڪندا هئاسين. ۽ مان کيس سندس ڪمري ۾، نويڪلائيءَ ۾ کيس کارائڻ ۽ پيارڻ جي ڪوشش ڪندي هيس.“

”نوجوان جوڙي جي اٿي وڃڻ کان پوءِ اسين به وڃي رهياسين. پوڙها ۽ ڏکن جا ماريل. پاڻ تازو اجا دل جي دوري جي حملي کان پوءِ نيڪ ٿي اٿيو هو، پر ڪافي هيٺو ٿي لڳو. نوجوان جوڙي جي اٿي وڃڻ کان پوءِ ڪا مهل اسين ٻئي خاموش هئاسين. اداس ۽ وياڪل. ڄڻ ته حياتيءَ جي

ڏکن ڏاڪٽرن واري بار کي رضا خوشيءَ سان کڻڻ ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏک ۽ شڪايت ظاهر نہ ڪرڻ جو اسان اڻ لکيل ناهہ ڪيو هجي. پر ڪنهن ڪنهن مهل بار کڻڻ جو سٽ نہ ساري، پنهنجي هن ڪمزوريءَ جو اظهار خاموشيءَ سان ڪندا هجون. جو ناهہ موجب اسانکي ڪچٽو ڪونہ هو. ڳهٽ ۾ ڳهٽ مونکي ائين لڳندو هو. ۽ هيءَ خاموشي بہ مونکي ائين پئي لڳي. خاموشي: بار هيٺ ڪنجهڻ ڪرڪڻ سان پريل.

اوچتو چيائين:

’آڳاتي يونان جي تاريخ ۾ اسپارٽين جي باري ۾ پڙهيو اٿئي؟‘

وراڻيم: ها. هن جي حياتيءَ جو متو هوندو هو: ’وڙهو ۽ سوپ حاصل ڪيو‘ جن جي ڪارڻ اڄ ’اسپارٽين‘، جرئت ۽ بهادريءَ، سگهہ ۽ سورهيائيءَ، سادگيءَ ۽ سڌي سنواتي هجڻ، فوجي ۽ سنت ئي فيصلي ڪرڻ واري خاصيت کي علامت طور ورتو وڃي ٿو. ۽ هنن، ڪنهن پيري ۾ ري يونان تي شان ۽ دٻدٻي سان حڪومت بہ ڪئي هئي....‘

چيائين: ’نہ- منهنجي خيال جو مقصد تاريخ جي نصابي ڄاڻ حاصل ڪرڻ نہ آهي.‘

پوءِ نوڪرياڻيءَ هٿان سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ ماچيس گهرايائين. مون کيس سخت منع ڪئي هئي. منهنجي جهلڻ تي کلي وراڻيائين. ’زنده رهجي تہ ڪنهن بہ پيڙا پوڳڻ کان سواءِ، سڪون ۽ اطمينان سان. چاڪاڻ تہ زندگيءَ جو جو هر سڪون ۽ اطمينان ۾ آهي، پوءِ پل اها ڪيتري ئي مختصر زندگي چونہ هجي. هينئر منهنجي ذهني سڪون لاءِ سگريٽ تمام ضروري آهي. انهيءَ ڪري هن وقت سگريٽن کان جهل معنيٰ تہ سڪون کان جهل آهي.‘

اهو سڀ ڪجهہ انتهائي ۽ سنجيدگيءَ سان چيائين جيڪو مونکي سندس طبعتي ۽ ڳالهائڻ جي عام رواجي ڍنگ کان نرالو ۽ ابتڙ لڳو. خير، مون سوچيو تہ ممڪن آهي تہ بيماريءَ جي ڪري ائين هجي، سياويڪ آهي. سو مون کلندي چيومانس، دل جي بيماريءَ توکي وڪيل مان فلاسفر ٺاهي ڇڏيو آهي.‘

ساڳي سنجيدگيءَ (جيڪا پڻ مون کي غير رواجي لڳي) سان چيائين: ’هر لوچ، سوچ کي جنم ڏيندي آهي. مان انتهائي سنجيدگيءَ سان هڪ سنجيدي مسئلي جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. توکي هيءَ تہ ڄاڻ هوندي تہ اسپارٽين پنهنجن ڪمزور، نبل ۽ روڳي ٻارن کي جيلن ۾ ڦٽو

ڪري ڇڏيندا هئا. تنهنجو ڇا خيال آهي؟'

وراٿيم: 'اهو سراسر ظلم هو، ڪيس هو.'

چيائين 'تي سگهي ٿو. پر انهيءَ ۾ هن لڪل سچائيءَ کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي تہ اهي نبل ۽ روڳي انسان، جيڪي اڳتي هلي، وڏا ٿي، زندگيءَ تي بار بڻجن، يا زندگي مٿن عذاب بڻجي، تنهن کان بهتر آهي ۽ سندن بہ انهيءَ ۾ ڀلائي آهي تہ انهن کي اسرڻ کان اڳ ئي ناس ڪيو وڃي. تون هن ڪــان انڪــار ڪري نٿي سگهين تہ: زنده رهڻ، بذات خود ڪنهن معنيٰ کان خالي ٿي نٿو سگهي. هر زنده وجود جون سرگرميون ۽ موجودگي ڪو ڪارج، ڪو مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکن ٿيون. خاص ڪري انسان جي لاڳاپي سان هيءَ چئي سگهجي ٿو تہ انسان جو وجود، نلهو خالي نلهو جيئڻ تائين محدود ناهي، پر مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکي ٿو.........

"۽ چيائين: 'Struggle for existence' ۾ سرتو وجود ئي جيئرو رهي سگهي ٿو، منهن ڏيئي سگهي ٿو، زندگيءَ کي پنهنجن مقصدن پٽاندر بدلائي سگهي ٿو. جيڪو جيو. هن چتاپيتيءَ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي صلاحيت تہ ٺهيو، پرپنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي صلاحيت بہ نٿو رکي ۽ پنهنجي نبل ۽ روڳي وجود ڪارڻ ٻين تي ۽ پاڻ تي بار بڻيل آهي، انهيءَ کي ختم ٿيڻ ئي گهرجي. ها ختم ٿيڻ ئي گهرجي.....'

"جيتوڻيڪ مونکي اوچتو ئي اوچتو هلڪو احساس ٿيو تہ پاڻ ڪهڙي ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي اها اپٽار ڪري رهيو آهي ۽ سچ پچ مون کي سندس ويچار انتهائي ڀوائتا ۽ خوفائتا لڳا. خير، ان هوندي بہ مون ڪائنس پڇيو تہ: 'هن سموري ذڪر منجهان نيٺ اوهان جو مقصد ڪهڙو آهي؟'

"مرڪيائين. ۽ منهنجي منهن ۾ گهوري ڏٺائين: زوريءَ مرڙهيل، ڦڪي ۽ معنيٰ ڀريل مرڪ. 'مان جيڪو چوڻ چاهيان ٿو، ڇا تون واقعي نہ سمجهي سگهي آهين؟ يا سمجهندي بہ، اهو سڀ ڪجهہ تون منهنجي زبان مان اڪلائڻ چاهين ٿي؟'

"وراٿيم: 'مونکي ٿوري اندازي تي ڪڙڪ پئي آهي. ممڪن هجي تہ منهنجو اندازو غلط هجي. تہ بهتر آهي تہ تون صاف لفظن ۾ مقصد بيان ڪري ڇڏين.'

"چيائين: 'منهنجو سڌو سنئون مقصد ماهتاب (منهنجي ڌيءَ جو اصل نالو) ڏانهن آهي...؛...'

"مان سواءِ ڪجهہ جي سنڌس منهن ۾ ڏسڻ لڳس،'

”پاڻ چوندو رهيو: ڏس نہ، هينئر جڏهن پاڻ جيئري اهي، تہ سندس حالت مئلن کان بہ ويل آهي. هوءَ نہ مئلن ۾ آهي، نہ جيئرن ۾. مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اهڙي ريت کيس زنده رکڻ جو نيٺ مقصد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟“

”ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو چپ ٿي ويو. مان بہ چپ هيس. مون کي سندس سوچ جي انداز تي سخت افسوس ٿي رهيو هو. منطقي طور ڪٿي پاڻ صحيح بہ هجي، پر مون کي انهيءَ منجهان خود غرضيءَ جي بوءِ اچي رهي هئي. مان خود غرضيءَ جي پس منظر ۾ سندس ويچارن تي افسوس ۽ ڏک وچان سوچي رهي هيس تہ، اوچتو چانيل خاموشيءَ ۾ سندس ڪنبندڙ ۽ ڏک ۾ پريل آواز ٻڌم:

”شايد تون سوچيندي هجين تہ، مان ڪائنس بيزار ٿي ويو آهيان. يا منهنجو پدرانہ امنگ مروتجي ويو آهي ۽ سندس لاءِ منهنجو پيار ختم ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري مون ههڙي قسم جي جواز ۾ پناهہ ورتي آهي.

”زليخا! تون سوچي بہ نٿي سگهين تہ گذريل ٿي ڏينهن مون ڪهڙي ذهني پيڙا ۾ لچندي پچندي گذاريا آهن. اوهہ! تون تصور بہ ڪري نٿي سگهين. ٻڌ! مان دل جو مريض آهيان ۽ تون خود Neurosis جي Patient آهين. (اسان ٻنهي جون بيماريون حالتن جو نتيجو آهن) منهنجي ڪنهن بہ وقت هارٽ فيل ٿي سگهي ٿي. منهنجي مرڻ کان پوءِ تنهنجي ۽ ماهتاب جي حالت ڪهڙي..... نہ پڇ تہ سندس انهن حالتن جو ڪيڏو ڀوائتوتصور آهي. توکي هيءُ واقعو شايد اجا نہ وسريو هجي. ڪجهہ ڏينهن اڳ، جيڪا پنهنجي پاڙي ۾ ندڪٽي چري آهي، انهيءَ سان چئن چٽن بدفعلي ڪئي، ها اهي چار چٽا جيڪي سياڻا هئا، رات جي سناٽي ۾ انهيءَ چريءَ جون هنيانءُ ۾ چهڪ وجهندڙ ڪيهون، شايد اجا تنهنجي لاشعور ۾ هجن. مون کي ٻڌاءِ تہ جيڪڏهن اهڙي حالت پيدا ٿئي، تہ پوءِ ماهتاب جي محفوظ ۽ سلامتيءَ واري زندگيءَ جي ضمانت ڪير ڏئي سگهي ٿو؟ رياست: جيڪا عام رواجي انسانن جو تحفظ ڪرڻ ۽ سلامتيءَ وارو ماحول مهيا ڪري ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي. ندڪٽين جي نگراني لاءِ سماج سڌار تنظيمون: جيڪي سڌاري، فلاح ۽ بهبود جي نالي ۾ چڪلا ۽ بيگار ڪئمپون کولي ويٺيون آهن.

’ها، منهنجي مرڻ کان پوءِ اوهان جو ۽ (خدانخواستہ) تنهنجي موت کان پوءِ ماهتاب جو روايتي اصول موجب بار حفيظ (منهنجي پٽ جو نالو)

تي اچي ٿو، روايت پٺاندر هو ان بار کي ڪٽندو. ممڪن اهي پهرين اخلاقي فرض سمجهي ڪٽي، پوءِ ڪٽڻ تي مجبور ٿئي، مجبور تي بيزار ٿئي ۽ اڳتي هلي هن بي مقصد ۽ اڻ- ڪارج زندگين جو بار ديوئي ديوئي ٿڪجي چڪنا چور ٿي پوي، سندس زندگي زهر بڻجي وڃي. نيٺ هيءُ ڪٿان جو انصاف آهي، ڪٿان جو اخلاقي فرض آهي، ڪٿان جو اصول آهي، جو بيڪار ۽ بي مقصد زندگين، جن جو سماج جي ڪنهن به اداري ۾ ڪارج ڪونه آهي، نه رڳو اهو پر سندن زندگي، خود مٿن بارِ بڻيل آهي، اهو ٻين تي مڙهي، انهن کي زندگيءَ جي نعمتن کان محروم رکيو وڃي! انهن جي حياتي وهه ڪئي وڃي.

’زليخا، مان توکان ٿو پڇان: فرض ڪر ته مان دل جي حملي سبب اوچتو اڄ يا سڀان مري ٿو وڃان، (جيڪو منهنجي خيال ۾ ناممڪن ناهي). منهنجي مرڻ کان پوءِ، ڪجهه عرصو تون ماهتاب جي پرگهور جو فرض يا مقصد پاڻ تي مڙهين. جيئري رهڻ لاءِ توکي نه ڪارڻ آهي، نه زندگيءَ لاءِ ڪو موهه. ها، تون مونکي ٻڌاءِ ته محض هڪ چريءَ ۽ بيڪار ذيءُ کي، زنده رکڻ لاءِ، زنده رهڻ ۾ ڪهڙي ڏاهپ آهي! زليخا، مونکي ٻڌاءِ‘.......

هو سوال جي نشاني بڻجي مون ڏانهن ڏسي رهيو هو. مون ڪيس ڪابه ورندي ڪانه ڏني. منهنجي سوچ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي هئي. مان عجيب قسم جي بي حسي محسوس ڪري رهي هيس ۽ ڪابه ورندي ڏيڻ بجاءِ مون خود سوال بڻجي سندس منهن ۾ ڏٺو. هو ان مهل سگريٽ پي رهيو هو. سگريٽ جهڪڻ ۽ آڱرين جي اعصابي لرزش منجهان مونکي اندازو ٿيو ته پاڻ به بيچيني جي ڪيفيت مان گذري رهيو آهي. مون کي گهُٽ ۽ ٻوسات محسوس ٿيڻ لڳو. مان اتان اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هلي آيس. مون سندس ويچارن تي شعوري طور ۽ سسٽم موجب سوچڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهه نٿي سمجهه ۾ آيم ۽ نه ئي ڪجهه سمجهيو ٿي. اها سڄي رات بي چينيءَ ۽ پوائنتن ويچارن ۾گذاري.مونکي ماهتاب تي ڏاڍو پيار اچي رهيو هو. هوءَ خاموش موڳي ۽ پُر سڪون هئي. مون ڪيس ماني کارائي، ڏاڍو پيار ڪيو ۽ ڳراٽڙيون پائي رنو.

”اها رات سندس به دل جي تڪليف ۾ گذري. جيڪا ڄاڻ مونکي ٻئي ڏينهن جي صبح تي پئي ته سندس دل ۾ سور جون سٽون اڀريون هيون. پر هن مون کي نه ٻڌايو. خير، ٻيو ڏينهن اداس ۽ خاموش گذريو، ائين ڄڻ ڪوئي مري ويو هجي. البت منهنجي جهلڻ جي باوجود هو، ڊاڪٽر سان

ملڻ جي بهاني ٻاهر نڪري ويو ۽ ڪلاڪ کن کان پوءِ گهر واپس ايو.

ٽئين ڏينهن صبح جو جيئن مان ماهتاب کي نيرن جي ماني ڪارائڻ لاءِ سندس ڪمري ڏانهن وڃي رهي هيس ۽ ان مهل ٻاڻ ورانڊي ۾ آرام ڪرسيءَ تي ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل ويٺو هو. چيائين: 'بس، ماهتاب کي نيرن جي ضرورت ڪانه آهي".

منهنجو هنياءُ ٻڏي ويو. "ڇو؟"

"هوءَ ختم ٿي چڪي آهي." هن بظاهر ته اطمينان ۽ سڪون سان ڇوڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس اندر ۾ جو ڪجهه وهي رهيو هو، اهو ڪائنس لڪي نه سگهيو. سندس آواز بدليل هو ۽ ڪنبٽيءَ گاڏڙ: "دفن ڪان پوءِ مان ٿاڻي تي وڃي اعتراف ڪندس.........".

"مون ڏانهن نهارڻ ڪان سواءِ ئي هو اٿيو ۽ اندر ڪمري ۾ هليو ويو.

"منهنجا هوش حواس بلڪل خطا ٿي چڪا هئا." مرحوم جي پٽ ٻڌايو:

"منهنجي شاديءَ ڪان پوءِ ٻابي سائينءَ خود ئي مونکي ڌار رهڻ لاءِ صلاح ڏني، چيائين: 'هي دور گڏيل گهراڻن جي شڪل ۾ رهڻ جو دور ناهي. وڌيل شعور ۽ انفراديت جي شديد احساس جي گهرج آهي ته، هر ڪنهن کي، ڪنهن به وڏي جي بالادستيءَ ڪان سواءِ آزاديءَ سان اپڙڻ ۽ اسرڻ، اڳتي وڌڻ ۽ ڦهلجڻ جو موقعو ۽ آزادي ڏني وڃي. تون هاڻي پنهنجي پيرن تي بيٺل آهين ۽ سماج ۾ اسان ڪان الڳ، جن توکي جٽيو آهي، هڪ خودمختيار يونٽ جي حيثيت رکين ٿو. پٽ هينئر تون پنهنجي زندگيءَ جو پاڻ ذميدار آهين.... دراصل مان به انهيءَ خيال جو هوس ته مائٽن ڪان الڳ رهان ۽ مان الڳ رهڻ لڳس.

هن واقعي ڪان هڪ ڏينهن اڳ يارهين وڳي ڌاري پاڻ معمول جي ابتڙ منهنجي آفيس ۾ آيو. ظاهر آهي ته ڪيس اوچتو ڏسي مون کي ڪجهه ڪٽڪو ٿيو. پر سندس ورتاءُ مان ڪنهن به قسم جي ڳڻتيءَ واري ڪا ڳالهه پڌري ڪانه ٿي. چيائين،

"ڊاڪٽر سان ملڻ ويو هوس سوچيم اڄ تو وٽان به هڪ رائونڊ هڻي وڃان پوءِ هتان هتان جون ڳالهيون، ڳالهين دوران هڪ ڀيري چيائين، پٽ، دل جو مريض آهيان، بنا اطلاع ڪيڏي مهل به هن دنيا کي ڇڏي سگهان ٿو. پر جنهن ڳڻتيءَ ڳاريو آهي، سا آهي ماهتاب جي مستقبل

جي........"

"مون سندس انهيءَ ڳالهہ کي فطري ۽ عام رواجي سمجهندي (جيڪا هن حالت ۾ هر ٻيءَ کان متوقع ٿي سگهي ٿي،) چيو: "بابا، اوهان ڪنهن بہ قسم جي ڳڻتي نہ ڪريو. اڃا اوهان جي حياتي وڏي آهي، پراميد رهو." پوءِ پاڻ ئي هن موضوع کي ختم ڪندي چيائين، "پٽ، انسان ڪيترو بہ پراميد رهي، پر هنن حالتن ۾ هھڙي قسم جا ويچار اچڻ سپاويڪ تہ آهن، خير ڇڏ انهن ڳالهين کي.

"پوءِ هتان جون ڳالهيون ڪري، پاڻ موڪلائي ويو."

ڊاڪٽر ٻڌايو:

"واقعي ڪان هڪ ڏينهن اڳ، مرحوم سادي نائين ذهين ڌاري مون وٽ آيو. سندس ڳالهين منجهان مونکي ڪٿي بہ سندس اصل نيت جو ڪٿي جيترو بہ احساس نہ ٿيو. ڳالهين دوران هو بلڪل نارمل پئي لڳو: اسانجن ڳالهين، جنهن کي بحث چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، جو موضوع زندگي، زندگيءَ جو مقصد، ماهتاب جي لاڳاپي سان نارمل ۽ ائبنارمل انسان جي زندگي ۽ موت جي لاڳاپي سان نارمل ۽ ائبنارمل انسان جي زندگي ۽ موت ۽ انهيءَ لاڳاپي سان رياست جون جوابداريون وغيره هو. جيتري قدر مونکي ياد پوي ٿو، هڪ پيري چيائين، جڏهن زندگي، (پوءِ ڪيتري بہ دلڪش چونہ لڳي) خود عذاب بڻجي وڃي، تڏهن هن عذاب کان ڇوٽڪاري جو واحد رستو زندگيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ آهي. يا، زندگي، زنده رهڻ جي ڏس ۾ جدوجهد جو ٻيو نالو آهي، جيڪو انسان جدوجهد نٿو ڪري سگهي، سات ڏئي نٿو سگهي جيڪڏهن انهن کان زندگي کسي وڃي، تہ اهو ڪو گناهہ ڪو نہ آهي ۽ اهڙي قسم جون ٻيون ڳالهيون، جيڪي هينئر سمجهہ ۾ اچن ٿيون تہ هو ماهتاب کي ذهن ۾ رکي ئي ڪري رهيو هو ۽ اهي ڳالهيون ان وقت سندس ذهني ڪيفيت ۽ سوچ جي انداز کي ظاهر ڪن پيون. بهرحال مان پوري ويساهہ سان چوان ٿو تہ، وڪيل صاحب اهي ڳالهيون بلڪل نارمل حالت ۾ چيون ۽ مون کي انهن ڳالهين منجهان سندس اصل نيت جو ذرو بہ پروڙ نہ پئجي سگهي. هو مون کان پوڻين يارهين ڌاري موڪلائي اٿيو.

ڏوهہ مجيندي مرحوم وڪيل صاحب جيڪو بيان ڏنو، انهيءَ منجهان ڪي ٽڪرا.

(وڪيل صاحب جي گهربلو بيان جو ڳپل ڀاڱو سندس گهر واريءَ جي بيان جهڙو آهي. انهيءَ ڪري ورجاءِ جي ڪوفت کان بچڻ لاءِ، سندس بيان مان ڪي ٽڪر ئي ڏجن ٿا.

.... ڪيس مارڻ کان پوءِ، منهنجو ضمير هينئر بہ مطمئن آهي.نيٺ هن چريءَ جو هن دنيا ۾ هجڻ يا نہ هجڻ مان ڪيس پاڻ کي يا سماج کي ڪهڙو فائدو؟ سندس موت جو انتظار ڪرڻ کان اڳ (جيڪو ڪيس اوس اچڻو هو) ڪيس مارڻ ۾ سندس ئي ڀلائي هئي. هيءَ حقيقت پنهنجي جاءِ تي هڪ پنهنجي پاڻ شاهدي ڏيندڙ (Self-evidence) سچائي آهي......

.........جڏهن مان اسپارٽين جو ذڪر ڪيان ٿو، تڏهن منهنجو مطلب اهو ناهي تہ ڪمزور ۽ نبل ٻار کي جمندي ئي جبلن ۾ ڦٽو ڪيو وڃي. اهو دور ٻيو هو، اڄ سائنسي دور آهي، ممڪن آهي (۽ اڪثر ڪري) اهي نبل ٻار اڳتي هلي سگهارا ٿين. پر مان جيڪا ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿو، انهيءَ جو بنياد هيءُ آهي تہ: اهي انسان جيڪي زندگيءَ جي تبديليءَ جي جدوجهد ۾ شريڪ نٿا ٿين، يا نٿا ٿي سگهن، جو مَنجهن اهڙو ست ناهي، تہ پوءِ اهي رڪاوٽ بڻجن يا ٻين انسانن مٿان بار بڻجڻ بجاءِ، بهتر آهي تہ پنهنجو انت آڻين. ڇاڪاڻ تہ هونئن بہ حياتي مٿن بار آهي، سواءِ ڪارج جي زندگيءَ جو بار ڍوئڻ ڇا حماقت ناهي”

نيٺ ماهتاب کي زنده رکڻ مان ڇا هڙ حاصل؟ محض مائٽن جي جذباتي تسڪين جي پورائيءَ لاءِ! جڏهن تہ مائٽ خود محسوس ڪن ٿا تہ هوءَ، مٿن بار بڻيل آهي– منهنجي آڏو بہ رستا هئا: يا تہ هن کي ماري ڇڏيان (جيڪو رستو مون اختيار ڪيو) يا تہ ڪيس ڪنهن تجربيگاه ۾ موڪليان، تہ جيئن باقي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ تجربا ڪيا وڃن.

جيتوڻيڪ ڪيس مارڻ ڪري مونکي سخت صدمون رسيو آهي ۽ افسوس ٿيو آهي، پر منهنجو ضمير ۽ شعور بلڪل مطمئن آهي......

.... مان هينئر اطمينان سان مرندس.

ڪورٽ طرفان مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي ٽيم گڏيل راءِ ڏني تہ، سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، جوابدار فوتي گل محمد وڪيل، جنهن پنهنجي چريءَ ڌيءَ کي ماري، انهيءَ جو اقرار ڪندي، پاڪ قانون آڏو پيش ڪيو هو ۽ دل جي مريض هئڻ سبب ڪيس سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، پوليس جي نگرانيءَ هيٺ رکيو ويو هو رات جي اڍائي بجي ڌاري دل تنڻ سبب مئو آهي.

ڊاڪٽرن هيءَ بہ راءِ ڏني تہ، جيڪڏهن وڪيل صاحب کي بروقت طبي امداد ڏني وڃي ها تہ، سندس جيئري رهڻ جا امڪان وڌيڪ هئا.

(بيشڪ جيڪڏهن وڪيل صاحب نہ مري تہ ها تہ هيءُ ڪيس انساني لاڳاپن ۽ سماج جي اهم مسئلي بابت هڪ انوکو ۽ دلچسپ ڪيس ثابت ٿئي ها).

ٻي انام ڪهاڻي

لڳاتار ٽن سالن کانپوءِ-

يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس جي ورانڊي مان لنگهندي: ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڏانهن ويندڙ دروازي وٽ اوچتو مٿس نظر پئي! هڪ اتفاقي حادثو. جنهن حادثي لاءِ جيڪڏهن ملي پوي ته پوءِ...... بابت ڪيترا پيرا سوچيو هئائين. اها آهي، ساڳي: ٿوري ڦير سان. ساڳيو اداس، گمڀير، وياڪل چهرو. سانورو هن تبديلي سان ته سنڊس چهڪندڙ ۽ ڀهڪندڙ سانورائپ، جيڪا چڪ جا باعث بڻبي هئي، سان ڪاراٽيل ۽ ڪشش ڪان وانجهيل.

هن جي نهارڻيءَ مان پڪ ٿيس ته، هن کيس ڏٺو آهي. سندس دل ڌڙڪي، اندرين تبديلين ڪارڻ پنهنجي منهن جو رنگ بدلجندو ۽ نرڙ تي پگهر محسوس ڪيائين.

ايتري عرصي کانپوءِ اِئين اوچتو: ملڻ تي جنهن جو في الحال وهم ۽ گمان به ڪونه هوس، نه رڳو- سندس وُجود ڏڪي ويو، پر جڻ ڳپل عرصو اڳ وڏي جاکوڙ کانپوءِ مروٽيل ۽ چيپاٽيل ڏوهه جو احساس ڪر کڻي بيٺس. اهو سياويڪ هو. ائين جڻ ورتل قرض کي وسارڻ کانپوءِ، اوچتو سندس اڳاڙبندڙ ملي وڃي.

اندرين اٿل کي دٻائڻ لاءِ: حيرت ۽ خوشي پاڻ تي مڙهيندي، مرڪندي ڏانهنس ڏٺائين. سندس ابتڙ، هن جي منهن تي هن اوچتي گڏجاڻيءَ ڪري، ڪابه تبديلي ڪانه. ساڳي گمڀيرتا، خاموشي چهري تي. منهن لڳاتار خشڪ، جڻ وينشنگ ڪريم لڳل ۽ چڱيءَ طرح مهٽيل. (پر کيس ڄاڻ هئي ته هوءَ وينشنگ ڪريم استعمال نه ڪندي آهي)، هر عام رواجي ملاقات وانگر- ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا، ڪي گهڙيون.

’تون هتي ڪيئن.......؟‘

’ايم. ايڊ جي داخلا لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي هيس.‘

’ٿي ويو؟‘

’ها.‘

’داخلا ملي ويندي؟‘

’گورنمنٽ موڪليو آهي انهيءَ ڪري ملڻ ئي گهرجي.‘

چپ، ڪي گهڙيون.

’تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟‘

’بس. ٺي....ڪ ٺي.‘

’ساڳي ئي هنڌ آهين؟‘

’ها، ٺٽي ۾.‘

’فيمليءَ سميت.‘

’ها.‘

ڪيس اهڙي قسم جي سوالن منجهان اوچتو هڪ قسم جو ڌپ ٿيڻ لڳو. اهڙو ڌپ، جيڪو پنهنجي پر ۾ ڪاميابيءَ سان ڏوهه لڪائيندڙ ڏوهاريءَ کي، وڪيل جي آڏي پڇا تي، دل جي چور ڪري ٿئي. اهڙي قسم جي سوالن کان بچڻ لاءِ هن ستت رت ڏني، گڏجي چانهه پيئڻ لاءِ.

هن سندس منهن ۾ ڏٺو سوال ٻڌجي. جڻ تہ اها رت اڻ- رواجي طور، اخلاق کان ڪريل، ڪنهن اڻ- چاتل شخص کان، غيرواقف عورت کي پهرئين ئي واٿهڙو گڏجاڻي ۾ ڏنل هجي.

”ڇو؟“ حقيقت جي تهہ کي پهچندي ڇيائين، ”مون سان گڏ چانهه پيئڻ پسند ڪندينءَ؟“

علي بابا ريسٽورينٽ جي فيملي روم ۾ اچي ويٺا. سڄو رستو، جيڪو پنجن منٽن جو هو، خاموش رهيا. رستو ساڳيو هو. جنهن تان ٽي سال اڳ؛ جڏهن بي.ايڊ ۾ پڙهندا هئا. ڪئين ڀيرا لنگهي چڪا هئا. هوٽل بہ ساڳي ۽ فيملي ڪمرن منجهان هڪ ڪمرو بہ ساڳيو. پاڻ بہ ساڳيا: هڪ ماستر ۽ ٻي ماسترياڻي. سڀ ڪجهہ ساڳيو هوندي بہ، اوپرا اوپرا، ايڏو ويجهي هوندي بہ، اڻ- چاتل!

ڪمري ۾ ڪجهہ اُبس هئي. هن ڪان اڳ ويٺلن، جي شايد ڪا گهڙي اڳ اٿي ويا هئا، جي ڇڏيل گرمي، سگريٽن جي دونهين جي بوءِ سان.

”آئس ڪريم.“

”نہ- چانهه.“

”گرمي آهي.“

”توکان شايد وسري ويو آهي تہ مان چانهہ جي وڏيڪ پياڪ آهيان. گرمي هجي يا سردي.“

هينئر ڪيس ياد آيو تہ هوءَ اعصابي ڪمزوريءَ ۽ وائي جي سور ڪارڻ، تڏو ڪڏهن بہ نہ واپرائيندي آهي ۽ نہ ئي پڪي جي هوا هينئان

وهندي آهي.

سندس جهلڻ جي باوجود چانهه هن ناهي.

"تون ڪڏهن دادوءَ ويندين؟"

"سياڻي."

"انٽرويو بلڪل پورو ٿي ويو؟"

"ها."

دراصل هن چاهيــو پئي تہ، ڳالهين جو اهڙو لڳاتار ۽ رڌل سلسلو شروع ٿئي، جنهن هينيان، هيءَ ماحول ۽ هن جي موجودگي ڪري، جيڪو هنيانءَ تي بار ٿي بيٺو هوس ۽ چانهه جي احمقانہ صلاح جي ڪري پيچتاءَ جو پيدا ٿيل اهو احساس هينان دبجي وڃي.

"ماسي جي طبعيت ڪيئن آهي؟"

"ساڳي. "سوچڻ لڳو: اجا ساڳي حالت ۾! هن ڪي هن وقت تائين مــرڻ ڪــپندو هو. هنن ٽن ســالن جي دوران سندس باري ۾ ســوچيندي، ويچاريو هئائين تہ ماٺس مري چڪي هوندس.

"ڪمزور تہ ڪافي ٿي وئي هوندي."

"فطري آهي."

"تون بہ لهي وئي آهين؟"

"سچ پچ!" انتهائي ڪنجوسيءَ واري مرڪ سان چيائين، "توکي ڏسڻ ۾ دوکو ٿيو آهي."

۽ پوءِ هن، سندس منهن ۾ گهوري ڏٺو: اصل عمر کان وڏي ٿي لڳي. سندس مٿي تان رئو سرڪي ڪلهن تي اچي ويو هوس. وارن ۾ چِدا چدا اچا ڏٺائين. اکين ۾ چمڪ، سانورو ڪاراتيل، پيلاڻ مائل رنگ..... اوچتو ٽي سال اڳ، پڙهڻ جي دوران جڏهن ڪيس هڪ شديد انديشي جي احساس جي انومان جو ساپيان روپ ڀانيائين، سندس منهن جي ڏسٽي ۾. نہ چاهيندي بہ سندس منهن ۾ چتائي ڏسڻ لڳو. نہ چاهيندي بہ هن جو چهرو، مستقبل جو سلهہ. هاٺو؛ ڏيرو! ڪاراتيل،اندر پيهيل ڪوين ۾ چمڪندڙ مٽڪيون، تڪليف سان ڪجندڙ ساهہ ڪري، هيٺ مٿي ٿيندڙ هڏائين ڇاتيءَ جو پڃرو. ڦهلجندڙ- سسندڙ ناسون، ڳل اندر ويٺل، ڪبن سمان، قياس ۽ همدردي جا احساس جاڳيس. اوچتو خيال: پيلي- سائي ڪانگهاري جو.... ۽ دل ڪچي!

تي سال اڳ:

سيڪنڊري اسڪولن جي ماسترن لاءِ ٽريننگ جي ڪورس، بي.ايڊ ۾ گڏيا. ڏنائون، ڏسندا رهيا، نوٽس، ليسن جي تياري جي سلسلي ۾ ملندا رهيا. گهرا ٿيندا رهيا، سواءِ ڪنهن شعوري ڪوشش جي هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا رهيا. هڪ ٻئي کي سمجهندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن فلم جو پروگرام. لڳ ڀڳ روز، انٽرويل جي دوران عَلي بابا ريسٽورينٽ ۾ چانهه، گفتگو، ڳالهين جو نه ٽٽندڙ سلسلو.

هڪ ڀيري هن ڪيس پنهنجن گهريلو حالتن بابت ٻڌايو: پاڻ گهر ۾ ٽي ڀاتي آهن. پاڻ، سندس ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ، جيڪو هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهي. سندس ڀيءُ ٽيپيدار هو. ماڻس پڻ پرائمري اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي. ٻنهي جي پيار جو نتيجو هئي. ڇئن سالن ڪانپوءِ، جڏهن هو پاڻ اجا ننڍڙي هئي. پڻس ٽپيدار، ماڻس کي بلڪل ڇڏي ڏنو. ان وقت سندس ننڍو ڀاءُ، ماڻس جي پيٽ ۾هو. ڪيس ڀيءُ جو چهرو، جيڪو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هئائين، اجا تائين ذهن ۾ ڪٽل: ٻنگ پيئڻ ڪري ڳاڙهيون اکيون، ڪاراٽيل چپ ۽ منهن تي ماتا جا داغ، گاريل.

۽ پوءِ ماڻس کي سلهه ٿيِ پيئي. يا ڪيس اڳيئي سلهه جا اثر هئا، جيڪي پوءِ ظاهر ٿيا. ڇاڪاڻ ته سندس ماءُ، يعني هن جي ناني به، سلهه وگهي مئي هئي.

۽ هينئر هو پاڻ گهر سنڀاليندڙ هئي. ڪمائيندڙ، سلهه ورتل ماءُ جي پرگهور ڪندڙ ۽ ننڍي ڀاءُ جو مستقبل سنواريندڙ. خاموشي، ڳنڀيرتا ۽ سنجيدگي سندس شخصيت جو جز بڻيل. ڳالهائڻ ۾ نهٺائي، بردباري، خدمت ۽ شفقت جو اظهار، سندس گڻ بڻيل.

ملندا رهيا، هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا رهيا. جيتوڻيڪ ٻنهي مان ڪنهن به هڪ سان مستقبل جي ڳانڍاپي جو چٽو ۽ گهرو احساس ٻنهي کي هو. لاشعوري طور پنهنجي جاءِ تي ٻنهي کي لڳندو هو ته، پاڻ اڳتي هلي هڪ ٻئي جا ٿي ويندا؛ ذڪر نه ڪيل، اڻ لکيل، ڪڏهن اظهار نه ڪيل، محض گڏيل سمجهه، مستقبل ٻيني جي گڏيل احساس هيٺ، ڳانڍاپي جو انجام ۽ ان ۾ لڳندڙ اهڙو ويساهه جو، ڪڏهن به ٻنهي مان ڪنهن کي اظهار جي ضرورت محسوس نه ٿي.

پاڻ چاهيندو هو ڪيس، شدت ۽ ڀرپور تڙف وچان پيار ڪرڻ؛ جو سندس طبعيت ۾ بيچيني، اندروني امنگ کي پوري شدت، گرمي ۽ اڳرائي

سان ظاهر ڪرڻ جا جذبا تپ تار پربل ها، جي ٿوري به پيار واري ماحول ۾ ڦوهاري وانگر اٿل کائڻ لڳندا هئا. ۽ پهريون پيرو جڏهن پاڻ، انهيءَ اٿل هيٺ ڪيس شدت سان پيار ڪيائين؛ پهرين سندس هٿ ونيءِ، انهن کي زور، پوءِ چميون، پوءِ ڀاڪر.....جواب ۾ هن به موٽ ڏني، ساڳي پيار سان. پر انهيءَ پيار ۾ اها تڙپ، اهو ولولو ۽ جوش ڪونه هو. ڀرپور شفقت هئي، مادرانه شفقت! ڀاڪر مهل جوابي زور ڏيڻ بجاءِ، ڀنيءَ تي هٿ ڦيرائڻ لڳس ۽ پوءِ وارن ۾ آڱرين سان ڦڻي ڪرڻ لڳس. ائين جيئن ماءُ، يا وڏي ڀيڻ، پنهنجي لاڏلي پٽ يا ننڍڙي ڀاءُ کي پيار ڪنديون آهن.

جيتوڻيڪ رهن جي انهيءَ ٿڌي ۽ شفقت سان پربل پيار جي موٽ، سندس تڙپ جو جوش واري پيار جي گهرج پٽاندر نه هئي؛ اهو ڪيس لڳو، پر انهيءَ کي محسوس نه ڪيائين. شايد انهيءَ ڪري جو، اهو سندس لاءِ، اهڙي قسم جو پهريون دفعو هو. ۽ پوءِ پاڻ سندس منهن ۾ ڏنائين: هن جا چپ ٿڙڪي رهيا ها، تکو ساهه ۽ اکين ۾ ڳوڙها! هن پنهنجين اکين ۾ سوال ڪٽي، سندس منهن ۾ ڏنو، ڳوڙهن جو ڪارڻ ڄاڻڻ لاءِ. زبان مان ڪو ڪارڻ ٻڌائڻ بدران، هن، سندس منهن پنهنجي سيني ۾ ڪري، ڪيس ٿڦڪيون هڻڻ لڳي ۽ وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي ۽ هن پنهنجي ڪياڙي تي، سندس ڪرندڙ ڳوڙها محسوس ڪيا.

۽ پوءِ هر ڀيري اهڙوئي شفقت ڀريو پيار، بنا ڳوڙهن جي، خوشي جي ڏيکل اظهار سان، سندس پرجوش ۽ ولولي واري پيار جي موٽ ۾.

هينئر، علي بابا ريسٽورينٽ جي فيملي روم ۾، جڏهن هوءَ سندس سامهون، خاموش ويٺل.پاڻ سوچيندڙ، انهن پهرين ڀيري جي ڳوڙهن جي ڪارڻ تي؛ ۽ پهتل هن نتيجي تي ته، اهي ڳوڙها، محروميت سان ڀريل زندگيءَ ۾ پهرين مليل پيار جي موٽ ۾ ٿوري بجاءِ آئڻ جا ڳوڙها ها!

۽ ائين ئي هلندڙ سلسلو.....

ته هڪ ڏينهن ڪيس پٽس جو خط مليو، جنهن ۾ شادي سندس سؤٽ سان ٿيڻ ۽ ڳالهه پڪي هجڻ جي باري ۾ اطلاع ڏنل هو. سندس وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو ته، ڪيس، سندس سؤٽ ڏني ويندي! چاڪاڻ ته سندس چاچو، حيثيت ۾ ڪائنن وڏو هو. هيءُ خط سندس لاءِ اڻ- ملهي ۽ هڪ عجيب سپني نما خوشيءَ جو ڪارڻ بڻيو ۽ پوءِ ڪيس، "هن" سان هي ڪيل پيار هڪ راند لڳي؛ ورهونءَ، جيڪا نلهو وقت ڪاٽڻ لاءِ يا دل وندرائڻ لاءِ ڪئي وڃي. پر جڏهن هن، اندر جي دٻاءُ هيٺ ڪنهن ڪنهن

مهل هن مامري جي ڳنڀيرتا تي ٿي ويچاريو ته ان ويل، ڏوهي احساس جي تيز چهڪ جي پيڙا، سندس وجود کي ايڏوته ٿي ٿپوڙيو، جو پنهنجو پاڻ کي بنهه سن ٿي پيانيائين ۽ پوءِ ان ڏوهي احساس جي بار هيٺ يا دل ۾ لڪل چوريءَ واري نيت جي لاءِ وات ناهڻ لاءِ، لاشعوري خيال هيٺ، ڪيس اهو خط پڙهڻ لاءِ ڏنائين.

هوءِ خط پڙهڻ لڳي. پاڻ سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو. سندس منهن تي ايندڙ پاون کي پڙهڻ لاءِ. ۽ ڏنائين سندس ڪاراتيل منهن ۽ خشڪ چپ. هن پنهنجي دل ۾ تيز ڌڙڪندي محسوس ڪئي. خط واپس ڏنائين. خط واپس ورتي. پڇيائينس: "تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

هن سندس منهن ۾ ڏٺو. ڪيس لڳو ته، سندس اهو سوال هن کي نه وڻيو آهي. چيائين: 'جيڪو تنهنجو خيال.' پوءِ مرڪيائين. روئڻهارڪي مرڪ. جنهن مرڪ هيٺان ارمانن جو ڍير پوريل.

بئي ڏينهن سندس خط مليس:

--"... تون شادي ڪري ڇڏ. مون کي ڪوبه افسوس نه ٿيندو. هن معاملي ۾ جذباتي ٿي نه سوچ. زندگيءَ جون نوس حقيقتون، اسانجن جذباتي خواهش جي تابع نه آهن. منهنجي حياتي هڪ ويران بريٽ آهي. مان به اهو نٿي چاهيان ته، تون مون سان ڳنڍجي ئي، بريٽ ۾ پٽڪين ۽ ڪجهه نه ماڻين. زندگي ماڻڻ لاءِ آهي، اها ڪتابن جي ڏاهپ آهي ته: هڪ صحتمند زندگي کي، مڙندڙ، ناڪاري ۽ هاجيڪار وجود سان ڳنڍي ان صحتمند زندگيءَ کي وقت کان مرجهائڻ، ۾ ڪجهه ماڻڻ کانسواءِ موت ڏانهن ڌڪڻ جا ڪارڻ پيدا ڪيا وڃن؟ ڇا اها بي انصافي ناهي؟

منهنجي امڙ سلهه جي مريض آهي. منهنجي ناني به سلهه ۾ مئي هئي، انهيءَ ڪري اهو قياس ڪان پري ناهي ته مان به.....هجان. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿي ته اڄ جي دؤر ۾ هن مريض ڪان ڇوٽڪارو بنهه ممڪن آهي، ان هوندي، خبر ناهي ڇو، (جيڪو سياويڪ آهي.) منهنجي دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو آهي ته منهنجي زندگي به منهنجي امڙ جي زندگي وانگر اونداهين ۽ روڳي آهي، مون پنهنجو پاڻ کي انهيءَ لاءِ ذهني طور تيار ڪري ڇڏيو آهي، ته جيئن ڪڏهن به شڪايت جي عادت جو موقعو نه پيدا ٿئي. ڇاڪاڻ ته شڪايت جي عادت پيڙا کي وڌيڪ پيانڪ ۽ ڪربناڪ بنائي ڇڏي ٿي.

مان هيءَ سڀ جذباتي بڻجي، لکي نه رهي آهيان. پر اڳ پٺ ڄاڃي

پوءِ قلم ڪنيو اٿم. مان سمجهان ٿي، اسان جو ميلاپ هڪ حادثاتي واقعو هو. اهڙو واقعو جيڪو منهنجي اجڙيل، ويران ۽ مرٽينگهه زندگيءَ ۾ بهار جا جهوٽا ڪٽي آيو. پر مونکي سمجهڻ گهرجي ته، ۽ مان سمجهان ٿي ته اهو لازمي ناهي ته،بهار جو احساس ڏياربندڙ اهو حادثو ايڏو ڊگهو ٿئي، جيڏي منهنجي زندگي آهي. ۽ منهنجي اهڙي خواهش، سپنو ته ٿي سگهي ٿي، پر حقيقت نه. ۽ مان هن سچائيءَ کان پليءَ پت واقف آهيان، مان خوابن جي ديس ۾ نه، پر ٺوس حقيقت (پوءِ پل ته اهي ڪيڏيون به ڪڙيون ۽ بي رحم ڇو نه هجن) سان پريل زندگيءَ ۾ رهان ٿي.

تو، مون کي جو ڪجهه ڏنو، مان انهي لاءِ انتهائي ٿورائتي آهيان. تو پاران ڏنل زندگيءَ جي سرهاڻ کي مان، ساروٽين جي روپ ۾ سانديينديس. ۽ هنن سگند پريل گهڙين منجهان. جيڪي منهنجي ماضيءَ جو املهه خزانو آهن، موت جي پڇاڙيءَ وارين گهڙين تائين واس وٺندي رهنديس.

مان وري به تنهن جو ٿورو ميجان ٿي، سواءِ ڪنهن ٻڌتر ۽ ڳٽيءَ جي نئين زندگي آڏ. منهنجون نيڪ خواهشون توساڻ آهن.

شل سدائين سکيو، ستابو، جڙيو هجين.

فقط:

(هن پنهنجو نالو نه لکيو)

بيشڪ هيءَ خط مٽس بم ٿي ڪريو. سندس وجود کي ذرڙا ذرڙا ڪري چڏيائين.پر ساڳي وقت، هي ساڳيو خط سندس وجود جي ٽڙيل پکڙيل ذرڙن کي هڪ هنڌ ميڙڻ ۽ زندگيءَ ۾ تازو ساهه ڦوڪي، نئين سر اڳواٺ ڪرڻ ۾، واٽ جي مشڪل ثابت ٿيو!

سندس خط ڪانپوءِ، ساٿس ملڻ ۽ اڪيون ملائڻ جي اخلاقي جرئت جو ست نه سارڻ ڪري، اوچتو ڳوٺ هليو ويو ۽ امتحانن جي وقت موٽيو. امتحان دوران هوءَ ساٿس ڪونه ملي، نه ئي پاڻ اهڙي ڪوشش ڪيائين.

ان وقت ڪانپوءِ هيءَ سندن پهرين ملاقات هئي.

هن سڄي ملاقات جي دوران، هن ڪانئس، سندس زال يا ٻارن جي باري ۾، هڪ سوال به ڪونه ڪيو. جنهن جو ڪيس پنهنجي من ئي من ۾ خطرو ضرور هو.

ائين ڳيل مهل وهڻ ڪانپوءِ نيٺ پاڻ ئي چيائين 'هلون' هن ورائيو: 'پلي'.

پوءِ پاڻ، جڻ هلڻ جي صفائي پيش ڪندي چيائين: دراصل مون

ڪي يونيورسٽي مان پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺنا اهن، جو ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسرن جي چونڊ ۾ مون کي پيش ڪرڻا آهن. انهيءَ ڪري دير......‘

بل هن زوري ڏنو. ڪيس، مرڪ سان هيءُ چوندي تہ: ’تون ٻچڙيوال آهين، توکي هن ربت هوٹلن ۾ پيسا وڃائڻ نہ گھرجن.‘ ۽ هو پيسا ڏيڻ چاهيندي بہ ڏئي سگهڻ جي همٿ ساري نہ سگهيو! دراصل هو: خبر ناهي ڇو، پنهنجو پاڻ کي هن آڏو، گهٽ، خسيس ۽ ڊپريسڊ ءُهڪ قسم جو ڏوهاري محسوس ڪري رهيو هو.

۽ پورن پنجن سالن ڪانپوءِ:

جڏهن پاڻ گورنمنٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ هيڊماسٽر جي حيثيت سان بدلي ٿي آيو، تڏهنُ هوءَ گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊمسٽريس هئي.

ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ماهرن جي ماهياني ميٽنگ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ڏٺائين. جڻ خواب ڏسندو هجي: هڏن جو پڃرو، ڪاراٽيل ڏيرو منهن، اندر ويٺل کوٻن ۾ چمڪندڙ مٽڪيون، ڳل اندر ڀيهيل، ڪپا. تڪليف سان ڪڇندڙ ساهہ ڪري، ٿهلجندڙ- سسندڙ ناسون، سمورا وار اڇا، هن هڏائين پڃري تي اڇي ڪير جهڙي ساڙهي، نيري ۽ سائي باربر سان. ڪئين ڀيرا ڏٺل خواب، پر اڻ چٽو ۽ مبُهم! پهرين ڇاڻ هوندي بہ نہ سڃاڻي سگهيس، پوءِ مهٽيل خواب لڳندي بہ، سڃاڻي ورتائينس. هن بہ ڪيس ڏٺو، ڳالهايو، پر ڪيس اهڙي لڪا ڪانہ ڏنائين، تہ ڪو ڪيس ڄاڻي سڃاڻي.

۽ پوءِ ههڙن موقعن تي، انهن ٿي رسمي ملاقاتون: هڪ ٻئي جا ڄاتل سڃاتل، ۽ پوءِ بہ اڻ- ڄاتل، جنمن جا فاصلا!

هڪ ڏينهن:

پهرين پيرڊ هلندي ڪيس فون آيو: گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊمسٽريس فجر مهل گذاري وئي.

سندس مٿان ڄڻ وڄ ڪري، سندس جسم، اتي ئي ڪرسي تي هڪ هنڌ ڄمي، پٿر ٿي ويو هجي.

اوچتي موڪل سبب، ٻاهر شاگرد گوڙ ڪندا ۽ خوش ٿيندا گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. ٽيچنگ اسٽاف سندس ڪمري ۾ گڏ ٿي چڪو هو ۽ جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گڏجي هلڻ واسطي سندس انتظار ڪري رهيو هو.

٣- انام کهاڻي

جيتوڻيڪ اپريل جا اجان پهريان هفتا هئا، پر واريءَ جي پٽن ۽ ننڍن دڙن ۾ ويڙهيل هن نندي: پر ڪنهن حد تائين جديد شهر ۾، ڏنيپنڊڙ ڪوسي لڪ ۽ جهولا لڳڻ شروع ٿي ويا هئا. سج اجا ڪانو ئي، مٿي تي چڙهيو تہ شهر ۾ ڏامر جا ڪارا ڪارا روڊ ۽ پڪيون جايون، تندور وانگر تپڻ تي شروع ٿيون. واريءَ گاڏڙ واءُ جي تيز جهوٽن ۾ جڻ ٽاندا پريل هئا، جسم سان لڳڻ شرط ئي، سڄو جسم لهسجي تي ويو.

اڄ شهر ۾ دستور واري پرامن فضا ۾ هلچل ۽ رونق جي ابتڙ وايو منڊل ڦريل هو. دڪان بند، هوٽلون خالي، شهر جي چرپر ۾ ٺاپر، گهٽيون ۽ رستا ويران- ۽ انهيءَ ويرانيءَ ۾ هئي اداسي. اداسيءَ ۾ هو اڻ ڄاتل پوائتو خوف ۽ هنياءُ ڦاڙيندڙ هراس. سمورو لوڪ پنهنجن گهرن اندر بند هو ۽ سندن ساهہ مٺ ۾ هو. هر ڪنهن جي هينئين ۾ هراس جو تهہ، پڪي ڄميل برف جي چپ جيان ايڏو ڳتيل ۽ گهاٽو ڇانيل هو، جو رڳو گلاس ڪرڻ جي کڙڪي بہ، سندن دليون ڏهڪائي تي ڇڏيون-- خالي ۽ سنسان روڊن تي، ڪي ٽولا پٽون ٻڌل، ڪي رائفلون تہ ڪي ڪهاڙيون ڪلهن تي ڪنيو تي گهميا. سندن اکيون ڏياٽين وانگر ٿي ٻريون. هلڻ جي چال ۾ بي ڊپائي، جرئت ۽ بهادري ۾ عزم ۽ ارادن اٽلپڻو، پنهنجي سگهہ تي ٻانور ڪرڻ جهڙو پروسو ۽ ٽاٺيل ڇاتيءَ مان غرور ۽ تڪبر ٿي بڪيو.

هُل هيو: سنڌ جي ٻن گبر پيرن جي مريدن جي وچ ۾ مقابلو آهي.

ڏينهن چڙهندو ويو ساڙيندڙ ڪوسي لڪ جا زوزاٽ وڌندا رهيا ۽ ڌرتي پڄرندي تي وئي. لوڪ جي منهن ۾ بينل ساهہ، اضطراب ۽ بيچينيءَ ۾ وڌيڪ پيڙجڻ لڳو، تان جو ڦهڪا تي ويا. ٺانا: زٺون زرڙاپ، ٺانا جڻ ڌرتي تي ڌبي، رائيفلن ۽ بندوقن جي بارود جي بانس ۽ زوزاٽ ڪري، ڌرتيءَ تي ٻرڻ وانگر تنگ ڪندڙ گولين ڪري ناسي- پوري گرم گرم اڏامندڙ ڌڌڙ، ڌرتيءَ جنسي تاءُ جون الٿيون تي ڪيون- ۽ هيا، رانپاٽ، گاريون، آواز، جوش ۽ جرئت پريا.

ڳپل مهل ڪانپوءِ خاموشي تي. جڻ ڌرتي ڌٻڻ بند تي. پر هوا جا ڪوسا لهسائيندڙ جهوڪا ساڳي طرح تي لڳا. ۽ باقي چوڌاري سانت، موت جهڙي. ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن ڦٿيل جي ڪرب وچان دانهن ۽ ڪنجهڻ

جو آواز. گهرن ۾ بند.انسانن جون دليون هيسيل ۽ اڪيون ڪجهہ چاڻ لاءِ آتيون، پر جرئت نہ ۽ ٻاهر، واقعي واري جاءِ تي ها لاش، تڙيل پڪڙيل، اونڌا پاسيرا. لاش، جي ڳاٽاٽي ڪان ٻاهر هئا. لاش، جن مان ڪن جون اکيون بند هيون تہ ڪن جون ڪليل ۽ آسمان ڏانهن واجهائيندڙ. ڪنْ جا وات ڦاٽل هيا تہ ڪن جا بند. پڳل عــضــوا. چچريل جسم ۽ رت ۾ ٻڏل لاش، اڄ جي سهارن ۽ سڀان جي اميدن جا لاش- لاش، مائرن جي اکين جي تارن، پينرن جي آسن اميدن ۽ سهاڳڙين جي سهاڳن جا لاش، انهن انسانن جا، جي مٺا هئــا، پنهنجو پاڻ لاءِ نہ، پنهنجن ٻچن لاءِ نہ ساٿيهہ لاءِ نہ، زندگيءَ جي خوشحاليءَ ۽ پيار جي بقا لاءِ نہ.

۽ هيــا، مــوت ۽ زندگيءَ جي ٻہ واٽي جي وچ تي بيــنل، ڦــتــيل، چچريل، زخمن جي درد ڪــان لڇندڙ ۽ ڪنجهندڙ زخمي- ڪنهن ڪنهن وقت، درد جي شدت وچان انهن جي دانهن تي ايري، نہ تہ سناٽو ڇانيل هو ۽ ان سناٽي ۾ لڪ جو گهوگهٽ ۽ ڪنهن مهلُ ڪنهن ڦٽيل جي دانهن ڪجهہ پوائتي ۽ دهشتناڪ ٿي لڳي. سج آسمان جي وچ تي پهتو. سج جا سڌا ۽ تيز ڪرڻا ڌرتيءَ کي تئي وانگر تپائي رهيا هئا. رت جي اُپ، هوا ۾ رت جي اُپ گاڏڙ عجيب بوءِ. تيز ۽ دل ڪچي ڪندڙ. مٿان آسمان جي وسيع خلائن مان ڳجهن ۽ سرٽين جا لامارا.

ٻئي ڏينهن خبر آئي: ٻن پيرن جي مريدن جي وچ ۾ جهيڙو، ٻہ ٽي مئا ۽ ڳچ ڦٽيا.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ خبر آئي: سنڌ جي ٻن گبر پيرن جي وچ ۾ ناهہ، چونڊن لاءِ تڪ ورهايا ويا. اختلاف ختم.

۽ پوءِ ساڳئي شهر جي ساڳين روڊن تان ٻنهي پيرن جون جيپون ڇيڇاٽ ڪنديون، امن ۽ ضلع سان لنگهنديون آهن، انهن مٿلن مريدن جي روحن کي ڪچلندي، جيئرن مريدن جي ساڃهہ، سمجهہ ۽ عقل کي چيپاٽيندي.

بيٺل ڦيرو

۽ هينئر، جڏهن آزاديءَ جو ڏينهن پوين پساهن ۾ آهي، محسوس ڪيان ٿو تہ، هيءُ ڏينهن مون لاءِ غير رواجي ڏينهن هو. ٽيندڙ هر ڏينهن کان نرالو- لڳيم ٿو چوڌاري لڳل جهنڊيون، چنڪار ۽ سموري وايو منڊل جي تبديلي، ڊاريائپ ۽ هيڪلائپ جو احساس ڏياريندڙ آهن. لڳي ٿو، جهنڊين ۽ چنڪار وسيلي، هن منڊل ۾ جا خوشي پيري وئي آهي، سا ڇڻ تہ زوريءَ ڳتي وئي آهي. ۽ ڦيڊين جي منهن تي، جا موڪل سببان مهڪ آهي، ڪيڏي نہ ڪوڪلي ۽ خوشيءَ کان وانجهيل آهي. هڪ قسم جي اداس، اداس خوشي!

اهو مون کي ائين لڳي ٿو، يا سچ پچ ائين آهي؟

موڪل تہ هونئن هر آچر تي بہ ٿيندي آهي- پر ائين نہ محسوس ڪندو آهيان، جيئن اڄ. پانيان ٿو اڄ مون سڄو ڏينهن ڪن اڻ- ڇاتل احساسن ۽ جذبن جي لوچ هيٺ لوچيو آهي. ڪهڙا احساس ۽ جذبا، سمجهي نہ سگهيو آهيان. مبهم آهن، اڻ- ڇٺا. يا مون ۾، ٽنڪي سمجهڻ جي مٺيا ڪانہ آهي.

خير، ڏينهن گذري ويو. هر ڏينهن وانگر. پر هيءُ انوکو، آزاديءَ ۽ نجات جو ڏينهن.

ڏينهن جي ختم ٿيڻ ۾ باقي ڪو وقت هوندو.

اٿان. ڪولين ۾ بند-ٿيڻ جو وقت ٿيڻ وارو هوندو. اڳتي رڙهندو وجان. اجهوڪي گهنڊ وڳا.

برج
جيل جون ڊگهيون پٽيون
ڪليل ڇٽو نيرو آسمان

شام جو هن مهل جو جيل جون ڊگهيون، پٽيون ڪيڏو نہ اداس ٽيون لڳن. ويڳاڻيون. لهندڙ سج جا سونهري ترڪا ۽ نماشام جو هيءُ سمو هر شيءَ کي ابڪاٽيءَ جو گهرو رنگ چو ٿو پري! ها، هينئر سمجهہ ۾ آيم تہ اجوڪي آزاديءَ جي ڏينهن تي، لوچيل احساسن ۽ امنگن ۾ اداسيءَ جو هڪ عنصر بہ هو. ۽ هيءُ نم جو وڻ بہ، جنهن هيٺان مان ويٺو آهيان: اداس آهي، اباٽڪو (يا مون کي لڳي ٿو). هن اباٽڪي نم جي وڻ هيٺان ويهي،

مان جيل جي سپريڊنٽ جي هدايت- نہ، چاڪاڻ تہ جيل جو حاڪم هدايت نہ ڏيندو آهي، حڪم ڪندو آهي، هو جيل جي حاڪم جي حڪم موجب آزاديءَ جي جشن جو لطف ماڻي رهيو آهيان-

"اجوڪي ڏينهن تي اسان کي آزادي ملي هئي،
اجوڪو ڏينهن آزاديءَ جهڙي بي بها نعمت
جو تحفو ڏيندڙ ڏينهن آهي. ۽ اسين
هڪ باوقار قوم جي حيثيت سان دنيا جي
نقشي تي اڀريا هئاسين.... هيءُ اسان جي
تاريخ جو عظيم تر ۽ قابل فخر ڏينهن آهي....
جو هن ئي ڏينهن تي هيءَ ڌرتي، ڌرتيءَ جا
کيت، ڪارخانا، ملڪيتون پاڻ کي مليون هيون."
- (۽ مون کي؟)-

هون: اهو ننڍو جيلر جو، جنهن ڇاڙين وچائڻ جو اشارو ڪيو هو.

"اوهين چاڻو ٿا ۽ اوهان هتي انهيءَ جو شدت سان احساس محسوس بہ ڪيو هوندو تہ، آزاديءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪابہ ڪانہ آهي."

"سچ" رمضان پٽڪيو هو.

(اوڏيءَ مهل ننڍي جيلر جون ڪرڙيون اکيون مٿس پيون هيون)

"اڄو تہ هن تاريخي ڏينهن تي نئين سر عهد ڪيون: اسان هر قيمت تي پنهنجي پياري ۽ جان کان وڌيڪ عزيز آزاديءَ جو تحفظ ڪنداسين."

تاڙيون.

سو اڄ هن مبارڪ موقعيي تي اوهان کي عام موڪل ڏني وئي آهي، جيئن اوهان آزاديءَ جو لطف ماڻي سگهو."

۽ مان هتي، نم جي وڻ هيٺان، جيل جي ڏکڻين، ويڳاڻين پٿين جي اوٽ ۾ آزاديءَ جي ڏينهن جي پڄاڻيءَ.وارين گهڙين جو لطف ماڻي رهيو آهيان.

آسمان صاف آهي. نيرو ۽ گهرو. سامهون برج تي بيٺل سپاهي تڪل پيو پائنجي. خير، منهنجو ڇا وڃيس. آسمان جي ڇٽي، نيري وسعت هيٺان اڏامندڙ سرٽيون ڪيتري بلنديءَ تي هونديون؟

الاءِ. آسمان جي نيراڻ نہ رڳو گهري آهي، پر ڇٽي. هينئر جيڪر جهڙ تي پوي. ڪارا ڪڪر ڇانئجي وڃن. وڏ-ڦڙو وسي پوي.

نہ. وڏو- ڦڙو نہ. هلڪي هلڪي ڪڻ- ڪڻ.

هلڪي بوندا باريءَ سان، هلڪڙي ٿڌ جو تصور راحت ڏيندڙ آهي ۽ من ۾ عجيب گد گد پربل خوشي اپاريندڙ. اهڙي جهڙالي مند ۾ جيڪر ٻاهر هجان هان تہ- .

!

ٻاهر گهاريل زندگيءَ جو هيءُ سوچ گاڏڙ تصور هڪ اڻ- پوري تسڪين جو احساس ڏياري ٿو! نہ هئڻ گهرجي. تعجب آهي! قيد، نيٺ قيد آهي. آزاديءَ جو دشمن.

'ٻاهر هجان هان' -

دراصل اها منهنجي ڀرپور خواهش نہ هئي. پر هڪ عام رواجي خيال، شرط سان: ٻاهر هجان ها. ان ۾ چڪ ڪانہ هئي. ڀربور تڙپيندو آس بہ نہ. اهو چٽيءَ ريت محسوس ڪيان ٿو. بس هڪ واٿهڙو خيال هو. ٻاهر جي زندگيءَ جو تصور ڪندي، جيل جي ڏکهين ڀتين سان نظرون ٽڪرائڻ کان پوءِ لڳي ٿو هنن ڀتين جي حد تائين ئي زندگيءَ جي حد آهي. ۽ هن سواءِ حدن اندر، جيڪي هنن پاڻ مقرر ڪيون آهن - پهرو آهي. سوچڻ ڏوهہ آهي. سواءِ ڪنهن سوال جي، جيل جي حاڪم ۽ ان جي نائبن تائين ۽ سندن نائبن ۽ لاڳو ڪيل قائدن مطابق هلڻ، چربر ڪرڻ، هتي جي سٺي ۽ باعزت قيدي هجڻ جي نشاني آهي. هتي پسند نا پسند جو سوال نہ ٿو اڀري. جيل جي حڪم جو هر گفتو قانون آهي، هر لفظ ضابطو. انهيءَ جو نالو جيل آهي - ۽ جيل جي هنن وڏين ڀتين جي پويان هڪ ازاد دنيا. منهنجي سمجهہ بہ ائين چوي ٿي. ۽ ٻيا بہ چوندا آهن. ۽ هر قيدي، جنهن کي پنهنجي قيد هجڻ جو ذرو بہ احساس ٿيندو آهي، ائين ئي چوندو آهي. پوءِ بہ نہ ڄاڻ ڇو، هنن ڀتين کان ٻاهر جي زندگيءَ لاءِ ڀربور چڪ محسوس نٿو ڪيان!

البت سمجهان ٿو، آس جي حد تائين

گهر

ور ورڪڙ گهٽيون

مکيہ روڊ: موٽرون- بسون- دڪان- رونق

آفيسون

پٽڪ

پٽڪ

بوريت

گهر
رات: ساڳي. صبح: ساڳي.منجهند: ساڳي. شام: ساڳي. رات: ساڳي...

۽ هتي:
فيڪٽري- اٺت- ڪولين ۾ بند- ننڊ- جاڳ- فيڪٽري- ماني- ڪاڪوس- پيشاب-

ساڳيو..

چڪر آهي. پهرين ايندڙ پوانتي، ان چڪر ۾. دل ٿيندڙ ڪچي، اورٺ. پوءِ لائيف روٽين. سواءِ ڪنهن سواد جيَ، احساس جي.

چڪر: هڪ هنڌ جميل.

ائين ٿي سگهي ٿو: تہ- منهنجي لاءِ هن حيثيت ۾، جنهن ۾ آهيان، اهم سوال اهو ناهي تہ ڪتي گذاريان ۽ ڪيئن؟ ۽ اهڙي چونڊ ڪيان. پر زندگي، چاڪاڻ تہ، ها، چاڪاڻ تہ گذارڻي آهي، گذري وڃي، جو گذارڻ لاءِ ملي آهي- ملي آهي! نہ- دراصل مڙهي وئي آهي. اهو وڌيڪ درست آهي. اهو تہ ظاهر آهي تہ منهنجي پڇڻ يا راضپي ڪانسواءِ ئي-

بهرحال، هاڻي اٺان، وقت- ڪجهہ رمضان سان ڪچهري ڪيان ۽ پوءِ سمهان.

اٺان-

آزاديءَ جي ڏينهن جي لڳل جهنڊين ۾ هينئر اها رونق ۽ نواڻ نہ رهي آهي. ڪيتريون جهنڊيون نوڙين مان ڇڃي هيٺ پٽڊر تي پکڙجي ويون آهن. هوا تي هيڏانهن هوڏانهن پيون اڏامن. ۽ ڏينهن بہ- آخري پساهن مهل وڌيڪ اپاڻڪو ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ صبح واري جوين جي هلڪي رونق اجا اٿس، اها رونق مون لاءِ هينئر اڪيلائيءَ جي احساس ڪي وڌيڪ اپارڻ جو ڪارڻ بنجي ٿي. ۽ - عيد جي ڏينهن بہ تہ اهڙي ئي اڪيلائپ ۽ ڏاريائپ جو چٽو احساس ٿيندو اٿم! جڏهن هر هنڌ، هر جٽو، پرپور خوشيءَ واري ڏڻ ۾ پاڻ وڃائي ڇڏيندو آهي.

هينئر تہ مان پاڻ کي عجيب عجيب لڳي رهيو آهيان. جيئن ٿو سانوري شام جو رنگ گهرو ٿيندو وڃي، تيئن پنهنجو پاڻ کي ڌاريو لڳي رهيو آهيان. هن ڏينهن وانگر، جيڪو آزادي ۽ نجات جو ڏينهن آهي. اسان جيَ آزاديءَ جو ڏينهن. يعني منهنجي آزاديءَ جو ڏينهن. هاڻي !.

'اوهہ! ڪهڙا نہ سهڻا پکي آهن! ڍنڍ جا پکي آهن. گهڻا... هڪ-

ٻہ- ٽي- چار- پنج- ڇهہ- ست- اٺ -نو- ڏهہ- يارنهن- ٻهيو.

نيري آسمان جي ڦهليل ڇٽي نيري وسعت ۾. سندن اڃاڻ ياري ٽي لڳي، ۽ سندن قطار. وچي رهيا آهن. قيد جي برجن واري اڏول ۽ باوقار لڳندڙ پٿين جي هن پار، خوابن جي جڳ ۾، جتي جيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو تہ آزادي آهي. هر جٽو آزاد آهي. جيل جي هنن پٿين کي ڏسندي ڏسندي لڳندو آهي تہ، جڏهن کان زندگيءَ جو وجود ظهور ۾ آيو آهي، هيءَ پٿ آهي.

پکين جي قطار؟ ڏکڻ ڏانهن اڏامي. اڙي گهر ٻہ- تہ پکين جي اها قطار، اسان جي گهر مٿان لنگهندي هوندي-

-گهر

بابا هينئر ننڍڙي اڱڻ ۾ کٽ تي چلم مان ڦوڪون پريندو هوندو. امان سندس پير ۾ ويٺي هوندي. ڪچهري ڪندا هوندا. بابا ڪيس پنهنجي صاحب جون ۽ آفيس جون ڳالهيون ٻڌائيندو هوندو، ۽ امان وري اوڙي پاڙي جي ڪنهن نوجوان نينگر جي- ۽ منهنجو بہ ذڪر-

ادي؟- بابا ۽ امان جي کٽ جي ٿورو پر-پرو واڏڻ جي منجيءَ تي ٿٺوتو ڏيندي هوندي، ڪاٺ جي ٿٺوتي ۾ آيل جون آنگوڻن جي ننهن سان ماريندي هوندي. هر روز هن مهل ائين ٿيندو آهي. پوءِ اٿندي. چانور سوئيندي. رڌيندي. کائيندا. سمهندا. صبح جو اٿندا. نيرن، وري منجهند. وري شام وري.....

!

ساڳيو ڦيرو!

سمجهہ ۾ نٿو اچي، هن ربت زنده رهڻ جي معنيٰ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

”جڏهن الله تعاليٰ کي پنهنجي وجود جي ظهور جو خيال ٿيو، تہ هيءُ جهان، انسان، حيوان، جنات.... هڪ اشاري سان خلقيا آهن، ڪنهن ملي جي واتان ٻڌو هوم يا...خير. ڪيڏي بيوقوفي!! محض پنهنجي وجود جي نماءَ لاءِ سڄي خلق ڪي- اها ڪهڙي ڏاهپ آهي؟ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هوم: سج جي گولي مان هڪ ذرڙي جو الڳ ٿيڻ، زمين جو ٺهڻ، اميبا..... انسان جو بتدريج وڌڻ- هي سڀ ڪجهہ ارتقائي حادثو آهي. ڪيڏو المناڪ

اٺان. هينئر تہ بند ٿيڻ جو ٽائيم اچي پريو هوندو. ڪيترو ٿيو هوندو؟ پانيان ٿو تہ- پر هتي جيل ۾ رڙهڻ جو احساس ئي ڪونہ ٿو ٿئي.

زندگي ڪيڏي سست آهي. قيد ۾ وقت جا ماڻ بي معنيٰ آهن. جي احساس آهي تہ، وقتي- اڪيلائپ جي انهن گهڙين ۾، پنهنجي منهن سوچڻ مهل، پنهنجي قيدي هجڻ، ۽ قيدي هجڻ جي لحاظ کان ڪنهن مبهم انتظار، جو خود سوال بڻيل هوندو آهي. ۽ وري اهو بہ عجيب تہ: اها ڄاڻ هوندي، ايندڙ ڏينهن، هر ساڳئي ڏينهن وانگر، ساڳيو ڏينهن آهي، پوءِ بہ ان جو انتظار! جي سپاهي هي گهنڊ نہ وڄائين تہ هوند وقت هڪ هنڌ ڄڻ وانگر بيٺل لڳي، لڳي؟ پر نہ-، جيل ۾ وقت ڄميل آهي، سپاهين جا اطلاع ڏيندڙ گهنڊن جا اهي آواز، دراصل وقت جي ڄپ کي اڳتي ڌڪيندا آهن. جائي بہ، وقت کي ائين هٿرادو ڌڪڻ هڪ قسم جي دلچسپ راند لڳندي آهي. پر ساڳئي ڏينهن، پنيان ساڳي رات، ساڳي پنيان ساڳيو ڏينهن، وقت جي انهي هٿرادو ريڙهہ جا ڄاڪوڙ کي شاندار شڪست ڏئي ڇڏيندو آهي.

هاڻي اٺڻ گهرجي. سچ پچ هيءَ سڪون واري جاءِ آهي. دل بہ چوي ٿي تہ وينو هجان. ائين اڪيلائيءَ ۾. سوچ جي وهڪري ۾ وهندي، هڪ قسم جو مخصوص سرور اچي رهيو آهي.

پر، ويهي نٿو سگهان. پسند يا چوند منهنجي لاءِ بي معنيٰ لفظ آهن. جيتوڻيڪ پانيان ٿو تہ، اندر ۾ هلڪي هلڪي خواهش سرڪي رهي آهي: هتڙي وينو هجان. پر

هاڻي اٺان. مٿان رمضان اچي نڪري. اچڻ شرط عادت موجب ڪلي پڇندو: ”ڇا وينو ڪرين اڪيلو ئي اڪيلو“.

”بس. اُهئين“

”اڙي اُهئين ڇا؟“

جائي بہ عجيب جواب آهي. ’اُهئين‘ – اهو تہ نٿو ڄاڻان. پر سدائين اڪثر سوالن جا جواب، انهيءَ لفظ سان ڏيندو آهيان. ضرور هينئر ڳوليندو هوندو. سندس روبي مان پڌرو آهيٰ تہ دوستي رکڻ چاهي ٿو، جيل ۾ ساٿي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، پر مون کي اڪيلائي پسند آهي. ٻئي جي موجودگيءَ ۾ عجيب قسم جي بيچيني ۽ مونجهہ محسوس ڪندو آهيان ۽ پريشاني ٿيندي اٿم. وري سندس سوال مٿان سوال، ڪيڏو ڪک ڪندا آهن، اهو بنهہ نہ وڻندو اٿم تہ مون کان ڪو سوال مٿان سوال ڪري. نہ ڄاڻ ڇو، انهي کي پنهنجي مٿان حملو سمجهندو آهيان ۽ نہ ئي- مان ڪنهن کان سوال ڪرڻ چاهيندو آهيان. پر مان سندس دل پيچڻ نٿو چاهيان. ان ڪري سندس قرب پرئي روبي جي موٽ بہ مناسب انداز سان ڏيٺي پوي ٿي. ڪلهہ

تي چيائين:

”مهيني ڪانپوءِ تون آزاد ٿيندين.“

مان اڳ ئي، پنهنجو پاڻ مان بيزار ويٺو هوس.

”پوءِ--“

”ٻاهر تون آزادي ماڻيندين.“

”ماڻيندس؟ آزادي. هتي ۽ پهريدارن جي حدن کان پوءِ چرڻ، پرڻ آزادي آهي؟“ جواب پائڻ لاءِ، اڳتي سوچڻ جو ارادو اجايو سمجهي، لاهي ڇڏيم.

”هون.“ هن کي وراڻيم.

”ڪمال آهي!“، هن کي منهنجي ٿڌي ۽ بي پرواهي واري موٽ تي حيرت لڳي.

سندس حيرت واري ڪيفيت تي، مان منجهيو هوس، ششدر وچان، پوءِ هڪدم سوچ جو ڪانئو حياتيءَ ۾ ملندڙ مختلف ڪيفيتن تي بيهندو، ٻرڙهندو ويو:

- جستجو ۽ جاکوڙ: اتساهه ۽ جوش وچان.

(جا پوءِ خفقان لڳندڙ)

- اميد ۽ آس: ويساهه جي روشنيءَ ۾ جرڪندڙ.

(جا پوءِ سوچ جو سراب لڳندڙ)

- نراسائي ۽ نا اميدي: اداسيءَ ۽ غم ۾ ويڙهيل.

(جا پوءِ اجائي لڳندڙ)

اڪثر پنهنجي وجود کان اڻ- ڄاڻ: اهو ته مان آهيان ڪونه. جو ڏينهن جي روٽين ۾ گم ٿيل.

۽ پوءِ انهيءَ وَهَڪَ سان چرندڙ ڪيفيت پٺاندڙ هستيءَ جو هر رخ بي معنيٰ لڳندڙ. بس حياتي گذارڻ جو لفظ، ايڏو وزني آهي جو-.

يا ڪا معنيٰ زنده رهڻ لاءِ جواز بنجي سگهي ٿي؟ جي ڪا معنيٰ ڏنل ناهي ته پوءِ- مون وانگر هيءُ به هتي يا هتي

”چو! جواب نٿو ڏين.“ هن سجاڳ ڪيو هو.

”هان!....هون.“

هو ڪليو هو، پاڻوهه منجهان؛ مون ڏانهن معنيٰ خيز نظرن سان

نهاريندي، هن جي ڪل ۾ منهنجي لاءِ پيار هو، ان پيار ۾ سادو ۽ پاڪ خلوص هو. (۽ رحم جو جذبو به؟) ان پيار ۾ مون پاڻ ڪي هيچ ۽ هن کي وڏو محسوس ڪيو هو.

”ڪتاب پڙهي پڙهي، تنهنجو منهن ڦري ويو آهي:“

هن جي چوڻ جي انداز ۾، مون لاءِ پيار (همدردي؟) هو ۽ ان انداز ۾ پورو اعتماد پئي بڪيو. مون کي پنهنجي ڦڪائيءَ جو احساس پاڻ ٿيو هو.

ھو وري کليو هو. منهنجي جواب تي وڏو ٺهڪ ڏئي. اوهيو ڪولين ۾ بند ٿيڻ جو گهگهو وڳو آهي، هاڻ ته اٿان-

وقتائتو موت

- مري ويو!

خبر ناهي ڪيس مرڻ گهربو هو يا نہ. بهرحال مري ويو. اوچتو. صبح جو مئل ڏٺائونس. جيتوڻيڪ اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هو، تہ ڪو ائين، انهيءَ عمر ۾، اوچتو مري ويندو. رات تائين بنهہ چاق چڱو ڀلو هو.

ڪلهہ شام، ستين ڏاري، پڻس پڇيس:

’ڪراچي انٽرويو ڏيڻ ڪونہ وئين؟‘

”چو؟“

”ڀاڙو ڪونہ هو.“

”پوءِ مون کي ٻڌائين ها، يا ماٺيهن کان گهرين ها.“

چپ.

”وات ۾ لڦون اٿئي؟“

چپ.

”باقي ڪاٺ مهل ٿئي گوڏا ڀڃي اچي وهندين، نواب جو پٽ.“

”پيسا گهرندي شرم ٿئي آيو.“

”ڪائيندي شرم نٿو اچئي.“

چپ.

پوڙهي جي ٻڙ- ٻڙ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ.....

چپ. جهڙي پٽ. بي جان بوتو.

انهيءَ کان اڳ:

”رئيس وٽ درخواست کڻي ويو هئين؟“

”ها.“

”پوءِ ڇا چيو هئائين؟“

”چيائين، مان ڪوشش ڪندس.“

”بيو ڪجهہ بہ نہ چيائين؟“

”نہ.“

ڪنهن دفعي:

”رئيس وٽ ويو هئين؟“

”نہ بابا.“

”چو؟“

”هن ڪان اڳ ڪيترا ڀيرا ويو آهيانس. ٽاري ڇڏيو اٿائين. مان سمجهان ٿو: ڏنا ٿو ڏئي.....“

”تون سمجهين ٿو..... نوڪري توکي گهر ويٺي ملندي. ڪيڏانهن ويندي ڪونه باقي.... حرام ڪائو. ڇٺه ته حرام هڏين پئجي ويو اٿم. ٻيا ڇوڪرا ڇڻ ڪوششون ڪونه پيا ڪن. هن رئيس ڪي اصل ٽالهي ۾ رکي ڏجي.....“

چپ.

اها سندس خاصيت هئي گهٽو ڪري چپ. گهٽ- ڳالهائو. چٽڪ بلڪل نارمل. ٺڏو مزاج. ڪڏهن به ڪاوڙ: ڇڙ: يا ڪنهن به قسم جي ٽاٿر جا پوَ سندس چهري تي نه ايريا!

ماسس چيس:

”ابا. هيترو پڙهيو آهيان، ته به توکي نوڪري نٿي ملي؟“

”بس ماسي، ڇا ڪيان!“

”ڪهڙو امتحان پاس ڪيو اٿئي؟“

”ايم- اي.“

”پٽي صاحب جي حڪومت ۾ ته ديگ چڙهي پئي آهي ابا. ڪجهه ڪوشش ڪر.“

”ماسي، ڪيان ته پيو.“

ماڻس چيو:

”جن هن ڪان اڳ پاس ڪيو، تن ڪي به نوڪري ملي وئي، جيڪي هن ڪان به گهٽ پڙهيل تن ڪي به نوڪريونْ ملن پيون. باقي هن جو الاءِ ڪهڙو ڀاڳ ڦتل آهي...“

”امان، ڪوشش ڪندو آهيان. جيڪا منهنجي وس ۾ آهي.“

”پوءِ به نٿي ملئي نه. اصل نياڳو آهين.“

”هيڏي ٻڌ.“

”جيءُ، بابا.“

”ڪتي هئين هن مهل تائين؟“

”اتيئي.“

”رلڻ ڀنڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪم نه اٿئي.“

چپ.

”پڻ ڪو وزير ٿو اچي، عام ڪچهري ڪندو. تون درخواست ڪٽي وجينس، ۽ سچي حقيقت ٻڌائينس: غريب ڪلارڪ جو پٽ آهين، بابو هڪ ڪمائڻ وارو آهي. ۽ ست ٻار....“

”انهي لاءِ ويو هوس.“

”ڪيڏانهن؟“

”ڊي- سيءَ وٽ.“

”ڊي- سيءَ وٽ ڇو؟“

”اجازت نامي لاءِ.“

”تہ اجازت نامي ڪانسواءِ عام ڪچهري ۾ نٿو وڃي سگهجي؟“

”نہ، بابا.“

”ڊي- سي ڇا چيئي.“

چيائين: ”نوڪري لاءِ درخواست پيش ڪري نٿي سگهجي. اهو عام مسئلو آهي.“

پٽس چپ.

پاڻ بہ چپ.

ٻاهران آيو. رات ڪِپل گذري ويل. پٽس در کوليندي پڇيس: ”ڪٿي هئين هن مهل تائين؟“

”اتيئي.....بس دير ٿي وئي.....“،

ماڻس جاڳي. پڇيائين: ”ڪير آ؟“

”تنهن جو ڪاٺو پٽ. ڪمائي آيو آهي.“

چپ.

”ماني نہ کائيندين! رئيس.“

”نہ، بابا- بک ناهي.“

جيتوڻيڪ کيس سخت بک لڳي هئي!

”انٽرويو ڏئي آئين؟“

”ها بابا.“

”پوءِ؟“

”انٽرويو ۾ ڪجهہ بہ نہ پڇيائون. رڳو نالو، پيءُ جو نالو ۽ تعليمي لياقتون پڇي ڇڏي ڏنائون.“

”پوءِ آهي ڪو آسرو؟“

”الاءِ بابا.... پر سيني پئي چيو تہ اپائنٽمينٽ اڳ ۾ ٿي چڪي آهي. هيءَ رڳو فارملٽيءَ جي پورائي لاءِ آهي.“

”هون-“

ڪلارڪ جي پهرين تاريخ

تيون ڏينهن، ٽيهين تاريخ: جڏهن سندس سڀ ڪان ننڍي نينگر ڪيٽو ڪيو، پرڇائينديءَ ريجهائينديءَ چيائينس: "پرهين پهرين تاريخ آهي نه، پگهار ملنديءَ ته پوءِ توکي رانديڪو وٺي ڏيندس، سٺو سٺو رانديڪو پان-پان- ڪندو آهي."

انهيءَ تي سندس وچين ڇوڪريءَ رڙ ڪئي: "بابا مون کي به."

"بابا مون کي گڏي وٺي ڏجانءِ، جنهن کي ڦڙو پيل آهي."

"ها ٻٽ توکي ڦڙي واري گڏي وٺي ڏيبي، بس!"

انهيءَ کان وڏي ڇوڪري، جيڪا مڊل جي انين ڪلاس ۾ پڙهندي آهي، هن مهل تائين چپ بيٺي هئي: "بابا" لفظ کي سر وٺائيندي چيو: "بابا... اڳئين مهيني به اوهان جاميٽري باڪس وٺي ڪانه ڏني هئي، مون کي مس ڪيترا پيرا ڪلاس مان ڪڍي ڇڏيو.... چيائين ته جيڪڏهن ايندڙ مهيني نه آندءِ ته پوءِ تنهنجو نالو ڪڍيو ويندو."

"ها بابا، تنهن جي جاميٽري باڪس پهرين تاريخ ضرور وٺي ايندس." وراڻيائين.

ڪاليج جي پهرين سال ۾ پڙهندڙ سندس ڇوڪرو، جيڪو بنهه خاموش وينو هو؛ اوچتو ڪيس يونيفارم جو خيال آيو. سندس نالو وٺندي چيائين: "انو هن مهيني تنهنجو به يونيفارم پڪ ٺهرائي ڏيندس. ڇا هي؟ خاڪي پينٽ ۽ اڇي قميص نه؟"

"ها بابا"

"بس ڏاڙهي، تنهنجو يونيفارم هن مهيني توکي تيار ملندو."

پٽس خاموش رهيو، نظرون جهڪائي آڱرين مان ننڪاءَ ڪڍڻ لڳو.

جوٽس چيو: "هنن انگريز مُٺن جو به الاءِ ڪهڙو ابتو حساب آهي. هڪڙا مهينا ٽيهان ته ٻيا ايڪٽيهان، تنهن کان ته سنوان سڏا سڀ مهينا ٽيهان ڪري ڇڏين ها...."

"ڇري اهو حساب سال جي ڏينهن موجب ٺهيل آهي"، ڪلي زال کي سمجهائيندي چيائين: "انهيءَ ۾ انگريزن جو ڪهڙو ڏوهه."

"پر ايڪيٽهين مهيني ۾ سڪي پگهار وارن جو روح رلي تو وڃي."

جوٽس چيو، "....ءِ ها"، ڪيس ياد آيو: "وهاڻن جي ڇٽن جو به ڪپڙو

ونٺو آهي. وهاڻن جي حالت ڏسين ٿو. چادرون بہ ڦاٽي ويون آهن، حال في الحال انهن کي ڪٽي ڇڏ، وري ٻئي پيري، پر ڇئون تہ ضروري آهن، بافتي جا بہ- ٿي وال ڪري.....“

”ڇگو“ جهيڻي آواز ۾ ورائيائين.

تيون ڏينهن، اڄ جي ڀهرين تاريخ وارو نراميد ۽ آس ڀريو سپنو ڪيڏو نہ سندر هو!

وينو آهي آفيس ۾ پنهنجي ڪرسيءَ تي. ملليل ڪل پگهار: مهانگائي الائونس سميت پيسا 62 -345 رپيا پيل ڪيسي ۾. ذهن ۾ پيل فڪر، ڳڻتيون ۽ سوچ جون ڇپاٽيون.

لکي ٿو:

ڏيڻا آهن:

سيڌي وارو (راشن سميت)	250-00 رپيا
کير وارو	62-75 رپيا
ڌوبي	15-50 رپيا
جاءِ جي مسواڙ	15-50 رپيا
نلڪي واري کي (هيءَ بہ هر مهيني پيڻ جو... ڪريو ٺي ڪريو پيو آهي.)	10-00 رپيا
ٻارن جون فيون	50-00 رپيا
دوائن جو بل	50-00 رپيا
ورتل اوڌر	45-00 رپيا
لائيٽ جو بل	13-00 رپيا
{”ءِ...ها! هودي جو ٽيڪس بہ تہ ڏيڻو آهي.“)	9-00 رپيا

ٽوٽل 62-545 رپيا

جوڙس ٿي جڪ ٿا اچنس: ”سيڌو گهرائيندي تہ اڳ پٺ جاچي ٺي ڪونہ.“ وري اوچتو هڪ معقول خيال اچيس ٿو: ”مهانگائي آهي. پنجهتر تہ اڳوٽا رهيل اٿس، باقي سو پنجهتر، جنهن ۾ کنڊ، گيهہ ۽ اٽو... گاسليٽ، لوڻ مرچ، صابڻ ۽ الاءِ ڇا جو ڇا.... ڪو گهٽا ڪونہ آهن.

پگهار: 62-345 رپيا ۽ ڏيڻا آهن: 26-545 رپيا!

متو چڪرائجي وڃيس ٿو، پوانٽي! ڪمزوري محسوس ڪري ٿو ۽

نروس نيس. سوچڻ، حساب ڪرڻ ڇڏي، هڪ ڊگهو ساهه کڻي، ڪرسي تي ٽيڪ ڏئي، سگريٽ ڪڍي ٿو ۽ ڪش هڻي وري سوچڻ شروع ڪري ٿو.

سيڏي واري کي هن پيري رڳو سؤ رپيا ڏيانس، باقي رکايانس، کير واري کي اڌ ڏيان ("کير پيئڻ ڇڏي ڏيڻ گهرجي، لجايو....)، ٻين کي به اڌ، اڌ ڏيان باقي مسواڙ اينڊز مهيني ڪري ڇڏي ڏيان، ۽ ورتل قرض به گول...."

سيڏي وارو ("هٽندو ته جهڳي پر خير")	100-00 رپيا
کير وارو	30-00 رپيا
نلڪي واري کي	10-00 رپيا
بجلي	13-00 رپيا
هودي ٽيڪس	9-00 رپيا
دوائن جو بل (نه ڏيان؟ ويهه ٿو ڏيانس)	20-00 رپيا
فيون وغيره	50-00 رپيا

ٽوٽل 232-00 رپيا

هاڻي:: 345-62 رپيا
232-00 رپيا وجن

باقي 113-62 رپيا

تن ۾ سڄي مهيني جو خرچ، يونيفارم، انهيءَ جي سبائي، پاڇيون پٽيون، مٺيون خرچ....

پاڇيون وغيره ("جيڪڏهن روزانو ٻن رپئين جي پاڇي اچي، ته")	60-00 رپيا
سگريٽ ماچس چانهه وغيره	15-00 رپيا
فيملي پلاننگ جون گوريون ("آپريشن ڪرائي ڇڏيان پيسا به ملندا ۽ هن مصيبت کان به--"	3-00 رپيا
انوءَ جو يونيفارم ڪپڙو ۽ سبائي	50-00 رپيا
جاميٽري باڪس،	5-00 رپيا
روزمره جو مٺيون خرچ	15-00 رپيا

”هتي ئي سؤ انيتاليهه تي ويا!“

ڪجهه نه سمجهه ۾ ايندڙ، ذهن ڳورو، جڻ ته مٽين بار اندر ڳتيل.

”چئون، ٻارن جا رانديڪا. سندس (جوٽس جي) چمپل به بنهه بيڪار ٿي وئي آهي، نه ٿي ڪجي، صابرين آهي...“.

اوچتو هن مهيني شمشاد جي شادي به آهي. ٻاٽيجي آهي، مون تي حق اٿس. گهٽ ۾ گهٽ جوڙو ته لهڻي، نياٽي آهي.... پنجاهين ۾ ٿي ويندو تنهن ڪانسواءِ هن موقعي تي ڪجهه نه ڪجهه ڏيڻو به پوندو...قرض- ڪنهن ڪان؟ خدا بخش جا اڳئي آهن، هن مهيني به جڏهن هن کي نٿو ڏيان ته ٻوءِ گهرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، اڳ به بي عزتي ڪئي اٿائين. ستار ڪان گهري ڏسان، نه ته ٻوءِ......

اوچتو ڪنهن ٻوساٽيل، گهٽيل ۽ اونداهين ڪڏ ۾ ڪريل، گهيريل ۽ قاتل هجڻ جو شديد احساس ٿئيس ٿو: ”هيءَ به ڪا زندگي آهي! سڄو ڏينهن ڏڳي وانگر وهه. تڏهن به هيءَ حالت!“ بي خيالي ۾ سندس ڪاٻو هٿ مٿي تي گهمي ٿو وڃي، جنهن تان وار ڪسي وڃي نالي ماتر بچيا آهن.

ڪمزوري محسوس ڪري ٿو، جڻ سموررو رت ڪنهن چوسي ورتو هجيس يا ڏگهي بيماري مان اٿيو هجي. ”گذري ويندو، جيئن هن وقت تائين گذريو آهي. هيءُ ته مقدر ۾ لکيل آئي.“ سڀ پنا ڦاڙي رديءَ جي ٽوڪري ۾ ڦٽا ڪري ٿو. ٻئي ٻانهون مٿي ڪري آرس ڀڃي ٿو. پوري بدن مان ٽڪاءُ نڪرندس ٿا.

”هلون.“ آواز ٻڌي ٿو.

”ٿاڪيم ٿي ويو؟“ جهڪي لهجي ۾ سندس آواز- اٿي ٻاهر نڪري ٿو.

”...... چئون، ٻارن جا رانديڪا. قرض ڏيندڙن جو ڪينو، منحوس منهن.....“ ڳٽيون هڪ پيرو وري سندس وجود کي مکين وانگر وڪوڙي وڃن ٿيون.

اتساهہ جو موت

[تنل، اٽپورين ڪهاڻين جي هڪ ڪهاڻي]

سياري جي ڊگهي رات. رات جا ٻارنهن. اڇو ڪاڳر. هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهہ:

"1960ع جنگ لڳل. شام جي مهل، سج لٿي ڪانپوءِ، هلڪي اوندهہ بليڪ آئوٽ ڪارڻ. روشني نہ. روڊ رستا ٻسا، گهٽيل لڳندڙ. گهٽيءَ مان هڪ هندو لنگهي ٿو. ڏر تي وينل ڪتيءَ وانگر چار- پنج مسلمان ڇوڪرا وجنس ٿا!"

- پنهنجي بابي هندستان جيءُ جهازن کي تارچ ٿو ڏيکاري.
- جاسوس آهي، جهنم رسيد ڪيوس.
- (نہ نہ، مولا جو قسم اهو غلط آهي.....)
- اڙي ياٽچوت تنهن جو وري مولا کهڙو؟
- ڪافر! مولا جو نالو ٿو وٺين، پنهنجي پليد زبان سان.

اوچتو: ڊي. ٻي. آر.

اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم، اڇو، اڇو ڪاڳر.

رات ڳپل گذري ويل. لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهہ. ٻرندڙ سگريٽن جو دونهون ڦهليل. هٿ ۾ قلم. اڇو ڪاڳر:

استاد جمعو مستري صبح جو جڏهن ڪارخاني ڏانهن وڃڻ لڳو تہ، معمول جي ابتڙ زال ڏانهن ڏسي،پنهنجي گنيير منهن تي، زوريءَ مرڪ مڙهيندي چيائين: 'سياڳي، اڄ متان، پنهنجي آخري گڏجاڻي هجي.'

'ڇو؟ ڏٿي خير ڪندو. ماريا اهڙي وائي تہ نہ ڪڍ.'

'اڄ اسان جي هڙتال آهي. شايد گولي هلي.'

سوال ۾ ڳوڙهن ڀنل اکيون! گونگي زبان. بت هڪ هنڌ بوتو بڻيل.

'جاڻين ٿي، هتي لاش بہ نہ ليندا آهن.'

اوچتو: طبقاتي ڏقير هلائڻ، قلم....، سزا....

اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر خالي خالي!

رات. چوڏاري سناٽو. واچ ٻيٺل. هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ ڀرپور

اتساهہ: ڪهاڻي- جيڪا بلوچستان جي هڪ تازي واقعي بابت:
"اها بلوچ عورت، جنهن جي....."
اوچتو: ڊي. پي. آر.
اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر، خالي خالي!
'اهو پريو مڙس اسان کي، موئن جي دڙي کان موٽندي ڏوڪري اسٽيشن تي، گاڏيءَ جو انتظار ڪندي، پليٽ فارم تي مليو. ترڪي ٽوپي، بادامي زرين جو ڪوٽ. هلڪي اڇي ڏاڙهي، ڪتر ڪيل مڇون ۽ ناسون، ناس سان، ناسي ٿيل. هٿ ۾ اڇو رومال، جنهن سان ذري ذري، نڪ ۽ چپ جو مٿيون حصو صفا پئي ڪيائين.
- سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهيو؟
- ها سائين!
ڳالهائڻ شروع ڪيائين: سنڌ کي نئين سِر جيارڻ جي هلچل......ها، سنڌي هڪ قوم، سادي سباجهي. سادگي ۽ سباجهائي ڪمزوري بڻيل. اوهان نئين دور جا نوجوان آهيو. ڇا اوهان ڄاڻو ٿا: تاريخ جي هر دور ۾، ڪمزوري يا هيٺائي وڏو ڏوهہ آهي.......
'اوهان منهنجا ٻچا آهيو. اوهان کي ٻڌايان: جڏهن هن ڌرتيءَ تي عربن، ايرانين، ارغونن، ترخانن، مغلن، مغلن جي ناجائز پونئرن ها: ڄرامي ٻارن ۽ انگريزن ۽ ٻين ڦورو ۽ لٽيرن جا پير اڄا هن ڌرتيءَ تي نہ پيا تڏهن، ها، تڏهن....
(هلندڙ قلم هڪ هنڌ بيٺل)

اوچتو: سنڌي ڪا قوم ناهي، پاڪستان ۾ هڪ ئي قوم رهي ٿي، پاڪستاني. غداري- سزا.....
اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم، هٿ هڪ بيٺل. ذهن خالي.
رات جو هڪ. اڇو ڪاڳر. هٿ ۾ قلم. لکڻ لاءِ ڀرپور اتساهہ.
"هيءُ ان ماءُ جي لال جو ذڪر آهي، جيڪو، پوليءَ وارن ڪرايل فسادن ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيو. ڀيرو جوان، هاڻي پريل منهن تي هلڪي مڇن جي ريهہ............."
سيڪشن...
اتساهہ مروٽيل، هٿ ۾ قلم. هڪ هنڌ بيٺل.
"- سائين، هن مان جيڪڏهن 'سنڌ' جو لفظ ڪڍو تہ بهتر.."

"-؟!"

"- مان اوهان جي اڻ- چيل سوال کي سمجهي ويس. دراصل پريس ۽ پبليڪشن آرڊيننس... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا:

اوچتو سوالن جو سلسلو: جرئت جي گهٽتائي؟ پيٽ جو مسئلو؟ آزاديءَ جي مقصد تي ذات کي فوقيت؟ خود غرضي؟ منافقي؟

ليکڪ وٽان:

هن اڻ- پورين ڪهاڻين پٺيان هڪ ڪهاڻي آهي: هڪ ڀرپور جذبي، اتساهه جي آتم ڪٿا. اهو جذبو، اتساهه جيڪو خطري طور پنهنجو اظهار آهي. ذات جا پنهنجي اظهار ۽ اوسر لاءِ آزاديءَ گهري ٿي. ذات جو اظهار، وقت جو پڙاڏو. وقت جي پڙاڏي کي ڪچلي، دٻائي سگهجي ٿو؟ سگهيو ويو آهي؟ هيءَ هڪ مجيل سچائيءَ آهي تہ: ذات جو اظهار وڏي قرباني گهري ٿو.

هيءُ ديس، جنهن جي رهواسين جي خمير ۾ سادگي ۽ سچاجهائي ڳتيل آهي. سچائي، جن جو گڻ آهي. اتي ها، اتي، ساٽيهہ سودينڊڙ ۽ وڪاڻل بہ رهن ٿا. جيڪي اوچي ڳاٽ فخر سان غداري جو اعتراف ڪن ٿا. اهڙا ڊونگي منافق بہ رهن ٿا. جي ڏاهپ ۽ ڄاڻ جو ڍونگ رچائي، وطن وڪڻندڙن سان ساٿياري ئي وقت ۽ موقعي جو ناٽڪي روپ ڌارين ٿا. جڏهن سندس بکيا اڍڙن ٿا، تہ هو پنهنجي ڏوهن ۽ منافقيءَ وارن ڪرتوتن کي (پنهنجي پر ۾) لڪائڻ واسطي، تاريخ ۽ محب وطنيءَ تي هڪ هٽي قائم ڪري فتوائن جو سهارو وٺن ٿا.

تاريخ جي اکين ۾ هيءَ ڏوڙ وجهڻ جي ناڪام جاڪوڙ، هڪ پاڻ-نڳيندڙ مشڪري وارو ناٽڪ آهي، جيڪو.......

ڇا مان بہ ڪو سانگ رچايان؟ ڪنهين بهاني، اٽڪل بازي حرفت، پنهنجي ڏوهہ جي بار کي جهڪو ڪرڻ لاءِ فتويٰ جو سهارو وٺان؟

نہ بهتر آهي اعتراف ڪيان: پنهنجي سچي جذبي جي اظهار جي سگهہ نٿو ساريان. هن اعتراف سان، مون کي هن حقيقت کي بہ مڃڻ گهرجي تہ، هيءُ منهنجي ذات جو موت آهي ۽ مان آهيان هڪ ٽٽل روح. چرپر ڪندڙ انسانن ۾ بہ، مئل انسان زنده انسان هوندا آهن. زندگي جي مختصر وصف هن ريت بہ بيان ڪري سگهجي ٿي تہ: اڳتي اسرندڙ چرپر.

هڪ جيئري انسان جي مئل زندگي، جيڪو: لائيف جي مڪينيڪل ۽ مڙهيل روٽين ۾ هڪ مشين جي بيجان پرزي وانگر. مقرر ٿيل حدن ۽ ماڻن موجب چرپر ڪري ٿو. پر زنده جيو وانگر اڳتي نٿو اُسري.

هيءُ اتساهہ جو موت نہ، ذات جي حيات جو موت آهي.

مئل زندگي

ڪراچي. ڊسمبر جي اداس شام. ڇدا ڇدا ڪڪر آسمان تي نڪرندڙ، اڳ پڇائيندڙ-

- خاموش آهين؟

-دراصل سياري ۾ شام جو سمهڻ ڪري سستي اهڙي ته وڪوڙيو وجي جو.......

- تنهنجي مدم؟

- حيدرآباد وئي آهي

خاموشي-

- ڪٿي غلط وقت تي ته نه آيو آهيان؟

- نه نه، اهڙي ڪا ڳالهه ناهي.

- ڳالهائين نٿو؟ اجا نند-؟

- تنهنجي سياست جا ڪهڙا حال آهن؟

- پيارا، سياست منهنجي بابي جي ناهي؛ تنهنجي به آهي.

- ڦڪائپ جو تهڪ.

خاموشي.

- تنهنجي سروس جو ڪهڙو حال آهي؟

- مڙئي گاڏو گهلجي پيو.

- مطمئن آهين؟

- رهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان.

- منهنجو مطلب آهي: تنهن جو ضمير مطمئن آهي؟

- مون کي تون، منهنجي ضمير کان ڌار ته ڪري نٿو سگهين.

- تنهن جي معنيٰ ته تون پاڻ کي بي ضمير بنائڻ ۾ رڌل آهين......

- مان تنهنجي نتيجي کي رد نٿو ڪيان.

- ايڏي جرئت واري بي شرمي!

- نه، حقيقت جو اعتراف.

خاموشي.

- بيا ڪهڙا حال آهن- وقت ڪيئن پيو گذري؟

- تو اهو سوال مون ڏانهن لکيل خط ۾ به ڪيو آهي. ڄاڻان ٿو،

تون اهو سوال، هر ملندڙ کان رڳو هن ڪري ڪندو آهيان تہ: جيئن پنهنجي مقصد جي بيان لاءِ ميدان تيار ڪري سگهين.

- مطلب؟

- مطلب تہ: جواب ڏيندڙ اڳلو، فطري طور پنهنجن حـالتن جي غيريقيني ۽ عدم سلامتي جو رڻو پٽيندو ظلم، بي انصافي ۽ زيادتين جو بيان ڪندو، پيانڪ ۽ غيرسلامت مستقبل وغيره وغيره پوءِ تون مڪينيڪل انداز ۾ لائين فٽ ڪرڻ شروع ڪندين: پيارا! اسان جي ملڪ ۾ سماج جون اهي ڪڙيون حقيقتون آهن. جنهن جو احساس نہ رڳو تون، پر هر مظلوم انسان ڪري ٿو. پر بنيادي سوال آهي تہ، اهي ڏاڍايون ۽ بي انصافيون ختم ڪيئن ٿين. رڳو رئڻ ۽ شڪايتن سان تہ ڪجهہ نہ ورندو. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ سڀ مظلوم طبقا گڏجي جدوجهد ڪن. تحريڪ هلائين، حال ۽ مستقبل جي سلامتيءَ لاءِ. تحريڪ هلائڻ لاءِ تنظيم جي ضرورت آهي، قربانين جي ضرورت آهي، چاڪاڻ تہ....

وڏو ٺهڪ.

- وڏو حرامي آهين.
- تنهنجي انهيءَ فتوئ سان اتفاق نٿو ڪيان.
- خير، هلون ٻاهر.
- هلون ٿا. مان هٿ- منهن ڌوئي ونان.
- دير لڳندي؟
- خاص نہ. تون تيسيتائين هتان ڪو ڪتاب ڪڍي ڏس.
- منهنجي خط جو جواب؟
- هن نوٽبڪ ۾ اندر رکيل لفافي ۾.
- هي نوٽبڪ پڙهي سگهان ٿو.
- خوشيءَ سان. بڪواس لکيل اٿس، پڙهي وقت زيان ڪندين.
- چئبو تہ بڪواس بہ لکين ٿو.
- مان خود هن ڌرتيءَ تي بڪواس آهيان.

چڱو، جلدي ڪپڙا مٽي وٺ.

خط:

تو مونکي ليڪچر پيارڻ سان گڏ، جيڪو هدايت نامو ڏنو آهي؛ انهيءَ بابت مان ڪجهہ چوڻ نٿو چاهيان.

تو پڇيو آهي: وقت ڪيئن پيو گذري؟ سمجهان ٿو تنهن جو هيءُ

سوال رسمي ۽ روايتي آهي، پر نہ ڄاڻ ڇو، مون کي هيءَ غير اهم ۽ رسمي سوال، حياتيءَ جو ڳپ، لڳندو آهي. جم ۽ موت جي وچ ۾ پريل ۽ چرپر ڪندڙ وٿي، جنهن کي حياتي جو نالو ڏنو وڃي ٿو، انسان لاءِ انهي جو گهارڻ ئي بنيادي سوال آهي. هن سوال کي، هر ڄڻو، پنهنجي ئي انداز ۽ روپ ۾ جواب ڏئي ٿو. تجربي ۽ حالتن آهر. پنهنجي ان جواب مان ڪير ڪيترو مطمئن ۽ غير مطمئن آهي، يا اطمينان لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو. اها الڳ ڳالهہ آهي.

بهرحال- منهنجا دوست، گهاريان پيو: نوڪري ڪيان ٿو، نہ ڪرڻ چاهيندي بہ؛ جو هن ڪان وڌيڪ ٻي ڪنهن بہ صورت ۾ ذليل ٿي نٿو سگهجي، پر پوءِ بہ هن ذلالت جو بار ڪڻڻ جي ڀرپور خواهش رکان ٿو. ڇاڪاڻ تہ زنده رهڻو اٿم. هتائين هميشہ هن ڪٺڪي ۽ ڊپ جي ذهني عذاب ۾ پوڳيندو آهيان تہ: ڪٿي هيءَ ذلالت جو بار ڇڏائجي نہ وڃي. ۽ پوءِ ڇا ٿيندو جو پيانڪ سوال.......

(خط نامڪمل)

نوٽبڪ ۾:

چيائين: اداس آهين؟

چيم: ڪا ڳالهہ ناهي.

چيائين: طبعيت خراب اٿئي؟

چيم: زندگي ئي خراب آهي.

چيائين: مطلب؟ وقتين پيو يا فلاسافي پيو تاڻين؟

چيم: نہ، تون نہ سمجهي سگهندين.

چيائين: تون سمجهاءِ تہ مان بہ سمجهان.

چيم: ٻڌائي چيو آهي تہ: "الا! ڏاهي م ٿيان، ڏهيون ڏک ڏسن."

چيائين: سائين پلا، اها ڪهڙي ڏاهپ آهي، جنهن اوهان کي.....(سندس ٽنول کي محسوس ڪندي، نظرانداز ڪيان ٿو)

چيم: توکي خبر آهي تہ: سنڌ اڄ تاريخ جي انهيءَ دور مان گذري رهي آهي، جنهن ۾ سندس مستقبل جو فيصلو ٿيڻو آهي، مان هڪ سجاڳ، حساس ۽ سلجهيل ذهن آهيان. چوڌاري ۽ وک وک تي جيڪو ظلم ۽ انياءُ، ڪميٽائيون ۽ ذلالتون ٿين ٿيون، ٻين سان يا خود مون سان، تن کي محسوس ڪيان ٿو ۽ ان احساس هيٺ پوڳيان ٿو. چاهيان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو تہ ييءَ سپ ڪجهہ تبديل ٿيڻ گهرجي، ختم ٿيڻ گهرجي، هن حقيقت کان

سـچاڻ آهيـان تـه تبـديلي جي هن جاڪـوڙ ۾ شـامل ٿـيڻ ۽ ان ۾ پاڻ وڃائي ڇڏڻ، نـه رڳو اڄ جي حـالتن ۾ منهنجو بنيـادي فـرض آهي، پر منهنجي ذاتي بي اطمـيناني ۽ ذهني ڇڪـتـاڻ جو عـلاج بـه. ڏوهاري هجڻ جو اهو تکو احساس آهي، جنهن جا ڪاپاري ڏک، مون کي ڪڏهن ساٿو ۽ بي ستو ڪيو ڇڏين، ۽ مان......

اوچتو احساس ٿئيم ٿو تـه، ڪٿي روايتي ليڪچر بازي تـه نـه ڪري رهيو آهيان. چپ ٿي وڃان ٿو! خاموشي ٽوڙيندي، سواءِ ڪنهن اڳوات جي ويچار جي؛ فلم جو پروگرام پيش ڪيان ٿو: 'هل، تـه فلم تي هلون.'

ڇٽي نٿو سگهان، هيءَ بناوٽي ۽ وقتي فرار جا طريقا پناه ڏيڻ ۾ ڪيسيتائين سات ڏيندا؟

•

سنڌي شـاگـردن جو هڪ وفـد آيو. ڪتـابن تي پيل بندش خلاف احـتـجاجي جلوس ۾ شـريـڪ ٿـيڻ لاءِ نيند ڏيڻ واسطي. ڳالهين ڪندي ٻڌايائون تـه جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اڪثر ليکڪن ۽ شاعرن مختلف عذر پيش ڪري انڪـار ڪري ڇڏيو آهي. جن ۾ قومي، عوامي وغيره لقبن سان نوازيل بـه شـامل آهن. ڪن چيـو: هيءُ وقت ڪـان اڳي، جوکي وارو ۽ اجايو مارائيندڙ قدم ٿيندو. ڪنهن چيو، مان ٻچڙيوال آهيان، جي مون کي ڪجهه ٿـيـو تـه منهنجن ٻچن کي قـوم تـه ڪانـه سنڀـاليندي! ڪنهن نوڪـريءَ جي مجبوري ڏيکاري! ڪنهن چيو: بابا، اها سياست آهي، اسان فنڪارن جو ڇا وڃي! ڪنهن چيو: صبـر ڪـيـو، پنهنجن جي حـڪـومت آهي گهـٽـو ڪجهه ٿيندو. ڪن نلهو همدرديءَ جو جذبو ڏيکاريندي، پنهنجي شريڪ نـه ٿيڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ ڪو وزني عـذر پيش ڪندي جلوس کي ڪاميـاب بنائڻ لاءِ ڍير صلاحون ڏنيون! ۽ جڏهن ڪين اسان ٻڌايو تـه فلاڻا فلاڻا نالي چڙهيا انڪار ڪري چڪـا آهن ۽ اسـان کي جلوس ڪڍڻ ڪـان جهليـو اٿن. تـه ورنديءَ ۾ انهن صـاحبن، ڪين گـاريون ۽ لعنتن جا ڏوڙيا لائي ڏنا ۽ ڪين ڪـائـر، بزدل، وڪاٺل، جي لفظن سان نوازيو. خير مان سوچي رهيو هوس تـه ڪهڙو عذر پيش ڪيان. نيٺ ڪوبـه عذر نـه سمجهيو، يا اهڙي اخلاقي جرئت ساري نـه سگهيس، شريڪ ٿيڻ جي هام ڀريم. همدردي ڏيکاريم ۽ چندو ڏنم.

ڇاڻان ٿـو: مـان جلوس ۾ ڪـونـه ويندس. مـڃان ٿـو، حـالتن سـان مقـابلي جي جرئت ڪـانـه اٿم. سـوچيـان ٿو: مـون جو شـاگـردن کي چيـو تـه منهنجيون همدرديون اوهان سان آهن، سو هـمدرديءَ جي ضرورت جرئتمند

شاگردن ڪي آهي، يا مون ڪي، پنهنجو پاڻ ڪي!

●

اڄ آفيس ۾، ڪنهن حادثي سبب اوچتو، نوڪريءَ جي غير يقيني هجڻ جو شديد احساس ٿيو، هھڙي قسم جي غير يقيني حالتن جي نتيجي ۾، غير سلامتيءَ واري اذيت ناڪ پوڳنا ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. سمجهہ ۾ نٿو اچيم تہ هيءَ سيفس واري زندگي پنهنجو پاڻ تي ڇو مڙهي اٿم. ايتري قدر جو، هيءَ زندگي منهنجي ڪمزوري بنجي وئي آهي!؟

●

(ٿيون ڏينهن جي واقعي جنهن ربت مون ڪ ذليل ڪيو ۽ نيچپٽي جو شديد-)

●

نوٽبڪ هٿن مان ڦريندي، ڦٿو ڪندي: .اڙي يار، ڇا پڙهي ڪندين. اٿ تہ هلون.'

'Damn it, Come on.'

ٻاهر، رستي تي:

- ڪامريڊ ڇا پيو سوچين؟
- تنهنجي خط تي ۽ نوٽبڪ ۾ لکيل-
- بڪواس آهي. وقتي طور اپريل جذبن جو جذباتي اظهار. هن تي سوچي پنهنجي انرجي زيان نہ ڪر.
- پر مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ سواءِ ڪنهن نصب العين جي، نيٺ تنهنجي زنده رهڻ جو مقصد؟
- پنهنجي جبلي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ مٿا- ڪٽ ڪرڻ.
- تہ ڇا تون پنهنجي انهيءَ زندگيءَ مان مطمئن آهين؟
- ڪير بہ پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن نہ آهي.

اهو Defence mechansim آهي.

-تون هن کي 'Defence reaction' بہ چئي سگهين ٿو. پر ائين ڪرڻ يا ان انداز سان ائين سوچڻ، ضرورت بڻجيو پوي.

- پر پيارا، جبلي گهرجن کي تہ جانور بہ پورو ڪن پيا. تون انسان آهين، هڪ سلجهيل ۽.....
- سمجهہ تہ مان تنهنجي مفهوم وارو ا نسان نہ آهيان.
- توسان پوءِ ڳالهائڻ اجايو آهي.

- مان ته ڪيترا پيرا اڳ به عرض ڪري.....
- تون وڏو حرامي آهين.
- مان ڀڪ سان چئي نٿو سگهان.
- هر سنجيديءَ ڳالهه کي مذاق ۾ ٽاريو ڇڏين. مان سوچي به نٿو سگهان ته تنهنجي ذات ايترو Degeneration جي اوڙاهه ۾....
- خير، تون ڇا به چئين، تنهنجي راءِ جي اظهار جو حق مڃيندي، مان توکي ٻڌايان ٿو ته: مان، نه ٽرمنالاجيءَ جي لفظن ۾ پنهنجي ذات جي اصليت کي محدود رکڻ چاهيان ٿو، نه ئي لفظن جي حدن اندر پنهنجي اصليت کي ڦولهڻ چاهيان ٿو.
- ٻوليءَ جا اهي لفظ، انسان، نيٺ پنهنجي انهن مقصدن لاءِ ئي ٺاهيا آهن. پر مان سمجهان ٿو ته: منهنجو Degenerationوارو ريمارڪ شايد تنهنجي انا کي ڌڪ ئي لڳو آهي.
- نه، اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي.
- پوءِ اوچتو، هيءَ تنهنجو تڪو، ڏمريل ۽ اڳرائيءَ وارو لهجو؟
خاموش-
- Wounded Pride?
نه: Degeneration جو احساس
گڏيل ٿڪ.
- وڏو حرامي آهين. نيٺ تون لنوائين ڇو ٿو؟
- ان کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه آهي. (گهڙيءَ جي ماٺ کان پوءِ) هڪ ئي چڪر ۾ گهمندڙ زندگيءَ جي بيزاريءَ واري ۽ هڪ- رنگي احساس کي متاثڻ لاءِ ڪو سانگ ته گهرجي.
- ته پوءِ خط ۽ نوٽبڪ ۾ جو لکيل...
- بڪواس آهي. اڄ ته هن هوٽل ۾ چانهه پيئون.
- خاموش آهين؟
- ۽ بيزار به.
- سبب؟
- ڇا اهو ضروري آهي ته: هر ڳالهه کي سبب ڏنو وڃي.
- پيارا، تون گهڻو وقت پاڻ کي نڳي، دوکي ۾ رکي نٿو سگهين.
- ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته مان سمجهان ٿو، منهنجو ڇو ڪارو ئي پاڻ کي ڪاميابيءَ سان نڳڻ ۾ آهي.....

- بڪواس بند ڪر، بڌ: تون پاڻ کي گهٽو وقت دوکي ۾ نٿو رکي سگهين. تحريڪ کان جدا ٿيڻ کان پوءِ، تنهنجي لاءِ هن وقت بنيادي سوال آهي، پاڻ کي ڪنهن ريت مطمئن رکڻ. تو پاڻ کي مطمئن رکڻ لاءِ، بين دوهه ڪندڙ ليکڪن جي ابتڙ. جنهن سوچ جو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ ۾ پنهنجي ڏوهي هجڻ جي اعتراف جو شديد احساس آهي، جڏهن ته همراهن ذاتي فائدن کي، قومي قائدن سان ملائي، انتهائي بي شرميءَ سان ذهني سڪون حاصل ڪيو آهي. غداريءَ ۾ محب وطنيءَ جا ڪارڻ ڳوليا آهن. پنهنجين بدمعاشن، ڪيمٽائين ۽ ذلالتن ۾ مقصد جي خدمت جا پهلو ڳٺايا آهن. ڪونٽرائيپ بزدليءَ ۽ موقعي پرستيءَ کي موقعي شناسيءَ جو ليبل لڳايو آهي، هو انهيءَ ۾ خوش ۽ مطمئن آهن. تو جيڪو انداز اختيار ڪيو آهي، انهيءَ سان تون پاڻ کي ڪڏهن به مطمئن ڪري نٿو سگهين. چاڪاڻ ته....

- خير، مان آئينده ڪوشش ڪندس ته اهڙن ايماندار جذبن جي اظهار جو شڪار نه ٿيان.

- اها خودڪشي ٿيندي.

- جاڻان ٿو، پر چاهيان ٿو

- پر تون ائين ڪري نه سگهندين.

- اها تنهنجي پنهنجي Optimism آهي.

- تنهنجي موجوده خالتن ۽ ذهني ڪيفيت کي آڏو رکي، مان توکي هڪ مختصر ڪم سونپڻ چاهيان ٿو، اهو هيءُ ته ڪڏهن ڪڏهن اسان کي مضمون....

- مان اهڙي ڪابه جوابداري کڻي نٿو سگهان.

- تون ذليل آهين.

- مٿل زندگين تي اهڙن لفظن جو اثر ڪونه ٿيندو آهي.

خاموشي، اداس ۽ چيندڙ خاموشي. اوچتو، هوٽل ۾ ٿيندڙ گوڙ جو احساس ۽ بيزاري.

نوٽبڪ/ ڊائريءَ منجهان

- بي معنيٰ زندگي......... هڪ چرئي جو خواب. خواب ڏٺو هوم ته...... سيڪجھ بڪواس. بڪواس، بيڪار.

- سمجهه ۾ نٿو اچي ڇا ڪيان؟ منهنجي وس ۾ جو ڪجهه آهي ڪيان ٿو. نه چاهيندي به ڪيان ٿو. انٽرويو. وڏيرن وٽ. آفيس ۾ جتي انتهائي ذليل ٿيڻو پوي ٿو؛ وڃان ٿو. پوءِ به...

- پاڙي ۾ رات هڪ پوڙهو مري ويو. ٻڌندي اوچتو پيانڪ خيال آيم: بابا مري و.......

- وڏي پٽ جي حيثيت سان- گهر جو بار- سڄو جسم ڪانڊارجي ويم ۽ پنهنجو وجود (مناسب لفظ ذهن تي نٿا اچن، جيڪي انهيءَ گهري احساس جو اظهار ڪن). دل چيو: جيڪر چريو ٿي وڃان. چرئي ٿيڻ ۾ زبردست ڇوٽڪارو آهي:نجات آهي.

ڪاش! چريو ٿي وڃان.

سمجهه ۾ نٿو اچي مان زنده ڇو آهيان.

ڊاڪٽر ليڪا. به ننڍا گل نهيل. ۽ ڪنڊائتو لڪيل:

ڪيڏو نه بيچين، بي سکو آهيان. ڪاش! اها جاءِ ملي جتي اوچنگارون ڏئي روئي سگهان.

بابا گهٽ وڌ ڳالهايو.

سوچيم: اڳي ڪجهه ٿورو چوندو هو ته ورجائيندو هومانس ۽ هاڻ!

نوٽبڪ نه هو هڪ پراڻي، وقت گذريل (Out of date) ڊائري هئي؛ جنهن ۾ ضابطي ۽ قاعدي پٽاندر، جيئن روزاني ڊائري لکبي آهي، لکيل نه هئي. بس: ڪنهن ڪنهن جا تاثر؛ رد عمل يا ٻيو ڪجهه........... جن مان ڪن تي تاريخون لکيل هيون ۽ ڪن تي ڪجهه به نه.

ائين خاموش، چپ، بي حسو چو ٿو رهان! چون ٿا نڪ ڪونهيس. واقعي ائين آهي؟ مونکي ڪجهه چو نه ٿو ٿئي!

منهنجو اندر، احساس، زندگي جو جوهر، ۽ وجود جو احساس ۽ "مان"....سڀڪجهه مري ويا آهن. مروتجي ويا آهن.

-سچو ڏينهن هلي هلي: بابا جي لفظن ۾، رلي پني ٿڪجي آيس.

سوچيم: جيڪڏهن اڄ باباڪجهه چيو ته سامهون ٿيندومانس. پر هن ڪجهه به نه چيو. موڊ ۾ هو. ماني کانه کاڌم. سڄو ڏينهن کانه کاڌي هيم. ڪاوڙ يا تيسي جي ڪري نه. سڄ پچ بک کانه لڳي. بک مري وئي آهي. پيار ۽ همدرديءَ منجهان سمجهايائين: "پٽ، وڏيرن جي حڪومت آهي،اسان غريبن کي ذليل ٿيڻو ئي پوي ٿو. نا اميد نه ٿيءُ...." دل چيو: بابا اهو همدردي ۽ پيار وارو ورتاءُ ڇڏي، دبائي، گاريون ڏئي، ٺڪون هڻي، بجا ڏئي، لتون.......

وڏيري........ وٽ درخواست کڻي ويس. هو پيپلز پارٽيءَ جو اهم عهديدار آهي، وينو رهيس. لوسي ڪتي وانگر، لوسي بٺيو.. پاڻ کي ڪيڏو محتاج، ذليل ڪريل ۽ گندي نالي جو ڪيڙو، بي غيرت، بڪاري محسوس ڪيم.

يا خودڪشي ڪرڻ گهرجي يا بغاوت......... خيال...... خيال هيءَ به ڪا زندگي آهي!!!

ڇا نوڪري ڪرڻ ضروري آهي؟

نيٺ ڇو؟

جيئڻ لاءِ-

پر ڌاڙيل بنجي به جي سگهجي ٿو، چور، نگ بنجي به جي سگهجي ٿو.

....

....

گهر ۾ ماتم، روڄ راڙو، پاڙي ۾ افسوس ۽ ڏک.

- ڪيڏو شريف ۽ پيارو هو.

- خاموش نيڪ مطبع سلڇڻو.

- زندگي ۾ ويچاري ڇا ڏٺو، نوجوانيءَ ۾ ئي.

-هيڙا سدورا، سپاجها وري ڪٿي ڄمن.

-...........

انسان بوءِ- انسان بوءِ

انساني وسندي. وسندي ڌرتيءَ جي ڀاڱي تي آباد. انسان رهندڙ. عام انسان. صدين جي تاريخ جي ڪک مان نسريل، اسريل قومي روپ ڌاري، پنهنجي سڃاڻپ ڪٽي. سندن سڃاڻپ، ڌرتي جي ٻين هنڌن تي وسندڙ عام انسانن وانگر، تاريخ، سڀيتا، ٻوليءَ ۽ پنهنجي سڀاءَ، جي ناتي پنهنجي ڌرتيءَ ساڻ آهي: ڌرتيءَ سان لاڳاپيل، نه ڇڇندڙ، انڪري ڌرتيءَ سان ناتو، ڌرتيءَ سان موهه ۽ ان لاڳاپي سان پنهنجي سڃاڻپ ڪٽي. ان ڍهندڙ سڃاڻپ کي جيئن جو تيئن رکڻ ۽اڳتي وڌائڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏيندڙ، وسنديءَ جا انسان. جتي جو جاوا نپنا آهن، سندن زندگيءَ ۽ حياتيءَ جي جيئري وجود جون نسون، ڌرتيءَ سان ڳنڍيل، جڙيل آهن، جنهن منجهان وسنديءَ جا انسان، رهواسي، پنهنجي الڳ.تلڳ سڃاڻپ ۽ موجودگيءَ جا پساهه کڻن ٿا. ان ڪري ڌرتيءَ سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان، ٻوليءَ سان موهه سڀاويڪ، پر هن وسنديءَ ۾ ڌرتيءَ سان موهه، سڃاڻپ جو اتساهه ۽ انجو اظهار ڏوهه ٿيل.

ڌرتيءَ سان موهه ڏوهه آهي. پنهنجي ڌرتيءَ جي نالي سڃاڻپ جو اظهار ڏوهه آهي. جيڪو موهه ۽ اظهار انسان جو ڳڻ آهي. انسان جي وجود جو اهم ڀاڱو. سڀاويڪ. وسنديءَ ۾ جڳن کان وسندڙ انسان، پنهنجي انساني روپ جي اظهار لاءِ، ڌرتيءَ سان موهه جو اتساهه ڪٽي مٽي اپرندڙ، تہ: شڪاري ڪتن جي نوس- نوس: انسان بوءِ- انسان- بوءِ......انسانن مٿان مارو. جتي انسان نظر ايندن، اتي وٺ وٺان، شڪاري ڪتا جي انساني وجود ۽ ڳڻ کي ناس ڪرڻ لاءِ خاص مهارتي سکيا ورتل، ڏندن ۽ ننهن سان وچڙي ويندڙ. انساني سڀاءَ ۽ گهٽن واري چربر ڪندڙ انسانن کي وچڙي ويندڙ، رتو ڇاڻ ڪري اڌ- مئو ڪري، يا ٻنهه ماري........

شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

آباد انساني وسنديءَ ۾. جتي انسان رهن ٿا. جيئرا جاڳندا انسان. انساني وجود. هستي ۽ انساني سڃاڻپ جي بقاءَ لاءِ هٿ پير هڻندڙ.

شڪاري ڪتا: انسان ۽ انساني اهڃاڻن ۽ انسانيت جا ويري. خاص سکيا ورتل: جيئرن جاڳندڙن، چرندڙ پرندڙ انسانن ۽ انساني اهڃاڻن ۽ خصلتن کي ناس ڪرڻ لاءِ، انسان بوءِ، انسان بوءِڪري چوڦير گهمندڙ

ڦرندڙ، نوس نوس ڪندڙ جتي انساني بوءِ اچين، وسنديءَ جي تن انسانن کي وچڙي وڃن ۽ بي رحميءَ سان ڇيهون ڇيهون ڪرڻ ۽ انسانيت جي مڙني آثارن ۽ اهڃاڻن کي ناس ڪرڻ لاءِ هوڙهيائي ڪري ڪرت ڪرت ڪري ڪائيندڙ.

انسان دشمن شڪاري ڪتن جَي، انسان بوءِ سنگهڻ جي حس تکي تيل، انهن کي خاص سکيا سان تکو ڪيو ويو آهي. وسنديءَ ۾، ٻاچاهه ٻٽيو نوس نوس ڪندڙ. اکيون ستت ئي چرندڙ پرندڙ انساني اهڃاڻن جو اظهار ڪندڙ انسان تي پوندڙ، توس نوس ڪري سنگهندڙ، پوءِ گهوريندڙ، پيڇيو ڪندڙ ۽ پوءِ مارو–

انسان– بوءِ، انسان بوءِ، ڪري مارو ڪندڙ

انسان– بوءِ، انسان– بوءِ، شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي انسان رهي ٿو. انسان جيڪو ازل کان آزاد رهيو آهي. پنهنجو خالق پاڻ رهيو آهي. پنهنجن قدرن ۽ نعمتن جو خالق. انهن کي ڊاهيندڙ ۽ ٺاهيندڙ. انسان: ذهن رکندڙ؛ سوچ مسرت رکندڙ، احساس امنگ رکندڙ. جاڪوڙ ڪندڙ. فطرت کي مات ڪري، پنهنجو وايو منڊل اڏيندڙ. انسانيت وارو وايو منڊل. مڙهيل اصولن، نيمن، قائدن ۽ نظرين جي پڃڪڙيَ ڪندڙ. ناڪاري.

ناڪار: جا انساني اڏاوت ۽ تخليق جي اوسر جو اهم ٻڻ رهي آهي ۽ خاص انساني خصلت ۽ گڻ آهي.

هيءَ ويهين صديءَ جي پڇاڙي آهي. هيءَ انساني وسندي ۽ ان ۾ وسندڙ انسان، ان ۾ پساهه کڻندڙ. سَنسِ (Scepsis) جو دور. ڪارڻ جي ڦولها، ناڪار جو دور: نظرين کان مڙهيل اصولن، قاعدن قانونن ۽ ورثي ۾ مليل عقيدن کان. انسان جي، انساني سياءُ پٽاندر. پر هن وسنديءَ ۾ اهو ڏوهه آهي. انسان– بوءِ، انسان بوءِ..........

انسان مارِ شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي به ڪين انسان نظر اچي ٿو، تنهن مٿان لامارو ۽ ناس ڪرڻ لاءِ جهٽ.

انساني وسندي، جتي انسان رهي ٿو. انساني سوچ آهي.

سَنسِ آهي. ناڪار آهي، اڻ– مڃتا آهي، نئين ڄاڻ لاءِ اتساهه آهي،

جاکوڙ آهي. مڙهيل نظرين، مڙهيل واٽن، نيمن، قاعدن قانونن.... کي للڪار آهي، هوڪار آهي، تاڏ آهي، ساڻيهہ ۾ انسان جي ناتي پنهنجي سڃاڻپ لاءِ اظهار لاءِ جاکوڙ آهي:

انسان- بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن. انسان ۾ انساني گڻن ۾ اهڃاڻن کي ميسارڻ لاءِ، انسانن جي وسندي، جيئرن جاڳندڙ انسانن جي وسندي.

انسان- بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

انسان مار شڪاري ڪتا: انساني رت جا هيراڪ انساني ذهن، وجود ۾ هستيءَ جا ويري، انسانن کي مارڻ لاءِ خاص سکيا ورتل، تکا، زهريلا ڏند انسان جي وجود ۾ چڪ هڻي چنبڙڻ، رت چوسڻ لاءِ آتا، پياسا.

انسان- بوءِ، انسان بُوءِ.......

انساني وسنديءَ ۾ انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن:

انسان- بوءِ، انسان بوءِ.......

روبوٽ

ڪجهہ گھڙيون اڳ: جذهن گوشت پوشت، رت وهندڙ وهڪ ۽ سائڪيءَ وارو انسان هُو. حواس ۽ احساس هئس. سوچ ۽ لوچ هيس، اُمنگن ۽ اتساهن جا پريل آتما، سوچيندي، محسوس ڪندي تہ: ڪٽي، ڪافڪا جي مسٽر ڪي واري ميٽامورفاسس واري حالت ۾ تہ نہ وڃي رهيو آهي. پر سرت سنڀاليندي، ان تي ويچاريندي نتيجو ڪڍيائين تہ: هيءَ، ها ڪايا پلٽ ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ مسٽر ڪي، جي هڪ ڪيڙي (însect) ۾ تبديلي، هڪ ساهہ واري جي، ٻئي ساهہ وري روپ ۾ تبديلي هئي، جنهن جي پٺار ۾ انساني، مسٽر ڪي جي اندروني سونجهہ موجود هئي. جسماني روپ جي تبديليءَ جي باوجود! ۽سندس ويچار وهڪ جاري هئي، جو هن ان تبديليءَ کي سمجهيو پئي. ويچاريندي (بي وسيءَ وچان)، محسوس ڪندي پوڳيو پئي، بي وسيءَ وچان-

۽ انهن چند انساني گھڙين جي ويچارو هڪ وري سرت سونجهہ ۽ احساس کان پوءِ، ستت ڪايا پلٽ:

روبوٽ (Robot):

پورو هڏائون پيرو، رڪ جو ٺهيل؛ تنهن مٿان پلاسٽڪ/ رٻڙ جو ماس چڙهيل، تنتون/ رڳون نيلون جون جڙيل. دماغ جي ميجالي مان سوچ جي تخليقي صلاحيت، گڻ گم ٿيل، ان جي جاءِ تي ڄٽڪ ڪمپيوٽرائزڊ، سونپيل، پريل ۽ سرانجام ڏيندڙ ڪمن جو مشيني سرشتو. روٽين جي ڪمن ڪرڻ لاءِ حسابن جي ڪٽ سان. انساني فزيالاجيڪل فنڪشن، مڪينائزڊ فنڪشن جي ڪٽ ٿيل. سواءِ انساني گڻن: احساسن، امنگن اتساهہ، ڪاوڙ، خوشي، جذبن، سرت، انساني موٽ- جي!

آڱريون، ٻانهون، ٽنگون، ڪرنگهي جي هڏي، مشيني پرزن ۾ تبديل ٿيل، مشيني انداز ۾ سونپيل ڪم ڪندڙ، وقت ۽ وڇوٽيءَ جي ادراڪ ۽ سرت کانسواءِ مقرر ڪيل، سونپيل نيمن پٽاندر، صبح، منجهند شام ۽ رات جي وجود جي احساس کانسواءِ. روٽين ۾، روبوٽ کي سونپيل ڪم:

صبح: پاڇي آٿڻ، شيو ڪرڻ، بس ۾ چڙهڻ، آفيس ۾ آڱريون مشيني انداز ۾ هلڻ، منجهند: موٽ، مڪينڪلي ڪپڙا بدلائڻ، ڪاڌو چٻاڙڻ،

شــــام: رڪ جون نـــهـــيل، ۽آگريون ٽائيپ جي اڪـــرن تي پوندڙ: ٽڪ-ٽڪ-ٽڪ.......

۽ مشينون گڏ هلندڙ. ٽائيپ رائيٽر ۽ روبوٽ.

صبح لاءِ بيضا آٿڻ. اڪين جا مٽڪا تي- ويءَ ۾ ڪتل هر ڏينهن، هر ڏينهن جهڙو. هر شام جهڙي، وقت ۽ وڇوٽيءَ جي سرت ۽ احساس ڪان خالي. انساني حياتيءَ جي وجود هجڻ ڪان بي سرتو، اڻ ڄاڻ، چرندڙ، پرندڙ حرڪت ڪندڙ مشيني اِنسان!

گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پٽيون. پٽين تي ڪريل مقدس مذهبي لفظ پٽين تي. پٽين مٿان، پٽين جي چوڌير ۽ پٽين جي اندر مقدس مذهبي نعرا. بنهه پوريءَ ريت. چوڪسيءَ، چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ سان تن پٽين اندر ٺاهيل گيس چيمبر ۽ مقدس مذهبي نعرن سان ڀريل، ڦاسايل، ٻوساٽجندڙ خلق.

هيءَ ويهين صديءَ جي پڇاڙي آهي. پڇاڙيءَ واري ويل. جڏهن انسان گهٽو ڪري وهمن کي مات ڪري، ڪائنات ۾ سوڀارو ٿي اڀريو آهي.

هر ڏس ۾:

اگهه گهڙيل، جوڙيل مفروضا ۽ گهڙيل گس يا رد ڪري چڪو آهي، يا ڦيرائي چڪو آهي.

پر ڪيس چيمبر ۾ پوريل، جيئري جاڳندي خلق مٿان مڙهيل نظريا، ڏندي جي زور- ارهه زوراٰئيءَ سان ٺاڦيل گس، تہ هينءَ حياتي گذاريو.

Regimentaation

گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پٽيون. ڏگهيون پٽيون. پٽين تي اڪريل مقدس مذهبي لفظ. آڳاٽيءَ ٻوليءَ جا. عام جي سمجهہ کان مٿانهان. چوڌير ڏاڍيان، وڏي واڪ گوگاءُ، اچار، ورجاءُ تن لفظن جو.

۽ عام خلق جو ساهہ مٺ ۾.

ٻوسٽ هراس چوڌير پکڙيل. ذهن منجهيل، ساهہ منجهندڙ، تنتي چڪتاڻ، لٿل منهن، بي بقائيءَ جي اندرين وهڪ: وسوسا: ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿيندو؟ نيٺ ڪيستائين؟ ڪو جياپي جو واءُ لڳندو؟ حياتيءَ جي تصور سان، ڇهبڪن جي زبيت جا اولڙا. ۽ سامهون ٻڌل، اگهاڙا انسان.

وڏيون شاهي ڏيک ڏيندڙ پٽيون جن تي پهرو ڏيندڙ، ورديون پهريل، چوڪس، چِتا ٿيل پهريدار. جن جو هٿن پٽين کي سنڀالڻ جو زوريءَ نيڪو ڪنيل. ان جائي پائيءَ، خارجي ۽ تاريخي سچائيءَ جي هوندي بہ تہ: پٽيون واريءَ تي اڏيل، نظرياتي پوجي سان، مقدس آسماني ڪتاب جي لفظن جو اُڌار ورتل، ۽ انهن لفظن جي ٻاڪار. ذري ذري ٻاڪار. گيس چيمبر ۾ واڙيل خلق جون مٽيون منجهائڻ لاءِ. گيس چيمبر ۾ ڦاٿل انساني وجود رڪندڙ،

حساس حياتيءَ جا پساهه ڪٽندڙ، وجود جون وايون بتال ڪرڻ، پنهنجي جيابي لاءِ سڪندڙن جي سڪ کي ناس ڪرڻ لاءِ ذهني جبر.

واڙيل خلق: اندر ئي اندر، هر جيئري انسان وانگر، سوچ فڪر، چرڻ لاءِ آس ڪنيل.

هڪ هنڌ ڳاهت ٿيل، پوءِ به هڪ ٻئي کان ايڏو ڏار، جو هڪ ٻئي جي سڌ نه، انت جي ڄاڻ نه.

چتيءَ چوڪسيءَ جو-

لامـــارا ڏينـدڙ ڳجهن، نوس نوس ڪندڙ ڪتن جا پاڇولا. ڇٽڪ وجود سان ٻٽ ٿيل، لڳل، جي نه.

نه به: اهڙو احساس سياويڪ. جو گيس چيمبر ۾ واڙيل، ڳاهت ٿيل.

دونهـــات، ٻوسٽ جي وايو منڊل ۾ چرپر، اندر ۾ آئت جي آس هيٺ:

- ڪجهه ٿيو آهي؟
- گيس چيمبر جي ٻي ڪنڊ ۾.

چپ:

- گوڙ ٻڌين ٿو!
- ڪجهه ٿي رهيو آهي.
- ڪنهن شي کي ساڙيو اٿن.
- چپ ڪر.

هراسيل:

- منهن تي هراس، سانتيڪا چهرا، پر اندر ۾ اماڙيون.
- ڪتو آهي.
- لعنت.

بي شمار

ءِ واڙيل خلق جون نور پٽاريون اکيون ڏسندڙ.

ءِ اونڌي منهن ٻڌل انسان، پٺن تي زيڪا ڇهبڪن جا.

گيس چيمبر ۾ گونجندڙ پرڏيهي آڳاتي ٻوليءَ جا مقدس لفظ ءِ پوءِ سانت. سانت ۾ منجهندڙ ساهه. مات. دجال گهمي ويو.

مقدس مذهبي لفظن جو ڏاڍيان، وڏي واڪ ورود:

دجال گهمي رهيو آهي.

زبانون بند. اکيون بند. ڪن بند. زبانن تي ڪلف لڳل اکين تي پٽيون ڪنن ۾ ورجايل شيهو واڙيل. بند ڪيل انسانن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ. بي بقائي/ بي يقينيءَ جي ڪيفيت. ويساهه گهاتيءَ جو چٽو احساس. ويساهه گهاتي ٿيل. نظرياتي حفاظت جي نالي ۾ مقدس لفظن جي آڙ ۾.

سرباٽ:

- وري ڪجهه ٿيو آهي.
- نيٺ انسان پوريا ويا آهن.
- ڇا انسانن کي اِئين ڳپل وقت تاين پوري، بند ڪري سگهجي ٿو؟
- هو گوڙ ٻڌين ٿو؟
- هيءُ ڪانئون پيزو آهي؟
- پر هر پيري ناڪام ٿيل.
- نيٺ ته هيءَ ٻاٽ اوندهه ختم ٿيندي.

هن گيس چيمبر جي.

- ها، اکين تي زوريءَ چاڙهيل ڪوپا لهندا، زبانن جا ڪلف ڀڃندا ۽ ڪنن مان شيهو.

هو ٻڌ: ڪٿي گوڙ تي رهيو آهي!

- ڪجهه ٿيڻ وارو آهي.
- اوس ٿيندو.
- ڪڏهن به انسان کي ائين، واڙي، پوست ۾، ذهني، جسماني پوست ۾ پوساتي نٿو سگهجي.

(سانت)

- ها پوساتي، پوساتي ماري نٿو سگهجي. اهو انساني سياءَ جي ابتڙ آهي.
- پر بنيادي سوال آهي: اسانجو ڇا ٿيندو، جيڪي نڌڪٽا آهيون ۽ ڪنڊ ۾ واڙيل. گيس چيمبر جي اهڙي ڪنڊ ۾ جتي چري پري به نٿو سگهجي.
- الاهه! هتي ساهه کڻڻ ڪيڏو ڏکيو آهي!
- هتان نڪرڻ لاءِ، جند آجي ڪرڻ لاءِ ڪا واهه ڳولڻي پوندي. سهي حياتي ماڻڻ لاءِ.

بي ناوليت

رڃ ۽ پڙاڏا

> هيءُ ناولٽ پهرين ”ميسوٽي“ جي سري هيٺ ١٩٦١ع کان ١٩٦٨ع ڌاري لکيو ويو. وري بيهر ١٩٧٣ع کان ١٩٧٥ع جي وچ ۾ ”رڃ ۽ پڙاڏا“ جي سري هيٺ لکيل.
> ١-٥-١٩٧٦ع

● ڏهاڙيءَ وانگر آفيس مان نڪري:

نيوڙيل ذهن سان، ساٿي جسم سان گهليندي گهليندي گهر جي در تي پهچڻ تائين، احساس نيستا، وچايل، اڻ-ڄاڻ پنهنجو پاڻ کان.

ڪلف ڪولي اندر گهڙڻ سان: ڪلهه وانگر اڄ به ، تپيل هوا جي اوچتي جهوٽي وانگر خالي خالي گهر جي عجيب سانت ، بسي زندگي، موت جهڙي ويرانيءَ جو احساس ڇپائيندڙ. گهر، لڳندڙ: ڇٽڪ، زندگي، زندگيءَ جي چرپر ۽ تازگي کي گهڙيون اڳ موڪلائي ويل. مروتيل روح ۾ رانيوتا هٽندڙ پيانڪ سپني مان سانت.

ان کي سرءَ واري اداسي وڏيڪ چٽو ڪندڙ. چاپوڙا لٽل پٽين تان متجندڙ اس جا تڙڪا. ان پاسائيءَ کي وڏيڪ پيانڪ بنائيندڙ.

جهوليءَ کٽ تي پاڻ ستيندي، نيوڙيل ذهن ۽ نستن احساسن ڪارڻ هيٺائيءَ جو ڳهر سند سند. جي سور مان ملندڙ، منڙو، هلڪڙو سرور پريو مزو.

پاڻ تڳندڙ ويساهه سان ته:تَڪ پچندڙا!

مروتيل احساس، ساٿا سند. ڪا مهل، ڳپل تائين ائين ئي چڪنا چور، اڌ-مئا-پيل، ڳپيل جهوليءَ کٽ اندر، جيئن جو تئين، ڪيترِيءَ مهل تائين بي سرتو.

وڌندڙ اوندھ، سانت ۽ ويرانيءَ کي وڌيڪ پوائتو بنائيندڙ. اوچتو، ڊگهي، اونهي ساھ سان: مروٽيل حواسن اندر، زندگيءَ جي ويران هجڻ، ڪنهن زبردست کوٽ هجڻ جي چيريندڙ وهڪ جي رواني.

هيءَ حياتيءَ به -- ناسن مان ڊگهو،اونهوڪنيل بيو ساھ، جسم جي چرپر: پنهي هٿن جون آڱريون ملائي نڪاءُ ۽ جسم کي سيڌي تڙڪات.

هن چرپر سان ٿتڪندڙ، بولاٽيون ڪائيندڙ روح، ان پوائتي، سانت واري ويرانيءَ ۾.

ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو، سگريٽ جو ڪش. ڪش مٿان ڪش ڦهلجندڙ دونهون.

عاشي. پريل،مٺي اپريل ڳتا. خماريل اکيون. سانورو رنگ. در کوليندي :"ادا، دير ڪيئي؟" پريشاني ليئا پائيندڙ منهن منجهان.

ڪشن مٿان ڪش، ڦهلجندڙ دونهون. آڱر جي ڪنڊ ۾ اجڙيل،چلهه، پرسان پيل ڪانيون. چلهه ۾ اڱر ۽ ڇار. پنيري وينل عاشي منجيءَ تي ٻرندڙ باھ چلهه ۾، تئي تي پچندڙ ماني. عاشيءَ جي مٺي تان رئو سرڪي ويل. ڊگهي ڪاري چوٽيءَ جو گل زمين کي ڇهندڙ.

پڇتاءُ: پانيان ٿو کيس پڳي هي بيو مهينو اڃي ٿيو آهي.اوچتو، سگريٽ جي ٻاڙ. ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو. ڪش مٿان ڪش. ڦهلجندڙ دونهون.

زندگيءَ جو سفر به ڪيڏو پوائتو آهي!

"Your mother died reach immediate"

ڏڪندڙ هٿن ۾ تار پوري زور سان ڌڙڪندڙ دل. سمجهه ۾ ڪجهه نه ايندڙ . ڏڪندڙ هٿ ، ڦاڙيندڙ پنو ، لکندڙ درخواست موڪل جي.

"ماءُ مرئي، اڃان ته ماءُ جيئري ٿئي. يڪو وڃي پرديس ۾---" پاڪر، چميون، دعائون- گهُنجيل منهن جي سنسيل اکين ۾ ڳوڙها، ڳوڙها ٽمندڙ ، ڊگهي نڪ جي چوٽي ڳاڙهي ٿيل.سنهڙا چپ دعائون ورجائيندڙ.

"عاشي. ائي امان! پاڻڙي لاءِ پاٽي ڪوسو ڪونه ڪندينءَ ته هٿ- منهن ڌوئي". اکر، اکر مان پاڀوهه ٽمندڙ.

"ها امان، اجهو ٿي ڪيان".

ويندڙ عاشي رڌڻي ڏانهن، ڊگهي چوٽيءَ جوگل پولهه تي، هاڻ تينگ ڏيندڙ.

"بس ابا، شل ڌٽي وڏي ڇمار ڏيئي"، اونهون ساھ. ساھ ۾ ڳتيل پيڙا جو پڙلاءُ، مرحيات پٺهين جي وڃڻ کان پوءِ، جيڪو جيءَ ۾ ست هيم، جان هيم. سا ابا، توهان جي لاءِ پچا، وسان ڪين گهٽايم. بس، هاڻي ته اڃي پڳي آهيان. تون به هاڻ جوان آهين، پنهنجي پيرن تي بيٺل عاشيت به اڃي

چڙهي آهي. الاءِ ڪيترو جيئان. هاٿي تہ هيءَ جهوري اٿم تہ، پنهنجو گهر وسائي ۽ نياٽيءَ جو بار لاهي پوءِ وڃي قبر........"

زالن جي روئڻ جو آواز.

اڱڻ جي وچ ۾ ، کٽ تي پيل. اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهيل.

"ادا۔ امان ۔ هاءِ۔" عاشيءَ جي اوچنگار.

" ابا، ماڻهين ڪي آخري پيرو.

"بس ٻچا رب جي رضا هئي، بندو ڇا ٿو۔"

رت ۔ ٻنا، اڇو ڪاڳر جهڙو منهن. اکيون پوريل.'

'هاءِ امان. منهنجي جيجل ۔' عاشيءَ جي اوچنگارن جو لڳاتار سلسلو.

لڳاتار سلسلو.

خاموش، ٻت ٻٽيل، هڪ هنڌ ٻيٺل.

ڳوٺ جو گهر: ڪچو اڱڻ ۔ ٻہ ڪونيون ۔ پينگهو. ڪونيءَ ۾ کٽ تي هنڌن جو ڍير. هلڪي اونده ۔ ليپي ڏنل مٽيءَ جو سڱنڌ ۔ عاشيءَ سان راند: اک ٻوٽ ۔ گڏين ۔ چيڪلي ۔ آڳ پڄائڻ ۔ لڪ ۔ لڪوٽيءَ.

سرءَ جي منڊ. ٻيهريءَ جا ورنڊڙ پاڇا. موٽيل اسڪول مان، ڪاڻڻ ڪان پوءِ

'عاشي اڄ تہ راند ڪيون.'

'ڪهڙي؟' ڳتي ۾ ڇڳهہ'

'تون ٻڌاءِ.'

'نہ پائي تون ٻڌاءِ.'

'مان ٻڌايان؟' گهڙي سوچ ڪان پوءِ تڪڙي آواز ۾ پينگهي ۾ گاڏيءَ گاڏيءَ.

'چڱو.'

'مان ڊليون ٿو ٿيان ۽ تون گاڏيءَ ۾ چڙهجانءِ. ها نہ.'

'چڱو.'

'ها.'

زِ۔ مرَ سان لڏندڙ پينگهو.

ڇُہ ۔ ڇُہ ۔ ڇُہ ۔ ڇُہ ۔ ڇُہ ۔ ڪَو ۔ ڪَو ڪَو!'

'پاسو ڪيو پائو، پاسو ڪيو. گاڏي اچي وئي. ڪُو ۔ ڪُو ڪُو !' زم سان لڏندڙ پينگهو ٻيٺل. 'اچو، اچو، جلدي وهو. نہ تہ گاڏي هلي ويندي. وڏي واڪي.

عاشي: مٽي تي پوتي ۔ برقعو ٽيل. بغل ۾ ڪپڙي جي گڏي، هٿ ۾

ڪپڙن جي هڙ. وهندڙ پينگهي ۾ -
’. اي ٽڪس ورتي ٿئي؟
’نہ يائي.‘ عاشي بغل ۾ گڏيءَ کي لوڏيندي ، پرچائيندي.
’مائي ڀهرين ٽڪس وٺ پوءِ گاڏيءَ ۾ چڙهہ.
’چڱو گـاڏيءَ وارا ڳوٺ جي ٽڪس ڏي. هڪ منهنجي هڪ منهنجي هن ڪڪيءَ جي.‘
ڪَو - ڪَو - ڪَو - چَہ چَہ - چَہ - چَہ چَہ - چَہ زم سان هلندڙ پينگهو.
’مٺا، پينگهي جي پنيان چو اچي پيو آهين. لهہ تہ ٽنگ نہ پچانءِ‘
’امان‘ - راند ٽا ڪيون.‘ ايلاز
’نہ نہ . پينگهو پچي پوندو. پٺين جيئرو وينو آهي جو نهرائي ڏيندو.‘
لٽل، هارايل منهن.
’اڙي شيطان ڪن ڪولي بڌ: هينئر گهڙي ڪن لاءِ ليٽان ٿي جيڪڏهن گوڙ ڪيو اٿئي تہ ياٺهي خبرون پوندئي.‘
سُس پُس ۾ عاشي چوندڙ: ادا شبو، هاٽي چاڪيون؟‘
چپن تي آڱر: ’شٽ‘ سرباٽ ۾،: امان کي سمهڻ ڏي.
’عاشي ڪهڙي راند ڪيون؟‘
’اِڪ - ٻوٽ.‘
’نہ يائي گوڙ ٿيندو.
’پلا گهر - گهر رهون. تون ٿيءُ بابا ۽ مان. امان هيءَ گڏي اسان جي ڌيءَ.‘
’چڱو. پنهنجو گهر هن ڪونيءَ ۾ ٽا ڪيون.‘
بند ڪوني، منگهہ مان ڇٽي ايندڙ روشني. عاشي ڪوڙ پچاٽيءَ ۾ ٻوڙ رڌيندڙ. لائي، پڳڙن ۽ ٻوڙينڊڻ جو ڪـاڌو ڪـائڻ ڪـان پوءِ عـاشي ڪوڙي اوٻاسي ڏئي چوندڙ: ائي الا! رات ٿي وئي آهي. اچو تہ سمهون.“
آمهون سامهون ستل. ڪوڙ ۾ اِڪيون ٻوٽيل.
ڪونيءَ جي ٽڏاڻ ۾ ڪجهہ ڪجهہ محسوس ٿيندو. اڻ - جاٽل، سـرنڊڙ اڳتي عاشي ڏانهن، عاشي ، ٿورو اورتي سرُ پاسيرا ٻہ جسم ملبل. چمي، ياڪر - عاشيءَ جي ٻبڙيءَ کي چهنڊڙي. زور سان ياڪي.
’هاءِ الا! شبو ڪيڏو مزو ٿو اچي.‘
هلڪو ڏڪندڙ آواز، شبو - مون کي تہ سيءُ ٿو ٿئي.ٿورو اورتي سَر.‘
اوچتو، لپاٽ - حواس وڃايل.’مٺا بدافعال، اهو افعال سکيو آهين. پيڻ سان!‘
لپاٽ مٿان لپاٽ.. چنڊن ۾ هٿ ، چڪي مٿي بيهاريل. عاشيءَ کي لت.

اٿ چوري، ڪاري مَنهين ، بي حيا‘.

عاشيءَ جو هيسيل، ڏبل، رت ـ بنا منهن.

’هل ڙي ٻاهر .‘ تکو، کهرو آواز. ڳاڙهيون اکيون. وري جي هن لوفر سان کيڏي آهين ته چڏا چيري لوڻ ٻرڪيندي سانءِ ڪُتي ڪنهن جاءِ جي "

ڪنڊ ۾ ويٺل. ڪند هيٺ پشيماني ۽ مبهم پر گهري ڏوهه جو احساس.

منهن ۾ گهروڙيل بجو: ’تک ٿئي بي غيرت. ڄمندي موت نٿي آئي.“

سگريٽ جي ٻاڙ، وڏندڙ اوندهه ۾، ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو. وساميل تيلي. دکندڙ سگريٽ جو ڳاڙهو ٽانڊو.

ياد اٿم: اها شام ۽ اها رات. ٻئيل مهل ٽائين پيڙا چولين ۾ گناهه ۽ پڇتاءَ جي گهري احساسن هيٺ چيچاڙ ۽ لوءِ- پوءِ پٽڪ سان ٻکو پهه ڪيو هيم ته: هاٿي ڪڏهن به عاشيءَ سان نه کيڏندس. نيٺ هوءَ ڇوڪري آهي مان ڇوڪرو.

ان ڏينهن کان پوءِ عاشيءَ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هوم.

سانس نظرون ملائيندي شرم پئي آيو: ڪانئس پري پري ۽ ڇڄو رهڻ لڳس. امان سان ڳالهائيندي لڄ ٿيندي هئي. عجيب ڏوهه جو احساس ڪائيندو هو.

۽ ان کان پوءِ هڪ پيرو ـ اوڏيءَ مهل امان اندر ستي پئي هئي. مان اسڪول مان موٽيو هوس. ورانڊي ۾ عاشي، اڪيلي گڏين راند کيڏي رهي هئي. ٻچيءَ مان ڪتابن جي ٻوتري لاهي کٽ تي ڦٽي ڪيم. مانيءَ لاءِ چلهه ڏانهن وڌڻ لڳس. عاشي اٿي، اڳ وني بيني.

منهن ۾ ڏسندي: ’ڀائو شبن تون رسي ويو آهين؟‘

ڪو به جواب نه ڏنم.

’هان ادا ٻڌاءِ نه. تون سچي پچي رُسي ويو آهين‘ هان"‘

’عاشي، هاڻي اسين هڪ ٻئي سان نه کيڏنداسين.‘

’ڇو ڀلا. ادا.‘

’ان ڪري جو مان ڇوڪرو ۽ تون ڇوڪري آهين نه. ان جي ڪري.‘

اُن ڏينهن وارو، امان جو منهن ڪڏهن وساري نٿو سگهان:تپي ڳاڙهو ٽانڊاڻا اکيون، تن مان نفرت جو چيبون. اها نفرت ڪڏهن وساري نٿو سگهان. ۽ اهو خال، جيڪو عاشيءَ سان راند کيڏڻ ڇڏي ڏيڻ کان پوءِ ڪنڪڻ لڳو هو.

ست پيا ٽين اڳو پوءِ ماني به کائي اچان ۽ سگريٽ به وني اچان. پانيان ٿو، ته، سڄي رات جاڳڻو پوندو. جهڙو سوچ رخ اختيار ڪيو آهي.

لڳاتار راتين جي هيءَ جاڳ . هون, علاج ٿيڻ گهرجي. ٽرنڪو لائيزر بهتر آهي. پر، اوچتو، جيڪڏهن خود . ڪشيءَ جو خيال.
بڪواس آهي. هڪ تہ اهڙي جرئت ڪانہ اٿم. ٻيو تہ، ڪيڏي نہ ڪڙي زندگي آهي، ان کي ڇهتيل رهڻ ۾ مزو اچي ٿو. هيءَ حقيقت مڃڻ گهرجي. وقتي خودڪشيءَ جا ايندڙ خيال، رڳو جذباتي اظهار آهن. ها، ذهني عياشي هيءَ بہ هڪ قسم جو رومانس آهي. ذهني داد . عشرت آهي" هُن .
مانيءَ جي خيال سان پناڻ جهوپڙا هوٽل جي ٿڌي دال ، اگري ڏپ واري ٻوڙ ۽ سڪل مانيءَ جو دل ڪچي ڪندڙ تصور.
گرم ماني ڌبڪيءَ تي. ديسي چينيءَ جي پيالي ۾ گوشت جو ٻوڙ: دونهون نڪرندڙ. ڏٺندڙ لذيذ گره.
'عاشي ٻوڙ تہ واه جو رڌو اٿئي.'
'ادا گرم مسالا وڌا اٿمانس نہ.'
عاشي وينل تاڪيءَ تي ، چلهہ جي پرسان ٻرندڙ باهہ جون جيون. آلين ڪاٺين جا تڙڪا. تئي تي عاشي اٿلائيندڙ ماني.
مٺلُ بک جو احساس. رڳو سگريٽ وٺي ٿو اچان. اوچتو! سگريٽ وٺي، واپس اچڻ، کٽ تي ليٽي ڪتاب پڙهڻ ، سمهڻ سمهي ڇت ۾ گهوري ، پاسا ورائي ، ننڊ جي ڪوشش ڪرڻ جا تصور ذهني الٽي ڏياريندڙ. ان سان گڏ ، گهر ۾ اڪيلي هجڻ ، اڪيلائپ ۽ سانت جا احساس ڏنگيندڙ.
انڌاهون قليليءَ وارو روڊ .
قليليءَ جو ڪپ: ڇپر، گاهہ ۽ ٻوڙن سان ڍڪيل. پاسي کان اچيءَ موريءَ ڏانهن ويندڙ ، اونداهون رستو. وٺندڙ ٿڌ پري کان شهر جون روشنيُون . روڊ جي ٿنين تي ڏونڌاتيل ، روشنيءَ جو ڀرم پيدا ڪندڙ. ميونسپلٽيءَ جا بلب ڪنپ جي مٿانهين زمين تي اڏيل جهوپڙيون . تن ۾ جهڪي ، پرسرار لڳندڙ لالٽين جي روشني قليليءَ جي ساڄي ڪپ تي روڊ سان لڳ ڦهلجي آيل قبرستان.
هن سانت ۽ اوندهہ ۾ ڪيڏي نہ مانوسيت واري پنهنجائپ ٿي لڳي! دل ٿي چوي ، زندگيءَ جو سمورو سفر ائين ئي گذري وڃي زندگيءَ جو سفر ، اڪيلو ئي اڪيلو ، ڪيڏو اٺانگو . خاموش .
ڳالهايو اٿم تہ پنهنجو پاڻ سان .
شام. لهندڙ سج جا پاڇولا پستين تان گم ٿي ويل . در جي چائنٹ اڪرندي ، سامهون در ڪولي بيٺل عاشيءَ جي پنبٽين جي جهالرن اندر ، چمڪندڙ ۽ اوسيئڙي ۾ ٻريل اکين سان ،اکين جو ٽڪراءُ.
بوٽ لاهڻ سان تيز ۽ تکي ، نڪ ۾ گهڙي ويندڙ ڏپ . ذهن ۾ تِڪ ٻڌل

، عاشيءَ جون اوسيئڙي پريل ۽ ڪجھ چوندڙ ، چئي نہ سگھندڙ اکيون .
ماني کائيندي :
’ادا.‘
’هون.‘
’توکان هڪ ڳالھ پڇان؟‘ ججهڪندڙ آواز.
’ڪهڙي؟‘ کوکلي اندر جو آواز.
’تون،‘هڪ. ’توهان سدائين چپ چو رهندا آهيو؟“
’هي!‘ تڙ، سنيالندي، ’ بس ـ اُهئين.“
’ادا ، ڪا تہ ڳالھ آهي. جڏهن اوهان ڳوٺ ۾ رهندا هو ،تڏهن بہ ڏاڍو کيڏندا ڪڏندا ۽ ڳالهائيندا رهندا هو.“
بيزاري. نہ وٽندڙ اهو ذڪر .
’ادا، امان جي وفات کان پوءِ ، جڏهن کان مان اوهان سان هت حيدرآباد ۾ آئي آهيان ، سچ پچ هيءُ گھر مون کي کائڻ ايندو آهي. هنيانءُ ٻوساٽبو آهي.“ گهڙي مـاٽ کـان پوءِ ، ’ٻڪا آهي ڪا وسنهـ ۽ نہ ئي وري ڪو .....“هڪ سان : ’ادا‘ امان بہ ويچاري آسون پلي وجي آرامي ٿي. اوهان جيڪر شادي ڪري ياچائي ....‘
عاشي: ڪند جهڪيل، اگر کي ويڙهيندڙ رئو .
’ها ادا، هاڻي تہ اوهان بہ دير سان ٿا اچو سو مون کي ڊپ .....‘
’نہ، عاشي ، ڊڄڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي. شهر آهي ، ڪو جهنگ ٿوروئي آهي.‘ .
چپ.
ياد اٿم : سچي رات ننڊ ڪانہ آئي هئي. اُهو تہ مان بہ نٿو چاڻان چپ چو تو رهان.
ويچاري عاشي ـ منهنجي شاديءَ جا خواب ڏسي ڏسي ، پاڻ ....ڪٿي منهنجي شاديءَ جي ذڪر پٺيان هوءَ پنهنجي لاءِ احساس تہ نہ ڏياري رهي آهي .؟ ممڪن آهي . انهيءَ ذڪر کان پوءِ هڪ مهيني ۾ ئي هوءَ پڇي ....
نہ ـ مون کي اهو چوڻ جو حق نٿو پهچي . تہ چوان : هوءَ پڇي وئي . هوءَ منهنجي ٻانهي نہ هئي . جو مـان هن جي ، وجڻ کي ـ ٻين لفظن ۾ خودمختياريءَ سان پنهنجي واٽ اختيار ڪرڻ کي چوان تہ پڇي وئي .هوءَ آزاد ۽ خودمختيار هئي .(هئڻ گهرجي) هن کي پنهنجي زندگيءَ بابت فيصلي ڪرڻ ۽ واٽ جي چوند ڪرڻ جو مڪمل اختيار هو (هئڻ گهرجي):
ها، البت جيڪڏهن مون کي پنهنجي فيصلي کان واقف ڪري ها تہ ....
ممڪن آهي هن ائين ضروري سمجهڻ مناسب نہ سمجهيو هجي، انهيءَ

ڪري ـ يا ، هيءُ بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ ، منهنجي خاموش ، ائبنارمل لڳندڙ ورتاءُ ۽ منهنجي وچ روايتي گهري ناتي ۾ منهنجي ڌارئيپ واري انداز ڪري ، هن کي ٻڌائڻ ڏکيو لڳندو هجي ۽ هوءَ اخلاقي جرائت جي گهٽتائيءَ ڪري ، دل جهلي نہ ـ

بهرحال ، مون کي پراميد رهڻ گهرجي . سندس لاءِ دل جي سچائيءَ سان نيڪ خواهشون رکندڙ مخلص دل جي اهائي تمنا ٿي سگهي ٿي تہ ، هوءَ جتي بہ هجي خوش هجي . ۽ جنهن اندازي موجب مان سوچيان ٿو تہ ، هوءَ سامهون رهندڙ ماستر سان ٿي ...جيڪو اوچتو رات گم ٿي ويو ، سٺي سياءَ جو لڳندو هو ـ ڇڏ انهيءَ ذڪر کي ، جو ڪجهہ ٿيو ـ هُون ، پاڙيہ ۽ آفيس ۾ جيڪو ڪجهہ سوچيو وڃي ٿو ، ها . انهيءَ جي مون کي پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي . هڪ تہ هن ڪري جو ،اها پڻ . پڻ آهستي آهستي روز مرهہ جي انيڪ واقعن ۾ پاڻ مرادو ڏڪجي ويندي . جڏهن انهيءَ ۾ نواڻ نہ رهندي ، تڏهن ڪو بہ ڇٽو ، مون سان لاڳاپو رکندڙ انهن ڳالهين ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏيندو . اها انهن جي ضرورت آهي تہ ، ههڙي قسم جي واقعن ۾ ڊونڊ وارو پهلو ڳولي ، انهيءَ کي چٿيندا رهن . پر منهنجي لاءِ اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ ، مان چپ رهان . البت هي چٽيءَ ريت سمجهان ٿو ڏيکاءَ واري همدردي اها منافقت آهي ، جنهن کي مان ڪڏهن معاف ڪري سگهان. جڏهن اهو پليءَ پٽ سمجهان ٿو تہ ، ڏيکاءَ واري همدردي ڪندڙ اهي انسان ، پرپٺ پنهنجي راءِ ذهن ۾ ڪهڙيءَ ريت مون بابت ڪرپٽي مٿيندا هوندا . خير ، منهنجو چا ،بس ، منهنجي لاءِ اهم آهي تہ ، عاشي نہ ـ ڏس ، شبير تون سوچ جي پٽڙيءَ تان لهي رهيو آهين ـ مان بہ ڪيڏو نہ عجيب ڏينهون ڏينهن وڏيڪ .

ٿڌ وڌي رهي آهي . حيدرآباد جي رات گهميل ٿڌ ۽ عجيب قسم جو ڳهر آهي ، جيڪو لڳ لڳ ۾ نشو پريو ڇڏي .

آفيس : ميز ، فائيلن سان ستيل . ڪرسي ، لڳندڙ ،وجود جو اڻچڻندڙ جز بڻيل .

منافق .

ـ شبير صاحب ، هو .... ٻڌوسين تہ ، خبر ناهي سچ آهي يا ....اوهان جي سسٽر ....

ـ ها .

ـ پوءِ ، ڪا خبر پئي ؟

ـ نہ . پر منهنجو اندازو آهي تہ اسان جي گهر جي سامهون هڪ ماستر رهندو هو ، انهيءَ سان ....

- پوءِ ، اوهان ڪا جاچ يا ڪوشش ....
- نہ ، مان ڇا ٿو ڪري سگهان .
(جڏهن تہ هن، پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش موجب ڪنهن بہ صاحب سان پنهنجي زندگي ڳنڍڻ جو فيصلو ڪيو) .
- نہ ، نہ ، بہ هوءَ ....
- چپ .
(ظاهر آهي تہ ، اهڙو فيصلو ڪرڻ ڪان اڳ ، هن پنهنجي مستقبل جي باري ۾ چڱيءَ ريت سوچيو هوندو ۽ هيءُ بہ ظاهر آهي تہ ، هوءَ پنهنجو پاڻ لاءِ نقصان جو ڪڏهن بہ سوچي نہ ٿي سگهي . جو ڪو انسان پنهنجو پاڻ کي ڇيهو رسائڻ نہ چاهيندو)
- نيٺ ادا ، تنهنجي ڀيڻ هئي ، تون هن ڪان وڏو ۽ مرد ماڻهو ....
- چپ .
(ڪائنس وڏي هجڻ ڪري يا مرد ماڻهو هجڻ ڪري ؛ مون کي سندس مستقبل جي فيصلي ڪرڻ جو ڪو بہ آخري حق نہ پهچي نٿو سگهجي .)
هارڊ - بورڊ جي پارٽيشن سان هيڊ ڪلارڪ جو ڏار ڪيل ڪمرو . ڪمري مان اينڌڙ پڻ - پڻ - نما سرٻات ۾ آواز :
- ڪرڙڪ آهي .
- نہ يار بي غيرت آهي . (فيصلو)
- پلا غريب ماڻهو . نہ اڳ نہ پٺ . ڪجي ٿو تہ خواري . تنهن ڪان مٺي بہ ماٺ ، مُٺي بہ ماٺ .
- هوندئن بہ هڪ ڇتون ڇوريءَ لاءِ مٿا ڪُٽ ڇو ڪري .
- ها ، ڪني آگر ودي پلي آهي .
- اهڙين ڀاڄوڪڙ رنن کي تہ گهٽو ڏئي اندر ئي اندر پوري ڇڏجي .
بزدل ، منافق . تنگ نظر ، ڪريل . دراصل اها ڇوٽي درست آهي ، تہ ڏوهہ وارو احساس رکندڙ ، فيصلي واري احساس کي گهٽڻ لاءِ ونندا آهن . اهوئي سبب آهي جو هو ، فتوا ڏيڻ ۾ ڪا بہ دير نہ ڪندا آهن .
خير . جيتوڻيڪ آفيس ۾ هن قسم جي سرٻاتن ڪنهن حد تائين ڪوفت ڏني آهي . پر اهو سڀ ڪجهہ وقتي آهي . سنت ئي ، اهي سرٻاٽ ۽ راءِ زنيون ختم ٿي وينديون . پر جڏهن انهن سين ڳالهين تي منهنجو وس نٿو هلي ۽ نہ ئي هلي سگهندو ،تہ ڇو مان سوچي سوچي اجايو پاڻ کي پريشان ڪري رهيو آهيان .
اوچتو : پنيلائي .
اهو بہ ٿي سگهي ٿو .

ڪٿي مان پنهنجو پاڻ کي روزيءَ لائق رکڻ جي ڪوشش ۾ هھڙي قسم جي دليل بازي ڪري نڳي تہ نہ رهيو آهيان!

پنهنجي ڪمزوريءَ ۽ وس نہ پڄڻ سبب ، سوچ جو هي انداز ....

پاڻ . نڳڻ . هُنہ .

ذهن خالي . پنواٽي .

ڪا مهل ائين .

جيڪڏهن ائين آهي بہ ، تہ پوءِ مان سمجهان ٿو تہ ، جيڪڏهن ، مون کي زندهہ رهڻو آهي ، ۽ هنن حالتن ۾ ، جتي منهنجو وس نٿو هلي ، تہ پوءِ : پاڻ . نڳڻ ضروري آهي . هڪ ضرورت ، جا بهرحال زنده رهڻ ۾ هٿي ڏئي ٿي . هڪ بي وس ، لاچار انسان ....

پوليس ۾ رپورٽ ؟

ريلوي اسٽيشن جو ويٽنگ روم . رات جا ٻارنهن .انتظار ڪندڙ ، اڪيلو ويٺل ، ويٽنگ روم ۾ . اوچتو : پنج پوليس وارا هڪ عورت ، لڳندڙ مسافر ، کي اندر وٺي آيل ، بي وسي ٽمندڙ منهن منجهان .

-'مسٽر ڪمرو خالي ڪر . انڪوائري ڪرڻي آهي' .

چپ چاپ ٻاهر نڪري آيل .

ڪمري جو در بند .

عورت جون دانهون . ڪوڪون .

دانهون ڪوڪون مانيون ٿيل.

ڳپل دير کان پوءِ پوليس وارا نڪرندڙ ڪمري مان ، حليا ڦريل ؛ ورديون مروڙيل.

ڪاندارجندڙ وار. ڪُتا قانوني رهزن. ڏوهاري: جن جي جسم تي تحفظ لاءِ قانوني جبو اوڙهيل آهي. رت جي ولوڙ ۾ تيزي: ڪانئن نفرت جي اظهار لاءِ لفظ نہ ملندڙ. جوش جو غلبو سڄي وجود تي ، پيٽجو .

رستي جي ڪپ سان وينل چٽن وارو. پوليس واري جي چمڪندڙ ڪاري بوٽ جي لت تاله تي. چٽا پکڙيل. پوءِ هڪ پربور ليات. چٽن واري جي ڳل تي .

نفرت سان گڏ بغاوت.

هي اهي ڪميٽا ڏوهاري آهن، جن جي هر ڏوهہ کي قانون جو تحفظ مليل آهي.

وڏيري جي اوطاق. گجندڙ ٽلهو صوبيدار. هيسيل ڊنل. ڦتوءَ جي پيڻ.

'ڪجري پڏاءِ تہ ڦتوءَ سان گڏ بيا ڪير ها؟'

'سائين ڏٺي ٿو ڄاڻي مون کي....'

چپ ڪر لوندي. پيا تنهنجا جـ..... ها جو نتي بڌائين.‘ چڙن ۾ لت.
’رئيس، هيءَ ائين ڪونہ مجيندي. اڙي او -‘
ڦتوءَ جي پيٽ جي ڪانچ ۾ پونگڙو دانهون ريهون ڪندڙ، ٽپڪا ڏيندڙ، ٻاڏائيندڙ، ايلاز ڪندڙ....
ٽـاٽي جي ڪوني. اگـهاڙي پيل عـاشي، دانهـون، ڪـيـڪـون ڪندڙ. ڪنجهندڙ،ڪٽڪندڙ وردين جو ڍگ. اگهاڙا بينل پوليس وارا -
نس نس ۾ نفرت، ڪاوڙ جي باهہ ڏنڀ ڏيندڙ.

ڇڏڪ خواب مان سجاڳ ٿيل. موگ، هيٺو وجود. پاڻ نگڻ لاءِ ئي سهي، پُر اميد رهڻ کان سواءِ ڇا ٿو ڪري سگهي. ڪيڏو لاچار، بي وس. زندگيءَ جي رڳ ۾ پـٽـڪندڙ روح. جو آهي، هسـتي رکي ٿـو. پوءِ بہ ناهي جو تڃ آهي، هيٺو آهي.
گهري، ڳتيل، روح جي پاتال تائين عجيب قسم جو درد ڏيندڙ پيڙا.
ڏکهو، اونهو ساهہ. لڳندڙ پيڙا جو پڙاڏو.
ڪش مٿان ڪش.

قبرستان: ٻرندڙ ڏيئو هڪ قبر تي.
قبرستان جي هيءَ سانت! سنسان جو ماحول واقعي ڀوائتو لڳندڙ آهي.پر پوءِ بہ عجيب قسم جو انس -
هن دؤر ۾،جڏهن جيئرن انسانن جو مسئلو ايڏو شديد ٿي ويو آهي،تڏهن مئلن کي غير ضروري طور هيڏي ساري زمين ڏيڻ ڇا بيوقوفي ۽ جهالت نہ آهي!هن جاءِ تي ڇٽن پنجن منزلن واريون بہ ـ تي بلندبنگون خوشيءَ سـان اڏجي سگهجن ٿيون. جن ۾ ڪيترن ئي جيئرن انسانن کي سولائيءَ سان رهائي سگهجي ٿو.ممڪن آهي، اڳتي هلي ضرورت مجبور ڪري تہ پوءِ -
ٻرندڙ ڏيئي واري قبر شايد نئين آهي.
موت اٽل آهي.
گـهـر:اجڙيل ويران.لڳندڙ کنڊر.مـاضيءَ جو هڪ يادگـار.مـاضيءَ ۾ ڪا زندگي هئي،احساس ۽ جذبا ها. چرپر ۽ حياتيءَ جا آثار ها.
ذهني ٿيڙ -؟
عـــاشيءَ....؟ ها، اها زندگي عـــاشي هئي، جنهن جي وجود جي موجودگي،ڀرپور زندگيءَ جو اظهار هو. هن جي وڃڻ ڪري پيدا ٿيل هيءَ ويرانيءَ جو احساس،انهيءَ احساس ۾ اڪيلائي،اپاٽڪائي ڳتيل!هتي اچڻ

ڪان اڳ. جڏهن هوءَ نہ هئي.اڪيلو هوس تڏهن اڪيلائيءَ جو احساس نہ هو.پنهجي وجود جي موجودگيءَ جو احساس نہ هو.ڪتاب.ها.هڪ روٽين لائيف.جو ڪوهہ مان پاٺي ڪڍندڙ. بند اکين سان پاٺي ڪڍندڙ. بند اکين واري ڏاند وانگر بي منزل ڦيرو هو.ڪڏهن نہ ڪتندڙ.هن جي اچڻ وڃڻ.ڪجهہ جاڳايو. جو اڳ جاڳيل نہ هو.بنهہ ڪجهہ هو ئي نہ.هن پيدا ڪيو.لڳي ٿو هن جي اچڻ کان اڳ.پيدا ٿيل نہ هئس.هن جي وجود زندگي ڏني. هن جي اچي،هلي وڃڻ زندگيءَ جي هجڻ جو احساس.

زندگيءَ جو احساس ڪيڏو نہ پيڙا ڀريو. اذيت ناڪ آهي.ڇا انسان ائين آهن؟پوءِ بہ زندگيءَ سان پيار!....خير،سچ چيو آهي:زندهہ رهڻ جي خواهش،ڪيڏي ڪمزور آهي!

قبر تي ٻرندڙ ڏيئي جي ٽمر - ٽمر.
پر موت اٽل آهي.
اوچتو:موت جو ڊپ سڄي وجود کي وڪوڙي ويندڙ:
جڏهن موت اٽل آهي، پوءِ ڊپ....

ڪمرو: در ۾ اندران ڪڙو چڙهيل کٽ تي بي جان جسم پيل:منهن سڌو،هڪ ٻانهن کٽ جي ٻانهين کان هيٺ لڙڪندڙ وات ڦاٽل. اکيون کليل.

اتي. ائين ڪي ڏينهن گذري ويل.

ڏپ. ڪيليون ڦٽيندڙ. مکين جا ميڙ.ڪيئان رڙهندڙ.ننڍا وڏا ڪيئان،وچڙيل،چرندڙ لاش تي.جسم جو ڳڀل حصو ڪاڏل.ٽنگ،مختلف هنڌن تي.ڦٽيلَ،ٽُڪيل،ڪاڏل،هڏا نظر ايندڙ.

ماڻهن جو ڳوڙ.
ڳٽتي - الڪو - ڊپ.

مان بہ عجيب آهيان.جڏهن مرڻ کان پوءِ مون کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو احساس نہ رهندو.تہ پوءِ هيءُ بيوقوفيءَ وارو خيال ڇو! بي جان جسم جيئرن حوالي.وٽين تہ گند جي ڍير تي ڦٽو ڪن.وٽين تہ - بهرحال.اهو مسئلو جيئرن جو رهندو مئلن جو نہ.

موت جو خيال موٽندي،ذهن خالي،احساس سٽل.ڏاريو پنهنجو پاڻ کان،ڏاريو،پوري ماحول کان.جنهن ۾ هلندڙ.

پاسو ورايل،وڌيل اوندهہ.اوندهہ جو ڏنييندڙ احساس.ٻرندڙ بلب. چوڦير لڳندڙ سنسان، ڄڻڪ قبرستان ۾. بلب،ٻرندڙ ڏيئو.
قبر جي مٿان ڏيو ٻري رهيو آهي.

سڌو سنئون ليٽيل ڪٽ تي.لڳندڙ مئل.پيل قبر ۾:'
'بڪواس آهي.'
اڪيلائيءَ جو احساس.ننڊ جي ڀرپور خواهش هوندي بہ، اکين ۾ ننڊ نالي ماتر بہ نہ!
ڪتاب پڙهان اوچتو خيال . Homier-odyssey
ڪتاب جو خيال اچي غائب ٿي ويل.نظرون ڇت ۾ ڪتل.
ڇت تي پوندڙ پيلي پيلي روشني پراسرار لڳندڙ.هنڌ . هنڌ تان ڇتين جا چاپوڙا لٿل، رنگ ڦٽل. عجيب قسم جون شڪليون:اُڏامندڙ گهوڙو.ڊگهي نڪ واري ڏائڻ.جبلن جي قطار. اڏامندڙ پکي.لهرون.بن مانس.هرڪيوليس.
شڪليون ڇُرندڙ.اوچتو هڪ نئين شڪل:اگهاڙي عورت.يڪ . تڪ ايا ٿيل گوڏا.
عاشي اگهاڙي.اگهاڙي ماٺهون سان.بي وس،پگهريل.ڪاراٽيل منهن. اذيت جي احساس کي دٻائيندڙ.مٿان چڙهيل.اڙوٽ،ٻت ۾ پريل.اگهاڙو -
بدن ۾ تيز، گرم رت جي ڊوڙ.پگهر ۾ شل، بي وس، ڪمزور ڪريل هجڻ جو گهرو، گهرو احساس.
بي وسيءَ جي اونهي.گهري ڊگهي ساهہ کڻڻ ۽ اکيون ڇنيڻ سان،ڇت تي پوندڙ روشني ۾عجيب شڪليون گم ٿيل . ڪٿان ڪٿان چاپوڙا لٿل.چاپوڙا لٿل هنڌن تي چٽائي ڏسي،انهن شڪلين کي ڳولڻ جي ڪوشش.
ذهن خالي.اداسي ۽ پيڙا جو گهرو احساس، اداسيءَ ۽ ڏک جو اهو گهرو احساس،روح جي اونهائيءَ ۾،هيٺ،پاتال تائين رهڻ جي پهتل.ڪجهہ ڦاٿل هيٺئنءَ ۾،ٻاهر نڪرڻ چاهيندڙ.
بي وسي - ڇتو احساس، ساڃهہ سان، ان جو.
اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيل.هستي هڪ هنڌ،جميل بوتي جيان.وهندڙ ڳوڙها.

اوچتو سڏڪا.جميل بوتي ۾ سياٽي سان چربر .
سڏڪا...
سڏڪن مٿان سڏڪا.بوتو سڏڪا پريندڙ.
سڏڪا...ڪا مهل.
ٿميل سڏڪا، هڪ هنڌ. جميل وجود.اکيون ڪتل هڪ هنڌ.

اوچتو:پاڻ - سجاڳيءَ جي احساس سان:روئڻ ۽ سڏڪن جو احساس.اهو احساس.ويساهه ۾ نه ايندڙ سپني سمان لڳندڙ.عجيب ڪل جهڙو.مرڪ چپن تي،جٽڪ پنهنجو پاڻ تي نئنول.مرڪ ڦهلجندڙ.پنهنجو پاڻ تي تعجب جي احساس سان! پوءِ ٺهڪ.ٺهڪ مٿان ٺهڪ.پنهنجو پاڻ تي.

ٺهڪ....

ٺهڪن سان، اکين ۾ پاڻي پرجي آيل.

ڪيڏو عجيب!

ٺهِميل ٺهڪ. هڪ هنڌ جميل وجود. ڪيون ڪتل هڪ هنڌ.

ٺهميل ٺهڪ . هڪ هنڌ جميل وجود. اڪيون ڪتل هڪ هنڌ

اوڊيسيس رئندڙ. سڏڪا پربندڙ.

هن رنو. انهيءَ رئندڙ عورت وانگر. جيڪا پنهنجي مئل مڙس جي لاش مٿان پاڻ ڦٽو ڪري وڏي واڪي سڏڪا پري رهي هئي. جيڪو بهادريءَ سان وڙهندي ، پنهنجي شهر ۾ پنهنجن آڏو، گهر ۽ ٻارن جو بچاءُ ڪندي مئو هو.... ساڳي رحم طلب حالت ۾ اوڊيسيس رنو.

پنهنجي روئڻ تي ايندڙ ڪل.

ڪيڏي حماقت! ڪلندڙ. ٽهليل چپ.

سمهان. ڪافي وقت ٿي ويو آهي.

ننڊ نالي ماتر به اکين ۾ نه.

سگريٽ جي ٻاڙ.لڳڻ هن وقت تائين خواب ۾، جو سگريٽ جي طلب جو ذرو به احساس نه ٿيل.

ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو. سگريٽ جو ڪش، ڪش مٿان ڪش. هونئن نه ننڊ ڪا نه ايندي. بهتر آهي ته اوڊيسيءَ جا ڪجهه صفحا پڙهان، نه پوءِ من -

رڙهندڙ اکر هڪ هنڌ بيٺل.

رڙهندڙ ڪارا اکر....

اوچتو: نيٺ مان جيئان ڇو ٿو؟ جيڪڏهن مان مري وڃان، يا نه جمان هان، ڪهڙو فرق پوي ها؟

هن ڪان اڳ جڏهن اڪيلو هوس، روٽين لائيف ۾ هڪ مشيني پرزي وانگر چرپر ۾ هوس، نه مون ڪي پنهنجي جيئري وجود جو احساس نه هو: آفيس - هوٽل - ماني - گهر - ڪتاب - ننڊ - ضروري حاجتن جو مشيني انداز ۾ پورائو. آفيس.... امان جي موت ۽ عاشي جي موجودگيءَ ، مون ڪي پنهنجي

وجود جو احساس ڏنو ۽ عاشي جي وڃڻ ڪان پوءِ، اڪيلائيءَ جو پنهنجي وجود جي بار ۽ وزن جو احساس! هن ڪان اڳ، ڪتابن جي معنيٰ منهنجي آڏو هن ڪان وڌيڪ ڪا نہ هئي تہ: مان پڙهان ٿو. جو بالڪپڻي ڪان وٺي ڪتابن پڙهڻ جو چشڪو لڳل اٿم. هر ڪتاب جي اهميت، ان کي پڙهڻ وقت تائين هئي ۽ بس! ائين جيئن ڪاڳر جي گلاس ۾ ۾ پاڻي پي، ان کي ڦٽو ڪري ڇڏجي. ۽ هينئر اکرن جي هنن ڍيرن ۾ جٽڪ ڪجھہ نظر اچيم ٿو. گهٽو ڪجھہ، لڳيم ٿو هي ڪارا ڪارا اکرمون کي ڇهنڊڙيون پائي رهيا آهن. عاشيءَ جي حادثي ۽ امان جي موت، مون کي پنهنجي هستيءَ جو احساس ڏنو، جڏهن هي اکر ڪيلين وانگر منهنجي هستيءَ کي چڪ پائي رهيا آهن!

بڪواس آهي. سڀ ڪجھہ بڪواس. هيءُ ڇا سوچي رهيو آهيان: اجايو. بي مطلب. هينئر سمهان. صبح جو آفيس ـ بتي وسايان.

اونڌهہ. اڪيون پوڙيل. ننڊ لاءِ هٿرادو جاکوڙ. پاسن جو ورائڻ. سڌو سنل. اکين تي ٻانهن.

اوچتو: احساس، اڪيلائيءَ جو. سانت ۽ اونڌهہ ۾ پيل هستيءَ، بي چين وجود ۾ ڪجھہ کٽل هجڻ جو، جو هئڻ گهرجي.

خالي ويران گهر: عاشيءَ جي ڇڏيل خال جو احساس ـ سانت. پاسو ورائڻ سان تڏو تڏو مزو ڏيندڙ. پريان عاشي سنل. گول مٿول، سانورو منهن، چانڊوڪيءَ ۾ وڌيڪ ڪشش لڳندڙ. پوريل اکيون، گهاٽيون، ڊگهيون، هلڪو وريل پنبڻين ۾ وڌيڪ خوبصورت لڳندڙ. دل چوندڙ، ائين ئي چنڊ جي روشنيءَ ۾ عاشيءَ جو منهن ڏسندو رهڻ لاءِ. گهرو ڳٽيل مزو ايندڙ ۽ چڪ.

ڀرپور خواهش: ڳٽي تي هٿ ڦيرائڻ جي. لسو، نرم ڳٽو. پوءِ ٻنهي هٿن ۾ جهلي، چمڻ جي. چمڻ سان گڏ، نرم لسن ڳٽن تي نڪ گسائڻ جي ـ

اوچتو: عاشيءَ جو منهن ٻنهي هٿن ۾ جهليل. نرم نرم ڳٽا. اکيون، اکين ۾. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها. عاشي سڏڪا ڀريندڙ. لڪايل منهن سيني ۾.پٺي نپريندڙ.

ستايل، قياس جوڳا. بي وس بہ وجود.

نندڙي عاشي دانهن ڏيندڙ:

'امان' شبوءَ کي ڏسين ٿي.

'چورا نپٽيا' پيڻ کي ستائيندي لڄ نہ ٿي اچئي. نہ منهنجي گڏي مون وٽ آءُ. ڇا ٿو ڪرئي لوفر ڇورو.'

'امان، ڳِٽن تي چڪ تو پائي ۽ ڇهندڙبون تو هٽي.'
نرم اُپريل ، گول متول ڳِٽا.
گهر ۾ آيل مهمان عورت جي ننڍڙي ڇوڪري اوچتو رانيات ڪري روئيندڙ.
'امان، او امان.' عاشي تيز وکن سان دانهن ڪٽي ويندڙ. 'ٻڌايان ڪڪي چو تي روئي. هو شبو آهي نه، انهيءَ ڪيس ڳِٽي ۾ چڪ هنيو آهي نه، انهيءَ ڪري.'
'اي ڇورا،ٻاچا پيـر جي ڪا مـار پوندئي، تون ته ٻارن لاءِ جهـڙو آهين ڪردجال.'
ڪردجال ـ چپن تي مرڪ ڦهليل.
ڪونئرا. نرم ڳِٽا. لسا لسا. نکي ڇهاءَ سان محسوس ٿيندڙ. ڇمي. پوءِ ڳِٽن تي هلڪيون ثڦڪيون هٿڙ جي پربور سڌ.
ستل عاشي: منهن ڪان نظر هيٺ: سيني تي. ساهه کڻڻ ڪري سيني جو اڀار هيٺ مٿي ٿيندڙ. معصوم، سٻاجهڙو منهن.
عاشيءَ سان وهنجندڙ اڱڻ ۾. قميصون لٿل.ٻراٿي ڦاٿل اجرڪ جون گوڏون پيل. وٽي سان پاٽي نائڻ سان، آڳر جو چٽڪار ڪندڙ.
'عاشي ٿورو هيڏي اچ.' 'پاٽي جون ڦينگون اڏائيندي، ايندڙ'
ٻبڙيءَ تي آڱر رکندي، 'عاشي، هي ڪارو ڪارو ڇا اٿئي؟' ٻبڙيءَ کي ڇهندڙي.
'الا ـ مري ويس، امان ـ' عاشي دانهون ڪندڙ، پٽ سان پير سٽيندڙ.
'اڙي شبو، هچا ڪا پوئي، تون ڇوريءَ جي پنيان هٿ ڌوئي اچي پيو آهين.'
پٽ سان پير سٽيندي سٽيندي عاشيءَ جي گوڏ ڇُڙي، ڪري پيل.
نظرون ڪتل عاشيءَ جي اوگهڙ تي.
گناهه جي احساس جو پڙاڏو. پڙاڏو....
سمجهان ٿو،هيءَ احساس روائتي اخلاقي قدرن سبب ئي هجي. پر هن تجسس جي حقيقت پنهنجي جاءِ تي نوس آهي.
ڇا عورتن کي به، مردن جي باري ۾ ڄاڻڻ جو ههڙو تجسس ٿيندو هوندو؟
نه چاهيندي به، عورت جي اوگهڙ نظرن ۾ پيل. ڪُتل. زال ـ شاديءَ جي ڪيترا سال اڳ مروتيل، ڇپياتيل خواهش اجاگر ٿيندڙ.
هڪ مرد لاءِ زال جو هجڻ لازمي ضرورت؟
زال مڙس لاڳاپا: امان– بابا جي زال.

اڻ - وسهندڙ، عجيب عجيب لڳندڙ!
چر - پر ڪندڙ بہ اگهاڙا وجود.
اڻ - وڻندڙ، ويساهہ ۾ نہ ايندڙ، ڪراهت.
ان ڏيک کي ڪيترن ڏينهن تائين ذهن مان ڪڍي نہ سگهيو هوس.

ٻنپهرن مهل:
جڏهن ٻاهر ڪيڏي ڪيڏي گهر آيس. عاشي وراندي ۾ گُڏين - راند ۾ رڌل هُئي. مان اندر ڪوٺي ۾ وڃڻ لڳس. عاشيءَ رڙ ڪئي: 'نہ نہ اندر نہ وڃ'. 'ڇو؟' مون کي ڇرڪ آئي هئي. 'نہ نہ ، ڇورا نہ. بابا جهليو آهي.' جهڪي آواز ۾، پر لفظن ۾ زور. مون کي هٽائين وڌيڪ تجسس. در کولڻ لاءِ زور. اندران ڪڙو چڙهيل. در جي ڳڙکڙي مان اندر نظر: امان ۽ بابا اگهاڙا. عاشيءَ جو سس پس ۾ پريشان آواز. 'نہ ڏس ڇورا.نہ ڏس. بابا لاک لاهي ڇڏيندءِ.'

ڏيک ذهن ۾ تک ٻڌل. امان لڳندڙ مظلوم، بي عزت ٿيل. ساڻس همدردي، ايندڙ مٽس گاڏڙ پيار. بابا لڳندڙ وحشي، ظالم، لڳندڙ ڊپ، هيبت، نفرت.

عاشيءَ کي ڏنم. ٻئي هڪ ٻئي کي ڦڪا ڦڪا لڳي رهيا هئاسين. ڏوهاري!

ڪيترن ڏينهن تائين امان کي همدرديءَ، قياس ۽ مبهم اڻ - واضح پيار، جنهن ۾ همدرديءَ ۽ قياس اُتم هو، جي نظرن سان ڏسندو رهيس. ۽ بابا کي نفرت ۽ حقارت جي نظرن سان!

هيءُ لاڳاپو منطقي، پوءِ بہ غير منطقي لڳندڙ، فطري، پوءِ بہ غير فطري، ويساهہ ۾ نہ ايندڙ، لڳندڙ. معقول نا مَعقول لڳندڙ! امان ۽ بابا .... ممڪن آهي، هن نوس حقيقت کي لڪائڻ، ڍڪڻ، پراسرار بنائڻ ڪري ئي -

اوچتو:عاشي اگهاڙي، اگهاڙي ماٺهوءَ سان سٽل. وار ڪليل، چنبڙيل پيشانيءَ تي. پگهر ۾ شل. ڦٿڪندڙ، پاڻ ڇڏائيندڙ، مٿان چڙهيل اگهاڙي مرد کان -

ٽائي جي ڪوٺي. اگهاڙي پيل عاشي، ڏانهون ڪندڙ، ڪنجهندڙ، ڪٽڪندڙ. وردين جو ڍِگ.

جسم ۾ تيز گرم رت جو ولوڙ. ذهن ۾ تڙڪات: ڪاوڙ، ٻاهہ جو ڇيپون نڪرندڙ. ڇياڙيون ڀڃيل. تارونءَ مان تڙڪات نڪرندڙ.... ذهن خالي.

ذهن خالي. رت جي ولوڙ ۾ ماناڻي. پڇرندڙ وجود ٿڌو. اونهي شوڪاري سان، ڇپن تي مرڪ مڙهيندي: اهو هڪ نيچرل پراسيس آهي. انهيءَ ۾ عورت پنهنجي پيسو حيثيت ۾ اوتروئي ماڻي ٿي، جيترو مرد ايڪٽو حيثيت ۾. نه ڄاڻ ڇو منهنجي ذهن ۾، انهيءَ خيال سان. اهو پيانڪ تصور ڇو ٿو اُڀري! نه ٿيڻ گهرجي . اهو سپاويڪ آهي. بابا سان سمهندي، امان به ايتروئي ماڻيو هوندو، جيترو بابا. پوءِ منهنجي ذهن ۾ امان قياس ۽ همدردي لائق ڇو، بابا ڏاڍو، پوائنتو ڇو! مطلب ته عاشي به اوتروئي ماڻيندي هوندي، جيترو سندس مرد ساٿي، جنهن سان هوءَ رضا خوشيءَ سان وئي آهي. البت هن عمل ۾ بنيادي سوال 'جبر' ۽ 'رضا' جو آهي. ۽ ها:....

بڪواس. هي کهڙي ويچار ۾ لڙهي رهيو آهيان. عجيب بيوقوفي. ڏس مسٽر بشير! توکي هينئر سمهڻ گهرجي. رات ڪافي گذري چڪي آهي. صبح توکي آفيس ۾ به ڪم ڪرڻو آهي. ڇا سمجهيءَ. ها شاباس، هاڻي ننڊ ڪر.

اکيون پوريل. ننڊ لاءِ هٽرادو ڄاڪوڙ: خيالن کان جان ڇڏائڻ، ڌيان متائڻ لاءِ، ڳڻيو ساهه.... بيڪار. پاسي جي اٿل. انگن جي ڳٽپ، هڪ به ٽي چار پنج ڇهه ست اٺ نو ڏهه يارهن.... اسي ايڪاسي.... هڪ سئو هڪ هڪ سئو ٻه.... بيڪار هزار ٽائين ڳٽيان.

.... نو سئو اٺ نو نو سو.... بڪواس آهي. بلڪل بڪواس. انسان جو ننڊ تي وس هلڻ گهرجي. نيٺ - ننڊ جون گوريون - هون، گهر ۾ هئڻ گهرجن. تمام ضروري آهي. پر سوال آهي ته هينئر مان ڇا ڪيان؟ پسار؟ ورزش؟

ايندڙ پنهنجو پاڻ تي جڪ. هي دماغ به. بتي باري پڙهان: odyssey ذهني اورت ڏياريندڙ. مٿو ڳورو ڳورو. سمهان ٿو. فيصلي واري لهجي ۾. وهاڻي ڪي ٻڪ. ٿڌو ٿڌو، نرم وهاڻو. سياڻو. اکيون بند. وهاڻو ٻڪ ۾ نرم نرم لڳندڙ. ننڊ اکين مان اوبري ٿي ويل. بي چيني. اوچتو هڪ اڻ - ڄاتل خواهش: نرم ڪوئلري جسم واري عورت. پاڪر ۾ هجڻ جي، ٻڪيل، وچڙيل. ان سمهڻ ۾ اڻ - ڄاتل مزو ايندڙ عورت جا لسا لسا سٿر. گڏ ستل عورت کي پرپور، ڇڪ، هڪ اندروني بي چين جوش واري سگهه سان پاڪر. وچڙيل، بي چين جنگهن ۾ پاٽمرادو اوتيل سگهه جو زور. بي چيني وڌندڙ، اندروني اٿل پٿل سان ايندڙ مزو....

ڳوٺ جي ڪڏ، بوڙن ۾ محمد ڌوٻيءَ جي گڏهه، جانو، يارو، بگو، گلو - جانوءَ جي گوڏ لٿل. گڏهه سان - ٻيا پنهنجي واري جي اوسيڙي ۾.

'اچ شبو تون به وَٽَ وٺ.' يار.

نہ يار.'

'حو .ڏجين ٿو.' ٻگو.
.حمدس چو.'
'پوءِ مڙسي ڪانہ ٿئي ڇاڙي؟' گلو جي ٽونڪر
'وچ ڙي.'
'اڙي شبن، توکي خبر آهي تہ هيءُ استاد ـ گهر آهي، جوءِ سان سمهڻ کان اڳ هن تي آزمائڻ ضروري آهي.ڇا ٻُڌءِ ٻڇُو.'

گڏيل ٺهڪ

'اڙي جانو يار جلدي ڪر اسان کي بہ وارو ڏي.'
جانو ٻگهر ۾ شل، گوڏ سنڀاليندڙ، ڪِند ڏيندڙ، يارو پنهنجو وارو وٺندڙ، گوڏ هيٺ پيل ـ
'يار اٽَ هٽنندي' سادگي وچان.
'اسان جي هيرايل آ پٽ.' يارو سهڪندي
'شبو، جي محمد ڌوبيءَ کي ٻڌايو اٿئي تہ پوءِ پٽ تنهنجو خير ڪونهي.' گلو
'نہ ـ منهنجو ڇا وڃي.'

'ها، ياد رکجانءِ جي ٻڌايو اٿئيس تہ هي ڏاڙهي آ: پوءِ توسان ڪنداسين.' جانو.
'هل ڙي پڙوا. جڏهن چوان ٿو تہ نہ ٻڌائيندس، پوءِ اها ٽڙ ٽڙ ڇا جي ٿو ڪرين.' ڪاوڙ.
'نہ شبو، جانو پوڳ ٿو ڪري.' ٻگو سمجهائيندي، 'اڙي يار، تون ڏجين ٿو. اسين ڪونہ پيا ڪيون.' اک پڇندي. 'وَتَ وٺ يار ـ بابا ٻڌو. هن کان پوءِ شبوءَ کي وارو ونرائينداسين.'
گڏهہ ـ مرڪ ڇپن تي.
ماٺيل مزي جو احساس، ياد جي پڙاڏي ۾.
ويچاري، ٻي وس!
جتي بہ، جنهن جو جيترو وس پڄي ٿو، پاڻ کان ٻي وس ٿي، پنهنجو وس نهايت ڪميٽائپ سان هلائي ٿو.
گڏهہ ـ عاشي ـ پاڻ ـ ويچارا.

هون . سڀ ويچارا. بي وس!

لڳندڙ ويچارو، پنهنجو پاڻ کي.ويچارگيءَ جو اهو احساس، پنهنجي بي وس هجڻ، پنهنجن ئي نظرن ۾ خسيس هجڻ جي احساس کي جاڳائيندڙ. ڪِريل پنهنجي پاڻ . آڌو. خسيسپڻي جو احساس. لڳندڙ. ڪنهن اندروني، روحاني ايذاءَ تي پهو. هڪ پربور خواهش جي سجاڳ: ڪو همدردي ڪري، پيار ڪري، ڳڙاٽري پائي.

همدردي خيرات آ .

نفرت .

عاشيءَ سان ڳڙاٽري پاتل. رئندڙ بئي، خاموشيءَ سان! رئڻ ۾ ايندڙ هڪ قسم جو مزو آسيس!

هارڊ بورڊ جي ڪيل پارٽيشن پٺيان هيڊ ڪلارڪ جي ڪمري منجهان ايندڙ سرٻات:

- ڪرئڪ آهي.

- نہ ادا، بي غيرت آهي.

- ويچارو. ڀلا ڇا ڪري،

ويچارو، ويچارو.... پڙاڏا. ذهن جي گنبذ اندر.

ويچارو: سمجهندي پنهنجو پاڻ کي، اداسيءَ سان گڏ گهري روحاني چوٽ جي ايذاءَ جون سٽون. ان اداسيءَ گاڏڙ، پيڙا ۾ پنهنجو پاڻ سان اڻ . محسوس ٿيندڙ همدردي، ايندڙ قياس.

ڪلارڪ، پٽيوالا، عاشي، امان، فقير، آس پاس رهندڙ سڀ قياس جوڳا! بي غيرت ٿيل. ڳتيل درد.

نيٺ؟ .

آفيس ۾ اوچتو آيل وزير: سڀ واٺڙا ٿي، ڏڄي اٿي بيٺل. وڏو صاحب لوسي ڪتن وانگر اڳيان پٺيان چاپلوسي ڪندي ڳالهائيندڙ.

- مان اوهان جي ڪم مان مطمعن ناهيان. اوهان سست ڪاهل آهيو. وڏائيءَ منجهان تحڪمانہ انداز

- بس سائين....

- هوءَ ڪرسي خالي پئي آهي.

- سائين ڪلارڪ موڪل تي آهي. سيڪريٽري هن جي سسپنشن جو آرڊر ڪڍ. موڪلون بوڪلون ڇڏي ڏيو. عوام جي حڪومت آهي. عوام اوهان کان پورو پورو حساب وٺندو. لڳندڙ رٽيل لفظ

- سائين، هن جي نياڻي سخت بيمار آهي انهيءَ ڪري.... هڪ ڪلارڪ جي جرئت.

وزير جون شوريل، رانپوتا هٿندڙ، هن کي انتهائي ڪريل سمجهندڙ نظرون: تنهنجو نالو ڇاهي ڙي.

ايندڙ ڇڙ، دل چوندڙ پيپر ويٽ کٽي نڪاءَ ڪرايانس. ساڳي وزير جي اخبار ۾ تصوير: جهڪي انتهائي چاپلوسيءَ وچان وڏي وزير کي هٿ ملائيندڙ.

ڪريل اڻ وڻندڙ بڇڙي شڪل.

ذهن خالي. سڄي وجود ۾ نفرت، ڪراهت پربل.

مسيت مان نڪرندڙ نمازين جو ميڙ. اڳيان هڪ ڏاڙهيءَ وارو اڌ ـ روٽ. ڳچيءَ ۾ پيل جوتن جو هار. جُتيءَ چور.... واڪا، ٺڪون، ٻُجا، لعنتون، ٿقون. مسيت جو پيش امام ڏند ٿيڙي ٻڌائيندڙ ايندڙ ويندڙن کي: سائين ڏسو لعنتيءَ کي الله جي گهر مان جُتي ٿي چورايائين. پوءِ گهروڙي ٻُجو هُن جي منهن ۾: ٽڪ ٽئي پيٽيان دوزخي.

آواز:هن لعنتيءَ جون مڇون، ڏاڙهي، پرون ڪوڙيا وڃن.

ڦڪو، رت بنا منهن. اڇيون، سڪل اکيون. خشڪ چپ، وائڙو، پريشان، حيران، ٻڌل پنهنجو پاڻ ۾.

لنگهندر ڪار بيٺل، دريءَ مان پڇندڙ ڪار هلائيندڙ. خوشامدي لهجي ۾ ٻڌائيندڙ پيش امام: رئيس اوهان کي ڇا ٻڌايان..ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي! لعنتي مسجد شريف مان جتي ٿي چورائي....

ڪار مان لهندي، هن کي هڪ ڀرپور چماٽ وهائيندي: اڙي پيٽچوٽ توکي شرم ڪونه آيو.

هو چپ، موڳو، ڦاٿل اکيون، رت بنا منهن. ڪُڇي جهڙي پيٽ.

جواب نٿو ڏين دلا. ٻي چماٽ.

پٽڪندڙ، لڏندڙ، ٻاڏائيندڙ چپ: سائين، رئيس رب تو ڄاڻي تن ڏينهن کان وٺي منهنجي گهر واري بيمار.... سڪرات....منهنجي هڙ ۾ ڪوڙي پائي به.... مزوري ڪونه.... ڊاڪدر چيو.... اُپ ساهي.

اڙي انهيءَ ڪري رب پاڪ جي گهر مان جُتي ٿي چورايئي. ٽڪ ٽئي پيٽيان ڪنجر. ٻجو.

چپ. ٻوتو.

اڙي پالي نٿا سگهو ته شادي ڇو ٿا ڪيو. پرائيوٽ هلائيو. باقي رب جي گهر مان ـ لعنت هجني پيٽيان ـ مولوي صاحب خبيث کي ٿاڻي تي وٺي وڃوس، مان صوبيدار کي فون ٿو ڪيان.

جوش ۾ ٽڙ ٽڙ ڪنبندڙ هستي: ٻي وسي سڀ کان وڏو ڏوهه آهي. ها، ڪمزوري سڀ کان وڏو ڏوهه آهي.

جيڪڏهن هو، ڪنهن مسيت مان جُتي چورائڻ بدران ڏاڙو هڻي ها نہ ـ
سرڪاري اسپتال: ڏيرا، ڪنجهندڙ، ڪڻڪندڙ، هڏن جا پڃرا مريض، بي وسي، لاچار، لائين ۾ بيٺل، ڊگهي لائين، آهستي آهستي اڳتي رڙهندڙ. اوچتو لائين بيهجي ويل.

ـ ڊاڪٽر چانهہ پي رهيو آهي.

ـ نہ، نرس سان....

ـ سالو، اسين هتي مرون پيا، هيءُ عياشيون ڪري رهيو آهي.

نڪرندڙ، شرمايل، ڊاڪٽر جي ڪمري مان نرس، ڪنڌ هيٺ ڪيو تيز تيز ويندڙ.

ڪنهن ڳوٺ مان ڪجي آيل ڳوناٺو مريض، کٽ تي. پوين پساهن ۾. ڊگها ساهہ کڻندڙ.

ـ ڊاڪٽر صاحب، سيگهہ ڪر همراهہ

ـ اڙي ها ها چپ ڪر جٽ ٻڏم. مٿو نہ کاءُ.چڙڻ. چند گهڙين اندر مئل مريض.

حيثيت، سگهہ! زندهہ رهڻ لاءِ.

هر هنڌ، هر چڱو، جتي بہ، جنهن بہ، جيتري بہ، اختيار ۽ حيثيت جو مالڪ آهي، انهيءَ آڏار تي، انتهائي ڪميڻائپ سان، انجو فائدو وني ٿو. وٽس آيل حاجتمند جي بي وسي ماڻي ٿو. نہ تہ بہ اهڙي ڪوشش ڪري ٿو.

سانوري پر چٽي نڪريل رنگ واري نوجوان فقيرياڻي. ڪڇ تي ٻار. هلڻ جي لوڏ ۾ خاص ماٺو.

’او رئيس، ڏٽيءَ جي نالي ڏي نہ ـ‘

’گهڻو کپئي؟‘ قميص جي اڳ هينيان چڏن ۾ کنهندڙ رئيس جو هٿ ۽ اکين ۾ آچ.

’جيڪو ڏين.‘

’اچ پٺيان.‘

جيئري رهڻ جي هيءَ ڪمزوري! ڪيڏي نہ ـ

انڪار ـ

بغاوت ـ.

ها، جيڪڏهن سڀ بي وس، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڏوهہ ـ سرڪش ڏند ڪرٽيل، لونڊڙيءَ وٽ ٽڙڪات.لڳ لڳ ڦڙڪندڙ: ڪچر. هنن جي ـ
رانيوتا، لتون، ٺونشا.... ـ
رانيوتا، لتون، ٺونشا هڻندڙ جسم، ساٺو. پگهر، سهڪ. نہ ـ
هنن جي ـ

چنڊن ۾ هٿ. مضبوط پڪڙيل. ڏونڏاڙ. پٽ سان ٽڪر. ٽڪر مٿان ٽڪر. هڪ ڀرپور. خواهش: پٽ سان ٽڪر هڻي هڻي ماري ڇڏڻ جي. سڄو جسم ڪنبندڙ. ڳف وهندڙ. مچريل.

سوئر جا پٽو. مان نٿو مڃان

مان نٿو مڃان

مسٽر شبير. هي فائيل نهايت ضروري آهي اڄ ئي مان نٿو مڃان. ٻڌءِ ڪونہ

هڪ زوردار لپاٽ هيڊ ڪلارڪ جي منهن تي. هليو وڃ هليو وڃ - حڪم

ماٺهن جو ميڙ: اوهان سڀ حرامي آهيو. سوئر جا پٽ مادرچو.... مان ٻچاءِ نہ توکي اهاجرئت ڪيئن ٿي هان؟

پيٽ ۾ لت

هان؟ عاشيءَ کي ٻچائڻ جي جرئت ڪيئن ٿيءِ؟

تنهنجي تہ.... اها توکي جرئت ڪيئن ٿي؟

منهن ۾ مڪ. نُڪرندڙ رت نڪ مان

مڪ مٿان مڪ. لت مٿان لت

سهڪندڙ

اوچتو ذهني چرڪ سان. سُرت: ڏڪندڙ آڱرين. ڪنبندڙ پوري جسم جي. وهندڙ ڳهر جي تيزابي. تکي بوءِ جي.

نڪ ۾ گهڙي ويندڙ تيزابيت واري ڳهر جي تيز بوءِ. دماغ-تائين پهچندڙ. نہ چاهيندي بہ ڳهر جي تيزابيت کي لڳاتار ساهہ کڻي وري وري سنگهڻ جي ڪوشش. بچان پنهنجو پاڻ کان. گهٽ ۾ بوسات جو احساس وڌندڙ. ڪنبندڙ هستي. ان تيزابيت ۾ ڳرندڙ. قميص ۾ گنجي لاهي چڏيان پنن کي آلي گنجيءَ جي آلاڻ چيندڙ. سڄي ڪمري ۾ تيزابيت جي بوءِ پکڙيل. ساهہ ٻوساٽجندڙ. ايندڙ اورت. الٽي ايندڙ.

لاٿل قميص ۾ گنجي. اڌ بدن اگهاڙو. گرمي ۾ گُهٽ وڌندڙ. منجهندڙ ساهہ. دل ڪچي ٿيندڙ. ڪرب. پنهنجي ئي جسم کان. ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ڊگها ڊگها ساهہ کڻڻ جو خيال. ۽تازي هوا جي جهوٽن مان ايندڙ مزي جو تصور نئين حياتي ڏيندڙ. پر ليٽيل ساڳي هند تي.

جيڪڏهن مان هينئر مري وڃان؟ مري وڃڻ جي سوال پٺيان، مري وڃڻ جو رومانٽڪ خيال لڪل. مري وڃڻ جي سڌ ڳاڙڻ خيال سان. زندگيءَ جي مبهم هجڻ. بي معني هجڻ جو گهرو ۽هستيءَ جي تجرباتي سطح تي وڌيڪ درست لڳندڙ خيال. بي وسيءَ جو احساس انکي وڌيڪ هٿي ڏيندڙ.

ٻوساٽجندڙ ساهہ. اوچتو اتي، ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ڏگها ساهہ. ڪانچ جا ور مٿي ڪٽي پسار اڱڻ جي. وٽندڙ ٿڏڙي، گهميل هوا. زندگيءَ جي تازگيءَ جو احساس. اوچتو، ان احساس سان: اڪيلائيءَ جو ويندڙ احساس. هڪ گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن انسانن جو وجود لازمي آهي: خيال.

پر اڄي. عاشيءَ جي اچڻ کان اڳ، مون ڪڏهن ٻئي انسان جي موجودگيءَ جي ضرورت محسوس ڪانہ ڪئي هئي، اهڙو خال محسوس ڪونہ ٿيندو هو، جنهن کي پريو وڃي. روٽين ۾ گم ٿيل زندگي هئي. هنجي وڃڻ کان پوءِ، ٻئي انسان جي موجودگيءَ جي ضرورت، بلڪ پنهنجي وجود ۾ هڪ ڪُٽل، خال محسوس ڪيان ٿو! ڪيڏو عجيب آهي!

ڇايس ڇو؟

هڪ حادثو! ٻن وجودن جي ميلاپ جو نتيجو. پر منهنجي هستيءَ جي پيدائش، جوڙ ۾ منهنجو حصو ڪيترو؟ منهنجي مرضي....

اوچتو: پيٽ ۾ وٽ. هيٺائيءَ جو تکو احساس. يادگيري: رات جي ماني کانہ کاڌل. بک. هيٺائيءَ ۾ بک جي انتها وڌيل. پر ڪجهہ کائڻ جي تصور سان مُٺل بک جو احساس. بک، جا لڳل، پر مُئل.

هينئر سمهڻ گهرجي- رات ڪافي گذري - پانيان ٿو تہ - ننڊ لاءِ هڪ پيرو وڌيڪ جاڪوڙ ڪيان.... بهتر ٿيندو کٽ ٻاهر ڪڍي سمهان.

ٿڌڙي، جسم ۾ ڪتڪتائي ڪندڙ هوا. مٿي اُڀ ۾، ڪارنهن ۾ تمڪندڙ تارا.نظر ڪتل اڀ ۾.

گول ڊرتي ڦرندڙ - چنبڙيل ان ۾.چنبڙيل، لڙڪندڙ - پتڪڙا پتڪڙا انسان. ڪيئن وانگر رڙهندڙ.

رڙهي رهيا آهن، چنبڙيل انسان.

ڪاڪوس ۾ گندي پاڻي جو دبو، دبي ۾ رهندڙ ڪنئان.

لڳي ٿو اڄ بہ سڄي رات.

بڪواس. سمهڻ گهرجي. پاسو ورائي پوريل اکيون. اوندهہ. ذهن سجاڳ. اوندهہ ڪاري، اوندهہ ناسي، ڳاڙهاڻ مائل. ننهندڙ، ڊهندڙ، ايندڙ ويندڙ، عجيب جاميٽريڪل شڪليون، گول، تڪنڊا، عورت جا ايا چڏا، هيٺ پٽ تي وهندڙ ڳاڙهو، چٽو ڳاڙهي رت جو تلاءُ.

عاشي: پيڙا وچان بگڙيل، ڪرب پريل، دونهاتيل اڻ - چٽو منهن.

بي چيني. ورايل پاسو، چڏن ۾ وهاٽو. ڏگها ساهہ. ننڊ لاءِ جاکوڙ: ڏگها ساهہ ڪٽي. سيلف سجيشن: مون کي هينئر ننڊ ڪرڻ گهرجي. گهريءَ متي

ننڊ. مون کي هينئر سمهڻ گهرجي. ڏگها ساهه. هينئر مون کي گهري ننڊ اچي رهي آهي. غنودگي. ها، سڪون ڏيندڙ ننڊ اچي رهي آهي. پوريل اڪيون. پوريل اکين اندر ڪاري اونده پکڙيل. ٻه اگهاڙا انسان: ٻٽ ٿيل، وحشاڻي انداز ۾ چرپر....

چورا نہ ڏس.

مون کي هينئر اجايا خيال نہ اچڻ گهرجن. سڪون واري ننڊ اچي رهي آهي....

پوريل اکين اندر ڪاري اونده ناسي طوفان ۾ تبديل ٿيل. اوچتو نڪاءُ. ڌرتي جو تيز ڦرندڙ گولو. چٽو احساس پوري ويساه هيٺ: زلزلو. ڌرتيءَ جو گولو ڦاٽل، ڪيهه جي پٽين وانگر اڏامندڙ ذرا. نڪاءُ. وڏا لوڏا. جهٽڪا. گرمائش چوڌاري پکڙيل ٿڌ. لڙهندڙ. گرم. ٽچڪندڙ وهڪري ۾....

ڌپ. اوچتو اکيون پاٺمرادو ڪليل..لڏندڙ ڪٽ.

چند گهڙين تائين نيٺ، ٻنهه ڪجهه ٻه نظرَ نہ ايندڙ. پوءِ ڏڪندڙ دل سان چوڌاري نهار. ڏگهو ساهه. مٿي آسمان ۾ هلندڙ هوائي جهاز جو آواز ڪن تي، مٿي نهار: ٽمڪندڙ تارا، چرندڙ هوائي جهاز جون ڳاڙهيون سايون بتيون.

هيڪلي گهر ۾ هيڪلي هِجڻ جو تکو احساس. در جي ڪِٽ ڪِٽ.

چور؟

شعوري سطح تي پاڻ کي ننڌيندي: ياڙي. هٽرادو ڪنگهه، پنهنجي زنده هستيءَ جيٰ نماءَ لاءِ، تہ آهي. پر اندر من ۾ اٿيل ڌپ کي دٻائڻ ڪاڻ.

کنگهندي اٿي، پيشاب لاءِ ڪاڪوس ڏانهنَ ويندي، ٻاهرين ٻتي ٻاربندي جا هن مهل تائين نہ ٻاريل. ڪنڊن ۽ درن جي ڪڙن جي جاچ، هن اندروني انديشيٰ سان تہ چور نہ هجي.

پيشاب ڪري. کٽ تي اچي. جنگهون هيٺ لڙڪائي، سٿرن تي وهاٺو رکي سوچيندڙ: ننڊ لاءِ. سڀاڻي آفيس ۾ ڪم ڪيئنءَ؟

ڪم پنهنجو پاڻ ڪان.

اوچتو: ننڊ انهيءَ ڪري ڪيان جو آفيس ۾ ڪم ڪرٽو اٿم! آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ننڊ ڪيان!

ذهني اورٽ ايندڙ. نفرت. ڀهريون پيرو چٽو احساس تہ: آفيس، آفيس جو ماحول اڻ - وڻندڙ.لڳندڙ: گهٽو اڳ ماضي ۾. جڏهن اڪيلو حيدرآباد آيو هو. زنده رهڻ لاءِ گذر جي وسيلي واسطي، تڏهن پهرين هن نوڪريءَ ۾

دلڪشي هئي. پوءِ انهيءَ احساس جي موت سان: پاڻ آفيس جو هڪ پرزو بڻيل. حياتيءَ جي هن اهم حصي تي ڪڏهن بہ ڌيان سان نہ سوچڻ باوجود. اهو سڀ ڪجهہ سياويڪ لڳندڙ. سوچ جي تندن ڪي نہ ڇهندڙ.

ڪيڏو عجيب آهي. سچ پچ: ننڊ انهيءَ ڪري ڪرڻ گهرجي جو آفيس ۾ ڪم ڪرڻو اٿم. آفيس ۾ ڪم انهيءَ ڪري ڪرڻو اٿم جو، زندهہ رهڻ لاءِ اتان ڪجهہ ملي ٿو. نہ تہ مان، ننڊ نہ اچڻ جي پرواهہ نٿو بہ ڪري سگهان.

جيئرو ڇو ٿو رهان؟ اٽڪيل. قاتل سوال ذهن ۾: نوڪري ڪرڻ لاءِ. نوڪريءَ جي عيوض پگهار وٺڻ لاءِ. پگهار انهيءَ لاءِ جو زندهہ رهڻو اٿم، ۽ زندهہ انهيءَ ڪري رهڻو اٿم جو ـ؟ نوڪري ڪرڻي اٿم!

بڪواس.

مرڻو اٿم. زندگيءَ جي پڄاڻي نيٺ موت نہ آهي ئي.

هيءُ سڀ ڪجهہ ڪيڏو احمقانہ ۽ عجيب ڊونگ آهي! سرت سان.

نہ چاهيندي بہ..... ماحول ڪي، نوڪريءَ ڪي. هيءُ جيڪو ڪجهہ آهي، ان ڪي جيئڻ جو تيئن رکڻ لاءِ، انهيءَ ۾ محض جربر ڪرڻ لاءِ زندهہ رهڻ.

آفيس. ان ڪان سخت نفرت. ٻئي ڏينهن، ان ڪان پوءِ ٻئي ڏينهن ۽ ان ڪان پوءِ ٻئي ڏينهن....

آفيس نہ وڃڻ لاءِ دل.

بہ ـ ٽي ڏينهن موڪل وٺان ـ

خيال: پر اهي بہ ٽي ڏينهن ڇا ڪندس؟

آفيس جي روٽين واري ڪم ۾ رڌل پنهنجو وجود ۽ ان ڪان پوءِ جي عام رواجي زندگيءَ واري روٽين ۾ گم ٿيل هستي، جنهن جي هجڻ جو ڪڏهن احساس نہ رهيو. عاشيءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ نمايان ٿي بيٺل: ڪيڏي اڪيلي، پيڙا پري، خال محسوس ڪندڙ، پنهنجي روپ ۾: پوکيندڙ.

پوءِ بہ جيئڻ لاءِ پربور آس رکندڙ!

'مان' آهيان جو احساس، انهيءَ احساس پٺيان ڇو آهيان جو سوال. ڇو جي پٺيان لڳاتار سلسلو. اهاسوچ، جيڪا پنهنجي هستيءَ ڪي ڏونڌاڙي ڇڪي، اُبو ڪري آڏو بيهاريندڙ. ڇو؟ نيٺ ڇو؟ ڪلارڪي ڪرڻ لاءِ؟

هي سڀ انسان انهيءَ ڪري جيئن ٿا. جيئڻ جي جاکوڙ ڪن ٿا. ذليل ٿين ٿا، ذليل ڪن ٿا. سرخرو ٿين ٿا. سرخرو ٿي ماڻين ٿا. سرخرو ٿيڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڪميڻايون. ذلالتون. ڪريل ڪان ڪريل ڏوهہ ڪن ٿا. رڳو انهيءَ لاءِ جو ـ

عجيب مشڪري آهي!

جيئڻو آهي. جيئڻ لاءِ نوڪري ڪرڻي آهي. شادي ڪرڻي آهي. شاديءَ لاءِ نوڪري ڪرڻي آهي. ٻار ڄڻڻا آهن. ٻار پالڻا آهن. وري شاديون.... وري ٻار.... وري -

هڪ اڻ - ڪٽ سلسلو.

مرڪ چپن تي - مرڪ ڦهلجندڙ. مرڪ جو احساس. مرڪ جو احساس احمقانه لڳندڙ. ڪل پنهنجو پاڻ تي. پنهنجي منهن ڪلڻ تي. ايندڙ ڪل پنهنجو پاڻ تي.

اوچتو سنجيدگيءَ سان: ڪٿي منهنجي دماغ جي ڪا رڳ ته نه ٽڙي رهي آهي!

سخت ڳڻتيءَ سان:مون کي ڇا ٿي ويو آهي!

لڳندڙ عجب، پنهنجو پاڻ تي. لڳندڙ ڏاريو پنهنجو پاڻ کي. ڏاريو، پنهنجو پاڻ آڏو. هڪ پرولي، جا سمجهه ۾ نه ايندڙ. منجهيل ذهن.

پاٽيءَ جي اُسات.

پاٽي پيئندي، لهندڙ اُڃ مان مزو ايندڙ. پاٽي پي، کٽ تي اچي ليٽيل. سگريٽ جي ياڙ. ٻرندڙ شعلو.

ذهن کوکلو. خالي

کوکلي ذهن اندر، ٽڪل ڪاهل، سوچ جي چرپر.

حرامزادي عاشي. هن جي ٺي پاٺمرادي خيال اچڻ سان ويچارن جو هي سلسلو - پاڻ ته موجن ۾ هوندي. اجايو مون کي - اوچتو چرڪ سان'پاڻ ته موجن ۾ هوندي،' جو پڙاڏو پنهنجي ذليل هجڻ، انتهائي ڪريل قسم جو ڏوهه ڪرڻ، بزدليءَ ۽ ڪانئريٽي جو ويبندڙ احساس.

ممڪن آهي هو ڪيس پنيلائي وٺي ويو هجي.

پر هن حالتن ۾ مان ڇاتو ڪري سگهان؟ بي وسي. ان ڏوهاري هجڻ جي ويبندڙ احساس جي اذيت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ منطقي سوچ جو سهارو: جڏهن هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان وئي آهي. هن پنهنجي اختيار جو ايترو استعمال ڪيو جو: مون کي آگاهه ڪرڻ جي ضرورت به محسوس نه ڪيائين. انهيءَ جي معنى ته: هن پنهنجي نئين زندگيءَ لاءِ جيڪا نئين واٽ ورتي انهيءَ ۾ هڪ ته هوءَ خوش هئي ۽ ٻيو ته هن منهنجو دخل مناسب نه سمجهيو. انهيءَ حالت ۾ مان ڪير ٿيندو آهيان جو....

بڪواس. تون محض ڏوهاري هجڻ جي ويبندڙ احساس کان پاڻ - بچائڻ لاءِ، پاڻ - ٺڳيندڙ سوچ جو اهو انداز اختيار ڪري رهيو آهين.

ڦڪي، بي حيائيءَ واري مرڪ.
پنهنجو پاڻ نگڻ لاءِ.مرڪ جو ڦهلاءُ: معنيٰ خيز مختصر 'هون' سان.
ضروري آهي. لازمي ٿيو پوي. نه ته -
سام ڪان وني هن مهل تائين مان جا پيڙا پوڳي رهيو آهيان. هن پيڙا ۾، پاڻ - سجاڳيءَ هيٺ، آءُ جو پنهنجو پاڻ آڏو، اصل روپ ۾ پيش ٿيو آهيان.
اصل روپ: بي وسي، لاچار، ڦاٿل، انڪيل زندگيءَ جي اوڙاهہ ۾. هيڪلو. هڪ اداس روح. ان اصل روپ کان وقتي طور پاڻ - ڇڏائڻ لاءِ، مان جا ننڊ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهيان، سو پاڻ - نگڻ، هڪ ضرورت آهي.
۽ جڏهن مون، پنهنجي هستيءَ کي اصل روپ ۾ شفاف نظر سان ڏٺو، بي مقصد آهي. ڪلارڪي، گهر، ڪلارڪي. هڪ روٽين. چاڪيءَ جي ڏاند وانگر! منهنجي مٿان ٿاڦي وئي آهي. يا مون اها مخصوص حالتن هيٺ پنهنجو پاڻ مٿان مڙهي آهي، نيٺ ان جو - ها، ان چيندڙ احساس کان پاڻ - بچائڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ريت نگڻ لازم ٿيو پوي
۽ مون جڏهن ڏٺو، عاشيءَ کي ايترو چاهيندي به، ممڪن آهي هوءَ به مطمئن نه هجي ۽ نه چاهيندي به اتي رهڻ تي مجبور هجي. ۽ مون ڏٺو، بي وس پنهنجو پاڻ کي. عاشي بي وس آهي. مان بي وس آهيان. هو ڪمزور بي وس آهي.
؟....
چاڪاڻ ته ڪمزور آهيون.
ها، ڪمزوري سڀ کان وڏو ڏوهہ آهي.
.... چاهيندي به نٿو ڪجهہ ڪري -- ها عاشي، منهنجي پياري، منڙي! ڪير ڪٿي جو ڦر چوي ٿو ته، مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ نٿو ڪيان. مان ڪيان ٿو، جو منهنجي وس ۾ آهي: رئان ٿو:نيٺ تنهنجي لاءِ چو ٿو رئان؟ ها؟ ها، تنهنجي لاءِ چو ٿو رئان: انهيءَ ڪري جو توسان انس اٿم نه. انهيءَ ڪري جو توسان....
سڏڪندڙ عاشي، سيني ۾ منهن لڪائي روئندڙ. ٽمندڙ ڳوڙها اکين مان، وهندڙ ڳلن تي.
نيٺ ڪمزور، ڪمزور چو آهن؟
هون -- جيئري رهڻ لاءِ بغاوت، ارهہ زورائي --
پهتل: جٽڪ نتيجي تي.
نه پر --
جيڪڏهن هوءَ خوش آهي -
يا خوش نه به آهي،تڏهن به مون کان وڌيڪ مضبوط آهي. جو هن ٿوڙيو

ان مضبوط روايت جي پٽ ڪي. مون کي اعتراف
بيزاري، ذهني ٿڪاوٽ، اوباسيون، آلس.
ڪٽ تي سڌو سنئون ليٽيل. ذهن خالي. ٽڪ ٽڪ. اڌ اگهاڙي بدن کي لڱندڙ ٿڌڙي هوا. ڳهر پيدا ڪندڙ. ننڊ جون ٿڪيون ڏياريندڙ. هلڪڙو وٽندڙ، منو منو سيءُ. پاسي ورائڻ تي دل. پاسو ورايل: گوڏا پيٽ ڏانهن، ٻانهون ڇڏن ۾: ڪونگڙو.
ٿڌ، سيءُ جو احساس مٺو.
رڻ - پٽ. پٽڪندڙ ان ۾ هيڪلو. ٻڪ. ٻڪي رهيو آهي. ٻڪي رهيو آهي. ٻڪي رهيو آهي.... ٻپ. پنيان ماٺهن جا انبوه. هڪ هنڌ بيٺل. هيڪلو. سهڪندڙ. ڇوڏاري نهار. پري پري تائين پوائتو رڻ پٽ.
آفيس: ويٺل ڪرسيءَ تي. فائيلن جو ڍڳ. وڏي صاحب جو بگڙيل، ڌمريل منهن. ڪانئس نفرت.
-- توکي جو مون چيو هو.... ڪريل سمجهندڙ، ذليل ڪندڙ ورتاءُ.
-- ها سائين.
خار. مان تنهنجي بابي جو نوڪر ناهيان. ڏيڊ سو پگهار ۽ فائيلن جو ڍير. ڇڙ.
ڍڳو، هڪ ئي گولائيءَ ۾ گهمندڙ، گهاٽي اندر.
گهر: اوسيڙو ڪندڙ عاشي. گهر: ويران، ڇوڏاري سانت ڇانيل. مٽيءَ جا تهه چڙهيل. چلهه وٽ چار، ٽئو اونڌو پيل. اڪيلو گهر ۾. ٻپ. ٻپ جو وڌڻ. هيڪلائيءَ جو تکو احساس، واڪا ڪرڻ جي ڀرپور خواهش. پر ساهه منجهيل. ڪير گهٽو ڏيندڙ. منجهندڙ ساهه. اکين اڳيان اوندهه. ڇوڏاري ڦهليل ڪاراڻ. ڪاراڻ ۾ اڇا اڇا ترورا. گهاٽو، ناسي، ڪارو دونهون مٽي اپ ڏانهن ويندڙ ٻوسات، ٻڌهي ساهه کڻڻ جي ڪوشش.

عاشي روئيندڙ. ماٺهوءَ کي گهوگها ڏيندڙ. چڙهيل سندس مٿان. ڌڪ مٿاڌڪ....

ايا گوڏا عورت جا. پريل سٿر. سٿر ٿلها ٿيندڙ- عورت، عاشيءَ سان ملندڙ جلندڙ. گهر ۾ ٻهاري ڏيندڙ- سوڙهو چولو پاتل: ڪچن وٽ پگهر. عاشيءَ جو ٻجهاريندڙ چهرو. وار وکريل، پيڙا ٽپڪندڙ منهن مان. گوڏا ايا. ڇوڏاري ڪارنهن ڦهليل ڪاراڻ ۾ نانگ تيز تيز هلندڙ. تيز پڄندڙ نانگ، پگهر ۾ شل. ٻپ. ٻپ وکوڙيل سڄي وجود کي. بيٺل هڪ هنڌ، ڌسندڙ تيز تيز هلندڙ نانگ کي. نانگ ڏنگيندڙ عاشيءَ کي. عاشي رڙيون ڪندڙ.

ڏسندڙ بي وسي ۽ لاچاريءَ وچان عاشيءَ ڪي. پهرين خيال نانگ ڪي مارڻ جو. پوءِ ڏپ وچان ڀاڄ. ڪليل ميدان تڪو ڀڄندڙ.... پوري رفتار سان تڪو ڀڄي رهيو آهي. تڪو ڀڄي رهيو آهي: رڻ- پٽ. تڪو ڀڄي رهيو آهي. نہ ڪٽندڙ. نظرن جون حدون اورانگهيندڙ رڻ- پٽ. ڀڄندڙ:

ڀڄي ڀڄي بيٺل هڪ هنڌ. سهڪندڙ سڄو. چوڏري نهار: رڻ- پٽ ئي رڻ-پٽ. هيڪلو بيٺل. سهڪندڙ رڻ- پٽ ۾. اوچتو اڪيلائپ جو تڪو، پہءُ ڏياريندڙ احساس. ڏڄندڙ پنهنجو پاڻ ڪان. ڏپ جو ڦهلاءُ پوري جسم ۾ رڻ- پٽ ۾ اڪيلو پاڻ. ڏپ ۾ ڦنڊيل، سهڪندڙ دل. سوال بڻيل پنهنجي پاڻ آڏو.

اوچتو عاشي ظاهر ٿيل. ميرا ڪپڙا. چيڙهيل وار. ڏڪي عاشيءَ ڪي گرانڙي: رئندڙ گڏ. بنا سڏڪن. ماٺ ۾. ڳوڙها ڳاڙيندڙ. شڪل ڳوڙها. هڪ ٻئي ڪي ڏسندڙ ڌاربن نظرن سان. جٽڪ هڪ ٻئي ڪي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندڙ.

سڀ ڪجهہ گم ٿيل.

هوا جي ٿڌڙي جهوٽي سان، هلڪي هلڪي ڇيندڙ ٿڌ. وڌندڙ ٿنهن ٿڌ جو احساس. وڏيڪ ڪونگڙو: ٻئي سٽر مليل. ٻانهون ڇڏن ۾ ڪٽل.

پريل ڳتا نوجوان عورت جا. سٽل ڪٽ تي سنئين سڌي، وڏيون پوريل اکيون، هلڪيون پوريل پنبڻيون.

هلڪي هلڪي ڇيندڙ ٿڌ جو احساس وڌندڙ. مليل سٽرن جي گرمائش. ڇيندڙ ٿڌ ۾ مليل سٽرن جي گرمي وڌندڙ.

وٺندڙ، پوري هستيءَ ۾ عجيب قسم جي مزي جي وهڪ. ڪتڪتائي پريندڙ پچڪاري. سٽرن ۾ آلاڻ. گرم گرم آلاڻ. گرم گرم ٿڌڙي ٿڌڙي لڳندڙ. چرڪ سان اٿندي، شلوار اگھ وٺان ڏسندي: آلي- آلي.

صبح جي اڄاڻ چٽيءَ ربت ڇانيل.تپ ڏئي اٿيل ذهن ۾ گهاٽي دونهين وانگر ڇانيل، وڪوڙيل خيال: آفيس. ساٿا. سٽل. مروٽيل حواس.

پرزي جي چرپر: ڪاڪوس، غسلخانو، ڪپڙن جي تبديلي...... روح نڪتل، نپوڙيل هستي هڪ ئي چڪر جي ڦرڻيءَ ۾ ڦرندڙ، ڦرندڙ رهندڙ. مثل. سواءِ ڪنهن جيئري احساس جي چرپر ڪندڙ.

ڏهاڙي وانگر آفيس ڏانهن......●

پاتال ۾ بغاوت

(A Revolt in the under world)

• سسيفس جي ناڪار

البرٽ ڪامؤ لکيو: "ڏند ڪٿائن کي پنهنجي حياتي ڪانہ ٿئي. اُهي اسان پاران ڪين وجود ڏيڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن ڪو سندن انهيءَ اوسيئڙي کي موت ڏيندو آهي، تہ پوءِ موت ۾ هو؛ ڀرپور انداز ۾ پنهنجي سگهہ بخشينديون آهن."

ڪامؤ جي مٿئين بيان کي هوند مان هينءَ رکان: هو اسان پاران، ڪين جو وجود 'مڙهڻ' لاءِ اوسيئڙي ۾ هونديون آهن (١)

يوناني ڏند ڪٿائن جا پنهنجا انوکا ڪردار ۽ گڻ آهن. سياءُ کي ويجهڙا ۽ اُونهي معنيٰ مان تب ثار. يوناني ڏندڪٿا جا ڪردار اڪارٿا- اريشنل (Irrational) هوندي بہ ريشنل آهن. ان ڪري دائمي حيثيت رکندڙ، عام رواجي ڏند ڪٿائن وانگر- يوناني مها ديوتا "زيوس" خلقيندڙ بہ آهي. محافظ بہ. جيئاريندڙ بہ آهي. عظيم بہ. چئيدانن کي بخشيندڙ بہ آهي. باجهارو بہ. انڌي پوئواري ڪندڙن کي انعام ڏيندڙ بہ آهي. سڀ ڪان وڌيڪ سگهارو بہ. سگهہ ۽ فورس سندس ٻانها آهن. هو قهار، جبار، رحيم، ڪريم، مهربان، فنا ڪندڙ، جوڙيندڙ..... سندس کو مٽ ڪونہ آهي. پر انهيءَ سان گڏ، عام رواجي ڏند ڪٿائي سورهين (Heroes) جي ابتڙ،سازشي، زاني، ڀهرويو، چتو ڪامي، وير رکندڙ، بغضي، ڪينو سانديندڙ، ويسارو، بعدماش، لفنگو ۽ ڏڄٽو بہ آهي. جيڪي گڻ- اوگڻ ڪيس انسان جي ويجهو آڻي- ڀربور فطرت پسنديءَ کي اجاگر ڪن ٿا. جنهن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ يوناني ڏند ڪٿا، جيڪا پوءِ مڙني مذهبن، مافوق الفطري سرشتن جي تشڪيل جو سرچشمو بڻي ۽ جنهن منجهان رومن ڏند ڪٿا ڦٽي نڪتي، سا پوءِ جي ايندڙ مذهبن کان بہ وڌيڪ جاندار هئي. هن جي جانداڙ، ڀرپور ۽ دائمي حيثيت رکندڙ ڪردارن کي هومر ۽ ورجل کان وٺي، فرائڊ، سارتر ۽ ڪامؤ تائين، چوندي پنهنجا دل گهريا وجود ڏنا. ميٿيو- آرنولڊ، رابرٽ برچن، ملٽن، وليم موريسس، شيليءَ، وردس ورٿ. شيڪسپيئر، ايليٽ، آندري گائيڊ، جيمس جوائس، اونيل، فارسٽر ۽ ٻين الائي ڪيترن يوناني ڏند

---

(١) جهڙي ربت انسان جو پنهنجو. پنهنجو وجود ڪونہ ٿئي. پر هو مڙهيل هٿ نوڪي سولائيزيشن، سوشلائيزيشن- سبلائيميشن جي وجود کي دوئيندو رهي ٿو)

ڪٿائي املهہ خزاني من پنهنجي پنهنجي مراد آهر ڪردار چوندي، مٿن پنهنجو اتساهي وجود مڙهيو. سندن اوسيئڙي ڪي موٽ ڏني.

هنن مڙني ۾ ڪامو جو ڳڻ هن خيال کان اڳروآهي تہ. هن: يوناني ڏند ڪٿائي خزاني جي ڍير مان هڪ اهڙي وساريل. پاتال ۾ پوريل ڪردار کي ڳولي ڦولهي، چڪي مٿي اڀاريو. جيڪو ديوتائن جو دائمي ڌتڪاريل ۽ نندڻيل هو. جنهن جي چربر ۽ مشغولي (جيڪا ديوتائن پاران ئي مڙهيل) عام رواجي رڍل وهيڻن (Subjects) انسانن جي حياتيءَ ۽ انهيءَ ۾ مشغوليءَ سان بنهہ نهڪندڙ آهي.

اهو نندڻيل. پٽيل. ڌتڪاريل ڪردار آهي: سسيفس

۽ اها مشغولي آهي: سسيفين- ٽاسڪ

هيءَ ديوس ڪردار ۽ سندس ائبسردٽي ٻين ليکڪن وٽ ورلي، يا نہ ڄڻ جي حد تائين اڻ- ڇهيل. سسيفس: جنهن جي مشغولي، حياتيءَ جي رڍل هجڻ کي چرڪ پرائيندڙ چئلينج ڪري ٿي. (١)

فڪري جڳ ۾ مارڪس، جنهن انتهائي سک ڏرسيءَ (Optimism) جي آڌر تي انسان جي مستبل جو عمارتي ڍانچو ڪڙو ڪيو، ڪامو جي چرڪ پرائيندڙ ائبسرڊ پرولتاري خدا، سسيفس، انهيءَ کي هوڪاريو.

ڪنهن مفهوم واري سرگرمي ۽ ان جي ڪارج جي مجتا: جنهن منجهان ڪجهہ پراپرت ٿئي. ڪو: جبل تي چڙهي، چوٽيءَ تي رسي، وري لهي. چڙهي ۽ لهي.... پگهر ۾ شل، سهڪو ورتل، پر انهيءَ پورهئي- مشغوليءَ مان مجيل ريشنل قدرن پٽاندر ڪجهہ نہ وري تہ اها مشغولي ڪارج جي مفهوم ۾ اجائي ۽ ائبنارمل. ڪلڻ هاب ۽ چٽر لائق ليکي ويندي.

نيٺ زندگيءَ جي جبل تي چڙهڻ- لهڻ منجهہ رڍل هجڻ منجهان ڇا پراپرت؟

جڏهن تہ موت اٽل آهي.

---

(1) < The fundemental subject of the myth of Sisyphus is: it is legitimte and necessry to wonder weathere life has meaning.>
(camus: Myth of Sisphus)

ڪامؤ ان جو جواب آپ گهات جي رٿ ۾ ڏنو.

سسيفس لاءِ ڪامؤ لکيو: خدائن منجهہ پرولتاري: نستو ۽ باغي: ائبسرڊ. (١)

ڪامؤ سسفيس تي جو وجود مڙهيو، سو سندس پيڙا، ڦٽڪار ۽ پيڙا پري مشغوليءَ (سسيفس ٽاسڪ) کي اڳو رکندي. جو ڪامؤ کي ڪينءَ بہ، پنهنجي مراد کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي آپ گهات واري نظرئي لاءِ نوس پيڙهہ وجهڻ واسطي، سسيفس جي رڏل هجڻ واري ڏس (Angle) کي اوس اجاگر ڪرڻو هو. هومر جي ابتڙ، جنهن سسيفس تي حرفتيءَ جو ليبل چنبڙائڻ سان، کيس مرٽن (Martaes) ۾ نهايت ڏاهو، سياڻو ۽ ڊگهي نظر رکندڙ سڏيو. ڪامؤ هن ديومالائي سرويچ جي ائبسرڊتيءَ ۽ ان جي وڏيندڙ سجاڳ- احساس ۽ ان جي ايذاءَ کي نکاري نروار ڪيو.

حياتيءَ جي چرپر ۾ ڦهليل ڪينواس تي- ائبسرڊتيءَ کي ذهن ۾ رکندي، سسيفس کي ڪامؤ جي بخشيل وجود سان سمت ٿيندي، مون هن ڏند ڪٿا کي زيوس- سسيفس جي ناتي سان ڏنو. لکيو ۽ اجاگر ڪيو آهي.

هيٺي انڪاري سسيفس جي هوڏي سرڪشي. هڪ نستي ڏاهي جو، مٿس مڙهيل امر کي مڃڻ کان نابري وارڻ. جيڪو پنهنجي هيٺائپ جو چٽو احساس ۽ سڌ رکي ٿو. جا، ڪامؤ جي لفظن ۾ هن ائبسرڊ هيري جي سڀ کان وڏي ٽريجڊي آهي.

ٻين لفظن ۾ هڪ هيٺي انڪاريءَ جو جميل، مٿان سوار ٿيل اسٽيبلشمينٽ (Eastablishment) سان اڏو ٿيڻ وارو لاڳاپو.

هيٺو انحرافي سسيفس، سگهاري زيوس جي خلاف اڏول بيٺل: زيوس، مها خدا، پوري ڪائنات ۾ سگهارو. عظيم ۽ اعليٰ اختيار، سربشت (Sovereigh) سسيفس، ٻي وس ۽ نبل. پر سرڪش. هوڏي، انڪاري. جنهن ڪري ننديل، پٽيل، ڌڪاريل ۽ عتاب هيٺ آيل. پوءِ بہ ناڪار

---

(1) <He is absurd as much through his passions a through his torture. His Scorn of gods, his natred of death, and his passion for life won him that unspeakable penalty in which the being is exerted toward accomplishing nothing.> Ibid

زيوس- سسيفس لاڳاپي سان هن ڏند ڪٿا ۾ پوري تاريخ جو تت ۽ هر زماني جو روح (The Spirit of age_ Zeitgeist) لڪا پائيندڙ: سريشت جو جوڙيل پاتال (Under world) رياستي سرحدن جي اڏيل حدن اندر قائم ڪيل ايسٽيبلشمينٽ جون مختلف نين هيٺ بيگار ڪيمپون. انهيءَ ۾ پوريل، جنبيل وهيٽي خلق (Subjects). وهيٽي خلق جي اڻ-ڪٽ مشغولي، اتم سگهہ جي وڏائيءَ جي تسڪين ڪندڙ. انهيءَ ۾ نٺديل ۽ ڦٽڪاريل اُهي، جيڪي انهيءَ مڙهيل مشغوليءَ جا انڪاري ۽ اتم سگهہ جا انحرافي.

سسيفس جي ناڪاري هڪ هيٺي، حساس، ايماندار فنڪار جو آدرش آهي.

نٽشي (Will to power)، توڙي مارڪس (Occupation of sate apprtus) جي ابتڙ، سسيفس جي ناڪاري، اختيار ماڻڻ لاءِ نہ، پر هر جڳ اندر، هر ويل موجود اختيار خلاف آهي. سندس سرڪشي اوستائي (Situational) آهي. دائمي ڪميٽيڊ نہ. جڏهن مٿس ڪجهہ مڙهيو وڃي ٿو. هو ان ڪان انڪاري ٿيندي، نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن کي قبولي، منهن ڏئي ٿو. اوڏو ئي بيهي ٿو. سندس وڏائي انهيءَ ۾ آهي تہ: اختيار ٻنجڻ سندس آدرش ڪونہ آهي. هو اختيار ڪان گهٽو متانهون آهي. هو ڪنهن مقرر ڪيل- ڪرايل مراد سان ڪميٽيڊ ڪونہ آهي پر نان- ڪميٽيڊ هوندي بہ ڪميٽيڊ آهي.

ايسوپس جي پچڻ تي ڪيس سڌي سنواتي نموني ٻڌائي ٿو تہ: تنهنجي ڌيءَ ايجنا کي مهان ديوتا زيوس پنيلائي پجائي ويو آهي. اها سڌ رکندي تہ پاڻ اُتم سگهہ جو پول پڌرو ڪري رهيو آهي، جيڪو مهاپاپ آهي. جنهن جي نهايت ڳري سيڪت آهي. هن ديوتائن جي اڃا جي ابتڙ ڏرتيءَ سان دل لڳائي. ديوتائن جي حڪمن جي پيڪڙي ڪندي ڌرتيءَ سان ڇهٽيو رهيو. ايسيتائين، جيسيتائين ديوتائن جي موڪليل ڪائنس وڌيڪ سگهاري ڪيس چوڪنيو ٻڌي پيهر پاتال ۾ اڇي ڦٽو ڪيو. اختيار پاران مڙهيل مقدر جي- جوڪو ڪٽي پيڪڙي ڪندو رهيو. اها سرت رکندي تہ، مڙهيندڙ نصيب واري اتم سگهہ جي پيٽ ۾ پاڻ گهٽو هيٺو آهي. سندس ناڪار سائس ڏاڍيءَ، ارهہ زورائيءَ ۽ هٺ چراند جي ردعمل ۾ آهي. "پنهنجي پاڻ هجڻ" جي هاڪاري مڃتا- سڃاڻپ (Affirmative Recognition) لاءِ. نئين خدا خلقڻ يا پاڻ خدا ٿيڻ لاءِ نہ. هو پاتال ۾ بہ سزا پوڳيندي پاڻ مڃائي ٿو. هيڊز، موت- گهر جي واريءَ کي چالاڪيءَ سان زنجيرن ۾

جڪڙيندي. (پر هيٺو هجڻ ڪري وري بہ ڪيس سکھ اڏو مجبور ٿيٺو پوي ٿو. جنگ جو سگھارو ديوتا ايرس، مهاديوتا زيوس جي فرمان تي سسيفس جي قيد ڪيل هيڊز کي آجو ڪرائي ٿو.) جڏهن تہ روايتي ناڪار، توڙ ۾ پنهنجي مراد (Aim) رکي ٿي: پاڻ خدا ٿيڻ. هڪ نئين اختيار، ايسٽيبلشمينٽ کي قائم ڪرڻ- بنجڻ. وسيلي پنهنجو پاڻ کي مڙهي سگھي.

ڪاموءَ جو پرولتاري خدا، مارڪس جي پرولتاري خدا کان وڌيڪ بي عزتو ٿيل ۽ عقوبت هيٺ آيل آهي: جسماني پورهيي جي سزا ۾ جنبيل. انهيءَ سان گڏ هو پنهنجو پاڻ لاءِ انهيءَ پورهئي جي ائبسردتيءَ جو تکو احساس رکي ٿو. سجاڳ ذهني پيڙا ۾ ورتل. (۱) جيڪا ڪيفيت اڄ جي بي وس، سرڪش انڪاري مانسڪ (Intellectual). فنڪار ۽ ليکڪ جي ئي ٿي سگھي ٿي. جيڪو سارتر جي چوائيءَ معاشري کي احساس جرم بخشي ٿو. (۲) جڏهن تہ مارڪس جو پرولتاري خدا: سک درسي (optimism) جي ڳوڙهي ۽ ڳتيل پرم هيٺ، ان پيڙا واري ڪيفيت کان آجو ٿي رڙهندڙ.

سسيفس 'اختيار' جي احساس جرم کي ڏونڌاڙيو. (۳) موت ۾ پاڻ ڏچي ۾ اچي ويو. جيڪو اوس ٿيڻو هو. (۽ آهي).

سسيفس جي هيٺي، پر اٿل ڪڏهن نہ هار مڃيندڙ ناڪار، اڄ جي نبل مانسڪ جي، اختيار خلاف انڪار جي علامت کي پڌرو ڪري ٿي. اهو مانسڪ، جيڪو پنهنجي وويڪ سان ۽ انهيءَ ناتي، انسان جي عظمت سان سچو آهي.

سسيفس جي ناڪار، متان ڪان سونپيل يا سدا پابند (Commited) ڪانہ آهي. انهيءَ ڪري ڪاموءَ جڏهن سسيفس کي رڳو ۽ رڳو ائبسردتيءَ جي بنڌڻ ۾ جڪڙي ٿو، تڏهن نہ رڳو هو سسيفس سان ڏاڍائي ڪري سندس مان کي هيٺ ڪري ڏيکاري ٿو، سندسن ملھ ڪيرائي ٿو. پر هڪ عام رواجي، روايتي مفڪر وانگر نئين قسم جي ڊٽرمنزم (Determinism) جي پرچار جو ڏوھ ڪري ٿو.

---

(1) <If this myth is tragic, that is because hero is conscious> (camas)

(2) Writer gives society a guilty conscience. (Sartre).

(۳) هيءَ پاڻ- شاهدي ڏيندڙ سچائي آهي تہ: هر اختيار پنهنجن ڪرتوتن ڪارڻ احساس جرم ۾ ورتل هوندو آهي.

سسفيس، ڪامؤ پاران مڙهيل وجود کان مٿانهون آهي کهٿو مٿانهون. ڇاڪاڻ تہ هو اختيار جو نندنيل آهي ۽ ڦٽڪاريل. سندس وڏائي انهيءَ ۾ آهي تہ، هو سدائين، هر ويل، اختيار کي چوي ٿو:

نہ-

جو ڪجهہ مٿس مڙهيو ويو آهي، اختيار پاران. جنهن وٽ سگهہ آهي. سسيفس ان کي ٺڏي ٿو. نابري واري ٿو! نہ. ۽ انهيءَ "نہ" - جي حد کان "پاڻ هجڻ"، جي اظهار جي سرحد شروع ٿئي ٿي. جنهن ۾ پنهنجي تقدير/ ڇرپر جي چونڊ جو حق محفوظ رهي ٿو. چونڊ جو حق، جيڪو آزاديءَ جو تت آهي. تنهن ڪري الاهي فتوائن، مقدس احڪامن ۽ اختيارن جي امرن کي ٺڏڻ، سسيفس پنهنجي اخلاقي جوابداري سمجهي ٿو.

سندس ڪمٽمينٽ جو اهوئي انداز آهي.

زيوس طرفان مڙهيل سزا کي هن قبوليو. رضا خوشيءَ يا اخلاقي پابنديءَ هيٺ نہ، پر ڇاڪاڻ تہ هيٺو، وهيٺو آهي. جنهن ڪري بي وس. ڪجهہ نٿو ڪري سگهي. سواءِ حرفتن هلائڻ جي. جي سندس وس ۾ آهن. اهو ڄاڻندي بہ تہ: زيوس ڪانئس ڪئين ڀيرا وڌيڪ سگهارو آهي. مها خدا. سنڌس ڄاڪوڙ اجائي آهي. پوءِ بہ هو ان ڄاڪوڙ ۾ جا وقتي سوڀ حاصل ڪري ٿو، انحراف ڪري زيوس جي جميل خدائيءَ کي هوڪاري ٿو، سندس ڪوڪلائپ کي وائکو ڪري ٿو، انهيءَ مان ماڻي ٿو.

١

نٽشي جي ناڪار خدا جي موت کان شروع ٿي. (١) جڏهن نٽشي الاهي خدا (Divine) کي ماري رهيو هو، تڏهن هن، ان جي جڳهہ والارينڊڙ خدا- ساورين اسٽيٽ (sfateSovereign) ۽ ان جي محرڪ سگهہ اسٽيبلشمينٽ کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو. هٿائين ان کي مراد (٢) ناهي ٽيڪ ڏني. نٽشي جو ناسٽڪ، پنهنجي ناڪر سان، موت ۾ هاڪار سان وري هڪ خدا جوڙي ٿو! جنهن لاءِ وهيٽي خلق هجڻ لازم آهي. ساڳيوئي وهيٺائپ هڪ ڏوهہ ٿي مڃجي ٿي. سچ جو پاڻمرادو ٻٽيل مکيہ ٽيڪيدار ۽ ان ڪري انڌي پوئواري طلبيندڙ مارڪس جو انقلابي هڪ جڪڙيل نوڪدار تڪين تارن سان واڙيل بهشت اڏي ٿو. جتي هنڌ، هنڌ تختيون ٽنگيل آهن.

(1) <God is ded> (Nietzsche)

(2) <Will to power<.

"اڳتي چرڻ ڏوھ آھي." ھن جا حڪم ڪڏھن بہ غلط ٿي نٿا سگھن!"

سسيفس جو انڪاري ڪردار، نتشي جي ناڪاريءَ، مارڪس جي پابند، (۳) ھڪ رنگي نظام خلقيندڙ انقلابيءَ ۽ ڪاموءَ جي انڌي فقرائي (Asceetic) باغيءَ کان گھٽ اڳتي وڌيل آھي.

مارڪس، نتشي ۽ ڪاموءَ جي ناڪار، انڪاري- ھاڪار (Negative- affirmation) آھي. ڪنھن نہ ڪنھن طريقي سان رٽ ۽ نتيجي جي روپ ۾. سندس ناڪار جي پڄاڻي ٿئي ٿي: پاڻ- اختيار (خدا) ٿيڻ- ٻڌجڻ يا پاڻ مارڻ (۱) آگياوان ٿيڻ يا ناس ڪرڻ. اھي ڪنھن نہ ڪنھن شڪل ۾ سرشتي اندر، آگيا (Command) ۽ آگياوان (Obedient) رکن ٿا. سيڊو- ميسوڪيسٽڪ (Sado- Masochis-tic) ناتا. جن ۾ وھيٽا انڌي پوئوري جي پيڙا پوڄيندي سرست مائٽين، ۽ مٿانھا، پنھنجي سيڊزم منجھان. جنھن ڪري، ھڪ اھڙو سرشتو، جنھن منجھہ آگيا ۽ آگياوانن جو آزاديءَ تان ھٿ ڪنيل: پنھنجو پاڻ وڃايل.

جڏھن تہ سسيفس جي ناڪار جي نڪا حد آھي ۽ نہ ئي ڪا پڄاڻي. سندس ناڪار پاڻ اختيار/ خدا/ سيڊسٽ بنجڻ لاءِ نہ آھي. ۽ نڪو ئي ھو، ميسوڪيزٽڪ ھجڻ قبولي ٿو. ۽ نہ ئي وري سندس ناڪار سنتيا گرھيءَ (Passive Ressistance) آھي. پر اختيار طرفان مڙھيل امر ڪي للڪار آھي. ھو اھو نٿو مڃي تہ ڪو مٿانھون، يا ڪ مٿين ھستي سندس باري ۾ فتوئي مڙھي، فيصلو ڪري، نصيب جوڙي. ۽ نہ ئي ھو انھيءَ حيثيت ماٺڻ لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو تہ، پاڻ مٿانھين، مڙھيندڙ ھستي بڻجي. جيڪا ٻين جي مٿان فتوائون مڙھي ۽ نصيب ٽاڪي. سندس ناڪار، پنھنجي ھستيءَ جي ھاڪار لاءِ آھي. جيڪا ھستيءَ وھيٽن منجھن ھڪ آھي. ھو ان لاءِ اختيار کي ھوڪاري ٿو. پنھنجي ھيٺائپ واري سرڪشيءَ سان. ھنيلو بڻجي.

---

(3) (I) <Rebelion is a form of asceticism, though it is blind, therefore if the rebel plasphemes it is in the hope of finding a new god.> (Rebel.: Camus)

(ii) <Every act of rebellion against oppression is justified in itstif but insalls new form of Servitube>

(1) Self- obnegtion

اهائي سندس اتمنا آهي: هو اهو ئيڻ نٿو چاهي، جيڪو زيوس چاهي ٿو.
(ان ڪري هڪ وهيٽي دانشور لاءِ آدرش)

هڪ هيٽي ناڪاريءَ جو آدرش: جيڪو وقت جي زيوس جوڙيل پاتال اندر واڙيل، مڙهيل مقدر پٺاندر جوٽيل ۽ وهندڙ، هو ان ڪان انڪاري راڄ ڊوهہ وادي. سندس آزادي، خودداري، وقار ۽ اتمنا جي مجتا مٿس تاڪيل پيڙا ۽ انهيءَ جي چٽي سڄاڳ احساس منجهان اسري ٿي.

۽ جڏهن الاهي (Divine) خدائيءَ جي پڄاڻي ٿي. ان خدائيءَ جي جاءِ رياست ورتي، مختلف روپن جا ڪريٽوس (Kratas) خدا بڻجي ايريا. جن نئين نئين روپن جي اسٽيبلشمينٽ کي پوڄي لڳائي پيش ڪيو. هنن انڪارين لاءِ پاتال (Hades) جوڙيو. جن ۾ وهيٽي خلق (Subjects) واڙيل، ايرسٽوڪريسيءَ کان ٿينڪوڪريسيءَ ۽ لوڪ راڄ (Republican jials) جيلن اندر پارٽيڪريسيءَ تائين ڪيل ڏوهن جي ڊگهي قطار: اڻ ڪٿ، اڻ- مٽ ليڪ. آڪاش ندي. جو: رهزن رهبر بڻيل. قاتل، جج بڻيل. ڏوهي ديوتا بڻيل.

اڳ جڏهين خدا هو:

گوڏا جهڪايو، ڪنڌ نمايو، ڳڻ ڳايو، پڪو ويساهہ رکو. عظيم خدا جا امر اٽل آهن.

(اندو ويساهہ+ اندي پوئواري) (١)

هر اسٽيبلشمينٽ جي رياستي پاليسي آئيڊيالاجي: گهربلو، پالتو شهرين جي پرورش جو فن (٢) پنهنجي اولمپيائي نٽ کي قائم رکڻ جو ناٽڪي رچاءُ: پارليامين، عوام، ڊيموڪريسي، ريپلڪين گڏيل مفاد........ پرچار جي پوڄي سان جنهن ڪري اسين سڀ ماس ميڊيا جا نڳيل.

چوندون: وهٽين کي پنهنجا مـــالڪ/ خدا جي چوندڻ جو حق بخشيل. هو پنهنجا نوان مالڪ چوندي يا ساڳيا. وهيٽا سياويڪ طور اهو خيال رکندڙ تہ، اهي چوندجن، جيڪي کين ذليل ڪرڻ، ذهني ۽ جسماني طور لوٽڻ پوٽڻ ۾ انسان دوستي ڏيکارين. مالڪ جي چوند جي وقتي مجيل حق دوران: سيدبست ڳراٽڙيون پائيندڙ. عزت نفس جون ڌجيون اڏائيندڙ همدرد بڻيل. چيچلايل جي اڻ وٽندڙ رنين رميسوچيئيسٽڪ جي ڪيڪڙاين ۽ سڏن) ڪان پاڻ بچائڻ لاءِ: هن جي پٺن تي بينر اٽڪايل: تاريخ جوڙيندڙ.

(1) <No body can rule guilrlessy> (saint_ just)

(2) (Thremmatology)

طاقت جو سرچشمون. تخليق جو خدا. هر اول (١).....

ڪاسائيءَ جي چونڊ جو مجيل حق، جمهوريت جو روح. لٺ ۽ چٺ جي اصول تي عمل سان.

۽ انصاف: ڦريو بہ جهان خان دانهين بہ جهان خان وٽ!

نظريا، پروگرام، انگ اکر، اعلان: قاتلن کي جج ڪري پيش ڪرڻ لاءِ معقول، وزني دليل پيش ڪندڙ. هر رياستي اڳواڻ عيسيٰ بڻيل خدا جو آواز. پاپ کان آجو. مقدس. عظيم، اعليٰ. ڪڏهن گناهہ ڪري نٿو سگهي. وهين، حڪم هيٺ آيل تلهيرن (Subjects) جي پيٽ جي بک ۽ ان جي ضرورت جو احساس. سرڪار سينٽرل ڪميٽي/ هاءِ ڪمان ڪندڙ. جيڪا ڪڏهن بہ غلط ٿي نٿي سگهي. هن جا نظريا، رٿون ۽ تبديليون هر پيري. سدائين هر ڪسوٽيءَ تي سچا بيهندڙ. دور رس اثر ڇڏيندو. جن جو پيٽ آهي. اُهي پنهنجي بک جو صحيح اندازو نٿا لڳائي سگهن. هو پنهنجن نفسياتي- جسماني گهرجن کي سمجهي، پروڙي ۽ محسوس ڪري نٿا سگهن.

۽ آئين، قاعدا قانون: پالتو شهري پيدا ڪرڻ لاءِ جتن. پنهنجن ڏوهڻ کي ميٽڻ لاءِ نوان مقدس صحيفا. (ڪيل ڏوهن جا پيرا مٽائڻ ۾ نوان ڏوهہ.)

هر وک تي آڏو ايندڙ اتمشاهيءَ جي مجتا/ پوڄواري وهيٽن جو لکيل. بس: وهو. وهو وهندا رهو. جيئڻ امر ٿئي.

اولمپيائي نٽ کي قائم رکڻ لاءِ.

۽ تبديلي: سوپارو: تاريخ/ قدرت/ وقت/ سچ جو آواز. هارايل، غدار، ڏوهاري!

اهو لکيل، ايسيتائين، جيسيتائين وهيٽا، وهيٽا آهن. هيٺا.

انهن وهيٽن ۾ سيفس بہ آهي. هوڏي- انڪاري. جيڪو نہ، سيڊسٽ ٿيڻ چاهي ٿو- نہ، ميسوچيئيسٽ ٿيڻ قبولي ٿو. پنهنجي سرڪش عمل سان پاتال ۾ بائيتال مچائي. پنهنجي سڃاڻپ ڪي. ائينٽيسٽيءَ کي وائکو، چٽو ۽ ڊفائين ڪري ٿو. سندس هوڏي ناڪار هيٺي هوندي بہ پاڻ مچائيندڙ آهي، اٿينٽڪ. هو: نبل هوندي سرڪش آهي. هو پنهنجي ناڪار سان جتي وهيٽي خلق جي احساس جرم کي جاڳائي ٿو، اتي اختيار جي احساس جرم کي ڏونڌاڙي ٿو. هو ڪميٽيڊ هوندي بہ نان- ڪميٽيڊ آهي. اها ئي سندس وڏائي آهي.

---

(١) عوام جو راڄ، عوام طرفان، عوام لاءِ

پاتال ۾ بغاوت

(A Revolt in the under world)

● ڌرتيءَ هيٺ، هيٺ کان هيٺ پاتال: ديوتائن جو نـاهيل جهنم، موت- گهر. چوڏاري موت جا پاڇولا رڙهندڙ. جوڏس موت جو راڄ. موت- گهر جو والي هيڊز. نہ مانِ ڳاٽ اوچو ڪيو. گهمند ۽ هٺ وچان تان ۽ وڏائيءَ ۾ ڦوندجي: بي وس، لاچار، چپ چاپ: ديوتائن جي ڦٽڪاريل، دائمي سزا ڀوڳيندڙن ڏانهنَ ڏسندڙ.

اڪسي يان: ٻڌل هڪ شاهي ڦيٿ سان، بنا ساهيءَ چوڏاري ڦرندڙ ان ڦيٿ ۾. سندس سرير تي ڏڳهن، زهريلن پوائتن نانگن جا لڳندڙ چهبڪ زيپک ساڻ.

ڊيناڊيز: لڳاتار پاڻي ڪڍندڙ ڇرڻ سان.

ٽين ٽالس: ڪاڏيءَ تائين پاڻيءَ ڀريل تلاءَ ۾ بيٺل. اڄ ۾ پاهہ تيندڙ، پاڻيءَ لاءِ پاٽون ڪائيندڙ. رس- ڀرئي ميوي جا وڻ سندس پر ۾ بيٺل، ڪاڏو سندس پهچ ۾، پوءِ بہ گرهہ لاءِ واجهائيندڙ. مٿي جتي بنهہ مٿان، پُل ورتل ڳرو پٿر ٽنگيل- ڪرڻ لاءِ سدائين تيار.

ٽٽي يس: بيٺل بنهہ پاتال جي هيناهين پاڳي ۾. لڳاتار، بي رحميءَ سان پٽيندڙ، ڇيندڙ، ڪرٽيندڙ ڳجهون سندس ڪاري جيري ڪي.

سيفس: ڳري، حيرت ۾ وجهندڙ پٿر کي، ٻنهي هٿن ۽ پيرن وسيلي، پوري سگهہ سان جبل جي چوٽيءَ تائين ريڙهيندڙ.

۽ ٻيا پاپي.......

جڳن کان اهو سلسلو هلندڙ.

ديوتائن، مهاديوتا زيوس جي ڏمر هيٺ آيل ڏوهاري، سندس پاران مڙهيل سزا هيٺ پاتال ۾ دائمي ڀوڳنا ڀوڳيندڙ. موت- گهر جي راڄ- ڌڻي هيڊز جي چپن تي مرڪ. پوائتي بي رحمہ مرڪ. ٽنول جي زهر سان ڀريل.

جڳن کان اها ريت هلندڙ:

جو بہ مهاديوتا جي امر آڏو نہ جهڪيو، سائس دوهي ڪيو، سندس ڳجهن کي ڦولهڻ واڪي ڪرڻ جي همت ڪئي، سو سندس ڏمر هيٺ آيو. جنهن سائس سيني ساهڻ لاءِ منهن مٿي ڪيو. سندس گهڙيل ۽ ڌريل مول متن جي پچڪڙي ڪئي، سو پاپي ٿيو ۽ سندس چينب هيٺ آيو. چاڪاڻ

ته هو ديوتائن جو ديوتا آهي. هو مها آهي. گاج گجگوڙ، وڄليون سندس ادويتي روپ آهن. سڳهه، سپرائي سندس چئيدان ٻانها آهن. هن هوڏين ۽ نترن، ڪپاترن ۽ ڦريلن کي چپيت ڏيڻ لاءِ هيٺ پاتال ۾ جهنم جوڙيو. جنهن جو والي ڏنات هيڊز کي ڪيو. جيڪو مايا جو ڏڻي به آهي. ۽ سندس ڪُک ڄائو آهي.

هڪ لڳا اوچتو ڇا ٿيو جو:

هيڊزِ جي چپن جي بي رحم مرڪ موڪلائي وئي. سندس اکين ۾ اچرج اوتجي آيو. پوري پاتال ۾ موت جون ڪنيڙائيون ڦڙڪي اٿيون. هيڊز اها حالت سهي نه سگهيو. سندس منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو.

سسيفس، هيٺ ڪريل شاهي ڳري پٿر کي واري سان جبل جي چوٽيءَ تان چاڙهڻ بدران، پٿر جي مٿان ماٺ ڪيو ويٺو هو. پگهر ۾ شل، ڏٻرو، جڳن کان لڳاتار هڪ ئي پورهئي ڪرڻ ڪارڻ هيٺو ۽ تڪل- گهري اونهي ويچار ۾ ٻڏل.

ويساهه ۾ نه ايندڙ اهو لقاءُ ڏسي، هيڊز پنهنجيُ ٻت ٻٽيل بدن کي چوريو. اکين ۾ ڪاوڙ ۽ ڏمر جا ڏنب پيري، آواز ۾ ڪروڌ ۽ غضب جي باهه اوتي گجيو:

"سسيفس!"

سسيفس، ڌيرج ۽ سڪون سان، جڳن کان تڪل ٿتل جسم کي چوريو. ڊرڪيل پرسو وشواس سان جرڪندڙ نگاهون ڪٽي ڏانهنس ڏٺو. سندس اکيون، نماڻين هوندي به اونهي، گهري کوهه اندر پاڻيءُ وانگر چمڪي رهيون هيون. جن مان سندس سياءَ جو جز ٻٽيل روايتي هوڏ پرندڙ ٽاندڻ وانگيان ٻکي رهي هئي، هو خاموش هو. سانتيڪو، تڪل ٿتل، پوءِ به اڏول. سندس ويڪري ڇاتي تڪ ڪارڻ ڊگهي ساهه کڻڻ ۽ ڪڍڻ جي سرگم سان چري رهي هئي. ديوتائن پاران مڙهيل، نسقل ڳري پورهئي ڪيس هيٺو ضرور ڪري وڌو هو، پر سندس هوڏي شخصيت کي جهڪائي نه سگهيو هو. سيني جي اپار- لهوار سان سندس هر تڪل ساهه ۽ پگهر جي هر بوند ان جي گواهي ڏئي رهيا هئا.

ڪروڌ ۽ ڪاوڙ ۾ پريل هيڊز جون اکيون وڏيڪ چنجهيون ٿي ويون. چپ ڦڙڪڻ لڳس. سڄي پاتال ۾ سناٽو وڌيڪ گهرو ٿي ويو. ديوتائن جي عتاب هيٺ آيل روح اندر ئي اندر ڇرڪ پري ڪنبي ويا. جڻ نشو ٽٽي

پيو هجين. سندن چڪناچور جسمن ۾ سياڻو پٺجي ويو ۽ ڪنبٽي لوهہ پائي ڍڪي وئي.

هيءَ ديوتائن جي امرن جي پيچڪڙي هئي. بغاوت هئي.

سسيفس، گنڀير ۽ ڏيرج پرلاءَ ۾ چوڻ لڳو:

"ديوتائن جي نـاهيل مـوت جي واديءَ جا والي هيـڊز. جاڻان تـو زيوس ديوتا پاران مڙهيل سزا پٺاندر جبل تان هيٺ ڪري آيل پٿر کي وري نيم- سارو مٿي نيڻ کان نابري وارڻ مهاديوتا جي پروهت ورت جي پيچڪڙي آهي. سمجهان ٿو، هي هن جو ۽ تنهن جو پڻ ايمان آهي. ايمان: مان ڪري رهيو آهيان: سسيفس."

نهـنائيءَ ساڻ، ۽ اکـرن ۾ سگهـ جي جيـون- جوت اوتي پوري وشواس سان چوڻ لڳو:

"هيـڊز، مـان انڪـار ڪيـان ٿـو، هن ڪنن، مـون لاءِ، ڪجهہ نہ پراپرت ڪندڙ اسقل ۽ ڀيانڪ ڦيري اندر گهڙڻ کان-

"مان انڪار ڪيان ٿو

"ها، انڪار-"

هيـڊز سندس اڏ ۾ چيـو: "ان ريت، ڇا تون پنهنجي انجام کـان سڄاڻ آهين؟"

"ها-"

"منهنجي ناڪار جي 'نہ' - بغاوت جي اوسـر جي پهرين وک آهي. 'نہ- ياڪيءَ جو ڳرب آهي، جنهن مان بغاوت جو ٻجو سرجي ٿو. انهيءَ کان پوري ريت سڄاڻ رهندي، انهيءَ جي انجام کان اڻ- ڄاڻ نہ آهيان."

ماٺ ٿي وئي. گهري ۽ ڳوڙهي ماٺ. جيڪا پوري موت- گهر مٿان بار بڻجي بيني.

"ڇا تو کي ڄاڻ آهي تہ تون ان ريت مـهـاديوتا زيوس جو ايمـان ڪري رهيو آهين؟"

"ها"، پورور وشـواس ۽ ڪـرائي بکندڙ، "توکي سـڌ آهي تہ مـان هيراڪ هنيلو آهيان. ڪرائي منهنجو سڀاءُ آهي. توکي هيءُ نہ وسريو هوندو تہ اڳ، گهٽو گهٽو اڳ- مون هن ئي پاتال ۾ موت کي زنجيرن ۾ بند ڪيو هو، ۽ تو زيوس وٽ دانهيـو هو. هن جنگ جي ٻلوان ديوتا کي چوٽ ڇڏيو هو، جنهن مون کي مڪتي ڏياري هئي. مون کان."

هيـڊز چرڪي ويو سندس منهن تي هٺ ۽ وڏائيءَ جي جاءِ تي، ڳٽتي ۽ اڻ-تڻ جا اهڃاڻ پڌرا ٿيا.

سسيفس، پوري وشواس سان بي الڪو ڳالهائي رهيو هو:

”توکي ياد هوندو هيڊز، جڏهن مان موت جي ويجهو هوس، تڏهن مون پنهنجي ونيءَ جي پريم جي پرکيا لاءِ چيو ته: منهنجي اڻ-پوريل لاش کي ڪليءَ بازار ۾ ڪوليو وجي. هوءَ شرمسار ٿي رهي هئي، جو مون ديوتائن کي رنجايو هو. هوءَ ڪليءَ بازار ۾ لڄي ٿي رهي هئي، جو مان سندس مڙس: فاني هيس. ۽ ديوتائن جو ياڪي. هوءَ سوڳي هئي، انهيءَ ڪري نه، جو سندس مڙس موت- گهر ڏانهن نيئي دائمي سزا ۾ جوٽجي رهيو هو، پر انهيءَ ڪري جو سندس مڙس فاني هو. سندس انهيءَ دغا ۽ ويساهه گهاتيءَ مون کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. ڇاڪاڻ ته مون ڀانيو پئي ته سندس پيار، مرڻ انسانن جي پريم وانگر هوندو. انهيءَ ويساهه- گهاتيءَ مون کي ڇيڇلائي وڌو.“

هيڊز ڪيس گهوري، يڪ- ٽڪ ڏسي رهيو هو.

”ها پوءِ هيڊز، توکي ياد هوندو ته، مون توکان پنهنجي زال کي سيکت ڏيڻ واسطي، وري زمين ڏانهن موٽڻ جي اجازت گهري هئي.“

هو ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. سوچ جون ريکائون سندس لوساتيل، پر ٽتل چهري تي نمايان ابري بيٺيون. لڳي پيو ته سوچ ۽ ان جي پيڙا کيس اندر ئي اندر کات هٽي رهي هئي.

هن چوڻ شروع ڪيو:

”۽ جڏهن مان بيهر ڌرتيءَ تي پهتس“، سندس آوازجي پڙلاءَ ۾ گهري، اونهي پيڙا جا اولڙا تڙڳي رهيا ها، ”مون اتي سڀ ڪجهه ڏٺو: نياءُ- انياءُ، ڏک- سک، ڌرتي جيڪا دکن سان ڀريل هئي، پوءِ به ان ۾ موهه هو. ڇڪ هئي، اهوئي ڪارڻ هو، جو مون ڌرتيءَ کي ڇڏڻ نٿي چاهيو. ڇاڪاڻ ته ڌرتي زندگي آهي ۽ زندگيءَ سان منهنجو موهه آهي. زندگيءَ سان لڳاءُ، انهيءَ ناتي ڌرتيءَ سان موهه، منهنجي ڪمزوري آهي.

”مون ڌرتيءَ جي سيني مان چيرجي وهي هلندڙ منو پاڻي پيتو، چمڪندڙ سج جي روشني پسي. اٿاهه، گهرن ساگرن کي ڏٺو. جن جي هر وير وهڪ اڻ- مئي خوشي ڏيندڙ هئي. تڏهن، هيڏانهن آڪاش جي اونده ڏانهن ورڻ لاءِ منهنجي. دل نٿي چيو ديوتائن مون کي سڏيو. ياد ڏياربو ته توکي هيڏانهن ورٽو آهي. ڌمريا، ڌمڪيون دڙڪا ڏنا. پر اجايو. مون ڌرتيءَ جا مرڪ ۽ لڙڪ ڇڏڻ نٿي چاهيا. ڌرتيءَ جي سيني تي وهندڙ پاڻيءَ جي ٿڌاڻ، سج جي تپش ڇڏڻ نٿي چاهي، مون ڌرتيءَ جي مرٽي- ڇڏڻ نٿي چاهي، جيون.......“

هو سوچ جي گهري اٿاهه ساگر اندر هليو ويو. ويچار- وهڪ جون

لهرون ڪليل پيشانيءَ تي ابري آيون.
هيدز جون ڪرڙيون اکيون وڏيڪ چنجهيون ٿي ويون.
ديوتائن جا ڦتڪاريل پاپي. جي ازلي امر آڏو جهڪي مڙهيل سزا ڪي چپ چاپ ڀوڳي رهيا هئا. تن جو مثل روح ڪنبي ويو. ۽ هو اچرج ڀريل نگاهن سان وري، وري سرڪشيءَ جي مستيءَ ۾ ڏبري هوڏي سسيفس ڏانهن ڏسڻ لڳا.
موت جي واديءَ ۾ سسيفس جو ڪومل، ويچار جي گهرائي سان ڀريل اثرائتو آواز ٽڙڪڻ لڳو.
"ها هيدز، مون ڌرتيءَ تي گهٽو ڪجهه- نه، پر سڀ ڪجهه ڏٺو. ڌرتي جيڪا مرڻن جي ماءُ آهي. حياتيءَ جي علامت، اتي مون سڀ ڪجهه ڏٺو.
"مون اتي ڏٺو: مرڻن انسانن خدا ڪي ماري، آد- شڪتي سرشتي جي هر نيم ڪي توڙي ڇڏيو آهي. 'نه' - مرڻن جو اڻگس گڻ آهي. هو هينئر پاڻ- ڌڻي آهن. ڌرتيءَ جا خدا. ڌرتيءَ جا خدا. آد- شڪتي سرشتي جا پڻ سرجهٽهار، پاڻ- اپائيندڙ. 'نه' - سندن اهو گڻ آهي. جنهن جو ڪڏهن به انت ڪونه ٿيندو. 'نه' جي ڪا پڄاڻي ڪانه آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو، دائمي ڍاهيندڙ- اپائيندڙ آهن. اپائيندڙ- ڍاهيندڙ. ۽ خلقيندڙ تنهن ڪري سدا پوڳنا ۽ جهاڳ سندن سدا لکيو آهي.
. "هيدز، ڇا تون ڄاڻين ٿو: ڌرتيءَ وارن ڪي انهيءَ سدا پوڳنا، پيڙا، لوچ، لوءِ پوءِ ۽ سوچ ڏني، بي چيني. 'نه-' جي اڻ- ڪٽ سلسلي وانگر اتي سوچ جي ڪا پڄاڻي ڪانه آهي، اتان، ڌرتيءَ تان ان سوچ ۽ لوچ جو گڻ مونکي به مليو......"
"سسيفس!"
هيدز رڙ ڪئي. سڄو پاتال گونجي اٿيو. هيدز شوريل اکين سان سسيفس ڏانهن سوال ڀريل نظرن سان ڏسڻ لڳو. جنهن ۾ سڌو سنئون حڪم هو: ڳري پٿر ڪي ديوتائن جي اچا پٽاندر مٿي ڪٽي، وري ساڳي مشغوليءَ ۾ جنبي وڃي ٿو يا نه
سسيفس خاموش ٿي ويو، سانتيڪو، تمندڙ اکين سان هيدز ڏانهن ڏسڻ لڳو.
ڪيترن ڪئن جي سانت ڪانپوءِ، هيدز تان اکيون هٽائيندي ارمان ۽ ڏک ڀريئي لهجي ۾ چوڻ لڳو:
ها هيدز، مان هيٺو هوس. ديوتا سگهارا. هنن جو فيصلو اٽل هو. جو هو سگهارا ها مان ديوتائن مان نه آهيان- ديوتا، جيڪي آڪاش سان پيار

ڪن ٿا. منهنجو ڏرتيءَ سان انس آهي. منهنجو ڏرتيءَ سان لڳاءُ ديوتائن کي نہ آئڙيو. ديوتائن مونکي.وري وري سڏيو. يا ڏياربو. ڏمريا. سيڪت ڏيڻ جا دڙڪا ڏنا. چنيبو: تنهنجو لکيو پاتال ۾ هيٺ. پٿر ۽ جبل آهي. اچ ۽ اچي جهاڳ.

"پر هيڊز، منهنجي من نٿي چاهيو تہ مان ڌرتيءَ کي ڇڏيان. ڌرتيءَ جي ڌوڙ جي سڳند. وهندڙ پاڻيءَ جي ٿڌاڻ. سج جي تپش، مون ڇڏڻ نٿي چاهي. ڌرتيءَ سان انس هرمرٽي جي ڪمزوري آهي. منهنجي بہ هئي.

"پر اوهہ! وڏي ڏٺيءَ جو امر اٽل هو. منهنجي نت نئاءَ ۽ گوتنات تي هو ڏاڍو ڏمريو. سندس پيغمبر هومز ڌرتيءَ تي آيو. جنهن مونکي ڌرتيءَ کان زوريءَ ڌار ڪري، موت- گهر اندر، هيٺ پاتال ۾ ڌڪيو. اهو ڏينهن ۽ اجوڪو ڏينهن....

هيڊز جي چپن تي سرهائيءَ ۽ سوڀ جي انبوءِ وچان مرڪ ڦهلجي وئي.

ديوتائن جي مڙني ڦنڪاريلن جون نظرون سسيفس ۾ کپي ويون. هو چپ هو. ماٺ، سندس هستيءَ کي جٽڪ جبل کان بہ وڌيڪ سگهارو بنائي ڇڏيو هو. هو اڏول هو ۽ ڪنور..

پر هيڊز جي مرڪ تبديلن کي چرڪائي وڌو.

سسيفس چوڻ شروع ڪيو. ننڍاڪڙي پر سرت پريل پڙلاءَ ۾.

"جيون، جيئڻ تہ مرڻ لاءِ وقتي هئي، تنهنڪري نهايت قيمتي ۽ ڪمزوري پڻ. موت اٽل هو.

"تڏهن سوال ابريو تہ: 'نہ'- جي لڳاتار سلسلي ۾ ڊاهہ ۽ ناهہ جو سلسلو، وستار جي پرم ۾، ڪٿي، پاڻ- نڳڻ تہ نہ آهي.

"موت اٽل آهي.

"اتي مرڻ تي، پنهنجي حياتيءَ جي مشغولين جي ائبسرڊٽي پڌري ٿي: سڀ ڪجهہ اجايو.

"سڀ ڪجهہ اجايو.

"پوءِ بہ مرٽي جيون سان ايڏو پيار ۽ اتساهہ پريو انس! سورن ۽ پوڳنائن سان موهہ!

"تنهن مونکي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو!

"اتي مون پڌو:

"نيٺ اسين جيئون چو ٿا؟ جڏهن پڄاڻي اوس موت آهي!؟

"سسيفس- ناٽڪ جي پورائي لاءِ-

ان مونکي چرڪائي وڌو

۽ مون اماڻڪ هڪ نظر پنهنجو پاڻ تي وڌي: اچرج ۽ حيرت مان.
سوچ جو لڇڻ جيئن تہ ڏرتيءَ مونکي بہ بخشيو هو، مان سوچيندو رهيس. ان بابت. جڏهن ڪان هرمز مونکي زوريءَ ڌرتيءَ ڪان ڌار ڪري، هتي موت- گهر ۾ ٻيهر ڦٽو ڪيو. ۽ مان هتي ڳري پٿر ڪي جبل ڪي چوٽيءَ تي چاڙهڻ جي ناڪام، اجائي جاکوڙ ۾ جنبايو ويس. جو مان مها ديوتا زيوس جو نندِيل هوس. ۽ اها منهنجي سزا هئي.
”هن تاڦيلَ، سخت ايذاءُ ۽ پيڙا واري مشغوليءَ بابت سوچيندو رهيس. جڳن جي لڳاتار پيڙا ۾ ناڪاميءَ جي اذيت منهنجي سوچ جا ڳڙڪڙا ڪولي ڇڏيا.
”نيٺ ڇو؟“
سوال جي ٻڙڇي ڪٿي هن متي نهاريو تہ هيڏز گم هو. مڙني ڦتڪاريل ۽ ديوتائن جي نندِيلن جي منهن جا پنا ٺُلل ها، ۽ وجود ڪاراتيل. پاتال ۾ سناٽو وڌيڪ گهرو ۽ هيبائتو تي ويو.، سسيفس جي سڪل چپن تي مرڪ تري آئي. هن پڪيو: ”زيوس وٽ ڏانهين ويو آهي.“
۽ پوءِ هن چوڌاري نهار ڪئي:
. اڪسي يان جي شاهي ڦيٿ تهائين تکي هلندڙ. ڊيناٽدبيز، پرڻ سان تيز تيز پاڻي ڪيندڙ. بکيو ۽ اڃيو ٽين ٽالس وڌيڪ ڦتڪندڙ ۽ ٻاٽون ڪائيندڙ. سندس مٿان ٽنگيل، سدا ڪرڻ لاءِ تيار پٿر لڏندڙ. ٽٽي يس جي جيري کي وڌيڪ بي رحميءَ سان چڻندڙ، پٽيندڙ ڳجهون. سندس پر ۾ ٻيڻل سيلمونس ٻڙ ٻڙ ڪندڙ.
۽ پوءِ هن پاتال جي هيبتناڪ اونده ۽ شانت کي چيريندڙ نظرن سان ڏٺو.
”مان پنهنجي مند ڏانهن موٽڻ چاهيان ٿو.
”جميل سگهہ جي آڏو ٽيڻ منهنجي سياءَ جو انگ آهي.“
”منهنجو انڪار، انهيءَ اُتمتا خلاف آهي، جنهن سگهہ جي آڏار تي موتکي نندڻ جو حق پاڻ وٽ رکي، مونکي نندِيو ۽ ٻوائتي سزا مڙهي، پوءِ هن ٻوائتي سزا کي منهنجو مقدر بنايو.
”منهنجو هيءُ انڪار، منهنجو سياءُ آهي. جنهن ۾ آءُ هر پيري اتم سگهہ پاران مڙهيل مقدر کي هوڪاريندو آهيان....“
سسيفس پنهنجي منهن ڳانهائڻ لڳو:
”ها، مان ئي آهيان جنهن موت کي زنجيرن ۾ وڌو هو. جنهن ايسوپس کي سچ ٻڌايو تہ تنهنجي من مهٽي سهٽي ڌيءَ ايجينا کي مهاديوتا زيوس پنيلائي پجائي ويو آهي. اهو مان ئي آهيان. جنهن ديوتائن جي

ڪرتوتن کي وائکو ڪيو. سندن ٻوهاري اصليت کي پڌرو ڪيو. مان ئي آهيان، جو موت جي واديءَ جي والي هيڊز سان سامهون ٿيس. مان: سسيفس، جنهن ديوتائن جي پروهت ورت جي ٻخڪڙي ڪئي.سندن منشا جي ابتڙ ڌرتيءَ سان موهہ رکيو.

"مان ديوتائن جي دستورن کان انڪاري آهيان

"انڪار: منهنجو مذ

"مونکي پنهنجي مذ ڏانهن موٽڻ گهرجي."

"مونکي پنهنجي مذ ڏانهن موٽڻ گهرجي.

"منهنجو مذ: انڪار-"

سسيفس: ڏنو: مهاديوتا زيوس جو پيغمبر هرمز. هيڊز سان گڏ بيٺو هو. پنهنجي روايتي تڪائيءَ، چالاڪيءَ ۾ ابهرائيءَ وچان، هو حرفتي چال سان سسيفس کي گهوري ڏسي چوڻ لڳو:

"ابو زيوس، جيڪو ساري وس جو ڌڻي آهي. جيڪو مينهن ۽ ڪڪرن جو رب آهي، جيڪو پوري سرشتي جو اپائيندڙ ۽ پالڻهار آهي. سسيفس! تون ان جي امرن کان وري ڦري رهيو آهين؟"

سسيفس جي سڪل سرير ۾ تازي ساهہ پري جنبش آئي:

"ها-"

"چا تون نٿون ڄاڻين تہ زيوس جي سگهہ ڪائنات جي مڙني سگهن کان اتم آهي. زيوس، جيڪو وچ کان وڌيڪ تيز آهي........"

"ڄاڻان ٿو." سسيفس، نهائيءَ پر وشواس سان وراڻيو.

"۽ ابو زيوس، انهن کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو آهي، جيڪي سندس پروهت ورت ڀڃندا آهن. سندس، پروهت ورت اٽل هوندا آهن."

"پر مون اُهي ڀڳا آهن." سسيفس ارڏائي مان وراڻيو. "هرمز، مون اهي ڀڳا آهن."

هو گوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو.

۽ پوءِ سندس گنڀير پڙلاءُ پاتال جي پيٽن سان ٽڪرائڻ لڳو:

"هرمز، ٻڌ: جڏهن مان ڌرتيءَ تي ويس. ڌرتيءَ جي اڻ- ڪٿ لوچ مونکي سوچ ڏني. هرمز، سوچ مرڻ جي هستيءَ جو نہ- ڇڄندڙ ڀاڱو آهي. اتي مون ڏٺو:

"موت، هستيءَ جي منزل آهي. اٽل."

"پوءِ سوچ اٿي: نيٺ جيئڻ ڇو ٿا؟

"هن سوال جي جواب کي اتي هر جٽي، هر ذر پنهنجي پنهنجي

رنگ ۾ رنگي، پنهنجي جيئڻ جو سانگ پيدا ڪيو، جو جيئڻ، اتي ڪمزوري آهي. يا هير- پر جنهن ڳالهه مونکي چرڪائي وڌو. اهو هو: جيون: سسيفس ٽاسڪ جو پورائو!!

"ها. جيڪا مشغولي منهنجي مٿان ديوتائن مڙهي.

"جيون جي باري ۾ سوچ جي هن رخ مونکي سچ پچ دونداڙي. چرڪائي وڌو جنهن ڏونڏڙي منهنجي سوچ جي تندن کي چڪي وڌو:

"نيٺ ديوتائن کي ڌرتي لاءِ منهنجي سنڌ ۽ مان چو نہ ٿا وٺون؟

"مونکي، پاتال ۾ واڙي، جبل تي ڳري پٿر چاڙهڻ واري ناڪام جاکوڙ ۾ جنبڻ مان ڪين کهڙو لاڀ؟

"نيٺ مان ديوتائن جو تنديل چو آهيان؟

هرمز پنهنجي "........" قرت جسم کي اناولي، مان چوريو- جٽڪ ڏيکاربندو هجي تہ ڪيس سسيفس جي انهن بيهوُدين ڳالهين سان ڪا دلسپي ڪانہ آهي.هو هر ويل تڪڙو هوندو آهي ڪيس مهل گهٽ هوندي آهي. هن اڻ- وٹندڙ تکين نظرن سان سسيفس ڏانهن گهوريو. پوءِ، سسيفس جي جبل کي ڏنو. هيٺ پيل ڳري پٿر کي ڏنو. پوءِ وري سسيفس ڏانهن ڏنو. سندس اها تڪڙي خاموش نظرن جي چربر وڏي معنيٰ واري هئي.

"نہ-" سسيفس، اڏول جبل جيان سانتيڪي پڙلاءَ ۾، هرمز جي تڪڙي، خاموش چربر جي جواب ۾ وراڻيو:

"نہ-" هن ورجايو. "مان انهيءَ مڙهيل مشغوليءَ ۾ جنبن کان انڪار ڪيان ٿو، هومز.ها انڪار ڪيان ٿو."

هرمز ڪرڙبن اکين سان ڪيس ڏنو. پوءِ چوڌاري نهار ڪئي: شوريل تکيون اکيون. مکاري منهن مان ٽمندڙ:

اکسي يان کي ڏنائين، جنهن کي هن جڳ اڳ، ڦيٺ سأن بڌو هو. ديندز ڏانهن ڏنائين.

موت- گهر ۾ خاموشي. اندر ئي اندر سناٽي جي سيني اندر ٽرٽلو مچيل. سسيفس، انهيءَ کان بي پرواهہ، اڏول بيٺل، ڳري پٿر جي پر ۾. جيڪو صدين کان سسيفس جي پوري سگهہ ڪارڻ چربر ۾ هو، سو جٽڪ ويڳاڻو، سسيفس جي هٿن، پيرن جي چربر جي اوسيڙي ۾ پيل. هرمز. سسيفس ڏانهن منهن ڪري قطعي نبيري واري انداز ۾ چيو:

"سسيفس، پٿر ۽ جبل تنهنجي اوسيڙي ۾ آهن."

"مان انڪار ڪيان ٿو." سسيفس جو هوڏي آواز.

سانت

سانت جي سيني کي چيريندڙ سسيفس جو آواز:
"هرمز، مون هن پٿر ۽ جبل سان جڳن کان جهاڳيو آهي.....
"جڏهن منهنجي ٻل واري لڳاتار پورهئي جي آڌار تي هي پٿر مٿي چڙهندو هو- ۽ ڪرڻ لڳندو هو.
"مٿان کان هيٺ ڪرڻ وارين گهڙين جي وٿي، مون لاءِ اها ملهائتي وٿ هئي؛ جن ۾ مون پنهنجي پورهئي، پگهر، رت، سگهه جي زور جو قُل هيٺ ڪرڻ جي انتهائي پيڙا پرئي ڏيک ۾ ڏٺو. ڪيڏو ايذاءُ ڏيندڙ. صدين جي لڳاتار پيڙا، ناڪاميءَ جي ايذاءَ ۽ انتهائي ڪريل جُٺ، منهنجي سوچ جو ڳرڪڙو کوليو. جنهن مونکي، منهنجي سرت ڏني.
"ها، جڏهن سوچ نہ هئي، انيو نہ هو، تڏهن پيڙا بہ نہ هئي، منهنجي در گهٽنا تڏهن کان شروع ٿي؛ جڏهن مونکي منهنجي سرت ٿي ۽ مون پنهنجو پاڻ کي انيوَ ڪيو. جڏهن منهنجي درگهٽنا منهنجي آڏو پڌري ٿي تہ ان مونکي چيچاڙي وڌو، هن پاڻ- سجاڳيءَ منهنجي هستيءَ ۾ مانڌاڻ مچائي ڏنو.
"جبل تي مٿي ڌڪجندڙ پٿر، پٿر هيٺ ڪرندڙ، چڙهندڙ- چڙهندڙ، ڪرندڙ- زور- هن هڪڙي ئي رينگٽ سچ پچ مونکي ڪک ڪري وڌو.
"مون سوچيو: واقعي ديوتائن منهنجي مٿان نهايت پوائتي سزا مڙهي آهي. نيٺ هن، هڪ ئي چڪر جي گهير ۾ گهلجندڙ سکٽي، بيهودي مشغوليءَ جو ڪهڙو قُل؟
"۽ ڪنهن لاءِ-؟
"ڌرتيءَ جي مليل سوچ منهنجي سونهين ٿي: هيءَ هڪئي رينگٽ واري بيهودي چرپر سکٽي نہ آهي؛ ائبسرڊ نہ آهي: هن رينگٽ ۾ مونکي ملندڙ ايذاءُ ۽ جُٺ. ديوتائن اتمتا. وڏائيءَ ۽ پرڪاس جي احساس جي ترپتي ڪري ٿي. ها جيڪڏهن زيوس نہ هجي ها تہ پوءِ مون سان اهڙي جُٺ نہ ٿئي ها، هن سموري چرپر جي پيڙا ۽ انجي ناڪاميءَ مونکي سرت ڏني تہ:
"-جيڪڏهن مان ديوتائن منجهان هجان هان تہ مون سان اهڙي نعدي نہ ٿئي ها.
"- مان نستو آهيان، ديوتا سگهارا. انهيءَ ڪري هو مون تي پنهنجي هر اڇا مڙهي سگهن ٿا."
"- راڄ اوڪند سدائين سگهہ جي هٿ هيٺ رهيو آهي، جنهنڪري

سندس هر امر پوتر آهي. جو اهو سگهاري جي اڇا جو آواز آهي.
"منهنجي مٿان هن مڙهيل....."
هو چپ ٿي ويو.
هرمز جو آواز اُڀريو:
"تون هيٺو آهين. ڪجهه نٿو ڪري سگهين. ديوتا سگهارا آهن. سسيفس! پٿر ۽ جبل تنهنجي اوسيڙي ۾ آهن."
"نه-" سسيفس رڙ ڪئي.
"مان انڪار ڪيان ٿو." مچريل هوڏيءَ جو پڙلاءُ-
"مان انڪار ڪيان ٿو.
"هيٺو آهيان: ڄاڻان ٿو. پر بغاوت هيٺن جي سپاءُ جو ئي انگ آهي. ڄاڪاڻ ته هو هيٺا آهن. انهيءَ ڪري بي وس. بي وسيءَ جو وڏيندڙ انيو هيٺن کي بغاوت لاءِ اپاريندو آهي. اهو سپاويڪ آهي، جو هو انهيءَ انحراف، انڪار ۽ بغاوت جي هير مان موج ماڻيندا آهن...."
هو سڄو ڳاڙهو ٿي ويو. منهن ٽامٽي هٽي ويس.
ٽڙڪڻ لڳو:
"نه-"
هرمز، لفظن تي زور ڏئي چيو: "ديوتائن جو ديوتا، پوري ڪائنات جو ڌڻي ابو زيوس، انڪارين کي ڪڏهن نه بخشيندو آهي، سسيفس."
"اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه آهي." سسيفس بي پرواهيءَ مان وراڻيو.
۽ پوءِ پراڏي ۾ گونج اُٿي:

ديوتائن جو ديوتا: زيوس
تيجوان
سڀ کان وڏو
سڀ گڻ کيس جڳائن
جيڪو سڀ کان سگهو
۽ سبرو آهي.
هو مها آهي.
گاج گجگوڙ، وجليون
سندس ادويتي روپ آهن
سگهه. سبرائي
سندس چٽيدان ٻانها آهن

هن-
هوڏين ۽ نئرن
ڪپاترن ۽ پاڪين لاءِ
هيٺ پاتال ۾
جهنم جوڙيو
اسانجو زيوس
خلقڻهار- پالڻهار
جنهن اسانکي هر سوکڙي ڏني
جيڪو:
پوري جڳ جو سنڀاليندڙ آهي
مڪتي ڏيارينڌڙ
جنهن کان سواءِ
هوند جڳ ۾ اوندهه انڌوڪار هجي
هُوئي آهي
سنڀاليندڙ- پاليندڙ
هن کان سواءِ ٻيو ڪير تي سگهي ٿو؟
جو هن سرشتي کي هلائي.

ابو زيوس
هوڏين- نئرن
ڪپاترن ۽ پاڪين کي
ڪڏهن نہ بخشيندو آهي
ڪڏهن نہ-
هو مهمان آهي.
سسيفس جي سُڪل چپن تي مرڪ ٻهڪي وئي. ۽ سندس پوري هستيءَ ۾ سرت-پري ڏڪار. مرڪ ۽ ڏڪار جي هن سنگم سندس ڏبري، پر هيڻلي وجود کي ڏيا ڏني ۽ وڏائيءَ ۾ پري ڇڏيو. ڏيا ۽ وڏائي، سند سربر تي ٺهڪندڙ هستيءَ جو انگ ٻٽيل.
اوچتو وچ جو چمڪات ٿيو. ٿرٿلو متو. پوري ڪائنات ڏُڏي وئي.

سسيفس کي ديوتائن جي دربار ڏانهن نيو پئي ويو.
۽ جڏهن سسيفس کي ديوتائن جي اولمپيئن محل ۾: جيڪو جبل جي انتهائي چوٽيءَ تي اڏيل، آڪاش سان سينو ساهيندڙ هو، آندو ويو،

تڏهن هڪ پيرو، اولمپس جي دٻدٻي ۽ حشمت کيس هيسائي وڌو. پر سنت ٿي، هن پنهنجي حواسن جي لگام کي هوشياريءَ سان جهلي ورتو.

۽ جڏهن سندس سُرت موٽي آئي تہ اولمپس جو ادمبر سندس دل ڪچيءَ ڪرڻ لڳو. ديوتائن جي نٽ جو وڃايل جار آگرو لڳڻ لڳس. سندس من نهان وڌيڪ ڏڪار سان پرچي ويو. وروڌ. پوري تڪائيءَ سان سرير جي رڳن ۾ ڊڪون پائڻ لڳس.

سسيفس اولمپائي خدائن آڏو بيٺو هو: هيٺو: ڏبرو، هٺيلو ۽ اڏول. سرڪشيءَ جي مستيءَ ۾ جهومندڙ.

سندس پڙلاءُ گونجيو:

"جڏهن مدر ارٿ جي ڪک مان ڄاولن منجهان هن پوري وشو ماندڻ تي ٽيٽانز جو راڄ هو، تڏهن، تن منجهان هڪ ڪرونس بغاوت ڪري، ٻيءُ کي ڦٽي ڪائنات جي سگهہ تي قبضو ڪيو ۽ پوري جڳت جو ڌڻي بڻيو.

"انا ڪان پوءِ ٽيٽانز جي مهندار ڪرونس، جنهنجي پونئرن مان تون آهين، جنهن بغاوت ڪئي

انڪار جو اهو سلسلو سياويڪ آهي".

"تو، وڄلي، گاج گجگوڙ. ڪڙڪي ۽ پون ڪنپ، جيڪي هر اسرندڙ سگهہ جا هٿيار هوندا آهن، ڪتب-آندا. ڏاهپ ۽ اگ ويچار جي ڌڻيءَ پروميٿيس بہ، پنهنجن وڏڙن کان ۽ انهن جي سرشتي کان منهن موڙي تنهنجو ساٿ ڏنو.

"بغاوت جو هي سلسلو سياويڪ آهي."

سسيفس پنهنجي هيٺي هستيءَ کي، جيڪا جڳن کان تڪل هئي، ٽاٺي تڙو- ڪڙو ڪيو. آواز ۾ پنهنجي جٽ جي وير جو وڏيندڙ احساس اوتي چيو:

"پر، زيوس منهنجو انڪار، انهيءَ روايتي انڪار کان نرالو آهي. هيءَ منهنجي بغاوت، پنهنجن وڏڙن کان نہ، پر اختياريءَ جي سگهہ خلاف آهي: مرڻي جي آ مرڻي خلاف. ڌرتيءَ سان دل رکندڙ جي، آڪاش خلاف. هيٺي جي سرشت خلاف........"

زيوسؔ جي نرڙ ۾ گونج پئجي ويا. منهن ٿامٽي هٽي ويس. سندس آواز ڪڙڪيو:

”ڇا تون پروميٿيس جي سزا کان اڻ- ڄاڻ آهين؟“
۽ پوءِ پڙاڏي ۾ گونج ٿي:

اُبي زيوس جا چئيدان ٻانها فورس ۽ وائلنس پروميٿيس کي جوکنيو ڪوڪلڪس جبل تي نيئي ويا. جتي هڻ ڪيس تکي ڇيندڙ ٽڪريءَ سان، مٿي پر چڪي ٻڌو، سخت الماسي زنجيرن سان، جن کي ڪير بہ ڀڃي نٿي سگهيو.

۽ هڻ ڪيس ٻڌايو:
تون سدائين اتي ڇٽبو رهندين
توکي انهيءَ اڻ- سهي سور کان ڇڏائڻ وارو ڄائو ئي ڪونہ آهي.
ديوتائن منجهان هڪ هوندي
توکي مهاديوتا جي ڏمر جو پئہ نہ ٿيو
جو تو مرٽن کي اهو مان ڏنو
جن جا هو لائق نہ ها-
۽ هاڻ:
تون هن سراڻ تي پيو گهرڙج
تنهنجي لاءِ نہ ننڊ آهي نہ آرام
۽ نڪوئي تنهنجي چرپر ۾ گهڙين جيَ ڪا مهلت
ڪُٽڪ ڪنجهڪار تنهنجي ٻولي آهي
رودن، دانهون تنهنجا لفظ آهن.

۽ پوءِ رت ۾ وهنتل عقاب آيو
ٻکيو، ڇتو، اڻ- سڏيو مهمان بڻجي
پروميٿيس جي سربر تي ٽٽي پيو
اتکي چيري ڦاڙي
ڇيهاڙيون ڇيهاڙيون ڪري ڇڏيائين
۽- سندس ڪاري جيري کي
ڇتو ئي زمر سان پٽڻ- چٽڻ لڳو.

پوءِ هرمز ڪيس ٻڌايو:
مهاديوتا زيوس جي اَمر سان
تنهنجي انهيءَ پيڙا پري سڪرات جو
ڪو انت ڪونہ آهي

ڪا پڇاڻي ڪانہ آهي
ايسيتائين، جيسيتائين
آسماني خدا
توکي انهيءَ ايذاءَ کان آجو نٿا ڪن
اها پيڙا تنهنجو لکيو امر آهي.

"مان پروميٿيس جي مقدر کان سڄاڻ آهيان". سسيفس چڙ مان هوڪاريو. جڻ ڪيس ڪنهن ڏنگي وڌو هجي. "ها، مان هن جي لڪئي کي ڄاڻان ٿو. هن جي پيڙا پري سڪرات جي پڇاڻي ٿي"
"۽ منهنجي پيڙا–
"جنهنجي ڪا پڇاڻي ڪانہ آهي."
هن وڏي واڪ چيو:
"زيوس، منهنجي سزا پروميٿيس کان وڌيڪ ڀوائتي آهي. جنهنجو ڪو انت ڪونہ آهي. جا ايذاءَ ۾ پروميٿيس وانگر. ظاهري وار ڪانداريندڙ ڪانہ آهي. پر لڳاتار هڪ ئي قسم جي پورهئي ۽ ان ۾ پورهئي ڪندڙ لاءِ سڪٽي. نسقل نتيجي ۽ ان سڪٽين جو چيريندڙ احساس ۽سرت، چند ڪن جي مهلت اندر– هن پورهئي جي ورود دوران.... پوءِ بہ– ٻساڳي سڪٽي مشغولي، جنهن ۾ پوري وجود جي سگهہ ۽ توانائي رڌل ۽–
"زيوس، جيڪڏهن منهنجي مٿان پروميٿيس واري سزا مڙهي وڃي ها تہ مان ڀاڳ وارو هجان هان....."
هو چپ ٿي ويو. زيوس جو ٽامٽي ٽيل منهن وڌيڪ ڀوائتو ٿي ويو. اولمپس جون ادمبر ۽ نٽ سان ڳاٽ اوچو ڪيل پٽيون، سرڪي پيون. مڙني وينل ديوتائن جون اکيون زيوس ۾ ڪتل ۽ سندس معنيٰ واري خاموشيءَ کي ڄاچيندڙ. سسيفس جي گنڀير سانت، اولمپس جي دٻدٻي ۽ حشمت کي هوڪارڻ لڳي.
نيٺ سانت جي چپ کي ٽُڪيندو. سسيفس جي ٻڙلاءَ اوچي ڳاٽ ۽ نٽ واري اولمپائي ديوتائن جي محل کي ٽڪڻ لڳو:
"زيوس! هن ۽ مون ۾، جيڪي ٻئي ڏوهن جي خاني ۾ رکيا وياسين، اهوئي بنيادي فرق آهي: هو ڀاڪي هوندي بہ ديوتائن منجهان آهي ۽ مان: دائمي، سدا باغي، ديوتائن جي پيڙهيءَ مان نہ. ۽ ڪڏهن بہ مهاديوتا بنجڻ جي اڇا نہ رکندڙ.
"۽ مان پاپي سڏي ويس، جو مهاديوتا جو ڳجهہ وائکو ڪيم. جنهن تي ديوتائن مون تي ڏوهہ مڙهيو تہ مون ديوتائن جو ڳجهہ چوري ڪيو

آهي!

”پروميٿيس. اُوهان ديوتائن منجهان هو. جنهن مرٽن کي سرڳ مان باهه چورائي ڏني ڪين ڪيتي سيکاري ۽ انهيءَ جي سکيا ڏني. پر مان ديوتائن منجهان نه آهيان. انهيءَ ڪارڻ پاتال ۾ دائمي تنديل رهيس. اپالو. آخرڪار پروميٿيس کي زنجيرن مان مڪتي ڏياري. تو ان جي اجازت ڏني. نيٺ ڇو؟ ڇاڪاڻ ته هو اوهان منجهان هو. هڪ ۽ مان.....

”۽ مان جيڪڏهن چوان ته:

”زيوس ڪامي آهي. هن انجينا کي پنيلائي پڇائي ان جو ست ٽوڙيو. انهيءَ ڪري زيوس ڏوهي آهي.

”۽ جيڪڏهن مان چوان ته“ زيوس. مهاديوتا نه. پر مها پاپي آهي. هو وڏو بهروپيو آهي. هن روپ بدلائي پوري خلق کي ٺڳيو آهي. هن دنيا جو ست ٽوڙيو. ليڊا کي پنيلايو ۽ ڪيترين ديوين منجهان پنهنجي ڪامي حرص جي باهه اُجهائي. هو وڏو سانگ رچائيندڙ آهي. هن ان بيٺ جو نالو ايجينا رکيو. جنهن بيٺ تي هن سندس ست ٽوڙي. پنهنجي شهوت پوري ڪئي. ۽ هن کي. مانواري نهرائڻ جو ڍونگ رچايو.

(۽ مون ڌرتيءَ تي به ڏٺو: پنيلجڻ. ڏتارجڻ ناريءَ جو مقدر بڻيل. ديوتائن جي حرصي گهرج پوري ڪندڙ مانوارو ٿيل. اهو نيم بڻيو).

”۽ مان جيڪڏهن چوان ته زيوس وڏو ٺڳ ۽ انياءُ ڪندڙ رهزن. مهاپاپي.....“

”سسيفس!“

زيوس ڏمرجي. ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ ڪنوڻ بڻجي گجيو.

سسيفس سانتيڪو ۽ نهنو. هن زيوس جي گرج کان بي پرواهه. پنهنجي وِچ ۾ ٽٽل سلسلي کي جاري رکيو:

”ها زيوس. مان توکي مها پاپي ۽ مڪار چئي سگهان ٿو.

پر نه- تو بابت منهنجي انهيءَ چئي کي بلوتائي ملهه ڪونه آهي. نه ملي سگهي ٿو. جو مان هيٺو آهيان. وهيٽو. سگهه جو هر ڪرتوت جائز آهي. ۽ پوتر پڻ. جو انهيءَ کي فورس جي آڌار تي سپر ماڻ آهي.

”سچ. سگهه جو گولو آهي.“

هو چپ ٿي ويو ۽ ملول. ملولائي سندس پوري هستيءَ کي ويچارو بڻائي ڇڏيو ۽ سندس هنيلائپ کي ڇپيائي ڇڏيو. وينلن مڙني ديوتائن جون نگاهون زيوس تي جميل هيون. هن اوسيڙي ۾ ته: هو. سسيفس لاءِ اجان به کهڙي وڏيڪ پوائتي سزا پڌري ڪري ٿو. هومز. زيوس جي حڪم جي اوسيڙي ۾ سجاڳ ۽ انهيءَ جي پوئواريءَ لاءِ تڙوڪڙو ۽ هوشيار بيٺل.

زيوس ڪنهن گهري ويچار ۾ ٻڏل هو. سندس انهيءَ ويچار ڪي پيا ديوتا هيءَ معنيٰ اوڍي رهيا ها ته، هو؛ هن سدا- هوڏيءَ، لونئي، ديوتائن جي انڪاريءَ ۽ هنن جي پوتر اڃا خلافِ هلندڙ ياڪيءَ ڪي اڃا به وڏيڪ سيڪت ڏيڻ لاءِ فرمان جاري ڪندو.

وري به انهيءَ سانت ڪي، سسيفس جي ملول پڙلاءَ پڳو:

"ها، سگهه، سچ آهي. مون ڌرتيءَ تي ٻڌو: سچ وڏي سگهه آهي، ڌرتيءَ وارا ويچارا مرڻا، "نه"- جي اڻگس گڻ هوندي به پرتڪش پرماڻن سان سچائيءَ جي ماپ ڪندا آهن. تن ڪان ديوتائن هيءَ سُرجيت لڪائي ته: سرشتي جي رفتار ۾، سگهه وڏو سچ آهي. جيتوڻيڪ اها سرت به مونکي، اتي ڌرتيءَ تي ئي لڌي.جو مون ڏٺو ته. ڌرتيءَ جا ٻيلامانس. سچ جي نالي ڪنهن شي پنيان سرگردان آهن. ۽ مان به انجو ڳولائو تي پيس. پر ڇا پاتم؟ ته: اها ڳولا پرم ڪان سواءِ ڪجهه به نه آهي. جي سچ جي نالي ڪا شي آهي ته، اها سگهه آهي. ڌرتيءَ وارا، جيڪي سدائين پنهنجي ئي هٺرادو جوڙيل سچائين جا ماريل آهن...

"ڇيو ويو. روشني سچ آهي. سوجهرو سچ آهي. سونهن سوپيا سچ آهي. ڏاهپ سچ آهي. ڀل مانسائي سچ آهي. موسيقي سچ آهي. ڪويتا سچ آهي. سوپياس سچ آهي. رس گيان سچ آهي. ڪويتا سچ آهي. امن ۽ آشتي سچ آهي ۽ انهن گڻن جو ديوتا اپالو آهي. جيڪو ڪڏهن ڪوڙ نٿو ڳالهائي. سچا ٻول سندس سياءَ جو اڻ- ڇڄندڙ ڀاڱو آهن. اپالو، جيڪو ڇتائيندڙ هٺ- سچو ڪندڙ آهي.

"پوءِ به زيوس جي هٺ- هيٺ آهي. سندس ٻانهون. ڇا اهو ڪوڙ آهي؟

"ڇا هيءَ ڪوڙ آهي ته زيوس، جيڪو سگهارو آهي، فورس ۽ وائلنس جنهن جا ٻانها آهن، اگ- ويچار جي ڏاهپ جو ڏٺي سندس درباري آهي، تنهن سچ جي ديوتا اپالو کي، ايڊميٽس جو گولو بنائي ڌرتيءَ تي ڌڪي ڇڏيو هو.

"۽ مون ڌرتيءَ تي ڏٺو. سچ کي، سگهه هينان ڇيپاتجندو. ۽ اتي مون ڏٺو سونهن ۽ سوپيا کي، ڏاهپ ۽ ڪويتا کي، سوپيا رس ۽ رس گيا کي. وکنا ۽ سوجهري کي ۽ پوري سچائيءَ کي سگهه هينان ڇيچلاتجندو. سگهه: جيڪا راڄ آوڪد جي سربشت وٽ هوندي آهي.

"هتي مون کي پنهنجي ماتيلي ياءَ سليمونس جي دکياري موت وارو ڏيک ياد ٿو اچي. جنهن کي تو، جڳت- راڄا سڏائڻ تي، گجگوڙ

وجليءَ سان اُفت ماري ڇڏيو هو. هو هيٺو هو. هن پاڻ کي ديوتا سڏايو ته هن کي ڇريو سڏيو ويو. ڇاڪاڻ ته ”وٽس سگهه ڪانه هئي، هر ديوتا لاءِ سگهه لازمي آهي، ڏاهپ ۽ اڳ- ويچار جو سات ڪونه هو. تنهن ڪري وٽس ڇوهه ۽ ٻل ٻه ڪونه هو. تو هن کي ماري ڇڏيو. ڏاهپ ۽ سگهه کانسواءِ، وائلنس بيڪار آهي ۽ بغاوت هڪ ڇرئي جو نانڪ.“

زيوس، ڪروڌ وچان ٻاهه ٿي پاسو بدلايو. سسيفس، پنهنجي ئي ڌُن ۾ مگن ڳالهائي رهيو هو:

”مون کي اهڙي ڪل نه رڳو هتي ڳري پٿر جي ڪرڻ وارين ايذاءُ ڏيندڙ گهڙين جي وئيءَ ۾ سوچيندي پئي، پر مون ڌرتيءَ تي به ائين ڏٺو، ۽ تو زيوس، مون کي نندي، ڌڪاري، دائمي ڀوڳنا ۾ وڌو، جو مان هيٺو هوس. هن مهل تائين مون جيڪا پيڙا ڀوڳي آهي، ڌرتيءَ ۽ آڪاش تي ڏکا ڪاڏا اٿم، تنهن سموري مشغوليءَ جي اهائي پاڇي ڪڍي اٿم ته: اها سچائي پوري ڪائنات ۾ آهي: سچ، سگهه جو گولو آهي. هر هنڌ. جتي به آسماني خدائن جو پاڇو آهي، اتي سچ، سگهه جو گولو آهي. ۽ ڌرتيءَ وارن منجهه به، جيڪي سگهارا آهن، سي سريشت ها.جيترا هو سگهارا، اوترائي وت آهر پنهنجن وهيڻن مٿان پدم. هر سگهارو، پاڻ کان هيٺي مٿان. پاپيءَ جي چتي لڳائي، سزا مڙهي؛ پنهنجي اُتمتا ۽ وڏائيءَ جي احساس جي ترپتي ڪري ٿو. ائين جيئن تو منهنجي مٿان....

”سسيفس!“ هرمز رڙ ڪئي.

سسيفس، هرمز جي انهيءَ رڙ کان بي سڌ ٻڌجي چوندو رهيو:

”ها، زيوس! منهنجي مٿان هي مڙهيل هڪ ئي رينگٽ واري بيهودي ڇرپر سڪٽي ڪانه آهي، هيءَ ڇرپر، جنهن ۾ هڪ هيٺي سان انتهائي ڪريل جٺ ڪري، مٿس انتهائي دهشتناڪ سزا مڙهي ويئي آهي، سا تنهن جا اتمتا جي برپتيءَ جي مطلب کي پورو ڪري ٿي. هيءَ منهنجي لاءِ سڪٽي آهي. پر اهو اهم نه آهي، جو مان هيٺو آهيان ۽ تنهنجن ٻلوان جي هٿن ۾ ڪينهوڙو.

”منهنجي دربلتا، منهنجي بي وسيءَ جو ڪارڻ ٻٽي ۽ مون کان اهو اختيار کسيو ته مان پنهنجي اڇا پٽاندر پنهنجي وات اختيار ڪيان. نٿو ڪري سگهان جو هيٺو آهيان.

”ته ڇا مان پنهنجي هستيءَ کي، جيڪا ”آهي“. ڀوءِ ڀل هيٺي ئي سهي، هڪ اٿي جي روپ ۾، تنهنجي سرشتي اندر سمائي ناس ڪري ڇڏيان؟

”نه- مون اهو نه قبوليو آهي. منهنجي انهيءَ ناڪار جي ابتدا سان

منهنجي درگهــتنا شــروع ٿي. ۽ انهيءَ درگهــتنا جو ويندڙ، چليندڙ احساس.انهيءَ سرت کان، جڏهن کان،مون پنهنجو پاڻ کي آنپو ڪيو، ۽ جڏهن کانِ اها درگهتنا منهنجي آڏو پڌري ٿي. جبل تي مٿي منهنجي پوري سگهہ سان ڌڪجندر پٿر. پٿر هيٺ ڪرندڙ- ڌڪجندڙ ڪرندڙ هڪ ئي رينگٽ......"

لڳي رهيو هو تہ هو وقلي رهيو آهي.

"پر سوچ ۽ سرت....."

اوچتو گجگوڙ ٿي ۽ وچ جو چمڪات.

سسيفس، چرين وانگر پاڪاريندو رهيو:

"نہ- نہ......

"مان انڪاري آهيان

هن ڦٽڪي پاڻ ڇڏائڻ جي جاکوڙ ڪئي. پر چؤکنيو جهل، سندس جسم وڏيڪ سوگهو ٿي ويو.

وچ چمڪي ۽ زيوس جو آواز گجيو:

"هن باغيءَ کي ساڳي سزا ۾ جنبيو وڃي. جو انهيءَ کان وڌيڪ بي سخت سزا ٿي نٿي سگهي. جنهن ۾ هو لڳاتار نلهو پورهيو ڪري: پٿر کي مٿي جبل تي پوري سگهہ سان نيئي وڃي ۽ اهو زُمَ سان هيٺ ڪري، ۽ انهيءَ پورهئي جي پراپرت کان سڪٽو رهي."

زيوس وري ڪڙڪيو:

"هيدڙ! سسيفس جي مشغولي هڪ ئي رينِگٽ واري چڪر کي ايڏو تکو ڪيو وڃي، ايڏو تکو ڪيو وڃي، جو انهيءَ ۾ سوچ لاءِ ڪا وٿي باقي نہ بچي.

"سندس ســونجهہ جا ســمورا گِرڪـڙا بند ٿي وڃن. حــواس بي جان.جيئن هو پنهنجي دربلتائي انڪار مان موج ماڻي نہ سگهي ۽ سندس باغي سِياءُ ناس ٿي وڃي. باقي سندس پيڙا جي سرت کي ارمان ۽ رودن سان جيئن جو تيئنَ رکيو وڃي: اهڙي ريت جو سندس پيڙا جي سرت ۽ بي وسيءَ جي جاڻ جي چِڪتـاڻ جي وٿي وڌيڪ پـوائتي ٿـئي، جنهن ۾ هو جسماني پورهئي سان گڏ، آتمڪ طور بہ لوئبو- پوئبو رهي."

ســســيـفس کي پاتال ڏانهن نيــو پٽي ويو. هو هارايل هو، پوءِ بہ سوپارو. وهيٽو هو، پوءِ بہ اڏول. جڪڙيل هو، پوءِ بہ سرڪش، نندڻيل هو، پوءِ بہ هنيلو.

پاتال ۾ گهرو سناٽو آهي. چوڌاري موت جا پاڇولا رڙهي رهيا آهن.

لژهندژ نسل

(ناولیت)

- مير ٿيٻي جي نالي

•

دستور پٽاندڙ نڪتو آهي. اجرا ڪپڙا پهري، شام کي ماٺ ڪاڻ.

شام: آخري پساهه پريندڙ سج جي گولي مان سونهري ڪرڻن جا ٽڙڪا. ڦهلجي رهي آهي اچاڻ: ٿڌي ٿڌي، نڪريل ۽ اُجري. جڻ سج جي گهاٽي سونهري گول چمڪيءَ ڪائنات کي ڌوئي، چو اجرو ڪري، ان ۾ پريو آهي اهڙو نور: جيڪو ساٺي ذهن ۽ نستي جسم ۾ بي فڪريءَ ۽ پنهنجو پاڻ ۾ وڃائجي وڃڻ جي ڏبيل امنگ کي اڀارڻ لاءِ ڪارڻ بنجي ٿو. ۽ ڪارڻ بنجي ٿو. مني مني پيڙا گاڏڙ اداسيءَ ۾، پاڻ وڃائي، هڪ عجيب قسم جو سرور ماڻڻ لاءِ. ڪنهن مهل ڪانپوءِ، شام- اچاڻ جي جاءِ تي اوڙهيندي ڪارو ويس، پهرين سانورو، پوءِ گهاٽو ڪارو. ان ڪاراڻ ۾ حيدرآباد جو شهر سينگارجي جهومي اٿندو. اجري ڌوتل شام ڪانپوءِ ڪاري رات- پر انسان جي ذات قدرت کي مات ڪري، ڪاري رات کي ڏينهن کان وڌ سينگاريو آهي. (قدرت جي شڪست، انسان جي جيت). ۽ مٿان اُپ ۾ ٽم- ٽم ڪندڙ تارن جُڙيل شال هينان ڪائنات ۾ زندگي ماڻڻ جي جوت اوتي آهي. ويتر، مقدس سندوءَ جي ڪناري تي اڏيل حيدرآباد جي رات ۾ آهي جو ننڍاڪڙن نيٽن وارو نشو سمايل. پوءِ نه جوين تي رسيل رات جي ڦوهه جواني ۽ ننڍڪڙو نشو ملي، حياتيءَ ۾ هڪ نئين حياتيءَ جي روح پرين ٿا.

ڏينهن جي لوچ آهي ٿي شام جي ماٺ ڪاڻ. ڏينهن جي گهاٽي ۾ پيڙيل وجود، ان وجود جو نپوڙيل ذهن، نستو جسم ۽ مرٽينگهه روح، شام جي زندگي بخش اجري اچاڻ ۾ پُچ. گهڙيون ويندو آهي پڌي: ڪلبن ۾، هوٽلن جي اگهاڙين ڇتين تي، هوٽلن اندر هٽرادو ناهيل روماني ماحول ۾، پارڪن ۾، شهرن جي ٻاهران خالي روڊن ۽ جاين تي، سئنيمائن ۾، گانن جي گونجن ۾، جئمر خانن ۽ راندين جي ميدانن ۾، گهرن اڳيان نهيل ٿلهن، آڳڏن ۽ بالڪونين ۾، ۽ بازارين ۾...........۽ هر هنڌ، هر وجود، پنهنجي وجود کان بي خبر.

تلڪ چاڙهي: موٽرون، رڪشائون، اسڪوٽر، بسون، جيپون ڪنهن مٿاهينءَ کان هيٺ گڙگاٽ ڪري وهندڙ آبشار وانگر هينتي وهي رهيون آهن. پيادا: هينان کان مٿي ويندڙ چيلهه چٻي ڪيو ٻراهنگون وڌايو پيا وڌن. ۽ مٿان کان هيٺ لهندڙ تيز تيز قدمن کي اُچل ڏيو لهندا پيا وڃن. چربر آهي. زندگيءَ جي سرگرمي آهي. ۽ آهي زندگيءَ

جو احساس هن چربر ۾. هيءُ بہ انهن مان هڪ هيٺ وڃي پيو ٿو. هن متحرڪ ۽ حساس حيات جو هڪ جز. پنهنجي الڳ هستي رکندي بہ، آس پاس پکڙيل هلچل ڪندڙ حيات ۽ ساڳهہ پري زندگيءَ جو نہ- ڇڄندڙ ڀاڱو. ڪُل جو جز.

وڃي پيو ٿو هيٺ لهندو. نظرون پاڻ جهڙن هلندڙن تي پونس ٿيون. پئجي ڪجن ٿيون ۽ ڪرن ٿيون. ڪن تي نظرون سائٽ لاءِ ڪجي وڃنس ٿيون:

هلڪي سانوري رنگ جي مٿي ويندڙ نوجوان نينگر مني اسڪرٽ پهريل. لسا اُگهاڙا ڪلها. جهڪيل چيلهہ ڪري پولهہ جو هلڪو مٿي اپار.

نوجوان جوڙي. ڇڏيندڙ هلڪي تڏي خوشبوءِ. ڪاري پينٽ، اڇي قميص " ناهوڪو مرد. عورت ڪي گلابي ساڙهي، جسم جي ڳوري رنگ تي نهڪندڙ. پئي ايڏو ويجهو، جو ذري ذري جسمن جو ٽڪراءُ.

سامهون ايندڙ بہ نوجوان نينگريون. ڪارن برقعن سان. هڪ جو: برقعي جي سنهي منهن واري پردي پٺيان، دلڪش پريل چهرو. پريل چپ، گلابي لپ اسٽڪ سان رڱيل. بي: ڊگهو منهن. پوراڻ مائل. ڪليل رنگ. طوطائي. نڪ. سنها پر قدرتي طور لڳندڙ ڳاڙها چپ. اکين تي سونهري ڪمانين وارو، نظر جو چشمو.

فٽ پاٿ تي، بجليءَ جي ڪنڀي هيٺان ويٺل هڪ پوڙهي گدلي فقيرياڻي،

هيٺ ويندڙ ڪار ۾ پوئين سيٽ تي جوڙي. عورت جوان، خوبصورت ۾ چنچل- (لڳندڙ يا هرويرو ائين محسوس ٿيندڙ) ڳالهائڻ پاڻ ۾، ڪل، هلڪي ڪيچل.

اڇي رنگ جي ويگن، پريل نوجوان ڇوڪرين سان،

....

نيڻ ڏسن ٿا. ذهن جهٽي ٿو. احساس جي تارن ۾ جنبش اچي ٿي. روح جي نوٽ سڪل واريءَ ۾ پوي ٿو، پڙلاءُ- روح جي واديءَ مان، روح جي واديءَ ۾. جتي آهن رڳو ڪندر:ڪنوارين چاهتن جا، ڪنوارن جذبن جا، ڪنوارن اُمنگن جا. ڪنوارا اُمنگ، ڪنوارا جذبا. جي آهن اڻ- ڇهيل ۽ بنايل ڇهڻ کاڻ. پر روح جي واديءَ ۾ آهن، ڪندر ئي ڪندر:تمنائن جا، حسرتن جا، ياس ۽ نا اميدين جا. جبلي اڃ جي محرومين جا. جبلي اڃ، جا ملي آهي هر جاندار کي ورثي ۾. ۽ آهن رڳو ڪندر ئي ڪندر، ڪندر ئي ڪندر، محرومين جي ڦٽن جا، ڦٽن جي چهڪن جا، چهڪن جي عذابن جا. ۽ تن تي وقت جا چڙهيل ڪرند.

ائين پن نيڻن ڏٺو. ذهن جهٽيو. احساس جي تارن ۾ جنبش آئي. اجايل ڪنواري آس ڪر موڙيا. روح جي سڪل نوٽ ڪندرائين واديءَ ۾.

محرومين جي ڦٽن تي، وقت جا چڙهيل- ڪرنڊ ڪنهن پراڻي عمارت جي چاپوڙن جيئنان ڪرڻ لڳا. ءُ ائين ذهن جي پردي تي تن ڪليل زخمن جي تسڪين لاءِ جڙڻ لڳي تي، هڪ نئين ننگري، هڪ نئون حيات. نئين ننگري، جتي هر تمنا جي تڪميل آهي.نئون حيات. جتي هر چاهت جي تسڪين آهي. تسڪين جو ماڻڻ آهي. ماڻڻ جي تڪميل آهي. تڪميل جي تسڪين آهي......

خوشحال. سهڻي سندر نوجوان زال. پارڪ مان بنگلو. ڪار. شام ڏاري پنهنجي بنگلي جي پارڪ ۾ سهڻي سندر زال سان وينو آهي. وينو ماڻي انهيءَ آدرشي زندگيءَ مان، زندگي بخش سرور. وري، زال سان شهر جي آدرشي زندگيءَ مان، زندگي بخش سرور. وري، زال سان شهر جي روڊ تي تفريح ڪندي. شاپنگ- لنگهندڙن جون رشڪ پريل نگاهون. تسڪين؛ تسڪين پريو احساس برتري سان........

چيڪاٽ---

پوءِ آواز: ’او خنزير ڪي اولاد- مـــادرچو.......ديک ڪي چل.‘ تلڪ چاڙهيءَ جي آخري چيڙي وٺ. ورندڙ اسٽيشن روڊ ڏانهن.

وايون بتال: دل جو ڌڙڪو. تڪميل جي انتها ڪي پهتل زندگي اڻ- محسوس طور اچانڪ ڪن ۾ گم تي وڃي تي. جيئن اڳ ۾ تلڪ چاڙهيءَ تي رڙهندڙ هستي گم هئي. احساس، ڪڙو ۽ ڏنپيندڙ احساس، تلڪ چاڙهي تي هلندڙ وجود جو. (ڪچي گـار سان؟ يا ان وجود جي ذري گهٽ ختم ٿيڻ جي پو ڪان؟) شڪائپ. ششدر پٺو. ۽ پرپاسي ڪان لنگهندڙن جون مٿس ڪپيل نظرون. لڳي تو پاڻ ڪي عجيب عجيب.

دور ويندڙ رڪشا ڏانهن ڏسي ٿو. زوريءَ آندل منهن تي ڪاوڙ جي اهڃاڻن ۽ شوخ نظرن سان: ’انڌن وانگر تا هلائين، پڙوا-‘ ڏڏندڙ شخصيت ڪي سنڀالڻ جي ڪوشش.

’تهيو جوان بچي وئين. سنڀالي هلندو ڪر‘ ڪو همدرديءَ مان چويس ٿو. همدردي پائنجڻ تنول!

’همراهه جا نشا ئي تتي پيا.‘ ڪو بيو چوي ٿو.

هلي تو اڳتي اسٽيشن روڊ ڏانهن. هلڻ ۾ تبديلي. ششدرپٽي ۽ شڪائپ جو عجيب عجيب احساس. پگهر جون بوندون، پائڻ تو نرڙ تي. وجود ڪا مهل غير متوازن طور لڏندڙ لمندڙ......

اسٽيشن روڊ جو ڳپل پاڳو آيو آهي لتاڙي. خيال: ڪيڏانهن وڃڻ جو. (وقت ڪي مارڻ جو) قدم ڏلا تي وجنس تا. ڪيڏانهن.... ڪيڏانهن وڃان؟ جو مليل زندگيءَ ڪي کپائڻ (Consume) جو فرض پورو ڪيان‘

اوچتو خيال فلم ڏسڻ جو؛ ۽ ان جي پنيان سڌ جو دٻاءُ. دل تي نهڪي اچيس ٿو فلم جو خيال. حساب ڪري ٿو: ’تي رپيا...... اڄ اجان 23- تاريخ آهي. پر تاريخ سان منهنجو ڇا؟ گهري ٻه ته ٿو سگهان- گهرڻ گهرجي ٻه نه. نيٺ ادا ڪلارڪ ته آهي ئي.‘ سڌ جو وڌڻ: ’نهيو ڏسان ٿو. باقي هفتو ته آهي-؟؟‘ دماغ ۾ ڪتل صليب سوال جو. ۽ انجي چوڌاري وڪوڙيل دونهات مونجهاري جو. ’وجان؟ نه-‘ جي ٽڪراءَ جو. ٽڪراءُ: من جي آس ۽ پهچ جي بيوسيءَ جو. متان نوڪري ملي وڃي. نه ملي؟ متان....... پر هن ملڪ ۾، مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ پراميد ٿي سوچڻ، ته نوڪري ملندي، ڪيڏي نه حماقت آهي.‘ سڌ جو ٽٽڻ. (ٽٽڻ، يا بي وسيءَ جي بوج هيٺان دٻجڻ) ان هوندي ٻه، هلڪي، اڻ- ڇٽي چڪ فلم ڏسڻ لاءِ.
ٻڌ- تر. ٻڌ- تر.......ڳپل مهل تائين ڪوبه فيصلو نٿو ڪري سگهي.

’نٿو ڏسان-؟ مڙهيل فيصلو پنهنجي پاڻ متان. ’پوءِ-؟‘ اوچتو: ’گانا ٻڌان گلشن هوٽل ۾‘. (پهچ جي بي وسيءَ جي جيت. پوءِ به چوندو ڪري ٿو.)

پوئتي موٽي ٿو. گلشن هوٽل ڏانهن. موٽي رهيو آهي. ريشمي گهٽيءَ جي چاڙهيءَ وٽ، هڪ واتهڙو خيال: گلشن ۾ ٻڌان، يا جبيس ۾؟-؟- جبيس مهانگي پوندي. سٺ پيسا ڪوپ. تنهن ڪانسواءِ ٽپ. يونيورسٽي جي واقف شاگردن جو انديشو....... سوچيندي سوچيندي ريشمي گهٽيءَ واري چاڙهيءَ ڏانهن وڌندو ٻه رهي ٿو. پوءِ، ذهن هر خيال ۽ مونجهاري کان خالي.

ريشمي گهٽي: پيهه. هڪ ٻئي جا لڳڻ ڪلها ۽ جسم. نظرن جي پهچ، جوانڙين تي. پوءِ نظرون ڪجهه ڳوليندڙ. پياس وچان، آس وچان، تن جوانڙين جي اکڙين ۾، منهن ۾، ڇاتين ۾ ۽ هيٺ......، لچڪو ڏيندڙ پولهن تي. پهريل ڪارين چادرين اندر. ۽ پوءِ ائين هڪڙن جسمن تان ڪجن، ٻين تي پون. نظرن جي راند نظرن سان. نظرن جي راند جسمن سان. جسم ڍڪيل، پر نظرون اگهاڙيون ۽ تيز، اجايون اگهاڙيون نظرون، ڍڪيل جسم جو ايڪس ري ڪريو ڇڏين.

......ايٽري ۾ پونس ٽا نيٺ سامهون. ايندڙ ه ڇهري تي: ڳتا مٿي ايريل اڌ گولائي تي- جپانڙين وانگر.اکيون ويڪريون ۽ ڪليل، تن مٿان اڌ تي وريل پنبڙيون نمايان. اکين جو رنگ گهاٽو ناسي، پري کان پائڻجندڙ ڪارو. نڪ جو اپار ڳتن ۽ منهن تي نهڪندڙ. چپ مليل، رس پريل نارنگين جي ڦاڪن جيان. مٿئين چپ مٿان وارن جي هلڪي ريهه. رنگ: ڪٽڪ رنگو جسم لڳندڙ اٽيو. جنهن ڪري رنگ وڌيڪ نکريل ۽ چٽو. اٽيا وار، جن

جون تندون پاڻ ۾ ڳنڍيل به آهن ته الڳ الڳ به. ڪنڌ ڪي هيڏي هوڏي لوڏڻ سان، تندن جو چرڻ پرڻ. پيل بيل باتمر: چترن وٽ سوڙهو. اصل چنبڙيل. ۽ هينتي ويڪرو ٿيندڙ. هلڻ وقت پريل سٿرن جو ٿڙڪو پڌرو. اگهاڙا لسا ڪلها. اکين ۾. ڳٽن ۾. مِنهن ۾. نهار ۾. جسم جي هر چرپر ۾ غضب جي پرپور چڪ- منجهس ڪُپيل اکيون.

ڪري ٿو محسوس ڇهاءُ: گداز. ڪونئري. لسي ۽ ان سان گڏ. ڪچڙي اپرندڙ جوانيءَ واري سوٽ جسم جو. ڪپيل اکيون ايڪس ري: ڇاتي. نوس لسڙا ارهه. پيٽ. لسو. بي داغ نرم. ۽ هيٺ......

’نه- فيش ايبل آهي. بال- صفا استعمال ڪندي هوندي.‘ ايڪس ري تصوير ۾. فوڪس ٿيل هنڌ جي پاڻمرادو ترديد ڪري ٿو. ’نه اجا. پشم جهڙا نرم هوندس. اجا نه ڪجي پئي لڳي:

ڪپيل نظرن سان. جهنيل ڪجهه:

اڌ- اونداهو ڪمرو. خوشبو ڦهليل. اگهاڙو. پر ۾ اگهاڙي. اڇي. کير جهڙي چادر تي. هينان نرم. اسپينج جهڙا گاديلا. چمي چٽ. ياڪر. ادمي وچان. چپن جو چپن ۾ جڪڙجڻ. چپن جو وچڙجڻ. چوس. هٿن جو ترڪڻ. ۽ محسوس ٿيندڙ. وڌندڙ...... ۽ ڌڙڪ عجيب عجيب-

نڙڪ. اپنيءَ تڪريو هڪ ڙانديگن جي گاڏي سان. احساس. شاهي بازار ۾ پهچي. پنهنجي چرندڙ وجود جو. هلڪي شڪائپ: پنهنجي ليڪي. شاهي بازار ۾ ائين ڌڪا لڳندا رهندا آهن. ان ڪري احساسي رد- عمل وني. پوڳي ٿو. ڪري ٿو خيال سنيالي هلڻ جو- هلندو رهي ٿو. تيز تيز. پيٺهه کان پاڻ بچائيندو. وٿين مان نڪرندو. گلشن هوٽل ڏانهن.

گلشن هوٽل: ڪنهن پراڻي هندستان يگاني جو گونج. اچڻ ويل ٽڪرائجيس ٿو ذهن گونج سان. وينل سڀ ان گونج ۾ ٻڌل آهن. پنهنجي وجود کان اڻ ڄاڻ. گانو سندس پسند وٽان آهي. جنهن ۾ آهي جدائيءَ جي درد جو احساس. ڪنهن جي جدائي؟ ڪنهن کان جدائي؟ ڪنهن سان ملڻ جي آس؟ چاهت جو ارمان؟ اهو ڪير سندس؟ خود به نٿو ڄاڻي. ائين ڇو؟ نه ئي ڄاڻڻ جي چاهنا اٿس. جڳ جو ڳپل حصو غير منطقي ۽ اڪارڻ حقيقتن جي سچائين تي بيٺل آهي. ڪجهه نه ڄاڻندي به. گونج ۾ پسي ٿو. گهايل پڙلاءُ. گهايل من جي ولارپ جو. ۽ ماڻي ٿو ان مان منو منو درد. ماڻڻ لاءِ ڪجهه نه گهرجي. پوءِ پيڙا جو روڳ ئي سهي. پيڙا: جا مني مني درد ۾ دلجي. ڪو سرور نه ڏئي ٿي.

’هان!. ها. ڄاڻهه‘ مٿان بيٺل، پيشگار ڪي چوي ٿو.

رڪارڊ تبديل ٿئي ٿو. گانو سندس پسند وٽان ناهي. اڳ ٻڌل گاني

جي لئي مئل. احساس: اڪيلائپ جو. ڪيڏي ميڙ ۽ گوڙ ۾ بہ! اڪيلو، ڪيڏو اڪيلو! نهاري ٿو ويٺلن ڏانهن. (اڪيلائپ جي ان احساس کان چوٽڪاري لاءِ). سندس پر ۾ ويٺل بہ مهاجر:

'مجيب سالا غدار هي.ايوب ني ٺيڪ ڪيا ٿا. نهين ماني گا ڀائي. ديکنا تم.'

'يحيٰ ني بڙي غلطي ڪي. لاتون ڪي ڀوت، باتون سي نهين مانتي.'

'فرض ڪرو، يحيٰ ني مجيب ڪو اقتدار ديا ُ پي، تو يہ ٻين چوت، انديا ڪا غلام بنادي گا-تو ڪيا سالي هم ني اسلئي قربانيان ديکر ملڪ بنوايا ٿا؟' '

'اري نهين ڀنائي. يحي نهين ڇهوڙي گا. چوتيا بنا رها هي سياستدنون ڪو. اف! ڀائي بهت بڙا چالاڪ آدمي هي يہ لالا پي.'

'ڍاڪا ۾ باتين ختم هوني پر، ديکهين ڪيا اعلان ڪرتا هي؟'

"..............."

'هنہ! مڪڙ-- رذيل.' ڌڪار من ۾.

منهن ورائي نهاري ٿو، ٿورو پريرو: چوڪنڊي ميز جي چوڌاري پيل ڪرسين تي ويٺل مزدورن جو ٽولو. لڳندڙ دڪان ۽ ڏيڏامن تان ڳوٺيون ڪٺندڙ. ٿي مڪراني، هڪ سنڌي ۽ هڪ شايد پنجابي. ڳانن ٻڌڻ سان ڳڻ ڪچهري بہ ڪن پيا ٿا. ڳاني جي ٻولن تي ٺنول. چرچا هڪ ٻئي تي.۽ ڪچيون اگهاڙيون گاريون. ٺهڪ. وڏا. جاندار ٺهڪ. رڳو ڄاڙن مان نہ، روح جي پاتال مان نڪتل.

ويچار وهڪ: ڪهڙي نہ هنن جي بي پرواهہ زندگي آهي. پيڙا جي هر احساس کان خالي. نوس. ننڍڙي ننڍڙي ڳالهہ مان اٿاهہ خوشيءَ جي لار. هر احساس جي اذيت. اذيت جي ضرب، ضرب جي پيڙا کان ڪوهين ڏور!- هنن کي بہ ضرور صدما پهچندا هوندا؟! پر هو ان مان ڀوڳين ٿا. صدمي کي خود ڀوڳائين ٿا. نوس جسم. نوس وجود. سچا ٺهڪ: ان ۾ ٻوڙي ٿا ڇڏين پنهنجو پاڻ کي. ۽ اسين لوئر مڊل ڪلاس. فٽ بال وانگر ٿڏجندڙ، حقيقتن ۽ آدرشن جي ٿڏن ۾. سچ پچ جٽ ٿيڻ بہ، هڪ نعمت پري نجات آهي. ڏاهپ جي ڏنگن کان تہ ماڻهو ڇٽل رهي ٿو.......

اوچتو ڌيان: 'چانهہ' پري ٿو سُرڪ.

چانهہ جا سُرڪ ڀريندي نهاري ٿو بي ٽيبل ڏانهن: گهٽ پڙهيل چوڪرات فلمي مريضن جو جوڙو. هڪ ڇٽو: سگريٽ جو پاڪيٽ ڦاڙي ان تي فرمائش لکي رهيو آهي. ٻيوڇٽو: ڀٽاپٽي.برشٽ ڀهربل، وارن جي اسٽائيل

ڪنهن فلمي هيـري جهـڙي. وات ۾ پان. چپن ۾ سگريٽ. ۽ ڪنڌ جي ٻيهڪ: جڻ ڪنهن خيال ۾ گم. هر انداز ۾ ان جي چرپر بناوتي ايڪٽنگ سان. گاني جي ڏن ۾ لئہ تي. گانو جيئن تہ ڪنهن شرابيءَ جو آهي ۽ نشي ۾ ڇيل. هو گلاس ڪٽي ٿو. ايڪٽنگ ڪري ٿو ۽ ٻول ورجائي ٿو. بڪنڌڙ بناوت هر ادا مان.

’پڙوو– ٽرڙو پيٽسان، ڏاڍو نهي ٿو.‘ اچيس ٿي ڇڪ. وري سوچي ٿو: ’منهنجو ڇا وڃي، لڳو پيو آهي مولائي پنهنجي ڏن سان. زندگي گهارڻ لاءِ ڪنهن ڏن ۾ رهڻ بہ ضروري آهي. گهٽ ۾ گهٽ، پنهنجي هستيءَ جو ڪڙو احساس تہ دٻيو وڃي. مون ڪان تہ پوءِ بہ لئہ ۾ آهي. مطمئن تہ آهي.

....

’هي بہ پڙوو بوگس گانا پيو هلائي.‘

ڏسي ٿو ٻاهر روڊ ڏانهن: رڪشائون تيزيءَ سان لنگهي رهيون آهن. بہ ٽانگا پيا وڃن. هڪ ڊگي گاڏي. هڪ موٽر تيزيءَ سان لنگهي وڃي ٿي. سامهون روڊ جي ٻئي ڪناري تي هڪ گول گپي وارو بيٺل آهي. بہ جوان گول گپا ڪائي رهيا آهن. پر ۾ هڪ پوڙهو مهاجر رذل اوجهريءَ جو ديڱڙو رکيو وينو آهي. ديڱڙي جي پرسان اوڪڙو ويهي هڪ اڌڙوٽ سنڌي اوجهري پيو ٿو ڪائي. نظرون اورتي ڪجي، هوٽل جي ٻاهران پيل بينچن تي پونس ٿيون: هڪ بينچ تي لوسي ٽائيپ تي شودا وينا آهن. پن جو گلو ڪليل. هڪ جي ڪنڌ ۾ پيلو رومال ويڙهيل. سندن پرسان گڏ هڪ پورو لسو ڇوڪرو وينل آهي. وار وڌيل ۽ ڪڪا. ڪليل گلو. ڇاتي بنا وارن جي لسڙي نظر ايندڙ. ڳانو پيل. بدن جي هر لچڪ ۽ لوڏ ۾ عورتپڻو–

’لونڊو اٿن. رات جو ون يونٽ ڪندا هوندس.‘ قياس ڇوڪري تي. ’هوندو ڪنهن غريب جو ٻار. پيٽ، زنده رهڻ لاءِ.‘‘ اڳي، ڪڏهن ماٺيل مزي جي لذت، ياد جي روپ ۾ ماٺيل مزي جي لذت: ڪي گهڙيون ڇوڪري ڏانهن ڏسي ٿو. لسو آ.... هڪ اندروني خواهش، اڳ ماٺيل مزي جي لسٽ جي تعلق سان: سائس گڏ. رات گذارڻ لاءِ دل، دل جو وڌڻ. وڌڻ ۽ وڌڻ...... رانن جي وچ ۾ Erection. لڳڻ گرم گرم.....

’لنڊو اُهئين ڪونہ، اجايو ٿو–‘ ڌيان متائڻ لاءِ نهاري ٿو روڊ ڏانهن. نظر پوپس ٿي هڪ مست اُگهاڙي ڇرئي تي. جو هوٽل جي ٻاهران گاني جي ڏن تي، ٻي ڊنگو ۽ واڇ گودو ڪيو نچي رهيو آهي ۽ گد گد ٿي رهيو آهي. سلوار پيل ناهيس، رڱي ڊگهي قميص گوڏن تائين. ٽنگون اگهاڙيون ۽ گونهہ ۾ تقيل. ڄنگهن جي ڪن حصن تي تقيل گونهہ. جمي نوٽ ٿي ويل. نچي رهيو آهي پنهنجي ڏن ۾ مگن. ڪنهن ڪنهن مهل ڦاٽل وات مان گگ ڳڙي،

لار بنجي ڪاڏيءَ تي جميل چيڙهه جا تهه لتاڙي، وڏي چولي ۾ گم ٿي وڃيس ٿي.

نظر پوڻ سان: ڀرين ڪهل. پوءِ همدردي. پوءِ ڪرب. ڪرب ئي ڪرب...... تازي پينل چانهه جي.وات ۾ چڏيل ذائقي ۾ تبديلي، تبديلي لڳڻ ايڏي تيز، جو پانئين ٿو جڻڪ سچي پچي اهو تنگن ڪي ثقيل گونهه پئجي ويل وات ۾. ڦـتي تـو ڪري ٿُڪَ، اڇي اڇي، هيٺ پٽ تي. ڪهل ختم. همـدردي ختم. ڪرب ئي ڪرب! ۽ ان ڪرب ۾ ڏڪار! ان ڪرب هينان انساني همدردي ۽ ڪهل جا جذبا مروٽيل. وات ڪنو چپو. نڪ جي ناس مٿي، ڪراهت مان دل ڪچي ڪچي. زبان وقت ۾ ڦيري. ڳلڦڙن مان سموري ٿڪ ميڙي، ڀيهر ڦٽي تو ڪري.

ڏيان مٿاڻ لاءِ ڪن گاني ڏانهن. ڏيان مٿجڻ بجاءِ رڳن ۾ هڪ اڻ چاتل ڊپ جي ڏُڪ ۽ ان جي تيز تيز وڌڻ جو احساس. ڊپ ۾ پڳل ويچار: چرين جو تعداد وڌندو پيو وڃي. مان به الائي ڇا جو ڇا سوچيندو آهيان. ڊپ جي ڏُڪ تيز ۽ ان جي جسم جي هر حصي تي.

اُٿي ٿو. دخل تي ڏوڪڙ ڏئي اچي ٿو روڊ تي. دل ۾ ڏڪار ۽ ڪرب اچڻ جي باعث، هن چرئي کي نه ڏسڻ چاهيندي به هڪ دفعو ڏسي ٿو. ۽ پنهنجي باري ۾ هڪ اوچتي راءِ: جي مـان چريو ٿـيس تـه، ڀهـراڙيءَ ۾ ويندس. جتي سنڌي سپاجهـا، چرين کي درويش سـمجهي پوڄيندا آهن. پنهنجي انهيءَ ويچار تي دل ئي دل ۾ مرڪي ٿو. مرڪ: مٿاڇري ۽ بي بنياد.

چند ڪن لاءِ بيـزاريءَ وچان منجهـيل ذهن ڪـٽي، بيـنل روڊ جي ڪناري سان. لائيٽ جي روشنيءَ ۾ جايون، روڊ، هلندڙ ڦرندڙ انسان، گوڙ ۽ انهن مان جڙندڙ وايو منڊل عجيب عجيب لڳيس ٿو. انهن جو عڪس هن تي، هڪ اڻ- ڄاتل ڏاريائپ جي ڪيفيت پيدا ڪندڙ. پنهنجو پاڻ کي هن سموري وايو منڊل ۾ لڳڻ اجنبي. اڻ نهڪندڙ. جڻڪ اچي ويو آهي ڪنهن اڻ ڄاتل ۽ اڳيم اڻ ڏٺل هنڌ تي. هر شي ڄاتل سـڃاتل، پوءِ به اڻ ڄاتل. اوپري.

وڏي ٿـو ٻه- ٽي وڪـون اڳتي. ۽ ڪري ٿـو خيـال گـهر وڃڻ جو. وڪـون وڌائيندو وڃي ٿـو، ڏيري ڏيري. بيـزار مَن، منجهـيل ذهن، ٿڪل روح، اجنبيپڻي جي ڪيفيت سان. اڳيان ويندڙ ٻه عورتون ڪارن برقعن ۾. اڻ- ڏني پـانئين ٿـو پڪيءَ طرح تـه هونديون جوان جمـاڻ، (شـايد هلڻ جي چال مان) ۽ ٺاهوڪيون، نـه تـهِ قابل صورت. ارادو نـه هوندي بـه ونين ٿو پٺ. ارادو: جو سندس ارادو هوندي بـه، سندس وس ۾ نـه رهيـو آهي: هو اڳيـان، هيءَ پٺيـان..... بيـزاري ختم. مـونجهـارو ختم. منجهـيل من ڪي ملي تي راهه

گهڙيون گهارڻ جي.

.... هو وڃن پيون اڳيان، هيءُ پنيان. هن کي هن جي پٺ ونڻ جو احساس ٿيو آهي. منجهانئن ساڄي پاسي واري مڙي ڏانهنس نهاري ٿي. ڪنڪيس ٿو. مليو آهي رسپانسُ. وک وڌائي ٿو........

'چالو هن. پرائيويٽ هلنديون هونديون.' شڪ جي بنياد تي بيهاريل راءِ. 'مون وٽ نہ بہ ربيا چوڏهن آنا آهن. - هي گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن ربيا تہ-' ذهن الجهن ۾ منجهيل. مونجهاري جي نيڪال لاءِ هڪ وات: 'تي سگهي ٿو ڪاڏي پيتي گهراڻي جون ذوقين هجن؟- ماڻهن کي تہ الاءِ ڪيئن ڪيئن اهڙيون ملن، مونکي تہ ڪڏهن بہ- لڪ آهي- پر هي چالو ٿي سگهن ٿيون. نہ تہ پنڌ ڪيئن ٿيون وڃي سگهن! شڪار تي نڪتيون آهن......." ساڄي پاسي واري بيو دفعو منهن ورائي ڏسيس ٿي..وک جي واڌ......

برقعي واريون هيرآباد ۾ اچي هڪ گهٽي ۾ مڙن ٿيون. هيءُ بہ مڙي ٿو هڪ نئين اسٽائيل تي بنگلي نما گهر جي در وٽ بيهن ٿيون. هيءُ بہ پري ڪان پٺ جي اوٽ ۾ بيٺو آهي. اکيون ۽ ذهن تڙو- ڪڙو رکندي. ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي. امڪان جي حد تائين پڪو انديشو. سڏيندي- سڏيندي. دل جي هلڪي ڌڙڪ. ٿيڻ وارو آهي...... اهائي ڇوڪري ڏانهنس منهن ڪري، منهن تان چادري هٽائي ٿي. دل جو ڌڙڪو تيز. ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي. سڏيندي...... ڇوڪري ڏانهنس پانهن وڌائي بجو ڏئي ٿي. ٻنهي جا گڏ ٺهڪ. ۽ اندر هليون وڃن ٿيون. دل جي ڌڙڪ بند. جڻ خطرو ٽري ويو. پوئتي وري گهٽي بدلائي واپس اچي ٿو. ذهن ساڻو. احساس ٿڌا. جيتوڻيڪ هئڻ ڪارڻ ٻجي ڏيڻ مهل بي عزتيءَ جو ردعمل تيڻ ڪپندو هوس. نہ تيس. جڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ. يا معمولي ڳالهہ هجي. يا احساس ٽڪجي اهڙا چور ٿي چڪا اتس، جو وڏيڪ بار ڪٽڻ ڪان ٿي ويا آهن بي وس، لاچار.

گهر: در جو تاڪ کولي گهڙي ٿو اندر. سامهون ئي سامهون پاٿس، پٺ ۾ لڳل بلب هيٺان: ننڍي پراڻي ٽپائيءَ تي آفيس جو ڪم ڪري رهيو آهي. پاٿس ڏانهنس هڪ نظر اڇلائي: وري لکڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. ڪنڌ ۾ پيل ڪٽ تي پاڃائس ننڍي ڪڪي کي ببو ڌارائي رهي آهي. سندس پير ۾ بيبي ستي پئي آهي. پاڃائس ڏانهن نهارڻ تي، نظر سندس ببي تي پويس ٿي. لڳيس ٿو: سخت ۽ سوٽ هجڻ بجاءِ پڙو لڳڙو. هيٺ لڙڪيل. ببي جي ٻنڊي ڪڪي جي وات ۾-آهي. هو چگڙڪ چگڙڪ ڏائي پيو ٿو. بلب جي جهيٽي روشنيءَ ۾ ٻنڊيءَ جي آس پاس ببي جو رنگ گهاٽو ناسي، تہ وري هلڪو ناسي، تہ وري ڪارسرو، تہ وري ڪرمچي نظر اچيس ٿو. هڪ ئي

نظر ڀراهو سڀ ڪجهہ ڏسي اندر ڪونيءَ ۾ وڃي ٿو. اڇا ڪپڙا لاهي ميرا پائي ٿو. پينٽ جا ڊبل ڪريز ملائي، ٻاهر اچي پنهنجي ڪٽ جي وهاڻي هيٺان رکي ٿو. جيئن ڪريز وري چمڪن.

'ماني چلهہ وٽ پئي اٿئي.' ڀاڄائي جو آواز.

چلهہ وٽ تاڪيءَ تي ويهي ماني کائي ٿو: تريل پٽاٽا ۽ ماني. ڀاڻس خاموش آهي. ڀاڄائس خاموش آهي. ٻيبي ننڊ ۾ آهي. پاڻ خاموشيءَ سان کائي رهيو آهي. اها خاموشي، ائين ٿي هر رات عجيب ۽ ڪٽڪندڙ لڳندي اٿس. ۽ ائين ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ ۾ پنهنجي وجود جو ڪٽڪندڙ احساس: ڀان هتي ڇو آهيان؟ هتي هن گهر ۾ ڇو؟ ڪنهن سيٺ جي گهر ۾ ڇونہ؟ مان ڪير؟ نيٺ مان خلقيو ڇو ويو آهيان؟ اهوئي تہ ڀوڳڻ لاءِ. ۽ ائين ڀوڳي ڀوڳي هڪ ڏينهن مرڻ لاءِ. تہ پوءِ منهنجي پيدا ٿيڻ جي معنيٰ ڇا؟ ڪٽڪندڙ احساس، ڪٽڪندڙ هستيءَ جو. جواب نہ ڄاڻندي بہ هستيءَ جي معنيٰ آهي. جيئرو هجڻ جو احساس، پراسرار ۽ ڀيانڪ لڳندڙ.

'تنهنجي انٽرويوءَ جو ڇا ٿيو؟' ڀاڻس جو آواز رکي انداز ۾.

'نہ کنيائون' وراڻي ٿو. ڀاڻس جي رکي انداز جو احساس.

'باقي ون يونٽ ٽٽڻ جو توکي ڪهڙو فائدو پيو؟ جيل تہ ڏاڍا ڏٺئہ.' ڀائنجڻ طنز.

پاڻ خاموش.

'تو ڇا ۾ ايم. اي ڪئي آهي؟ پوليٽيڪل سائنس ۾ نہ؟' ڀاڻس جو آواز.

'ها.' وراڻي ٿو.

'نيٺ تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ ٻين هيٺرن کي نوڪريون مليون، توکي ڇو نہ؟ تعجب آهي!'

پاڻ چپ. سوچي پيو ٿو: انڪريءَ جو مان ڪنهن شاهہ يا وڏيري جو ماٺهو نہ آهيان: ۽ انڪري جو مان هتي، هن گهر ۾: ڄايس.....سوچي پيو ٿو. ڪجي نٿو.

'تو تہ ڪڏهن معافي بہ لکي نہ ڏني هئي نہ؟'

'نہ.'

'تنهن کان تہ ماستريءَ جو ڪورس ڪرين ها.'

پاڻ چپ، ڀاڻس بہ چپ. وري ساڳي خاموشي.

ڀاڻس جي پڇڻ جو انداز ۽ سوال معنيٰ خيز لڳنس ٿا. ان جون معنائون ڳولڻ لڳي ٿو: 'ڪڪ تي پيو آهي وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي- بي روزگاريءَ کي بہ ڳپل وقت ٿيو آهي. هن جو ڏوهہ ڪهڙو، نيٺ

هي ٻہ تہ ڪلارڪ آهي. ٻچڙيوال.‘ ياٺپيءَ جي قربت وارو رشتو، ڏيڍ سؤ جي ڪلارڪيءَ واري بوجَ هيٺان دٻجي ويل هجڻ جو احساس. گرهہ ٽٽو اُڪليس. ڪائڻ بس تو ڪري. ٿانو ڍڪي، رکي اُٿي ٿو.

’چو ماني ڪونہ کاڌءِ؟‘ ياڃائس جو آواز. جٽڪ ڪائڻ مهل نگاهہ مٿس هيس.

’بس ياڃائي- بک ڪانهي.‘

’بک نہ هجيئي تہ جهلي ويندو ڪر. تيهہ رپيا مڻ اٽو آهي، خانصاحب‘ ياٺس جو آواز.

ڪيڏو اڪيلو. ڪيڏو ڪريل. ڪيڏي محتاجيءَ جي ذلالت. لفظ زهر ۾ ٻڏل لڳنس ٿا. لهي ٿا وڃنس روح جي گهرائيءَ ۾. جڻ ڪنهن زهريلو تير هٽي هستيءَ کي چيهون چيهون ڪري وڌس. ٽٽل هستي. ٽٽل شيشي جي گلاس وانگر. ڏک جي پيڙا ونيس ٿي هيئنون. اهو ڏک جيڪو ٿيندو آهي پنهنجن کان. جنهن لاءِ سوچي بہ نہ سگهبو آهي تہ ڪو ائين ٿيندو. ’ابو هجي ها تہ شايد ائين نہ چوي ها- نہ، چوي ها، چوڻ گهرجيس ها، نيٺ ڪير ڪنهنجو بوج کڻندو. هيءُ سماج ۽ اسانجا رشتا: ڪيڏو ويجها، ڪيڏو ڏاريا- خير، مونکي انهيءَ کي ايڏي اهميت ڏئي ڏک نہ ڪرڻ گهرجي. ههڙين حالتن ۾ ائين ٿيڻ فطري آهي.‘

احساس گاڏڙ ويچار، اداسيءَ جي ڏنڊ ۾ ويڙهيل: ممڪن آهي، ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اهڙن حادثن جي ردعمل ۾، ٿيندڙ ڏک: ٻہ ڪرڻ ڇڏي ڏيان. زندگي سيڪاري ڇڏيندي : سيڪو پنهنجي زندگيءَ جو جنازو پاڻ ئي کڻي هلي ٿو. پاڻ ئي کڻي هلڻو اٿس. ۽ پاڻ ئي ان جو جوابدار آهي. اسين سڀ هڪ ٻئي سان هرويرو جڪڙيا ويا آهيون.ٰ هي مائٽ- اولاد، نسل ۽ خانداني ڳانڍاپا هڪ ٻئي تي بوج آهن. اجايو بوج. ڪن کي بوج کڻڻ جو ست آهي تہ کڻن ٿا، سو بہ پنهنجي ذات جي تسڪين ڪاڻ. نہ تہ هرڪو سچو پنهنجو پاڻ سان آهي. پنهنجي ذات سان، پنهنجيٰ مفاد سان. ڪيڏي خود فريبي، ڪيڏو ڍونگ! ويساهہ گهاتي هڪ ٻئي سان، پنهنجو پاڻ سان. هنن رشتن ۽ ناتن جي رسم جي نالي ۾!...........

۽ پوءِ، هن ڪان پوءِ، جڏهن زندگي اهو سڀ ڪجهہ سيکاري ڇڏيندس، تہ پوءِ: ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت، ڪنهن جو بہ ڏک، ارمان هيئنون نہ ونيس. ڪوبہ تيز احساس جو چهڪ، روح تي ڦٽ ڪرڻ بجاءِ هلڪو نشان ڪري ڇڏيندس. ۽ ذهني اذيت، ود وجهڻ بجاءِ ڪن گهڙين لاءِ پنهنجي ڏنڊلي ڇاپ ڇڏي ڏئيس. ۽ بس! ان مهل هي، انهن هلڪن نشانن کي بہ- ’ائين ٿيندو رهندو آهي. فطري آهي.‘ - چئي ميساري ڇڏي. (ڪارڻ

جي اوسر)...... ڪڏهن ڪڏهن ان وُقت. ممڪن آهي، ماضي ۽ حال ڪي آڏو رکي سوچي: تجربي ۽ ڪارڻ سيڪاربو آهي. يا بي حس بنايو آهي؟ بي حس بڻايو آهي، يا حقيقت پسند بنايو آهي. زندگيءَ ڏانهن روبي رکڻ لاءِ؟- هر روبي جي پرک عقل جي بنياد تي. عقل پرست بنايو آهي، يا شڪست ڏئي، حالتن سان سمجهوتي لاءِ مجبور ڪيو آهي؟ محض زندگيءَ جون مليل گهڙيون، گهارڻ لاءِ ذليل سمجهوتو. انهيءَ ذلت جي احساس کي مٽائڻ لاءِ فارمولا: ڪارڻ سيڪاربو آهي، زنده رهڻ جو ڏانءُ. پر پوءِ به ڪڏهن:

جي سيڪاربو آهي تہ ڇا؟- اهوئي، روح کي پهتل هر رهنڊ کي مرڪي ميساري ڇڏجي. ۽ وک اڳتي وڌائجندي رهجي. مستقبل ڏانهن. وک؟ ڪيڏانهن؟ هر وک موت کي ويجهو آڻڻ لاءِ! هڪ سوال: پوءِ اهڙي وجود جي معنيٰ ڪهڙي! هڪ ڏينهن جسم، هڪ ڏينهن موت. ۽ بس. جم ۽ موت جي وچ وارو خال: زندگي هي سڀ ڪجهہ ڪيڏو بي معنيٰ، مضحڪي خيز ۽ سطحي آهي!!

ڪٽ تي ليٽي ٿو. هڪ اڻ ڇٽو مبهم خيال، باقي حياتي گهارڻ جو. اداسيءَ سان گڏ. نراسائي ۽ بي وسيءَ جو احساس ارڙ بلا وانگر وڪوڙيو پيو وجيس. ۽ ان بي وسيءَ جي احساس جي ساڃهہ، ڪيس پاڻ تي قياس آڻڻ جو ڪارڻ بنجي ٿي. پاڻ تي قياس، ڪيڏو اذيت ناڪ آهي. من ۽ گلو پرجي اچيس ٿو. 'گهر ڇڏيان، مزوري ڪندس.' ويچاري ٿو.... اُپريس ٿو ذهن ۾ گذريل واقعو آخري انٽرويوءَ جو. جيڪو گهٽو وقت اڳ ڏنو هئائين:

مرڪي وجي ٿو، وڏي خود اعتماديءَ ۽ پنهنجائپ جي احساس سان آفيسر وٽ. (ممڪن آهي) آفيسر سان پنهنجائپ جو احساس هڪ سنڌي هجڻ جي حيثيت ۾. ان پنهنجائپ جي احساس جي اوساري، اوسر ۽ پختگيءَ پنيان، شاگرديءَ جي زماني ۾، بہ دفعا جيل وڃڻ، پوليس لانٺي چارج ۾ زخمي ٿيڻ ۽ انهن قربانين ۾ پنهنجي اهم حصي هجڻ، جنهن جي ڪري هي سنڌي آفيسر آيا آهن- جا لاشعوري جذبا. وڃڻ شرط صاف آواز ۾ چوي ٿو، 'جيئي سنڌ'. موٽ ۾ آفيسر جون اڻ وڻندڙ نظرون. ڪجهہ پنهنجي هلڪڙائپ جو هلڪو احساس. پر پوءِ بہ، اڻ ڄاتل طور سنڌي آفيسر سان پنهنجائپ جو احساس پختو. (سنڌي هجڻ ڪري!)

آفيسر جون مٿس نظرون.
بيٺو آهي، انتظار ۾ ڪانئس ٿيندڙ سوال لاءِ.
'ڇا پاس آهين؟'
'ايم- اي- پوليٽيڪل سائنس ۾.'

’هون.‘

بئي سوال جو انتظار.

’نيڪ آهي. وڃ بئي کي موڪل.‘

’سائين پوءِ آسرو....... پنهنجائپ جي مرڪ سان.

’وڃ بابا. رزلٽ نوٽيس بورڊ تي لڳندي. اتي پڙهجانءِ.‘

باهر اچي ٻڌائين: آرڊر نڪري ويا آهن. هي رسمي پورائو آهي. جايون ورهايل آهن. ٽي مخدوم جون. ٽي پير جون. ٻه مير جا ماڻهو آهن. هڪ سيد جو سفارشي آهي. چار....... وزير جا. ٻه آرڊر مهاجر آفيسرن جي سفارشين جا نڪتا آهن. ڪجهه جايون خالي ڇڏيون اٿن، ڪن ميمبرن تي ٽورو ڪرڻ لاءِ.

هي سڀ ماڻهو پيرن، مخدومن، وڏيرن ۽ آفيسرن جا- ۽ مان؟؟ سوال جو صليب لاٿونءَ وانگر ٽڪ ٻڌي، ذهن ۾ تيز تيز ڦرڻ لڳس ٿو: جيئي سنڌ- جيل- نيشنلزم- ون يونٽ- سنڌ- مان؟؟ شدت سان احساس پنهنجي هستيءَ جو. هستي؟ ڪهڙي هستي؟ ته ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو ماڻهو ڪونهي. پنهنجي وجود جي خسيسپٽي ۽ ذليل هجڻ جو احساس. مان ڪي وِڏ. آفيسر سان ڪلي ڳالهائڻ، مرڪڻ، چٽيءَ طرح لڳڻ هڪڙائپ. اجائي خوشامند، ذلت جي حد تائين، ۽ ڏنائين: هيڏي ساري وٿي، پنهنجي ۽- ملڪيت وارن، آفيسرن- جي وِچ ۾. ان وٿيءَ جي ڪليل ميدان ۾، پنهنجي اڳهاڙي حقيقي حيثيت. ۽ هن جي حيثيت. پوءِ، مروتجندڙ پنهنجي مان. وري مان جو اسرڻ: انتهائي نفرت، ساڙ ۽ پوري قوت جي ڪاوڙ مان چپن ۾ پٽڪي ٿو، ’هن جي ماءُ کي ت-.......‘ ان اگهاڙي گار ۾ آهي، سندس اندر ۾ ابڙڪا ڏيندڙ انتهائي، انتهائي نفرت جو زهر اوتيل. تکو احساس: آزادي ماڻن جو. آزادي- آزادي- آزادي هر بندڻ کان ٽوڙڻ هر ديوار کي، بندش کي، رسم کي، رواج کي، هن نظام جي هر روٽين کي. دهشت پسند.......

.... بت بڌل. اڳيان چيلهه وٽ لڙڪندڙ پسٽل. ڪلهي تي رائفل. رهي ٿو سنڌ جي ڪنهن گهاٽي ٻيلي ۾. چار- پنج ساٿي. هڪ رات: هڪ ڳبر وڏيري جي گهر تي حملو. ماريس پيو ٿو. وڏيرو منٿون ٿو ڪريس. هي ڇيچلائيس ٿو. ڇيچلائڻ جي اذيت ڏيڻ ۾ انوکي لست. لست مان ملندڙ تسڪين....... ٻي رات: شهر جي ڪنهن سرمائيدار جي عمارت کي اڏائي ٿو بم سان. ڌڙام...... دونهون. وري: پوليس اسٽيشن تي حملو. ماريندڙ وڏيرن، پيرن، سرمائيدارن کي. ماڻيندڙ، تن مان انوکي تسڪين پري لست..........

پاڻس ٻتي وسائي. ڪنهن ازلي ظالم پير کي ختم ڪندڙ وجو د گم ٿي وڃي ٿو. اوندهه. اوندهه جو احساس. ننڊ اکين کان ڏور ويل. بي چيني. بيتابي. هلڪي چڙ پنهنجي بي وس جڪڙيل ۽ قاتل وجود جي، زندگيءَ جي اشڪنجي ۾.. پاسو ورائي ٿو. سک نٿو اچيس. وري سڌو ٿي سمهي ٿو. ذهن ۾ اٿل پٿل. بيانڪ اڻ- چٽو خيال مستقبل جُو. خودڪشي. جام شوري جي پل. بينو آهي پل تي، هيٺ ٽپو ڏيڻ لاءِ. ٽپو ڏئي ٿو. ڏو پاڻيءَ ۾. هيٺ وڃي پيو ٿو، گهرائيءَ ۾ ٻڏندو........

'بڪواس آهي.' پاسو بدلائي ٿو. سک نه، جسم جون رڳون چڪجي چڻ ڇڇندڙ. عجيب قسم جي اضطراري لوچ. پاڻ کي سيٽي ٿو. پنيءَ مان ٽڙڪات. مونجهه مونجهه... ننڊ جو نالو به نه. پوڳي پيو ٿو اضطاري لوچ منجهه......

چادر مٿان وجهي ٿو. هٿ رانن جي وچ ۾. لڳندڙ سخت ڳوهيل اتي وانگر نرم ۽ هلڪو گرم. هٿ جي مهٽ آهستي آهستي ٿيندڙ سخت. اڀرندڙ مٿي، سڌو-

'نه- نٿو هٽان. صبح به دفعا هنئي اٿم.' هٿ ڪڍي وني ٿو.

ساڳي بي چيني، بيتابي، لوچ، بيقراري. پوڳي پيو ٿو، تنهن منجهه......... اوچتو پاٺمرادو هٿ ڪجي ويل رانن ڏانهن. نه چاهيندي به آڱرين جو چُرڻ. قرڻ، ترڪڻ تن جو ستڙن ۽ چُتڙن تي. وري بيهڻ. 'غسلخاني ۾- شڪ نه-' اٿي ٿو. وجهي ٿو هڪ نظر پاڻس تي، جو پنهنجي کٽ تي اڪيلو پاسيرو ستو پيو آهي. پاڄائس ٻي کٽ تي، ٻن پارن سان گڏ ستل.

اچي ٿو غسلخاني ۾. ٻاري بلب ڏئي ٿو در. وهي ٿو اوڪڙو سيمنٽ جي دڪيءَ تي. اکيون پوريل. مهٽ آڱرين جي آهستي آهستي. چهرا ذهن تي. ڪئين چهرا: سهٽا. سندر. سيڪسي. هڪ چهرو. شام ڏنل ريشمي گهٽيءَ ۾، بينل تڪ ٻڌي.

(غسلخانو گم). نيم- تاريڪ ڪمرو. ٻانهن ۾ جڪڙيل. ٻانهون بغلن هينان. هنجي پنيءَ کان وهائو ڏنل. گوڏا اُڀا. مڙيل پيٽ ڏانهن. چُتڙ. چُتڙ وٽ مليل. پولهه جي لوڏ. نندي نيتي، ڪنواري ۽ ڀهريون پيرو هڻڻ ڪارڻ، لڦڙائي ٿي. ٻانهن جي جڪڙ مضبوط. پنهنجي سڄي ٻار جي اُڇل، پولهه جي لوڏ سان، ڀربور تيز..... 'س-' اڌ ڪليل وات سان لرزندڙ ساهه مٿي: 'س-' بس، باقي ٿو..... لرزندڙ آواز. لرزندڙ ساهه. لرزندڙ جسم. جسم جي لنو لنؤ ۾ لرزش. آخري ڏڏڪو- پچڪ!

اکيون کولي ٿو. ذهن خالي. ڪي گهڙيون خالي پوءِ. پڇتاءُ من ۾. پيشماني: ’اجايو هنيم.‘ ڦٽي ٿو ڪري ٿڪ. اچي اچي، پڪ ڪان خالي، نندڙن نندڙن ٻڙ ٻڙن جي نهيل. اُٺي ٿو لڳ ساٺا. اکيون هڪ هنڌ کُتل. جڻ ته ڪجهہ سوچي پيو ٿو. پر حقيقت ۾ ذهن ڪورو. سڄو بدن ٿڪل ٿڪل. خيال: ’پاٺيءَ سان وهائي ڇڏيان.‘ بالٽيءَ مان جست جو وٺو پري ٿو. هارڻ ڪان اڳ: ڏسان تہ ڪيٽري نڪتي آهي.‘ ڏسي ٿو دٻو انساني نسل جي ٻج جو. ’توري آ، پنڙي-‘ ڪن لاءِ تشويش وري ’ڪهڙي ويني آ-هنہ. ڦر ٿيندا، مون جهڙا.‘ پاٺيءَ سان وهائي ٿو ڇڏي ناليءَ ۾.

اچي کٽ تي سمهيي ٿو. بي چيني ۽ بيقراريءَ واري هُر- ڪر ڊپيل. نستو جسم. ساٺا احساس. ذهن ۾ نيم غنودگيءَ جو ڳهر. ۽ اهو ڳهر سڄي جسم ۾، نس نس ۾ پکڙجندڙ. پاسو ورائي ٿو. ۽ انهيءَ غنودگيءَ نما ڳهر جي وڌندڙ دونهاٽ ۾ وڃائبو وڃي ٿو....... وڃائبو وڃي ٿو......... ۽ وڃائجي وڃي ٿو. صبح جو اوسيڙو ڪرڻ ڪان سواءِ. سياٺي جي نئين سج جو هڪ سوال بڻجي. هڪ جواب بڻجي.

’اٿان-‘

ستو پيو آهي. اڪيون پوريل. تَنَ جسم ۾ سور جو احساس. پر انهيءَ ڏانهن ڌيان نہ. ’اٿان-‘ سوچي ٿو. ’ڏيٺهن ڪيڏانهن؟‘ گهڙي ڪن لاءِ ذهن خالي. ’گهڻو ٿيو هوندو؟‘ پاڻ ئي اندازو لڳائي ٿو. ’نو ڪن‘. ڪا مهل ائين بيڪار ليٽڻ ڪانپوءِ اکيون کولي ٿو. ڏسي ٿو: بيبي پڌر تي بانبڙا پائي رهي آهي. ڪجو نہ اٿس. قميص پهراڻ نما. پنيان ڳِنڍ ڏنل. منهن تي لينگها. نڪ مان گوبو وهندڙ. پاچائس در جي ڪنڌ وٽ، باهر ويندڙ ناليءَ جي پرسان وينل. ٿانو ملي رهي آهي. ململ جو چولو پگهر ۾ مل هجڻ ڪري، جسم ڏسجندڙ. ٿڻ لڙڪيل. منهن سڄو سٽيو، شايد پگهر ڪري ائين پائنجندڙ. گوڏا اپا پاسن ڏانهن وريل. چولي جو اڳ ٿورو مٿي، جنهنڪري پيٽ جو ڪجهہ حصو ۽ ڏن ڏسڻ ۾ ايندڙ. پيٽ تي ڪارڙا- ناسي ليڪا. اين ٿيل ۽ پاسن ڏانهن وريل گوڏن جي وچ ۾ چڏن وٽ.بچيءَ وٽان ڪجهہ سلوار ابڙيل.

- ’جاڳين ٿو؟‘ پاچائس ڏانهنس نهاربندي پڇي ٿي.
- ’ها پاچائي.‘ ڌيمي ورائي ٿو.
- ’اٿي ماني کاءِ.‘

پاچائس، ڪيس ماني ڏيڻ لاءِ چار- هاٿا هٿ، هنديءَ ۾ پاٿيءَ ۾ ڌوئي ٿي. پاڻ اٿي وهي ٿو. ٻانهون مٿي ڪري، پوئتي ورائي بدن مان تڙڪات ڪڍي ٿو. اٿي، منهن ڌوئي، پيهر کٽ تي اچي وهي ٿو. پاچائس منجيءَ تان اٿي، ماني کٽي ڏانهنس وڌي ٿي. ڪيس ڏسي ٿو: هلڻيءَ ۾ هڪ مخصوص انداز. جڏهن مون سان اڪيلائيءَ ۾ هوندي آهي، تہ انجو اظهار ٿيندو آهي، يا ڪندي آهي؟‘ هوءَ ماني اڳيان رکيس ٿي. پاٿي کڻڻ لاءِ دلي ڏانهن موني ٿي. پولهہ جي لوڏ ۽ چيلهہ جي لچڪ ۾ اهوئي انداز. جنهن مان اندازو لڳائڻ آسان آهي تہ، هوءَ ڪيس ماني کارائڻ ۾ بي انتها خوشي محسوس ڪري ٿي، پاٿيءَ جو گلاس کٽ جي ٻانهينءَ تي رکندي مٿس هڪ نظر وجهي ٿي. نظر؟ جنهن جي ڪا معنيٰ آهي؟ يا سندس وهم؟ فيصلو ڪري نٿو سگهي.

گرهہ پڇي ٿو. ان مهل بيبي رڙهندي رڙهندي، کٽ جي پاٿي وٽ پهچي ٿي. ۽ پاٿي جو سهارو وٺي بيهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ڪري پوي ٿي.

’آئي مُني! تڪڻ جي پڇي پوئي.‘ هوءَ ائين چوندي ڪيس هنج ۾ کڻي ٿي. ’ڇي- ڪني!‘ سندس نڪ مان نڪرندر سنگهہ. جا پهتل چٽن تائين- ڪي ڏسي ڪنو منهن ڪري چوي ٿي. اهڙو ڪنو منهن، جنهن ۾

ڏيکاءُ جي ڪرپ ٻہ آهي تہ سچو پيار ٻہ. پوءِ هن ڏانهن ڏسي ٿي. مرڪ سان. ڪيسَ اهو سڀ ڪجهہ عجيب عجيب لڳي ٿو. اهڙو عجيب، جو سمجهہ ۾ نٿو اچيس تہ ڇا ڪري.

جلدي ماني کائي اٿي ٿو. هٽ منهن ڌوئي ڪمري ۾ وڃي ٿو. ڪپڙا بدلائيندي. 'ڇا پاڃائي واقعي مون ڏانهي راغب آهي؟' سوچي ٿو. ممڪن آهي. ادا کان هوءَ جنسي طور مطمئن نہ هجي. ادا جو ڏانهنس رويو: عجيب آهي. مڪينيڪل تعلقات ڪيڏو رسمي! ۽ محض رڳو نڀائڻ لاءِ. نڀائڻ جو قرض نڀائڻ لاءِ...... منهنجو وهم هجي. دبيل خواهش جو اڏنگو روپ. ڇا مان ائين ڪري سگهان ٿو؟' سوال جي جواب نہ، ها ۾: نہ ۾. ياد اچيس ٿو: گهڻو اڳ. جڏهن پاڃائس کنهن شاديءَ مان موٽي آئي هئي. ان وقت ڪيس ريشمي ڳاڙهو وڳو پاتل هو. ڳلن تي پائوڊر مٿان لالي لڳل. بدن مان ايندڙ خوشبوءَ. ڪيس چتائي ڏٺو هئائين. سندس انوکي لوڏ. دل ۾ ڪپي وئي هيس. ۽ چهرو اهڙو تہ وڻيو هوس، اهڙو تہ وڻيو هوس جو دل چاهيو هوس تہ ڪيس ڀاڪر پائي چميون ڏئي ۽ رات ڪيس، مٿس ٽڙ پيو هو.

'اوهہ! مانَ ڪيڏو نہ Frusted آهيان.' اوچتو اچيس ٿو من ۾،

'اف!'

ويچاري ٿو، ٻاهر ايندي، ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ. ذهن ۾ ٻہ ٽي هنڌ ايرنس ٿا: يونيورسٽي. يونين ڪميٽيءَ جي لئبرري. يا امريڪن سينٽر ۾. (جتي ڪليل رسالن ۾ نيوڊ تصويرون ڏسڻ لاءِ.) ون يونٽ بلڊنگ ۾نوڪريءَ جي پڇا ڳاڇا لاءِ ڪري ٿو تصور، آفيس ۾ درخواست ڪٽي وڃڻ جو. بوريت. ذلت. انسانيت کان ڪريل هجڻ جو احساس. دل نٿي وربس. وري ڪري ٿو يونيورسٽيءَ جو تصور: پلين پٽين تي لکيل جيئي سنڌ ۽ هاسٽلن جي درن تي. ٽيبل ٽاڪ جا عام فقرا: 'مڪڙ ڪڏهن ٻہ سنڌ سان سچا نہ ٿيندا- جي- ايم- سيد سنڌ جو هيرو آهي. پٽو پنجابين جو پٺو آهي، فوجين جو ايجنٽ. ڪميونيسٽ غدار آهن. هو ڀهرين مهاجر پنجابي آهن، پوءِ انٽرنيشنلسٽ سنڌي ڪميونسٽ چوتيا آهن. پناهگيرن جا پٺو. پنجويهن سالن تائين جي- ايم- سيد ڇا ڪيو آهي؟ وڏيرڪي سياست- اهو پٽو ئي آهي، جنهن سنڌ جي نالي ڪي جياريو آهي- پٽو عظيم سياستدان آهي، ميان! اهو پٽو ئي آهي، جنهن هن مرده قوم ڪي سجاڳ ڪري پنهنجي پنيان هلايو آهي. اها ڪا مذاق ڪانهي- ڀهرين نيشنلزم پوءِ سوشلزم- پائي پائيءَ وارا غدار آهن.....'

'يونيورسٽيءَ مان هينئر قوم پرستن جو اثر نٽندو،' سوچي ٿو، 'بنگال کانپوءِ هتي-سنڌ جو وارو آهي. بنگال ۾ ڪچلي ڇڏيائون. هتي تہ

منت ڪندا- بنگالي پوءِ بہ وڙهندا، ۽ هتي بہ؟؟'
ذهن خالي. سواليہ مونجهارو ذهن ۾.
چوتيا. نعري باز. سطحي. رڳو نعرا. هُنہ- گهڙي رکي، 'سند يونيورسٽيءَ ۾ نيشنلسٽن بہ جاوا ڪيا.' دل ۾ چوي ٿو، ٽري ايندڙ ذهن تي هڪ واقعو، ٽيل يونيورسٽيءَ ۾:
بدي، سنڌيو کو ووٽ نهين ديا تو هم تم کو چو......' وڏيري جو هڪ پٽ، هڪ مهاجر شاگرديائيءَ کي چئي رهيو آهي. پوءِ يڪدم تجويز پيش ڪري ٿو، "اڙي اچو تہ هنڪي روم تي ڪٽي هلي ي........س' بي وس ڇوڪريءَ جون ليلائيندڙ نظرون. 'پائي. او ميري پائي.'
نعرءِ سنڌ جيئي سنڌ- نعرءِ سنڌ. جيئي سنڌ......
'نيشلزم يا وڏيرا ازم!' دل ۾ چوي ٿو، 'هتي اڃا صحيح نيشنلزم جو تصور بہ پيدا نہ ٿيو آهي. رڳو نعري بازي سطحي جذباتيت، موقعي پرستي. ۽ وڏيرن ۽ پيٽي آفيسرن جي ٽرڙو ڇورن جون ڇڙواڳيون ۽ هلڪڙايون.'
يونيورسٽي ڪئمپس وڃڻ جو ارادو لاهي ڇڏي ٿو.
'اڙي ڦٽي وسري ويم.' اوچتو خيال اچيس ٿو. پٽ ۾ تنگيل آئيني جي سامهون بيهي، ڦٽي ڏئي ٿو. هوءَ اڃا تائو ملي رهي آهي. ڪيڏي ڪيڏي مهل ڏانهنس ڏسي ٿي. اهو هو، هينئر آئيني ۾ پڪڙي ٿو. آئيني ۾ ڪيس ڏسي ٿو: نظر جي ٽڪ منهن تي. منهن سنهو، ڳڻن وٽ هڏا پريل. اکين هيٺان ڪار- سِرا نشان. ٽڪ بدل- 'پاجائي!' پاجائس لڳيس ٿي، پاءُ جي زال کان وڌيڪ هڪ عورت. اجنبي عورت! هن ان جاتل اجنبي احساس هيٺ، ڪڏهن ڪڏهن انتهائي ويجها ماڻهو بہ ڪيڏو اجنبي لڳندا آهن! ۽ ائين ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن پنهنجو پاڻ کي بہ، اجنبي لڳندو آهي، تہ ڪندو آهي. سوال: 'هي مان آهيان؟ مان-؟ هيءَ منهنجي، پنهنجو پاڻ کان، پنهنجي وجود جي وچوٽي ڪيڏي نہ عجيب لڳندڙ آهي!!'
ڪمري مان نڪري، ٻاهريون دروازو اڪرندي سوچي ٿو: يونين ڪميٽيءَ جي لئبرري.

لئبرري: لئبررين سامهون وينو آهي. اڳيان ڪتاب پيا اٿس. تن کي اٿلائي پٿلائي ڏسي رهيو آهي. ۽ پوءِ لکڻ لڳي ٿو. شايد لسٽ ٿو ٺاهي. اخبارن واري ڊگهي ميز تي چار ڄڻا وينا آهن. بہ پوڙها. تن کي حُليي ۽ سندن ڳالهائڻ مان اندازي طور سمجهندو آهي تہ، هڪ رٽائرڊ ماستر آهي ۽ ٻيو پوليس جمعدار. باقي بہ نوان آهن. رٽائرڊ ماستر تي نظر پوڻ سان

ڪوفت. ڪارڻ: هو هميشه جڏهن به اخبار پڙهڻ لاءِ جهليندو آهي، پوءِ ان جي جند مشڪل سان ڇڏيندو آهي. سين ڪان پهرين اچي اخبارن تي قبضو ڪندو آهي. سيئي اخبارون هڪ ٻئي جي مٿان رکي، ٻنهي هٿن ۾ سامهون جهلي، گول فريم سان ٿلهن شيشن وارو چشمو نڪ جي اڌ تي آڻي، سليپر لاهي، گوڏا اپا ڪري، ٻئي پير ڪرسي تي رکي، اٿين ٻالم تي پڙهندو آهي، جيئن سندس ذاتي اخبار هجي. ۽ وقت ۽ ٻين جو خيال ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيس سڄو ڏينهن اتي گذارڻو هجيس. وڏ ۾ وڏ مهرباني رٽائرڊ پوليس جمعدار تي ڪندو آهي. جو خبرن وارو پهريون پرچو مڪمل ڪرڻ تائين، وچون پنو ڏيندو اٿس. اخبارن جي ميز وٽ اچڻ تي ڏسي ٿو. صبح جي اخبار عبرت جي خبرن وارو صفحو ماستر جي هٿن ۾ جهليل ۽ وچون پنو. جمعدار پڙهندڙ. باقي به جٽا اوسيڙي ۾ ڪلهوڪي شام جي هڪ انگريزي اخبار مٿان، گڏ جهڪيل. ڪڏهن ڪڏهن. پاڏائيندڙ نظرن سان، ٻنهي پوڙهن ڏانهن واجهه واجهائيندا رهن ٿا. ته ڪنهن ڪنهن مهل، ڪنڌ هيٺ ڪري، پوڙهن جي هٿن ۾، جهليل اخبارن مان سُرخيون پڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ۽ پوڙها بي پرواهه ٿيو، اخبارون چٽي رهيا آهن.

وهي ٿو. پراڻا رسالا اٿلائي پٿلائي ڏسي ٿو.' ۽ دل ۾ پوڙهي کان عبرت وٺڻ لاءِ سوچي ٿو. 'سائين به منٽ اخبار ته ڏجو.' پر چوي نٿو. دل ۾ جڪ. رسالا اٿائي پٿلائي ڏسڻ ڪانپوءِ، حسرت ڀري واجهه وجهي وينو آهي پوڙهي ۾. نوجوان، پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ ڪانپوءِ اٿي وڃن ٿا. شام جي انگريزي اخبار کٽي ٿو. پهرين صفحي تي به پوز اڌ- اگهاڙين مادرن چوڪرين جا ڏسي ٿو. وڏن اکرن ۾ خبر: Rape. پنهنجن ڇهن سالن جي هڪ چوڪريءَ سان زنا باالجبر. اسپتال ۾ ڊاڪٽر رت بند ڪرڻ ۾ ناڪام. چوڪريءَ تڙپي تڙپي دم ڏنو. ذهن کي ڏڏڪو...تڙپندڙ، ڪريچان معصوم چوڪري. رت وهندڙ....'حيوانيت' . ڀيانڪ شڪل وارو، مصروف وحشياڻي جبريه عمل ۾ تڙپندڙ اگهاڙي چوڪري. وحشي ڀيانڪ شڪل وارو اگهاڙو مرد.

'سيڪسيوئل فرسٽريشن آهي.'

'؟!.......... هن مان لست ماٺي هونداٺين!؟'

اچيس ٿو پنهنجو تجربو ياد: پهريون دفعو، شدت سان ضرورت محسوس ڪندي وبو هو چڪلي ۾. ويندي وقت: پاڻ جارحانه انداز ۾ مٿان. وٺشا ڪنجهندڙ ڪرڪندڙ، ايذاءَ ۾ تڙپندڙ. انهيءَ اذيت ڏيڻ سان ايندڙ مخصوص قسم جو مزو تصور ڪيو هئائين.

ڪل ٿي اچيس. ۽ اندر ڪوٺيءَ ۾ وڃڻ ڪانپوءِ، فنڪ ٿيل. اگ

بيهاريل تصور ڪن ۾ غائب ٿي ويل. نڪرڻ ڪانپوءِ پڇتاءُ. ڪجھہ رهيل هجڻ جو احساس. ۽ پيڙا ۽ وڌيڪ پيرا.

ٻئي دفعي: ان ڏينهن ڏاڍو اداس هو. ڏاڍو. صبح جو صحيح سنبري. هڪ ترقي پسند ڪنٽرنيشنلسٽ آفيسر جي ڪلارڪي ڏيڻ جي وعدي تي. سندس آفيس ۾ ويو هو. پڪ. تہ نوڪري ملندي. ڏيڍ ڪلاڪ ٻاهر انتظار ۾ ويٺو رهيو. نيٺ هن گهرايس. مرڪ. منافقانہ مرڪ منهن تي آڻي چيائين: 'ادا. ڪلھہ پير صاحب جو ماڻهو آيو. ان کي رکي ڇڏيم.' -- 'تون انتهائي ذليل ۽ ڪريل انسان آهين.' چئي ڏنو هٿائينس. ۽ اهو ڏينهن سڄو ڏينهن ڪوفت ۽ عجيب نرامسائيءَ گاڏڙ بيزاريءَ ۾ شهر جي رستن تي ڀٽڪندو ۽ رلندو رهيو. سنجها ويل اوچتو ئي اوچتو هڪ اڻ ڄاتل ضرورت هيٺ پرپور خواهش: ڪنهن عورت سان گڏ سمهڻ جي. عورت. جا ماءُ بہ هجي تہ ساهيڙي بہ. سائس گڏ ستو پيو هجي. سندس ڇاتيءَ ۾ منهن وجهي. ۽ هوءَ پنهنجا نرم هٿ ۽ آڱريون سندس وارن ۾، تہ ڪڏهن بدن تي ڦيرائيندي رهي. ۽ پاڻ چپ چاپ سيني تي مٿو رکيو، ستو رهي. ان ڇري چاهت هيٺ چڪلي ۾ ويو هو. ڪيسي وارا سمورا پنجويھہ رپيا ئي هن کي ڏنائين. ڪمري جو در ڏيڻ ڪانپوءِ، هوءَ مڪينيڪل انداز ۾ سلوار هيٺ پنين تائين آڻي، گوڏا پنتي ورائي سُتي رهي. بيٺي بيٺي سندس اوگهڙ ۾ ڏنائين: ڪارنهن. پوءِ ٻُچان.

'ڇيتي ڪر ووٺي- ڪي ويڪندا اي'

دل ۾ آيس، ان ڪاري جاءِ تي ڪانگھارو هٽي. پر ائين ڪري نہ سگهيو.

بلٽ ڪولي تڪڙو تڪڙو ٻاهر هليو ويو.

'انسان بہ عجيب آهي. مضحڪہ خيز!' تصور گاڏڙ يادگيرين ڪانپوءِ دل ۾ چوي ٿو.

'اها ڪيئن خير آ، تہ هتان سنڌ مان ٻڌا اٿن؟ 'چون ٿا تہ يونيورسٽيءَ مان ڪي شاگرد ٻڌا آهن؟'

'خبرون آهن تہ....'

رٽائرڊ پوڙهن جو آواز ڪن تي پويس ٿو. ڏانهن نهاري ٿو. هو اخبارن جي پچر ڇڏي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن. انهيءَ دوران هڪ نئون چوڪرات اچي ويٺو آهي. ۽ اخبار جو وچيون پنو پڙهي رهيو آهي. خبرن جو پرچو ڪٽي ٿو: 'مجيب ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کان بچايو آهي- حالتون سڌرڻ تي اقتدار عوامي نمائندن کي ڏنو ويندو- سياسي سرگرمين تي پابندي- ڪاغذ تي ڪنٽرول، اخبارون گهٽ صفحا ڪڍنديون...

'وچ! ڪيڏيون تبديليون! هينئر پاڪستان؟ - مون ڪيترن ڏينهن کان اخبارون نہ پڙهيون آهن؟!- بنگال هينئر رهندو؟....'

'بي بي سيءَ ٻڌايو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک ماڻهو مُئا آهن. ڍاڪا يونيورسٽيءَ تي بمباري ڪئي اٿن............'

جسم ۾ هڪ اينڌڙ حساسي تبديلي.

هو چوڪرات، هينئر ٻن پوڙهن جي سياسي ڪچهريءَ ۾ حصو وٺندي، چئي رهيو آهي: چوڪرات ڏانهن ڏسي ٿو. منهن تي مايوسي ۽ افسوس گاڏڙ تاثر. هيسيل. جوش. ٻئي پوڙها ڏانهنس پوري ڌيان سان اکيون ڦوٽاريون ۽ وات ڦاڙيو، ٻڌي رهيا آهن. رٽائرڊ ماستر اچا وڏيڪ حيرت مان اکيونءِ ڦاڙي چوي ٿو:

'هان-! پوءِ ابا نيٺ ڇا ٿيندو؟ پاڪستان جو ڇا ٿيندو؟'

'سائين ٿيندو وري ڇا. بنگالي وڙهي ڇاڻن، وڙهندا. باقي سنڌ؟ ان تي پنجاب جو قبضو رهيو آهي ۽ رهندو.' چوڪرات انتهائي نا اميديءَ مان وراڻي ٿو.

سانت.

ڏانهنس ڏسي رهيو آهي. دل چويس تي ڳالهيون ٿينديون رهن. سانت ٽوڙيندي جمعدار چوي ٿو، 'بس ابا، ڪُل جو خير. رب ساجهہ ڏيندن......'

چوڪرات وچ ۾ چوي ٿو: 'ڇا توهانکي خبر آهي تہ، پنجابي- پناهگير، فوج ۽ آفيسر ڪهڙي چال ڪري رهيا آهن. سنڌين کي ختم ڪرڻ لاءِ-' ٻئي پوڙها ڏانهنس ڌيان ڏين ٿا. 'هتان جي اصل بنگالين،هندن ۽ مسلمانن تي انسانيت کان ڪريل ظلم ڪري، هڪ طرف ڪين هندستان ڏانهن وڃڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن، ٻئي طرف لکن جي تعداد ۾ بنگالين جي نسل ڪشي ڪري، ڪين گولين، بمن ۽ بارودن مان ڪڍي رهيا آهن. جيئن هنن جو تعداد گهٽجي. ساڳي ريت سنڌ جي ڳوٺن ۾ پنجاب کان آندل پنجابي نوآبادگارن کي سهوليتون ڏئي، هنن کي آباد ڪري رهيا آهن، تہ شهرن ۾ مهاجرن کي. هينئر بنگال کان آندل بهاري پناهگيرن جا. جيڪي جهاز پرجي آيا آهن تن کي بہ سنڌ ۾ رهايو پيو وڃي. ۽ سنڌ جي سرحدي علائقن ۾ ۽ ٻين شهرن ۾ رهندڙ هندن کي لڏائڻ لاءِ اسلام جي نالي ۾، هندستان ايجنٽيءَ ۽ ٻين مڪروهہ بهاني سان تحريڪون هلائي. سنڌين جي تعداد کي ڏينهون ڏينهن گهٽائڻ لاءِ سنڌ دشمن سازشون ڪري رهيا آهن.....'

'مار!' ماستر اکيون ڦاڙي تعجب مان چوي ٿو، 'ابا ٻڌو اٿئون تہ سنڌي پوليس وارن کي بہ بنگال پيا موڪلين ۽ هو نہ ٿا وڃن.....'

’ها ها. مان ٿو ٻڌايانءِ.‘ جمعدار وچ ۾ ابهرو ٿي چوي ٿو. ’مان آفيس ۾ پنهنجي پينشن جي ڪاڳرن لاءِ ويس تہ اتي ٻڌم. سچ آهي. رڳو حيدرآباد مان ئي اڍائي سو پوليس وارن جي لسٽ ٺاهي اٿن. ۽ سڀ سنڌي! سنڌي ۽ پنجابي پوليس وارن ۾ ان ڳالهہ تان جهيڙو ٿي پيو آهي. سنڌي پوليس وارا چون ٿا تہ رڳو اسان کي ڇو ٿو موڪليو وڃي- ۽ ها. ڪيترا تہ خوشيءَ سان پيا وڃن. جو خاص الائونس بہ ڏيندن. ابا پيٽ. ۽ ڪيترن تہ استعفائون ڏنيون.‘

’هون.‘ نوجوان ڪنڌ سان سندس تعريف ڪري ٿو. ۽ شڪي نگاهن سان ڏانهنس ڏسي ٿو. ڏانهنس ڏسڻ ڪانپوءِ سندس منهن جي رنگ ۾ ڪجهہ تبديلي اچي ٿي ۽ هو پوڙهن کان موڪلائي اٿي هليو وڃي ٿو. سمجهي ٿو: هن کيس شايد سي. آءِ. ڊيءَ جو سمجهي شڪي نگاهن سان ڏٺو ۽ هليو ويو. ’ها، هن سمي ۾ ڪنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو.‘ ياد ٿو اچيس. ڪٿي ٻڌل: سرڪار هر هنڌ، هوٽلن ۾، لئبررين ۾، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سي. آ. ڊي ڇاڙتا ڇڏيا آهن. ’ڪيڏي ٽريجڊي! ڪيڏو انسان سان مذاق: چوويهہ سال! يعني هڪ نوجوان نسل جي ذهن، هراس، ٻوسات، بي يقيني، رڳو نعري بازي ۽ مارشلائن جي اثرن هيٺ پرورش پاتي آهي. ذهن بند، زبان بند، جذبا مروٽيل، احساس ڪچليل، ڄنگهون جڪڙيل! ۽ هينئر ...... نيٺ ڇا ٿيندو؟‘ سوچ ۽ اوچتو سوال:

پوڙهن جي ڪچهري ٻڌي ٿو: ماستر ڳالهائي رهيو آهي. شايد هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جي باري ۾. اهو سندس ڳالهائڻ مان پڌرو آهي: ’........تن ڏينهن ۾ مان ڪراچيءَ جي هڪ سنڌي اسڪول ۾ ماستر هجان. جلوس بہ جلوسن جهڙو هجي. اڳيان هجن ڪاليجي هندو نينگربون ملوڪ. ’هندستان ڇڏيو.‘ تحريڪ لاءِ هڙتال پئي ڪرايائون. سائين منهنجا، هر دڪان تي وڃي، دڪاندار کي سهڻي نموني سمجهائي، دڪان پئي بند ڪرايائون. ڪيڏي سچائي هئي! ڪيڏو خلوص هو! ابوهہ!! ۽ ها- دڪان وري ڪليل ڪنهن جا؟ مسلمانن جا! ميان! انگريزن کي هتان ڪڍيو تہ هندن ڪڍيو هي مسلم ليگي؟ انگريزن جا نطفہ. ڪو مسلم ليگي، انگريزن کي هتان ڪڍڻ لاءِ- جيل ۾ ويو؟ ’حرام خور پيٽسان.‘ ماٺ ڪري ٿو. جمعدار بدستور ڏانهنس ڏسي رهيو آهي. وري ڳالهائي ٿو: ’شابس هجي پنهنجن سنڌي ڪاليجي ٻچن کي. ڏٺي سوڀ ڏيندن.....‘

لئبررين، جو ڏانهن ڪنهن مهل کان تڪي رهيو هو، سندن ڀر ۾ اچي ٿو: ’مهربان هيءَ لئبرري آهي، سياسي اکاڙو نہ.‘

ٻئي پوڙها چپ.

’مهرباني ڪري آئينده هتي اهڙي قسم جون سياسي ڳالهيون نہ ڪندا.‘ تلقين ڪندي چوين ٿو.

’نيڪ آهي چاچا. ڪاوڙج نہ.‘ جمعدار ڪيس چوي ٿو. پوءِ ماستر ڏانهن منهن ڪري: ’هلون.‘ بئي خاموشيءَ سان نڪري وڃن ٿا.

لئبررين، هنن ڏانهن ڏسي، هلڪي نموني مرڪي چوي ٿو، بيوقوف ملڪ سان مارشل لا لاڳو ٿيو آهي ۽ هيءُ هتي خطرناڪ ڳالهيون ڪري رهيا آهن.‘

جواب ۾ نٿو مرڪي. نہ ڪجهہ چوي ٿو. جنهن لاءِ لئبررين کي توقع هئي. انجي ابتڙ جواب ۾، نفرت منجهان اٿ– وٺندِ منهن ناهي ڏانهنس ڏسي ٿو. لئبررين وڏيڪ ڪجهہ ڪڇڻ ڪانسواءِ، پنهنجي ڪرسيءَ تي وڃي وهي ٿو. پاڻ، سامهون ٽنگيل گهڙيال ۾ ٽائيم ڏسي ٿو: ٻارنهن ۾ ڪي منٽ اٿي ٿو. اهو سوچيندي بہ باقي وقت ڪيئن ڪاٽي. ٻاهرَ اچي، لئبرريءَ جي گيٽ وٽ بيهي رهي ٿو. بيٺو آهي. بنگال، جلندڙ بنگال. ان جي تعلق سان سنڌ، ڪُڙهون هٽندڙ سنڌ، حـــاوي اٿسُ ذهن تي. هڪ خواهش: هلندڙ سياسي مسئلن تي ڳالهائڻ جي، ڪنهن سان بحث ڪرڻ جي. بنگال تي، سنڌ تي، پنجاب تي، پناهگيرن تي، مستقبل تي، نتيجن تي. ۽ اٿ– چٽو خيال، ڪجهہ ڪرڻ لاءِ: ايڊوينچر ٽائيپ. .رجب وٽ وڃان، سنڌس آفيس ۾. چانهہ بہ ڪدانس ۽ گپ شپ بہ ڪيانس– نہ، احمد ڪي وٺي، ٻئي گڏ آوارهہ گردي ڪيون. ۽ بحث بہ. هو بہ مون وانگر هن ڌرتيءَ تي غير ضروري بار آهي.‘ سوچي ٿو، نہ ڄاڻ ڇو ڌرتيءَ کي اسان جو بار اڄا محسوس نہ ٿيو آهي!‘ پرسان ويندڙ هڪ اڌڙوٽ برقعي واري عورت کي ڏسي ٿو. پوءِ تيز ويندڙ ٽرڪ کي. پوءِ، سواءِ ڪنهن ويچار جي سامهون اسپتال جي ڀڳهي، ويڪرِي پٽ تي لکيل جملن کي پڙهي ٿو: ’سنڌي اڳواڻن کي آزاد ڪريو. سنڌ جي سپوتن کي رها ڪريو. قومي زبان سنڌي زبان.‘ ۽ انجي پرسان: مهاجر شاگرد رهنمائون کو آزاد کرو. اردو زبان قومي زبان. چلي گا چلي گا اسلامي نظام. سوشلسشو! داهر پرستو! پاڪستان ڇهوڙ جائو. سرخ سفيد سامراج مرده باد.‘ ۽ ڊنل لفظ، پر پڙهڻ ۾ ايندڙ: ’ون يونٽ ٽوڙيو ورنہ.......؟‘ بار بار پڙهندي هوندي بہ، سڀ نعرا وري بہ نظرن سان پڙهي ٿو. ’ون يونٽ ٽوڙيو ورنہ.... ورنہ ڇا. پنهنجو پاڻ ڪان سوال ڪري ٿو. سوال جواب ڳولڻ لاءِ نہ ڪيو اٿائين. محض دل ۾ اچي ويس ۽ بس! انهيءَ فقري تي ياد ٿي اچيس. جڏهن اهي تازا تازا مطالبا لکيا ويا هئا. دوستن سان، فردوس سئنيما ۾ فلم ڏسي. ٻوئين گهڻيءَ ڪان. رسالا روڊ ڏانهن اچي رهيو هو، ڏاڍي زنده دل موڊ ۾ هئا. ڪورٽ جي پٽ تي لکيل، ’ون يونٽ

نوڙيو ورنہ......' پڙهي هرهڪ پنهنجو تبصرو ڪيو هو 'ورنہ سمهي پونداسين.' - 'ورنہ هنڪي ڏينداسين' - 'ورنہ قائم رهندو' - 'ورنہ سنڌ ڇڏي ڀڄي وينداسين.' انهيءَ تي سخت خار آئي هيس. چڙي ڇيو هئائين: 'اسين سنڌي پنهنجي قومي مسئلن تي ڪيڏو لاپرواهہ ۽ نااميد آهيون. اسانکي ههڙن معاملن تي مذاق اڏائڻ نہ گهرجي.......'

'ٻڌو ابا-' رفيق چپ ڪرائيندي چيو هو، 'اسان کي چوڻ گهرجي......، مٽ هٽي ڪابي پاسي ليٽي پونداسين.' سيني جا گڏيل ٺهڪ. سنڌس بور ٿيڻ............

ٻہ گدلا ٻار. جن مان هڪ ميري دگهي گنجي ۽ ڪڇو پيل، ٻئي کي رڳي سلوار. سا بہ ٻاچن وٽان سچي اڌڙيل. پرپرو ٻاڻ ٻيڙيءَ جي ماندڻيءَ هيٺان، پاڪيٽ ۽ پنيون گولي رهيا آهن. تن تي نظر پوئس ٿي: هڪڙي نينگر جي نظر هيٺ، زمين تي پيل زردالوءِ جي هڪ ککڙيءَ تي پوي ٿي. هو ڏڪ پائي ان کي کڻڻ چاهي ٿو. ٻيو بہ اوڏانهن لوهہ ڪري ٿو ۽ ٻهرين کان اڳ ککڙي کڻڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. هو حسرت ڀريل، سڪايل، ۽ ڪجهہ ڏمريل نگاهن سان کيس ڏسي ٿو. ۽ ٻيو فاتحانہ ۽ بيحد خوشي جو اظهار ڪري ٿو. ٻن نظرن جو ٽڪرائجڻ-

'سائين ٻهرين ڏٺي تہ مون هٺي نہ.........' ٻهريون چوي ٿو.

'پر ڪنئين تہ مون نہ-'

'يلا اڌ ڏي' سڪٽائپ.

'نہ نہ.' سڪائڻ. غرور.

'ڏي يار، مان جو توکي ڏيندو آهيان.'

'هل هل. ڪٿي ڏيندو آهين.'

'ڏيندو ناهيانءِ؟- ٻاڻ پيري ڪيئن؟'

'يلا تون ليندين تہ مونکي اڌ ڏيندين؟'

'ها-'

ٻوءِ هو. ميڙي؛ مٽيءَ ۾ ڀريل ککڙي وات ۾ وجهي ڏندن سان ڀڃي ٿو. ۽ اڌ پنهنجي يار کي ڏئي ٿو. سندن سياڻي جاڻڻ ڪانسواءِ، سندن انهيءَ پاڻيءَ ۽ گڏيل سهڪار جي جذبي تي مرڪي ٿو. مٽن قرب ۽ پيار اچيس ٿو. قرب ۽ پيار: اداسيءَ، غم ۽ افسوس جي گڏيل احساسن ۾ ويڙهيل. 'هنن جو مستقبل؟' - جي سوال سان.

اوچتو سگريٽ جي ٻاڙ لڳيس ٿي. پرواريءَ ماندڻيءَ تان سگريٽ وٺڻ لاءِ وڌي ٿو. ماندڻيءَ تي ٻارهين وارين خبرن ٻڌڻ لاءِ، ماڻهن جو ميڙاڪو لڳو پيو آهي. سڀ مهاجر آهن. خبرن جو آخري تت هلي رهيو آهي:

'.:.....غدارن کي نہ بخشيو ويندو- مارشل لا جي ريگيوليشن تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو. نيشنل عوامي پارٽي تي پابندي. مشر پاڪستان ۾ حالنون جلد معمول تي اچي ويندیون.'

'وودائن ايک.' ڏهہ پيسي شيشي جي دخل تي رکندي چوي ٿو. ۽ سامهون آئيني تي چُني سان لکيل پڙهي ٿو: "پان ڪي قلت ڪي وجہ سي في پان ٥٠ پيسي. پالک کا پان، ايک آنہ."

"چالو ماچيس."

"يائي اب ڪهان سي چالو ماچيس ملي گا. وه سامني رسي-" سگريٽ دڪائيندي ٻڌي ٿو:

"شڪرالحمدالله. خدا ڪي فضل سي. پاڪستان بچ هي گيا."

"اسي سائي، مزيب ڪو گولي سي ہي جيادہ سجا ديني چاهيئي."

- "نعپ والي ہي غدار هين."

"اب پاڪستان ڪو بچانا هي تو ان غدارون ڪو گولي سي اڑايا جائي."

"اب يہ جيئي سنده والي ہي سڌر جائين گي."

-"نهين يئي، انڪو ہي ملڪ سي نڪالنا چاهيي يا بلڪل گوليون سي اڑانا چاهيئي. يہ سالي پارت ڪي پڪي ايجنٽ هين."

- "مين تو پهلي ڪهوي ديا. اي پاڻ ڪا لہ........ مُزيب هندستاني ايزنٽ هووي. اي پاڪستان نون ختم ڪروي." هڪ اچي ڏاڙهي وارو پوڙهو چوي ٿو. ڳالهائيندا رهن ٿا.

سگريٽ جو ڪش هڻندي، سيني تي مٿاڇري نظر وجهي ٿو. هڪ اهڙي نگاهہ، جا ڳوليندي هجي پنهنجائپ جي احساس کي. ڪنهن اهڙي ڏٺل وائٺل جاتل سڃاتل شي کي، جا هڪ ئي ڌرتيءَ جي رهواسين ۾، ذهني ۽ روحاني رشتن هيٺ هڪجهڙائي پيدا ڪندي آهي. ڌاريپ واري وڇوٽي: گهري ڪان گهري. وسيع ڪان وسيع. "هن ڌرتيءَ جو ۽ هن جو سبنڌ؟ ۽ مان هن ڌرتيءَ جو جاٻو نياٻو؟ هيءَ هنڌ. جتي مان بيٺو آهيان، اهو منهنجي لاءِ ڌاريو آهي؟ يا هيءَ؟ نيٺ سچ ڇاهي: پاڪستان: اسلام يا سنڌ؟" پوءِ وقت کان اڳ ويندڙ نگاهہ، انديشن جي ڏنڌ ۾ ڏنڌيل: وچ!! ڪيڏي پيانڪ. ڪيڏي اذيت ناڪ.

احمد وٽ وڃڻ لاءِ، تلڪ چاڙهيءَ ڏانهن وڌي ٿو.

سنڌ مسلم ڪاليج جي پوئين پٽ کان يونيورسٽيءَ جي بس بيٺي آهي- غير- ارادي طور بس ۾ اندر نگاهہ ڊوڙائي ٿو. ڇوڪرا گهٽ آهن.

اسٽاف جا ماڻهو وڌيڪ. بس هلي وڃي ٿي.
ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ ڪيٽريون بسون بيٺيون آهن. وڏي ٿو......
تلڪ چاڙهيءَ تي هينئر اهو رنگ ناهي. جو شام جو سج لهڻ مهل هوندو آهي. ماڻهو هلن پيا. زندگي متحرڪ آهي. پوءِ به بُسائي. ۽ بي رنگيءَ جو احساس.
هلندو پيو ٿو وڃي.......
'...........اڙي- او چُهِ چُهِ.' پنيان ايندڙ آواز.
منهن ورائي ڏسي ٿو: چار ڇٽا بيٺل. احمد، نواز، قادر ۽ شاهه.
'اڙي ڏي خبر. آهين ڪٿي؟'
'بس. اتيئي.'
'الاءِ اسان سمجهيو ته......'
'اندر هوندس.' پاڻ ئي جملو پورو ڪري ٿو.
'ها.هلون جيبس ۾ مٽي، چانهه به پيئون ۽ ڪچهري به ڪيون.'
'اوهانجي مرضي. هلو-'
'اڙي ياڙي منهن به ڪونه ڏيکارين.' هوٽل جي ڏاڪڻ چڙهندي.
'منهن ڏسي چا ڪندين؟' مرڪ.
'نوڪري مليئي؟'
'نه-'
'ها يار، سنڌين لاءِ نوڪريون ڪٿي آهن.' رسمي طور، جيئن هر سنڌي چوندو آهي. گهڙي رکي چويس ٿو، يونيورسٽيءَ ۾ ڪوشش ڪرين هان، اتي سڀ پنهنجا هئا. تون به صفا بُڌو بابا آهين.'
موجوده وقت جي انهيءَ رسمي گفتگو تي رڳو مرڪي ٿو. هوٽل ۾ اندر ڪمري ۾ وهن ٿا:
'اوهان ڏيو خبر، يونيورسٽيءَ جا ڪهڙا حال آهن؟' سوال ڦٽو ڪري ٿو.
'يونيورسٽي؟ جيئي سنڌ تحريڪ جو گڙهه!' نواز ٺهڪ ڏئي ٿو. ۽ پوءِ چوڏاري ڏسي ٿو: ڪنڊ ۾ هڪ اڌڙوٽ، خاڪي سوٽ ۽ اڇي برشٽ سان وينو آهي. اکين تي نظر جو چشمو. ڏانهنس ڏسي، سيني ڪان اشاري سان هن جي موجودگيءَ جو احساس ڏياربندي، شڪي ڪل ڪلندي، آهستي چوي ٿو: هو ڪير آهي؟
'ڇڏ يار. تون نه سدائين- سي. آءِ. ڊي، بي. آءِ. ڊيءَ جو ناهي. تون ڪا ڳڻتي نه ڪر.' شاهه چويس ٿو.
'توکي ڪهڙي خبر، چا تون سي. آءِ. ڊيءَ جو انفارمر ٿيو آهين،

جو سيني سي. آءِ. ڊيءَ وارن کي سڃاڻين.‘ نواز چويس ٿو.ان تي باهه اچيس ٿي. ’ذليل ڪميٽو.‘ پر انجو اظهار نٿو ڪري. ياد اچيس ٿو: ۴ مارچ واري تحريڪ ۾. جيل ۾ رئندو هو. ماءُ ياد ايندي هيس. انتهائي هلڪڙائي ترڙائپ جا ڏيکاءُ ڪندو هو؟ ڪجي ٿو.

’چانهه.‘ مٿان بيري کي بينل ڏسي، احمد چوي ٿو. خاموشي.

’بيا ڪهڙا حال اٿئي؟ تنهنجي فرسٽريشن جو ڪهڙو حال آهي؟‘ شاهه پڇيس ٿو.

’ٺيڪ.‘ مرڪ سان جواب. ’تون ڏي خبر، ڪهڙا بَدا آهن، ڪهڙن جو انديشو آهي؟ يونيورسٽيءَ ۾ ڇا پيو ٿئي؟‘

شاهه ۽ پاڻ ڳالهائي رهيا آهن:

’هن وقت تائين. گرفتاريءَ جو رڳو جي. ايم. سيد جو بڌو اٿئون. باقي افواهه آهن ته، سنڌ ۾ ادائي سون جي لسٽ ٺاهي اٿن. جن ۾ سنڌي دانشورن ۽ ليکڪن، شاگردن ۽ سياسي ورڪرن جا نالا آهن. تن کي پڪ گرفتار ڪندا.‘

’هون-‘

’ماما، تنهنجو نالو ته پڪ هوندو. تو جيل ۾ ڪڏهن به معافي لکي نه ڏني آهي نه؟‘

’نه.‘

’پوءِ ته تون رڪارڊ......‘ خوش طبعي سان ’يلا نيٺ ڇا ٿيندو؟‘ پڇيس ٿو.

’اها ته پڪ آهي، بنگال نه رهندو. بنگالي هينئر فيصلو ڪندا. پوءِ پلي هنن کي ڪيترين ۽ ڪهڙين ئي قربانين چو نه ڏيڻيون پون.‘

’يونيورسٽيءَ ۾ ري ايڪشن (Re- action)؟‘ ورجائي ٿو.

’پهرين ڪجهه جوش هو. پر جڏهن کان ڪئمپس جي مين روڊن تي فوجي گاڏيون رائونڊ ڏيڻ لڳيون آهن، هراس مينٽ ڦهلجي ويو آهي. خاص ڪري هن ڪري، جو، ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ جا بمبارٽمينٽ ڪئي وئي آهي، ته هتي به ڊپ آهي ته. ائين نه ڪيو وڃي. ڪيترا شاگرد هاسٽلون خالي ڪيو ڳوٺن ڏانهن هليا ويا آهن. ۽ جمعيت طلبا وارا ڳجهي نموني فوجين سان گڏجاڻيون ڪندا رهن ٿا ۽ کين سڄي انفارميشن ڏيندا رهن ٿا. ۽ ها- ڪلهه رات ڪجهه پمفليٽ. ڪمرن ۾ ڪنهن جي طرفان ڦٽا ڪيا ويا هئا. بنگالين جي حمايت ۾ ۽ فوجين جي خلاف. ڏاڍا سخت هئا...؟...‘

’ڪنهن جي طرفان ڦٽا ڪيل هئا؟‘

’چئي نٿو سگهجي! پر منهنجو اندازو آهي ته، پرو- رشين

ڪميونسٽن طرفان ڦٽا ڪيل آهن.‘
’هائو. اهي انهن ڪامريڊن جا ڏنڌا آهن. ههڙن موقعن تي ٻرن،ٻ لِڪي ويندا آهن. پڇين: تہ چوندا: انڊر گرائونڊ آهيون. پوءِ پمفليٽن جي ذمہ لڳائي ڏيندا آهن. ۽ اٿين ٻين کي ٻڌائيندا آهن.‘ نواز وچ ۾ چوي ٿو. ’الاءِ ڪنهن چيو هوتہ. جيڪڏهن انهن ڪامريڊن کي جلاب ڏجي تہ سندن مقعد شريف مان دسَت نڪرڻ بجاءِ. پمفليٽ ئي پمفليٽ نڪرندا.‘ ٺهڪ ٿو ڏئي. سڀ کلن ٿا. ’پيٽان وڏو ٺٺڪ آهين.‘ پاڻ بہ کلي ٿو. جيتوٽيڪ هن جي ٽرڙائپ ۽ هلڪڙائيءَ وارو انداز بنهہ نٿو وڻيس.
’ايمان سان. آزمائش شرط آهي. پلي اوهان ڪنهن ڪامريڊ کي جلاب ڏئي ڏسو.‘ نواز وڏيڪ کلائڻ لاءِ چوي ٿو.
کل. کل ڪانپوءِ ڪا مهل خاموشي. ان خاموشيءَ ۾، ٽيپ رڪارڊر تي هلندڙ ڪو سنڌي/گانو.
’شاهہ. ها پوءِ انهن پمفليٽن جو ري ايڪشن ڪهڙو ٿيو؟“ خودئي سانت کي ٽوڙي چوي ٿو.
’ري ايڪشن؟ ري ايڪشن ادا هي نڪتو تہ. شاگرد انهن پمفليٽن ڪيندڙن کي گاربون پيا ڏين. چي: اهي مارائيندا. هاسٽلون گهٽو ڪري خالي ٿي ويون آهن. جڻ تہ راڪاس گهمي ويو آهي. ۽ ان سانت ۾، رڳو فوجي گاڏين جا ٽڙڪات ٻڌندين. اهو آهي ري ايڪشن.‘
’ڪيڏو الميو: تعليمي ادارن ۾ فوجي ٽرڪون ۽ ٽينڪون!‘ چوي ٿو.
’ڪا وڏي ڳالهہ ناهي.‘ شاهہ مرڪندي چوي ٿو ’پاڪ آستان ۾. يعني پاڪستان ۾! جتي ٽيهن سالن کان عوام جي روحن تي فوجي گاڏيون هليون پيون وڃن، جتي ٻارنهن ڪروڙ عوام ٽيهن سالن کان، مارشل لا ڪورٽن ۾ انڊر ٽرائيل رکيو ويو آهي. جتي، دانشور ٽيڻ معنيٰ گوليءَ جي سزا- اتي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ فوجي گاڏيون گهمڻ ڪا وڏي ڳالهہ تہ ڪانهي، نہ؟‘
’ها.‘
’انهيءَ کي چئبو اٿئي اسلامي طريقو. منهنجا پيارا.‘ احمد چوي ٿو.
۽ ها. جيسيتائين ههڙو پاڪستان آهي: پنجاب جا سامراجيانہ مفاد آهن. پناهگيرن جو اردو ازم آهي، هي فوج آهي، تہ هي سڀ ڪجهہ رهندو.‘ شاهہ.
’اٿين ئي رهندو؟؟ جيئڻ آهي؟‘ پاڻ سوال ڪري ٿو.

’بنگال منهن ڏيندو. هو منهن ڏئي چاڻن، هنن جي تحريڪ اسان وانگر رڳو نفرت، لفظن ۽ نهرائن تي بيٺل ناهي. بلوچ ۽ پٺاڻ به منهن ڏئي ويندا ۽ باقي اسين سنڌي؟ ڏاڍي عجيب صورتحال آهي: ڪنهن حد تائين مايوس ڪندڙ به- ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي!-‘ شاهه مرڪي ٿو. مايوسيءَ واري مرڪ.

’هڪ ڳالهه ته اٽل آهي‘ احمد چوي ٿو، ’تاريخي سچائي ۽ فطري اصول پٽاندر: سنڌ رهڻي آهي. سنڌي مظلوم آهن. جيت اڳي پوءِ مظلومن جي ٿيندي آهي، چاڪاڻ ته هو حق تي هوندا آهن.......‘‘

’تاريخ ڏاڍهن اها پهچ (Mythlael) آهي. تاريخ ڇاهي؟ طاقت، طاقت، طاقت. پيو ڪجهه به نه. ريڊ انڊين اصل آمريڪن باشندا هئا. پوءِ؟ آمريڪا ڪنهن جو رهيو آهي؟ ريڊ انڊين جو، يا ٻاهران اچي وسندڙ نوآبادگارن جو؟ آسٽريليا جا اصل باشندا ڪٿي آهن؟ خود پنهنجي هندستان کي ڏس: دراوڙين ۽ آرين ۾! تاريخ جو ڏارو، دراصل ڪن اخلاقي اصولن تي ڪونه ٿو رڙهي. بس، Space ۽ Time اندر ڪا اپريل قوت (Force)، آهي، جيڪا فيصلي ڪن رول ادا ڪري ٿي. پوءِ اهو Force، پلي نٽشي جو انفرادي فورس هجي. مارڪس جو ڪلاس فورس هجي، هٽلر جو نسلي فورس هجي. بهرحال طاقت. ۽ فطري اصول به اهوئي آهي ته، جو سگهو آهي، سو رهندو ۽ ڪمزور مرندو. پوءِ آهستي آهستي يا هڪ ئي دفعي. ۽ زنده رهندو ته، محڪوم ٿي.‘

’نه، منهنجو اهو مطلب ناهي ته، سنڌي قوم مظلوم آهي، انڪري مات ڪري ويهي رهي. يا صحيح معنيٰ ۾ عملي جدوجهد ڪرڻ بجاءِ ٻاڪاريندي رهي. پر منهنجو مطلب آهي ته هيترو جو ظلم ٿئي پيو. قرلٽ ٿئي پئي. اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ تشدد ڪيو پيو وڃي، ڇا هنجو ڪو نتيجو نه نڪرندو؟ بنگالي به ته انهيءَ ساڳي ظلم ۽ ڏاڍ جي چڪيءَ ۾ پيسجي باغي ٿيا، ۽ جدوجهد هلائڻ جا ڳُر سکيا. شعور وڌين. ۽ سنڌ ۾ به ساڳي طرح ٿيندو. فطري آهي.‘ احمد چوي ٿو.

’پر پيارا، سنڌ جون موجوده حالتون دنيا کان ئي نياريون آهن. هتي تاريخ جو نئون تجربو ٿي رهيو آهي. نرالو، انوکو: آباديءَ جو -Composi tion ڏس. ڏينهون ڏينهن ڌارين جو وڌندڙ تعداد ڏسو. ثقافتي طور ڏس: پناهگير شهرن تي قابض. انهن جي سياسي شعور، تنظيمي شعور ۽ تحريڪي شعور ۽ پنهنجي شعور جي وٿي ڏس. ڪلاس ڪمپوزيشن ڏس: قومي مسئلي تي سنڌ جو وڏيرو، پير، سنڌ جو دشمن ۽ نوآبادگارن اڳيان گانڊو ۽ هنن جي مفادن جو محافظ. جڏهن ته هنن جو سرمايه دار، ۽ مزدور

هن معاملي ۾ پاڻ ۾ ٻت. هي جو انهن غير سنڌين کي، سنڌي پوز ڪرڻ لاءِ ’نئين‘ جو پچ ڳنڍيو ويو آهي. سراسر بڪواس آهي. دوکو. اهي سنڌي ٿي نٿا سگهن. هنن جو تهذيبي برتريءَ واري ۽ سنڌ کي فتح ڪرڻ جي احساس مان صاف پڌرو آهي ته. اهي سنڌ ۽ سنڌين سان سچا ٿي ئي نٿا سگهن. ڇاڪاڻ ته بنيادي طور مفادن جو ٽڪر آهي. ٻوليءَ ۽ ٻين اقتصادي مفادن ڪري، پنجاب جي چوڌرين، فوجين ۽ پنجاب جي سامراجيانه مفادن سان سمجهوتو ڪرڻ سان، هو پنهنجي موجوده حيثيت ۽ زندگي برقرار رکي سگهن ٿا. جڏهن ته سنڌين جي مفادن جو تحفظ، مظلوم قوميت جي تصور ڏاهڙي قسم جي جدوجهد تي ئي منحصر آهي. ڇا ڪڏهن مهاجرن سنڌين جي قومي حقن کي سمجهڻ جي رتيءَ برابر ڪوشش ڪئي آهي؟ ويندي ڪميونسٽ نائين. هو پهرين. پناهگير. پنجابي آهن. پوءِ ڪميونسٽ! ۽ پنهنجي سنڌي مڊل ڪلاس. مڊل ڪلاس، جيڪو قومي تحريڪ جو وڏو محرڪ هوندو آهي: نالي جو بکيو: ليڊريءَ جو بکيو. رڳو پنهنجي ذات سان سچو: پوءِ ڊائي ڪريل ذهنيت جو. ڊڄڻو. لالچي. رڳو لفاظي ڪندڙ. موقع پرست ۽ Vulgar Nationlist. ۽ اسان جا سياسي ورڪر. رڳو شهرن ۾ چانهيون پي، هڪ ٻه تقرير ڪري، رڳو لٻاڙون هڻندڙ. يار. مان ته نراس ٿي پيو آهيان.‘ شاهه وراڻي ٿو. ۽ ٽيبل تي ڌڪ هڻي، بيري کي سڏي، پاڻيءَ لاءِ چوي ٿو.

’نراسائيءَ جي ڳالهه ته ناهي. قومي تحريڪن ۾ اهي لاها چاڙها ته ايندا ئي آهن.‘ احمد چوي ٿو. ’مان وڌيڪ ته ڏيگهه نٿو ڪيان، پر هڪ ڳالهه چوانءِ، سنڌ کي ۽ سنڌين کي ڪو ختم ڪري نٿو سگهي. خاميون ۽ ڪمزوريون پنهنجي جاءِ تي آهن. پر بنيادي ڳالهه آهي ته، مجموعي طور سنڌين ۾ قومي جاڳرتا ۽ پنهنجي قومي وجود جو احساس تيڻ لڳو آهي. مٺاچرو سهي، جذباتي سهي، ناپختو سهي. پر پيدا ٿيو آهي، وڌي رهيو آهي ۽ باقاعدي Resistance Form وٺي رهيو آهي. جنهن کي هاڻي ڪابه مڪاري ۽ طاقت پوءِ چاهي اهو اسلام يا پاڪستان جي نالي ۾ ڪئي وڃي، دٻائي يا موڙي يا ڪچلي نٿي سگهي. هيءَ به حقيقت آهي ته، سنڌ جا نيشنلسٽ، هارين وٽ وڃڻ بجاءِ، وڏيرن جي پنيان پٽڪندا رهيا آهن ۽ هارين جي مسئلن کي بنهه نه ڪنيو اٿن. ۽ پرو رشين پناهگير ڪامريڊن جا پنو ٿيو پيا هلن. جن جون ناڪيليون ڪراچيءَ جي ڪالونين ۾ بدل آهن. پروچٽنا وارا ايجنٽيءَ جو ڪم پيا ڪن. پيپلز پارٽيءَ وارا سنئون سڌو پنجابين جي مفادن سان غداري نه ڪرڻ جا اعلان پيا ڪن. ان هوندي به، سنڌ جا ماڻهو انهن جي پنيان آهن. اسلامي برانڊ جماعتون پڌريون سنڌ

دشمن آهن. ۽ مدل ڪلاس ۽ دانشورن جا حال تو ٻڌايا؛ برابر سڀ حقيقتون آهن. پر سدائين تہ اهي نہ رهنديون؟ نيٺ هيءَ حاڪميءَ ۽ غلاميءَ جي چڪتاڻ سنڌ جي ماڻهن کي صحيح سوچ جو احساس ڏياريندي. شعور ڏيندي. پختگي ڏيندي. تجربو ڏيندي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏيندي، جيڪو قومي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي......'

'پر خدا جي واسطي سياست بند ڪيو.' نواز هٿ ٻڌي چوي ٿو. 'هوڏانهن لسٽون پيون نهن ۽ هتي اوهان هوٽل ۾ ههڙيون خطرناڪ ڳالهيون پيا ٿا ڪيو- ميان ڪجهہ ڪونہ ورندو. ڦيون بہ رڳو هيّ ڳالهيون اٿو نہ؟ ماڻ ڪري نوڪريءَ بوڪريءَ جي ڪا ڳالهہ ڪيو. اجايو پيا ٿا-'

'نهيو. هاڻي سياسي ڳالهيون نٿا ڪيون. بسُ. ٻي ڪا ڳالهہ ڪيو.' احمد مرڪي چوي ٿو.

'ٻي ڳالهہ اها تہ. سگريٽ گهراءِ. ڳالهايو اوهان پئي، مٿي ۾ سور مونکي پيو آهي.' نواز چوي ٿو.

احمد ولس جو پاڪيٽ گهرائي ٿو. سگريٽ چڪين ٿا. ٽيبل جي آس پاس دونهون. ان دوران پاڻ خاموش ويٺل. ڪا گهڙيون خاموشي. پوءِ.

'نواز تنهنجا لو افيئرس ڪٿي پهتا آهن؟ مون ٻڌو آهي تہ هڪ 'پيڻ' ناهي اٿئي؟' شاهہ کوٽڻ لاءِ چويس ٿو.

'ڪهڙا يار افيئرس اسان جهڙن غريبن جا. مڙئي دل پشوري. يونيورسٽيءَ جون ڇوڪريون، انهن مردن کي ٿيون چاهين، جنهن وٽ دولت هجي، ڪار بنگلو وغيره. سماجي حيثيت هجيس. ۽ وڌيڪ آئڊيل ڇوڪرين لاءِ شهريت هجي. مون وٽ اهي ٽئي شيون ناهن. انهيءَ ڪري-' نواز سگريٽ جو ڪش هڻي ٿو.

'يلا اها ڪيتري قدر حقيقت آهي تہ، تون اڄڪلهہ فري سيڪس جو ڏاڍو پرچارڪ ٿي پيو آهين؟' شاهہ وڌيڪ چيڙڻ لاءِ چويس ٿو.

'اسان جي نصيب ۾ رڳو آهي ئي پرچار، يعني زباني لست. جنهن کيّ ذهني عياشي بہ چوندا آهن.' نواز چپٽي وچائي آڱرين جي وچ ۾ جهليل سگريٽ جو ڦلو ڪيرائي ٿو، 'هتي فري سيڪس لاءِ ڪجهہ بنيادي لوازمات آهن؛ هڪ بہ عدد پيڻ هجي جنهن کي- بارٽر سسٽم هيٺ ايڪسچينج ڪري سگهجي. يا تہ دولت هجي يا ٽيلنٽ ۽ گٽس هجن يا ڪا حيثيت هجي مثلاً ليڊري وغيره. انڪري منهنجو فري سيڪس پنهنجو پاڻ سان آهي.' چاتيءَ تي هٿ هڻي چوي ٿو.

سڀ کلن ٿا. ڪا مهل خاموشي.

'هلون هاڻي.' پاڻ خاموشي ٽوڙيندي چوي ٿو.

بل ڏئي اٿن ٿا.

صبح جا ساڍا اٺ ڪن:

جنرل پوسٽ آفيس ۽ ريڊيو پاڪستان جي وچ واري روڊ تي اڇي رنگ جي ڪار بيٺل. پرسان هڪ فوجي آفيسر وردي ۾ ۽ هڪ اسڪوٽر ۽ هڪ نوجوان اڇي پتلون ۽ گلابي تي شرٽ سان ڪجهه جهڪيل. پاسن کان پري پري، فٽ پاٿ، تي پريس ڪلب جي در وٽ بيٺل، ڊنل، هيسيل، تماشو ڏسندڙ. پاڻ، جو يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ڏانهن وڃي رهيو هو، پڻ ساڻ تماشبين جي حيثيت سان بيهي ٿو. ڏسي ٿو.

'بس سر. Excuse Me.' نوجوان ٻانهون ٻڌي ليلائيندي چوي ٿو.

'نونو. مرغا بنو.' فوجي آفيسر ڏنڊي هوا ۾ ڦيرائيندي چوي ٿو.

'سر-'

'ڇا ڳالهه آهي.' پرسان بيٺل هڪ ڪان ڀڄي ٿو. جنهن جي منهن جو رنگ ڦريل آهي.

'اهو اسڪوٽر وارو، فوجي آفيسر جي ڪار ڪان اڳ پيو ڪڍي. انهيءَ ڪري......' وراڻي ٿو.

'تيڏي پينٽ سان مرغو ڪيئن ٿيي، هنجي ته پينٽ ئي ڦاٽي پوندي.' ڪو ٻيو بيٺل چوي ٿو.

نوجوان ليلائي رهيو آهي. 'جلدي ڪرو جلدي ڪرو.' فوجي آفيسر هوا ۾ ڏنڊي ڦيرائي رهيو آهي.

سندس وار ڪانڊارجندڙ. 'سيڪنڊريٽ سٽيزن.' نه. انکان به ڪريل.'

'اڇا چل بي.' فوجي، نوجوان جي چتڙن جي وچ ۾ ڏنڊيءَ جو چيڙو رکي، اُن سان ڌڪو ڏيندي چوي ٿو. ۽ ڪار ۾ ويهي زم سان دروازو بند ڪري، هليو وڃي ٿو.

اسڪوٽر ورو نوجوان، سواءِ ڪيڏانهن نهارڻ جي، اسڪوٽر تي چڙهي يونيورسٽيءَ جي پاسي ڏانهن هليو وڃي ٿو.

ڏسندڙ، سواءِ ڪجهه ڪڇڻ جي پنهنجن بيٺل. هڪ هنڌ جميل وجودن کي چرپر ڏين ٿا. خاموش ۽ مٺل انداز ۾ رڳو چرڻ وقت مٺل چهرن هڪ ٻئي ڏانهن ڏنو: اکين ۾ ڪجهه به نه هو. چهرن ۾ ڪجهه به نه. زندگيءَ جي اهڃاڻ جي ذري نه. نه موت! پاڻ به اڳتي رڙهي ٿو. 'جيڪڏهن مان انهيءَ نوجوان جي جاءِ تي بيٺل. 'مان جواب ڏيانس ها. پوءِ ڇاهي ڪهڙي به

بي عزتي ڪري ها. وڏ ۾ وڏ ڏنڊيون هٽي ها. يا ماڻهن آڏو ماري. فوجي ڪورٽ ۾ موڪلي هان.' پاڻ مار ڪائيندڙ روڊ تي. ماڻهن آڏو..ماڻهن جون نظرون ڪتل منجهس: بي عزتو. ذليل. ڪريل. رڳو رحم ڪائيندڙ نظرون.

وڏي رهيو آهي. پرسان لنگهندڙ به فوجي سپاهي وردين ۾. ڏانهن ڏسي ٿو. يونيورسٽيءَ جي گيٽ تي اچڻ تي جاڻ پيس تي: دروازا بند. فوجي سپاهي بيٺل. 'يونيورسٽي فوج جي حوالي ٿيل.' مين گيٽ جي شيخن مان اندر ڏسي ٿو: راڪاس گهميل. پڙيانگ. فوجي سپاهي پارڪ ۾. ڪي ستا پيا آهن، ته ڪي تاس پيا کيڏن. ڪي رائفلون جهليو هلي رهيا آهن.

ماني ڪائي ليٽيو آهي. پاڇائس ٻارن سميت ننڊ پئي آهي. پاڻس به پنهنجي کٽ تي ستو پيو آهي. بتي وسايل. خاموشي.

'اهو- يونيورسٽيءَ مان گرفتاريون ڪيون اٿن ڇا؟'اوندهه ۾ پاڻس جو آواز.

'جي؟- ها. ليڪچرار ۽ شاگرد.'

پاڻس وري خاموش. لڳي ٿو هن سوال اُهئين ئي پڇيو آهي. گهڙي رکي چوي ٿو: 'تون خيال ڪجانءِ. متان وري انهن ڦڏن ۾ ڦاسين.'

پاڻ چپ.

پاڻس وري چوي ٿو: 'سنڌ ته نيڪ آهي، پر وقت وقت ڪي ڏسبو آهي. هينئر اهو وقت ڪونهي. فوجي هاڻ اُهي ناهن. هونئن به تو انهيءَ جيئي سنڌ مان ڇا ڪٽيو آهي؟ اسين غريب ماڻهو.......'

'نيڪ آهي ادا.' جان ڇڏائڻ لاءِ آهستي چوي ٿو.

'پنجابين جو ظلم ته برابر آهي. پناهگيرن به ملڪ ڪي پيلي ڇڏيو آهي' پاڻس اڃا سمجهائڻ جي موڊ ۾ آهي، 'پر انهن ڪي هتي سنڌ ۾ آندو ڪنهن؟ اُهي به ته سنڌي هن. يا ڪي ٻيا؟ ون يونٽ ٽٽو. ڪيترا سنڌي آفيسر آيا آهن، ڇا ٿيو؟ ميان غريب جو ڪير ڪونهي....' ڳالهائيندو رهي ٿو.

ڪيس پاڻس جو هو ڳالهائڻ بنهه نٿو وڻي. چڙ ڏيارينڊڙ لڳيس ٿو. پر اچپ آهي.

'اڄ ڪنهن پان واري ڪي پيريءَ بازار ۾ ڦٽڪا هنيا اٿن. بي آني وارو ماچيس، ڇئين آني تي ڏنائين. هيڏا وڏا سينيا بنلڪ ميلون ڪن، آفيسر رشوتون ڪائن، اتي ڪجهه ڪونهي. باقي هڪ غريب ڀڄڙيوال- ۽ هڪ ڀهراڙيءَ واري سنڌيءَ ڪي چوراهي تي لڪڻ سان ماربو اٿن. ڦٽڪا ٻتڪا لاهي مچون پٽي ڏاڍو بي عزتو ڪيو اٿنس. هڪ پيٽ جي پاسي ۾ پئي مُنيائين.' پاڻس اڃا تائين ڳالهائي رهيو آهي، 'وقت ڏاڍو تنگ اچي ويو آهي. ڪنهن غريب جي نه عزت محفوظ. نه جان.....'

پاڻس ڪي ٻڌڻ ڇڏي ڏنو اٿائين. ننڊ لاءِ پتوڙي رهيو آهي.

'هندسُتان کي ڪچليو' 'Crush- India'- هلندڙ فوجي ٽرڪون روڊن تي. ويٺل تن ۾ فوجي سپاهي وردين سان. چڪر ڪاٽي رهيون آهن. 'هماري پاڪ افواج- زنده باد.'- 'پاڪ افواج کي جانباز- زنده باد.' انبوهہ طرفان بيهاريل سي فوجي ٽرڪون، جيپون. فوجون جي ڳچين ۾ پوندڙ گلن جا هار. ڪِن ملندڙ گلدستا. مناين جا دبا. عقيدت وچان چمندڙ تن جا هٿ. 'نعرءِ تڪبير.- الله اڪبر.'- نعرءِ تڪبير الله اڪبر.'- 'پاڪستان زنده باد.- .پاڪستان زنده باد.'-هندستان سامراج ڪو- ڪچل دين گي.'- 'فتح! فتح! فتح!'

'وهہ جا رها هي سوئر ڪا بچا.'- 'مگ لڙاڪا هي.'- 'نهين چوڙين گي. يہ آواز سن رهي هو؟- اينٽي ائرڪرافٽس گن ڪي هي. اپني هي.' 'مادر چو...... ڪيسي گوليان ڏڙا ڏڙ لگا رها هي.'- 'ڀاڳ گيا.'- 'نعرءِ تڪبير. الله اڪبر.'- 'ابي آواز نہ لگائو.'- 'يہ سائرن والا الو ڪا پٺا سوگيا ڪيا؟'- .نهين بي. اب. دوسرا رائونڊ ڪري گا.'........

'او ڀائو! بيل گاڏيءَ کي پاسي ڪري بيهار. سائرن ٿي چڪو آهي.'

ڏِگي گاڏيءَ وارو سواءِ ڪنهن ڏيان ڏيڻ جي، ڀاڄين سان سٿيل ڏِگي گاڏي هڪليندو وڃي ٿو. ڏِگي گاڏيءَ مان ايندڙ چيڪاٽ. 'ڀائو- او' رئيس....' روڊ جي پاسن ۽ ڪنڊن ۾ بيٺل ماڻهن جا آواز. ڏِگي گاڏيءَ وارو بي پرواهہ. رضاڪارن جو ٽولو ڏانهنس وڌي ٿو. زوريءَ ڏِگن کي بيهارين ٿا- 'يہ سندي ڪيسي چوتيي هين!'-

'اڙي اڳ نہ جهيلو پيٽان-'

'وڏيرا. سائرن ٿيو آهي. هندستاني جهاز ٿا اچن. بم ڦٽا ڪندا. بيلن کي چوڙي پاسي ڪري بيهار.' هڪ رضاڪار سمجهائيس ٿو.

'اڙي پاسي ٿيو پيٽان. هندستاني جهاز ٿا اچن. مُٺ ئي پي ويا آهيو.'

زوريءَ ڏِگي گاڏيءَ کي هڪ پاسي گهلين ٿا.

(سوچي ٿو: سندي هن جنگ ۾ ڪيڏا نہ لاتعلق. الڳ ٿلڳ ۽ غير جانبدار آهن!!)

اوندهہ. رضاڪارن جي لنين جا ٽڙڪا. 'بتي بجهائو-' -'بتي بجهائو.'- روشني آ رهي هي.'- .يہ سالا ڪوئي عوامي ليگي هي.- ووئي- لائيٽ باهر آ رهي هي.' "يہ سندي ڪا گهر هي نا؟ يہ لوگ پاڪستان سي سچي نهين هين."

فتح! فتح! هر محاذ پر فتح! هماري افواج ني دشمن ڪي چڪي چڑا ديئي.........

........سيڪٽر پر دشمن ڪي مڪارانہ، بزدلانہ حملي ڪو پسپا ڪرديا........ حوصلي بلند.....

- ڏي خبر ڪٿي پهتا آهن؟
- ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ عمرڪوٽ ڏانهن وڌي رهيا آهن.
- اها رفتار رهي تہ پوءِ حيدرآباد پري ناهي.
- ها.
- ها يار جلد اچن تہ ڇٽي جند.
- توکي ائين نہ چوڻ گهرجي. نيٺ هو اسان جا دشمن آهن.
- اسان سنڌين لاءِ ڪهڙو فرق ٿو پوي! هڪ غلام قوم لاءِ اهو اهم ڪونهي تہ، سندن حاڪم ڪير آهي. هتي پوءِ گهٽ ۾ گهٽ جمهوريت تہ آهي. اسانجي قومي ڪي تہ ڪچيلو نہ ويندو. سنڌي......
- بڪواس نہ ڪر. نيشلزم جي بہ ڪا حد هوندي آهي.
- اُها حد ڪهڙي آهي؟ پيارا ياد رکجانءِ، اهي پنجابي فوجي، بنگالين کي مارڻ کانپوءِ توڏي وڌندءِ.
- ٺيڪ آهي. مان ڪنهن هندوءَ جي هٿان مرڻ بجاءِ، پنجابي مسلمانن هٿان مرڻ وڌيڪ پسند ڪندس. نيٺ هيءُ مسلمان تہ آهي.

بنگالي ڪنوارين ڇوڪرين جون ڪئمپون. ڪڏ ڪوٺڻ تي سوين لاش. الشمس البدر جي رضاڪارن..... ڳوٺن کي باهيون. تيل جي ڪڙهندڙ ڪڙاهين ۾ بنگالي مائرن آڏو ٻارن کي ذبح.... لک بنگالي هندستان جي پناهگيري ڪئمپن ۾. وڌندڙ تعداد.....بنگالي دانشورن کي ماري پوريو ويو. سندس لاش. ياجوڪڙ پاڪستاني فوجين جي وردين ۾ اعليٰ درجي جي سينٽ لڳل. شراب جون بوتلون.......... ميدان ۾ گڏ ڪري چرن، ٻالن ۽ چاڪن سان ڪنو ويو. انڌا ڌنڌ بمباري........

بي. بي. سي ۽ آڪاش واڻي دشمن جون ريڊيو اسٽيشنون آهن. انهن تي اعتبار نہ ڪريو.

- ڏي خبر ڏاڍيون مٺايون پيو ڪائين.
- بس يار ٽڪا خان پيو اچي. انڪري مون سوچيو تہ ڪائي وٺان.
-؟-
- ڳالهہ دراصل هيءَ آهي تہ جيئن ئي ٻڌم ٽڪا خان کي سنڌ ۾ مقرر ڪري رهيا آهن، يقين ٿي ويم تہ موت يقيني آهي. انڪري سوچيم تہ

ڪائي بي وٺان. زندگي کي ڍهاڙا آهي.....
- پر تون ڇو ٿو ڊڄين!؟ تو تہ سياست ڇڏي ڏني نہ؟
- عجيب مصيبت آهي. هن ملڪ ۾. ڪڏهن شاگرديءَ جي زماني ۾ سياست ۾ حصو ورتو هوم. ان ڪان پوءِ ٻہ ٻہ دفعا پوليس وارا گهر آيا آهن ۽ ٿاڻي تي وٺي ويا آهن. يار، ڪا سڪيورٽي ڪانهي. ۽ هينئر ٽڪا خان ايندو. هنن حالتن ۾ تہ هتي بہ بنگال وانگر چونڊي چونڊي مارائيندا.
ڪلهہ صبح جو اهو ٽڪا خان وارو افواهہ ٻڌم. منجهند جو هڪ هوٽل ۾ ويٺي ويٺي اچانڪ عجيب قسم جو احساس ٿيڻ ويم: بس يار ٻوڪي ڇا ٻڌايان. مان ان احساس کيExpress نٿو ڪري سگهان. ان گهڙيءَ کان وٺي هن وقت تائين مان ڪئين دفعا انتهائي پيانڪ ۽ اذيت ناڪ ڊنگن سان مري چڪو آهيان: ڪڏهن پنهنجو پيٽ چيرجندڙ ۽ آنڊا ٻاهر نڪتل ڏٺا اٿم. ڪيڏي مهل پنهنجي ڪل تيز چاقوءَ سان لهندي ڏٺي اٿم. ڪڏهن پاڻ کي اکيون نڪتل ۽ ڪليون نرڙ ۾ ڪپجندڙ حالتن ۾ ڏٺو اٿم. تہ ڪڏهن بم سان اڏيل عمارت منجهہ پاڻ کي تڙپندو ڦٿڪندو ڏٺو اٿم! ۽ هلندي هلندي جنهن بہ پناهگير ڏاڙهيءَ واري کي ڏٺو اٿم تہ ان ويساهہ سان، پڪ اهو الشمس يا البدر جو رضاڪار آهي. مونکي سنڌي ڏسي هينئر خنجر ڪڍندو ۽ پيٽ ۾ گهپي ڏيندو. ۽ ان وقت ڏڪڻي ۽ پگهر. ۽ جڏهن بہ ڪنهن پنجابي فوجيءَ کي ڏسان ٿو، لڳيم ٿو بس اجهو مون ڏانهن وڌيو. ۽ پوءِ هنجا هٿ منهنجي ڳچيءَ ۾. منهنجا دوڏا ڪوين منجهان ٻاهر نڪري آيل. وات ڦاٽل. جڀ نڪتل. ۽ نڙيءَ مان عجيب ڪيڪڙاٽي ۽ گهگها آواز.
- تون واقعي حد کان وڌيڪ حساس آهين.- پلا پيا ڪهڙا ڪهڙا عيش ڪيئہ؟
- ڪلهہ کان وٺي فروٽ جام ڪاٽو اٿم. ۽ شهر جي گهٽي گهٽي گهميو آهيان. ۽ هر هنڌ مون نئين زندگي پسي آهي. هر شي ۾ عجيب قسم جي دلڪشي خوبصورتي ۽ نواڻ ڏٺي اٿم.حسرت ارمان ۽ اداسيءَ سان. ڪلهہ شام Brother ۾ ويو هوس. جيتوڻيڪ هوءَ ڪاٽي هئي ۽ اڌڙوت. چاڪاڻ تہ رات جو ڏهين بجي ڪانپوءِ منجهانئن چونڊ ڪري، ويگن ۾ ڪيڏانهن نيو ويندو آهي. جيڪي، رات جو دير سان موٽڻ وقت چڪنا چور هونديون آهن. ۽ ڏينهن جو ڌنڌي لائق نہ هونديون آهن. باقي وڃي ڪاڪڙ ڪوڪڙ بچنديون آهن. بهرحال مون انهيءَ ڪاٽي ۽ اڌڙوت مان بہ تڪميل ۽ تسڪين جو اهو احساس ماڻيو. جيڪو اڳي ڪنهن نوجوان مان بہ نہ ماڻيو هوم. مون وٽ باقي چار رپيا ۽ ڪي آنا بچيا آهن، ٻن رپين جي منائي ڪاڏي اٿم. اسپيشل چانهہ پيئندس. ۽ باقي-

– ۽ پوءِ–؟

– پوءِ گهر ويهي مرڻ جو انتظار ڪندس. دراصل موجوده حالتن ۾، اسان سنڌين لاءِ مان سمجهان ٿو تہ، بنيادي مسئلو آهي تہ مرڻ جي ڪهڙي شڪل اختيار ڪجي. يعني تہ پالن. خنجرن ۽ ڏڦن سان پيٽ ڦاڙائي، آنڊا ڪڍرائي، ڪلون لهرائي، جسم جي بوٽي بوٽي ڪپائي تڙپي تڙپي، چيچلائي چيچلائي ۽ پنهنجين زالن، ڀينرن ۽ ننڍن ٻارن سان ٿيندڙ جبريہ بدفعلي ڏسندي ڏسندي مرون. يا، جيئن مان پنهنجي مرڻ جو قسم جو چونڊيو آهي: ننڊ جي گولين جو تمام گهڻو اووردوز ڪائي سمهي رهجي. منهنجي خيال ۾ مرڻ جو اهو طريقو انتهائي آسان، مهذب، نفيس ڪاٻہ تڪليف نہ ڏيندڙ ۽ پروقار آهي.

– پر اسانکي پنهنجو پاڻ کي مارڻ لاءِ بہ– ڪنهن شڪل اختيار ڪرڻ جي چونڊ جو حق ناهي. (ڦڪي مرڪ چپن تي).

– ڪلاڪ اڳ مونکي مختيار مليو هو. چيائين، ٽيون ڏينهن بي بي سيءَ تان خبرون ٻڌندي، اوچتو ئي اوچتو مون کي الائي ڇا ٿي ويو. ڏسان تہ منهنجي ننڍي پيڻ نپٽ اگهاڙي فوجين ۾ وڪوڙيل. امان کي هڪ فوجي مٿي وارو رائفل جو ڪنداڪ هنيو آهي ۽ هوءَ ڊرڪندي پئي وڃي. بابا اونڌي منهن اڱڻ تي مئو پيو آهي ۽ پرسان رت جو دٻو. اوڏي مهل ئي منهنجيي پيڻ منهنجي سامهون خبرن ٻڌڻ لاءِ ڪرسيءَ تي اچي ويٺي. اوچتو ڪرنٽ وانگر دل ۾ خيال آيم، هنڪي ۽ اسان کي گهر پيل بندوق سان ماري ۽ پوءِ پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏيان؟! يار، اسين سنڌي هن دور ۾ زندگيءَ ۽ موت جي ڪيڏي نہ اذيت ناڪ پوڳنا ۽ پيانڪ ٻہ واٽي تي لوئجون پوئجون پيا.(!!)

ڏسندي، ٻڌندي، محسوس ڪندي، پٽڪندو رهيو آهي. راتين جي اونده ۾، ڏينهن جي روشنيءَ ۾، گهٽين ۾، رودن تي، هوٽلن ۾، دڪان تي. حيدرآباد جي هر ان هنڌ جتي زندگيءَ جو ذرو بہ اهڃاڻ آهي: مروٽيل، پرجوش، سڏڪندڙ، هنيوچيون هٽندڙ، پيڙجندڙ، خوشيون ملهائيندڙ، ۽ ملي اٿس رڱي پيڙا، پوڳنا، عذاب، زنده هجڻ ڪارڻ عذاب.

سچ لڳي ٿي ڪي ڪا م... آهي. وقت، پنهنجون وکون سواءِ ڪنهن احساس ۽ آواز جي پاڻ اون... هن وڌائيندو پيو ٿو وڃي، ۽ ائين جيئن زندگي سواءِ ڪنهن احساس ۽ آواز جي موت جي اوندانهين غار ڏانهن وڌندي رهي ٿي. زندگيءَ جي هر وک فنا ڏانهن.

ٻاهريون در کولي ٻاهر وڃڻ لاءِ وڌي ٿو، تہ پاڻس جو آواز:

’ڪيڏانهن ٿو وڃين؟‘
’بس ادا، اتيئي.‘
’ڪجھـ خيـال ڪري هلجانءِ، پاڻ هتي پناهگيـر پاڙي وارن جي نظرن ۾ آهيون. اهو ڇورو زبديءَ جو پٽ جيڪو رضاڪار ٿيو آهي، چوي پيو تـه اوهانجي گهر مان لائيٽ جا ڪرٽا ٻاهر اچن ٿا. جڏهن مون چيومانس تـه اسان تـه مرڳو مين سئيچ ئي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ رات جي ماني شام جو پنجين اندر ڪري ڇڏيندا آهيون. تـه چيائين: ويسي آپ تو بهت سنجيده هين، البتـه آپ ڪي ڇوٽي ڀائي صاحب ذارا جيئي سنڌ سي تعلق رکتي هين. اس لئي......آپس ۾ اختلافات هوتي رهتي هين، ليڪن يـه وقت اتحاد اور حب الوطني ڪا متقاضي هي. ڪيڏا نـه ڪميڻا ۽ ذليل انسان آهن هي.‘
’ٺيڪ آهي.‘ ٻاهر وڃڻ لاءِ وک وڌائي ٿو تـه ڀاڻس جي ڳالهائڻ جو سلسلو جاري هئڻ ڪارڻ ويهي رهي ٿو. ڀاڻس چئي رهيو آهي:
’آفيس ۾ پناهگير هيڊ ڪلارڪ چوي پيو تـه اوهان سنڌي ڏاڍي اطمينان ۾ آهيو: ڇاڪاڻ تـه هندستاني جهاز حيدرآباد جي سنڌي علائقن ۾ بمباري ڪرڻ بجاءِ لطيف آباد ۽ ٻين مهاجر آبادين تي بمباري ڪن ٿا.جو هندستاني جهازن جي پائليٽن ڪي هدايتون مليل آهن تـه سنڌي علائقن تي بمباري نـه ڪيو. ڇاڪاڻ تـه سنڌي اکنڊ ڀارت جا پڪا حامي آهن. ۽ انهيءَ ساڳي ڪلارڪ جو ڀاءُ، جنگ ٿيڻ کان اڳ ۾ منڊ ۾ بنگال ويو، تـه نوجوان بنگالڻيون مفت ۾ عيش لاءِ ملن ٿيون. ۽ بنگالين جي هندستان لڏڻ ڪري ڪيتريون جايون، ڪارخانـه وغيره خالي پيا آهن. تن تي قبضو ڪرڻ لاءِ.‘
’ها، شروع ۾ مهاجر ۽ پنجابي محض انهيءَ لاءِ بنگال ويا هئا.‘
چوي ٿو. ’ٺيڪ آهي ادا، مان خيال ڪندس.‘
دروازو بند ڪري ٻاهر اچي ٿو.
هلي رهيو آهي. ڀهرين محسوس ڪري ٿو. پوءِ ڏسي ٿو پڪ سان. سندس پنيـان، اصل لڳو لڳ ڪو پراسرار شخص هلي رهيو آهي. ڪاري ڏاڙهي. اڇي ڪپڙي جي ٽوپي. ڀهراڻ. وڏن پائنچن وارو پاجامون. هٿ ۾ لٺ. اکين تي ڪارو چشمون. جسم ۾ ڊپ جي لهر. اهو شخص خاموشيءَ سان ڪلهي تي هٿ رکيس ٿو. ويهي ٿو رهي. هراس.
’سڃاڻئي؟‘
’نـه.‘
ڇئبو تـه منهنجو ميڪ اپ ڪامياب آهي. هـ هـ هـ....‘
’سڃاڻم. آواز مان.‘
’تـه اجا آواز تي سخت محنت ڪرڻي پوندي. خير. ڀلا ٻڌاءِ تـه

اڄڪلهہ ڪهڙي سرگرمي آهي؟'
'سرگرمي؟! ڪا بہ نہ.'
'هن موقعي تي بہ خاموشي! اها تہ زيادتي آهي پارٽنر. ڊرامائي انداز، پاڻ چپ.
'پارٽنر. هتي ويهڻ مناسب ناهي، هل تہ ڪنهن سيف جاءِ تي هلي ڳالهايون. مان خاص توسان ملڻ لاءِ هتي آيو هوس. هلون؟'
'پر ڪيڏانهن؟'
'اهو مون تي ڇڏ. پر اهو ياد رک U.G جي حالت ۾ اهي جايون پڇبيون ناهن.'
بئي رڪشا تي چڙهي، اچي موريءَ تي اچن ٿا. ۽ قليليءَ جي ڪناري، ڪبڙن جي آڙ وني، اهڙي ريت وهن ٿا، جو ايڪڙ ٻيڪڙ، ايندڙ ويندڙ ماڻهو سمجهي تہ ائين ئي ڪچهري ويٺا ڪن.
'هن دور ۾ تو جهڙو ماڻهو بہ خاموش رهي تہ پوءِ هن قوم جو ڇا ٿيندو.' هو ڳالهائي رهيو آهي، 'نيٺ اسين سنڌي نوجوان جنهن کي ذرو بہ ترقي پسند سياسي شعور آهي، هن وقت بہ ڪجهہ نہ ڪنداسين تہ پوءِ ڪڏهن ڪنداسين!....... نيٺ زندگيءَ جو ڪو مقصد تہ هوندو آهي..... هينئر سنڌ جي تاريخ ٺهي رهي آهي، نيٺ هن ۾ تنهنجو يا منهنجو ڪهڙو رول هئڻ گهرجي. اهو اڄ جو اهم ۽ بنيادي سوال آهي؛ هر محب وطن ۽ ترقي پسند سنڌيءَ لاءِ .... تاريخي جوابداري بہ تہ ڪنهن شي جو نالو آهي، دوست!
چند ساٿين Resistnce Moment هلائڻ لاءِ هڪ سيل ٺاهيو آهي. حال في الحال اسين انجا ٿي ميمبر آهيون. منهنجي ذهن ۾ تون هئين، انجو سبب اهو آهي تہ، مان توکي هر اسٽوڊنٽس مومينٽ ۾ ۽ جيل ۾ ڄاڃيندو رهيو آهيان. جيڪو اسان ڪميونسٽن جو ڪم آهي. ماڻهوءَ کي پرکي ۽ ڦاسايون. مون توسان جيل ۾ C. P جو ذڪر ڪيو هو. نہ؟
'تہ هيءَ Resistance Moment، اوهانجي C. P طرفان هلائي پئي وڃي؟'
'Initiative تہ پارٽيءَ جو آهي. پر هيءَ مومينٽ بنيادي طور قومي جمهوري تحريڪ جو هڪ حصو هوندي. ۽ نيشنل يونائيٽيڊ فرنٽ جي شڪل ۾ هلائي ويندي. ڇاڪاڻ تہ هن ۾ سنڌ جا ترقي پسند قوم پرست، جمهوريت پسند، ڪميونسٽ ۽ ٻيا ترقي پسند عناصر شامل هوندا.جي هڪ ڪامن ڪاز، يعني National resistance لاءِ گڏجي جدوجهد ڪندا.'

’مونکي ڪهڙي حيثيت سان ٿو شامل ڪرين؟‘
’هه هه هه..... اهو سوال ته مونکي توکان پڇڻ گهربو هو.‘
پر مونکي خود خبر ناهي ته مان ڇاهيان! نيشنلسٽ؟ ڪميونسٽ! يا ٻيو ڪجهه. البت پنهنجي باري ۾ هڪ ڳالهه ڄاڻان ٿو: مونکي نوڪري کپي. جيئن منهنجو گذر سفر ٿئي. ۽ بس. باقي هر ازم جي باري ۾، پوءِ اهو نيشنلزم هجي يا سوشلزم هجي- مان انهن تي فقط ڳالهايو آهي، بحث ڪيو آهي، ڪٿي رايا ڏنا اٿم. جيڪي هڪ ئي ڳالهه جي باري ۾ مختلف هوندا آهن. ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن انتهائي جوش وچان بحث ڪري، پوءِ پنهنجي منهن پڇتائيندو آهيان: اجائي بڪي هيم. لا حاصل آهي. بي معنيٰ آهي......‘
’هاڻي حرامپڻائي نه ڪر. اهو ٻيٽي بورزوائي انٽيلڪچيوئلزم ڇڏي ڏي. گذر سفرُ ته ڪتو به ڪندو رهي ٿو. هن سماج ۾ توکي ڪهڙي نوڪري ملي سگهي ٿي؟ ڪلارڪي بس نه؟ جيڪڏهن تون هارين ۾ تحريڪ لاءِ ڪم ڪرين ته ڇا هو توکي کائڻ لاءِ ويلي ٻي لسيءَ جو وٽو ۽ هڪ ڏوڏو به ڏئي نه سگهندا. تو جهڙن سنڌي نوجوانن لاءِ سوشلزم جي تحريڪ ۾ اچڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي. پارٽنر، هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي، جيڪا منهنجي آڏو سنڌ سان وڏي ٽريجڊي آهي. اها هيءَ آهي ته: سنڌ جي مڊل ڪلاس مان سياسي ورڪر ۽ اڳواڻ گهٽ ٿا پيدا ٿين ۽ شاعر، اديب، ايڊيٽر، انٽيلڪچيوئل ڏاڍا. ڪاٿوئي ڪونهي! سياست ۾ وري جيڪي ٿورا گهڻا، سي رڳو يا نعري باز يا تقرير باز، يا پارٽ ٽائيم سياست ڪندڙ. اوهو! آئن ۾ ڏهه منٽ. مونکي ڇا ٿو چئين، سڀاڻي اسان جي ميٽنگ آهي. تحريڪ ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ تنهنجو نالو تجويز ڪيان؟
’ٻلي.‘ سواءِ ڪنهن ويچارڻ جي وراڻي ٿو.
’پوءِ سڀاڻي شام سادي ستين بجي هتي پاڻ ملنداسين. ۽ هتان گڏجي ڪيڏانهن هلنداسين.(Secrecy) جي خيال کان مان توکي هينئر اهو نه ٻڌائيندي ته ڪيڏانهن هلنداسين. ساٿي، هن دور ۾ سيڪريسي انتهائي اهم آهي. ۽ ها، هتي سڀاڻي پوري سادي ستين بجي پهچي وڃجانءِ. ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ ٽائيم انتهائي اهميت رکي ٿو. هلون هاڻي؟‘
’ٻلي.‘
’ٻنهي جو گڏ هلڻ ٺيڪ ناهي. پهرين تون وڃ يا مان؟ چڱو پهرين مان ٿو وڃان. چڱو: جيئي پورهيت عوام، جيئي سنڌ.‘
پاڻ ڪجهه نٿو وراڻي.. هن جي وڃڻ کانپوءِ گهر ڏانهن وڃڻ لڳي ٿو.

’ساٿيو هاڻي ميٽنگ جي ڪارروائي شروع ڪرڻ گهرجي.‘

’سائين هڪ منٽ. چانهه تيار آهي ۽ پي وٺون.‘

’بادشاهه ائين قصو ڪيئن هلندو! ميٽنگ جو ٽائيم اٺ هو. هينئر سوا اٺ ٿيا ٿين. وقت ۽ حالتن کي ڏسو. ساڍي ٻارهين جي اندر پاڻ کي ميٽينگ ختم ڪرڻي آهي. مون تي ٻارهين ڪانپوءِ نڪرڻ تي پابندي آهي. اوهان خود سمجهو ٿا. هنن ساٿين کي به گهرن ڏانهن پهچڻو آهي. تنهن ڪانسواءِ سائرن جو خطرو رهي ٿو. منهنجي راءِ آهي ته چانهه ۽ ميٽنگ گڏوگڏ هلندي رهي.‘

’نيڪ آهي جيئن اوهانجي مرضي.‘

’چڱو ساٿيو ڪارروائي شروع ڪيون ٿا: سڀ کان پهرين مان پنهنجي هن (ڏانهنس اشارو ڪندي) نئين ساٿيءَ کي خوشخبري ٻڌايان ٿو ته اسانجي هن سيل کيس ميمبر بنائڻ منظور ڪيو آهي. مان کيس ان لاءِ مبارڪباد ڏيان ٿو. ساٿي، (ڏانهنس نهاريندي) اسين تعداد ۾ جيتوڻيڪ ٿورا آهيون، پر رڪ جي ديوار مثل آهيون. اسان پنهنجي هن (Resistance Moment) جو بنياد تاريخ جي انتهائي سنگين ۽ خطرناڪ دور ۾ رکيو آهي. مان هڪ ڳالهه اوهان تي واضح ڪري ڇڏيان ته، اسانجي مومينٽ قومي ڪردار جي حامل آهي. ۽ هن ۾، هينئر جيڪي ويٺا آهيون، سي مختلف نظريا رکون ٿا. سائين، نيشنلسٽ آهي. ۽ اسانجو هي ساٿي به. ۽ مان ته اوهانجي آڏو-‘ (کلهن کي لوڏيندي.)

کيس اهو سڀ ڪجهه رسمي ۽ عجيب عجيب لڳي ٿو.

’مان اوهانکي هن تحريڪ جا ڪجهه ٿلهي ليکي نارمس (Norms) ٻڌائيندس.‘ هو وري ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو: ’هتي پنهنجو اوريجنل نالو ناهي ظاهر ڪرڻو. سڀني ساٿين پنهنجا پنهنجا فرضي نالا رکيا آهن. مثال طور مون پنهنجو نالو ’ساٿي‘ يعني ته ڪامريڊ رکيو آهي. هن ساٿي پنهنجو نالو دريا خان رکيو آهي ۽ هن ساٿيءَ هوشو. اسين هتي انهن نالن سان سڃاتا ۽ پڪاريا ويندا آهيون. ٽائيم جي پابندي ضروري آهي. تنقيد، خود- تنقيد جي اصول هيٺ اسين هڪ ٻئي جون غلطيون سڌاريندا رهنداسين......‘

’هي ڪميونسٽ ڪيڏو نمائشي آهي.‘ هن جي چرپر ۽ ڳالهائڻ جي انداز کي ڏسندي ڏسندي سوچي ٿو.

’نيڪ آهي ساٿيو؟‘ هو هاڻي مڙني ڏانهن منهن ڪري چوي ٿو.

’هينئر ايجنڊا مطابق ڪارروائي هلايون ٿا.‘ چانهه جو ڍڪ ڀريندي ايجنڊا

پڙهي ٿو: '
'١. موجوده سياسي صورتحال جو جائزو- ٢. رپورٽنگ- ٣. ايندڙ فيصلا.- منهنجو خيال آهي ته، سياسي صورتحال تي آخر ۾ ڳالهايون. سڀ کان پهرين هر هڪ ساٿي پنهنجي گذريل فيصلن بابت رپورٽ پيش ڪري.'
'ساٿيو، پهرين مان پنهنجي رپورٽ پيش ڪيان ٿو.' دريا خان چوي ٿو، 'مون ويڪلي بليٽن لاءِ اسٽينسل، قلم ۽ ڪاغذ وغيره سڀ هٿ ڪري ڇڏيا آهن. جنهن ڪلارڪ پنهنجي آفيس مان سائيڪلو اسٽائل ڪرڻ جو انجام ڪيو هو، سو هاڻي دٻ ڪري ڦري ويو آهي. هن معاملي تي ٻيهر وري غور ڪرڻو پوندو.'
'ته ڇا ڪٿي ٻئي هنڌ تي نٿو سگهي؟'
'مشڪل آهي. هن دور ۾.'
'ٺيڪ آهي. مان پنهنجي ليکي ڪوشش ڪندس. تون سڄو سامان مونکي ڏئي ڇڏجانءِ.' ساٿي ڪي گهڙيون خاموش رهندي، ڪجهه سوچيندي چوي ٿو. 'ساٿي، اوهان ليف ليٽ جو ڊرافٽ تيار ڪيو؟'
'ها سائين، رف لکيو اٿم. پڙهان؟ پر ٿورو ترسو، ٻاهران جائزو وٺي اچان، ڪٿي روشنيءَ جو ڪو ڪرڻو ته ٻاهر نٿو وڃي-'
ٻاهران ٿي اچي ٿو: 'سڀ ٺيڪ آهي. پڙهان؟' پڙهي ٿو:

سنڌيو- سجاڳ ٿيو!

حڪمران فوجي ٽولي هينئر چتو ٿي پيو آهي. بنگال جي ڦهري ۽ انسان- ڪش ڪاروائن مان پڌرو آهي ته، هيءَ قومي حقن، عوامي جمهوري، ترقي پسند تحريڪن ۽ پورهيت عوام جي مڙني جدوجهدن کي مڪمل طور ناس ڪرڻ ٿو چاهي. ۽ سموريون رجعت پسند طاقتون سندس همراهيءَ ۾ آهن. پر بنگال جو عظيم، بهادر ۽ جرئتمند عوام، انهن وحشين جو ڀرپور مقابلو ڪري رهيوآهي.
اسين سنڌ ڌرتيءَ واسين کي چتاءُ ٿا ڏيون ته اهو خوني ۽ نسل ڪشيءَ جو ڊرامون هتي به دهرايو ويندو.
سنڌ ڌرتيءَ جا محب وطنو، جمهوريت پرستو ۽ ترقي پسندو!
تيار رهو-

ـ فوجي جنتا مرده باد.- بنگال جو عظيم عوام زنده باد.
- سنڌ جو عوام، بنگال جي عوام ساڻ آهي.
- مظلوم قوميت جي عوام جو اتحاد زنده باد.
- پنجاب پناهگير مستقل مفاد مرده باد.
- حب الوطني، ترقي پسندي، جمهوريت زنده باد.
پاران:-..............................

پڙهڻ کانپوءِ، مڙني ڏانهن رائي لاءِ سواليه انداز ۾ ڏسي ٿو.
’ٺيڪ آهي.‘ دريا خان چوي ٿو.
’اجا ڪجهه زوردار ۽ سخت هجي ها.‘ ساٿي چوي ٿو. ’ٺيڪ آهي. شروعات ان سان ٿي ڪيون ٿا. مونکي ڏيو. مان هيءَ ليف ليٽ ٻن ڏينهن جي اندر پنج هزار سائيڪلو اسٽائيل ڪرائي ڇڏيندس. هاڻي سوال آهي هن کي ورهائڻ جو-‘
ڪي گهڙيون سڀ خاموش.
’هونئن ته اسين سڀ، پنهنجن پنهنجن اعتماد وارن ذاتي دوستن ۽ ميچوئر سياسي ڄاڻ رکندڙن ۽ دانشورن کي ڏئي سگهون ٿا..، ساٿي چوي ٿو، .باقي سوال آهي، پبلڪ پيپليز تي پهچائڻ. ۽ ٿي سگهي ته ڪن جاين تي چنبڙائي ڇڏجي. ساٿيو، هي ڪم ظاهر آهي ته هنن حالتن ۾ ڏاڍو خطرناڪ آهي. پر احتياط سان ڪري سگهجي ٿو. ۽ اسانکي ئي ڪرڻو آهي.‘
’ٺيڪ آهي. اهو ذمون مان ٿو کڻان.‘ پاڻ چوي ٿو.
’تون؟‘ ساٿي چوي ٿو. ’دوست فيصلو ڪن. ساٿيو ڇا خيال آهي.هن ساٿيءَ کي اهو ذمون ڏجي؟‘
’جيڪڏهن ساٿي رضاڪارانه طور ذمون کڻي ٿو ته ٺيڪ آهي.‘ دريا خان چوي ٿو.
’هاڻي سوال آهي ورهائڻ جي طريقي جو-،‘ ساٿي چوي ٿو. ’ظاهر آهي ته هٿو هٿ عام هند تي ته ڪنهن کي ڪونه ڏبا. منهنجي راءِ آهي، جيڪا مان پنهنجي تجربي مان ٻڌايان ٿو:
هڪ ته لئبررينُ ۾ اخبار پڙهندي پڙهندي اٽڪل سان ٻين جي نظرن کان پاڻ بچائيندي،پڙهڻ جي ٽيبلن تي رکي سگهجي ٿو. ٻيو ته پيشاب وغيره جي بهاني هوٽلن جي Toilets ۾،سامهون پٽ ۾ چنبرائي سگهجي ٿو. ساڳي ريت اسٽيشن تي بيٺل ريل گاڏين جي ۾ Toilets ۽ مسجدن ۾. ٽيون ته صبح جو سج ايرڻ کان اڳ، گهرن جي درين مان اندر ڦٽو ڪري سگهجي ٿو. پر عام ڪليل درودن وارن گهرن ۾ نه. ڳتيل گهٽين ۾

اندر ۽ ٻيڪي گهر آهن؛ تن جي دربن مان. ٻيو هاسٽلون آهن. سي تہ بند آهن. هن جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. بهرحال هن ڪم ۾ چوڪس ذهن. ڦڙتي .. حاضر دماغيءَ. ڪامن سينس. جرئت ۽ تخليقي سوچ جي ضرورت آهي . مقصد اجايو اويدوينجر ڪري پاڻ ڦاسائڻو ناهي. پر پاڻ بچائيندي هي آوٽر گهٽي ڪان گهٽڻ تائين پهچائڻو آهي. ۽ نہ وري اجايو رهي بزدلي ڪرڻي هي.

’نيڪ آهي.. وراڻي ٿو. پنهنجو اهو ورجائڻ رسمي ۽ غير ضروري لڳيس ٿو.

’دير ٿيندي پئي وڃي. منهنجو خيال آهي تہ هاڻي ايجنڊا جي اڳئين پوائنٽ کڻون.‘ هوشو پاسو بدلائيندي چوي ٿو.

’ڪامريڊ!‘ لفظ تي زور ڏئي ساٿي چوي ٿو: ’جنهن مقصد لاءِ گڏ ٿيا آهيون. نيٺ انکي مڪمل ڪري ئي تہ اٿنداسين. مونکي خود ٿائيم جو احساس آهي.. پوءِ آهستي پيار منجهان چوي ٿو. ’بس هيءَ جلد ختم ڪري. ايجنڊا جو اڳيون نڪتو کڻون ٿا. ها سو- باقي سوال رهيو هنن ليف ليٽن جي ڊسٽري بيوشن جو. منهنجو خيال آهي تہ. حيدرآباد لاءِ ڏيڍ هزار ڪافي ٿيندا. ۽ ٻيا سنڌ جي انٽيريئر لاءِ. سنڌ جي اندرين خصن ۾ ورهائڻ جو ذمون مان کڻان ٿو..........‘

۽ ميٽنگ هلندي رهي ٿي. پوءِ بحث: بنگال. هندستان. روس. امريڪا. پنجاب. جماعت اسلامي. الشمس البدر. سنڌ جو مستقبل. پٽو. پيپلز پارٽي. يحيٰ فوجي ٽولو. عوامي ليگ. مجيب. مڪتي باهني. سنڌ جي ڪن ترقي پسند ۽ قوم پرست دانشورن طرفان اوچتو عوامي ليگ تان استعيفيٰ. ۽ ڪن جي فوجي ٽولي جي انهيءَ ايڪشن جي حمايت (!!) پاڪستان جو مستقبل.........(ان وچ ۾ ٻہ دفعا خطري جو ۽ خطري ٽرڻ جو گگهو وڃي ٿو).

’ٻڌندو رهي ٿو. ڪٿي ڪٿي، ڪنهن ڪنهن وقت مختصر لفظن ۾ راءِ جو اظهار ڪري ٿو.

رات جا سوا ٻارهن. ٻاٽ اوندھ.رستي هلندي رضاڪار ڏانهنس شڪي نگاهن سان ڏسندا رهن ٿا.

سندس در کڙڪائڻ تي، پاڻس در کولي ٿو ۽ ’هن مهل تائين ڪٿي هئين؟‘

’انيئي.‘

’سويل ايندو ڪر. وقت تمام خراب آهي.

ڪجهہ نٿو وراڻي. ماٺ ڪري پنهنجي کٽ تي اچي ليٽي ٿو.

ليٽيو پيو آهي. اکيون ڪليل: پاڻ اونده. هڪ عجيب خوشيءَ جو احساس، ايڊونچر جي احساس ساڻ. تڪي پيو ٿو اونده ۾. اونده ئي اونده..... 'هون! هن وقت تائين مون رڳو پنهنجي ذات جي باري ۾ ئي پئي سوچيو آهي. رڳي پنهنجي ذات. منهنجي سوچ جي هر وهڪ. هر وقت پنهنجي ذات جي چوڌاري ئي پئي گهمي آهي. ۽ مان، انهيءَ ڪن جي وهڪري ۾ پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. بوڙي ڇڏيو آهي. زندگي منهنجي ذات تائين محدود ناهي. ذات مري سگهي ٿي، جيڪڏهن محض ذات آهي- الڳ ٿلڳ. پر جڏهن اها ذات زندگيءَ ساڻ سبنڌ قائم ڪري ٿي، ته امر رهي ٿي. مڪمل ٿئي ٿي، اونده گم.

هڪ سوڙهي گهٽي. اوسي پاسي ڏسي ٿو. ماڻهو ڇيٽهون ڪونهي. فولڊ ٿيل ليف ليٽ هڪ گهر جي دريءَ مان اندر ڦٽو ڪري ٿو. ان مان ملندڙ خوشي. عجيب خوشي ۽ تسڪين.

لئبريريءَ ۾ ماڻهو ليف ليٽ پڙهي رهيا آهن. هڪ ليف ليٽ جي مٿان ميڙاڪو. هڪ تسڪين پريو احساس. اخبارن ۾ سرخين سان انهيءَ ليف ليٽ جيي باري ۾ خبرون. غدار ۽ وطن دشمن عناصر.....

اوچتو: گرفتار ٿيل- هڪ ڪمري ۾ پنجابي فوجي تلون ٺونشا هڻي رهيا آهنس. وات مان رت وهندڙ

سنڌي هارين کي پنن تي لڳندڙ ڦٽڪا

بلوچ ڪُلي ڪئمپ ۾- خصين سان پنج سيريون- ڏهه سيريون- اڌ مٽيون- مٽيون بدل. ڪاڪوس جي جاءِ ۾ مرچ پوندڙ- ڪاڪوس جي جاءِ ۾ برف- سگريٽن جا ڏنڀ،

ٻه امريڪي فوجي هڪ ويٽناميءَ جو پيٽ چيري رهيا آهنَ.آندا ٻاهر نڪتل

حيدرآبا سينٽرل جيل- ڪارو چڪر- اڇوچڪر- ڇوڪرا پارٽي- پوٺين تي ويڙهه-

- پڙوت ٿو ڪري اختياريءَ وارن جي ل......... جو ليڊر آهي. سڄيون ريورٽون-

- ٻار سال ڪن ٿيو آهي (هڪ قيدي)

- ڪمال ٿو ڪرين هي جيئي سنڌ وارا وينا آهن (ٻيو قيدي)

- هان!؟

بس! سگريٽ جو پاڪيٽ

- يلا! ڪهڙا ڪهڙا ڇورا آهن

- اڄ ته ڏيکارباڻءِ

-........هلھ تي پيو آهي. اسانجو نڪ ٻوڙي ڇڏيو اٿائين پڙوي
- ٻڌي مار ڏيونس. ٻهرو رڪونس
- ڇڏيوس يار پلي پيو عيش ڪري. اوهانجي گهران ٿي وڃي
- تحريڪ تہ وئي...... تي چڙهي. هاڻي مرڳو خوار ٿيا آهيون.
هرڪو قيدي سمجهي ٿو تہ سڀ جيئي سنڌ وارا ائين آهن
- پاڻ قيدين لاءِ سڪ تي پيو سالن کان سڙيا وينا آهن
- تون نہ لکي ڏيندين نہ؟
- نہ
- ڇو؟
- بس.
- ڏس نہ- ڊپلوميسي بہ ڪا شي هوندي آهي. هتي اسين وينا وينا ڇا ٿا ڪيون؟ ٻاهر گهٽ ۾ گهٽ تحريڪ تہ هلائيندا سين. اختياريءَ وارن کي چوتيو ٿا ناهيون. لکي ڏيڻ ۾ اسانجي گهران ٿو وڃي؟ هان معافي نامي تي صحيح ڪر.
- مان نہ ڪندس. هن تي صحيح ڪرڻ معنيٰ تہ ڏوهہ قبول ڪرڻ. اسان ڪو ڏوهہ تہ ڪيو ڪونهي پنهنجا حق گهريا آهن. ۽ هن تي صحيح ڪرڻ جو سڌو سنئون مطلب آهي اسان غلط هئاسين........
- يار تون ڪميونسٽن جي اثر ۾ اچي ويو آهين. هنن کي تہ ٻاهر ماني نٿي ملي. توکي تہ ماني ملي ٿي.
- مان اوهانکي نٿو جهليان
- ير گهٽ ۾ گهٽ ٻين جو تہ خيال ڪر. اوهان ڇٽن پنجن ڇٽن جي ڪري-
- خوش آهين نہ؟ (پاٽس پڇيو هوس)
(لڱندڙ رسمي)
- ها
- هان هي وٺ. ڏنائين: صوف. ڪجھ ڪيلا
- چون ٿا معافي لکي ڏيڻ سان ڇڏي ڏيندا. ڇا هو صحيح آهي؟
- مون بہ ٻڌو آهي
- پوءِ؟ تون بہ لکي ڏجانءِ. پاٽس منهن ۾ نهاريندڙ
- نہ. جارحانہ انداز. مان لکي نہ ڏيندس
- تہ پوءِ- چڙ مان پاٽس
- مان سڄي عمر هتي هوندس (جملو پورو ڪندي) ادا مان هتي هجان يا ٻاهر منهنجي لاءِ ڪو فرق نٿو پوي

– چون ٿا V.C خود چيو آهي لکي ڏيڻ لاءِ
– منهنجو تعلق سنڌ سان آهي V.Cسان نہ
پاٿس جي موجودگي بار. بوريت. پريور خُواهش: هتان هليو وڃي
پاسو ورائي ٿو. ساڳي اوندهہ. ذهن خالي.
’ذات جو زندگيءَ سان تعلق قائم ڪرڻ؟ امرتا! ڇا سوچ جو هي انداز بہ ذات جي ايثار لاءِ ناهي؟ منهنجي پنهنجي ذات ڇوڏاري نٿو ڦري؟ پر نہ. حقيقت ۾ هيءَ خود فراريت آهي. پنهنجي وجود جي احساس کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ. نيٺ هن کان اڳ، شاگرديءَ جي ڏينهن ۾ مون تحريڪ ۾ حصو ڇو ورتو” قومي ڪاز جي احساس هيٺ؟ ۽ هينئر بہ سواءِ اڳ پُٺ سوچڻ جي مان ۾ شامل ٿي ويس! نہ– مونکي پاڻ سان ڪوڙو ٿيڻ نہ گهرجي. پاڻ کي ٺڳڻ نہ گهرجي. تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لاءِ بنيادي طور محرڪ ۽ مقصد رڳو اهو آهي: مان پنهنجو پاڻ کان، پنهنجي وجود جي احساس کان، ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجو پنهنجو وجود، ۽ ان وجود جو شدت سان احساس، جيڪو حياتيءَ جي ڏبڻ ۾ قاتل آهي.جيڪو اهڙين حالتن ۾ جڪڙيل آهي، جن تي منهنجو وس نٿو هلي. نہ مان ان کي ختم ڪري سگهان ٿو. ۽ نہ ئي وري زنده رهڻ جي خواهش ڪري سگهان ٿو! ۽ جڏهن منهنجي سهپ ۽ برداشت جون حدون ٽپڻ لڳن ٿيون، مان فراريت چاهيان ٿو. پنهنجو پاڻ کان. پنهنجي زنده هجڻ جي احساس کان! مان پناهہ چاهيان ٿو. ڪنهن اهڙي سرگرميءَ ۾ جتي منهنجو پنهنجو زنده هجڻ جو احساس ختم ٿي وڃي. يا وقتي طور دٻجي وڃي، تہ مان جيئرو آهيان. مان آهيان. ۽ بس!
’مان آهيان. ها: مان آهيان. اها تہ نوس حقيقت آهي: مان آهيان. پنهنجو پاڻ کان فرار ٿي، ڪنهن بہ سرگرميءَ ۾ پناهہ وٺڻ سان اها نوس حقيقت فنا ٿي سگهي ٿي؟ ختم ٿي سگهي ٿي؟ شايد وقتي طور. خوشنصيب آهن اهي انسان، جيڪي ڪنهن لڳن ۾ جنوني طور جنبي، پنهنجي سموري زندگي کپائين ٿا. پوءِ ڪنهن مقصدي ڪاز جي نالي ۾. شراب ۾. محبت ۾. عادت ۾. تشدد ۽ بغاوت ۾. اصلاحي ۽ فلاحي ڪمن ۾. دولت ڪمائڻ ۾. ڪيريئر ۾. ۽– مان سمجهان ٿو: زندگيءَ جو، انسان جو بنيادي مسئلو ئي اهو آهي: پنهنجي زنده وجود جي احساس کي مٽائڻ لاءِ فراريت: پناهہ.
’۽ مون جهڙو انسان. جيڪو ڪنهن بہ قسم جي فراريت ۽ پناهہ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو: اوهہ (!!) ڪيڏي نہ پوڳنا ڏيندڙ پيڙا ۾–‘
بيچيني. ڀيانڪ انجام جي ڀيانڪ انديشي، ۽ بي مقصد زندگيءَ جي وڍيندڙ احساس هيٺ پوڳيندڙ پنهنجو وجود.

’تي رستا آهن: تاريخ جي، جنهن وقت ۾ جاءِ منجهہ ڦٿو ڪيو ويو آهيان. انهن حالتن سان سمجهوتو ڪري پاڻ هيرائي ڇڏيان. يا نہ هيرائڻ جي حالت ۾ پوڳيندو رهان. ۽ موت جو انتظار ڪندو رهان. ٻيو تہ خودڪشي ڪري ڇڏيان. ٽيون تہ بغاوت ڪيان: ڪنهن بہ شڪل ۾.

۽ منهنجي زندگي؟ وڏ ۾ وڏ جي ڪا ڪلارڪي ملي تہ؟ ڇا مونکي ذاتي سطح تي بہ اهو سڀ ڪجهہ ملندو. جنهن ڪي زندگيءَ جي Prefection چئجي؟ ڪلارڪي! محض ڪلارڪيءَ ۾ زندگيءَ جا باقي ٽيهہ- پنجٽيهہ سال پوڳيندو رهان. ڪلارڪي يا بي ڪا ايٽريءَ ئي پگهار واري نوڪري ملڻ ڪري، انهن حالتن، جن هيٺ هينئر آهيان، پوڳيندو رهان ٿو. فرار يا پناهہ ملي سگهندي؟ جيئن مان پنهنجي وجود جي غير ضروري هجڻ جي ڇيندڙ احساس کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ سگهندس. جنهن قربت لاءِ مان سڪندو رهيو آهيان. ناممڪن آهي.

پر فرض ڪر تہ نوڪري ملڻ سان، ڪٿي شادي بہ ٿي وڃي. تہ نتيجي ۾ ٿيندڙ ٻارن جو لوڊ ڊوئي سگهندس؟ يا ائين ادا وانگر، هر ڪلارڪ وانگر، هر ماستر وانگر. لوڊ ڊوئي ڊوئي، ان ڊوئڻ ۾ گسجي پسجي، ڪپي ڪاجي ويندس. ۽ محض ان لاءِ مان زندهہ رهان! ان کان بهتر آهي، خودڪشي ڪري ڇڏيان.‘

پيشاب. پيشاب ڪرڻ لاءِ سوچي پيو ٿو. اٿڻ تي دل نہ ٿي ٿيس. ڏاڍو آيو اٿس. نيٺ زور کان مجبور ٿي اٿي ٿو. پيشاب ڪري وري اچي ليٽي ٿو. ليٽيندي، ’ٽائيم ڪيترو ٿيو هوندو.‘ ننڊ نٿي اچيس. ننڊ ڪرڻ بہ نٿو چاهي. اوچتو خواهش: چانڊوڪي هجي. ڪنهن ويران روڊ تي پسار ڪرڻ جي. يا چانڊوڪيءَ ۾ ڪنهن قتل، اجڙيل، ويران کنڊرن ۾، ڪنهن مٺيري دڙي تي سڏو سنئون ليٽيندي، اداسيءَ ۾ غم سان سوچيندو رهڻ جي. ’اوهہ! مان ڪيڏو نہ بدنصيب آهيان. اڄ ڏينهن تائين، عمر جي ٽيهن ورهين تائين، ڪنهن بہ عورت جي قربت ماڻي نہ سگهيو آهيان. (!!)......

’مونکي هن تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي. ممڪن حالتن هيٺ، جنهن ڪي مان ڇونڊي سگهان ٿو. پنهنجي غير ضروري وجود جي احساس ڪي مٽائڻ لاءِ. ۽ ان سان گڏ، مونکي ذهني طور صاف هئڻ گهرجي. ۽ پنهنجو پاڻ ڪي نڱڻ نہ گهرجي تہ: مان تحريڪ ۾ حصو قوم تي احسان ڪرڻ لاءِ وٺان ٿو. يا ڪنهن Heroism جي Complex هيٺ. يا تاريخي فرض جي ڪوڙي احساس هيٺ. جيئن هو ڪامريڊ چوي ٿو. بس، ڪنهن حادثي، مونکي سنڌ ڏرتيءَ تي، تاريخي وهڪري جي انهيءَ دور ۾ ڦٿو ڪيو آهي، جو مونکي ائين ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ آهي، ۽

مون جهڙن ٻين انسانن کي به، هي تاريخي وهڪرو، مون وانگر هن هند تي گهلي اچي بيهاريندو. ٻيءَ حالت ۾ هو، ذهني طور ۽ اعصابي طور چيچاڙجي، چيچاڙجي، چيجلجي چيجلجي ناس ٿي ويندا. پر هن تحريڪ ۾ حصو وٺڻ کانپوءِ به، هر جاندار وانگر، هر جٿو، نيٺ انجام طور فنا ضرور ٿيندو. جو هر حياتيءَ جي پڄاڻي موت ئي آهي. پر هن تحريڪ ۾ پناهه وٺڻ سان، عام زندگيءَ ۾ چيچاڙجڻ ۽ چيچلجڻ جي اذيت ۽ ڀوڳنا جي احساس کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. مونکي هن Resistance Moment ۾ حصو ضرور وٺڻ گهرجي. ۽ ڀرپور انداز ۾....'

صبح تائين جاڳي ٿو. ۽ سوچيندو رهي ٿو.

'جنگ ختم ٿي چڪي آهي.

اڄ هيٽرن ڏينهن کانپوءِ، دريا خان جي فرضي نالي وارو همراهه رستي هلندي مليو اٿس. گاڏي ڪاتي ۾. هڪ بڪ اسٽال وٽ. اڳ کان بدليل: ٽيٽران جي بادامي لائيٽ ڪلر سان پينٽ. اڇي ٽيٽران جي قميص. اجرڪ جي ڪپڙي جهڙي ٽاءِ. اکين تي لائيٽ ڪلر سان شيشن جو وڏو چشمون، وار، قلم ۽ مڇون نئين فيشن پٽاندر وڌيل.

'هلو ڊيئر. ڪٿي آهين؟'

'اتيئي. تنهنجي ٻاچاهيءَ ۾.' وراڻي ٿو.

'اڄڪلهه ڇا ٿو ڪرين؟'

'ڪجهه به نه.'

چپ.

'ٻيلا ڏي خبر، ياڻ واري هن Resistance Moment جي؟

هن کان پوءِ ڪا ٻي ميٽنگ ٿي ڪانه ٿي؟' پڇيس ٿو.

'بس يار. ڇا ٿيندو. سنڌي ڪڏهن نه سڌرندا. هيءَ ذليل ۽ مرده قوم آهي...'

'نيٺ اسين به ته هن قوم جا فرد آهيون،' ڳالهائڻ وچ ۾ ڪٽيندي چويس ٿو. 'مان ته توکان رڳو هن مومينٽ جي باري ۾ پيو پڇان.'

'ها، ادا، انڪان پوءِ ٻي ڪا ميٽنگ ڪانه ٿي سگهي. مونکي نوڪري ملي وئي انڪري مان مجبور ٿي پيس. باقي هو ياڻ وارو ڪامريڊ مولانا، سو پنهنجي هاءِ ڪمانڊ جي حڪم تي ڀڏو اٿم ته هاربن جي فرنٽ تي لڳي ويو آهي. ۽ اها مومينٽ پومينٽ وئي ائين ئي-'

ڪي گهڙيون ماٺ.

'نيٺ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ بنگالي ته جان ڇڏائي ويا. قربانيون سو

عظيم ڏنائون.‘ چوي ٿو.

چا ٿيندو؟ ڪجھ بہ نہ ٿيندو. پاڻ واري جي- ايم- سيد جون ڳالهيون پليون، پر آهي رڳو وڏيرن جي پنيان. پنو پنجاب جي مفادن سان غداري ڪرڻ نٿو چاهي. ڪميونسٽ: هڪڙا پناهگيرن جا پنو. جن جون ناڪيليون ڪراچيءَ جي ڪالونين ۾ وينل پناهگير ڪامريڊن جي هٿن ۾. بيا. ڏينهن جو سياسي لائينون هلائين، منجهند جو سرمائيدارن ۽ وڏيرن سان ڳجهيون ڪچهريون ڪن تہ رات جو ڌرتيءَ جي ڌڄائين تي محنت ڪن. چا ٿيندو منهنجا ياءُ، ڪجھ بہ نہ-‘

پاڻ مرڪي ٿو. ڦڪي مرڪ. ’نيٺ اڳي پوءِ اسان سنڌ جي نوجوانن کي، هن ٿهيءَ کي ئي تہ سنڌ لاءِ ڪرڻو آهي.‘

’بڪواس آهي يار. چا تو ڪري سگهجي هن مئل قوم لاءِ. حالت اها آهي تہ- هو مولود ڪونہ بڌو اٿئي: شل مديني جو ڪتو هجان هان مديني جي گهٽين ۾ گهمان هان!- سنڌي مسلمان، پنهنجي مادر وطن جي ڌرتيءَ تي عزت، آزاديءَ، وقار ۽ خودمختياريءَ سان رهڻ بجاءِ مديني جو ڪتو بنجڻ وڌيڪ ٿو پسند ڪري. ۽ انسان مان ڪتو بنجي مديني جي گهٽين ۾ نوس نوس ڪرڻ کي وڌيڪ عزت وارو ٿو سمجهي! پاڻ نا اميد آهيون پيارا-‘

انهيءَ معاملي تي اڳتي ڳالهائڻ نٿو چاهيس. ڳالھ بدلائڻ لاءِ پڇيس ٿو:

’يحيٰ خان پٽي کي اقوام متحده مان گهرايو آهي. تنهنجو چا خيال آهي؟‘

’اقتدار حوالي ڪندس. نيڪ آهي يار، پوءِ بہ پنهنجو سنڌي آهي.‘ منهن ۾ ڏسيس ٿو.

’چڱو ديئر. هلان ٿو، گڏ باءِ. (جيئي سنڌ بدران)‘ موڪلائڻ لاءِ هٿ ملائيس ٿو.

’چڱو پلا نوڪري ڪهڙي ملي اٿئي؟‘

’اليڪشن آفيسر. ڪلاس ٿو جي پوسٽ آهي. چڱو-‘ هٿ کي زور سان لوڏيندي موڪلائي وجي ٿو.

صبح جا سادا ڏهه. گاڏيءَ ڪاٺو. وينا آهن ايرانيءَ جي هوٽل: ڪيفي پرشن ۾. احمد شاهه، نواز ۽ پاڻ. شيشي جي وڏن درن مان ٻاهر ڏسن پيا ٿا: ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ. حيدرچوڪ (يا) جيئي سنڌ چوڪ. فيصلو ٿي نه سگهيو آهي. 'ڪي ڏينهن ٿيا، جڏهن يونيورسٽيءَ جا ڪلاس اولڊ ڪئمپس ۾ ٿيندا هُئا، هيءَ هوٽل ڦڪڙ ۽ ڪامريڊ سياسي ورڪرن جو اڏو هُئي...' سوچي پيو ٿو.

نيٺ هنن ڪٿي گهرجي جا ٿيو؟ نواز، هوٽل جي سامهون ڪوآپريٽو بئنڪ جي ڦڪيءَ پٽ ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو. سڀ اوڏانهن ڏسن ٿا. جتي، اڳ لکيل هو: ايوب شاهي مردهه باد. تازو لکيل آهي: ايوب خان ڪو واپس لائو. اڳ لکيل: مجاهد اسلام- يحيٰ خان. تازو: يحيٰ خان ڪو ڦانسي دو. اڳ: مجيب غدار اور هندستان ڪا ايجنٽ هي. تازو: اقتدار مجيب ڪي حوالي ڪرو. ۽: همين سنڌي نهين، پاڪستاني صدر چاهي. سنڌ ڪو دو لساني صوبه تسليم ڪرو. سنڌ ڪي سرڪاري زبان- اردو.

'هنن کي پيو ڪجهه نه: رڳو ڦُر لٽ لاءِ سنڌ جي زمين گهرجي. هي ٽال ٽيتال رڳو انهيءَ لاءِ آهن.'

شاهه چوي ٿو: جيتوڻيڪ پٽو بنيادي طور هنن پناهگيرن ۽ پنجابين جي مفادن جو محافظ آهي:

'ته ڇا تون سمجهين ٿو ته پٽو سنڌ جي مفادن سان غداري ڪندو؟' نواز جارحانه انداز ۾ پڇيس ٿو.

'منهنجي نه خيال ۾، مسلم ليگين، جماعت اسلامي ۽ پيپلز پارٽيءَ ۾ ڪو بنيادي فرق ناهي.' شاهه ٺڏي نموني ۾ مرڪندي چوي ٿو.

'بڪواس ٿو ڪرين.' نواز ڏاڍيان چوي ٿو. 'ميان! هيءُ پٽو ئي آهي، جنهن اوهان سنڌين کي نئين زندگي ڏني آهي. ٢٥سالن تائين جي- ايم- سيد ڇا ڪيو آهي؟ رڳو پچ ڊاهه، تخريب. ڪڏهن ڪو تعميري ڪم به ڪيو اٿائين؟ هيءُ پٽو ئي آهي، جنهن طوفان وانگر سنڌ جي گهر گهر ۾ پهچي سجاڳي آندي، جتي جي- ايم- سيد ٢٥ سالن ۾ ڪجهه نه ڪري سگهيو هو. هيءُ پٽو ئي آهي، جنهن جي سياست ڪري پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي صدر ٿيو آهي. گورنر، وزير سنڌي ٿيا آهن. آفيسر سنڌي آيا آهن. سنڌي، سنڌ جي واحد سرڪاري زبان بنجي رهي آهي.

اوهان تہ اهي ڳالهيون خواب ۾ ڪونہ ڏٺيون هونديون.......

’مهربان ٿورو آهستي ڳالهاءِ. تقرير نہ ڪر. هيءَ هوٽل آهي. ۽ اسين پاڻ ۾ رڳو چار جڻا وينا آهيون.‘ احمد، نواز جي ڳالهائڻ جي وچ ۾ آهستي آهستي. طنزيہ انداز ۾ چوي ٿو.

نواز ڪانسواءِ، ٿيڪي ڪلن ٿا.

’نہ. مان اڄ هن سان بحث ڪري صفائي ڪندس.‘ نواز چوي ٿو.

’تون پلي صفائي ڪج. پر خيال سان. هوٽل ۾ وينا آهيون هاڻي سلسلو جاري رهي. ها، پوءِ اڳتي.‘ احمد ساڳي طنزيہ انداز ۾ چوي ٿو.

’بس، مون ڳالهائڻ بس ڪيو.‘ نواز پاڻيءَ جو گلاس کڻندي پاڻي پيئندي چوي ٿو.

’تون ڏسجانءِ وينو. پيپلز پارٽي سنڌ جي مفادن سان غداري ڪندي. سنڌ جي واحد سرڪاري زبان سنڌي نہ ٿيندي. ۽ ٻوليءَ جو هيءُ بل تہ. سرڪاري زبان بنائڻ لاءِ نہ، پر ترقي ۽ واڌاري لاءِ آهي. ۽ سنڌي ٻولي قومي ٻولي بہ نہ ٿيندي. نہ مڪمل صوبائي خودمختياري ملندي. پيپلز پارٽي سنڌين ڪان وڌيڪ پنجابين ۽ پناهہ گيرن جي مفادن جو خيال رکندي. باقي اوهان جهڙن چوٽين سنڌين کي راضي ڪرڻ لاءِ ايڪڙ ٻيڪڙ مطالبو ڪُٽي کي اڇابل هڏيءَ وانگر پورو ڪندي ۽ بنيادي مسئلن ڪان لنوائيندي. چا سمجهيُہ.‘ شاهہ لفظن تي زور ڏيندي چوي ٿو. ’باقي جي– ايم– سيد! سو ويچارو پاڪستان اندر پنهنجي زندگيءَ جو منو حصو جيلن ۾ نظربند رهيو آهي. انجي باوجود هن ويچاري جو ڪجهہ ڪيو آهي، انهيءَ جي مهابي تون اڄ سنڌي حقن، سنڌيت جو شعور رکين ٿو. اهو شعور هن ئي جو ڏنل آهي، منهنجا پيارا.‘

’اهو تہ ٺيڪ آهي، جي. ايم. سيد نظرياتي ڏسَ ڪان سنڌي نيشنلزم جو شعور ڏنو آهي. پر هن تنظيمي طور ۽ تحريڪي طور ۽ طريقہ ڪار۾ بنيادي غلطيون ڪيون آهن. مثال طور قومي تحريڪ ۾ هارين ڪان وڌيڪ وڏيرن ۽ پيرن تي ڀروسو رکڻ. ۽ هارين جي مسئلن کي نظر انداز ڪرڻ. يا....‘ احمد چوي ٿو.

’اهو ٿي سگهي ٿو. پر انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ جي. ايم. سيد غدار آهي.‘ شاهہ.

’بلڪل نہ. ڪوبہ سنڌي ائين چئي نٿو سگهي–‘ احمد.

’بڪواس آهي.‘ نواز چوي ٿو. ’جي. ايم. سيد تخريب ڪانسواءِ ڪجهہ نہ ڪيو آهي.‘

’هان، هي ٻيو پاڻي پيءُ.‘ شاهہ ڏانهس گلاس ريڙهيندي چوي ٿو.

ڏاڍو جوش چڙهي ويو اٿئي.‘
’پاڻي نہ. سگريٽ پيار.‘ نواز چوي ٿو.
احمد سگريٽن لاءِ بيري کي چوي ٿو. ۽ پوءِ نواز کي چيڙائڻ لاءِ
کيس چوي ٿو. ’ نواز، اهو سچ آهي تہ. سنڌين جي حڪومت آهي. صدر بہ
سنڌي آهي. پوءِ بہ سنڌ ۾ ساڳيا پنجابي آفيسر، چوڌري، سنڌ جون زمينون
اڳي وانگر پنجابي فوجين کي مليل. بدڻ ۾ آيو آهي تہ. بلوچستان مان ٻين
صوبن جي آفيسرن کي ڪڍيو ويندو. ۽ هتي پاڻ وٽ اهڙي ڳالهہ ڪانهي.
اهو قصو ڪيئن؟‘
’يار خدا جي واسطي مٿو نہ کاءُ. بلوچستان ۾ تہ اهي ساڳيا تنهنجا
نعب وارا اٿئي. جن بوليءَ جي مسئلي تي سنڌين سان غداري ڪئي آهي. ۽
پنهنجي منشور کان ڦريا آهن.‘ نواز وراڻي ٿو.
’انهيءَ جي معنيٰ تہ جي- ايم- سيد جو نظريو صحيح ثابت ٿيو
آهي: سنڌ جي مخصوص حالتن هيٺ، هر، آل پاڪستان بنيادن تي ٺهيل
سياسي پارٽي، سنڌين کي ڪڏهن بہ دوکو ڏئي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ انهن
آل پاڪستان بنيادن تي پارٽين جو گهڻو ڪري لاڙو يا تہ پناهگيرن کي يا تہ
پنجابين کي ۽ گهڻو ڪري ٻنهي کي خوش رکڻ ڏانهن هوندو آهي. ۽ سنڌ جا
مفاد انهن جي ۾ آهن. ۽ ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌ جي اقتصاديات، تهذيب تمدن
۽ جاگرافيائي وسيلن جا غاصب ۽ ڦرلٽ ڪندڙ آهن. ۽ سنڌي سندن هٿان
ڦرجندڙ...... ...... سنڌين جو حافظو ڪيڏو نہ ڪمزور آهي ۽ سوچ
ڪيڏي مٺاڇري: ڪلهہ سنڌ کي پنجاب سان ڳنڍيندڙ ايوب کهڙو غدار هو.
۽ اڄ پنجاب جي مفادن جي ڪلمر ڪلا حفاظت ڪندڙ سنڌين جو هيرو!! نيٺ
هن قومر جو حشر....‘ شاهہ چوندو رهي ٿو.
’ير، خدا کي مڃو،‘ نواز بيزاريءَ مان هٿ ٻڌي چوي ٿو. هاڻي
سياست بند ڪيو. مونکي هي سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي تہ. اسين سنڌي،
عملي طور ڪجهہ نہ ڪندا آهيون ۽ رڳو روز سياسي ڪچهرين تي ۽ نڪتہ
چينين تي.مون ڪيترا ڀيرا. انهيءَ تي سنجيدگيءَ سان.سوچيو آهي ۽ فيصلو
ڪيو آهي، تہ اڄ کان پوءِ سياست تي نہ ڳالهائيندس. پر اوهان اهڙا حرامي
آهيو. جو ڦيرائي گهيرائي سياسي بحث ۾ اچي ڦاسايو. هاڻي ڪا ٻي ڳالهہ
ڪيو. نہ ماما؟ هو جو هن وقت تائين چپ وينو هو. ڏانهنس منهن ڪري ٿو.
’هيءَ دور ئي اهڙو آهي، پاڻ وراڻي ٿو. هر فرد کي سياست ۾
حصو وٺڻو پوي ٿو. سنڌين جي اها ڪمزوري برابر آهي: ڪچهري گهڻي ۽
عمل گهٽ.‘
’ڇاڪاڻ تہ تون پوليٽيڪل سائنس جو شاگرد آهين، انهيءَ ڪري

چوين ٿو ته، هر فرد کي سياست ۾ حصو وٺڻ ئي پوندو رڳو ڳالهين سان نه، پر عمل سان ۽ رٿا سان. ڇاڪاڻ ته سياست، قومن جي وچ ۾ مفادن جي جنگ آهي. ۽ سياست جي حد علم نعري ۽ نهراءَ کان وٺي رائفل جي گوليءَ تائين آهي.'

'ته سنڌين کي هينئر گوليون ڪٿان گهرجن؟' نواز ڪيس وڏيڪ ڪولڻ لاءِ حرامپائي ڪري ٿو.

'نه. منهنجو اهو مطلب ناهي، جيئن تون چوين ٿو.' وراڻي ٿو، 'پر مان جنرل ڳالهه ڪيان ٿو: قومي حقن جي تحريڪن ۾ اهو مرحلو گهٽو ڪري اڻ- ٽر هوندو آهي. باقي وقت، وقت جي ڳالهه آهي.'

هوٽل ۾ چوبول. هوٽل جا ملازم تڙ تڪڙ ۾ لوهي دروازو لاهڻ لڳن ٿا. هيءُ به شيشي جي درن مان ڏسن ٿا: اورينٽ هوٽل واري رستي کان ايندڙ هڪ انبوهه.

'ڇا هي؟' نواز پڇي ٿو.

'صاحب جلوس.' لوهي دروازو لاهيندڙ هوٽل جو ملازم وراڻي ٿو.

'ڪنهن جو جلوس آهي؟' نواز، احمد کان پڇي ٿو.

'اڙي هو- مهاجر ٻوليءَ جي بل جي خلاف مظاهرو ڪندا هوندا.' شاهه وراڻي ٿو.

'ڇا خيال آ، ڏسون هلي ٻاهر؟' شاهه پڇي ٿو.

'نه يار ڇڏين. هتي وينا آهيون.' نواز بيزاريءَ مان وراڻي ٿو.

'چو پناهگيرن کان ڊڄين ٿو ڇا. بنگال کان آيل بهاري به انهن ۾ هوندءِ.' احمد چوي ٿو.

'مُئين يار. سنڌين جا جو پرڪار اهڙا هوندا، پوءِ بهاري ته ڇا، الاءِ ڪهڙي ڪهڙي مخلوق هتي ايندي.' نواز.

'هيءُ مجي ويندن.' پاڻ، هلندڙ ڳالهه جو رخ ڦيرائيندي چوي ٿو.

'مطلب؟' شاهه پڇيس ٿو.

'مطلب ته هيءُ پناهگير سنڌ ۾ اڙدوءَ کي به صوبائي زبان مڃائي، ۽ اهڙي ريت سنڌ کي ٻن زبانن وارو صوبو تسليم ڪرائي ويندا. سنڌ جي خاتمي لاءِ اهو پهريون وار آهي. پوءِ آهستي آهستي، سنڌ کي، اڙدستان ۾ تبديل ڪندا ويندا.'

'اهو ناممڪن آهي. سرڪار حال في الهال ته سخت اسٽينڊ وٺي بيٺي آهي.' شاهه چوي ٿو.

'نه سائين، ڏسجانءِ. هيءُ سرڪار کي جهڪائيندا. سنڌ جا ڊڄڻا وڏيرا غريب سنڌين لاءِ ته رئيس ۽ نواب آهن. هنن جي آڏو لوسي ۽

جهڪندڙ آهن. ۽ پورو پنجاب هنن جو ساٿ ڏيندءِ. اهو به ڏسجانءِ.‘ احمد جوي ٿو.

’جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ سنڌي هينئر مات ڪري نه وهندا. وڏو گوڙ ٿيندو.‘ شاهه چوي ٿو.

’هن ڪان اڳي به ڏاڍا گوڙ ٿيا آهن. جو هينئر باهه پري ويندي.‘

احمد چوي ٿو. ’ميان سنڌين لاءِ پٿي جي هڪ تقرير ڪافي آهي. وري بي هوش ٿي ويندا.‘

ٻاهران پٿر لڳڻ ڪري لوهي دروازن جا ٺڙڪا.

’ابا نواز، اڇي ويٺي. مرن لاءِ تيار ٿيءُ.‘ شاهه مرڪندي چويس ٿو.

’هي ٻيڻ چو..... نه ڇڏيند. ڳي پوءِ ضرور مريندا.‘ نواز چوي ٿو.

ٺڙڪا بند ٿي چڪا آهن. نعرن جا ٻڌجندڙ آواز آهستي آهستي ٿي، ختم ٿيندا وڃن ٿا. جلوس، سنڌي يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ڏانهن وڌي ويو آهي. جا پوءِ، هوٽل مان ٻاهر نڪرڻ تي خبر پوين ٿي. هوٽل جي ٻاهران موڙ وٽ بيهي، ڏسي رهيا آهن: سنڌ يونيورسٽيءَ بلڊنگ تي، جلوس پٿر بازي ڪري رهيو آهي. ۽ سنڌيالاجيءَ تي پٿر بازي ڪري رهيو آهي. ڏسي رهيا آهن. ڏسندا رهن ٿا.

پٿر وسي رهيا آهن. گولا بارود وسي رهيا آهن. ديبل تي. نيرون ڪوٽ تي. منجنيقون ڏڙا ڏڙا. ڳرا وزني پٿر، سنڌ مٿان، سنڌين مٿان وسائي رهيون آهن. ٺٺو ڦرجي رهيو آهي. باهه جا پنيٽ. سڄي لاڙ ڪي باهه وڪوڙي وئي آهي. گوليون. باهيون. بارود. ترارن جا چمڪاٽ. خنجر. ڀالا. جلندڙ، سڙندڙ، باهه جي پنيٽن ۾ وڪوڙيل سنڌ. سرندڙ، ڪرندڙ، پڇندڙ، ڦٿڪندڙ، ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏيندڙ سنڌي.

وقت وهي رهيو آهي. وقت، جو ماضي حال مستقبل آهي. وقت، جو تاريخ آهي. وقت جي وهڪ، جا سنڌ ۾ ڪڏهن ماضيءَ نه بڻي آهي. تاريخ، جا سنڌ ۾ ڪڏهن ماضيءَ جو داستان نه بڻي آهي. حال ئي حال. پيانڪ، اڻ- ڪٽ سلسلو حال جو. هلندو رهي ٿو. هلندو رهي ٿو. مخدوم بلال پيڙجي رهيو آهي. مدد خان جي گهوڙن جون ٽاپون مانيون نه ٿيون اهن. اها ڌوڙ، اهو ڪوس، اُها ڦرلٽ بند نه ٿي آهي. ڪليل چوڪ تي ڪو ترخان، سنڌيءَ جي ڪل، تيز خنجر سان آهستي آهستي ڪري لاهي رهيو آهي. ٻيا سنڌي، هراسيل، ڊنل تماشو ڏسي رهيا آهن. ڪو ارغون سنڌي ونيءَ جا ٿڻ ڪپي مزو ماڻي رهيو آهي. سنڌ جون ڇايون، گهوڙن سان ٻڌل،

دمشق جي روڊن تي گهلجي رهيون آهن. چچريل جسم. ليڙون ٿيل لٽا. انگ انگ ناسور ٿيل. چارلس نيپئر جي بارودي توبن جا آواز اچي رهيا آهن. مياڻيءَ ۾ جنگ جاري آهي. نيرون ڪوٽ ۾ سازشون جاري آهن. هوشو اڏول ٿيو بيٺو آهي. هيمون. مرڪي ڦاهيءَ کي چمي رهيو آهي. 'انگريز سامراج مردهہ باد' جيل پريل.

حال جو نہ ڪٽندڙ سلسلو...١......

نعرءِ تڪبير الله اڪبر. نعرءِ تڪبير الله اڪبر.

لپ ريٽ- لپ ريٽ، لپ ريٽ قافلا اچي رهيا آهن. قافلا وڃي رهيا آهن. هن ڌرتيءَ جا ڇاوا وڃي رهيا آهن. عجيب، اجنبي: شيروانيون، وات ڳاڙها، وات ڪڏهن بہ مات ۾ نہ رهندڙ. پاجاما، گوڏيون، تُرا، ڪليم- هال. ڪيڏو پيانڪ حال.

اڻ- ڪٽ، جنهن جو ڪو انت ناهي. سلسلو هلي رهيو آهي. اجمير. بمبئي، سنڌو ڊام. سنڌو ننگر. بڙودا.هڪڙا، سنڌي جاتيءَ جي نالي ۾، وقت جي بي رحم طوفاني وهڪ ۾ زندهہ رهڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻي رهيا آهن. پيا: ائبسرڊٽي ۽ بي معنائيءَ جي ڏنڊ ۾ پاڻ وڃائي وينا آهن. پاڻ وڃائي رهيا آهن. مستقبل ڪا شي ناهي. حال ئي حال! ڪراچي، حيدرآباد، ٽنڊوالهيار، ميرپور خاص، نواب شاهہ، سکر، ٽنڊوڄام. سنڌين جي گهرن کي راتاها لڳي رهيا آهن. خنجر، ڀالا، بارود،بم، اجهو سنڌيءَ جو گهر، بم سان اڏي، جلي رهيو آهي. ڪيهون، دانهون، پڪارون. اجهو،ڪنهن سنڌيءَ جي اکين ۾ تيزاب پئجي رهيو آهي، آنڊا ٻاهر نڪتل. ٽچڪندڙ گرم پاڻيءَ مٿان. ڪنهن جي اکين ۾، ڪليون هنيون پيون ٿيون وڃن. ڦٿڪندڙ وجود. ڪنهن جي جسم جا ڳيا ڳيا ڪيا پيا ٿا وڃن. ڪنهن سنڌي عورت سان جبري زنا ڪئي پئي ٿي وڃي. هڪ جي پنيان ڊگهي قطار. پوءِ ويجندڙ ٽڻ. پوءِ: نعرءِ تڪبير الله اڪبر. نعرءِ تڪبير الله اڪبر. اسلام زندهہ باد. اسلام زنده باد. اسلام زنده باد- قدم بڙهاتي چلو. سر سي ڪفن باندي چلو. سرفروش سپاهيو! بہ جهاد هي. يا غازي بنو يا شهيد. شهداءَ اردو ڪا........ تعداد هوگيا.....

حال ئي حال. ڪجهہ ماضي نہ بڻيو آهي. ابوءِ! حال جو ڪيڏو طويل ڊگهو سلسلو. نہ ڪٽندڙ. سنڌي ڌرتي حال جو هي اڻ- ڪٽندڙ، وزني بار ڪٿندي پئي آئي آهي. پر ڪيسيتائين؟؟ نيٺ چيلهہ ڇپي ٿيندي (؟) ڪلها گسندا ۽ پوءِ سڀ ڪجهہ ماضي ۾ تبديل ٿي ويندو (؟) ۽ سنڌ جو ماضي: ڏڙا ئي ڏڙا، هڪ نئين ڏڙي جو اضافو (!؟) ٿيندو (!؟) اڳ جا ڏڙا مَنيءَ-جي ڊيرن تي نهيل آهن. ۽ هيءُ ڏڙو-؟. (زنده لاشن تي؟)

روڊ سنسان ۽ ويران. ڦري رهيون آهن تن تي، فوجي ٽرڪون ۽ جيپون. فوجي: رائفلون ٽانيو وينا آهن. لوهي ٽوپ پهريل. ڪٿي ڪٿي روڊن تي رڪاوٽون: ٽائر سڙي رهيا آهن. وچ تي وڏا وڏا پٿر پيل. فوجين جي لنگهڻ تي: هماري پاڪ افواج، زندهہ باد. مجاهد پاڪستان- زنده آباد: پٿو جاوي- ٽڪا آوي. چانهيون. ڪوڪو ڪولا. نيرن. ڊبل روٽيون. هماري پاڪ افواج زنده باد. سنسان، ويران روڊ، ڦرندڙ تن مٿان فوجي گاڏيون- سڙندڙ ٽائر. وڏا شاهي پٿر رڪاوٽن لاءِ.

ٻئي پاٽر گهر ۾ وينا آهن. اڪيون سُجيل، ڳاڙهيون. لڳاتار اوجاڳو ڪڍڻ ڪري.بنا هنيار وينا رهيا آهن. ٻڌندا رهن ٿا: فلاڻي گهر وارن پاڻيءَ جون بالٽيون گرم ڪري رکيون آهن. تن ۾ ڳاڙها مرچ. فلاڻن وٽ هيتريون رائفلون آهن. ۽ رات جو ڪنهن نہ ڪنهن وقت: 'هوشيار!' سينديون. ٽنين جا آواز. روڊن تي تيز تيز هلندڙ فوجي گاڏين جا چيڪات. پنج ڏينهن اڳ وڏي پاٽس جي چٺي تي، پاچاٽس ۽ ٻارن کي پاڻ ڳوٺ ڇڏي آيو هو. جيتوڻيڪ پاٽس چيو هوس: تون بہ اتي رهي پئجان. تنهنجو هتي رهڻ نيڪ ناهي. نہ مڙيو. ٻارن کي ڇڏي واپس آيو هو. نوڪريءَ جي مجبوريءَ ڪري پاٽس کي حيدرآباد ۾ ئي رهڻو هو.

ڪلاڪ لاءِ ڪرفيو لٿو آهي.

'ٻاهر ڏسج دڪان کليا هوندا. هي شيون وٺيون آهن: اٽو. گهہ. پٽاٽا. چانور. لوڻ. کنڊ. مرچ ۽ چانهہ.' پاٽس چوي ٿو. پيسا ڪڍي ٿو. سيڏي جي لِسٽ ڪڍي ٿو. هڪ وڏي ڇٻي ۽ ڪپڙو ڪڍي ٿو ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو.

'هيڏي- نهيو تون نہ وڃ،' پاٽس سڏيندي، جهليس ٿو. 'مان ٿو وني اچان. تنهنجو وڃڻ نيڪ ناهي. تون نظرن ۾ آهين.'

'نہ ادا، مان وني ٿو اچان.، وراڻي ٿو.

'نہ نہ- هي انتهائي وحشي ۽ ڪميڻا آهن. انسانيت جو تہ هنن ۾ انگ ئي ناهي.' پاٽس ڪائنس پيس، ڇٻي ۽ ڪپڙو وٺندي چوي ٿو، 'هنن کان تہ هندو ويچارا لک ڀيرا سنا هئا.' پاٽس ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

'هنن کان تہ هندو لک ڀيرا چڱا هئا.' سوچي پيو ٿو. اڪيلائي ۾. پاٽس جي لفظن تي. سنڌ جي ۽ برصغير جي مسلمانن جي ذهنيت بہ عجيب آهي. ٻنهي وفادارين رکندڙ. پر نہ- سنڌ جي مسلمانن ۽ يوپي، سي پي ۽ پنجاب جي مسلمانن ۾بنيادي فرق آهي. سنڌي، خاص ڪري هينئين

طبقن جا صوفي طبع جا آهن. سياست سان گهٽ واسطو رکندڙ. هڪ ئي وقت سچل، سامي، لطيف جا عقيدتمند. جڏهن تہ هو مسلمان، ڌرتيءَ سان غداري ڪندڙ، منافق، ڪريل ذهنيت ۽ ڪوڙي احساس برتري رکندڙ. البت سنڌ جا وڏيرا، پير، اسلامي رجعت پسنديءَ ۽ هٽ نوڪئي مسلم قومي نظرئي سان هنڪجهڙائي رکڻ ڪري، سندن ٻانهن ٻيلي ...... سوچي پيو ٿو. 'هندو هوندا هئا تہ قرب هو، ميٺ محبت هوندي هئي. منهنجو هڪ دوست هندو هو رتن....' ڪرفيو دوران پاٺس جون ٻڌايل يادون. پڙيل آواز سان.

در جو ڪڙڪو. پاٺس اندر گهڙي ٿو. خالي چپي. خالي ڪپڙو. خالي هٿين.

سواليہ نگاهن سان ڏانهنس ڏسي ٿو.

'نہ مليو. ذليلن وني دانهون ڪيون: سنڌيون ڪو راشن نهين ملي گا.'

پاٺس جو لٽل منهن ڏسي ٿو. ڪجهہ نٿو ڪُڇي. جُڪ. انتهائي جوش:رڳون ڇڪجي تاڻجي آيل. بدن ۾ رت جي تيز تيز ڊُڪ. 'هنن جي تہ.....'، 'چيچلائي چيچلائي مارجين.. ڪُرٽيل ڏند.

ماري رهيو آهين: پهرين هٿ وڍي رهيو آهي. پوءِ تيز خنجر سان چهڪ ۽ چير ڏئي رهيو آهي. هڪ اک ڪڍي رهيو آهي. ٻي اک. چپ وڍي رهيو آهي. پوءِ تيز خنجر سان چهڪ ۽ چير ڏئي رهيو آهي. هڪ اک ڪڍي رهيو آهي. ٻي اک. چپ وڍي رهيو آهي. ڪن ڪپي رهيو آهي. ٻوٽي ٻوٽي وڍي رهيو آهي...... ڦٽڪندڙ، چيچلائيندڙ، سي جسم......

ڪرفيو وري لڳي ويو آهي.

وقت وهي رهيو آهي.

بظاهر سڀ ڪجهہ مانو ٿي چڪو آهي. اڳ نهيل بچاءَ ڪميٽيون، پهرين امن ڪميٽين ۽ پوءِ امدادي ڪيمپن ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن. ڊبل رول سان: اُهي جيڪي سنڌ بچاءِ ڪميشن ۾ هُئا. سي هاڻي امن ڪميٽين ۾ اچي چڪا آهن. امن لاءِ اپيلون: 'مسلمان ڀائر آهيون،' 'ڪيڏي افسوس جي ڳالهہ آهي اڄ مسلمان، مسلمان جي خون جو پياسو ٿي پيو آهي-' مسلمان، مسلمان جو گلو ڪٽي رهيو آهي.'

۽ وجي رهيون آهن ڳالهيون. گهرن ۾، هوٽلن ۾، آفيسن ۾: 'هنن پناهگيرن مان چڱا ڦاٽاسين. مولا ڪو جند ڇڏائي' - 'هي مسلمان تہ آهن ئي ڪونہ. نڪو انسان جا قر' - 'وڏيرن پاڙيائي ڪئي نہ تہ.....' - 'سنڌي اڄا

۽ ڪونہ سڌرنديءَ.‘ - ’ابوھہ! ويچارا هندو هوندا هئا. ڪيڏا قربائتا! ملڪ ۾ ايمان هو، امن هو، سک هو، سلامتي هئي. هي الائي ڪتان جي مخلوق-‘ ’جيڪڏهن جي. ايم. سيد مري ها تہ سنڌ ۾ هينئر اٿل ڏسين ها.- ’چڙ يار! ڪتو بہ ڪونہ ڀونڪي ها!‘ - ’پتو ڪونہ ڇڏيندن. ڏسجانءِ. آهستي آهستي ڪري هنن کي ختم ڪندو.‘ - ’مڪڙ. سائين مڃائي ويا.‘ ـ سنڌون سڌو بہ زباني صوبو ٿيو. اڙدوءَ وارن جي اڪثريت مڃيائون.‘ - ’مولا! مڪڙن کي مارين يا مڃائين.‘ - ’سنڌ جا بہ پير رڳو مڙسي کن تہ- پر پير پاڳاري تہ پٽي جي دشمنيءَ ۾ پناهگيرن جو ساٿ ڏنو آهي. چون ٿا تہ هٿيار ۽ ڏوڪڙ بہ ڏنا اٿائين.‘ - .سنڌين ۾ وري اها ڪتي پٽ! پاڻ ۾ وڙهي مرندا.‘ .... ڳالهيون ئي ڳالهيون! ڳالهيون ئي ڳالهيون!

شام. سج لهي رهيو آهي. لهندڙ سج جي ڪرڻن جا سون جهڙا ٽڙڪا. نڪتو آهي گهران، شام کي ماڻڻ ڪاڻ. گهر جو ٻاهريون در اُڪرندي نظر سامهون پٽ تي: ’اردو گلي.‘ ميونسپل جي نل مٿان: ’صرف مهاجر پاني ڀر سڪتي هين.‘ ۽ ٿورو پريرو راشن جي دڪان تي: سنڌيون ڪا راشن بند.‘ ڏسي ٿو. ذهن ۾ جهٽي نٿو. ڏسندو آيو آهي. سمجهندو آيو آهي. محسوس ڪيو هئائين. احساس جي تيز چيندڙ نوڪن هيٺ پوڳيو هئائين. سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويل. ناس ٿي ويل. ڏسي ڏسي، محسوس ڪري ڪري، معمول بڻجي ويل. ڪنهن هڪ ئي عمل جو لڳاتار ورجاءُ، هِري هِري زندگيءَ جو جز بنجيو وڃي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ جز بنجي ويو اٿس ڏسندي. نٿو ڏسي! احساس هوندي محسوس نٿو ڪري! سمجهندي، نٿو سمجهي!

ڪيڏي بي حسي (!!)

تلڪ چاڙهي: وڃي رهيو آهي هيٺ. آهستي آهستي. ذهن خالي. احساس نيوٽرل: اُمنگ مئل. مروتيل. مليل زندگيءَ جي گهڙين کي ڪپائڻ (Consume) لاءِ.

حيدرآباد
(اپريل ١٩٧١ع- سيپٽمبر 1972ع)

”منهنجي لاءِ سڀ کان وڏي سچائي اها ئي آهي تہ مان هڪ اهڙي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند، جيئن سان پنهنجو مٿو ٽڪرايان ٿو. جن جيئن منجهہ نہ در آهن ۽ نہ دريون.“

[ڪافڪا جي هڪ خط جو ٽڪر]

سُهامُ مُثمٍ

هڪ خط

پيارا دوست نثار،

اميد تہ خوش هوندين. ههڙي قسم جا خط اڳ بہ مان لکي چڪو آهيان. وري هڪ پيرو يقين ڪرڻ چاهيان ٿو. ڳالهہ دراصل هي آهي تہ: هتي مون ڪان نڪو وڪالت ٿي هلي ۽ نڪو ميڊيڪل اسٽور- تربيت ٿي اهڙي ٿيل آهي، جو ٻنهي ڌنڌن ۾ نڳي- جيڪا مون ڪيٖ نٿي اچي. مان اهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ ڇا اتي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ ڪا جاءِ خالي آهي. اوهان جي چيئرمين شاهہ صاحب جو هڪ سنو دوست هتي آهي، اڻ چيو آهي تہ: جيڪڏهن شاهہ صاحب وٽ ڪا جاءِ آهي، يا ڪڏهن ڪري ڏئي سگهي ٿو تہ مان اهو ڪم ڪرائڻ جي همٿ رکان ٿو. مون وٽ ايم. اي (سوشالاجي) ۽ ايم. ايڊ جون ڊگريون آهن. هن ڏس ۾ پوري تفصيل سان پر سٽت جواب ڏيندا. اڄ ڪلهہ اوهان ڇا پيا ڪيو. ڪتابي سلسلي ۾ ڪو نئون ڪتاب آيو آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ ٻار هڪ ڪاپي تہ موڪليندا.

ذهني ٿڪ سبب في الحال لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم، پر ڪلهہ ڪان ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ جو ارادو ڪيو اٿم. ليکڪ ۽ سماج- Eastablish-mentجي حوالي سان پڪو ارادو نہ ڪيو اٿم رات ضرور هڪ بہ پئرا گراف ٿي لکندس. پر هر حالت ۾، جيڪڏهن اوهانجو ڪو ڪتاب ڇپيو هجي تہ موڪليندا. جواب جو انتظار رهندو.

اوهانجو پنهنجو

منير

[ماڻڪ جو اهو خط جيڪو هن پنهنجن مرتئي کان 12-10 ڏينهن اڳ نثار حسينيءَ کي لکيو هو.]

جڏهن سچڻ سفر هليا

٢٦ جنوري، اڱاري جي ڏينهن، ٻي وڳي منجهند برک ڪهاڻيڪار "ماڻڪ" جي اوچتي دکدائڪ وفات واري خبر ٢٧ جنوريءَ تي شام سوائين ڇهين وڳي تصديق ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. ڪوڙ سارن دوستن جو پنڌ پهڻ دائرو- ۽ وچ ۾ سائين نثار حسينيءَ تصديق لاءِ الاءِ ڪهڙي اخبار کي فون ڪيو.

سائين فون تي ڳالهائڻ جي ابتدا ڪئي. ته دل ڏرڪڻ لڳي. ته اها خبر .... شايد.........نه نه! پر اوچتو ڳالهائيندي، سائينءَ اکين ئي اکين ۾ چئي ڏنو "ماڻڪ ختم ٿي ويو." جهلڪ پلڪ لاءِ سڀ فريز ٿي وياسين. پر برف کي آخر ته ڳرڻو ئي هيو- ۽ ان کان اڳ جو اکين ۾ برف رجڻ لڳي، پيڙهيءَ جي سوراخن‌مان پاڻي اندر ڏوڪي چڪو هو ۽ نيشنل سينٽر جون ڏاڪڻيون ڏاڪو ڏاڪو ڪري هيٺ لهي رهيا هئاسين. ته ڏاڪڻ تان لهندي ٺڪل ٺڪل وکون ڪڻندي ائين لڳو، ڄڻ ڏاڪڻ جي ڏاڪن تي تيز اڇا بليڊ رکيا هئا، ۽ پوءِ هيٺ شهر جا رستا، فليٽ، ڪارون، بسون، آسپاس ڪوڙيل اشتهاري بورڊ. هر شيءِ هڪ ۾ خالي پٽي جو احساس. سائين نثار اوچتو هلندي چيو: "يار سعيد! ماڻڪ جي ڊيٿ نروس ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان سوچڻ لڳس ته، موت اهڙي وٿ/ سگهه آهي جيڪا ماضي، حال، مستقبل ۾ سچي دنيا جي ماڻهن، ساهه وارن شين تي حاوي رهي آهي. قلم ته برابر ليکڪ جي هٿ وس هوندو آهي پر هو اُن سان پنهنجي تقدير ۽ جمار ته نٿو لکي سگهي، ۽ ماڻڪ به مري ويو، اڳتي هلي اسان مان به هرهڪ کي ڌرتيءَ تي هلي پنهنجو پنڌ ڪٽائڻو آهي. اهو طريقو ازل کان هلندو اچي. "پر ڇا اها ماڻڪ جي وڃڻ جي مهل هئي؟"

"مون کي چاڙهي ڇڏيئءَ ويو وڻجارو اوهري" مٿان اها به عجب جهڙي دکدائڪ هڪجهڙائي آهي، ته ٻنهي اِنهيءَ ساڳي (ماڻڪ واري) خوبصورت ايج ۾، جو ماڻڪ ٻنهي پيارو دوست ۽ برک ڪهاڻيڪار عبدالحق عالماڻي به ويچاري پاپي ۽ هڪ پٽ کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو. ماڻڪ جي ذات، ذات، فن ۽ فڪر تي ڪميٽرنگ ڪرڻ لاءِ مان نهايت ننڍڙو آهيان. "نه" برابر آهيان. ڪهاڻي کان، ناول کان، ناٽڪ کان تنقيد تائين، سنڌي

ٻوليءَ جي هن ذهين ليکڪ جي هڪ ڊگهي ادبي ياترا آهي. ماڻڪ هر صنف ۾ زندگيءَ جي تلاش جو سفر ڪيو آهي. زندگيءَ جي اپياس جا طريقا هر احساس ۽ آدرشي ليکڪ وٽ پنهنجا هوندا آهن ۽ ماڻڪ وٽ بہ هئا. ماڻڪ بيشڪ تہ- نہ فقط سنڌي ٻوليءَ جو ذهين ۽ گهڻ پڙهيو ليکڪ هيو، پر هن جيڪو ڪجهہ بہ پڙهيو هو، اُن بابت هن سوچيو بہ هو. ماڻڪ وٽ هر متضاد سياسي ۽ قومي مسئلي جي لاءِ هڪ راهہ هوندي هئي. ماڻڪ پنهنجي آخري لکڻيءَ تائين پنهنجي آدرشن سان وفادار نظر اچي ٿو ۽ اها ڳالهہ بہ پڌري پئي ڪرڻ چاهيان ٿو تہ، ماڻڪ روايتي آدرشوادين ۽ سياستدانن وانگر پنهنجا آدرش ڪاٺين تي مڙهيا ناهن. ماڻڪ پنهنجي ڏمريل ٿيءَ جو اڪيلو ۽ منفرد نمائندو هو ۽ آهي! ماڻڪ جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، ان جي ٽيڪنڪ ٻوليءَ جو واهپو- جملن جي جوڙجڪ- مواد جو ورتاءُ. مطلب تہ منفرد نثر جيڪو ماڻڪ لکيو اُن جي ابتدا بہ ڪانئس ئي شروع ٿئي ٿي. ماڻڪ وٽ مايوسي ۽ اسبوڊٽي فيشن طور نہ هئي. اهو ماڻڪ جي مشاهدي جو ڪمال هو. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ آئوٽ هائيڊر قطعي ڪونہ هو. ماڻڪ- سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ جنهن (Theme) سان نڀايو، اُهو بہ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. هڪ مڪمل آئيڊيالاجي ڪٿي ان سان نڀائڻ! بس ماڻڪ جهڙي گهڻ پڙهيي ۽آدرشي ليکڪ جي ئي وس جي ڳالهہ هئي. ماڻڪ ڪنهن وڏيءَ ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا هوندي بہ ٻاهران بظاهر ڏيک ويک ۾ جڻ پُر-سڪون زندگيءَ جو استعارو لڳندو هو.

(تنهنجا منهنجا نيڻ ائين جڻ، رڻ ۾ رات نري)

ڪنهن رشي منيءَ جهڙي سانت سڀاءُ رکندڙ هي ڪهاڻيڪار سنڌي ادب جي اتهاس ۽ مکيہ حيثيت ۾ زنده رهندو ۽ جڏهن ٢٦ جنوريءَ جي سانجهہ، هٽ ۾ ڪارا جهنڊا ڪٽي رسنن تي لهي آئي هئي، تڏهن نوابشاهہ جي موهني بزار جي نورمسجد جي ايوان ۾، عظيم ڪهاڻيڪار جي قبر کوٽجي رهي هئي. ٻئي ڏينهن، ٢٧ جنوريءَ تي جڏهن سورج ڏيري ڏيري آسمان تي چڙهي رهيو هو. ماڻڪ ڌرتيءَ جي پاتال ۾ دفن ٿي چڪو هو. تڏهن رات جو مون ٻئڊلڪ ڊائريءَ ۾ لکيو:

"گگهہ- قبر روشن ٿي ويئي!
جڻ اسان هڪ ڏيئي کي دفنايو آهي.

نصير مرزا

(ٻئڊلڪ ڊائريءَ مان)

(ماڻڪ جي ديٺ واري ڏينهن لکيل)

• سنڌيت جي اندروني ايڪس ري

پاڪستان هڪ طاقتور ملڪ آهي. پر ان ملڪ کي ايڏي طاقت ڪونهي جو هن ڪتاب جي ڌماڪي جو زور سهي سگهي. ان ڪري هيءُ ڪتاب پاڪستان ۾ ڇپجي نٿو سگهجي ۽ هاڻ هندستان ۾ ڇپيو آهي.

-ڄام ساقي 1977ع ۾ چيو: مان ٽيهن سالن کان پاڪستاني آهيان. مان چوڏهن سؤ سالن کان مسلمان آهيان، مگر مان پنجن هزارن سالن کان سنڌي آهيان.

– منير احمد مانڊڪ لکي ٿو: سنڌي رسالا بند ٿي ويا. هڪڙن کي عهدا مليا، ٻين کي جيل. طارق اشرف- ابراهيم منشي- آرٽسٽ فتاح...... ۽ ان کان اڳ لکي ٿو:..... نالي وارو سنڌي شاعر. ڪيس وهم ٿي ويو ته ڪيس ماريو ويندو. (ان ڪري هن عهدو ورتو.)

–

– وائيس چانسلر جو عهدو وٺڻ بعد پهرين تقرير ۾ شيخ اياز چيو: مان جنم کان مسلمان، شعور کان پاڪستاني ۽ زبان کان سنڌي آهيان!

مانڊڪ جو هيءُ ناول پاڪستاني آمريت، پرماريت ۽ غدار وڏيرا شاهيءَ جي پس منظر ۾ سنڌ جي سنڌين جي تباهيءَ جو مختصر مهاڀارت آهي. ’ساه مٺ ۾‘ سنڌي زبان جو پهريون جديد ناول آهي. اُن ۾ وجوديت ۽ بعيدالعلقلي فٽ ڪيل نه آهي. اها پاڻ خود مرادو ماحول مان اُڀري ٿي. مکيه ڪردار جي مجبوري بنجڻ شخصي نه آهي؛ مگر ان نظام مان ڦٽيل آهي، جنهن موجب هر شخص کي فقط ٻن ڪاسائن وچ ۾ چونڊ ڪرڻي آهي ته ڪهڙو ڪيس ”گهٽ سيپه“ طريقي سان ماريندو. هن لاءِ اليڪشن فراڊ آهي. اهو فراڊ سنڌ دشمن ۽ وڏيرن ڪيو آهي.

مانڊڪ پاڪستان ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو ڏسي ٿو. هڪڙا جن کي پنهنجي زمين ۾ الڳ سڃاڻپ آهي. اهي ماڻهو ۽ سندن سڃاڻپ ختم ڪئي ٿي وڃي. ٻيا اٺي آيل فقط ماڻهو آهن، جن کي زمين ڪونهي. هو اڳين کي هٽائي ان زمين جا والي ٿيڻ چاهين ٿا. ڇو ته هنن وڏيون قربانيون ڪري، جان جوکي ۾ وجهي پاڪستان هٿ ڪيو آهي. جيئن، مانڊڪ لکي ٿو، جيئن

ڏاڙيل، جان جوکي ۾ وجهي ٻين جو مال لٽيندا آهن.

—

جڏهن الف محترم ب سان شادي ڪيل آهي. هو ريسرچ جي ڪم ۾ لڳل آهي. ڪوجنا جو موضوع آهي: سنڌين جي نسل ڪشي (قومي آپگهات) هو ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جو ميمبر ڪونهي. نه ميڙن ۽ جلوسن ۾ وڃي ٿو، مگر تي سگهي ٿو ته هن جي ڪوجنا ماڻهن کي ٻڌائي ته:

١- سنڌي ڪافر آهن (هندو خواه مسلمان). سنڌي ڏاهر جو اولاد آهن. سنڌن وفاداري سنڌ ڌرتي ۽ ماڻهن مان آهي.

٢- (برٽش) هندستان (۽ ان ڪري پاڪستان به) جي مسلمانن جون بنيادي وفادريون ڌرتيءَ کان ودڪ فاتح ملڪن سان آهن: افغان، مغل، ايراني، عرب.

٣- سنڌين کي مسلمان بنائڻ جي سازش آهي ۽ هر اهو سنڌي مسلمان آهي، جو پهريون پاڪستاني، پوءِ سنڌي آهي! سنڌي وڏيرن اهو اصول مڃيَ ڇڏيو آهي. ذوالفقار پٽو به، پر پس پيش جو سنڌي آهي ڦاسي ڪائي ٿو- هڪ رٿائتي ڪوشش ته سنڌين کي غير- سنڌي بڻايو وڃي. (ڊي- سنڌينائزڊ)

۴- ۽ ڪوشش اها ته هندستان جا سنڌي انتي جذب ٿين ۽ هتي جا سنڌي پنهنجا مفاد گهٽائيءَ جي مفادن ۾ درج ڪن.

جناب الف پنيان ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ پيچي جو مسلسل احساس نه هو، پنهنجي رياست مان غداريءَ جي ڏوهه ۾ جهلبو ۽ ماريو ويندو ۽ سندس اهو عقيدو ته ڌرتيءَ سان وفاداري، اها "غداري" سندس حق آهي، جو هو ڇڏي نٿو سگهي. سندس هر چرپر تي اک آهي، جا بنياد پرستن اهڙن الفن کي جاچڻ لاءِ جتي ڪٿي لڳائي آهي. جؤطرف جاسوس. هو ڪيڏانهن وڃي؟ ڊڪي؟- ڊڪي ڪيڏانهن وڃي؟- يا ڪيس وهم آهي ۽ ڪيس ٽرئنڪولائيزرس وٺڻ گهرجن جو اسين 'نيو راسز- ايج' جا رهواسي آهيون؟ مگر ڪٿان جاڳيو؟ ڇو؟.

حراس، خوف، گهبراهٽ! زال جا ڪپڙا لاهڻ کانپوءِ ٺڏو ٿيو وڃي ۽ ننڊ جون گوريون وٺي.

محترم "ب" جو خيال آهي ته شهر ڇڏي ڳوٺ هلون. يا شهر ۾

رهي سندي ڳالهائڻ ڇڏيون. اجرڪ نہ پايون.

ٻوليوار فساد. سنڌين جون لئبرريون جلائڻ. ڪين مارڻ- ٻڌڻ- گم ڪرڻ، ون يونٽ ۾ سنڌ گم. ۽ ان تاريخي ماحول ۾ ڪي ويچار:

الف: گوئرنگ جي چوٽي: جڏهن بہ ڪو شخص مون سان دانشمنديءَ جي ڳالهہ ڪندو آهي، مان هڪدم ڪيسي مان پستول ڪڍندو آهيان.

ب: ملاوت؟- بابي تي ڇيو: هندن جي وقت ائين ڪونہ هو!

ب: بصر؟- ڪيئن نہ مهانگا ٿيندا. پاڪستان، بصر ۽ عورتون عرب ملڪن ڏانهن روانا ڪري ٿو.

پ: رياست پنهنجي دهشت انگيزي اسانکي نپوسنڪ ٿي بڻائي.(اسٽيٽ ٽيررزم)

ڀ: سنڌين جو مول متو آهي، پنهنجي تعديءَ تي ناڙيون وڄائڻ.

ت: اسان وٽ ڪوٽا سسٽم آهي. ان ڪريُ شاه لطيف پاڪستان جو علاقائي شاعر آهي.

ٿ: جي هندو هجن ها تہ ائين ٿئي ها؟- شهرن جا هندو ڳوٺن جي سنڌين تي تيزاب ڦٽو ڪن ها؟- ڪين ڇرا هٽن ها- سندن گهرن ڪي باهيون ڏين ها؟.... ٺيڪ آهي، اسان ڪي ماري ڇڏين ها مگر سنڌ ڪي نہ مارين ها!

ٽ: سامهون واري گهر ۾ پوليس آئي. ڪاليجي ڇوڪرو نہ مليو. صوبيدار گاريون ڏيندي چيو تہ جي ڇوڪرو ٺاڻي تي پيش نہ ڪيو تہ سڀ رنون ٺاڻي تي گهلي ويندا سين.

ٺ: (اسان جي سنڌ جي حالت تہ ڇا ٿو ٿئي؟: ڏسو) عورتن جي شرم گاهن ۾ اوباريل بيضا ۽ ميڻ بتيون!.......

ٿ: اسان سنڌين جي ڪمزوري آهي پنتي هٽندي خاموشي اختيار ڪرڻ. هڪ قومي خصلت: درويشائي.

چوطرف هزارين ڪوئا. پليگ آٽيندڙ. هڪ هڪ ماڻهو جو وجود ٽڪيندڙ مڪڙ. خاتمي جو سلسلو جاري. سڀ هڪ چپ جي بار هيٺيان دٻيل.

- اڄ مون هيءُ ڪتاب پڙهيو..ليٽي شروعات ڪيم. پوءِ پيٽ تي ٽيڪ ڏنم ۽ گهڻو وقت ڪرسيءَ تي ٽي وينس. مونکي لڳو، مونکي رت جي

الني ايندي. مونکي لڳو، ماڻڪ نہ مئو آهي، ماڻڪ سان گڏ، اڄ، منهنجي اندر جو بہ، هڪ حصو مري ويو آهي. مونکي لڳو تہ ماڻڪ جيڪڏهن هي ناول نہ لکي ها تہ ماڻڪ ايترو جلد نہ مري ها. مونکي لڳو تہ هيءَ ڪتاب شاهد آهي تہ ماڻڪ جي جوانيءَ ۾ موت جو ڪارڻ هن ڪتاب جي رچنا آهي، مگر هيءَ ڪتاب ماڻڪ جي جيئري ڇپجي ها تہ اهو سندس موت جي اڳڪٿيءَ جو اعلان بڻجي ها.

•

– ماڻڪ، سوشالاجيءَ ۾ ايم. اي. ڪئي ۽ ايم– ايڊ جي ڊگري بہ ورتائين. گهڻو عرصو بيروزگار رهيو. وڪالت ڪيائين تہ ڪنهن ميڊيڪل اسٽور ۾ بہ ڪم ڪيائين ۽ هڪ دوست کي لکيائين: ٻنهي ڏندن ۾ نڳي، جيڪا مونکي نٿي اچي.

اهو اعتراف درج لائق آهي.

فنڪار بنيادي طور هڪ سريشٽ انسان ٿئي ٿو. سندس اها سريشٽا جڏهن رسم رواج، سياست ۽ واپارين جي داون پيچن، وڏيرا ۽ ڪامورا شاهي، فوجي راڄ ۽ هر طرح جي نابرائي سامهون هڪ سختگير نظام مان ٽڪر کائي ٿي تہ ان ٽڪر جي اثر مان سوچ، لوچ ۽ عڪس اندازي پيدا ٿئي ٿي؛ جنهن مان ڪيس تخليق جو جُجهو مواد ملي ٿو.

سنڌ ون يونٽ ۾ آندي ويئي تہ سنڌ ۾ ان جو سخت رد– عمل پيدا ٿيو. ماڻڪ اُن دور جي پيدائش آهي. مگر هو ان دور جي اڳواڻن خواه مارڪسواد، جنهن ۾ ويسهہ رکڻ شروع ڪيو، ان مان بدظن ٿيو. اڳواڻن وٽ ڪو خاطر خواه نظريو ۽ تنظيم بہ نہ هئا ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي يوپيءَ جي مهاجرن جو قبضو هو، جي پهرين مهاجر ۽ پوءِ ڪميونسٽ هئا.

ماڻڪ لاءِ قوم– پرستي خود ۾ هڪ محدود، چيز هئي، مگر سندس جديت کيس هر چيز اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ هن ڏٺو تہ سندس پير پنهنجي زمين ۽ وقت ۾ پختا هئا، ان ڪري هو هستيواد جي نظرئي کي انيءُ جي جائز زبان بخشي سگهيو آهي.

ڏهہ سال اڳ مونکي مشتاق احمد شورو يا مدد علي سنڌيءَ سندس ناول "لڙهندڙ نسل" موڪليو تہ مون سندس جائز انيءُ جي شعاع ڏٺو، البت لڳم تہ. ماڻڪ ڪٿي ڪٿي ضرورت کان وڌيڪ باتفصيل ۽ ان

ڪري اگهاڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ها چيز سهجھ سپاويڪ نہ، مگر روايتي ۽ ترقي پسند ادب جي ودروھ ۾ آئي آهي. اهو ودروھ "ساھ مٺ ۾" موجود آهي. ان ۾ اڳئين ضرورت کان وڌيڪ ڪنهن چيز جي اُپٽار نہ آهي. ان ۾ ڪوئن ڊڪ. ماڪڙن جي ڦهل ۽ مان- مري- ويندس، تي خوف مان پربل ڪوتائون آهن.

"ساھ مٺ ۾" هڪ شخص جي پنهنجي سڃاڻپ بچائڻ جي ڪوشش آهي، جنهن ۾ هو باقي ٻين جيان اڪيلو، بيوس ۽ مجبور آهي، مگر انهن کان مختلف ڪونهي.

جان پال سارتر "بيئنگ ائنڊ نٿنگنيس" بعد "دمٽيريلزم ائنڊ ريو وليوشنس" ڪتابچو لکيو: جنهن ۾ بہ هڪ منسٽر ئي قدرن جي بچاءَ لاءِ زندگي ۽ سماج، تاريخ ۽ روايات سان منهان منهن ٿئي ٿو. ماڻڪ ڇا ڪري جڏهن تہ سنڌ جي حالتن ۾ ڪوبہ صفاتي ۽ جدلياتي ڦيرو نہ آيو آهي؟ هو چوي ٿو ائڪشن (ڪرم). ان جو مطلب تہ ناول اينڊ- ليس آهي ۽ اها ان جي سونهن ۽ سگهہ آهي. هي ناول هڪ بارود آهي، جنهن جي سنڌ کي ضرورت آهي.

مان پاڻ سان بہ ايماندار نہ ٿيندس اگر مان ماڻڪ مان هڪ اختلاف ظاهر نہ ڪندس. سنڌ ۾ ذهين ماڻهو بہ آهن ۽ بهادر ماڻهو بہ آهن. اتي فقط تنظيم نہ آهي، ان ڪري زور ائڪشن بدران تنظيم تي اچڻ گهرجي. پر پوءِ بہ ماڻڪ ماڻڪ آهي. هو چاهي ٿو: سنڌي ڪرم ڪن.

سومر 27 جنوري 1986ع — **موهن ڪلپنا**

سام متيم

امن امان

• امن امان

خوشِ ٿيندي: ڊيڊ ڪلاڪ سوئرو. در ڪوليندي ئي، قاتل اڪيون!
اٿرو سوير! ياڪر ۾ ڪٽندو سانس. پوءِ چمين جو وسڪارو پياري........

ڪيڏ

ساڳيو ئي آهي-

بلڪل. ساڳيو. ساڳيا. مهاندا. ساڳي چال.

شايد ٿيون ڏينهن ٻ اهوئي- يا ٻيو ڪو؟ پورو ڏيان نہ ڏنو هوم. پر هاڻي پڪ ٿي. نہ ڪيڏ.

.... اچا تائين

هاڻ مان هن کي چٽي ٽتو سگهان. بنهہ نہ. پڪ ئي پڪ منهنجي پنيان. بلڪل. سواءِ ڪنهن شڪ جي. صاف ظاهر آهي، منهنجي ئي پنيان.

هن حالت ۾ گهر وڃڻ گهرجيم؟

بيوقوفيءَ جو خيال. ضرور منهنجي گهر مان واقف هوندو تہ ڪٿي ٿو رهان. پوءِ گهر نہ وڃڻ جو خيال، هن سپاويڪ خيال هيٺ تہ جا مصيبت اچي مان اڪيلو ئي ان کي........ تہ اهو ممڪن آهي؟

جڏهن هو منهنجي گهر ۽ مون کان واقف آهي (آهن) تہ پوءِ هيءُ پنيان پنيان؟

(شڪار کي تاڙڻ لاءِ!)

ممڪن آهي تہ اهو جاڻڻ لاءِ، هينئر ڪيڏانهن ٻيو وڃان. ڪنهن سان ٿو ملان. ڇا ٿو ڪرڻ وڃان. هن ڪان سواءِ سندن ٻيو ڪم ٻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. اها سندن نوڪري آهي. شڪار جي تاڙ ڪرڻ. چوڪسي رکڻ. ڄاڻ حاصل ڪرڻ. اک ۾ رکڻ. ڪيڏ لڳڻ ۽ رپورٽ ڏيڻ.

وري هن جي مٿان ٻيو هوندو. ۽ انهيءَ جي مٿان ٻيو. جيڪو ان کان مٿي. اعليٰ ان جي مٿان ٻيو......

هڪ چار.

چار منجهہ چار.

چارن جو سلسلو:

جنهن ۾ سڀ قاتل. سچ ٿي چيو هن، پروفيسر نالو ڇا اٿس (پتين

ڪي به ڪن آهن)

اجا نائين سوئر جو پٽ

ڪٿي هيءُ منهنجو وهم تہ نہ آهي. جيڪو ان سياسي ڊنل هيسيل ورڪر وانگر: جيڪو عتاب هيٺ هجڻ سبب. وڌيڪ سجاڳ هوندو آهي. پاسي کان لنگهندڙ هر جٽي کان چرڪي پنهنجي سرت سنڀاليندو آهي.

(يا هوشيار ڪندڙ ڇهين حواس)

ٿي سگهي ٿو. اتفاقي اهو ماڻهو، جنهن پاسي وچي رهيو آهيان، ايندو هجي. پر: ڪلهہ. ٿيون ڏينهن ۽ ان کان اڳ بہ-

جي هيءُ منهنجو وهم آهي تہ پوءِ: ڇو؟

ڇا هينئر مان هن وهم لاءِ پنهنجو نفسي ڇيد ڪيان. ان جون پاڙون ڦوليان. پر سوال ٿو پيدا ٿئي، نيٺ، مونکي، اڄ اوچتو ئي اوچتو هھڙي قسم جو وهم ڇو؟ ڪو تہ اهڙو سبب ٿي سگهي ٿو- جنهن جي آڌار تي هھڙي قسم جي- پوءِ خام خيالي ئي سهي، ابڙي، اندر ۾ ايتري پيهي ويل جو.

پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳو آهيان.

نيٺ؟

نہ-

مان هنکي وهم ڪيئن ٿو چئي سگهان. جڏهن تہ هو اجان بہ منهنجي پٺيان اچي رهيو آهي. سندس اکيون ڪيئن نہ ڳڙڪائي ويندڙ- جڏهن ڪاليج جي گيٽ مان ٻاهر نڪتس. هن منهنجي پٺ ورتي. پهريون مون ان کي نظر انداز ڪيو پر پوءِ جڏهن ڪلهوڪي بہ.

هو بيهي ڇو رهيو؟

لڳي ٿو گهوري رهيو آهي. لڳي ٿو! نہ، جائي بہ گهوري رهيو آهي. سوئر جون اکيون کهڙيون نہ ڳڙڪائي ويندڙ- جائزو وٺي رهيو آهي.

پر مونکي اهڙو ڏيکاءُ ڪرڻ گهرجي. جڻڪ سندس گهور کان اڄاڻ/ بي پرواهہ آهيان.

هن گهورڻ ڇڏي ڏنو آهي. پر ذهن تي جو پيئہ

پر پوءِ

اها هڪ حقيقت آهي. جنهن ڪي مان ذهن جو دوڪو چئي ٿو سگهان- بنهہ نہ. نڪو حواسن جو. نڪو- بلڪل ساڳي حالت: جيڪا مهنو اڳ پروفيسر.

(هن ئي ٻڌايو هو تہ سائنسدانن هڪ اهڙو اسڪرين ناهيو آهي، جيڪو هرگورنمنٽ وٽ آهي. جنهن وسيلي هڪ عام شهري جيڪو سوچي ٿو، تصور ڪري ٿو، ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ويچاري ٿو، رٿي ٿو، يا ڪو رد-عمل، سو جهٽيو وني) ٻڌائي هئي: تہ: سندس پويان ڪو ڪهڙي ريت ڪڏ ۽ هن ڇا محسوس ڪيو هو.

۽ پوءِ رات جو هن ڪي يڪورٽيءَ وارا وني ويا هئا.

اسڪرين واري ڳالهہ، جائي بہ ائين ٿي سگهي ٿو! يا هن علامت طور

هان! هليو ويو

ڪٿي بہ ڪونہ آهي!

عجيب مونجهارو آهي. سمجهہ ۾ نٿو اچي. ٿورو بيهہ تاڙ ڪيان.

ڏسان. سچ پچ هليو بہ ويو يا گهٽيءَ ۾ لڪي ويو آهي.

هڪ هنڌ اڪيلو، پنهنجي منهن بيهڻ-

پنهنجو پاڻ کي بيوقوف لڳي رهيو آهيان. وائڙو- سامهين واري هوٽل ۾ ويهي چانهہ پيئان. ۽ جاچيان هو جائي هليو بہ ويو يا ڪٿي پاسي ۾ لڪي.

جيڪڏهن هو منهنجي ڪڍ آهي، مان پاڻ بچائي، ڇڏائيُ تہ نٿو سگهان. جيڪڏهن هو آهي. ائين آهي. سنو ٿيندو تہ سواءِ ڪنهن ڪامپليڪس جي. (جيڪو اڻ- ڇتو ۽ اڻ- جاتل آهي) منهنجي وجود تي سوار- گهر وڃان، گهر ۾ اوسيئڙو هوندو.

اوسيئڙي اوتيل ڪليل اڪيون

تڏهن بہ هوٽل ۾ ويهي جاچيان.

اندرر ۾ ڳٽنيءَ ۽ تجسس جو ميلاپ. حال في الحال نہ-

۽ عدم توازن

اجايو

پوءِ به.

هان! پگهر نه! ڪيارڙيءَ وٽان وهي رهيو آهي! ۽ دل جو ڌڙڪو، جنهن جو مونکي هن مهل تائين جڻ احساس ئي ڪونه هو. اڻ- ٽڻ، لڳي ٿو ڪجهه ڪمزوري ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ مونجهارو.

سنو ٿيندو هوٽل ۾ ڪجهه وقت ويهي چاهيان ته-

عجيب آهي. چانهه جو چيومانس ته تکڻ لڳو. ڪٿي ائين ته ناهي مبهم چانيل ڊپ ۽ ڳڻتيءَ ڪري مهاندا ئي ڦري ويا هجنم. عجيب لڳندا هجن. (ڇا منهنجا مهاندا ڦري ويا آهن؟) يا هيءُ به انهن منجهان هڪ هجي. جيڪو خاص انهيءَ مقصد سان هتي هوٽل ۾ نوڪر ڪري ويهاريو ويو هجي. ها، هن جيڪا ڳالهه ٿي ڪئي اسڪرين جي، ته ان جو اهوئي مطلب ٿي سگهي ٿو ته، هر هنڌ، هر طريقي سان هن کي فٽ ڪيو ويو هجي. ۽ هيءُ بئرو به انهيءَ اک جي ماٺڪيءَ جو هڪ حصو هجي. جنهن جو ڪم آهي ڏسڻ. عام ُخلق کي ٔجاچڻ ۽ شڪار ڪرڻ ڪاليج ويجهو آهي. شاگردن جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ، بلڪل ٿي سگهي ٿو. هتي، هن ملڪ ۾ ڪجهه به ناممڪن نه آهي. جهڙي ريت- اها ڳالهه عام آهي ته فقيرن جي ٻهروپ ۾ گهمندا آهن ۽ اڄڪلهه ته سادي، عام رواجي ڪپڙن ۾.

يا سوال آهي ته منهنجي انهن سيني سان ڪهڙي دلچسپي. يا لاڳاپو. مان هڪ غريب نوڪريءَ وارو ليڪچرار جنهن جي سموري دلچسپي علمي ڪوجنائن تائين محدود. ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا به ڪرت نه. محدود سرڪل.

نه-

مون غلط سوچيو:

منهنجي هنن سان، پر هنن جي مون سان دلچسپي ڇو؟ سوال اهو آهي-

ذهن تيز ڪائي رهيو اٿم جو مان صحيح ڍنگ سان سوچي به نٿو سگهان.

هي هوٽل ۾ وينل مونکي تڪيندڙ! اهو منهنجو وسوسو آهي؟ من جو پرم. هيءُ ته مان شعوريءَ طور سمجهي ۽ محسوس ڪيان ٿو ته هو

مونکي- هوٽل ۾ وينل، انساني مهاندا، جيڪي انسان ئي آهن. جنڪي انسانن جا مهاندا پنهنجي چمار آهن پٺيهن سالن کان ڏسندو رهيو آهيان، عجيب اوپرا. بنهه اوپرا لڳي رهيا آهن. ساڳيا انساني چهرا.

اکيون

نڪ

وات

مڇون

ڪلين شيو

چپ

ٺهڪ

اُباٺڪا مهاندا

رت نڪتل جسمن مان

انساني چهرا

زور-

زوءَ جي پيچرن ۾ قاتل

ڪيڏا اوپرا

هينئر اُتان. هو همراهه هتي نظر نٿو اچي. معنيٰ ويو هليو. تڏهن اهو هڪ حادثو هو. ڇا تو ڇئي سگهجي: حادثو؟ خيال جي خطا؟ من جو دوکو!

ڪٿي نظر نٿو اچي. هليو ويو. يا هوئي نہ عجيب مشڪري - پگهر تہ- جائي بہ، هي مون سان لاجواب پوڳ ٿيو آهي.

دردناڪ پوڳ ٿيو آهي دردناڪ پوڳ.

اوچتو: لڪيل، من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ دبيل ڳٽي:

متان!

احتياط جي نظر چوڦير: ڪجهہ نہ نظر اندڙ. سڄي گهٽي خالي. ويران، پوءِ بہ هيسيل. ڊپ پيهي ويل اندر، اونهون لڇندڙ.

ڪٿڪو

اوچتو چرڪ: اڇهو!

دل ٻڌندڙ.

پر هي ساڳيو ناهي. ڦڪائپ.

اونو: ٿي سگهي ٿو ان جو ساٿي هجي. جڏهن مون ڇانهه پئي پيتي، ان وقت شايد هُن پاڻ ۾ صلاح ڪئي پر هينئر جيڪو پنيان اچي پيو سو ته هوٽل ۾ ويٺل هو.

اهو مونکي گهوري رهيو هو.

بلڪل. پليءَ پٽ ياد اٿم.

پورو ويساهه: پڪ ٿي.پڪ منهنجو پيڇو ٿي رهيو آهي.

(پڇان)

ماڻهو ڇا چوندا. (پر هتي ته ڪوبه ڪونه آهي، سواءِ هن جزا ڪان) جيڪڏهن ڪيس سروٽو هٽان.

ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاٿو آهيان. پاٽمرادو. نيٺ ڊچان ڇو ٿو. هان! ڊچان ڇو ٿو؟ ڇڱو ٿيندو ته همراهه سان ڳالهايان. پڇانس: نيٺ ڇو- ميان منهنجي ڪڍ پيو آهين؟ ساڻس ڳالهائڻ سان، سموري ڳالهه پڌري ٿي پوندي. ته نيٺ ڇو؟

ساڻس ڳالهائڻ مناسب ٿيندو؟

نهيوّ. ڇڏيس. سڌو گهر ٿو وڃان. جو ڪجهه ٿيندو، ڏٺو ويندو، گهر جي خيال اچڻ سان سڄي جسم ۾ پاچ ڪائيندڙ سرڙاٽ.

گهر: ويران، سمورو سامان اٿليل پٿليل. زال، هراسيل، ڊبيل سڏڪا ڀريندڙ. بنهه موڳي.

تڪيون وڪون

وڪون، تڪيون

"دير ڪيئه؟"

"هان!"

وائڙپ.

"خير ته آهي؟"

"اتي خير آهي؟"

نهار منهن ۾. عجب پريل، ڦاٿل اکين سان

"ڏسين ڇا ٿي؟"
مرڻيگ آواز
"تنهنجي........."
"هتي ڪير آيو ته نه هو؟"
"نڪو."
"جائي به."
پڪ لاءِ ورجاءِ.
"ڪير ايندو!"
"ڇگي طرح بند ڪيئي؟"
"ڇگيءَ طرح؟"
"ها. ڪڙو چاڙهينس"
"ءِ ڪرف!"
"ها ها. ڪرف."
"هوش ۾ ته آهين."
ڊبيل ڪل سان حيرت
"تون نٿي سمهجي سگهين مهرباني ڪري ڪرف."
ايلاز
"حيرت آهي. نيٺ..."
"ٻڌايانءِ ٿو اندر ته هل."
وائڙي.
"ڪير به ڪونه آيو هو؟"
"نه، هتي ته ڪير به ڪونه آيو هو!"
ڊگهو ساهه.

"منهنجو پيڇو ٿي رهيو آهي."
"پيڇو!"
"ها."
"ڪير ٿو ڪري؟"
"تون سمجهي نٿي سگهين."

"تون سمجهو آهين."
ننول واري ڪل
"تون مشڪري ٿي سمجهين."
چڙ ڪاوڙ مان.
"نہ نہ، پر تنهنجو نمونو ئي اهڙو ٿي......"
"مونکي تنگ نہ ڪر".
ڪنبڻي.
"تون مونکي سمجهاءِ تہ سهي. تنهنجو پيچو چو تو ٿئي، ڪير ٿو ڪري."
"اها تہ مونکي بہ خبر ڪانہ آهي.
ڏبيل ڪل. روڪڻ لاءِ جاکوڙ.
"تون انهيءَ ڳالهہ کي سمجهي نٿي سگهين."
"اهو تہ مان بہ ڄاڻان ٿي. پر......."
"ضروري ناهي تہ ڪنهن کي ٻڌايو وڃي."
"ڪڏ لڳندڙ ڪان گهٽ ۾ گهٽ پڇين تہ ها-"
"مهرباني ڪري مات ڪر. تون نٿي سمجهين- بس اڄ نہ سيائي مان بہ-"
"ڳالهہ ڪا مهاڙ!"
"تون انهيءَ کي نٿي سمجهي سگهين نہ."
"تہ پوءِ ڪٿي-"
"مات ڪر. مان توکي ڪيئن سمجهايان."
(پٽين کي بہ ڪن آهن)
بي وسي.
تعجب واريون اکيون گهوربندڙ.
"ها. پٽين کي بہ ڪن آهن".
ڀٽڪو.
"پٽين کي بہ ڪن آهن! پيارا، هي چوين ٿا تو! تنهنجا هٿ ڇو پيا ڌڪن. ءِ، هاءِ! منهنجو رنگ نہ-"
"ڏس، گهٽو ڳالهائي مونکي پريشان نہ ڪر."

ڳڻتي، پريشاني تڪائيءَ سان ٻڪندڙ.

هڪ ٻئي کي خاموشيءَ، بي وسيءَ مان ڏسندڙ.

"پلا ماني نہ کاءُ-"

"بک ناهي."

"جيڪڏهن ڪو مئو ماريو تنهنجي ٻنيان."

"هش! پتين کي بہ ڪن آهن."

"بس، هاڻي گهڻو ٿيو. اصل ۾ تنهنجي ڪل ٽڙي آهي. هيءُ جي تون مضمون ٿو لکين ۽ هيڏا سارا ڪتاب پڙهي، سوچيندو ٿو رهين، ان ڪري تون سودائي."

"چ! چا تون بس نہ ڪندينءَ."

"منهنجي سر جا سائين، اهو تنهنجو سوداءُ آهي. تون ڪتاب پڙهي ۽ لکي لکي."

"مون پاڻ اهو سمجهيو. ڪٿي اهو منهنجو سوداءُ تہ نہ آهي. پر نہ، منهنجون اکيون مونکي دوکو ڏئي نٿيون سگهن. جڏهن مان ڪاليج جي گيٽ مان ٻاهر نڪتس، هن منهنجي پٺ ورتي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي مان سوداءُ يا وهم چئي نٿو سگهان."

"۽ ها. ٽيون ڏينهن ۽ چوٿون ڏينهن بہ. جڏهن گهر پئي آيس، تہ مون سمجهيو تہ منهنجو بہ پيڇو ٿي رهيو آهي."

"منهنجو بہ-؟"

"اي منهنجا رب ٻاجهہ ڪجانءَ."

"بک نہ ڪر. هي سڀ ڪجهہ رب جي نالي ۾ ئي ٿيو آهي":

"هڪ الله، هڪ رسول، هڪ دين، هڪ قدم."

مان ٿي چوان تہ هنن اڙدوي مسلمانن جهڙا."

(پتين کي بہ ڪن آهن)

"ڏس، مونکي اجايو ڳالهراءِ نہ."

چڙ، چڙٻ، بي وسي:

"نہ تہ پتين کي بہ ڪن آهن."

ٿنول واري مرڪ.

"تون ٿنول ٿي ڪرين."

"بس هاڻي الله کي- او، نه، مچ. ڇڏ اهو سوداءُ."
بيزاريءَ مان هٿ ٻڌل:
"پلا هاڻ آرام ڪر. نه دماغ"

"روئين ٿي ڇو؟ روئي وڌيڪ پريشان نه ڪر. اهو منهنجو سوداءُ ڪونهي، حقيقت آهي. خانگي ڪپڙن ۾ ڪاليج جي ٻاهران هو."
"پر انهن سيني سان تنهنجو واسطو ڪهڙو. جو اجايو ڪٽي."
"ها."
."اهو نه مان به سمجهان ٿو. منهنجو ڪو واسطو ڪونه آهي. پوءِ به اهي منهنجي ذهن تي اوچتو ئي اوچتو سوار ٿي ويا آهن."
"اجائي ڳالهه- جيڪر هو مئو تنهنجي پويان هجي ها نه ضرور گهر تائين پيڇو ڪري ها. توسان ڳالهائي ها."
"جائي به- اهو ڪيڏو نه عجيب آهي. احمقانه به."
"۽ پوائنو به."
"تون اجايو ٿو........ هاڻي ڪپڙا مٽي هٿ منهن ڌوئي تانئيڪو ٿيءُ."
"سچ ٿي چئين. مان پاڻ ائين پيو سمجهان. پر ٻڌ، مهرباني ڪري هڪ گلاس ٿڌو پاڻي پيار. اصل اهڙو جو ٻس."
"!"
"ها. خبــر ناهي ڇو تاس لڳي اٿم. ڇڻ نه نڙي خشڪ ٿي وئي آهي."

"ڇا پيو ڏسين؟"
"توکي. ڏاڍي وٽي ٿي."
"واهه! ۽ ڇا پيو سوچين؟"
"ڪجهه به نه."
"ٻڌ، وجي ڊاڪٽرن سان صلاح ڪر."
ٺهڪ.
"ڇريو سمجهڻ لڳي آهين ڇا. نه نه، اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي."

”پلا ماني نہ کاءِ.“
”تو ڪاڏي آهي؟“
”نہ.“
”تون ڪاءِ. جيڪڏهن توکي بک لڳي هجي. ضرور توکي بک لڳي هوندي.“
”ها، تون ماني ڪائي ڇڏ. مان پوءِ دير سان ڪائيندس. جيڪڏهن بک لڳي تہ.“

”پڌ پياري! تون چپ چپ چو آهين؟“
”دراصل“
”ڏس، تون ڪابہ ڳالهہ نہ ڪر- مونکي ڪجهہ بہ ناهي ٿيو. ۽ ها! هيڏي مون ڏي نهار:
مونکي معاف ڪري ڇڏ.“
پڇتاءُ.
”معاف! هي توکي ٿيو ڇاهي؟“
حيرت.
”سويل مون توکي چڙبيو هو نہ: چڙ مان يا بيزاريءَ مان. اهي لفظ پاڻمرادو اوچتو منهنجي زبان تي اچي ويا: بڪ نہ ڪر.“
”مون بہ محسوس ڪيو هو. ڏک ٿيم، پر تو ڇاڻي واڻي تہ ڪونہ چيو. اهو سڀ ڪجهہ..........“
”حالتن جي ڪري. ها، حالتن جو ڏوهہ. ڏس تون ان ڳالهہ کي سمجهي نٿي سگهين تہ منهنجي ڪڌ ڪير هو. تون چئين ٿي تہ اهو سوداءُ آهي. پر منهنجون اکيون ۽ حواس مونکي دوکو ڏيئي نٿا سگهن. اها تہ هڪ عام رواجي ڳالهہ ٿيندي پئي وڃي. اڃا تازو هفتو اڳ اسان جي هڪ پروفيسر جي پنيان لڳا، ۽ هو رات جو اوچتو گم ٿي ويو. تون پاڻهي سمجهي وٺندينءَ. تہ ائين چو ٿو ٿئي. اسين، سنڌي آهيون نہ. ان ڪري-
”پر تون اڳتي پاڻهي سمجهي وٺندينءَ-“
جٽڪ وٺلڻ.

”تون روئين ٿي. مونکي بہ روئڻ ٿو اچي. تون سمجهين ڇو ڪونہ ٿي. اهي حالتون منهنجون پيدا ڪيل ڪونہ آهن. جيڪو منهنجي ڪڍ هو، سو دماغ ۽ حواسن تي ڇانيل هو. جيتوڻيڪ ائين ٿيڻ نہ گهرجي ها. همٿ ڪان ڪم وٺڻ گهرجي ها.“

”همٿ. ڪان. جو اڻ- سڌيءَ طرح اهڙين حالتن کي اسان پاڻ ئي سڏيو آهي. اسان-

هو اسان سيني جي ڪڍ آهن. ۽ هڪ ڏينهن جڏهن هن ڏرتيءَ تي.“

”بس هاڻي! خدا جي واسطي بس ڪر. آرام ڪر. توکي آرام جي ضرورت آهي.“

”مان هن وقت تائين انهيءَ واقعي بابت سوچي رهيو هوس. بيشڪ منهنجي لاءِ اهو نئون آهي- پر مون پاڻ کي ان لاءِ ذهني طور تيار ڪري ڇڏيو هو.“

”خير، ڇڏ انهيءَ کي، سياڻي ڪاليج ۾ پتو پئجي ويندو يا پاڻمرادو ڏينهن ٻن ۾ پر تو معاف ڪري ڇڏيو نہ؟“

”اوهان تہ اجايو-“

”مون پاڻ بہ ائين ويچاريو تہ: شايد اهو حادثو ئي هجي. پر جيڪڏهن حادثو هو تہ: اهو وسوسو/ خام خيالي ائين ڇو اُڀري؟ ڇو؟ نيٺ ڇو؟“

”هاڻي ڪٽي پچر ڇڏينس. منهنجا لڱ ئي ونجي ويا آهن. ها، ٻي ڳالهہ ٻڌئي: تنهنجي اچڻ کان ڪلاڪ ڪن اڳ پاڙي ۾ پوليس وارا آيا ها. سامهين گهر ۾ جيڪو ڪاليجي ڇوڪرو رهندو آهي تنهن کي پڪڙڻ.

”پوءِ؟“

ڳُٽي. ابهرائي.

”ڇوڪرو گهر ۾ ڪونہ هو. يا لڪي ويو هوندو. خدا کي خبر پوليس وارا پٺس کي وني ويا.“

”پوءِ؟“

اڻ- تڻ- اڪيون قاتل.

”بس، ويچاري مڙهي کي گهلي ويا. چيائون پئي تہ ڇوڪرو

سياست ڪندو هو. سرڪار خلاف ان ڪري."

"مونکي تہ قياس پئي آيو ويچاري پوڙهي تي. اچا وار. ڏاڙهيءَ مان وني پئي گهليائونس. صوبيدار ڪچيون گاريون پئي ڪڍيون. چيائين تہ چوڪرو پيش نہ ڪيو تہ سڀ رنون ٿاڻي تي گهلي ويندا سينءُ."

"هون."

"سڄي پاڙي ۾ حراس آهي."

"دريءَ مان ليئو پائي ڏس، ٻاهر ڪير بيٺو تہ ڪونہ آهي."

"ڪير هوندو. تون تہ هرو ڀرو."

اڻ- وڻندڙ چڙ.

"نہ نہ. ڏس تون نٿي سمجهين."

"ڪير بہ ناهي."

"ڇڱيءَ طرح چوڦير نهاري ڏٺئي؟"

"ها ها. هاڻ آرام ڪر."

بيزاري.

جائي بہ. مون ڪجهہ ڪونہ ڪيو آهي. پوءِ بہ ڄاڻ چو، ائين محسوس ٿئي ٿو: ڄڻ مون ڪجهہ ڪيو آهي. ڏوهہ! مون ڪو ڏوهہ ڪونہ ڪيو آهي. نيڪ نيتيءَ ۾ صفائي سان پورو پورو ويساهہ اٿم. ۽ منهنجي زندگيءَ جي روٽين ۽ مختصر سرگرمي. پوءِ بہ ڏوهي هجڻ جو، عتاب هيٺ اچڻ جو چتو احساس يا ڪجهہ نہ ڪجهہ اوچتو ٿيڻ جو، جيڪو پؤ وارو، انهيءَ احساس هيٺ ۽ ان جي چڪتاڻ ۾ ذهني ۽ جسماني ڇيچاڙ. جنهن ۾ سؤڪا ۽ ڪونٿرا اُمنگ مروتجي ويل. انتهائي بي رحميءَ سان. ائين ئي مان ئي محسوس ڪري پيڙجان ٿو يا هر چٽو، جيڪو هتي رهي ٿو، پرفيسر ٿي چيو تہ: مان بہ- ۽ هن، ها، هن بہ- معنيٰ تہ هر اهو چٽو، جيڪو شعوري طور ويساهہ نٿو رکي. يا انڪاري آهي. يا نظرن ۾ آيل ۽ اسان سنڌي جيڪي اکين ۾ ٿيل- هتي اهو سوال فضول آهي تہ. اختلاف جي آزادي يا ان جو اظهار. تڏهين، هن صحيح ٿي چيو تہ: هر اختلاف غداري آهي. ۽ غداريءَ جو حق مجيل هئڻ گهرجي پر، ڪهرجي. اهو سوچ جي حد ناٿين ئي، ڪير

تمنا ڪري سگهي ٿو. ۽ جيڪڏهن سگهه آهي نه پوءِ.

"تون اڃا جاڳين پيو!"

"جي."

"مهرباني ڪري سوچڻ ڇڏي ڏي. اڃا تون ٻه. ۽ مونکي ٻه پريشان ڪري رهيو آهين."

"نه، ها! منهنجي ننڊ اُڏامي وئي آهي."

"بُک لڳي اٿئي."

"بنهه نه. بک نه مري وئي آهي. تون ڳڻتي نه ڪر پاڻهي ننڊ اچي ويندي."

"ڊائيزا پام ڏيانءِ؟"

"نه نه. هي ڏس، ڪٿي مونکي بخار نه نه پيو ٿئي، ائين سمجهان پيو جڻ...."

"تنهنجا لڱ نه بلڪل ٿڌا آهن. وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکاري اچ. هتي پر م نه آهي ۽ پنهنجو ٻه."

"نه، اهڙي ڪا ضرورت ڪانه آهي."

"پلا مان هتي گهرائي وٺانس. هليو اُهئين ايندو."

"نه نه، اهڙي ڪا ضرورت ڪانه آهي. مونکي ڊائيزا پام ئي ڏي. پاڻهي ننڊ اچي ويندي."

ڇڙٻي ساڻس زيادتي ڪئي اٿم. ائين نه ڪرڻ ڪپندو هو. ٿي ويو پاڻمرادو ۽ محبت، جيڪا ساڻس اٿم. ان جو مطلب ٿيو نه اها انهيءَ خوف هيٺان دٻجي وئي يا ڪچلجي. جيڪو منهنجي مٿان ڇانيل هو. هئڻ نه هين ڪپندو هو. خوف ۽ ان جي نتيجي ۾ غير سلامتيءَ واري شديد احساس هيٺ، ساڻس چنبڙي وڃان هان. آسيس ۽ تحفظ جي احساس لاءِ. ۽ ان جي تسڪين. جيئن ڪوبه ڊنل، ياچ وقت، پنهنجي تي نظر پوڻ سان ڪندو آهي. پنهنجائپ ۾ پناهه وٺڻ لاءِ. پر مون ڪان ائين نه ٿيو. مرد هجڻ ڪري. نه. منهنجو ساڻس اهڙو ناتو ناهي اصل ۾ ڏهڪاءُ ۽ ڊپ. منهنجي جبلي ضرورت ۽ ان جي اظهار کي ڇپائي ڇڏيو. ڪيڏو پوائنٽو. هن دل ۾ نه ڪيو هوندو. پر مونکي پاڻ تي ڪنٽرول رکڻ کپي ها. مان ڇا ٿي ڪري سگهيس. (بي

وسي) جڏهن نہ هيءَ ڏهڪاءُ ۽ اسان تي چانيل ڊپ انسان واري جبلي اظهار کي بہ ڇپائي ڇڏي ٿو. هاڻي خيال رکندس. نيٺ هوءَ منهنجي حياتي جي ساٿڻ آهي. خيال رکندڙ مخلص اها ڪيڏي نہ ٽريجڊي آهي. جو ان چانيل ڏهڪاءُ ڪري محبت ۽ انس جا جذبا مرونيل ۽ انهيءَ ڪان ڇڙ. تعجب آهي. ايسيڊ تي آندو وڃي رهي آهي. سيني اندر. ڇر. ڪجهہ ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي. هينئر تہ منهنجي-

”چو!“

”سينو سڙي.....“

”مون توکي چيو تہ خالي پيٽ نہ سمهہ. ڊاڪٽر توکي اڳيئي جهليو آهي نہ-“

”ها. هن ٻڌايو هو تہ السر نفسياتي پيڙا کان ٿيندو آهي.“

”مونکي تہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.“

”ڏس پياري. تون روءُ نہ هيڏي ڏس. تون ڪيڏي نہ پياري آهين. مان توکي اجايو هلاڪ ڪري رهيو آهيان نہ.مون کي ڏاڍو شرم ٿو اچي.“

ڏس نہ. منهنجي سيني اندر ڄراٽ........“

سيرپ آڻي ٿي ڏيانءِ.“

”تون پريشان نہ ٿيءُ. مان ڊائيزا پام جوُن چار- پنج گوريون کاوان ٿو. پوءِ ڏس تہ ڪيئن نہ مزيدار ننڊ ٿي اچي.“

چار- پنج!

”نہ نہ. ڪجهہ ٿي نہ پوي.“

”ڇا ٿيندو. ڪجهہ نہ. تون بي فڪر رهہ. اسين نارڪوٽڪ دور جا رهواسي آهيون. نارڪوٽس اسان جي خوراڪ جو بنيادي عنصر. هنن ڪانسواءِ تہ اسين جيئرا بہ رهي نہ سگهنداسين. زنده رهڻ لاءِ ۽ زندگي ماڻڻ لاءِ اهي لازمي آهن. نہ تہ. ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. اچ مونکي چمي ڏي.“

”بتي وساءِ“

”ڀاڪر پاءِ.“

”ها. اچا زور ڏي.“

اوتارو

اوندهہ

اونده ۾ ڦنندڙ ڦڪي روشني
دونڌات
ساهه ٻوساٽيندڙ ٻانس
لڪي نڪ ۾ گهڙي ويندڙ
ڦڪو، نوٽ ميدان
ميدان ۾ ڪٺا ڊڪندڙ
پنج ڇهه اٺ نو ڏهه سو هزارين
ڊوڙون پائيندڙ ڪٺا

ڪٺا قطارن ۾، ڪٺن جو رنگ خاڪي
خاڪي ورديءَ ۾ پريڊ
قطارن ۾ پريڊ
نڪ - نڪ - نڪ - نڪ - نڪ.
ٻوٽن جا ڳرا آواز
ڪٺا پليگ آڻيندا آهن ڏپ
ماڻهن جا لاش
ٿلها ڪٺا، مڇن سان
پٽيندڙ ماڻهن جا لاش
ڊنل هراسيل موڳا ماڻهو
ڪٺن جون قطارون
ڪاليج جو ميدان: خاڪي وردين ۾ فوجين جي پريڊ.
ڪاليج جو ورانڊو، ڪٺا ڊڪندڙ
پليگ ورتل ماڻهو
ٻوٽن جا ٺڙڪا
رائفلن جا ٺڙڪا
لپ ريٽ لپ ريٽ لپ ريٽ
ڏڏڙ اُڏامندڙ، ڦڪي ڏڏڙ
ڏڏڙ ۾ ورتل سڀ ڪجهه
اونده

تکيون پوائٽيون اکيون تکينديون اونده مان
اونده ۾ چمڪنديون اکيون
سينيي تي ڪو چڙهيل
ساهه ٻوساٽجنديون
اتي لاءِ سوچ
بي وس اتي ڪان
سيني تي چڙهيل. انتهائي ڳورو وزني
گهوگها
گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو
ٻوساٽجي مري ويندس
گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو گهو
ساهه ٻوساٽجنديون
اکين اڳيان اونده
گهڙي پات اونداهي چوڦير
اونداهيءَ ۾ ڦهڪو تي ڪريل
ٿلهي ماڻهوءَ جيڏو ڪئو سيني تي چڙهيل
وات، مڇون رت ۾ پريل
منهن نوسينديون
ڪني ڏپ
دل ڪڇي: اهڙڪو ڏئي پاهر ڪائينديون آندا
اوڪارو
ٿلهي ڪئي جا چنبا سيني، پيٽ تي ڪتڪتايون ڪنديون ڏپ
اورت
خاڪي رنگ جا وار. پيٽ ڦوڪيل ڪئو. مڇون، وات رت پريل
ٿُڪينديون جسم ڪي
ڪني ڏپ
اوڪارو
چرڪ سان: هان!
"پاسو ورائي سمهه....."

"هان!"
"ڪلمون پڙهي پاسو ورائي سمهه"

صبح

لگ ساڻا. اُٿڻ لاءِ دل نہ.
"چو، اڄ ڪاليج نہ ويندين؟"
"ويندس."
"پوءِ اڃان ستو پيو آهين؟"
"اٿڻ تي دل نٿي چوي."
"اهو گولين جو اثر اٿئي. موڪل جي درخواست ڪري موڪل."
"هان."
"ها."
"چڱو سوچيان ٿو. چانهہ نہ پيارينديئي."
"ها، چو ڪونہ. تون اٿي تہ سهي. ڪٽي ٿي اچان"
"انتهائي ڪني بانس پئي اچي. هيٺ ڏس، ڪا مئل شئي تہ ڪانہ پئي آهي."
"مئل شئي؟"
"متان ڪئو ٻئو هجي."
مونکي تہ بانس ڪانہ ٿي اچي. ۽ نہ ڪي ڪو ڪئو مئل آهي."
رات مون پوائتو خواب ڏٺو. ڪئا ڊڪي رهيا آهن. ۽ پوليس وارا فوجي پريڊ ڪري رهيا آهن، خاڪي وردين ۾. يڪدم خيال اچيم ٿو. ڪئا پليگ آڻيندا آهن. پوءِ انتهائي وڏو ۽ وزني ڪئو منهنجي ڇاتيءَ تي سوار ٿي ويو آهي. سندس مڇون ۽ وات رت ۾ ٻريل آهن. انهيءَ مان ڪني بانس پئي اچي. ڪئا ڪيترن ماڻهن کي تڪي رهيا آهن. اُهي ماڻهو سنڌي آهن. ها، بلڪل سنڌي پيا لڳن. منهنجي ڇاتيءَ تي هڪ وزني ڪئو چڙهي وينو آهي، مان ڇري بہ نٿو سگهان ۽ منهنجي نڙگهٽ مان عجيب آواز.........."
ٺهڪ
"تون ڪلين ٿي."
"نہ تہ ٻيو روئان."

”نه، رو نه. ڪلهه ته مونکي به اچي ٿو. پنهنجو پاڻيهي“
”جيتوڻيڪ توکي رئڻ گهرجي.“
”ها. رئڻ نه گهر. پر مون کي ڪل ٿي اچي. اهائي ته ٽريجڊي آهي. دڪدائڪ ٽريجڊي.“
ملولائي منهن تي.
”تنهنجي آواز تي مون توکي جاڳايو هو.“
جائي! مون کي ياد ناهي.“
خواب ڪنا خيـــــال اچڻ ڪري ايندا آهن يا پيٽ جي خرابيءَ ڪري.“
”هفتو اڳ مون ”پليگ“ پڙهيو هو. ٿي سگهي ٿو ته“
”نه، مان سمجهان ٿي ته ڪلهوڪي واقعي جي اثر ڪري. تون اڄ موڪل وٺ ۽ ڊاڪٽرن سان مل.“
”ڊاڪٽرن سان!“
”ها، ها ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ مـوڪل جي درخواست به مـوڪل ته جيئن چڱيءَ طرح آرام ڪري سگهين.“
”مان سوچيان ٿو ته ڪلهوڪي واقعي بابت ڪاليج ۾ وڃي.....“
”باهه ڏينس، تون ته صـــفـــنا ســـودائي ٿي پيـــو آهين. هاڻ خلق ڪلائيندين.“
”جيـتـوڻيڪ، ڪلهه جيـڪـو ذهن تي اثر هو، سو سـمجهان ٿو ته ختم ٿي ويو آهي. اهو هڪ خواب وانگر لڳي ٿو. عجيب ۽ مضحڪي پر ان جو پڙاڏو، چٽڪ، خير ڇڏ ان ذڪر کي.“
”چانهه جو بيو ڪوپ، جيڪڏهن توکي تڪليف نه ٿئي.“
”نه نهي پئي آهي. ڪٽي ٿي اچاڻ پر. تون هيءَ ته ٻڌاءِ، اهو تڪليف وارو ڳالهائڻ ڪٿان سکيو آهين؟“
مرڪ. شوريل اکيون: ماٺي سان.
”تون وري مونکي اڌ- چريو سمجهندينءَ.“
”نه نه. تون خاطري رک.“
مرڪ.
”دراصل، تنهنجي لاءِ منهنجي دل ۾، محبت ۽ احترام اچل ڪائيندڙ

ڦوهاڙي وانگر اينترو نہ وڌي"

"تون پچنديں نہ، چا اڳ نہ هئي- هئي. مان چوان ٿو، تنهنجي لاءِ محبت ۽ احترام ها. پر هينئر...... دراصل مان توکي سمجهائي نٿو سگهان. ها، هڪ خوف ۽ انديشي هيٺ نہ، مان توکان جدا ڪيو ويندس. ۽ اوچتو، بنهہ اوچتو ڪو عتاب ڪڙڪندو."

"مان توکان جدا ڪيو ويندس. ۽ هڪ اهڙي محبت ۽ خيال، جيڪو ٻن موڪلائيندڙ دلين جي وچ ۾، وڇوڙي، دردناڪ وڇوڙي جي خوف کان يا ڪجهہ اوچتو ٿيڻ جي خوف کان، جنهن جي ٻجاڻي انتهائي پوائتي."

"چڏ ان ذڪر کي چانهہ پيار نہ، پياري."

"تون مون کان ڪجهہ لڪائي رهيو آهين."

"نہ نہ، پياري نہ. قسم سان. مونکي خبر ناهي/ سمجهہ ۾ نٿو اچي نہ چا.... پر اوس ٿيندو هن ملڪ ۾ ڪجهہ بہ ناممڪن نہ آهي. ذهني تياري لازمي آهي. خاص طور اسان لاءِ، جن جو اُنس ۽ لاڳاپو هن ڌرتيءَ سان آهي. جيڪا اسان جي ڌرتي آهي: پنهنجي. جنهن ۾ اسين ڄاوا آهيون."

(۽ اسان جي ناهي.)

سوچ ۾ ورتل. ملولائي.

"تون اڄ ضرور ڊاڪٽر سان مل. مان بہ توسان گڏجي هلنديس."

"جيڪو حڪم. پر تون ڳڻتي نہ ڪر. مان اڪيلوئي ڊاڪٽر سان ملي ايندس."

"اڇهو، ڪٿي ٿي اچان."

"هيڏي ويهہ مان ٿو ڪٿي اچان.

"نہ نہ، تون ليٽيو پيو هج."

"هيڏي ٻڌ، ويهہ هتڙي، منهنجي دل ٿي چوي نہ: مان توکي چانهہ پياريان."

"ڇگو پلا ڪٿي اچ"

مرڪندي، ڳڻتي لڪائيندي.

چانهہ جي سرڪ پربندي.

ڪئا انساني وستين ۾ پليگ ائي تباهي ڦهلائيندا آهن. جي وسندڙ تهذيبن کي ناس ڪندا آهن يا چڪلن ۾ تبديل."

"چڱو. نيرن ڪري ڊاڪٽر وٽ وڃ."

(منهنجا رب ٻاجهہ ڪجانءِ)

ڊاڪٽر سان:

ڊاڪٽر گهري سوچ ۾ ورتل.

۽ پوءِ ڳيل دير ڪانپوءِ، چپن تي پيشي وراڻ مرڪ آڻيندي. چا اوهان ايسيتائين انتظار ڪندو. جو مان وينل مريض کي ڏسي ونان ۽ پوءِ اوهان سان خلاصو-"

"بلڪل ڊاڪٽر صاحب، مان انتظار ڪيان ٿو."

"سائين، اوهان کي ڪافي تڪليف ٿي."

"نہ ڊاڪٽر صاحب،' اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ آهي." ڪلندي، خوش طبعيءَ وچان.

"اوهان جيڪو ڪيس ٻڌايو جيڪڏهن مان بہ (هڪ ڊاڪٽر) انهيءَ جو مريض هجان تہ-

"سائين، دراصل اسين سڀ، هڪ ڊپ منجهان گذري رهيا آهيون. ڊپ، جاتل بہ آهي تہ، اڄاتل بہ. جنهن کي مان بيان ڪري نٿو سگهان. ٽيون ڏينهن مون وٽ هڪ ڪامريڊ، سياسي ڪارڪن آيو، پنهنجي زال کي وٺي. هن ٻڌايو تہ ڪيترن ڏينهن کان وٺي هن سان عجيب قسم جي تعدي ٿئي ٿي. جڏهن بہ ٻاهرين در جو ڪڙو ڪڙڪي ٿو، هوءَ بي هوش ٿي وڃي ٿي. پهرئين هوءَ در جي ڪڙڪي تي هراسجي ويندي هئي. پر هاڻ حالت اها اٿس جو بي هوش ٿيو وڃي! ايتري قدر جو رات جو ڪنهن ڪنهن وقت ٻاڻمرادو. خيالي آواز تي، ياٺهي جو ياٺهي هراسجي بيهوش ٿيو وڃي!"

"ڊاڪٽر، جيڪڏهن هر بيماري، پوءِ ان کي ذهني يا جسماني ائبنارملٽي ئي ڪٺي چئوس. جو سبب ضرور آهي تہ هھڙي قسم جا ڪيس--؟"

"هون!"

ڪنڌ جي لوڏ سان.

پوءِ پٽڪ. ”ڇا تو ڇٽي سگهجي. ڪوليبل: ائنگ- زائٽي- رفيئر: ڪنزيومنگ ائنگ زائٽي.“

”مون اوهان کي پنهنجو واقعو ٻڌايو. اسان جي ڪاليج ۾ انٽرنيشنل رليشنس جو هڪ اسٽنٽ پروفيسر آهي، نوجوان. ڪجهه ڏينهن اڳ اوچتوئي اوچتو. ڪيس سواءِ ڪنهن سبب جي رات جو هڪ بجي پوليس، هاسٽل منجهان وٺي وئي. اڃا تائين هن جو ڏس پتو ڪونهي!“

”سائين، سواءِ ڪنهن سبب جي نه، پر ضرور سبب هوندو. ٿي سگهي ٿو اوهان يا هو صاحب پاڻ، انهيءَ ڪان اڻ- ڄاڻ هجو. يا اهو به ٿي سگهي ٿو ته: هو پاڻ ئي سبب جوڙين. منهنجو مطلب آهي جيڪي وٺي ويا انس.“

چپ.

چپ کي ٽوڙيندي.

”خوف ۽ انديشا. جنهن ۾ اسين سڀ ورتل- شڪليون ڏار ڏار. پر روح ساڳيو.

”سپريشن/ انسيڪيورٽي،“

”علاج، ٽرنڪولائيزرس“

هلڪو ٽهڪ.

اوچتو پاڻ سنڀاليندي.

”معاف ڪجو. هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مون کي ائين چوڻ نه گهرجي. پر اسين پنهنجو پاڻ ۾ آهيون. اوهان پڙهيل ڳڙهيل آهيو نه، ان ڪري مان ائين ئي ڳالهه پئي ڪئي.“

”ها، اوهان جنهن اسسٽنٽ پروفيسر جي ڳالهه پئي ڪئي، جنهن کي اوچتو رات جو وٺي ويا. سو سياست ۾ حصو وٺندو هو؟“

”سنڌين جي وچولي طبقي جو هر فرد، جيڪو پنهنجي سنڌي- هجڻ جو احساس رکي ٿو، اهو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سياست ۾ ڀهرو وٺي ٿو. خاص ڪري پڙهيل لکيل. هي صاحب اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾ نهايت سرگرم هو. ۽ نوڪريءَ ڪارڻ پوءِ ڪچهريءَ جي حد تائين سياست، جيئن اسين سڀ ڪندا آهيون.۽ سنڌ بابت ڳالهائيندا آهيون. مستقبل جي ڳڻتيءَ جو ذڪر ڪٿي ۽ پنهنجي قومي وجود جي بقا جي ابڪي سان.....

(وچ ۾ ڪٽيندي ۽ مرڪندي)

"تاريخ جو قرض نهايت سولي ۽ سوکي نموني ناهيندا آهيون."

ادا، هڪ محڪوم قوم جي، انهن فردن جو اپياس، انتهائي دلچسپ ۽ عبرتناڪ آهي. جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان مٿان چڙهيل اختيار جي سپريشن جو شڪار ٿيل آهن. يا لپيٽ ۾ آيل آهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ کي ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجن اکين سان هڪ ٻئي آڏو پيلجندو ڏسن ٿا. ۽ لتاڙجندو."

"پر ڊاڪٽر صاحب، معاف ڪجو، جيتري قدر منهنجو لاڳاپو آهي. مان تہ ڪڏهن بہ عملي سياست ۾ نہ رهيو آهيان. رڳو علمي کوجنا جي حد تائين سو بہ."

"سائين، هتي مونکي گوئرنگ جي هڪ چوٽي ٿي ياد اچي.'When any one talks to me intelilgence and i take out my revolver.'

"جڏهن ڪنهن هنڌ جو نڪرڻ پڻ ٻڌياد، تلاءِ جي بيٺل بانس واري پاڻيءَ وانگر، اصول تي هجي، يا نظريي تي هجي، اتي ظاهر آهي تہ- کوجنا جا پٽر ڪيئن ٿا سهي سگهجن!"

اوهان هن حقيقت کي نظرانداز نٿا ڪري سگهو تہ. ٻولي. ڪنهن بہ قوم جي تهذيبي اوسر جو نهايت اهم وسيلو آهي. اوهان ٻوليءَ جا استاد آهيو. سنڌي ٻوليءَ جا. ٻولي پنهنجو اظهار نہ رڳو ڳالهائڻ وسيلي ئي ڪري ٿي، پر ان ڳالهايل لفظن جوڳيپ سوچ تي ٿئي ٿو. اوهان پنهنجي سوچ جو اظهار ڪيو ٿا. کوجنائي لکڻين ذريعي. جيڪي ايندڙ امڪانن جون واٽون صاف ڪن ٿيون. مون اوهان جا ڪجھ مضمون پڙهيا آهن. بانس واري بيٺل تلاءِ ۾: جنهن ۾ اسين ٻڌل آهيون ۽ غوطا ڪائي رهيا آهيون ۽ ٻوساتجي رهيا آهيون، کوجنا جا پٽر، ٻڌايو تہ تلاءَ جي ڌڻين کي وڻندا؟"

پاسو بدلائيندي، ڳنڀير ٿي.

"منهنجا دوست علاج تہ ٿيڻ گهرجي. بلڪل. مان اوهان کي هڪ دلچسپ حقيقت ٿو ٻڌايان. منهنجو هڪ دوست آهي. ناليوارو سنڌي شاعر. اوهان بہ ان کي ضرور سڃاڻيندا هوندا. سندس اهو وهم ساپيان ٻڌجي ويو آهي تہ، کيس ماريو ويندو. جينوٽيڪ هو اختيار جو هڪ اهم حصو آهي. ۽

اختيار جي مقصدن جي پوئواريءَ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندو رهي ٿو. ظاهر آهي تہ جميل اختيار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هن پنهنجي ورودي- انڪاري ويچارن جو بليدان ڏئي، پنهنجي متي تي لعنتاٿو ڪنيو، پوءِ بہ دائمي ڊپ ذهن تي سوار. عتاب هيٺ اچڻ جو. ماربو ويندس. سبب؟ جو هن جي ڪرم مان ناهي."

"ها سائين، فرض ڪيو تہ: اوهان وارو واقعو، تہ اوهان جي ڪو ڪڏ آهي، وهم هو. پر سوال تو پيدا ٿئي تہ: نيٺ اوهان جي دماغ ۾ اهو وهم ڇو آيو؟"

"ڊاڪٽر صاحب، اهو تہ مون بہ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو هو."

ڊاڪٽر چپ، ويچار ۾ ورتل.-

"هڪ بي ڏوهيءَ تي، ڏوهاري هجڻ جو مڙهيل احساس، چاڪاڻ تہ اهو بي ڏوهي، حاڪمن جي ڪرم مان ناهي، يا ائين چئجي تہ- اسين ان احساس جي وهڪ مان لنگهي رهيا آهيون."

"ءِ ها، چئي سگهجي ٿو: سنڌيپٽي/ سنڌي هجڻ جو احساس جيڪو هتي اڻ- وٽندڙ آهي. ءِ اڻ- نهڪندڙ، هڪ ڏوهہ! اسين اڻ-وٽندڙ آهيون. اهو سمجهون ٿا. ءِ اهڙي سرت رکون ٿا. اها سرت ئي اسانکي ڏوهي هجڻ جي احساس کان آگاه ڪري ٿي."

"سائين مون اوهان جو ڪافي وقت ورتو آهي. معاف ڪجو. اوهان تہ علاج لاءِ آيا هئا."

هلڪو ٽهڪ.

"نہ ڊاڪٽر صاحب، اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي. وقت تہ مون اوهان جو ورتو آهي."

منجهيل ذهن. ملول منهن.

"ڏسو هن وقت تائين ڪو مريض بہ ڪونہ آيو آهي."

هلڪو ٽهڪ.

"مان اوهان لا. هيءُ نسخو لکان ٿو. ءِ ڪجهہ ورزشون بہ اوهان کي ٻڌايان ٿو. هلڪيون ڦلڪيون آهن. مان اوهان کي گذارش ڪندس تہ اوهان مڪمل آرام ڪريو."

"۽ ها: ڏسو: ڪافڪا جي "ڪيسل" جي پادريءَ جا چيل آخري
لفظ:

' It is not necessary to accept every thing as true one must only accept it as necessary'.

اوهان جي تڪليف ۾ ڪافي ڪارائتا ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اوهان جڏهن ڏسو پيا تہ ٿي رهيو آهي ۽ ٻڌو پيا تہ انهن حقيقتن ڪي جهٽي، سپاويڪ طور لاشعور ۾ وهاري ڇڏيو آهي: مون سان بہ ائين ٿيندو. مون سان بہ ائين ٿيندو- اندر وينل گهرو، ڇتو احساس. ساپيان لڳندڙ. ان ڪي ڇهين حس جو پڙاڏو چئوس. يا حالتن جو منطقي نتيجو. بهرحال:

"اوهان پاڻ ڪان هيءَ سوال پڇو تہ: ڇا اهو ضروري آهي: ٻئي سان ٿيو، ان ڪري اوس مون سان بہ ٿيندو."

"پرر ڊاڪٽر صاحب. انهيءَ پاڻ نڳندڙ فارمولا ڪي ذهن هيٺن بہ تہ وني سگهي ٿو: جيئيڪڏهن ٻئي سان ٿيو: يا ٿئي پيو. جيڪي مون جهڙا آهن، مون مان آهن، مون سان بہ اوس ٿيندو. مان سمجهان ٿو. ڊاڪٽر، اهو قياس حقيقت جي بنهہ ويجهو آهي. جڏهن تہ پاڻ- پريائڻ لاءِ جيڪو (ڪوڙو) نفسياتي هٿيار اوهان ڏسيو پيا، سو وڏيڪ-"

اداس مرڪ سان.

"دوست،جڏهن ٽرنڪولائيزرس بہ پنهنجو اثر ڇڏي ڏين، تہ پوءِ پاڻ- نڳڻ تي ڪامياب، اثرائتو ٽرنڪولائيزر آهي. ۽ اها اسانجي هڪ ضرورت آهي. مجبوري. ان ڪي سماجي سطح تي پاڻ نهڪائڻ بہ چئي سگهو ٿا."

نهڪ.

"ادا مان وري بہ عرض ڪندس تہ. ڪيسل جي پادريءَ جا آخري لفظ.

پاتال ۾

ان جو مطلب ٿيو: جسٽيفاءِ ٿيرر. پاڻ نهڪائڻ جو خيال انهيءَ مفهوم سان. ڊاڪٽر چيو آهي مڪمل آرام ڪر. ڇانهه پيئندين؟ ڇانهه پيئندين. هن سڏيو؟ گهر ۾ اڪين جا ڪوپا نه. گولين جو اثر. ايچ آف ٽرنڪولائيزرس. ماسز ٽرنڪو لائزر، ٽروماس ميڊيا. اسين سڀ ماس ميڊيا جا نڳيل آهيون: ٽرنڪولائيزڊ. ڪن وڃيا آهن هن سڏ نه ڪونه ڪيو. مونکي آرام ڪرڻ گهرجي. پر هي ڪهڙيون گوريون آهن! گهر ڏين ٿيون ۽ ذهن مرٿيگهه. سڄاڳ. ٻي گولي وٺان اسين اڻ-نهڪندڙ آهيون. جو انڌي پوئواريءَ جو گڻ نٿا رکون. ان ڪري اڻ- وٽندڙ. ڏڪارجندڙ ۽ پنهنجي اهڃاڻ جي برقراريءَ لاءِ هٿ پير هڻون ٿا. جي هٿ- پير نه به هڻون، ته اهڙي قسم جو خطرو هنن کي. ته متان اٿي پون ڏڪاريل. مون کي آرام ڪرڻ گهرجي. انڌي پوئواري، وفاداري پاليل ڪتي جو گڻ آهي. اهو ڪيڏو نه مضحڪي خيز آهي: مان پاڻ کي انسان سمجهان ٿو يا ڪو وهيٽو رعيتي، بخشيل شهري حقن جي اوٽ ۾ پاڻ- ايو ڪرڻ چاهي ٿو- اڻ- پڇي پوئواري. سگريٽ آهن يا نه. مهرباني ڪري سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏي. وات مان ڪني ڏپ ٿي اچئي. سگريٽ مون لاءِ اهم آهن. توکي ڏپ جو ٿي اچي. چمي ڏيڻ ڇڏي ڏي. تنهنجي چميءَ لاءِ مان سگريٽ ڇڏي نٿو سگهان. ڪمزوري ناهي، ضرورت آهي. ضرورت کي ڪمزوري چئي سگهين ٿي. چمي، منهنجي اها ضرورت پوري نٿي ڪري، جيڪا مان پوري ڪرڻ چاهيان ٿو. جڏهن تون چمي ٿي ڏين، ته ان وقت منهنجو ذهني ٽينشن ختم ٿئي ٿو؟ بلڪل نه. ان وقت تنهنجي چمي منهنجي مدد نٿي ڪري. جڏهن ته سگريٽ ڪري ٿو. جيڪڏهن هاڃي جي ڳالهه آهي ته، هاڃو دوائن واپرائڻ، ويندي ڪاڏي ڪائڻ مان به ٿئي ٿو. پوءِ به اهو اسين ضرورت هيٺ ڪائون ٿا. سگريٽ به نيٺ ضرورت هيٺ ئي پيئجي ٿو. ڏس! تون ڪاوڙج نه. هيءَ سڏي سنواتي عورت جا سمجهندي. هيءَ رڳو سمجهي ٿي شين جا اگهه. هنن شين کي ڪهڙي باهه لڳي آهي! ايڏي مهانگائي چوٽ. اُنُ اسان جي ملڪ ۾ ٿئي، پوءِ به مهانگو. تون نٿي سمجهي سگهين. گوشت ٽيهن کي

ڏک هٽندو. وقت پري ڪونهي پنجاهه ريٽي ملندو.

پاچيون! بصر پنجين ريٽي سير! انهن کي ڪو ٽڪ بہ ڪونہ هٽندو هو (ٺهڪ) تون چري آهين: نٽي سمجهين. بصرن کان وٺي عورتن تائين، مال عربن ڏانهن سپلاءِ ٿئي ٿو. عربن ڏانهن! ها، عرب سڳورن ڏانهن پاڪستاني ئي سپلاءِ ڪندا آهن، پيو ڪير ڪندو. چوندا عورتون. پوءِ بصر مهانگا ڪيئن نہ ٿيندا. پاڻ نہ پلي ڪٽا ڏاري. ۽ ملاوت: اهو تہ مسلمانن جي واپاري هنرمنديءَ جو شاهڪار ڪمال آهي. بابي ٿي چيو، هندن جي وقت ۾ ائين ڪونہ هو. ملاوٽ جو تہ لفظ ئي ڪونہ ٻڌوسين. هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا واپاري اصول آهن. مون کي آرام ڪرڻ گهرجي. مٿي ۾ سور. چانهہ ڪيس سڏي چوان. يا پاڻ ئي. چوندي: هيءَ تون نند ٿو ڪرين. پر نند نٽي اچي. رڳو اڪيون ڳوريون ٿيون ٿين ۽ دماغ پڙرو. مان چا ٿو ڪري سگهان. پر سندس چوڻ جو تحڪمانہ انداز. نيٺ مان سندس غلام ناهيان. يا اهو سندس ماٺي جو انداز آهي. پر مون کي بنهہ نٿو وڻي. سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏي. مان ڪو تنهنجو نوڪر آهيان. يا پار، جو مونکي تحڪمانہ انداز ۾ جهلين ٿي، نيٺ سگريٽ چو ڇڏيان. چاڪاڻ تہ ڪيس نٿو وڻي. پر مان سندس پسند لاءِ ايتري حد تائين تہ پابند ناهيان. سندس سک جو خيال رکندي رکندي، مان پاڻ کي اخلاقي طور سندس چٽيوان تہ بنائي نٿو سگهان. ڪڙڪو ٿيو؟ ڪن وڃيا. ڪٿو هوندو. ڪٺا وڏي ويا آهن. لڳي ٿو گهر ۾ چوڏاري ڪٺا ئي پيا ڊڪن. بي ڊپا ڪٺا پليگ آڻيندا آهن. فوجين جي قطار، لپ ربٽ-لپ ربٽ. ڪٺن جي قطار. سنو ٿيندو چانهہ جو هڪ ڪوپ پيئان. پر جيڪڏهن اتندس تہ هوءَ ضرور چوندي: سمهي پئہ. سمهي پئہ. سيني هينان سارُو. السر. سارُو وڌندو پيو وڃي. السر ڳڻتيءَ کان ٿيندو آهي. اعصابي بي چينيءَ کان. ۽ ڇڪتاڻ کان. چڙ کان. ايموشنل سپريشن کان. چو؟ اهو بذات خوس سبب آهي. سبب کي سبب ناهي ڏيٺو. ڪتي جو ڳڻ آهي وفاداري. سپريشن، بهرحال ثابت ڪري ٿي تہ انڪار/ اختلاف موجود آهي. پر بي وسي. پاليل ڪتي جو ڳڻ آهي، اڻ پڇي وفاداري.

سگريٽ سان سارُو وڌي ويندو. بسڪوٽ کان. جيئن ڊاڪٽر چيو هو. ۽ پوءِ چانهہ. پر ڊاڪٽر تہ چانهہ کان بہ جهليو هو. اجهو. شايد اچي پئي. هلي وئي رڳو هن ڪمري تائين آئي. نيٺ مان ڪانئس ڊجان چو ٿو؟ جو

مڪر ڪري سمهڻ جي ضرورت محسوس ڪيم. چيائين لکڻ ڇڏي ڏي. سنڌي ادب وري- (نہ ڇا سنڌي قوم جو مستقبل سنڌي ادب سان ڳنڍيل ناهي!) سوال پنهنجي جاءِ تي آهي. نيٺ لکجي ڇو ٿو: (لکٽيون، سکٽن لفظن جو ورجاءُ) اجائي پنار. خيالي عياشي. يا ڪيريئر حاصل ڪرڻ بي فائدي جاکوڙ تون جاڳين پيو. ضرور ڪنهن مضمون لاءِ سوچيندو هوندين. هاڻ تہ تون اجايو سوچڻ ڇڏي ڏي. ڊاڪٽر سختيءَ سان جهليو اٿئي. انهن مضمونن مان تو ڪهڙو پيٽ ڀريو آهي. ۽ توکي ڪهڙا زيور پارايا اٿم. انهن مضمونن منجهان. ائين نہ. نيٺ تون مون تي حڪم ڇو ٿو هلائين. مون تہ ڪجهہ بہ. ڀلا انهيءَ ۾ تکي ٿيڻ جي هڪڙي ڳالهہ آهي. هرويرو مون کي ائين نہ سوچڻ گهرجي. چڙ کي سپريس- سيني هينان سارو وڌندو پيو وڃي. باهہ. ٻي گولي چوسيان. ان ڏينهن چيائين تنهنجي وات مان ڪني بانس ٿي اچي، جڻ ڪئا مئا پيا آهن. ڪئا: نہ رڳو بانس، پر پليگ بہ پکيڙيندا آهن. مان ڪئن کي ڪتي ٿو ماري سگهان! مون ۾ همٿ ئي ڪانهي. بڪواس. بلڪل بڪواس اهي ائبنارملٽيءَ جا اهڃاڻ آهن. اهو تہ تمام خراب آهي. تشويشناڪ نہ، نہ: اصل ڳالهہ آهي تہ اسين ائبنارمل معاشري جا شڪار ٿيل آهيون. اسين سڀ يا ائبنارمل حالتن جي پيداوار. مٿو ڦاٽي ويندو. اُٿڻ ڊاڪٽر چيو آهي تہ مڪمل آرام ڪر. ها. مڪمل آرام. (يعني ٽرنڪولائيزڊ ٿيءُ) ۽ مان ٽرنڪولائيزڊ ٿو ٿي سگهان. ان جو مطلب تہ مان ائبنارمل ٿيندو پيو وڃان! انهيءَ جو علاج بہ تہ ٽرنڪولائيزرس ئي آهن! تہ ڇا ائبنارمل سماج لاءِ بہ ٽرنڪو لائزرس- نظرياتي نشو. جيئن ڏنو وڃي ٿو. وري ٽڙندو پيو وڃان- بهتر تہ اٿان ۽ سائٽس ڳالهين ۾، مشغول رکان. پاڻ کي، يا ڪتاب پڙهان. پو هوءَ آهي ڪٿي. باهر هن ويساهہ هيٺ، باهر ئي آهي، هتي نٿي اچي: تہ مان آرام ڪري رهيو آهيان. پر جڏهن ڪيس خبر پوندي تہ. پر مون کي اهڙي ريت ڪيس پريشان نہ ڪرڻ گهرجي.

جيتوٽيڪ

انيو

هو ڪلن پيا. جائي، ڳالهہ بہ ڪلڻ جهڙي آهي. اوچتو سواءِ ڪنهن ڪارڻ جي اهو سمجهڻ تہ ڪو ڪِد آهي! واچ ڪري رهيو آهي. پر مان ڇا

ٿو ڪري سگهان. جڏهن تہ اها حقيقت آهي. پر هو منهنجي سامهون ڪلي نہ سگهيا. همٿ نہ ٿين. همدردي ڪيائون يا سندن ڏڀيل ڪل، خود سندن ساڳئي، مون جهڙي احساس کي دٻائڻ لاءِ هجي. هو، مون وانگر ان جو ڪلم ڪلا اظهار ڪرڻ نہ چاهيندا هجن! ائين بہ ٿي سگهي ٿو. ۽ جڏهن هو، پوليٽيڪل سائنس جو ليڪچرار (جيڪو تازو، پارٽيءَ جي ڪنهن با اثر وڏيري جي سفارش تي اپائنٽ ٿيو آهي.) ڪل جهلي نہ سگهيو. تہ ٻاهر نڪري ويو. ٽڪڙو ٽڪڙو. سندس ڪل جو آواز ڇتيءَ ربت ٻڌڻ ۾ پئي آيو. مان سڀ سمجهان ٿو: ٻين بہ ڪيترن ڪل جهلي. زوريءَ. ائين تہ هوءَ بہ ڪلي هئي. ڏادو. جڏهن ٻهرين ٻُڏائين پر ٻوءِ رئڻ ۾ اچي ڇتڪي هئي.

(دي فني ٽريجڊي)

سچ پچ گهٽو ڪري ليڪ سودائي ڇو ٿيندا آهن؟

(هي ڪنهن جو آواز هو؟)

واقعي اهو ممڪن آهي تہ اوهان جي ڪو ڪڏ لڳو هجي. منهنجو مطلب آهي واچ ٿيندي هجي. هن ملڪ ۾ ڪابہ ڳالهہ ناممڪن نہ آهي. جڏهن تہ ملڪ نهڻ ڪان وني هن مهل تائين هنگامي انجيڪشن جي آڌار تي هليو هجي. اتي ڪجهہ بہ ناممڪن ناهي ۽ ها، اهي انجيڪشنون خوراڪ جي ضرورت وانگر وجود جي بقا جو اهم عنصر بڻيل هجن. لازمي. بنهہ لازمي. ۽ خطرو ئي خطرو تہ–

”پتين کي بہ ڪن ٿيندا آهن.“

هيءُ پروفيسر جو آواز هو.

۽ پوءِ کنگهيائين. هترادو ڪنگهہ. ڪنهن اشاري لاءِ.

”عرض آهي: ٽيچرس روم ۾ سياسي ڳالهيون نہ ڪجن تہ بهتر آهي.“

هيءُ اهو ئي ٽرڙو ڇورو آهي. پوليٽيڪل سائنس وارو.

سڀ اُٿي ويا. سواءِ پروفيسر– جي.

سناٽو.

هو منهنجي ويجهو آيو.

”مان سمجهان ٿو، ڊاڪٽر جيڪا توسان فوبيا جي ڳالهہ ڪئي آهي. سو هڪ عام ڪيس آهي. خاص ڪري، اسان جهڙا جيڪي پنهنجي

وجود جي سچائيءَ جو ناتو رڳو پنهنجي ذرتيءَ سان ڳنڍين ٿا. ۽ اهو به سچ آهي ته، هڪ ٻوليءَ جي استاد ۽ اسڪالر جي حيثيت سان تنهنجو اظهار. ڏس ٻاهر ڪو بيٺو ته ڪونه آهي؟"

"نه"

"تڏهن به، پٽين ڪي به ڪن ٿيندا آهن. مان انهيءَ ڊاڪٽر ڪي سڃاڻان. ذهين آهي.. هو جڏهن اجان ڄام شوري جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو، تڏهن اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾ ڏاڍو جوشيلو حصو وٺندو هو."

"مون کي لڳندو آهي: هتي ٽيچرس روم ۾ ان کان ٻاهر بلڊنگ ۽ اسٽوڊنٽس يونين آفيس جي پٽين ۾ ڪا اک لڳل آهي. جيڪا هر چرپر جهٽيندي رهي ٿي."

"اها ڳالهه مون سان هن سائينءَ به ڪئي هئي، نالو ڇا اٿس..."

"مون چيو نه، اهو هڪ عام ڪيس آهي. بهتر ٿيندو تون انهيءَ جو نالو نه اچار. سمجهي سگهين ٿو. منهنجو مطلب آهي، هوءَ اک."

"خير، سو مون توسان ڳالهه پئي ڪئي، اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾، جڏهن مان اڃا جونيئر ليڪچرار هوس. گرفتار ڪيو ويس. اتي، جيل ۾ هڪ نهايت ذهين سياسي ڪارڪن هو. هو بلوچ هو. ۽ ساڳئي ئي ڪيس ۾، يعني ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ ۾- ساڻس ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون هيون. هڪ ڀيري بحث ڪندي هن چيو ته: جيڪڏهن سچائي ڪا ائبسرڊ شيءَ ڪانه آهي. ۽ ان جي سڃاڻپ لاءِ بهرحال، ڪنِ تصورن، نظرين يا ڪنهن ٽرمنالاجيءَ جو سهارو وٺڻو ئي پوي ٿو، ته. اهو ضروري ناهي، ڏنڊي جي آڌار تي ڪو تصور، نظريو هرويرو سچائي ڪري مڙهيو وڃي."

"مان توکي ٻنهي سمجهي نه سگهيس."

"مون چيومانس."

هن وراڻيو. "تون جنهن ڏوهه ۾ هتي آيو آهين، ان کي ذهن ۾ رکي سوچ. تو ڏوهه نه ڪيو آهي. ۽ تون ان کي بس اون نه ٿو ڪري سگهين."

۽-

مون مرڪي وراڻيو. "مان اڃا تائين تنهنجو مطلب جهٽي نه سگهيو آهيان."

هن منهنجي ڪلهي تي ٿڦڪي ڏني. چيائين، ”دوست، هندستان ۾ رهندڙ هڪ سنڌيءَ جو، سنڌ سان انس جي حد تائين لڳاءُ، بهرحال آئيني طور هندستان سان سندس وفادارين کي مشڪوڪ بنائي ٿو. ۽ هتي تنهنجي لاءِ اسان لاءِ. ون يونٽ جي مخالفت معنيٰ ته اسين اسٽيبلشمنٽ جي طرفان مڙهيل محب وطنيءَ واري تصور ۽ انهيءَ جنسي گهرجن کي رد ڪيون ٿا ۽ اها خدداري آهي. جنهن کي اسين اون ڪندي، مـحيندي، ون يونٽ جي مخالفت ڪيون ٿا. يا غلط آهي؟“

”پر اوچتـو، چٽڪ منهنجي ذهن ۾ هلڪي ڪـڙڪ اچي وئي جيومانس: ”جهل ادا.“

تڏهن تون اهو چئين ٿو ته: ”غداريءَ جي حق کي به مڃيو وڃي!“ ٺهڪ ڏنائين.

”ائين چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته منهنجي آڏو غداري ڪا غيب واري شيءِ ڪانه آهي، هيءُ همٿ وارو انڪاري ائپروچ آهي. هڪ صحتمند، تکو. ۽ روشن ائپروچ. پنهنجي وسيع اختلاف جو چئلينج سان اظهار. اها بي ڳالهه آهي ته هن ڇڪتاڻ ۾ فيصلو ڪندڙ هميشه سگهه ئي ٿئي ٿي.“ هو چپ ٿي ويو. ۽ ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ معنيٰ خيز نظرن سان مرڪندي، لفظن تي زور ڏيندي چيائين ته، ”پر پيارا! سنڌ ۾ ڄمندي، رهندي، سنڌ سان انس ۽ ان سان وفاداري، تنهنجي ڪردار کي مشڪوڪ بنائي ٿي. اها غداري آهي. هتي جي قانون مطابق. ها، ڇا سمجهيئه. مون اهو پئي چوڻ چاهيو. پنهنجي ڌرتيءَ سان انس، اسان جي جبلي گهرج جو هڪ ڀاڱو آهي. ان کي بناوٽي طريقي سان تبديل ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ کي تبديل ڪرڻ لاءِ مٿان ڪان هيءَ مٿاڪٽ، (جنهن جا اسين ماريل آهيون) انسان جي خلاف ڪڏهن نه بخشڻ جهڙو ڏوهه آهي.“

”مون کي هڪ ڀرپور ذهني ڌڪ لڳو. ۽ ان ڌڪ سان جٽڪ تاڪ کلي ويا هجن. اتي هڪ شاگرد قيدي جيڪو اسان جون ڳالهيون نهايت بي تابيءَ سان ٻڌي رهيو هو. تنهن، مرڪندي، بروچ ڏانهن مُنهن ڪندي چيو.

”پر، سائين بروچ، هيءُ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته، هندستان جي مسلمانن جون بنيادي وفاداريون، ڌرتيءَ کان وڌيڪ، ٻاهرين حملي ڪندڙ فاتح حاڪمن سان وڌيڪ رهيـون آهن. منهنجو مطلب آهي، افـغانن،

ترڪن، مغلن، ايرانين يا عربن سان نہ رڳو اهو پر هو، انهي تي پاڻ پڏائين بہ ٿا!"

بروچ، انهيءَ ڊاڪٽر جي منهن ۾ تڪڻ لڳو:

"ادا، مان ڇا تو ڇئي سگهان. اسين انهيءَ جا نہ وڪٽمائيزڊ آهيون."

پوءِ مون چيو: "هيءُ هندستان جا اڙدوي مسلمان اهڙا نہ"

"سائين آهستي ڳالهايو. جيل جي پٽين کي بہ ڪن ٿيندا آهن."

"مون کي شڪ ٿو پوي تہ هيءُ، اهو ساڳيو ئي ڊاڪٽر آهي. جنهن وٽ تون وئين هئين."

هيءَ آواز ڇا جو آهي؟

مون کان ڇرڪ نڪري ويل.

"ڪاليج جا رضاڪار پريڊ ڪري رهيا آهن."

"پريڊ سر!"

"ها! تنهن جو ڇرڪ معنيٰ ڀربو آهي. (هلڪو ٽهڪ) ڏس، باهر ڪو بينو ٻہ ناهي."

"نہ سائين."

"درين ۽ پٽين جي پرسان؟"

"نہ سائين."

"ڪير اچي تہ ڪونہ پيو؟"

"اردوءَ وارو ليڪچرار اچي پيو سائين. شايد هتي اچي."

"جائي بہ. پٽين کي بہ ڪن آهن. هتي: جتي اسين رهون ٿا. اهو ڊاڪٽر ذهين آهي. اتي مون کيس چيو: ميان، اسين تہ اڳي ئي قيد ۾ آهيون، پوءِ ڪاڻ ڇاجي."

ڇيائين: "سائين، اسين هينئر ننڍڙي قيد ۾ آهيون. جبلي گهرج هيٺ وڏي قيد ۽ ان کان وڏي قيد ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني ويندي آهي. جن جون اڻ- اڪرجنڊڙ پٽيون نہ آهن. پر اسانجن نظرن کان اوجهل."

"مون کي سندس اهو جواب ڏاڍو وڻيو ۽ دل ئي دل ۾ مان سندس ذاهپ تي خوش ٿيڻ لڳس ۽ فخر ڪرڻ لڳس، جو هڪ سنڌي نوجوان، سوچ جي اهڙي گهرائي ۽ ان جو احساس رکي ٿو."

"........ اجهو هيءُ اچي ويو. (پٽڪندي، آهستي) سو مون توسان ڳالهه پئي ڪئي، (بناوٽي انداز ۾ ڏاڍيان) پاولوف جي ٿيوري آف ڪنڊيشنڊ رفيلڪس نه تو ٻڌي هوندي ۽ شايد پڙهي به هجي."

"سائين، مٺاڃري."

"ڇا ٿيو جو:"

"همراهه تجربو پئي ڪيو: پهرين ڪتي جي آڏو ڪاڌو ڦٽو ڪندو هو. ڪتو ڪائيندو هو. پوءِ جڏهن ڪاڌي واري مهل ٿي، پاولوف صاحب، ڪتي آڏو ڪاڌو آڻيندو هو ته ڪتي جي وات ۾ پاڻي (گگ) اچي ويندو هو. سائين، اڳتي هلي، ڪاڌي ڏيڻ سان گڏوگڏ هو گهنڊڻي به وڄائڻ لڳو. ته به ڪتي جي وات ۾ گگ ايندي هئي. ظاهر آهي ته سندس ان گگ جو سبب ڪاڌو ئي هو، نڪو گهنڊڻي. ائين ڪندي ڪندي، هڪ ڀيري هن جڏهن ڪاڌي جي بدران، ان مقرر ٽيل مهل تي گهنڊڻي وڄائي ته ڪتي جي وات مان ساڳي گگ وهڻ لڳي. هن ٻه- ٽي ڀيرا ائين ورجايو. پوءِ پاولوف هن تجربي جو نتيجو ڪڍيو:ڪنڊيشنڊ رفليڪس جي روپ ۾. يعني:

" A Conditioned reflex is the habitual reaction of an organism to a particular stimulus. This habit is acquired as a result of organism being placed repeatedly in the same situation."

خاموش. سوچ ۾ ورتل. خاموشي ڀڃندي:

"هن ڳالهه کي پاسيرو رکندي، ته پالوف جي هن تجربي بهيوئر ازم کي هڪ نئون رخ ڏنو، يا جهڙي ريت مان سمجهان ٿو ته، بند، پوساٽيل، مونوٽونس نظرياتي رياستن ۾ سماجي طور انهيءَ نظرئي جي نفسياتي اهميت کي مڃي، انهيءَ تي پليءَ پٽ عمل ڪيو. انسان کي ڪتو سمجهندي."

فارمولا:

اسٽيٽ= پاولوف

رعيت: ڪتا

سرشتو: مونو ٽيئسٽ نظرياتي پٽين اندر پوربل ڪتا.

گهربل مراد: انڌي پوئواري. جيڪي وهيٽا آهن، سي پنهنجو پاڻ کي، پاڻ کان سگهاري ۾ ختم ڪري ناس ڪن.

"۽ پاولوف اها سچوئيشن جوڙي ٿو."

"هند ۾ سنڌين لاءِ، هو پاڻ کي ختم ڪن ۽ اسان ڪان هتي.."

اڪين ۾ گهوربندي:

"هڏين ۽ ڇيڇڙن جي بخشيش ڪان سواءِ ئي، (جيڪو اسان پڙهيل ڳڙهيل مدل ڪلاس جو سڀ ڪان وڏو مطالبو آهي) گهربل مراد- ۽ تنهن جو اهوئي ڏوهه آهي، جو تون ڪتي مان انسان ٿيڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ٿو. ۽ تنهن جو اهو ئي ڏوهه آهي، جو تون سنڌيءَ جو ليڪڪ آهين. پنهنجي آئڊنٽيٽيءَ لاءِ ڪوجنا ڪرين ٿو. جنهن لاءِ قانون آهي ته، هڏين ۽ ڇيڇڙن جي طلب ڪانسواءِ ئي، ٽلهي گهنڊٽيءَ جي آواز تي پاولوف آڏو پڇ لوڏيندو اچي. پاولوف گهٽ ۾ گهٽ ڪتي کي پهريان ڇيڇڙا ڏئي هيرايو ته هو. پر هتي اهڙي ضرورت به محسوس نه ڪئي. اسان لاءِ!"

اردوءَ جي ليڪچرار جو معنيٰ پرئيل نظرن سان تڪڻ، پوءِ مرڪ، شيرواني جو مٿيون بٽڻ کوليندي:

"جناب، سنڌ ۾ علاقائي تعصب کي وبا ڦيلتي جا رهي هي، يي پاڪستان کي وجود کي لي زهرقاتل هي، جو هم ني بيشمار قربانيون سي حاصل کيا هئي. دراصل-"

ڏانهنس ڏيان ڏيڻ ڪانسواءِ مٿاڇ ڪري ويٺل. اوچتو وچ ۾ ڪٽيندي، پروفيسر:

"جناب اوهان قربانيون ڏنيون آهن!"

"خوب!"

"جيڪڏهن ڪو پنهنجي غرض خاطر جان جوکي ۾ وجهي، ۽ ٻين جي ڦٻائڻ لاءِ، ڪجهه وڃائي: پوءِ عيوضي ۾ گهٽو ڪجهه حاصل ڪري، ڦٻائي، سوپارو ٿي اُبري ۽ ڦٻايل هنڌ تي پير ڪپائي، اوچو ٿي ويهي، ۽ لتاڙڻ شروع ڪري، پوءِ چوي ته: مون هيءُ سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن!"

"قرباني ته ڦورو ۽ ڌاڙيل به ڏيندا آهن، جڏهن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڌاڙو هڻندا آهن يا ڦر ڪندا آهن. انگريز به جڏهن هتي آيا هئا، ننڍي ڪنڌ ۾، ته جان جوکي ۾ وڌي هئائون. ۽ ڦربانيون به، هر نو آبادگار،

بينڪيت ڪي وسائڻ لاءِ قربانيون تہ ڏيندو ئي اهي. ڪي نہ؟ اوهانْ تہ اتان پڳا."

(پتين ڪي ڪن آهن، هيءَ تہ-)

"(نہ، تڏهن بہ. اها اسان سنڌين جي ڪمزوري آهي: پنتي هتندڙ خاموشي اختيار ڪرڻ. هڪ قومي خصلت درويشائي. تڏهن تہ هنن ڪي شهہ ملي ٿي. چا مات ڪرڻ سان هنن جي اصليت ۾ ڦيرو ايندو، هو اها ڪمزوري سمجهي وڌيڪ هوڙهيائي ڪندا-)"

"تہ جناب، مون پڻي چيو تہ: اوهان گهٽو ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي نئين جنم لاءِ، هٽ پير هنيا، ۽ هٽرادو پيدا ڪيل ڏهڪاءَ کان بچڻ لاءِ پڳا ۽ لوپي اميرن جي تڪميل لاءِ- جنهن ڪي اوهان قرباني چئو ٿا، پر جو اسان کان ڏياريو ويو، سو اوهانجي- ها، سڀ ڪجهہ سنڌ جي وجود ڪي، اوهان پاڻ ڪري ڪم آندو، پنهنجي بقا ۽ نئين جنم لاءِ. سنڌ پنهنجي وجود جو بليدان ڏنو. اوهانجي حياتيءَ لاءِ."

(پتين ڪي ڪن آهن. هي تہ--)

("تہ چا موقعي پرستي/ بزدلي")

"ها جناب. پنهنجي وجود جو، جيڪو صدين کان قائم رهيو آهي، لڳائيءِ سان ڪاچ تي رهيو آهي، محض اوهانجي-"

"خير-"

چپ، ڪڙو منهن، ڦريل. مهاندا جٽڪ ڪوڙي گوري ڪرت- ڪرت ڪري ڪاڌل.

بيل جو آواز.

"هيءُ ڪائون پيرڊ آهي؟"

"چوٿون سائين."

"چڱو، منهنجو ڪلاس آهي. هلان ٿو."

"بڌ، وڌيڪ ڳٽتي نہ ڪجانءِ. اهو سڀ ڪجهہ اوس ٿيٽو آهي."

"نہ سائين، اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ آهي."

ريءَ مڙهيل مرڪ چپن تي-

اردوءَ جي ليڪچرار تي نظر وجهڻ کان سواءِ ٻاهر نڪرندڙ.

"جاني بہ سچ ٿو چوي پنهنجي پوري وجود جي پيتا پليدان. يعني خاتمو، پر سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇو؟ نيٺ ڇو؟ ڇا ڪارڻ؟ هنڪي اٿڻ گهرَجي. هن جي موجودگي، منهنجي وجود تي بار لڳي رهي آهي. سوئر، خوشامدي وات تيزي ٿو، ۽ دل ۾ چريون. ڪيڏو اوپرو."

"جناب ڪيا سوچ رهي هين؟"

"جي؟"

"ڪجھ بہ نہ."

هي ٽيهن سالن ۾ بہ سنڌي نہ سکيا آهن! نہ سکندا. جو، هن پراسيس ۾ اسانکي مرج ٽيٽو آهي- پنهنجي آئڊنٽيفڪيشن وڃائڻ- نفرت جوڳو.

هيءُ عجيب ڳڙڪائيندڙ نظرن سان ڏسي رهيو آهي. ڳڙڪائي ويندو، ۽ پوءِ هضم ڪري ڇڏيندو. چار اوڳرائيءَ کان سواءِ ئي. هن جي شيرونيءَ جي کيسي ۾ چاقو آهي، ۽ ماچيس جي دٻيءَ ۾ بارود. جيڪو نڪاءُ ڏيندو. اوچتو نڪاءُ.

اجهوڪي نڪاءُ ٿيو.

پوانٽي.

ڇانهہ گهرايان. يا ٽڏو.

گهر وڃان.

ڊاڪٽر چيو هو تہ مهينو کن آرام ڪر.

گهوربندڙ اکيون.

اجهوڪي نڪاءُ ٿيو:

۽ مان ذرا ذرا ٿي ويندس.

اوچتو خيال.

هيءُ اهوئي آهي: واچ ڪندڙ. يا انهن منجهان هڪ. يا پاڻ اهو. روپ بدلائي آيو آهي. پتين ۾ اک لڳل آهي. جيڪا هر چرپر جو جائزو وٺندي رهي ٿي. ۽ سوچ ڌارا ۽ ويچارن کي ريڪارڊ ڪندي رهي ٿي.

اُٿان-

گهر وڃان.

دل ڪچي. ڀوانتي.

ڀاڻ تي ڪنٽرول ڪيان. ڪرڻ گھرجي. نيٺ ڪنگهه. لڳي ٿو، هن ڪا اهڙي دوا ڇڏي آهي، جيڪا منهنجن حواسن کي جڪڙي رهي آهي.

ٻوست

ٻوساٽجندڙ

”ڪيون جناب ڪيا سوچ رهي هين؟“

”هون، جي! ڪجهه بہ.“

اوچتو: گوڙ. نعرا.

ڇرڪ: ڇا`هيءَ؟“

”يہ سالي لڙڪي ڪيي يي تعليم-“

ٻڌڻ ڇڏي ڏنل.

پٽيوالو:

”سائين پوليس آئي هلي. يونين جي سيڪريٽريءَ کي ٻڌڻ. انهيءَ تي ڇوڪرن گوڙ ڪيو آهي:“

پوليس!

سياٽو سڄي وجود ۾ گھمي ويل. پوءِ ساٽائي.

ساٽائي وٽندڙ. حواس سن ٿيندڙ.

نڪي حرڪت جسم کي:

اٿيل:

سڏو گھر ڏانهن:

مان ڀاڻ محسوس ڪيان ٿو: انهيءَ ڇاٽل سڃاٽل دپ هيٺ دٻيل، جيڪو اڻ- ڇاٽل بہ آهي. انڪري فوبيا! اريشنل پئہ. نيٺ انکي رسپانس ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. جڏهن پوليس شاگرد يونين جي سيڪريٽريءَ کي ٻڌڻ آئي. ۽ مون انهيءَ کي حسياتي سطح تي ڇو قبوليو. تي ويو: جڏهن ڌهڪاءُ هجي. ۽ ڇهين حس، ان ۾ اولڙو ڏنو هڪ ڏينهن منهنجي لاءِ بہ ائين اچي سگھي ٿي. يا اوچتو. هيءُ اپڙيل ويچار: منهنجي لاءِ آئي آهي. ڇانيل ڌهڪاءُ جو پئہ ۽ انجو نتيجو: پروفيسر چوائيءَ: اسٽيٽ ٽيررازم، تاريخي طور هر رياست جي بقا، اوسر ۽ استحڪام جي لاءِ هڪ لازمي حصو ۽ انهيءَ ضرورت پٽاندڙ تي.

پر هيءُ تہ منهنجي روح تي قبضو ڪندو پيو وڃي. ۽ عجيب.
”جاڳين پيو؟“
”ها.“
”وري ڪهڙن خيالن ۾ غلطان آهين؟“
”ڪجهہ بہ نہ.“
”ڪجهہ تہ.“
”اڄ ڪاليج ۾ پوليس آئي هئي.“
”ڇاجي لاءِ!“
”يونين جي سيڪريٽريءَ جي ڪي بڌڻ لاءِ پر هو ڪونہ هو.“
”پوءِ، تنهنجو ڇو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو آهي؟“
”بس. اهئين. تہ سياڻي منهنجي لاءِ بہ.“
”الا! بس ڪر هاڻ ٻيلي، بس ڪر. اهي اجايا سوداءَ.“
”هاڻ هيئن ڪر جو. هفتو ڏيڍ موڪل وٺ تہ ڳوٺان تي اچون. تون اتي هلي آرام ڪر. تہ مٺو جاءِ ٿيئي.“
”حاضر سائين، جيڪو حڪم.“
”گهوري ڇا پيو ڏسين. ٿو تہ منهنجيون بہ وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن.“
”ٻڌايانءَ، تون ڏاڍي سهڻي پئي لڳين ۽....“
”هيءُ تنهنجي ڇربائپ جو پيو روپ آهي!“
ماڻي سان هلڪو ٿهڪ.
ٻانهن ڪان جهليل. پاڻ ڏانهن ڇڪ. هنج ۾ آيل.
چمين جو وسڪارو، اٿل منجهان.
ڀاڪر ۾ زور–
”بس، بس، ديوانا، پاسريون ڀڃي ڇڏيئي.“
چميون....
زپ کولڻ جي انڌوراڙي ڪوشش ۾، زپ ڦاٿل.
”ڇا ٿو ڪرين“
حيراني. ڳٽنيءَ سان
”هيڏي اڄ نہ سمهون.“

”هيءَ توکي اوچتو ڇا ٿي ويو آهي!“
”پياري،“
اوتيل قرب.
ارهہ پڪڙيل. زور.
”ماري ڇڏئي-؟“
چميون
”تون ڏاڍي پياري آهين.“
ڪوليل وار. اتساهيءَ وچان ڪيڏ.
سهڪو.
”منڙي، تون ڪيڏي نہ پياري آهين.“
هٿوراڙيون جسم تي.
”در بيڪڙيان.“

اوچتو ڇرڪ سان:
”هان! ڪير؟“
”ڏس، سلوار ڪٿي آهي؟،
دبيل ٺهڪ.
”تون ڪلين ٿي!“
ٺهڪ.
”توکي هي ڇا ٿيو ڇا آهي!“
”پر هي در ڪنهن کوليو!“
هوا سان کليو هوندو. نہ تہ هتي ڏينهن ڏني جو گهر ۾ ڪير ايندو.“
”ڇريا.“
ايندڙ پيار. پيار مان چمي.
”ها جائي بہ.“
ٺهڪ.
”بس، اُت.“
خماريل. ڇڪيندڙ، طلبيندڙ اکيون.

"دز ڏئي چڏ نہ."
شرمايل آواز
"نہ. بس اُٿ."
اچرج ۾ ٻڏل اکيون.
ساٿو تي پيل هڪ هند مرٽيگ آواز"
دراصل
"دراصل هيءَ ڏس، مان بلڪل تڏو-"
پگهر ۾ شل.
"چا ڏسان!".
"هيءَ ڏس، مان- لڳي ٿو، امپوٽنٽ-"
نکا ساهہ جهڪا ٿيل: جهابو.
چٽڪ هارايل، ٿڪل، جهڪن ساهن ۾ وچڙيل.
"پياري، مونکي لڳي ٿو مان بلڪل امپوٽنٽ ٿي ويو آهيان."
ٻُلن کان هٿن ۾ جهلي، شرمساريءَ مان.
"قابل نہ رهيو آهيان."
"ها، بلڪل نہ."

بي وسي. اکين ۾ تري آيل پاڻي. هڪ پربور سڌ، هوءَ، مٿو هنج ۾ رکي، وارن سان کيڏي. پيار ڪري ڳراٽڙيون پائي. ٻُلن تي ٺڦڪيون هڻي، روئي. ڳوڙها، نوٽ ٻُلن تان وهي، هنج ۾ پيل منهن تي ڪرن.
"سمجهہ ۾ نٿو اچي نيٺ توکي ٿي چا ويو آهي."
تکي چڙ. ڪوفت سان ڀريل آواز.
ڪپڙا ناهي، رنگي. تکڙي تکڙي ٻاهر نکرندڙ.
ڍرڪيل وجود، وهاڻي جي سهاري سان پيل.

اها ڪا اهم ڳالهہ ڪانهي. اجايو هلاڪ پيو ٿيان. سيڪس زندگيءَ لاءِ سڀ نہ آهي. هڪ ريشنل انسان لاءِ- پر هوءَ- دراصل لڳي ٿو. مان وقتي شاڪ سبب.
اوهہ! ڪيڏو پوائنٽو.
نہ.. ائين ناهي. پر مان ڊاڪٽر سان بہ صلاح ڪري نٿو سگهان.

ڪو اهم ڪونہ آهي. بنھ نہ. صلاح ڪري سگھان ٿو. نڪو شرم جي.

هوءَ ڪاوڙجي وئي آهي؟ .

احساس اٿم. ساڻس ٿيل تعدي هيءَ اهائي منزل آهي، جتي هر پاڳي پائيوار ٿيندڙ ڏر خودغرضيءَ جي اعليٰ منزل ڪي پهتل هوندي آهي. ضرورت هيٺ. جبلي ضرورت. ۽ ان آڏو جهڪاءُ. هوءَ ٻاهر ڇا ويني ڪري!. يا رنڊٽي ۾ آهي. رنڊي هوندي. پنهنجي نصيب تي ماتم. پر ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوه. ڪيس پرچايان. ڇا ٿو ڪري سگهان. نيٺ منهنجو ڏوهہ پر، جيڪڏهن هو- پرچي بہ پوي تہ ڇا شرم مونکي ودي نہ ڇڏيندو. شرم جي ڪا ڳالهہ ناهي. پر سوال آهي، هن ڪانپوءِ جيڪڏهن شڪ جو اثر دائمي آهي تہ، پوءِ سندس انهيءَ سپاويڪ ضرورت ڪي مڪمل تسڪين جي حد تائين پوري ڪرڻ جي لائق-

هڪ اهم سوال- فرض ڪر تہ مان لائق نٿو رهان تہ پوءِ، سندس لاءِ؟ يار؟ جيڪڏهن ڪنهن بہ سبب، هوءَ منهنجي لائق نہ هجي تہ، مان، ڇڪلي، يا پرائيويٽ ڪري سگهان ٿو. پر هن لاءِ ڇڪلو ڇو ڪونہ آهي. مرداڻو ڇڪلو.

ڪيس چوندس تہ. بلو ڪري سگھي ٿي، يعني يار.

هڪ اخلاقي سوال پنهنجي جاءِ تي آهي. نهائينءَ هينان ساڙو.

اٿان، پيشاب ڪيان.

من

۽ ڪيس پرچايان.

"ٻڌ."

"جي.

"اتي ليٽي ڇو پئي آهين."

"اُهئين."

"روئين پئي."

شرمساري. ڦڪائپ.

"نڪو."

ڳوڙها اگهندي، زوريءَ مرڪ سان.

”مونکي احساس آهي. توسان ڪيل زيادتيءَ جو. شرميسار آهيان. توسان ڳالهائيندي ڦڪائپ پئي ٿئي. دراصل، ان ۾ منهنجو ڪوبہ ڏوهہ.........“

”نہ نہ تون اجايو پريشان نہ ٿيءُ.“

”چونہ ٿيان. جڏهن تہ ڳالھ ئي اهڙي آهي. مون ڪي سمجھ ۾ ئي نہ اچي، توکان ڪهڙي ربت معافي.....“

”الا! مون چيو نہ، تون هرويرو پريشان.....“

نہ هيءَ بلڪل وڏي ڳالهہ آهي.مان ان لائق نہ رهيو آهيان جو تنهنجو مڙس ٿي. منهنجو مطلب آهي هڪ مڙس جي حيثيت سان ازواجي-“

پاڪر ۾ ڪندي. ڪهل گڏيل پيار پرٿي لهجي ۾.

”تون ڪيڏو نہ سادو آهين. بنهہ- توکي ياد آهي، اڳي بہ هڪ پيرو ائين.“

ايندڙ حيا.

”نہ.مون کي ياد نہ آهي.“

”جنگ جي زماني ۾ جڏهن اوچتو سائرن وڳو هو.“

دبيل، شرمايل- ڪل.

”ها. ياد آهي.“

سوچ ۾ ورتل.

”تون اجايو پريشان نہ ٿيءُ.“

خشڪ چپ. بي نور اکين سان وڃايل سوچ ۾

”ڇا ٿو سوچين؟“

”ڪجھ بہ نہ-“

گهڙتي رکي:

”سوچيان ٿو: ان وقت جنگ هئي: ۽ جنگ جو ڌهڪاءُ: ڌهڪاءُ، جيڪو انسان جي پوري وجود ۽ ڪوئنرن ۽ نازڪ جذبن کي سن ڪري ڇڏي ٿو. جنگ جي ڌهڪاءُ ۾ مروتيل ناس ٿيل امنگ- انهيءَ لاءِ هڪ معقول جواز آهي.“

”پر هاڻي نہ امن آهي. چوڌاري امن. امن واريون حالتون. ۽ پوءِ بہ ائين ٿيو. جيئن اڄ!

"ائين ڇو ٿيو؟"

"جنگ کان نفرت ڪندي، امن چاهيون ٿا ۽ امن کان بہ نفرت. هن امن کان. جيڪو ڌهڪاءَ جي ڪک...."

"اوهہ! تون تہ اجايو."

"نہ، مان تنهنجي لائق نہ رهيو آهيان. ۽......"

"تون آرام ڪر. سڀ نيڪ ٿي ويندو. اجايو."

"دائزيپام ڪٿي آهي؟"

اولڙا

مان توکي صلاح ڏيانءَ
ڇڏ منڙي
تون پڙهڻ ۽ لکڻ ڇڏي ـ ڏي
!

ڇاڪاڻ تہ تنهنجي مڙني پريشانين جو سبب سمجهان ٿو پر مان هينئر لکان ڪٿي ٿو. نيٺ سنڌي رسالا آهن ڪٿي.

ها سچي هينئر تہ انهن جو نالو نشان بہ ڪونهي ڪيڏانهن ويا. عيوضي ۾
!

ليڪڪن کي نوڪرين ڏيڻ جي عيوض ۾ يا جيل

• گوئرنگ تہ موت ڏنو هو، هڪ ئي وقت ڇوٽڪارو. پستول ۾ هٿ ۽

۽ اڄ جو گوئرنگ هڪ ئي وقت موت نہ، هٿ نوڪيل قانون جي بنياد تي اڏيل ڪوٽ اندر بوساتي بوساتي ماري ٿو، پوءِ هڪ پربور خواهش ٻڃيو وڃي.

سمجهہ ۾ نٿو اچيم نيٺ اها نوڪري تنهنجي ذهن تي چوويهہ ئي ڪلاڪ ڇو سوار آهي، جڏهن تہ تنهنجي ڊيوٽي ڏهن ڪي ڪلاڪ آهي.

تون نٿي سمجهي سگهين ڇري؛

ها مان نہ ڪابہ ڳالھ نٿي سمجھي سگھان.

نہ نہ تون ڪاوڙج نہ. منھنجو مطلب آھي.

مان جت آھيان جاھل ائين نہ.

نہ منھنجو مطلب بنھہ اھو ڪونھي، پر جنھن احساس جي اذيت مان، مان گذران ٿو، تون ان کي محسوس ڪري نٿي سگھين. سمجھہ نہ جيڪڏھن نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏين تہ پوءِ ڪيڏو نہ پوائنٽو خيال آھي.

پر ڪيندا ڇو.

اھو مان بہ ٻڌائي نٿو سگھان، پر چوڏاري ائين ٿئي جو پيو ۽ اسان لاءِ نوڪريءَ مان ڪڍڻ سان گڏ سيڪيورٽيءَ وارا غائب ڪيو ڇڏين. ھن سان ٿيو ان ڪري اوس مون سان بہ.

ڊاڪٽر ڇيو ھو ڇا اھو ضروري آھي تہ ھن سان ٿيو، ان ڪري اوس مون سان بہ ٿيندو.

نہ- پر سوال آھي تہ

بڪواس

if other people are Victamized of the establishment then my personal freedom is also in danger.

پروفيسر جو اھو دليل

بہ اکيون گھوريندڙ

تکي رھيون آھن

پتين ۾ اکيون لڳل

سو مون توسان ڳالھہ پئي ڪئي، تون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو استاد آھين جيڪو ايڏو اھم ڪونھي جيترو ڪو مملڪتي ادب يا ٻولي جو نوازيل ھئڻ گھرجي، ان ڪري تنھنجي حيثيت بہ

معاف ڪجانءِ

۽ ھا پنائيءَ کي بہ محض مجبوريءَ ھيٺ علاقائي سطح جو شاعر مڃيو ويو آھي سمجھہ ڪٿي نہ ڪوتا سسٽم ھيٺ.

۽ جڏھن سنڌي ڊي- سنڌيلائيز ٿي ويندا مڪمل پاڪستاني يا

اردوي ۽ ڪوتا سسٽم ختم ٿيندو. تڏهن ڪان پنائي ٻه-

۽ چاڪاڻ تہ هو مملڪتي شاعر ناهي ۽ نہ نظرياتي، نہ ڪندڙ نظَرياتي

۽ اهو تہ تون ڄاڻين ٿو تہ اڄ هر رياسَت جيڪا نظرياتي آهي، اتي هر فرد کي ائين ٿيڻو آهي جيئن مثال طور تون چاهين تہ پنهنجو بنيادي حق استعمال ڪندي يا نئين ذهني اوسر جي آڌار تي پنهنجو مذهب يا نظريو تبديل ڪرڻ چاهين تہ نٿو ڪري سگهين.

وڃايل بهشت جا رهواسي
هن پئي چيو
سنڌي

جيڪي پنهنجيءَ ئي ڌرتيءَ تي ڌاريا آهن ۽ بار. ۽ پنهنجي ئي ڌرتيءَ سان اُنس رکڻ جي ڏوهہ هيٺ عتاب هيٺ آيل

۽ هن ٿڌو شوڪارو ڀري اردوءَ واري ليڪچرار ڏانهن نهاري چيو
ننڍا مفاد بهرحال وڏن مفادن جي تابع هئڻ گهرجن ائين نہ،

چاڪاڻ تہ هندستان ۾ سنڌي ٿورائي ۾ آهن ان ڪري مرج ٿين ۽ چاڪاڻ تہ سنڌي هتي ننڍي پرڳڻي جا آهن، ڪمزور آهن، ان ڪري پنهنجا مفاد مرج ڪن ۽ پاڻ بہ

اوچتو ٽوڪ وارو انداز بدلائيندي ريش ٿي-
هڪ ٽريجڊي-

نيٺ اهي ڪٿي رهن چاڪاڻ تہ ٿورا آهن، ان ڪري ننڍا ۽ ڪمزور آهن انهيءَ ڪري انهن جا مفاد بي معنيٰ آهن، غير اهم. ان ڪري پاڻ کي ختم ڪن نہ تہ معروضي حالتون پاڻمرادو کين ختم ڪري ڇڏينديون.

اهائي تاريخ جي سڀ کان وڏي ٽريجڊي آهي انياءُ
جوش ۾ ايندي

سوال آهي تہ اسان جي مٿان جو ڳڙو ڪريو ۽ جنهن آفت جي عمل ۾ اسان جو وجود، زنده وجود اندران ئي اندران کاڄي رهيو آهي ۽ ان ڪاڻ ۽ تڪ تڪ جو وڍيندڙ احساسَ-

اسان جن وڏن ئي ڪيو مڃان ٿو

پر ڇا اهو ضروري آهي تہ وڏن جو ڪيتو اسين ڀوڳيون ۽ اسان لاءِ
تہ

— ان ڪي تاريخي مقدر ڪري مڃون يا تاريخي مقدر جي آڏو اينديءَ
وات گهڙيون-

ڌيمي سوچيندي سوچ جي گهرائيءَ ۾ بدل لفظ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ
آئڊنٽيفيڪيشن لاءِ مٿانهون ۽ سبرو تہ ٽيٽو پوندو
نہ؟

(پتين ڪي بہ ڪن آهن)

ڏس پرڪاش پليز هيءَ ڪاليج جو ٽيچرس روم آهي ۽ تون
سمجهي سگهين ٿو تہ هتي ڪيئن

اردوءَ جي ليڪچرار اچي ٽنگ اڙائي.

سنڌيون ڪي حڪومت هئہ اس لي ايڪ بنيا ڀي اتني جربت سي
بات ڪر سڪتا هيءِ. سب سمجهتا هون.

نهين جناب سنڌيون ڪي نهين پاڪستانيون ڪي حڪومت هئہ.
پتو صاحب ايڪ ڪٽر پاڪستاني هئہ. يہ ايڪ بدنصيبي هئہ ڪ وه سنڌ ۾
پيدا هوئي. چنانچہ حد سي زياده اور پاڪستان ڪي لي ناقابل فراموش
خدمت ڪرني ڪي باجود ڀي وه آپ ڪي ليي ناقابل برداشت هئہ.

ڪاوڙ ڪروڌ مان پرڪاش تڪو تڪو ٻاهر ويل.

ٽيچرس روم ۾ اداس خاموشي. زندگيءَ جو ست چوسيل سڀ
استاد خاموش.

ڪرسيءَ تي وهندي خاموشيءَ جي چيندڙ چپ ڪي گهرائيءَ سان
محسوس ڪندي، پر ۾ وينل ليڪچرار ڪان آهستي سوال:

چو خير تہ آهي؟ سڀ چپ آهن.

هو مسٽر- گرفتار ٿي ويو ۽ سسپيند

اوچتو الريل خيال

سنڌيون ڪي حڪومت هئہ

چوڌاري نهاري

رت نيوڙيل چهرا مٽ ۾ ساهہ
(پٽين کي بہ ڪن آهن)

● خبر: اشوڪ کي ماري ڇڏيائون
خبر: ع.ق. شيخ گرفتار
خبر: آرنسٽ فتاح گرفتار
خبر: سهڻيءَ تي پابندي. ايڊيٽر گرفتار، پريس سيل
خبر: ابراهيم منشي گرفتار
خبر: "اڳتي قدم" تي پابندي. ايڊيٽر تي وارنٽ
خبر
خبر
خبر
خبر
اپڙيل خيال: "سنڌيون کي حڪرمت هئہ"
چوڏس نهار
رت نيوڙيل چهرا مٽ ۾ ساه.

● خبر: آئين جو جشن.
خبر: بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويندو.
خبر
خبر
خبر

● اهو مون کي حق آهي. ڪنهن باري ۾ ڪوبہ خيال رکان فقط نظر رکان. اوهان جن نظرين، مقتدر شخصيتن يا سرشتي سان نہ رڳو اختلاف رکان پر نفرت بہ ڪيان.

نفرت ڪرڻ جو. حقارت سان ڏسڻ جو حق رکان ٿو. ڪنهن بہ شخصيت جي باري ۾ يا خيالن جي باري ۾.

ميان ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين. حق رکين ٿو ها بلڪل پر اهو حق محفوظ رکي سگهين ٿو. ٻاهر ٻڙڪي نٿو سگهين، ساندي سگهين ٿو. پر

جيڪڏهن وائکو ٿيو تہ پوءِ تنهنجو اهوئي مقدر آهي. جيڪو هڪ ڪمزور جو ٿيڻ گهرجي.

ها ساندي سگهين ٿو ۽ تنهنجو اهو سانديل خق ساناڻو بڻجي پڳري ڪنو ٿي.

يا تہ تون سگهارو ٿي اُبرج.

ماڪڙ

پريشان ٿي رهي آهي. سمجهان ٿو ۽ محسوس ڪيان ٿو. پر چاڻو ڪري سگهان. جڏهن تہ منهنجي پوري جيب سن ٿيندي پٽيُ وجي. ۽ تنگون مڪڙ ڪائي ويا آهن. پيٽ ڪائيندڙ مڪڙ هينئر آندا تڪي رهيا آهن. اِجهو، مٿي چڙهي وات تائين ايندا ۽ پوءِ جيب رڙڪيندا ڊگهين تنگن جا ڏانداوان-هيءَ ايذاءَ. اُتي نٿو سگهان. ڪيس ڪيئن وراٺيان. جيب سن ٿيندي پٽي وجي ۽ مڪڙ تنگون چرڪي ڪي تڪي رهيا آهن: اُٺ، نيٺ اهو توڪي چا ٿي ويو آهي؟ اڪيون قاتل، هڪ هنڌ چت مِ نڪ جميل! ظاهر آهي تہ ايندڙ مڪڙن جو انتظار ڪندڙ. اڇي تڪي اندوڪن. ڊاڪٽر ڪي سڏايان. تون جواب چو نٿو ڏين! منهنجي جيب سن ٿي وئي آهي. ڪوشش ڪنديَ بہ ڳالهائي نٿو سگهان. نہ نہ، ڳالهايان تہ پيو، پر تون شايد ٻڌين نٿي، ۽ محسوس بہ ڪري سگهان ٿو. محسوس ڪيان پيو: اهو تنهنجو آواز آهي. تنهنجون وايون بتال تيل آواز. ٻڌان ٿو. چاٽان ٿو: تنگون منهنجون ختم ٿي چڪيون آهن. هي مڪڙ، جيڪي هينئر منهنجو پيٽ ڪائيُ رهيا آهن. نهايت بي رحميءَ، هوس ۽ وحشياڻي انداز مِ. تون ان ايذاءَ جو احساس نٿي ڪري سگهين. مون تنهنجو آواز ٻڌو آهي: نيٺ جيب ڪي ايڏو چڪ چو هنيو اٿمئي! هاءِ رب! تنهنجو جيب تہ رتو چاڻ ٿي ويوَ آهي. چا تون منهنجو آواز ٻڌين ٿي: انهيءَ مان اندازو لڳاءِ تہ مڪڙ ڪهڙي نہ بي رحميءَ سان منهنجي پيٽ جو ماس ڪائي رهيا آهن. اندازي تي چوان ٿو. اهي هينئر منهنجا آندا چني ۽ پٽي رهيا آهن. اٿو! الله! مونکي هٿ نہ لاءِ، مونکي هٿ نہ لاءِ. ڏس تہ مون ڪيئن نہ هن اڦت مار ايذاءَ کي قبوليو آهي. ۽ پوڳي رهيو آهيان. ڪيڏو بي رحم آهين. چنا. منهنجا هوش حواس قائم آهن. هن حالت مِ بہ سڀ سمجهان ٿو.

وڏي ڳالهہ تہ محسوس ڪيان ٿو: پيٽ ڪاٺ ڪانپوءِ اهي مڪڙ منهنجي زبان کائيندا. پوءِ وات. جيڀ. اندران ئي اندران ميجالي تائين پهچندا. انکي کائيندا. ۽ ساهہ جي نالي. اجهو مڪڙ مٿي اڏاڻو آهي، ۽ ٻيون ۽ ٽيون ۽ چوٿون ۽ پنجون ۽ وڌندا پيا وڃن. مار ڪيترا نہ! جيڀ جي چوٽيءَ کي پٽي رهيا آهن. ۽ ڪيترا پيٽ کائي رهيا آهن. پيٽ کائي اهي بہ مٿي ايندا: جيڀ کائڻ. ميڄالو کائڻ ۽ ساهہ جي نالي. ۽ ائين سڄو جسم. سڄي هستي- ناس ڪندا. انهيءَ عذاب کي چڱيءَ ريت محسوس ڪيان ٿو. ايذاءَ جو اهو احساس، جيڪو جيئرو آهي. جيئرو جاڳندڙ. لچندڙ. ۽ جنهن نموني ڦٿڪائي ٿو. مان رڳو ان کان ڊڄان ٿو. ڇاڪاڻ تہ اهو ڏاڍو ڀوائتو آهي. هيبت ناڪ ۽ کهڙو مثال ڏيان: لوڻ ۽ مرچ ٻرڪندڙ. نہ ان کان وڌيڪ. بنهہ وڌيڪ. ۽- ڏس! مونکي هٿ نہ لاءِ: هاءِ الله! هيءُ ايذاءَ- مونکي هٿ نہ لاءِ اٿان؟ مٿي اٿان! ڪيئن اٿان؟ ٿنگون تہ منهنجون مڪڙ کائي ويا آهن، هينئر پيٽ کائي رهيا آهن ۽ ڪيترا وات ۾ اچي زبان ٽڪي رهيا آهن. نيٺ مان ڪيئن اٿان. ڏسين ٿي! مار! ڪيترا نہ مڪڙ آهن. چوڏاري ماڪڙ. ماڪڙ اٿان. ڏسين ٿي! مار! ڪيترا نہ مڪڙ آهن. چوڏاري ماڪڙ. ماڪڙ ئي ماڪڙ. اتر ڏانهن ڏس. وري ڏکڻ ڏانهن. ۽ هاڻي هيءُ ڏس: اوپر ڏانهن. سمنڊ ڏسين ٿي. ۽ ان جي مٿان ماڪڙ ڇانئجي پئي آهي. آسمان وڃائجي ويو آهي. بوسٽ! ها. بوسٽ آهي. برابر. ساهہ ٿو بوساتجي. مان بہ ساهہ ڪٽي نٿو سگهان. اهو بوسٽ ماڪڙ ڪري آهي. ماڪڙ نہ رڳو ساوڪ چٽ ڪندي، زندگيءَ جا اهڃاڻ کائيندي آهي. پر، اچڻ کان اڳ بوسٽ آڻيندي آهي. گهٽ، بوسٽ معنيٰ تہ ماڪڙ جا آثار. چوڦير ڦهليل ماڪڙ. الاهہ مري ويندس. مري ويندس. او بيوقوفو ڪجهہ رحم سان. قياس سان. الاهہ! ڪجهہ نہ کهل ڪيو. مان ڪيئن ٿو اٿي سگهان محسوس ڪيان ٿو. ڇتيءَ طرح محسوس ڪيان پيو: مڪڙ جي بي رحميءَ سان ماس پٽي رهيا آهن.

بک: لڳي ٿو، ڇتي بک لڳي آهي. پر مان اٿي نٿو سگهان. پر نہ.بک بنهہ مري وئي آهي. پيٽ جو مڪڙ پٽي رهيا آهن. چوڏاري مڪڙن ۾ وڪوڙيل آهيان. جيڪي هينئر پيٽ کائي. جسم جي مٿئين حصي ڏانهن وڌي رهيا آهن. زبان جنهن جي چوٽيءَ کي ڇهنيا آهن. ۽ پوءِ اکيون. جيئن ڏسي نہ سگهان ۽ پوءِ ڪن، ٻڌي نہ سگهان! سڀ محسوس ڪيان ٿو. جيڀ،

ڳالهائي نہ سگهان. هينئر جو ٿورو گهڻو ڳالهايان ٿو بنھ ختم ٿي وڃي. ميڇالو. سوچي نہ سگهان. سمجهي نہ سگهان. پورو تنتي سرشتو. سڀ سمجهان ٿو. محسوس ڪيان ٿو. سڀ ڪجھ ڏسي سگهان ٿو. بنھ چٽيءَ ربت ڏسان پيو: ڪيترا مڪڙ آهن. جيڪي منهنجو ماس ڪائي ٿلها ٿيندا پيا وڃن. جڏهن هو پهرين پهرين هتي منهنجي جسم ۾ آيا هئا. لوڪڙ هئا. هاڻ سڄندا پيا وڃن. ۽ هتي ئي منهنجي جسم اندر گهر ڪري ويٺا آهن. ۽ ڪيترا. منهنجو ماس چنيءَ پٽي، ان جا ٽڪرا پاڻ سان نيو پيا وڃن. ها ها. چڱيءَ طرح ڏسان پيو. جڏهن مان انهيءَ پٽ ڪوهہ، پٽ- پٽان جي ايذاءَ جي عذاب ڪي روح جي گهرائيءَ تائين محسوس ڪيان ٿو. ۽ ڪري رهيو آهيان. تہ انهيءَ عذاب مان گذرندي، پوڳيندي اڪين سان اهو سڀ ڪجھ ڏسي نٿو سگهان ڇا؟ ڏسان ٿو. ڏسان پيو: منهنجون تنگون پهرين ديسي مڪڙن ڪاڌيون. جن جا آنا. هتي، هن ذرتيءَ ۾ ڦٽا. (جيئن مان هلي نہ سگهان). ۽ پيٽ. ۽ دماغ ۽ جڀ- پر. سڀ مڪڙ هڪجهڙا آهن. منهنجي ماس جا بڪايل- ۽ ڪائيندڙ- جرڪندڙ. پل هو ڪهڙي بہ ڪنڌ ڪان آيا هجن- يا انهن جا آنا. هتي ئي. هن ذرتيءَ تي ڦٽا هجن. سڀ مڪڙ هڪجهڙا آهن. آبادين ڪي ڪائيندڙ. وسنديون ناس ڪندڙ. انهن ڪي ڳڙڪائيندڙ حياتيءَ جي ست ڪي چوسيندڙ. ۽ چوسي چوسي، ناس ڪندڙ سڀ سمجهان ٿو. محسوس ڪيان ٿو. ايذاءَ جي سڄاڳ. احساس جي هيءَ شدت- اوهہ! ماري ڇڏيو هو وري ڏس: ماس ڪنيو پيا وڃن. اڏامندا. ڪائي ڪائي سڄي پيا آهن: بس، مان ختم ٿي ويندس. نيٺ توڪي ٿيو ڇاهي؟ مونکي تہ سمجھ ۾ نٿو اچي...... نيٺ. آخرڪار- ائين چو ڪن ٿا. بڌين نٿو ڇا! سڀ بڌان ٿو. ڏسان پيو. تنهنجو وايون بتال تيل مهاندبو ڏس نہ: ڪيئن نہ مڪڙ. اڏامندا. جسم جي هڪ ڀاڱي ڪان ٻئي ڀاڱي تي ڇهتجندا پيا وڃن. هوڙهيائي سان. هيچ مان. بي رحم هيچ منهنجي جڀ تہ ڏس! ۽ ڪيڏي اناوليءَ ۽ هؤل مان پٽي رهيا آهن. ڏسين ٿي نہ؟ پر مان چو ٿو ڪري سگهان: منهنجو آواز. منهنجي ئي اندر ۾ ڦاٿل آهي. مان تہ پنهنجو آواز چڱيءَ ربت بڌي سگهان ٿو. پر.پانيان ٿو، تون نٿي بڌي سگهين. نہ نہ تہ جيڪر تون- ۽ مان توکي بڌايان تہ. مان ڪهڙي نہ. ڪهڙي نہ. نٿو سجهيم تہ ڪهڙو لفظ استعمال ڪيان. جيڪو هن احساس ڪي تز ۽ بنھ چٽيءَ ربت تو تائين رسائي. تہ مان

پنهنجن اکين سان ڏسان وينو، مان ڪاڇي رهيو آهيان. مان ڪاڇي رهيو آهيان. اکين سان ڏسان وينو: منهنجون ٽنگون، منهنجي اکين آڏو مڪڙ جرڪي ويا. پهرين تہ مون کي لڳائي ڪانہ پئي. پر پوءِ جڏهن، پيٽ تي پهتا ۽ ٽرڳهٽ تي- منهنجو پيٽ، منهنجن اکين آڏو، مڪڙ کائين پيا. ڏسان پيو ٿو. پنهنجي ڪاڌ جو هر ڏيک. ڏسان پيو.ان احساس مان گذران پيو، تہ مڪڙ مون کي ٽڪي رهيا آهن. ٽڪي ٽڪي، منهنجي وجود جو ڳپل ڀاڱو رڙڪي ويا آهن. ۽ بيَ رحميءَ ۽ هوڙهيائي سان رڙڪن پيا. منهنجو پيٽ، چپ، ساهہ جي نالي، ٽرڳهٽ، مغز ۽ هن ڪربناڪ پيڙا مان گذرندي جاڻان ٿو تہ، مون کي بنهہ ناس ڪرڻ لاءِ ئي مڪڙ لکن جا ڳاڻاٽي ۾ وڪوڙي ويا آهن. چني. پني. پني، پوري سگهہ سان اڳرائيءَ سان، هيچ ماس کائي رهيا آهن. ها، حياتيءَ جون اهي گهڙيون، جنهن ۾ آهستي آهستي، موت ڏانهن ڌڪجندڙ. ۽ انهيءَ جو چٽو احساس تہ- هي ڪيڏانهن وئي! ڊاڪٽر کي سڏڻ؟ پاڻيان ٿو، ها تہ: ڊاڪٽر کي ئي سڏڻ وئي آهي. ائين ئي لڳي ٿو. پر منهنجون ٽنگون تہ- اجهو، پيٽ بہ کائي ڇاڻ ختم ڪيائون- نہ، پر منهنجي پيٽ جو گوشت اجا هلندو. ڳپل وقت تائين اجا هلندو. ۽ هو، کائي کائي، منهنجي شڪل ڦيرائي ڇڏيندا. ڪهڙي شڪل تي ويندي. سڄاٽپ ڪان ٻاهر. چٽڪ هوس ئي ڪونہ. پر ڊاڪٽر ڇا ڪندو! ڇا، هو، منهنجي هن احساس کي، جيڪو منهنجي وجود کي بي رحمي سان راڻپوتا هٽي رهيو آهي، ڪاڌ جو احساس، ڇٽائي سگهي ٿو. اڙيَ مازي ڇڏين! ڪيڏو نہ بي رحميءَ سان ٿا ماس پٽين. نيٺ مڪڙ آهن. رحم ڪهڙو: سندن ڪاڄ جو ٿيو. ۽ اهڙي ريت زنده رهڻ جو ڏانءُ جو ٿين. نہ تہ مري نہ وڃن! چون ٿا تہ ڪينسر بہ ائين هوندو آهي: جسم ۾ اهي ڪريل، اوبرا، ائبنارمل گهر- جيوڙا جيڪي پنهنجو ڪاڄ جسم جي نارمل.اتان جي اصل ڪم ڪندڙ گهر- جيوڙن کان چني پني حاصل ڪندا آهن. ۽ ائين ڪين کائي کائي، ناس ڪري ڇڏيندا آهن، سموري جسم جي سياويڪ سرشتي کي ڊانوان ڊول ڪري، اندران پورو ڪري، بنهہ ختم ڪري ڇڏيندا آهن. ائين ٿي ٿو سگهي تہ. مڪڙن هٿان، ائين بي رحمي سان مرڻ بدران، هڪ ئي پيرو پاڻ کي- پر اهو ناممڪن آهي. ائين پاڻ ماري نٿو سگهجي. جيڪڏهن جانور بہ، پوءِ جبلي ڪمزوريءَ هيٺ ئي سهي، پڇاڙيءَ واري مهل تائين بہ، پاڻ بچائڻ لاءِ،

جيئري رهڻ واري جبلي ڪمزوريءَ سان نوازيل پر هيءُ ڪهڙا مگر آهن! جن جي وات لڳڻ سان، منهنجي رهيل ڪهيل جسم ۾ اهڙو زهر اوتجي ويو آهي. جيڪو جيئري رهڻ جي سپاويڪ آس کي بہ ختم ڪندو پيو وڃي. لڳي پيو. زنده رهڻ جي جوت جهڪي ٿيندي پئي وڃي. ها. انهي جو اهو سبب ٿي سگهي ٿو تہ مگر گهڻا آهن. چوڦير پکڙيل. جيڏانهن اک کڻي نهار تہ، ۽ منهنجي وجود سان اهڙو بت ڇهتيل جو. ڪا واهہ نظر نٿي اچي. يا اهو بہ سبب ٿي سگهي ٿو تہ ديسي مگر جيڪي هن ڌرتيءَ جي آنن مان ڦٽا آهن، ساڻن ملي ويا آهن ۽ هڪ ٻئي کي سگهہ بخشيئ اٿن. يا هو بہ ٿي سگهي ٿو. ڇا ٿو ٿي سگهي؟ منهنجو متو ٿو ڦري. پوانٽي. پوست. ساهہ ٿو گهٽجي. اجهو جاڻ هوش ويو. هان! اجهو اچي ويا. مون ڇيو تہ هو، تہ هوءَ ڊاڪٽر کي ونڻ وئي آهي. ڊاڪٽر هي منهنجا حال ڏس! مگر ڪائي ويا آهن. ٽنگون ۽ پيٽ. پر هيءُ چپ ڇو آهي! ۽ هوءَ روئي ڇو پيئي! ڇا ڪيس بہ مگر- ها. اهو ڏينهن اوس اچٽو هو. پر هتي تہ ڪير آهيئي ڪونہ! وهم! الاهہ! بي وسي ڪيڏي. اٿي بہ نٿو سگهان. ٽنگون مگر ڪائي ويا آهن. ۽ پيٽ ۽ چپ، ۽ نڙگهٽ، ۽ ساهہ جي نالي ۽ ميجالو...... پر جي ڊاڪٽر آيو تہ ڇا سوچيندو. ٽنگون ڪونہ آهن. مگرن ڪائي ڇڏيون آهن. پر رت! هتي تہ ڦڙو بہ ڪونہ آهي، ڦڙو بہ نہ! نالي ماتر بہ نہ! رت ڏسي واردات ڏسي دنيا وارن، ڏسندڙن جي ضمير کي ڇنبي ايندي آهي. تيل ڦهر کي نندئو ويندو آهي. يا همدردي. ابوهہ! هي ڪهڙا مگر آهن. جيئن جيئن ڳڙڪائيندا ٿا وڃن، رت- ڦڙو بہ ڪونہ ٿا ڪيرائين! واردات ئي مٽايو ڇڏين. مٽائي رهيا آهن.ڇٽڪ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هجي! ڪيڏا تکا ۽ سياڻا مگر. هٽو، هٽو، هٽو ڇڪ. توهان جي بابي جي ملڪيت آهي نڏٽڪا جو ٿياسين. اڃا بہ توهان جي تہ- پوري سگهہ، اڱرائيءَ واري اُجل ۽ هوڙهيائيءَ-سان پٽيو. ڇنو. ايترو، ايترو ماس پٽي،ڇني ڪائڻ ڪانپوءِ بہ، ايڏي هوس. لالچ ڄڻ تہ ڪڏهن ڪجهہ ڏنو ئي نہ هجيو! بي رحميءَ سان پٽي، ڇني، ڪائي ڪائي ماري ڇڏيندا. ڳڙڪائي ويندا. سڄوئي سڄو. جيئن ڪن پيا. ڀرين ٽنگون ڳڙڪايائون، پيٽ تي مارو ۽ چپ ۽ دماغ ۽ ساهہ جي نالي ۽ نڙگهٽ. پر مان ٻانهون تہ هلائي سگهان ٿو. انهن کي هلائي، مگرن کي هڪلي سگهان ٿو. ها. هڪلي سگهان ٿو. جيتن- اوه! اچو. اچو ڊاڪٽر صاحب- اوهان اچي

ويا. ڏسو، مهرباني ڪري منهنجي زال کي رئڻ کان جهليو ڇاڪاڻ تہ جڏهن مڪڙن لڳ ڀڳ منهنجي اڌ وجود کي ڳڙڪائي ڇڏيو آهي. تڏهن هن امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي تہ، هن کي بہ وٺ ڪن. شايد اوهان منهنجا لفظ نہ ٻڌا. جائي بہ اوهان نہ ٻڌا آهن! ڊاڪٽر. مان سنڌيءَ ۾ پيو ڳالهايان. ها ها. سنڌيءَ ۾. جيڪا اسان جي پنهنجي زبان آهي. اوهان واقعي ڪونہ پيا سمجهو. ارمان! ڪيڏي نہ ٽريجڊي آهي: اسين هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ آهيون، سنڌي. ۽ مان سنڌيءَ ۾ ئي پيو ڳالهايان پر اوهان نٿا سمجهو. هيءَ ارمان جي ڳالهہ ناهي. نڪو تعجب جو سوال. هيءَ تہ تاريخ جي اها درگهٽنا آهي، جنهن جو مثال شايد ڪٿي بہ نہ ملي. ڪٿي بہ نہ. هيءَ اها ٽريجڊي آهي. اوهہ. الاه. دانهن ڪندي، مون سمجهيو تہ منهنجون ڦوڪيل نسون ڦاٽي پونديون. ڊاڪٽر، مان ساڻائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جٽڪ سمورو سُت. انهيءَ ڪيل رڙ سان ٻاهر اوڳاڇجي آيو هجي. ۽ مان ٻورو ٿي ويو هجان...... سو مون اوهان کي ٻڌايو پئي. ڊاڪٽر صاحب، اها تاريخ جي کهڙي ٽريجڊي آهي. ٽريجڊيءَ تي کهڙي اصطلاح جي ڇُنڪي لڳايون: جڏهن بہ ساڳي ٻوليءَ وارا، ساڳي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي بہ هڪ ٻئي کي نہ سمجهن! ڇا اوهان منهنجو جهيٽو، نستو آواز ٻڌو پيا. پر اوهان تہ منهنجي رڙ بہ ڪانہ ٻڌي هئي! پر مونکي ويساهہ آهي تہ، مان جنهن عذاب مان گذري رهيو آهيان، اوهان ان کي محسوس ڪندا هوندا. سمجهي سگهندا هوندا. احساس جي گونگي زبان کي سمجهڻ بہ تہ ڪا گهٽ ڳالهہ ڪانہ آهي. مان وڦلان پيو؟ نہ نہ، ڊاڪٽر نہ. مان اکين سان ڏسان پيو: مڪڙ اوهانکي بہ کائين پيا. چُٽ پيا ڪن. مان ڏسان پيو. اوه! منهنجي زال کي بہ. وچڙي ويا آهن! مان ڏسان پيو. اهو نظر جو دوکو ڪونهي. پڌري پٽ حقيقت آهي. اوهانکي نظر نٿو اچي! اوهان جي جسم جو بہ هڪ ڀاڱو مڪڙ کائي ويا آهن. کائين پيا. مان اوهان کي ٻڌايان ٿو. هيءَ حقيقت آهي. ٻنهہ چٽي. نڪورو سچ. اوهان ويساهہ جو ڪونہ ٿا ڪيو! ڇا منهنجي ٻولي نٿا سمجهو. مان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائي رهيو آهيان. ها. سنڌيءَ ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ تہ: اوهان بہ مڪڙن جي وڪڙ ۾ اچي ويا آهيو. سمجهو ڇو ڪونہ ٿا. محسوس ڇو ڪونہ ٿا ڪيو! عذاب جي پيڙا مان پوڳيو ڇو ڪونہ ٿا! مڪڙن اوهانجن حسن کي، بي حس ڪري ڇڏيو آهي؟ تہ انهن ڀهرين

اوهانجن حواسن تي حملو ڪيو. تعجب آهي، اوهانکي سڌ نہ پئي! مونکي ارمان آهي. اوهان منهنجا لفظ ٻڌا ٻڌو. جڏهن ٻڌوئي ٿا تہ سمجهندا ڇا. مونکي ارمان آهي! ۽عجب بہ. يا، اوهان ڄاڻندئي بہ اڻڄاڻ ٿا بڻجو. حيانيءَ سان موهہ جو-اهڙي ريت، بي رحميءَ سان انت. جو ڦٽڪو بہ ٿٿا. اهو تہ، اوهان بہ ڄاڻو ٿا، هڪ پتڪڙو جيؤ بہ، موت جي آخري گهڙيءَ تائين پڻ جيئري رهڻ لاءِ جتن ڪندو آهي. حيلا وسيلا هلائيندو آهي. نہ تہ بہ، مرندي مرندي ڦٿڪندو آهي، اوهان تہ انسان آهيو- (۽ مان بہ تہ!) ها، ڊاڪٽر، اسان جي اهائي ترجمي آهي: اسان جو آخري پساهہ بہ المناڪ نہ ٿيندو. بنهہ سانتيڪو. سواءِ ڪنهن گوڙ جي، ٿڌو، برف جهڙو. ڇڻڪ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ- ايذاءَ کان خالي. ايذاءَ ئي تہ زندگيءَ جي پساهہ جي علامت آهي. ۽ اوهان ان کان خالي آهيو. مان بڪواس پيو ڪيان نہ. ان ڪري، ۽ اسين سڀ ان ڦهر جا ماربل آهيون. لفظ نڙين ۾ ڦاٿل. ڦاسي گڏ ٿيندا پيا وڃن: ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا، پر ٿا نڪرن. ڇاڪاڻ تہ پتين کي ڪن آهن. ڇاڪاڻ تہ پتين ۾ اڪيون لڳل آهن. ڇاڪاڻ تہ، اسان ۾ اها سگهہ ناهي، جو انهن ڦاٿل لفظن کي اوڳاڇي ٻاهر ڪيون. بس. بس. منهنجي منڙي تون نہ روءُ. ڊاڪٽر منهنجي زال کي رئڻ کان جهل. هاڻي مان سمجهي ويو آهيان. تنهنجون اکيون بہ روئهارڪيون ٿي ويون آهن. ڊاڪٽر تنهنجا لفظ بہ نڙيءَ ۾ ڦاٿل آهن ۽ منهنجي زال جا بہ. مان پروڙي ويس: اوهان ايذاءَ جي احساس کان سڪٽا ناهيو. مان سمجهي ويس: اوهان بہ، مون وانگر ان مان گذرو پيا. ڀوڳيندي بہ، فرار بجاءِ، اوهان انهيءَ ڀوڳنا کي پنهنجو ڪيو آهي. انس جي حد تائين. ۽ پوءِ ان کي، هڪ ضرورت ڪري- ڇا اها ائبنارملٽي ناهي؟ سڀ ڪجهہ سهڻ، اکيون ٻوٽي، ۽ پوري سگهہ سان، نڙيءَ مان ٻاهر ايندڙ آتن لفظن کي دٻائي ڳيتون ڏيڻ. ۽ دٻائڻ لاءِ ڳيتون ڏيڻ اوه! ڪيڏو نہ پوائنٽو! ڇاڪاڻ تہ اسين، لفظ ٻاهر ڪڍي ٿا سگهون جي فطري طور نڪرڻ چاهين ٿا. پياري، مهرباني ڪري نہ روءُ. الله! هي سهڪو مون کي ماري وجهندو.

مون ڪيترو ڳالهايو آهي! هاڻ تہ جٽڪ - بچاءِ ڊاڪٽر، بچاءِ. مان جيئرو جاڳندو جيئو آهيان.مرڻ نٿو چاهيان. ڪوبہ جيئرو جاڳندو مرڻ نہ چاهيندو. ڏسُ، سڀ ڪجهہ ڪاڄندو پيو وڃي. جيڪڏهن ڪاڏ جي اها رفتار رهي تہ...... هو ڏسو، مگر اوهان کي ڪيئن ڇهنيا پيا اِهن. توڏانهن ۽ منهنجي گهر واريءَ ڏانهن، ڪيئن اڏامندا- اسين بچي نٿا سگهون؟ هان ڊاڪٽر؟ اهڙي ڪا واهہ ڪانہ آهي؟ جيئڻ جي آس، ڪيسيتائين ليٽڙيون پائيندي. يا اها آس، اندر ئي اندر پوساتجي مري ويندي، پر، آس، اُپڙي بہ تہ سهي نہ. اظهار جا لفظ نڙيءَ ۾ ڦاٿل. ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا. جيئڻ جي آس ڦيراٿيون پائيندڙ. سراپيل پاريل ڦٿڪندڙ هوُ ڏسو! مار! مگر اوهان کي ڪيئن ڇهنيا پيا آهن. توکي بہ. ها، توکي بہ. ۽ توکي بہ مون کي بہ. توکي بہ، اڙي بچڻ جي ڪا واهہ ڳوليو. هي مگر بنهہ شڪل بگاڙي ڇڏيندا. ۽ انت آٿي- هو ڏسو، ابوهہ، اوهان کي ڏسڻ ۾ چو ڪونہ ٿا اچن. هي بلڪل سچ آهي، بلڪل حقيقت چو ڪونہ ٿا ڏسو: توکي بہ●

ساهر مثني

بائيتال

• ۽ هو مري ويو

[جم حياتيءَ جو مهاڳ آهي ۽ موت پڄاڻي: ماڻڪ]

ماڻڪ پنهنجي بنهه ذاتي دوست ۽ برک ڪهاڻيڪار عبدالحق عالماڻي جي وفات تي هڪ دڪدائڪ خاڪو لکيو هو. انهيءَ خاڪي جو آخري پئراگراف هتي نقل ڪرڻ جو مقصد، هڪ هي به آهي ته اينڊز اپريل جي 28 تاريخ تي سائين عالماڻي جي ستين ورسي جو ڏڻ آهي. ٻيو مقصد هيءُ به آهي ته انهيءَ پئرا ۾ عالماڻي جي ناتي سان آبليگ ڪري جيڪڏهن خود ماڻڪ جو نالو به پڙهيو وڃي ته اهو سچو احوال ائين لڳي ٿو، جڻ ماڻڪ پنهنجي لاءِ ئي آکيو هو.

• پڄاڻي

عبدالحق عالماڻي/ ماڻڪ ڪي هن وقت مرڻ نه کپندو هو. موت جي اٽل حقيقت کي مڃيندي نسبتي طور هي حقيقت وڌيڪ وزني آهي ته، عبدالحق/ ماڻڪ جي زندگيءَ جي اهميت ۽ ضرورت اڃا باقي هئي. مان ادب جي خيال کان نٿو چوان جيڪا رسمي طور عبدالحق/ ماڻڪ جي وفات تي خبر سان تنبي وڃي ٿي ۽ انتهائي بيشرميءَ سان انهن طرفان جيڪي عبدالحق/ ماڻڪ کي اديب ئي مڃڻ لاءِ انڪار ڪندا هئا، منهنجي آڏو عبدالحق/ ماڻڪ جي زندگيءَ جي اهميت ۽ زنده وجود سندس ٻچي لاءِ، حياتيءَ جي ساٿڻ ۽ ڏکويل ماءُ لاءِ هو.•

• ڪاسائيءَ جي چونڊ

ڇا اهو ضروري آهي ته، ٻن ڪاسائين مان هڪ جي چونڊ ڪجي يا ڪيترن ڪاسائين مان هڪ جي. يا اهڙي قسم جي چونڊ اوس ڪرڻي آهي. جو، اسان ڪسجڻ کان اڳ ۾ ڏنو ويو آهي ته چونڊيون: پنهنجن ڪهندڙن ڪيٰ ۽ ٻاڪارڻ جو انهيءَ شڪل ۾، ۽ انهيءَ حد تائين حق ته: وات ڦاڙي چئون: هيءُ ڪاسائي نه، هو ڪاسائي- اسان جي پسند وارو ڪاسائي زنده باد. جو اسانکي ڪهڻ ويل ماڻهپي واري اذيت ڏيندو. ۽ ڪهڻ ويل لحاظ رکندو. اسان جو ڪاسائي زنده باد. جو اسانکي وٽي ٿو. جيڪو

"ڪلهه ڳوٺان خط آيو آهي ته، ووٽ هتي ضرور ڏيڻ اچجو. رئيس زور ڀريو آهي. ٻه ٽي ڦيرا ڪڍيا اٿائين."

"پر منهنجي چونڊن ۾ ڪا دلچسپي ڪانه آهي. ۽ نڪو ئي مون ووٽ داخل ڪرايو آهي. نه هن سال، نه پر سال ۽ نه ڪڏهن....."

"تڏهن به، پنهنجو سنڌي ٻينو آهي، چونڊن ۾، جيڪڏهن چڙهي پوي ته......."

"ڪهڙو فرق پوندو، ڇري سال اهو رئيس چونڊبو رهيو آهي. نيٺ."

"نيٺ ماحول ڪي به ڏسبو آهي. حال ڏسين ٿو ته هن ڪيئن نه تپائي ڪنيو آهي، مئن...... ڇگو اڙٻا آهيون، هنن منجهان."

"پر تنهنجي رئيس سان به ته اهي "مئا" آهن نه، جيڪا تنهنجي رئيس جي پارٽي آهي."

ٺهڪ.

"ڇڏ انهيءَ گند کي، ايمان جي ڳالهه آهي: منهنجي چونڊن سان ڪابه دلچسپي ڪانهي. اهو سڀ ڪجهه فراڊ آهي. اکين ۾ ڌوڙ. ڇري! جيڪڏهن توکي ڪير اهو حق ڏئي ته، ٻن ڪاسائين مان هڪ کي چونڊ. ۽ اهو حق بخشيندڙ به ڪاسائي ئي هجن ته پوءِ- ۽ توکي چون ته، تون رضا خوشيءَ سان ڪهڙي ڪاسائي هٿان ڪسجڻ پسند ڪندين؟ ته، تون ڇا ڪندين؟"

”واھ! اھا بہ ڪا ڳالھہ.“

”اھائي ڳالھہ آھي، منڙي. اسان بدنصيب سنڌين جي ڳالھہ. سنڌي خلق جي. رئيس ڪي اسان غريبن جي ووٽن جي ڪهڙي ڳهرج. اسين تہ سندن ڳيدي ۾ پيل آھيون. خير، ڇڏ انهيءَ ذڪر ڪي. فرض ڪر تہ ڪاسائين اسانکي ٻيڪڻ جي مهلت ڏني آھي. تہ پوءِ اسين اھو چو نہ ٻيڪون تہ: ھيءَ ڪاسائي آھن. ڪهڻ وارا ڪاسائي. اسانکي ڪهڻ وارا. سندن ڪرت ۽ گذران ڪوس تي ھوندو آھي. اسين ڪوس- گهر ۾ واڙيل آھيون. اڄ ڪاسائين، جمهوريت جي شاندار روايت تي هلندي، ذبح ٿيندڙ ٻڪرين ڪي پنهنجي پسند جي ڪاسائين جي چونڊ جو حق ڏنو آھي.“

”چڱو ھاڻي ماٺ ڪر. وقلين ٿو.“

”جائي بہ، وقلان ٿو!“

”پر نہ. اسين تہ اھي سنڌي ٻڪريون آھيون، جن جا مرڳو ٻوٿ ٻڌا ويا آھن. جيئن ڪا اڻ- وٽندڙ، رنبي نہ ڪيون.“

”ٻيلي ھاڻ چپ ڪر.“

ٻڌل ٻانهون، جوڙيل هٿ. بيزاري ايندڙ پيار بہ.

”چڱو جيئن حڪم سرڪار جو.“

”۽ ھا، تنهنجي موڪل جو ڇا ٿيو؟“

”نہ ملي. پرنسپال ٻڌايو تہ چونڊن تائين. سڀئي موڪلون بند ڪيون ويون آھن. اھو تہ خير ٿيو، جو اليڪشن جي ڊيوٽي ڪانہ لڳي آھي، مون پرنسپال کي جواب ڏنو. باقي جيڪڏھن اوچتي ضرورت پئي تہ وڃڻو پئي تہ وڃڻو پوندو.“

”جيڪر ڳوٺ هلون ھا!“

ساروٽي.

”هلبو. وهلور نہ وڃ. نيٺ نوڪري تہ ڪرڻي آھي نہ- باقي ڇڏين تہ آچر تي توکي ڇڏي اچان. ۽ مان پوءِ.......“

”نہ نہ. هلنداسين تہ گڏ.“

پيار جي پيچ تي ادمبر

”جيڪو جاني حڪم“

اچاتري چمي: پيار جي چپن پاونا هيٺ.

اوچتو، پڙ جي لڪ سان:
"ء.ها. بد: چون ٿا تہ ڏاڍا وڳوڙ ٿيندا."
"ها، بدو تہ مون بہ آهي. پر پياري، تون ڊڄين ٿي؟"
"نڪو-"
پور ٿيل ويساهہ.
"سنڌين کي ماريندا؟"
"توکي ڪنهن ٻڌايو؟"
"اوڙي پاڙي ۾ اهي ڳالهيون پيون ٿين."
"لڳي تہ ائين پيو. پر خير. ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي."
اوتجي آيل ڊپ.
"نہ نہ. جي اهڙي ڳالهہ آهي تہ پوء، هاڻ ئي ڳوٺ هلون."
"نہ پياري، نيٺ نوڪري تہ هتي ئي ڪرڻي آهي نہ. تہ ڇا سڀ سنڌي نوڪرين وارا، يا شهرن ۾ دندو ڌاڙي ڪندڙ. شهر ڇڏي وڃن!"
"ڌوڙ پائي اهڙي نوڪري."
"تون تہ اجايو ٿي ڊڄين- مان ٿو چوان، ڏس نہ جاني، تون ڪو ڪتڪو نہ ڪر. جيڪو ٿيندو، منهن ڏينداسين."
"چڱو ڦاٿاسين‌هہ هنن مئن......"
"چڱو. ڇڏ انهن کي. انهيءَ ذڪر کي-"
ڳنڀير. ماٺ. ماٺ ۾ ٻڏل.

ماٺ مان نڪرندي:
"هيءُ اهو ڦل آهي، جنهن جو ٻج اسان جن چڱن پوکيو هو. مسلمان ٿي ٿيا. هون!"
"ائين اوس ٿيٺو هو. تون ڇا ٿي چئين: ڳوٺ هلون؟ نيٺ ڪيستائين؟ تہ هميشہ لاءِ شهر ڇڏي ڏيون؟ ۽ هيءُ تہ اتي ڳوٺن ۾ بہ پهتل آهن. تنهنجن سنڌي چڱن جي مهربانيءَ سان. جن جي ڪيسن ۾ اسين پيا آهيون. اسين. سنڌي خلق. جنهن جي پنهنجي سڃاڻپ وڃايل آهي ۽ جي آهي تہ اها، رئيس جي ماڻهوءَ، پير جي ماڻهوءَ، وڏيري جي ماڻهوءَ واري."

"انام."

"تہ ڳوٺ بہ ڇڏي ڏيون؟"

رڳون، تاٿيل. ڇڇندڙ.

اوچتو پاڻ- سنپالينديءَ. ڇپن تي زوريءَ مرڪ مڙهينديءَ ۽ واڪي ٿيل اصل ڪي، هترادو خوشطبعيءَ جو ليپو ڏينديءَ:

"منهنجي منڙيَ، تون ڳڻتي نہ ڪر. علي سخي آ. منهن ڏبو. ها. منهن ڏبو. مڙس ٿي."

(سودو- ڪانفيڊنس جو رانپوٿو)

ڏڪي مرڪ:

"چري!"

پٽڪ سان. هارايل ٿڪي مرڪ زوريءَ پکيڙينديءَ.

اکين ۾ ٿيل:

"ڪاليج ٿو وڃين؟"

رنٿهارڪي. اکين ۾ دپ جا پاڇولا.

"ها. ديوتي جوتي."

"چو؟"

"بس، اُهئين-"

آواز، نڙيءَ ۾ ڦاٿل.

"دڄين ٿي؟"

"ڪلهہ پناڻ ويگن ۾ آيا هئا. ۽ در جي ٻاهران سنڌين کي گاريون پئي ڏنائون."

"توکي ڳوٺ اماڻي اچان."

چپ.

"چئين تہ هن چنچر تي ڳوٺ ڇڏي اچانءِ."

"۽ تون-"

"مونکي تہ نوڪري ڏيڻي آهي."

"نہ، مان بہ. توسان هتي رهندس."

"چري. دڄين چو ٿي. ڪجهہ بہ تہ نہ-"

ويساهہ لڏندڙ لمندڙ. تنهنجو تکو احساس. زوريءَ، مرڙهيل خوش مزاجي: پاڙي وارن کي چئج تہ اسين پير صاحب جا ماٺهو آهيون. مريد.

(تريجڪ. جوڪ)

”تون تہ-“

”مهرباني ڪري ڪمهلي مشڪري نہ ڪر.“

بيزاري.

تہ پوءِ مان ڇا تو ڪري سگهان. ڳوٺ بہ تہ تني وڃين هتي بہ-“

(منهنجي لاءِ مصيبت: اڻ- ٻڙڪيل لفظ)

چڙ.

پرجي آيل اڪيون ڳري پوَ جا تڙڳندڙ پاڇولا.

گونگن ڳوڙهن ساڻ.

سانت.

چليندڙ احساس: عجيب جڪڙيل حالتن ۾. ٻي وسيءَ جا ماريل. هر ڪنهن کي پنهنجون پنهنجون مجبوريون آهن. ان ڪري هر جٽو پنهنجي جاءِ تي جسٽيفائيد.

هڪ ٻئي جي مجبورين جا ماريل.

چيڙاڪ. ڪٽريل.

ڪهل- جوڳا.

پرڇائيندي:

”منزي، تون نہ اجايو تي پاڻ کي هلاڪ ڪرين. زندگي. موت ڏٽيءَ جي وس آهي ء.....“

”توکي ڪهڙي خبر: رات پنهنجي در تي نشان ڪري ويا آهن.“

”مون کي خبر آهي.“

”ها، مان ڄاڻان تو:اسين اکين ۾ تيل هيون. پوءِ بہ، رک مولا تي- مان اڌ ڪلاڪ ۾ تو اچان. تون اندران ڪڙو چاڙهي ڪلف ڏئي ڇڏ. ڇگو-“

ڦٽڪندڙ هنيانءُ. ٻڏندڙ. هيٺ. هيٺ کان هيٺ.....

گهوربندڙ اکيون. نظرن ۾ چٽر. نفرت گهٽ، ڪريل سمجهندڙ. شڪي نگاهه.

”اسان ڏي پيا ڏسن.“

”سمجهان ٿو.“

”مونکي تہ پؤ ٿو ٿئي.

”چپ ڪر.“

هنياءَ ٿو پڌيم.“

” يہ ساري سنڌي- پاڪستان ڪا خانا خراب ڪر ديا هي سالون نيَ.“

اکين ۾ رت اُوتجي آيل اندر ۾ باهه وڪوڙيل. جيئون لونڊڙين وٺ انهن جو تئہ. سڄو وجود پڄرندڙ. رجندڙ ضابطو مڙهيل.

”ووٽن واري ڏينهن پاڻ کي مارينداٌ.“

پاڪار: نظام مصطفيٰ- نظام مصطفيٰ

نظام مصطفيٰ

”جي هي ڪٿي ويا تہ-“

”ڇا ٿيندو. ڪجهہ بہ نہ. ڪوبہ فرق نہ پوندو.“

”سنڌين جون نوڪريون کسيندا.“

”نوڪريون مليون ئي ڪيترن کي آهن، جو. پر جي کسيندا بہ تہ-“

”مارينداٌ.“

”نظام مصطفيٰ آڻيندا.“

”الا! منهنجا تہ وار ٿا ڪاندارجن، جڏهن سوچيان ٿي تہ هي حڪومت ۾ ايندا.“

”۽ تنهنجا وار نٿا ڪاندارجن، جڏهن تنهنجا هيءَ رئيس اقتدار ۾ آهن.“

”تون تہ اجايو نيٺ هڻن......“

”پيءُ جي آڌو ڏيءُ کي، مسجد شريف ۾، مخالف پوڙهن مٿان ڏنڊا مٿا قيدي چاڙهڻ، عورتن جي پيشاب دانين ۾ اوباريل بيضا ۽ ميڻ بتيون. ۽ راتو رات گم ٿيڻ، پيشاب پيارڻ ۽ سياسي ڪارڪنن جي زائفن، پينرن، مٿن

ماڻهن کي ٽاٽي تي گهلي ۽ اتي......"

"وڏو بي شرم آهين."

"ڇاڪاڻ ته تنهنجي چمڙي بي حس ٿي وئي آهي. ان ڪري. يا تنهنجي دماغ تي اهڙو روغن چاڙهيو ويو آهي، جو تنهنجن حواسن محسوس ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. دماغ سوچڻ. يا. سوچ جي انداز ڦيرو ڪاڏو آهي. ۽ "يا-"

هلڪو ٺهڪ، لڄ سان پريل. لڄ جي لالائي، منهن تي اوتجي آيل.

"بي شرم. شرم به نٿو اچئي، ائين ڳالهائيندي."

ٺهڪ.

"شرم جي ڪهڙي ڳالهه آهي. حقيقتون آهن. انهيءَ ڪان وڌيڪ پيانڪ حقيقتون به.

ڪڙاڻ ۾ ٻڌل لفظ:

"اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ، ۽ ائين سڀ ڪجهه ڪرڻ، هتي جي هر حڪمران ۽ انهن جي ڪارندن ۽ سندن مشينريءَ يا ائين ڪٿي چئج ته: نظرياتي بنيادن جو جز آهي. اهم جز.

انسان کي ذليل ڪرڻ سندن وندر آهي ۽ سندن جيون شڪتيءَ لاءِ روحاني غذا. نيٺ هنن کي وڏن ٺهڪن لاءِ، ائين ڪرڻو ئي پوي ٿو، جيئن سندن ڦڦڙ تازي هوا جهٽي....."

"يا خدا. هوش ۾ ته آهين!"

"اڙي، هو ڏس، ساون جهنڊن وارو جلوس پيو اچي، مون کي ته دپ ٿو ٿئي، ڪنبٽي دوڙي ويم."

"واپس هلون."

"مون توکي چيو ته، منهنجو انهن ڳالهين سان لڳاءُ ڪونه آهي. منهنجي چوندن سان ڪا دلچسپي ڪانه آهي."

"پر انهيءَ ۾ ڇڙڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. مون رڳو اهو پڇيو ته ڪير ڪٽندو ۽ اوچتو تنهنجو پارو-"

"ڪير به ڪٽي. اسان لاءِ بنيادي طور ڪو فرق نٿو پوي."

"تون پريشان آهين؟"

"نڪو."

لڪائڻ جي ڪوشش.

"تون ڪجهه لڪائي رهيو آهين."

"ڪجهه به ناهي. تون ته اجايو-"

"پوءِ تنهنجي ڳالهائڻ ۾ ايڏي ڪڙائي."

"مان بيزار آهيان بيزار نه. مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي-.چوڌاري جنوني ماحول. وحشت. حيواني هنيوچيون؛ ۽ اسين انهيءَ ۾ قاتل، اڻ-لاڳاپيل. پوءِ به اکين ۾. لڳي ٿو هيءُ وحشي هنبوچيون هٽنديڙ، اسان کي ڳڙڪائي ويندا. تکيون ڳڙڪائيندڙ نظرون ۽ اسين."

"بس ڪر. منهنجو ته اڳئي هانءُ ٻڏو پيو آهي. مٿان وري تون."

ڦڪو ٽهڪ:

"نه نه پياري، مون ته اُهئين ڳالهه پئي ڪئي. تون ته اجايو ٿي پريشان ٿين."

"مون تنهنجي ڪڙاڻ کي ۽ لڳاتار ماٺ کي هاڻ پروڙيو آهي."

معنيٰ وري مرڪ سان:

"اسين پئي ڊپ ۽ ڏهڪاءُ جي.وهڪري ۾ لُڙهي رهيا آهيون. فرق رڳو هيءُ آهي ته، مان پنهنجو اندر ظاهر ڪيان ٿي ۽ تون پنهنجي منهن اندر ئي اندر."

"مون کي ننڊ ٿي اچي."

"هن مهل! ماني کائي، پوءِ سمهون ٿا."

"بک مئل آهي. ذهني ٿڪاوٽ. نستائي پيو پانيان. عجيب قسم جو احساس: هارائڻ کان پوءِ، نبلتا ۽ شڪستگيءَ جو ڳهر. جٽڪ، نپوڙي ڇڏيو هجي. ڪنهن نسن کي ۽ اعصابي شڪتيءَ کي."

ننول واري مرڪ:

"همٿ ڪر. تون ته مونکي پيو هوا پرين، پر مرڳو تنهنجي ئي هوا نڪتي پئي آهي."

"جائي به، قلهڙو ٿي ويو آهيان."

"توکي ته ننڊ پئي آئي."

"ٺ."

"پوءِ هاٿي- رڳو شيطاني ڪرڻ لاءِ، هان."

چپ.

"ڪڇين نٿو."

"منهنجو موڊ بنهه ڪونهي. ڏاڍي ٿڪل آهيان."

"چڱو. ائين ئي سمهون ٿا.

ڪومايل آواز

اوچتو:

ياڪر. چميون. اڱرائي. ساهن جي ايام. تڙپ. عجيب قسم جي بيچيني. ٻاهر نڪرڻ لاءِ.

ياڪر ۾ زور.

"الاڙي، ياسيربون پيجي ڇڏيئي، وحشي."

بيچيني، ابڙڪا ڏئي اُيامندڙ. ٻاهر نڪرڻ لاءِ تڙپ.

ماني سمنڊ ۾ اُٿل.

سانت: ساهن جي اُيام ۾ وڪريل. نستائي. ساٺائي.

"شيطان، صفا جانور. وحشي جانور."

ايندڙ پيار. نستي، ساٺي ٿي ڍنل وجود تي چمين جو وسڪارو. هلڪيون ٿڦڪيون.

"تہ ڇا رستي هلندي، اسين سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيون. جيئن هنن جي ڳڙڪائيندڙ نظرن کان پاڻ بچائي سگهون؟"

"ءُ تو جو، فيشن ۾ اجرڪ پاتو آهي. سو بہ--"

"ها، مون ڪلهہ ئي سوچيو هو، هاڻ ٻاهر اجرڪ پائڻ ڇڏي ڏيندس."

چپ.

"ءُ ها، ڪلهہ جو مان ياجي ونڻ ويس تہ، سڀ بيٺل عجيب نظرن سان گهورڻ لڳا."

"جائي بہ، هن دور ۾، اسان شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جا مهاندا ڦري ويا آهن."

"يا اسان کي ائين لڳي ٿو!"

"مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي، نيٺ اسان جو ڇا ٿيندو!"

"اهو هڪ عام سوال آهي."

"ڇا ٿيندو؟ انهيءَ جو جواب مثبتي انداز ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. پر هن وقت، ۽ هن ويل: جو اهم آهي، سو آهي: ڏهڪاءُ جو اهو گهرو، ڳتيل پيڙا وارو احساس، جنهن ۾ بي يقين مستقبل جا اولڙا تڙڳي رهيا آهن. جنهن ڇتي احساس اسان جون وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن. ۽ مهاندا ڦيرائي ڇڏيا آهن."

ها، تاريخي هار جو اولڙو ۽ پنهنجي، اسان جي حيثيت، جيڪا آهي، ۽ بنهه نه جهڙي ۽ ليکي ۾ نه ايندڙ حيثيت، ڳاڻاٽي ۾ نه، ڇڙڪ اسان ته ڪاشي ئي نه آهيون. اسان جي ڪا هستي ئي نه آهي، قومي هستي ته ڪٿي ڇڏ، پر عام انسانن جي حيثيت سان به، شمار ۾ ڪونه آهيون....."

"مهرباني ڪري تون اهو ليڪچر بند ڪر"

"تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، چري. هي بائيتال جو،اسان کي ڏونڌاڙي رهيو آهي، اها ڏونڌاڙ هڪ پيرو وري مجبور ڪري رهي آهي ته، اسين پنهنجي هستيءَ جي هجڻ جو احساس ڪريون. يا هن ڏونڌاڙ اسان کي پنهنجي وجود جو احساس ڏياريو آهي. پر ڪهڙو احساس؟"

"هيءُ ڏنيندڙ ته: اسان هي سڃاڻپ ڪانه آهي. ۽ ليکي ۾ ايندڙ حيثيت به نه. ته: اسين اندران ئي اندران پورا ڪيا پيا وڃون ۽ جڏهن اسان جي جيئري جاڳندي هستيءَ کي ڳيا ڳيا ڪرڻ لاءِ سڏا سنوان ڪاٺ هڻيا وڃن ٿا ته، اسين ڪڇون به نٿا. ته: اسين نڌڻڪا آهيون-"

اهو احساس، ڀوليءَ وارن جهيڙن ۾ به ٿيو هو نه. توکي ياد آهي؟ ضرور ياد هوندو. ڪيئن نه ياد هوندو. ان وقت به اسان ڪهڙي نه بي حسيءَ سان ۽ بي رحميءَ سان.

"مون کي هيءُ چوڻ ۾ بلڪل هٻڪ ڪانهي ته، سنڌ جا قومي نپي هيٺ سڏجندڙ اڳواڻ، قوم پرست، پنهنجو پاڻ لاءِ آهن، قوم لاءِ نه. قومي مسئلن تي سوچيندي ۽ ويچاريندي ۽ عمل ڪندي، سنڌن ذات ئي محور هوندو آهي. نکي قوم/ سنڌ. سندن پنهنجي ئي ذات. ها!

هر ڳاٽي- پڳي موقع مهل تي سنڌ جي قومي اڳواڻن جي ڪوڪلائپ پڌري ٿي آهي. نا اهلي ۽ ...."

"مهرباني ڪر. مان سڀ ٻڌان پئي. پر-"

"ٻڌ: سنڌ ۽ سنڌي، هن مهل به جيئرو جاڳندو رت جو لوٿڙو آهن، هو جيئرا آهن ۽ حياتيءَ سان پيار ڪن ٿا، جيئن هر جيئرو جيءُ ڪندو آهي. پر سندن قومي سڃاڻپ لاءِ، ۽ ان جي بقاءَ لاءِ، نئون رت ايندو، نوجوان نسل، نوجوان مان تون ڏسجانءِ ته، ڪيئن نه....."

"ٻاهرين در جو ڪڙو پيو ڪڙڪي"
"ها، مان ڏسي ٿو اچان. ٻانيان ٿو، ووٽن لاءِ آيا هوندا."
"هيڏيَ ٻڌ" آهستي سرٻاٽ ۾.
سوال ڀريون نظرون.
"نہ وچ، جائي بہ ووٽن وارا هوندا."
"نہ نہ. ڪهڙي وڏي ڳالھ آهي. مان ڏسي ٿو اچان."
"اوهيو وري در ڪڙڪيو."
"الله ڪي مڃ، نہ وڃ، متان"
"متان ڇا؟"
"متان وڙهن. مارين. سيني کي خبر آهي تہ هن گهر ۾ سنڌي ٿا رهن."
"پر ڇو وڙهندا! تون تہ اجايو-"
"نہ نہ-"
ٻانهون جهليل، اکين ۾ ڊپ جا پاڇولا.
"نہ وڃ نہ- ٻاٿهي هليا ويندا. اجايو ضد نہ ڪر."
"مان کين چوندس تہ اسان جا ووٽ داخل ٿي ڪونهن."
"چڱو! تون سمجهين ٿو ڪونہ ٿو. (مٺا ٿرن بہ ٿٿا.) ڪٿي تون ڇا بہ چئہ، هنن کي پڪ آهي تہ هيءُ سنڌي آهن ان ڪري."
"ٻڌين ٿو، در ٿا ڪڙڪائين، يا در ٿا ڀڃن. پڪ ٿي پڪ وڙهن."
"ڇو وڙهندا! نيٺ اسان ڪيو ڇا آهي!"
"اها تہ مون کي بہ خبر ڪانهي- پر سنڌي آهيون نہ-"
"شايد هو هليا ويا. تون تہ صفا ڇري آهين. ڊڄڻي. ملڻ تہ ڏين ها. ٻڌان ها، تہ نيٺ هو چون ڇا ٿا."
"جڻ توکي خبر ئي ڪانهي: بابا، نظام مصطفيٰ ۽ اسان لاءِ موچڙا پيو ڇا؟"
ٻوري سوچ جي تت جي اوڪ. ٻوري ڳڏ تيل ڪڙاڻ سان.
واه واه! ڊڄڻي. تون تہ وڏي ڪاپ سياستدان ٿي وئي آهين."
"واه واه، منهنجا سيبتا سورهيہ تون نہ-"
ڳڏيل ٺهڪ.
"متو تو ڦري، ڇانهہ ناهہ."

"بيلي الله کي مڃ، ڳوٺ هلڻ لاءِ ڪجهہ ڪر. نہ تہ هيءُ ڏهڪاءُ، ٻاپاڻ کي چريو ڪندو، يا اوچتو اُفت ماربندو."

سالم مٽ يم

وڳوڙ

• ڪِڏ

ساڳيا ئي آهن-

جانٺ-سڃاٺ. ساڳيا مهاندا. هڪ فرق سان: نفرت جي باهه پڙڪندڙ سندن چهرن تي. ۽ وحشانيت. مارِيندا-

روڊ جي وچ تي ٻرندڙ ٽائرن ۾ ڏڪو ڏيئي ساڙيندا. ناس ڪرڻ لاءِ. ڪو، اجرڪ جو ٽڪرو ڪٿي آيو آهي. باهه جي ٻنيٽ ۾ ڦٽو ڪري ٿو. تاڙيون. اُبڙڪا ڏئي نڪرندڙ نعرا. نفرتن ۽ ڪدورتن سان ٽب تار.

ڇا هيءُ منهنجي ڪِڏ جو آهن؟

(هن جهليو به، ٻاهر نه نڪر)

پر جيڪڏهن، اهي جائي به منهنجي ڪِڏ آهن، جي مارڻ لاءِ نه، ته ذليل ڪرڻ لاءِ، جو مان انهن سنڌين مان هڪ. جيڪي هن شهر ۾ رهن ٿا- آهيان. اڻ- وٺندڙ. ۽ جنهن لاءِ مان قانوني طور به اهو چئي نٿو سگهان ته، هيءُ هنڌ منهنجو آهي، سنڌ جو ڀاڱو ۽ مان سنڌي آهيان.

مني ٽيڪسيءَ ۾ چيائون پئي: ٻي سالي سنڌي اتني تعداد ۾ آئي هين، گانءُ ڇوڙ رهي هين- اور ڪراچي ۾ تو-

.........اوهان ڪير ٿيندا آهيو، پڇڻ وارا. پر جي پڇو به ٿا ته، پناٺن جو پلٽيل طوفان. پنجابين جا ڪٽڪ ۽ بهاري ۽ آفريڪا مان تڙيل- خير، اوهين پاڻ ۾ مسلمان ڀائر آهيو ۽ سنڌي ڪافر ڏاهر جو اولاد. توهان جي ته ماءُ ڪي- نمڪ حرامو.

هيءُ هڪ ڏنپيل سنڌيءَ جو ردعمل هو.

هي ٻيهي رهيا آهن. گهوري رهيا آهن. ڪائي ويندڙ نظرن سان ٻرندڙ ٽائرن جي ڏپ نه!

پڳا. ڇتي ڪتي وانگر اُلر ڪرڻ لاءِ:

موٽر پٿرن سان ڇڪناچور.

ايي ديکتي نهين هو، ڊاڪٽر ڪي گاڙي هئه.

بڪواس بند ڪرو، پهيا جام هئه.

گهر پهچان. تکو تکو. هنن جا ٽامٽي چهرا. ڪٿي مون ڏانهن نه ڏيان ڇڪجي اچين. هوءَ به الڪي ۾ هوندي.

ايتري دير.

پر جي هي پنيان گهر تائين آيا تہ- (جي ڪڏهن نہ ڪڏهن اوس ايندا)

يا مان هنن سان ڳالهايان.

مان بي ڏوهي آهيان. منهنجو ذرو ماتر بہ سياست سان لاڳاپو ڪونہ آهي، مان ڪنهن بہ پارٽيءَ جو نہ آهيان، نہ ڪنهن سان واسطو. نڪو- مان سڌو سنئون، هڪ غريب نوڪريءَ وارو آهيان. اها اوهانکي غلط فهمي آهي تہ، سڀ سنڌي انهيءَ پارٽيءَ ۾ آهن. جنهن سان هينئر اوهان جو ٿ`وي ر آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ساڳيءَ حڪومت واري پارٽيءَ اوهان لاءِ، اوهان جن مسلمان پاٿرن لاءِ، اردوءَ لاءِ، ايترو ڪجهہ ڪيو آهي، جيڪو
اوهان جن مسلمان پاٿرن لاءِ، اردوءَ لاءِ، ايترو ڪجهہ ڪيو آهي، جيڪو
اوهانجن اڳوڻن حاڪمن بہ نہ ڪيو هو. خير اها، بدتصيبي آهي تہ، اهي سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. وڏي بدنصيبي. نہ تہ هو اوهان جائي آهن. وفادار ۽ اوهانجن مفادن جا محافظ.

هو هليا ويا!

ٺاڪوڙو

فوج جي گاڏي اچي بيٺي.

"ايتري دير، منهنجو تہ."

ٻاهر رونشو پٽي ڏٺم. وچ روڊ تي ٽائر پٽي سازبائون، ۽ هڪ ڪار کي پٺي پور ڪري ڇڏيائون. ڊاڪٽر جي ڪار هئي-

"منهنجو تہ هنيانءُ مٺ ۾ هو."

"سمجهيم پٽي."

"نيٺ اسين، ائين، هتي ڪيترو وقت رهنداسين. رات اکين ۾ ۽ ڏينهن، ساهہ مٺ ۾ ڪيل."

"جيسيتائين جيئرا آهيون ۽ هتي آهيون. تيستائين-"

"مان تہ هاڻ، پانيان تي چري ٿي پوندس."

"۽ ها، ڳوٺان تار بہ آئي آهي: هلي اچو."

"هون سمجهيو پٽي. پر اسين هتي ئي رهنداسين."

"نيٺ چوا جڏهن تہ ڪاليج بہ بند آهن!"

"ان ڪري جو، هيءُ هنڌ، هيءُ شهر اسان جو آهي. اسان جو پنهنجو. نيٺ اسين ڀاڄ چو ڪائون؟ سواءِ ڪنهن..."

"تون اجايو، پنهنجي پيو هلائين، اسين هنن جي اکين ۾ آهيون."

"اهو تہ سدائين رهنداسين. پوءِ ڪٿي سڀ شهري سنڌي ڳوٺن ڏانهن لڏي وڃن."

"پر هو بہ، اسان جن اکين ۾ آهن؛ ٽيڻ گهرجن."

"هلندڙ تاريخ جون ضرورتون ٿي اهڙيون آهن: هو بہ اسان جن اکين ۾ ٽيڻ گهرجن."

"اجايو بحث نہ ڪر."

"پياري ڪاوڙج نہ. بحث ٿو ڪيان، ڏس نہ....."

اوچتو جٽڪ پاڻ- سنڀاليندي:

"سنئين سنڌي ڳالهہ آهي، تون اجايو ٿي ڊڄين. هيءَ پوليءَ يا سنڌي- مهاجر وارا وڳوڙ توروئي آهن جو...."

"چاڪاڻ تہ اسين، وڏيرن- سوشلسٽن جي گيڏن ۾ پيل آهيون ۽ جهيڙو جيئن تہ هنن جو، انهن سان آهي، ان ڪري..."

"بڪواس بند ڪر. اجايو ٿو وات- منهنجو تہ هنيانءُ ٿو ٻڏي."

"آئي الله! هيءُ نڪاءُ ڇا جو ٿيو!"

"پوليس ڳوڙها گيس گولو ڦٽو ڪيو هوندو."

"اهو هيو ٻيو نڪاءُ."

"جهيڙو شروع."

"در تہ ڏئي ڇڏ."

"ڇري، ڪو گهر ۾ توروئي گهڙي ايندا."

"تہ انهيءَ جا اجا ڪو ٻيا پرڪار ٿيندا آهن، هون. ٻيلي در ڏي، مون ڪي تہ ڊپ-"

"مان ڪري نڪاءَ ٻڌ. ٻنهي ڌرين طرفان فائرنگ آهي، ٻڌندي وڃ."

"پاڻيءَ چڪو-"

”مس مس ٿاپڙ ٿي آهي. مئن کي باهہ لڳي.“

”مان ڏسي ٿو اچان.“

”بيلي خدا کي مڃ، ٻاهر نہ نڪر.“

”نہ نہ، مان منٽ ۾ ٿو اچان.“

”تون سمجهين ڇو ڪونہ ٿو، خدا کي مڃ–“

ايلاز، بي وسي.

”ڇگو پلا جي تون ڪاوڙجين ٿي تہ پوءِ ڪونہ ٿو وڃان. هاڻي تہ بس.“

”در، ڪڙڪيو!“

ڇرڪ.

”نڪو.“

”ها ها. ٻاهر گوڙ آهي. هوڪا ٿا ٿو ٻڌين.“

رت سڪل.

”ڪجهہ بہ ناهي، پياري.“

”هو ٻڌين ٿو، ٻاهر نعرا پيا هڻن.“

”اوهو، چري. ڪجهہ بہ ناهي. ايمان سان ڪجهہ بہ ناهي.“

”هو ڏس، اچي ويا: اچي ويا: سندن هٿن ۾ بندوقـون آهن. ۽ رائفلون ۽ بم ۽–“

”جاني، ڪجهہ بہ ناهي. تون مونکي پاڪر پاءِ.“

”هو ٻڌ نہ: اسان جي در کي ٺڪاڪا پيا هڻن.“

”نہ نہ. تون تہ اجايو–“

”رات ڪيئن ٻني هئينءَ“

”سچ پچ اهي نڪاءَ تہ ساهہ ڪڍي ڇڏيندا.“

”پاڻ ۾ آهن. وڙهي وڃي هند ڪندا.“

”نيٺ ٿيندو ڇا؟“

”اسلام جيئرو ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ هر ڪربلا ڪانپوءِ ئي اسلام جيئرو ٿيندو آهي. ها، ڪربلا: قتلام بي رحميءَ سان هڪ ٿئي جو– بکون

ءِ اُجون ءِ لاشا."

"منهنجون تہ متيون اهڙيون منجهيون آهن، جو پانءَ تہ-"

"متيون چو ٿي منجهائين. هيءَ هڪ ناٽڪ آهي. (يا هڪ ڊگهي ناٽڪ جو هڪ ايڪٽ.) جنهن کي هڪ خاموش ڏسندڙ وانگر ڏسج."

تنهنجون تہ ڳالهيون ئي اجايون: اڙي بابا، اهي ناٽڪ رچائيندڙ، جڏهن کيل، کيل ۾ پٽر، ويندي گوليون. اسان ڏسندڙن کي هٽن ءِ مارين- جيڪي نہ ٻن ۾ نہ ٽن ۾، تہ پوءِ-"

"اهي تہ لڳنديون يار. ناٽڪ ئي اهڙي قسم جو آهي. ڊگهو ناٽڪ، جيڪو ڪيترن سالن کان پيو هلي. هيءَ تہ هن جو هڪ ايڪٽ آهي."

"هاڻ مان ڪر."

"هيڏي ٻڌ: تون چڙ ۾ جائي بہ اهڙي تہ-"

"چڱو چڱو هاڻي- اسان جو ساهہ اڃي-"

لڄ جي لالائي شرم ۾ پتل.

نکاءُ.

لڄ جي لالائي، هراس ۾ ٻڏل.

هيدو منهن.

"آواز ٻڌئي."

"ها."

"تہ صبح مڙداني ئي-"

"مان ڏسي ٿو اچان."

چوهو اٿيل.

قميص جو پلاند مضبوط پڪڙيل:

"هيڏي، خدا جي واسطي ٻاهر نہ نڪر."

منهن ۾ نظر:

رت- نپوڙيل، اڃو ڪاڳر.

"اها خبر ٻڌئي. ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي گهرن کي ٻاهيون ڏنيون

"۽ هڪ ڪرَم ڪي ڪنو اٿن ۽ ساڙيو."
"مئن ڪي قياس بہ ڪونہ-"
"منهنجا تہ وار تا ڪاندارجن."
تبيءَ مرِ ٻيل.
"ٻڌ."
چرڪ سان تبيءَ مان نڪتل.
"هان-"
"اڄ صبح جو، جڏهن تون ٻاجي ونڻ وئين هئين. تہ سامهين گهر واري ٻوڙهي آئي هئي."
"چو"
"خبر ناهي نيت مر چا هوس. هنن حالتن تي پئي ڳالهايائين. مون چيومانس: اسان ڪنهن بہ ڌر يا پارٽيءَ جا ڪونہ آهيون. چيائين تہ: سنڌي اسان جا حق ڪائي ويا آهن. نوڪريون سڀ سنڌين ڪي مليون آهن ۽ داخلائون-"
"ڪتي جي ڌيءُ."
"آهستي."
"پوءِ."
"پيلي مونکي تہ ڏپ تو ٿيئي هن ڪان. ڪتي ڪو ڦٽاڪو ٻٽاڪو تہ ڪانہ ڇڏي وئي آهي."
"نہ نہ."
"هنن تي کهڙو ڀروسو."
"اها بہ صحيح ڳالهہ آ."
"جائي بہ، جيڪڏهن هيءُ نظام مصطفيٰ وارا اقتدار مر آيا تہ پوءِ-"
"سنڌين ڪان نوڪريون ڪسي ڇڏيندا!؟
"ڇئي ٺٺو سگهجي. پر مليون ئي ڪيتريون آهن جو- هيءُ هڪ سياويڪ ڏپ بہ آهي. پر مونکي لڳي ٿو، اها هڪ سياسي چالبازي آهي. ظاهر آهي سنڌين کي ايتريون نوڪريون ڪونہ مليون آهن. جيترو پرچار/ واويلا ڪئي وڃي ٿي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ اهي نوڪريون، سياسي وفادارين کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ هڏيءَ وانگر اڇلائي ڏنيون ويون آهن. جيئن

وات بند ٿئي. نڪي حق مجي ڪري. جڏهن، بکئي کي (پوءِ پلي ڪيتري ئي ريڙهه پيڙهه ڪانپوءِ ئي) هڏي ملندي تہ هو، ٿورائتين نگاهن سان، هڏي ڦٽي ڪندڙ حيثيت واري ڏانهن ڏسندو. ۽ جڏهن هڏي ڦٽي ڪندڙ. حيثيت واري جي حيثيت کي ڪو لهر لوڏو ايندو تہ، بکئي کي ڳڻتيءَ جو وڻ سياويڪ آهي.

پر بکئي کي، اهو ايمان رکڻ گهرجي تہ ماني سندس حق آهي- جتي هو رهي ٿو؛ اتي جي وسيلن تي سندس ئي حق آهي. ۽ جي اهي قبايل آهن تہ، انهن کي مانائتي طريقي سان هڪ حق ڪري حاصل ڪرڻ گهرجي. نڪي....

مرڪ.

"تون ڪلين پٽي."

"ها. اڇا اڳتي. جاري رهي"

"تون، احمق سمجهي مشڪريءَ ٿي ڪرين."

"نہ تہ. مان اهڙين پٽي ڪلان،"

"منهنجي گهٽي ڳالهائڻ تي."

"نڪو."

"خير ڳالهہ جو مقصد تہ: نوڪريون ڪي غريبن جي ٻارن کي مليون ڪونهن، سواءِ ايڪڙ بيڪڙ جي. رسائيءَ وارن يا سياسي وفادارين جي آڌار تي مليون آهن. سو جڏهن....."

مرڪ.

"مان سوال ڪري اچي ڦاٿس، هاڻي عرض آ تہ ڪرفيو هٽڻ وارو آهي. ڪاڏي پيتي جي ڪر.

"وڏي حرامزادي آهين. مونکي اُلو تي ناهين."

ٽهڪ.

"خير، هتي اُلو تہ ٻئي نهي ويا آهيون: ڪاڏي پيتي جي ڪر."

اوچتو: ويچار ۾ پيل. منهن لٽل.

لٽل منهن چيي ويل.

"چو؟ خير تہ آهي! اوچتو ئي اوچتو منهن جو پنو لهي ويئي؟"

"سڀ خير آهي."

زوريءَ مڙهيل مرڪ ڇپن تي.

"دراصل. ڪرفيو ڪانپوءِ. شيون وننديُ ڏاڍي ڪوفت تي ٿئي ۽ عجيب قسم جو احساس........"

"ڪنهن پنور ۾ فاتل هجڻ جو- ۽......"

"خير. جيئرو تہ رهڻو آهي. ان ڪري--"

"!"

"ڇا ڇا وٺڻو آهي؟"

"نيٺ آهي ڇا؟"

"ڪجهہ بہ نہ پياري."

ڪونئري ڳل تي ٺڪي.

"تون ڪجهہ لڪائين ٿو.

"ايمان سان. ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي. ڳڻتي ڪرڻ جهڙي.

"...... اصل ۾. هنن ماڻهن جون عجيب گهوريندڙ نظرون. ڳڙڪائي ويندڙ. جڻڪ اڇوت يا ٻي ڪا خلق. جيڪا هنن لاءِ ڌاري هجي- انهن مان هجان. ۽ انتهائي بي شرميءَ سان ڏهوٽيون قيمتون."

"ان ڪري تہ چيومانءَ پئي. ڳوٺ هلڻ لاءِ."

اڻ- وڻندڙ. ڪڙاڻ ڀي ويل. منهن ۾ ڦري ويل رنگ منجهان پڌري.

• "ڇگو. ڇا ڇا گهرائڻو آهي."

ڇوهو اٿيل.

"ايڏي تڪڙ.

"مونکي تنهنجي انهيءَ جملي کان الرجي آهي: ڳوٺ هلون. الرجي ٿئي ٿي. لڳيم ٿو. تون مونکي ڏوهاري ثابت ڪري. ذليل ڪرڻ چاهين ٿي."

ڪڙاڻ جو اوڪارو آيل.

پڇتاءَ. واڻڙپ ۽ جڻڪ ڪيل ڏوهہ جو اُپڙيل ڇتو. وڍيندڙ احساس: اوهو. ڇئہ. ڇا مان ائين سوچي بہ سگهان ٿي! تون تہ اجايو ڪٽي ٿو-"

ڪڙاڻ جو اوڪارو.

"مان هيءُ عرصو هتي ئي رهڻ چاهيان ٿو. وڳوڙ وارو. نيٺ هيءُ

هند بہ منهنجو ئي آهي: سنڌ جو ڀاڱو. اسين، جي هتن جي اکين ۾ اهيون، سي، انيءَ بہ هوندي، هونداسين. ڇاڪاڻ تہ هتن جون گڙڪائينڌڙ اکيون اسان ۾ آهن. هر هند ڏس: ڪراچي. نواب شاهہ. شهدادپور. سکر. ميرپورخاص، هر شهر ۾ ائين آهي- ۽ ائين اوس ٺيٺو آهي. اهو مونمار ناٽڪ....."

او! تون رئين پئي! ڏس نہ، منهنجو مطلب اهو نہ هو. تہ ڪو."

"تون وچ سيڏو ونئي اچ."

"نہ، تون پڏاءِ تہ رئين ڇو ٿي؟"

"بس. ائين اچي ويو."

"ڪو سبب"

"تون ڀِهرين سيڏو تہ ونئي اچ، رش ۾ پوءِ ڪجهہ بہ نہ ملندو."

"نہ پهرين تون پڏاء."

اوچتو. هڪ پرپور اوتيل. اندرئين اڏمي وچان ڀاڪر. پوري زور سان چنبڙيل. اوچنگار.

۽ پوءِ اوچنگارون.

اوچنگارن ۾ ناپر. مٿو سيني سان لڳل.

ڳوڙها اگهندي. هٿ سان ۽ زوريءَ مرڪ مڙهيندي.

"ڪجهہ بہ ناهي، منا. تون سيڏو ونئي اچ."

"تہ منُهنجي تکي ڳالهائڻ ڪري-"

پڇتاءُ.

"نہ نہ. ايمان سان بہ."

مرڪندي.

"تہ پوءِ؟"

"پهرين سيڏو تہ ونئي لچ. دير ٿي ٿئي."

"نہ. پهرين پڏاءِ. نہ تہ، مان هتان، هڪ وک بہ نہ چرندس."

"هي هيبتناڪ خيال اوچتو آيو. اسين ڪيترو نہ غير سلامت آهيون. پنهنجي ئي سنڌ ۾: ڪيڏو غير محفوظ!

اکيون، اکين ۾- اينڌڙ مٿس پيار، اتساهہ جي اڏمي وچان. هڪ پرپور ڇڪ پاڻ ڏانهن. چنبڙيل. ٻٽ ٿيل. رنل. ڳاڙهين اکين تي چميون.

چيلهہ ۾ وريل ٻانهن کي ٻيهر، ڀرپور زور. (جهٽڪ . ڪيس، محفوظ رکڻ لاءِ ٻاڻ ۾ سموئڻ چاهيندو هجي) وري اکيون اکين ۾ وجهندي:

ٻيار منجهان، آهستي ٻاڻ- ڇڏائيندي، چنچل ٿي:

"ڇگو، منهنجا سرويچ عاشق، ٻيٽ جي ڪر."

ٻاهر نڪرڻ کان اڳ چمي ڏيندي:

"خيال سان."

ويچار وهڪ

جيڪڏهن هندو هجن ها، ته ٻه ائين ٿئي ها؟

اهو سوال، سنڌيءَ جي هڪ جهوني وڪيل کان پڇيو هوم. جيڪو روايتي قسم جو مسلمان هو. هن وراڻيو هو: اوهان سنڌي نئين ٿهيءَ جا نوجوان، جذباتي آهيو. بلڪل ڪورا. اهو نٿا ڄاڻي سگهو ته، هندو، سنڌ جي مسلمانن جي ڪيترا نه ڪٽر دشمن هئا. اسان سنڌ- مسلم ايسوسيئيشن ناهي ئي انهيءَ ڪري هئي، جو- اوهان اهي وقت نه ڏٺا آهن. "پر وڪيل صاحب، اسان هيءُ وقت ڏٺو آهي: جڏهن تر ۾ هندو- مسلمان اڄ ٻه گڏ ٿا رهن، پر اتي نه ڪنهن ٻه قسم جي-" مون ٻسان گڏ هڪ نوجوان همٿ ڪري چيو هو. هيءَ سنڌ جي جاگيردار- وڏيرن مسلمانن جي بدمعاشي هئي جن غير سنڌي سمجهي ڪري، ڪيڏو ڏوهہ! نه ته سنڌ ۾- مهرباني ڪري اوهان انهيءَ موضوع تي نه ڳالهايو' وڪيل صاحب مڇرجي پيو هو. ٿي سگهي ٿو: هندو- مسلم ڇڪتاڻ هجي ها. پر ائين نہ، جيئن آهي، اينيمٽي. رت جا اُجايل. ڇا شهرن جا هندو، ڳهٽين ۾ سنڌي مسلمانن تي ائين تيزاب ڦٽو ڪن ها. جيئن- يا گهرن کي باهيون ڏين ها. ۽ ڇرا ۽ ڀالا هڻن ها يا سنڌي مسلمانن جي هستي/ وجود جي خاتمي لاءِ ائين ڪن ها، جيئن هيءُ ڪن ٿا. ڪري رهيا آهن. بنهہ تاراج ڪرڻ لاءِ. جيئن اڄ ٿئي پيو. پر سڀ کان اهم ڳالهہ. سنڌي ٻولي ائين اندران ئي اندران ڪاٽ جو شڪار ٿي پوءِ ديدهہ دليريءَ سان ائين ڳاجي ها. ۽ سنڌي ٻئي درجي جا، نہ- ڪنهن ٻہ درجي جا نہ هجن ها. جيئن.

پر جيڪڏهن ڪميونل ڪنفلڪٽ هجي ها، فرض ڪري ونجي

تو. ممڪن هو پر سنڌ جي قومي وجود کي اڏوهي نہ. ٻين لفظن ۾ 'ڊي-سنڌيلائيزيشن' بہ ٿئي ها. جيئن اڄ. وڏي واڪ.

هل: فرض ڪر، وڏو دليل تہ هندو ماري ڇڏين ها. نيڪ آهي. ماري ڇڏين ها. پر سنڌ کي تہ نہ مارين ها نہ. ها، سنڌ کي. جنهن جو هڪ نوس وجود آهي. جاگرافي ۽ تاريخ ۽ سڀيتا.

۽ ڪاڪا پيرومل هجن ها. جيڪي سنڌ جي تاريخ ۽ سڀيتا تي کوجنا ڪري ڪيس جيئرو جاڳندو ۽ نئون اتساهہ ۽ نئون روح.

"اڙي! تون رئين پيو!"

اچرج.

"نڪو."

اکين ۾ آيل ڳوڙهن کي. زوريءَ مڙهيل مرڪ سان لڪائڻ جي اجائي ڪوشش ڪندي.

"تنهنجون اکيون چغلي پيون هڻن ۽ ناٽڪي ٿيل منهن-"

"اهئين. ڪجهہ بہ نہ."

"پريشان آهين، ڪنهن سبب."

"نڪو."

"لڪائين ٿو."

روسامون:

"مون کان بہ."

"نہ نہ. ڪا اهڙي ڳالهہ ڪانهي: سوچيان پيو: جيڪڏهن هندو هجن ها، هنن جي بدران. فرض ڪري..تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ائين بي رحميءَ سان اسان جو وجود نہ ڪاٽي ها. يا اسين ڊي- سنڌيلائيز نہ ٿيون........"

"سو مهٽن کي ياد ڪندي، اکين ۾ پاڻي اچي ويئي ۽ منهن ٽانڊائجي-"

"نہ جري-"

گنڀير ٿي:

"جڏهن جيئري جاڳندي هستيءَ کي. جيڪا آهي، موجود آهي ۽ جيئري ان کي، جڏهن اهڙي بوهي ۾ وڌو وڃي، ۽ ان جيئري هستيءَ جو

هر جيئ- گھرڙو، لڳي ٿو، انهن پوائنٽن تجربن دوران گھٽ ۽ گسجڻ ۽ چيچلائڻ جي عمل ۾ نہ ڳوڙها نہ نڪرندا ئي. سياويڪ آهي. نہ؟"

"نہ توکي هي ڪمهلو چو هندو ياد-"

"چري، هيءَ ڪمهلي ناهي. هيءُ ئي تہ مهلون هونديون آهن: هستيءَ جي پوائنٽن تجربن مان گذرندڙ، چيچلائيندڙ گھڙيون. جڏهن-"

"آهستي ڳالهاءِ پاڙي وارا نہ ٻڌن."

مرڪ سان منهن ۾ ڏسندڙ.

"جڏهن ڪرڙيءَ کي ڏڪ هٽبو آهي تہ، سندس ٻچ ڏار ٽيڻ ڪان پوءِ بہ ڪا مهل ڦٽڪندو رهندو آهي. يا نہ؟ ۽ انسان جي آڱر کي يا ڪنهن عضوي کي، ڏڪ هٽي ڏار ڪبو تہ ڏار ٿيل عضوو بہ. ائين ڪرڙيءَ جي پڇ وانگر ڦٽڪندو. ڏار ٿيڻ کانپوءِ بہ: جيسيتائين منجهس، حياتيءَ جا جيو-گھرڙا باقي آهن. جيئرا- ۽ هڪ جيئري جاڳندي هستيءَ جو هڪ اڻ-ڇڄندڙ ڀاڱو. ساهوارو. ڦٽڪندڙ. جنهن کي ڏڪ هٽي ڏار ڪيو ويو هجي. هر سنڌي، جيئري جاڳندڙ سنڌ جو عضوو آهي. جيئرو. ساهوارو. پوءِ ڀل اهو ڪٿي بہ رهندڙ هجي. پر سنڌ سان لاڳاپو ڪنهن بہ روپ ۾ ئي سهي...."

مرڪ سان منهن ۾ گھوريندڙ.

"چا مانءَ غلط، پيو چوان"

"نہ وڦلان!- وڏيڪ صحيح لفظ."

"نہ، تون بلڪل--"

(پنين کي بہ ڪن آهن.)

(تہ اسين ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏيون)

(۽ سوچڻ بہ)

(جو)

"سچ پچ هن ڪرفيوءَ تہ ڏاڍو بور ڪري ڇڏيو آهي."

"ها."

"متي ڪڏ تي هلون."

"نہ. فوجي بي عزتي ڪندا. ڇا اهو وساري ڇڏيئي تہ ڪلهہ ڪيئن نہ پاڙي وارين نينگرين، کي رڪوع ۾ ڪري سندن... تي ٽـڏا

هنيائون."

"اوهو! منهنجا نہ لڳ تا ڪاندارجن."

"نيٺ ائين ڇو تا ڪن."

"پڌرو آهي: هو ڊيوٽي تي آهن ۽ سندن ڊيوٽي آهي."

"هو سامهون دونهون نہ ڏس!"

"ڪنهن ڪارخاني کي باھ ڏني هوندائون."

نڪاءُ.

"الله! مونکي نہ ڊيڄو ٿو ٿئي."

"ڪرفيو ڀڳو هو ندن."

"ڊڄن ٿا!"

"نہ - انهيءَ ڪري تہ سوپارا آهن. پاڻ- مڃائيندڙ. پنهنجي حيثيت."

"ٻيو نڪاءُ ٻڌءِ، ڪيڏو نہ هو!"

"ها منهنجي هنج ۾ اچ."

"بي شرم."

"ڊڄين ٿي نہ ان ڪري ٿو چوانءِ."

ٻانهن ۾ وڪوڙيل.

رات:

اوچتو ڇرڪ:

"اچي ويا."

"ڇو! ڇا ٿيو؟"

"هو اچي ويا."

"ڪير."

"هو-"

"ڏس، در کي ڀڃن پيا."

"منهنجي منڙي ڪجھہ بہ ناهي، هيءَ تہ ملان ٻانگون ڀيان ڏين. ڪمهليون ٻانگون. اخبار ۾ ڪونہ پڙهيئہ-"

"ها. الله! منهنجو تہ ساھ ئي نڪري ويو هو."

"بتي باربان"،
"نہ بس."
"هان، مون ڏي اچ. زور سان ياڪر پاءِ-"

دونهاٽ:

آسمان ڏانهن ڪارو دونهون. گهاٽو ڪارو چوڦير پکڙيل.
نڪاءِ
نڪاءِ
ساهہ پوساڻجندڙ
انبوهہ ماٺهن جا
چرا يالا رائيفلون هٿن ۾
وه جا رهي هئہ اجرڪ والي
سالي
ياچ
ڊڪندڙ
ڊڪندڙ
اپ ساهي
بيٺل هڪ هنڌ
پويان نظر:
انبوهہ نعرا هڻندي ڪيد
ماري چڏيندا
ماري چڏيندا
ڪنبٽي
ڪيڪ-

"اوهيو در ڪڙڪيو."
"نڪو. تنهنجا ڪن وڳا آهن."
"نہ نہ. هو آواز بڌ نہ. ڪيئن نہ پيا هوڪارين."
"ڪير بہ ناهي پياري."

ڳراٽڙيءَ ۾ آندل.
سڏڪن ۾ ورتل:
"ماري ڇڏيندا."
"هن جي ٻيءَ جي آهي بادشاهي. هون-"
ڳراٽڙيءَ ۾ زور:
"تون نه اجايو ٿي وهلور وجين."
ڳوڙها اُگهندي:
"ڪجهه به نه، پياري."

"اوهيو! در ڪڙڪيو؟"
"توکي نه اجايو وهم آهي."
"نه نه. ٻاهر هوڪارون ٿيو ٻڌين."
"ڪجهه به ڪونهي، جاني، ڪجهه به-"
"هو ٻڌ نه."
"ڪرفيو هئي، نه توکي ڊاڪٽر وٽ وٺي هلان."
"ڊاڪٽر!"

"ڊاڪٽر نه ڳوٺ هليو ويو."
"هليو ويو!"
"ها اڪثر سنڌي شهر مان هليا ويا آهن."
"اڪثر!"
"ها! البت وڏيرن، پنهنجا هاري گهرايا آهن. ٻهري لاءِ"
"ڪڙو بند ڪيو اٿئي؟"
"هائو."
"هينئر نه ڪرفيو آهي. گهٽيءَ ۾ ڪير به ڪونهي."
"نه ٿڌهن به."
"تون آرام ڪر."
"ءِ تون؟"
"مان به. هيءَ ٿڪي."

"؟"

"ڊائزيپام آهي."

"نيٺ ڇا ٿيندو؟"

"تنهنجو ڊپ گهٽي حد تائين لٿو اهي.

"نيٺ ٿيندو ڇا؟"

"سمجهہ ۾ نٿو اچي. ٻئي مڙئي وارا ڪونہ آهن."

"۽ اسان جا تہ لاهہ نڪري ويا آهن."

"خيال نہ ڪر. ڪجهہ بہ نہ-"

هٿرادو. ڇُپندڙ آٿت.

ڪجهہ بہ نہ. هون."

ليڪي ۾ نہ آندل آٿت.

"اسين بابا. ليڪي ۾ ئي ناهيون. چپ ڪري ويهي ڪيل ڏس."

"اسين ليڪي ۾ ناهيون!"

چٽڪ چٽر:

"باقي چٽڻ لاءِ نشانو تہ اسان جو...."

"تون انهيءَ باري ۾ نہ سوچ. تنهنجي ذهن تي خراب اثر ٿو پوي."

"۽ تنهنجي ذهن تي؟"

"-"

"چپ چو آهين؟"

"جڏهن چوقير سپريشن؟ ان جي دٻاءُ جو گهيرو، وڏيڪ، ڪان وڏيڪ ويجهو ايندو وڃي، ۽ ان ۾ قاتل- تڏهن سيلف سنسرشپ مڙهٽي ئي پوي ٿي. هڪ ضرورت هيٺ."

عجب مان ِگهوريندڙ.

"۽ ها- جڏهن تہ اها سيلف. سنسرشپ، هڪ شڪل جي سيلف- سپريشن تي آهي. ها سيلف....."

"ڪيڏي ٽريجڊي. هڪ فرد جي. هن ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ واري جاڳرتا جي چوٽيءَ تي رسيل دور ۾......"

"اهو ڊائزيپام گورين جو اثر آهي. جو تون اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين، جيڪي منهنجي سمجهہ کان مٿي آهن."

"جائي بہ!"

"پيو نہ تہ."

"تنهنجي طبعيت ۾ عجب قسم جو نهراءُ. سانتيڪائي اچي وئي
اهي."

"لڳي ٿو، تون بي حس ٿيندو پيو وڃين. پلي ڪيڏو بہ مچ ٻري،
مجال جو توکي سيڪ اچي!"

"نہ. پاڻ کي ائڊجسٽ ڪري رهيو آهيان/ رُبشنلائيز."

انگريزي لفظن تي زور ڏئي: چٽڪ جائي پائي، پنهنجو پاڻ تي
نـنـول/ چٿـر جو پـوندو هٽندي ٻنهنجي منهن ۾ پوري سـاجهـ سـان پجا
گهروڙبندي.

۽ شرم کي پرچائڻ لاءِ هڪ وڏو ڪوڪلو ٿهڪ.

....

....

....

"تون موڳو تو لڳين."

"نہ، اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي."

"اهو تہ مان بہ چاٺان ٿي:"

"اسين ٻئي هڪ ٻئي کي نڳيون تا."

"ها، ضرورت هيٺ."

"اڳ ڪي تنهنجي ڪڌ هئا. ۽ هاڻ منهنجي ڪڌ."

ناڙيءَ سان گڏيل ٿهڪ.

"نہ- تون هيءَ حيثيت لڪائين ٿي تہ، هاڻ جي تنهنجي ڪڌ آهن،
سي منهنجي بہ..........."

"سائين معاف ڪجانءَ: اهڙو ڪوڙو ڏيکاءُ نہ تون ئي ڏيندو آهين."

ڦڪائيءَ کي لڪائڻ لاءِ:

"ضرورت جي نظري تحت."

چڳو هاٿي وڏيڪ پاڻ کي. اجايو نہ-"

"حاصل مطلب نہ: جي منهنجي ڪڌ ها: سي تنهنجي بہ-"

"۽ جي تنهنجي ڪڌ اهن، سي منهنجي بہ-"

”هاڻ قاتل آهيون-“

”اکين ۾ تيل.“

اوچتو ڳٽنيءَ وچان گنڀير ٿيندي:

”سمجهه ۾ نٿو اچي، نيٺ ٿيندو ڇا؟“

”حشر؟“

”ٻيو وري ڇا-“

”جو ڪمزور جو ٿيندو آهي.“

چپ.

چپ ٽوڙيندي.

”هن ٻانگن واري تحريڪ ۾ ڳالهين جو، جيڪو نتيجو نڪرندو، ان جو اسان جي لاڳاپي سان هڪ اثر هيءُ پوندو تہ- سنڌي مڊل ڪلاس پڙهيلن ڪي، پوءِ پل ڪٽي سياسي وفادارين سبب ٿي، جيڪي هڏيون ڦٽيون ڪيون وينديون هيون، يا وجن ها، تن ۾ جهڪائي اچي ۽ آئينده لاءِ بہ............“

”تہ ڇا رڳو سنڌين کي ئي نوڪريون مليون آهن! جو-“

”آڳرين تي ڳڻڻ جيتريون، پر اهي بہ تہ هنن کي اک ۾ چيت ٿي چڀن ٿيون نہ- سوئر جي- هيءُ سڄو ملڪ هنن جي بابي جو آهي نہ، ان ڪري ۽ نہ تہ پرتين ۾ تہ هنن کي سرس-“

”اُهئين هي ڪميٽا آهن“

ٻاهہ مان.

”۽ سنڌ جا وڏيرا؟“

”اهي بہ-“

”تہ منهنجي جان، ڳالهہ دراصل هيءَ آهي تہ، سنڌ جا وڏيرا، پيرَ (۽ ڪامورا بہ) انهيءَ فيئر ڪامپليڪس........ يا احساس جرم ڪٽي ڇنج، کي لڪائڻ لاءِ، اهڙي قسم جو نماءُ ڪندا آهن تہ هو، ٻهرين سنڌي ڪونہ، پر هنن جهڙا آهن. هنن سان وفادار، نڪي سنڌي عام خلق سان. ۽ اهڙي قسم جو نماءُ (يا اصليت بہ) ذهن ئي اثر وارو ٿيندو.

جدهن ڏو، سنڌ لاءِ ۽ سنڌي خلق لاءِ ڳالهائيندڙن کي وڏي وات

گاريون ڏين. سنڌي رسالن، ڪتابن تي پابنديون وجهن ۽ سنڌ جي سڄاڳ حصي کي ڏڃي ۾ وجهي، عملي طور ثابت ڪن ته هو، سچا پاڪستاني آهن. جهڙي ريت. ورهاڱي کانپوءِ هو پليون زمينون آفيسرن کي دعوتون ڏئي ڏيکاربندا ها ۽ هنن سان ٻٽ تي ڪري-

"انهن وڏيرن جي خود- غرضيءَ جي تقاضئي اها آهي ته هو ائين ڪن: دلالي ۽ پڙوت........ هنن دلن جو سنڌ جي ڀلائيءَ سان ڇا، سنڌين جي مفادن سان ڇا. هيءُ ته اصل کان خانداني........"

"انهيءَ ڏينهن ٻڌين پيو: هو حرامي ڪيئن پيو چئي: ان سالي سنڌيون ڪو تو نڪاني لڳانه هئه."

"اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي."

"حالتن جو منطقي نتيجو. اسين به ته ائين ٿا سوچيون، ته هيءُ جو ڳچي ۾ ڳٽ پئجي ويو آهي، تن جو بلو تيڻ ڳهرجي. فرق هيءُ آهي ته هو بلو ڪندا ٿا وجن ۽ اسين رڳو ڳالهيون ۽ سوچون ۽ بي وسيءَ مان پڄرون ٿا."

مان

"ها، رڳو پڄرون ٿا."

"مان تو چوان. سنڌ جي تاريخ جو، هيءُ فيصلي ڪندڙ موڙ آهي."

"ها فيصلي ڪندڙ-"●

ساهر مثيم

امن امان

• وري

"ٻڌءِ: وري چوندون ٿينديون."

چرڪ:

"چوندون ٿينديون!"

"ٻيلي مان هاڻ هتي نہ رهندي سانءِ."

"توکي ڳوٺ ڇڏي ايندس."

"مــونکي! ۽ تون؟ نہ بابا، تون بہ هلجانءِ. نہ تہ هيءُ هتي ڪجهہ کائي ڇڏيندا."

"ڇري، چوندون تہ جمــهــوريت جو اهڃاڻ آهن. ۽ تون ٿي چئين تہ چوندن ۾ ڪجهہ کائيندا.!"

هيءَ مشڪريءَ جي مهل ناهي. توکي بہ هلڻو پوندو."

"۽ جي ڊيوٽي لڳي تہ؟"

"باهہ ڏينس."

"ان کي باهہ ڏئي نٿي سگهــجي. نيٺ پاڻ کي جيــئــرو رکڻ لاءِ نوڪري تہ ڪرڻي ئي آهي."

"خدا کي مڃ ٻيلي."

"ڏٺي سڀ خير ڪندو."

"هون!"

"بابا، چوندن سان جمهوريت ايندي نہ."

"ڪجهو ڇباڙي کائيندا. مان ٿي چوانءِ تہ: ڳوٺ هلڻ جو بندوبست ڪر."

"منهنجي منڙي، ٿورو ڌيرج. ايڏي اُبهري نہ ٿيءُ. ترس. ڏسون تہ هن ناٽڪ جو ڊراپ سين ڪهڙو ٿو ٿئي......."

"اصل باهہ ڏينس مئي کي."

ڇپ هيٺان ڏبيل: ڇپياتجندڙ

م

ريَ

وينہ

دس

ڇپ هينان ڊبجندڙ، ڇپياجندڙ:

اوندهہ ڇانيل. دز. گهٽجندڙ ساهہ. نڪرڻ لاءِ هٿوراڙيون. ڇپ ٻري. ٻري ڇپ هينان، ڇپياتجندڙ هستيءَ کي، ڇتو ڪائي ويندڙ احساس: هي بار شڪل بگاڙي رهيو آهي، سجاٽپ ڍاهيندڙ. اهڃاڻ وڃائيندڙ وزن، ڪريل ڇپ جو، جنهن جي هيٺان ڊبيل، ڇپياتجندڙ.

گهٽجندڙ ساهہ

لڇندڙ

مر

ري

وينہ

دس.

نڪرڻ لاءِ جاکوڙ. نئين اتساهہ سان. ڇپ ٻري. در پکڙيل. اونداهيونءَ اکيون. دز سان پريل سڄو وايو منڊل: ڇپ هينان آيل ڇپيٽ ۾ سڀ.

هتان نڪرڻو آهي. هن ڇپ مان ٻاهر. جنهن جي بار هينان سڄو وجود، هستي ڊبجي، ڇپياتجي، بگڙجي رهي آهي. سجاٽپ کان ٻاهر ٿيندي.

سجاٽپ ڍهندڙ

ڍهي ختم ٿيندڙ

ساهہ ٻوساتجي نڪري ويندو ۽ ختم ٿيندو

هن منجهان نڪرڻو ئي آهي

نہ تہ هي ٻوسٽ

نستائي. ساڻو ٿي ڍنل. ڪريل ڇپ هينان، ٻوساتجندڙ ساه: پکڙيل دز ناسن مان لنگهندي، ساهہ واري ناليءَ کي گهٽيندڙ.

ساه کٽڻ ۾ ڍکيائي

مرِ

ري

وينه
دس.
نئون اُنساهه اوتيل: اُٿڻ لاءِ جاڪوڙ ٻاهر نڪرڻ لاءِ. ڇپ منجهان:
آزادي. ڇپ، جيڪا سڄاٽپ وڃائي رهي آهي. ۽ سڄاٽپ جا اهڃاڻ ڏاهي.
جيئري رهڻ لاءِ ساهه جي ڇرٻر ضروري آهي. ۽ صاف تازي هوا،
ڪليل، آزاد فضا ۽ آڪسيجن
ساهه ٻوساٽجي ٻوساٽجي........
ڇپ هيٺان ڏٻيل سپ ٻوساٽجي رهيا آهن. ۽ ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي
محسوس ڪري رهيا آهن.
بس، اجهوڪي.
.........،
ڏٻ تہ!
ڪٺو!
ٿلهو مڃن وارو لڪئو!
سپ ڏبيل، جنڪي هن ڇپ جي لپيٽ ۾ آهن ۽ ڪليل فضا ۾ ساهه
کڻڻ لاءِ .... ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي ۽ جيئرو رهڻ لاءِ ساهه جي ڇرٻر
ضروري آهي. صاف تازي هوا ۽ ڪليل فضا ۽ آڪسيجن.
ڪٺا تہ!
ٿلها مڃن وارا. خاڪي رنگ جا. رت- پريل ٻوٽ ۽ مڇون بہ. لانڊين
جون لانڊيون. چمڪندڙ چنجهيون اکيون.
ڪيئن نہ ٻي اونا، ٻي ڏپا ڏکون پائي رهيا آهن. هيڏانهن هوڏانهن
تڪائيءَ سان ڊوڙي رهيا آهن. ڄڻ تہ ڪين اهم ضروري ڪم سرانجام ڏيڻو
هجي. ۽ اهو سر انجاميءَ تيندڙ ڪم آهي. ڪريل ڇپ هيٺان. ڏٻيل، ٻي
سرت پيل ماڻهن کي 'تڪڻ.' پنهنجو ڪاج ڪرڻ. اتاوليءَ ۽ هبچ منجهان،
سواءِ ڪنهن ڪهڪاءَ جي ۽ قياس جي تن جو ماس پٽڻ.
ڏپ وڌندي پئي وڃي ۽ ٻوست. ٻان، تہ دماغ جا سمورا ڳڙ ڪڙا
زمہ- سان بند ٿيندا پيا وڃن ۽ حواس وڃائبا. هي ٻوست تہ ٻنهہ
ٻوساٽجي ٻوساٽجي
مہ

ري-

....

هتان هن هنڌان نڪرڻ ڪانسواءِ. نہ تہ هن پوانتي ڏيندڙ ڏپ ۾ ءِ بوست ۾ ساهہ گھٽجي گھٽجي، لڇڻ ڪانسواءِ ئي.

هن جي پيءُ جي بادشاهي آهي. پيا رڙڪين. بي پرواهيءَ سان مرٽينگ ماڻهن کي- چيرين ڦاڙين. سندن جسمن کي ٽڪي ٽڪي، تن جي سڃاڻپ وڃائي رهيا آهن: خاڪي رنگ وارا ڪتا، بوٽ رت - پريل ، نوسي نوسي، خلق کي.

بس، ڪُتن جي حڪومت آهي. چوڦير: سندن راڄ . هن چپ ڪريل هند هينان، جتي خلق مرٽينگ حالت ۾پئي آهي: گھٽ ۾ گھٽيل، ٻاسون ٻٽ بند، اکين اڳيان دونهات، اڌ ڦاٽل وات مان ساهہ، سو بہ ڪيڏو ڏکيائيءَ سان.

ءِ هيءُ بي ترسائيءَ سان نوسي نوسي چڪ پيا هڻن. ءِ ٽڪين پيا. هن ڪريل چپ هينان، دبيل، ڦاٽل خلق کي.

عجب آهي!

چپ هينان پيل، دبيل، ڦاٽل بي رحميءَ سان ٽڪجندڙ خلق، ايڏي بي حس ٿي وئي آهي. بي سڌ: بوساتجي بوساتجي، جو احساس ئي مئل تہ پئجي رهيا آهيون. ماس پيو چنجي، انتهائي بي رحميءَ سان.

بي سڌ خلق جو ماس ڪائي ڪائي ڪيڏا نہ متارا ٿي ويا آهن ءِ رت- پياڪ، انساني ماس جا هيراڪ، جو اهو سندن جيون- شڪتيءَ لاءِ هڪ ضروري/ لازمي عنصر بڻيل. هو کهڪاءَ ڪانسواءِ ئي.

هيراڪ جو ٿيا: انساني ڪاچ جا

ڏپ تہ

ڏپ وڌندي پئي وڃي

هيءَ ڏپ بنهہ ساهہ بوساتي بوساتي

ڪتا پليگ ڦهلائيندا آهن

ڪتا

پليگ

ڪٿا

پليگ

پليگ= موت

چؤڦير موت جو وايومنڊل

مؤت ئي مؤت

هتان نڪرُڻو ئي آهي. هن چپ مان ٻاهر. هن پوسٽ مان.

نئون اتساهہ اوتيل: اُٿڻ لاءِ جاڳوڙ. اتي ٻاهر نڪرڻ لاءِ. آزاد فضا ۾ تازيَ ۽ صاف هوا ۾ ساهہ کڻڻ لاءِ، وڌيڪ جيئري رهڻ لاءِ.

جائي بہ پليگ آئيندا آهن ۽ ڦهلائيندا- جڏهن هو گهٽا ٿي وڃن. چؤڦير ڦرن، ٻي الڪا بادشاهہ بڻجي. چؤڦير سندن راڄ ۽ حڪومت. ۽ هو ظالم بڻجي ٻي سڌ ٻيل خلق کي نوسين ۽ تڪين ڪهڪاءَ ڪانسواءِ..... چؤڦير مؤت جو راڄ. خلق هراسيل.دٻل. ڪن بند. ڦٿل دوڏن آڏو اوندهہ ئي اوندهہ. حواس سُن. گهٽ ۾ ناسون بند. اڌ ڦاٿل وات مان ڏکيو ساهہ کڄندڙ ۽ ساهہ جون ناليون پوسٽ ۾-

ڏهڪاءُ

موت

..... جو چنگهڻ بہ وسري ويل

پنهنجي جيون- شڪتي وڃائيندڙ، ٻي وس ٿي ٻيل ۽ ٻي حس.

جو-

احساس مئل. جيئرا ساهہ: انسان: چپ هينان چيپاتجي چيپاتجي، پنهنجي حياتيءَ جو جوهر، سڃاڻپ، شڪل شباهت وڃائيندڙ.

هي تہ ٻيا ٻيا اچن!

قطارن جون قطارون!

خاڪي رنگ وار: پليگ ڦهلائي انساني جيوت کي ناس ڪندڙ، وسنديون ويران ڪندڙ.

الله! منهنجا ڏٿي

....

جائي بہ هنن کي هيـر پئـجي ويئي آهي: انسان کي ٺُڪي ٺُڪي، ڇيچاڙي ڇيچاڙي، ٻي حرمتيءَ سان ڪائڻ جي ۽ نُوس نُوس ڪري.

اهي تہ جيئرا رهي نہ سگهندا. جيڪڏهن انهن کي ٽُڪڙ لاءِ ۽ ڪاج لاءِ جيئرا جاڳندا انسان نہ مليا. ساهہ وارا انسان. سندن جيئري رهڻ لاءِ انسانن جو ڪاج ضروري آهي. نہ تہ هو. رهي نہ

هيئنر تہ هنن کي بل مليو آهي: سهٽو وجهہ: چپ هيٺ. دبيل. قاتل خلق کي سولائيءَ سان پنهنجو ڪاج بنائي سگهن ٿا. ۽ ڪائيِ رهيا آهن ۽ چپ هينان دبيل خلق کي ٽُڪي ٽُڪي جاوا ڪري رهيا آهن. ماس رڙڪي، چِني پٽي، بي وس خلق: جنهن جي چنگهہ بہ، هن چپ هينان دبيل، سندن وجود وانگر، چيپاتيل.

پوءِ موت اوس: جي ائين لڳاتار چپ مٿان رهي انهيءَ دبيل بنهہ ماري.

جي جيئرو رهڻو آهي تہ: هن چپ منجهان نڪرڻو ئي پوندو.

نہ نہ

الله! هيءُ بوست بنهہ ماري ڇڏيندو

بنهہ

ما

ري

بوسانجي بوسانجي

۽ چيپاتجي چيپاتجي

سجائپ وجائجي

مہ

ري

پر

نہ

ڪٽڪو

”نيٺ ڇا ٿيندو؟

”جيڪو ٿيڻ گهرجي.“

”تون تہ اجايو....“

"او، منـــزي ڪاوڙج نہ. منهنجو مطلب آهي. هتي، هن ملڪ ۾ ايندڙ هر تبديلي تاريخ جي عمل کي پوئتي ڌڪو ڏيندي رهي آهي. بد کان بدتر.بدتر کان بدترين حالتن ڏانهن. ظاهر آهي، هڪ اسپاويڪ جوڙجڪ ۾ حالتن جو نتيجو گهوٽالن جي پنور جي روپ ۾ ئي........"

"مهرباني ڪري اهو ليڪچر بند ڪر. مونکي تہ نپ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ تون چوين ڇا ٿو، چوڻ ڇا ٿو چاهين."

بيزاري.

"اوه! تون وري ڪاوڙجي وئينءَ. منهنجو مطلب آهي..."

"پتين کي ڪن آهن."

ٿنول

"ها پـتين کي... جن پـتين کي نہ در آهن نہ دريون ۽ جن جي اندر اسين قاتل آهيون. تريجدي تہ اها آهي، جو اسين پتين سان متو بہ نٿا ٽڪرائي سگهون."

چپ. گهري، اونهي ويچار ۾ ورتل.

"نيٺ اسانجو ڇا ٿيندو. اسان سنڌين جو."

ڳٽتي.

ٽهڪ: "ڇري آهين. بابا، اسين مسلمان ٿينداسين نہ."

وڏو ٽهڪ. لاڳيتو.

"تہ هينئر اسين مسلمان ڪونہ آهيون."

بيزاري.

"سنڌي تہ آهيـون نـہ. ۽ سنڌي هجڻ هڪ اسلامي فعل آهي. ڇا سمجهيئي. اسان پڪا مسلمان تڏهن ٿي سگهون ٿا. جڏهن پاڻ کي ڊي-سنڌيلائيز- ڇا سمجهيئي: بنهہ اڻ- سنڌي ڪري ڇڏيون."

"چون ٿا تہ هيءُ بہ انهن جو ماڻهو آهي."

"اتي ايندڙ هر ماڻهو انهن جو ئي هوندو."

"او- منهنجا ڏٽي تون خيـر ڪج. هتي ڪڏهن بہ سک جو ساهہ ڪونہ کنيو اٿئون. او ڪڏهن بہ نہ."

"سک جو ساه تہ ڪڏهن اچـو ئي ڪونهي. هنن کي اوس مـارو ڪرڻو آهي. ۽ اسانکي ان ماري جو اوسيئڙو، ۽ ان اوسيئڙي جي پوڳنا.

(جنهن کي اها سرت آهي. اهڙي سرت)"
"چگو چگو. ڪا چگي وائي ڪد."

Sindhis: in the trap of Genocide.

وقتائتو موضوع آهي. جيڪڏهن ان تي کوجنا/ اپياس ڪجي.
ڏڏندڙ بالڪونيءَ ۾ اُلر ڪندڙن جو اوسيئڙو
بالڪوني ڏڏي پئي.

تہ هو اچي رهيا آهن: مٿان ڪڙڪڻ لاءِ جهٽ هٽي مارڻ لاءِ. هنن کي اوس اچڻو هو- ۽ اچي پهتا آهن . بالڪوني ڏڏ ي پئي.جاءِ جون پاڙون ڏڪي رهيون آهن.

(ڏڪي رهيون آهن!)

(تہ ڪين ساهہ آ چا؟)

نہ، ڏهڪاءُ ڪان. جيڪو هن ڌرتيءَ سان ٿيندو رهيو آهي- اگهاڙو ڏهڪاءُ.

پوءِ بالڪـــوني ڪري پوندي. ۽ ڪن پل ۾ دبجي ويندس. هيءَ بالڪوني، جنهن ۾ موڙهي تي وينو آهيان. ۽ پنهنجي جمار جون ڪيتريون اڻ وسرندڙگهڙيون هتڙي گهاريون اٿم. ڊهي پوندي. ۽ پٽ تي پيل جاءِ جي پنجوءَ هينان پوساتجي

بالڪـــوني ڏڏي پئي ، بادل جي دهڪي ڪارڻ مـــان ڏڏي رهيـــو آهيـان. انڪري ڏهڪـاءَ ڪان ۽ انهيءَ گهڙيءَ جي پوَ ڪان جڏهن هو، سر مٿان اچي ڪڙڪندا ۽ پوءِ جيڪا حالت رهي÷

سٺاتو ڊوڙي ويو، ۽ وار ڪانداريل. پر ڇا ٿو ڪري سگهجي. هنن حالتن ۾ ائين اوس ٿيڻو آهي.جڏهن هو سر مٿان اچي ڪڙڪندا ۽ پوءِ هيءَ بالڪوني ڪري پوندي. جاءَ جون ڀتيون ڊهي پونديون. روح راڙي جي اُپ ڏاريندڙ وير چڙهندي. پوءِ ائين ختم ٿيندي، اوچتو، جٽڪ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو! هي ســموريون جايون، گـهـر ڊهي پوندا، ۽ هتي هڪ دڙو ٿي ويندو..نابود. دِنل جاين جو دڙو... پوءِ اڳتي هلي سـپـيـتا جا مـاهر لکندا: هتي هڪ شهر آباد هو. هتي جا رهواسي ڏاڍا قربائتا، امن پسند هئا. سادا، مهمان نواز. هنن ڪڏهن بہ اگرائي ڪري، ايندڙ مارو ڪندڙن سان سينو نہ ساهيو. هٿائين هنن جي ماري جو بي چينيءَ سان اوسيئڙو ڪندا رهيا: تہ

ڪڏهن تائين ڪڙڪن. هو اُلر ڪندڙن جي آجيان ڪندا هئا. ديڳيون چاڙهي. پنهنجي سائي ڇهچ ڌرتي هنن جي حوالي ڪري- هيءُ لاش،جيڪو پانئجي ٿو تہ بالڪونيءَ ۾ بيهي/ ويهي ٻاهر جو ڏيک پسي رهيو هو تہ حملو ڪندڙ اچي ڪڙڪيا ۽ ڪيس پڇڻ جي مهلت بہ نہ ملي ۽ هي اتيئي.

چون ٿا تہ موهن جي دڙي وارن رهواسين ۾ بہ ائين ٿي، جيڪي جتي هئا، اتيئي ڇپجي، جن پڇڻ جي ڪئي سي درن جي چائنن وٽ ئي. پانئجي ٿو تہ اها آفت اوچتو ڪڙڪي هئي. اها آفت اتر ڪان آيل آريا هئا. (يا درياهہ جي اٿل يا زمين جي ڏوڏ؟) پر دڙي جا رهواسي ان آفت ڪان اڻڄاڻ هئا. بي سرتا. هنن جي گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ: ڪوءِ اتر ڪان آيل آريا ائين اچي ڪڙڪندا. سگهارا. جنگجو آريا ۽ بکيا.

پر مونکي سرت آهي:.هنن کي اوس پڄڻو آهي. هي اوسيئڙو ختم ٿيڻو آهي. دل جو دهڪو.... اک جي ماڻڪيءَ سان پڌري پٽ ڏسان پيو: چوڦير ڦرن پيا. رڳو هنن کي هوڙهيائي ڪري جهٽ هڻڻو آهي. سڀ ڪجهہ تاراج ڪرڻ لاءِ

نالن جون لسٽون

پڪي خبر آهي

هٿن ۾ سنگينون. گهوڙن تي. جيپن تي، خاڪي ۽ سائي رنگ سان ليپيو ڏنل جيپون، ٽرڪون ۽

در جو وات ڦاٽل ئي هجي. تاڪ پٽيل. اوسيئڙي جي اوس ڇڄائي ٿيندي ۽ پوءِ هڪ بيو دڙو.

پر موئن جي دڙي وارن رهواسين ائين اوسيڙو ڪونہ ڪيو هو. هيءُ اوسيڙو ڪيڏي نہ ذهني پيڙا ڏيارينڌڙ آهي! روحاني ايذاءُ. پوري تنتي- سرشتي کي نپوڙيندڙ. ڇا ان ڪان بہ وڌيڪ ڪا سزا ٿي سگهي ٿي: پوري سرت، هوش حواس ۽ جاڳرتا سان تاراج ڪندڙن جو اوسيڙو ڪرڻ؟

گهرڙات وڌندا پيا وڃن. خاڪي- سائي رنگ سان ليپيو ڏنل، جيپون، ٽرڪون زوڪاٽ ڪنديون- بالڪوني ڏڏي پئي. ۽ چابوڙن جو ڪرڻ، سياٽو پيدا ڪيو ڇڏي. ۽ هينئين ۾ اندر اونهون، ڌٻ جو ڪرنت. چٽڪ پورو جسم. پر ائين اوس ٿيڻو آهي. اها سرت رکندي بہ. ڪٿي پاڻکي ڪيترو ريشنلائيز ڪيان، ڌپ سياويڪ آهي- ۽ رت جو سڪي وڃڻ: ۽

منهن جو پنو لهي وڃڻ: جنهن کي آئيني ۾ ڏسڻ کان سواءِ، ڏسي سگهان ٿو. رت- نيوڙيل، اڇا چمڪي کان واجهيل دوڏا. جيڪڏهن منهنجي هستيءَ جو اهو ڀاڱو: جيڪو ريشنل سوچ سان لاڳاپو رکي ٿو، تنهن ايندڙ آفت کي ڪٽي ذهني طور قبوليو به هجي، هڪ اڻ ٽر حقيقت سمجهي ڪري. تڏهن به حسياتي سطح تي ايذاءَ جي چلڻندڙ وهڪ ۽ ڪنبڻي ۽ ان جو پيڙا پريو احساس سياويڪ آهي. ۽ ان کان وڌيڪ: ان احساس جي وڌيندڙ سرت ۽ گوڙ!

ته هو اچي ويا؟ خاڪي- سائي رنگ سان لنبيل جيپن جون لانڊون. سنگينون تاٽيل. خلق جا انبوهه. گوڙ وڌندو پيو وڃي.

اچي ويا

(ڪنبڻيءَ تي ضابطو رکڻ گهرجيم)

(پر اها منهنجي وس جي ڳالهه ناهي)

منهنجي ٽريجدي اهائي آهي ته مان سڄاڻ آهيان. جيڪو اوس ٿيو آهي. ٿئي پيو: سڀ ڪجهه تاراج ٿيندڙ. انهيءَ کان ته ڪيئن ناس.

(هيءَ سوچڻ جو وقت ناهي، اها سوچ ڪمهلي آهي)

(سمجهان ٿو)

پر هيءَ پوري خلق ميدان ۾ گڏ ٿي رهي آهي! درين مان، درن جي چيرن مان عورتون ڏسي رهيون آهن ۽ بالڪونيون پريون پيون آهن. رونشو ڏسڻ لاءِ: ته اڄ ڪنهن بئي جي ڦٽي آهي.

رونشو ڏسندڙن جي آڇ ته! هشام:

رت- نيوڙيل مهاندا.

پنهنجي تعديءَ جو رونشو ڏسڻ لاءِ ڪيئن آجيان ڪري رهيا آهن!

اکين ۾ دٻ جا ڀاڇولا

پوءِ به ٺهڪ!

وچ تي ٽياس ڪوڙيو اٿن:

گهٽا ڦٽڪا هٿندس: پنج، اٺ، ڏهه....

سموري خلق جا کلها جهڪيل. رت- نيوڙيل مهاندا. لڳي ٿو ته سندن پوري جسم جو وزن: پيرن ۾ اچي گڏ ٿيو آهي ڳوڙيون وڪون: واپس

ورندڙ.

جهڙوڪ هارايل جواري.

نہ چا ڪين بہ ڊپ آهي، هڪ ڏينهن سندن بہ وارو ايندو يا

پر هيءَ تہ ڪلن پيا! ٺهڪ پيا ڏين! تاڙا پيا ملائين. ۽ نعرا پيا هڻن. پڪ ئي ڪين مزو آيو هوندو. تسڪين ملي هوندن. ڪيڏو نہ تسڪين ڏيندڙ ۽ روحاني خوشي بخشيندڙ ڏيک آهي: ٽياس سان ٻڌل انسان، اونڌي منهن. پنن تي ڦٽڪا: هڪ، ٻہ ٽي، چار.... زوم سان.

تہ هن هنڌ جو، ۽ هن جاءِ جو اهو مول متو آهي ۽ دستور تہ پنهنجي تعديءَ تي تاڙيون وڄايو. ۽ ڏجهيون هڻندڙ انسان تي سڏڪن ڀرڻ بدران ٺهڪ ڏيو. وياڪل ڳوري من جي بار هيٺان ليٽڙاٽيون پائڻ بدران وڏا وڏا ٺهڪ. اهو رواج آهي ۽ مقدس قانون.

ڪلاڪ اڳ: ميدان ۾ جي ماڻهو ڳاهٽ اچي ٿيا ها: سَي ڳورن قدمن سان واپس، پنهنجن هنڌن ڏانهن وريا آهن. ميدان خالي آهي. ٻسو ۽ سنسان. هن ميدان جي رونق تڏهن ئي واپس اچي سگهي ٿي، جڏهن هتي ٽياس کوڙيو وڃي، ۽ ڪنهن انسان کي اونڌو ٻڌي ڦٽڪا هنيا وڃن، يا هن دکيءَ تي ڪنهن جو هٿ وڍيو وڃي.

هٿ- وڍيل کي هينئر اسپتال داخل ڪيو ويو هوندو. اها انسان- دوستي آهي. ۽ مقدس فرض جي پوئواري. هڪ ڏوهاريءَ کي سزا ڏيڻ کان پوءِ، اڻ- وڻندڙ ايذاءَ وارن نتيجن کان بچائڻ واسطي، اسپتال ۾ داخل ڪرڻ هونئن بہ چون پيا تہ اينيسٿيزيا ڪري ئي هٿ وڍيو.

اها انسان دوستي آهي. ۽ مذهبي رحمدلي: سائنسي ڪوجنائن جو انسان جي ڇگ- ڀلائيءَ لاءِ استعمال. جيئن هو سک ۽ آرام سان مليل ايذاءَ کي

ڪيس چڱيءَ طرح سجاڻان. هينئر جڏهن هو اپاهج ٿيو آهي، وري چوري نہ ڪندو. ڪوبہ ڏوهہ نہ. ۽ هو ڦٽڪن وارو ڪابہ خلاف ورزي نہ ڪندو. اسانجو معاشرو هڪ ڏوهاريءَ جي لعنت کان بچيو: ۽ اهڙي ربت پاڪ

جڏهن ڪوبہ چور نہ هوندو. رڳو اپاهج هوندا. ۽ چينهون چينهون

تيل بڪين وارا. هينئر اسپتال ۾ سندس ٻار ۽ زال روئندا هوندا. سُڏڪا ڀرينداَ. هنن ماني ٻـ ڪاڏي هوندي يا نـ ماني هٿ ڪندڙ هٿ وڍجي ويو جيڪو هٿ چوريءَ ماني حاصل ڪندو هو. هنن کي هينئر بک مرڻو پوندو. جو چوري تيل ماني کائي نـ سگهندا. جو چوري ڪرڻ ڏوهـ آهي. ڏوهي هٿ وڍيو ويو آهي- ماني حاصل ڪندڙ هٿ. جيڪو چور آهي

بالڪوني ڏڏي پئي!

(يا منهنجو وهم آهي)

پر نـ، وهم ناهي. هنن کي اوس اچڻو آهي. بلڪ اچي ويا آهن. رڳو مارو ڪرڻو آهي ۽ اُلر. ڪن پل ۾ سڀ ڪجهـ ناس ۽ مان بـ. پوءِ هو پنهنجي مراد آهر نئين سر اڏاوت ڪندا. هيءَ بالڪوني ڪري پوندي. جايون ۽ هيءُ سڀ ڪجهـ. جيڪو جڳن کان بيٺو آهي. ۽ جن جي تاريخ آهي. هنن جي جوڙيندڙن جي تاريخ

هنن کي اوس مارو ڪرڻو آهي. ۽ سڀ ڪجهـ ناس ۽ پڄاڻي آڻڻ لاءِ ۽ سڃاڻپ وڃائڻ لاءِ. تاريخ جي سڃاڻپ

هيءُ گودوءَ وارو اوسيڙو ڪونهي. انهن جو اوسيڙو جن کي اچڻو ناهي. پر هنن کي اوس اچڻو آهي. اچي ويا آهن. رڳو ڪڙڪي مارو ڪرڻو آهي. موئن جي دڙي وارن سان بـ ائين ٿيو هو.اُپ ڪريو. رتوڇاڻ ٿي ۽ اپ ڏاريندڙ دانهون ۽ ڪن پل ۾. هنن کي بچاءِ جو وجهـ ئي نـ مليو. پر مياڻيءَ وٽ ويساهـ گهاتي ڪري ۽ ان ڪانپوءِ

پر منهنجي تربجدي اها آهي تـ مان سڃاڻ آهيان: اهو سڀ ڪجهـ تيڻ کان سڃاڻ. ۽ ان جي سرت رکان ٿو ۽ محسوس ڪيان ٿو ۽ اوسيڙو نـ

پڙ نـ، هيءُ باهيون نـ لڳائيندا. هنن کي باهين لڳائڻ جي لوڙ نـ پوندي. هيءُ مهذب آهن. ۽ تاريخ جي تجربن منجهان مهارت حاصل ڪيل تـ کهڙي ريت- ۽ هنن کي جن شين جي گهرج آهي، چپ چپاپ ۾ لڳائي رهيا آهن. هڙپ ڪري. هنن کي هن ڌرتيءَ جي ۽ انهن جي وسيلن جي گهرج آهي. سا ڳڙڪائي رهيا آهن.

A land without a people, for the people without land.

ها: مهونين جو متو: ڌرتي، ڌرتيءَ وارن کان سواءِ- ڌرتيءَ وارن

جي. ڳڙڪائي رهيا آهن. چپ چاپ ۾ ڍڪ ڏئي، پوءِ ڪلم ڪلا البت هنن ڪي انسانن جي گهرج ناهي. هتي رهندڙ انسان. ڌرتيءَ سان ڇهتيل. پنهنجي ڌرتيءَ سان. جنهن کي ماءُ سمان سمجهن. اهي هتي بار آهن. وذيڪ، واڌو ۽ اڻ- وڻندڙ.

پوءِ باهيون جو لڳائين ۽ اهڙي رتوڇاڻ

زوڪات-

گهرڙات وڌندا پيا وڃن. بالڪوني ڏڏي رهي آهي. چاپوڙا ڪرن پيا. چاپوڙن جو ڪرڻ، -هڪاءُ جي سير. سياڻو: پوري جسم ۾. پر ائين اوس ٿيٽو آهي. هنن حالتن ۾، جڏهن تہ

هيءُ اوسيڙو اوس ختم ٿيٽو آهي.

تي سگهي ٿو تہ هيءَ جنهن ڍڪ سان گهڙيا آهن، تيئن رهن. ۽ جيئن رهي رهيا آهن، آهستي آهستي ڪري، اندران ئي اندران پورو ڪري، جڏهن موئن جي دڙي واري شهر ۾ آيا هئا، تن بہ تہ- پوءِ هوڙهيائي ڪرڻ، گهڙي اچڻ، مارو ڪرڻ ۽ پوءِ جڏهن جمي ويا، هٿ سان ڌرمي شاستر جوڙيائون ۽ مول متا. ويد، سڀ ڪجهہ پنهنجن هٿن سان جوڙي، انهن جي آڌار تي هتان جي دراوڙن جي سوچ جي اڏامر تي پوتر ڌرمي شاسترن جي منترن ۽ شبدن جا جنجير وڌا. ۽ پيرن ۾ پيڙا. پوءِ جيڪي ڊوهہ ڪندا هئا، تن کي آريا پنهنجن هٿن- جوڙيل ڌرمي شاسترن منجهان مول متا چوندي، متن لاڳو ڪري سيڪيتون ڏيندا هئا. ماربندا هئا ۽ جيڪي اڻ وڻندڙ هئا تن کي ڪاٽ ۾

آواز ويجها ايندا پيا وڃن بس جاڻ، ڪڙڪي هڪ ئي اُلر سان

مارڪ ڪندڙن جي جوڙيل مول متن جا ماربل. جيڪي هنن پنهنجن هٿن سان جوڙيا.

در جو وات پٽيل ئي هجي. تاڪ ڦاٽل. اوسيڙي جي اوس پڄاڻي ٿيندي. پوءِ هڪ ٻيو دڙو اسانجن موئن جي دڙي وارن ائين اوسيئڙو ڪونہ ڪيو هو. پيڙا پريو اوسيئڙو. هيءُ اوسيئڙو ڪيڏو نہ پوائتو آهي ۽ عذاب وارو.

پر ٻيو دڙو نہ نهندو. هنن کي دڙن جي گهرج ناهي. هو پنهنجي مراد

ماڻڻ لاءِ پنهنجن ئي هٿن سان جوڙيل مول متن وسيلي ۽ انهن ۾ تقدس جو رنگ پري، پيش ڪري.

هيءَ ميدان ڪيڏو نہ سنسان پيو لڳي. ٻاڙو. لڳي ٿو هن ميدان جي سونهن سوپيا ۽ رونق ئي انهيءَ ۾ آهي نہ هتي ٿياس ڪوڙبا وجن. انگاس اُيا ڪيا وجن ۽ انهن جي چمڙيءَ ڪي

تعجب آهي. ٽڪ بہ نٿو ٿئي. جيتوڻيڪ ٽڪجڻ گهرجي. اوسيئڙو ئي اهڙو آهي. ٽڪائيندڙ. پر ٽڪ نٿو ٿئي. اهڙي قسم جي سزا. اها سرت اٿم هٿن کي مارو ڪرٽو آهي. ۽ ماري جي هن اوسيئڙي ۾ ذهني ۽ جسماني ۽ روحاني طور لوئجي پوئجي. هيٺو ڪري، بي ستو، بي هونشو

بالڪوني ڏڏي رهي آهي. اوهيو اچي رهيا آهن. جو هٿن کي اوسُ اچٽو آهي. بلڪ اچي ويا آهن. نلهو اُلر ڪري مارو ڪرٽو

بالڪوني ڏڏي رهي آهي.

شايد ٽينڪن جي قطار پئي اچي.

ٽيچرس روم

"اهو تو صحيح پڌو آهي: لسٽون پيوُن نهن. انهن سيني سنڌين جون، جيڪي اڪ ۾ ٽيل آهن."

"سائين پوءِ نوڪري....."

جملو اڌ ۾ ڪٽيندي:

"ايڪٽيهن سالن جي عرصي ۾، ڪنهن کي کهڙي سلامتيءَ جو پورو ويساهہ رهيو آهي. هميشہ خطري ۾ - دائمي خطرو. هٿرادو پيدا ڪيل ۽ جهٽيل. هٿن کي پنهنجن پرماري فائدن لاءِ ائين اوس ڪرٽو آهي نہ نہ جيئرا رهي نہ سگهندا-

"ڪو ڪتو؟"

"نہ سائين. ڪوبہ ناهي."

"تڏهن بہ پتين کي ڪن آهن. ۽ هن ملڪ جون پتيون ئي ڪنن واربون آهن ۽ اکينَ واربون. سو مؤن توسان ڳالهہ پئي ڪئي. اسان جو وجود ئي غير سلامتَ آهي. تون نوڪريءَ جي ڳالهہ ٿو ڪرين. هتي رياستي سطح

تي ٿيندڙ هر تبديلي تاريخ جي عمل کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ ايندي آهي. جو ان ۾ ئي هن ملڪ جي جياپي جو راز لڪل آهي. حرامي کان وڌيڪ حرامي. ۽ هر تبديلي اسان جي لاءِ،سياڻو پيدا ڪندڙ: نيٺ ڇا ٿيندو؟"

"پر منهنجا نوجوان ۽ ڳڻتيءَ ۾ ورتل دوست! اسان لاءِ بنيادي سوال آهي ته اسانکي نيٺ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پنهنجي جياپي لاءِ. سنڌ ڌرتيءَ جي ناتي، سنڌيءَ جي حيثيت سان پنهنجي اهڃاڻن کي جيئرو رکڻ لاءِ. پنهنجو پاڻکي."

"سائين، مون جيڪا اوهان سان ڳالهه ڪئي هئي، ته منهنجي ڪيڏ. ڪلهه به هڪ همراه. جڏهن مان ڪاليج مان نڪتس ته...."

"ها. هو وڌيڪ چست ٿي ويا آهن. ائين چئجي ته چتا ٿي پيا آهن. انسانيت جا سمورا ليڪا ڊاهي. هتي انسان کي، انسان جي حيثيت سان، جيئڙي جاڳندي انسان جي حيثيت سان نه. بلڪ اڪين هوندي انڌي چئيوان جانور جي حيثيت سان رهڻ لاءِ حالتون پيون ناهيون وڃن. جنهن ۾ هتي رهندڙن جون شڪليون ته انساني هجن، پر روش جانورن کان به ويل."

تپيءَ ۾ پيل: سانت. سانت ۾، آڱرين مان نڪاءَ.

سانت ٽوڙيندي:

"ڪاٿون پيرڊ پيو هلي؟"

"سائين منهنجي خيال ۾ پيو آهي."

"هون."

سانت.

سانت کي پڇندي:

"ڪيترن ڏينهن کان مان اردو اخبارن ۾ هيءُ پيو پڙهان ته: هندستان ڏانهن اچ وڃ لاءِ آفيس اسلام اباد کان ڪراچي آندي وڃي، ۽ ٽپال خرچ گهٽايو وڃي. ها هندستان سان. ڇا تو پائئين. ۽ هڪ پڙهيل ڳڙهيل سنڌيءَ جي حيثيت سان مان چوان ته: سک ياترين وانگر هندستان جي سنڌين کي به لال سائين جي ياترا ۽ پٽ شاهه جي زيارت لاءِ سهولتون ڏنيون وڃن ته پائئين ٿو ته منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو. نيٺ ٻاهر رهندڙ سنڌي پنهنجي سنڌ جي پوتر هنڌ جي ياترا لاءِ چو نه ٿا اچي سگهن؟ جيڪڏهن

هتان، اِجمير ڏانهن وڃي سگهن ٿا؟"

"ها سائين، اهو ٻڌائڻ مونکان وسري ويو ته، ٻه هفتا اڳ مون ڏانهن هندستان مان ڪي سنڌي رسالا آيا هئا. ٻئي ڏينهن نڪ سي. آءِ. ڊيءَ وارو گهر آيو. چي:......."

"پيارا. مان سڀ ڄاڻان ٿو. سڀ، اسين اکين ۾ تيل آهيون نه. ۽ جيڪي اکين ۾ تيل هوندا آهن، تن سان ائين ئي ٿيندو آهي. تون چڱيءَ طرح سمجهي سگهين ٿو ۽ اسين سڀ اڻ-ڄاڻ ناهيون ته، هتي هندو دشمنيءَ جو ڍهل ٻڌي ڪيئن اسانجي خلاف ڪات ڪهاڙا کنيا پيا وڃن. ته تون ۽ مان اينترا ڇَسا آهيون جو، انهن هلڪڙين بدمعاشين کي به نٿا سمجهي سگهون؟

نه، ائين ناهي. سڀ سمجهون ٿا. پر واڙيل آهيون. هر طريقي سان. اهڙي چوديواريءَ اندر واڙيل، جنهن ۾ نه در آهن نه دريون. انهن ساه بوساٽيندڙ پٽين تي نڱڻ لاءِ مذهبي آيتون اڪريل. پر اِهي آيتون آڪسيجن ناهن. ۽ اهي پٽيون اسانجن احساسن کي قيد ۽ بند ڪري نٿيون سگهن. جنهن اُحساس سوچ مان اسين سڀ گذرون پيا. اهي وڌيندڙ احساس ۽ سوچ اسانجي وجود ۾ ڳجهي سير وانگر اندران ئي اندران وهي رهيا آهن.

"ها، تو پنهنجي نئين مقالي جو موضوع ڪهڙو ٻڌايو؟"

"سنڌي: نسل ڪشيءَ جي ڪوڙڪيءَ ۾'. سائين. مون ڪافي ميٽر گڏ ڪيو آهي ۽ حقيقتون: تيزيءَ سان ڦرندڙ آباديءَ جو ڪمپوزيشن' اڻ- سنڌي(De Sindhalize) بنائڻ جو شعوري عمل، ايٿنيڪلي سنڌين کي ناس ڪرڻ ۽ سنڌن سڃاڻپ وڃائڻ ۽سماجي- سياسي طور ڪين ايمپوٽنٽ ڪرڻ، سنڌي وڏيرا، پير، جيڪي چڙهندڙ ڏر جو ساٿ ڏيندا آهن- جو ڪردار، سنڌين ۾ پنهنجي ڌرتيءَ تي اوپرائپ جو احساس ۽ ڪين ڊي- گريڊ ڪري...."

"يلا سنڌ کان ٻاهر، هند ۾ دنيا جي ٻين سنڌن تي رهندڙ هنڌين جو ذڪر ڪيو اٿئي يا جائزو؟"

"ها سائين"

"نه سائين."

"تمام ضروري آهي. نيٺ هو به ايٿنيڪلي سنڌي قوم جو اڻ-

ڇڇنڌڙ حصو آهن. هن کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي! نيٺ هن تاريخي عمل ۾ سنڌن وجود به ته ڪا حقيقت رکي ٿو يا نه؟ ۽ سنڌيت جي احساس ۽ شعور جو ڀاڱو آهن يا نه- هان؟"

"ها سائين."

"وقتائتو موضوع آهي. وقت جو احساس ڪرڻ به زندگيءَ سان انساهه جو اهڃاڻ آهي. پر ڇيجي سگهندو."

"سائين ڇئي نٿو سگهجي."

"هنڌ"- مرڪ، نئول واري.

"اسان لاءِ، اڄ جي نسل لاءِ، جيڪو تاريخ جي فيصلي ڪنڌڙ موڙ تي بيٺو آهي ۽ رهڻ يا نه- رهڻ جو فيصلو ان کي ئي ڪرڻو آهي- تنهن لاءِ سوچ جو هيءُ نقطو آهي: نيٺ سنڌي احساس جي پوڳينڌڙ سطح ڪان اُپري، تنظيم جي روپ ۾ ڇو ڪونه نمايان ٿي بيٺا آهن؟ هڪ اثرائتي منظم سگهه جي حيثيت سان؟

اڳواڻن جون ويساهه گهاتيون؟ قومي اڳواڻ: جن جي سياست سنڌ کان وڌيڪ، سنڌ جي نالي ۾ پنهنجي ذات جي تسڪين لاءِ. سياست محض سياست ڪرڻ لاءِ، نه مقصد ماڻڻ لاءِ. پليخانوف ۽ ٽراٽسڪي به هئا، پر لينن سوپارو ويو، ۽ لي لي سان چين تيو هشو به هئا، پر مائوزي تنگ سوپارو ويو. نيٺ ڇو؟ خاص ڪري قومي تاريخن ۾ قومي شخصيتن جي جڳهه سنڌن سوين سان لاڳاپيل هوندي آهي. پر جي.ايم. سيد جي ناڪامين پنيان ناڪامي لاءِ ڪنهن سوچيو آهي؟ سوچڻ گهرجي. نه؟"

"ها سائين."

"نوجوان، دوست . اسانجي ٽريجڊي اها به آهي ته، اسين صحيح قومي اڳواڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻندا رهيا آهيون."

"اڃا تائين. واجهائيندڙ. وائڙا. آسائتا. انڪري ويساهه گهاتين جا ماريل. ون يونٽ ناهيندڙ ڪهڙي کي جاٽي ورتوسين، پر ساڳئي ڪم کي مڪمل ڪندڙ ڀهروپئي ٻني کي سمجهي نه سگهياسين! ها. اڃان تائين اسين واجهائيندڙ آهيون...."

"شايد هي ٿيون پيرڊ شروع ٿيو آهي."

"ها سائين."

"ڇگو مان هلان ٿو. ڪلاس ونٿو اٿم. تون ڳڻتي نہ ڪر. لسٹون تہ نهندبون ئي. ائين اوس ٿيٹو آهي. ۽ وڌيڪ اهم تہ: تون سمجهي سگهين ٿو. ڪيئن نہ اسين اڄ ڪوس گهر ۾ قاتل آهيون."

ڪوسَ - گهر

رت بوءِ: ناسن ۾ گهڙي ويندڙ.

تنگيل سجايل، لٽڪندڙ، ڪلن لٽل گوشت جا لوٿڙا.

ساهہ بوءِ. ساهہ بُو-

"منهنجو تہ هنيانءُ ٿو ڪچي ٿئي."

"مون توکي چيو تہ هو تہ مان پاڻهي ٿو گوشت وني اچان. تون ڪاسائين آڏو دل جهلي نہ سگهندينءَ."

"مٺا گوشت تہ ڪيئن ٿا چيرين."

رت- نيوڙيل منهن. دل ڪچي: ٿڪ. گجيدار ٿڪ.

"ڪهڙن سوچن ۾ گم آهين؟"

چرڪ.

"ڪجهہ بہ نہ. چا توکي رت جي بوءِ اچي ٿي؟"

سنگهڻ. وري سنگهڻ. رت- بوءِ جي موجود سچائيءَ کي ساپيان پائڻ لاءِ.

ٿهڪ.

مرڪ: ڪڪو وکو ٿيل

"تون ڪلين ٿي!"

"نہ تہ ٻيو رڻان. ڪڏهن توکي رت- بوءِ اچي ڪڏهن ڪو ڪيڏ نہ ڪڏهن خاڪي رنگ وارا ڪٺا."

ٿهڪ.

"تون ڪلندي ڪيڏو نہ سهڻي-"

پاڪر. چيلهہ ۾ وڪوڙجي آيل ٻانهن جي ٻل ..-ر. مٿي ڪنيل. چميون.

لڄ جي ڳاڙهاڻ لوهہ پائي ويل

ڳالهہ ٽارڻ لاءِ.

"چڱو چڱو هاڻي بس. ٻڌاءِ گوشت ۾ پٽاٽا وجهان يا ائين ئي پچي- پر نہ، اج موڪل جو ڏينهن آهي. منهنجو خيال آهي تہ پلاءُ ٺي ڪري....."

"تهڪ ڏيڻ مهل تهنجن ڳٽن جو چڳهہ ڪيڏو نہ-"

"ء مان جو هيءُ بڪواس پئي ڪيان."

"اوه مني. توتي چڏيل آهي. جيڪو جيئن چاڙهين. مونکي تہ تنهنجن هٿن جو......."

"چڱو چڱو اُفت مار عاشق. هاڻي تون آرام ڪر يا اخبار پڙهہ تہ مان رڌڻي مان واندي ٿي وڃان."

"وجي ڪيڏانهن ٿي:"

پڪڙيل ٻانهن. پانڌ ڏانهن ڇڪ. پاڪر جي وڪڙ ۾. ڳلن تي هٿ.

ڇهاءُ: ڳل ڪونئرا. ارهن ۾ هٿ. ڇهاءُ. ارهہ ٿلهڙا.

ڇهاءَ ۾: ٿلڙائپ ۽ ڪونئرائپ ۾ فرق جو احساس ختم ٿيل.

"سچ چيو اٿن، واندڪائيءَ ۽ اڪيلائيءَ ۾ شيطان......"

"جيڪڏهن شيطان هن سونهن- رس جي احساس کي اجاڳر ڪري ٿو تہ سندس وڏائيءَ کي سلام آهي"

"چڱو چڱو هاڻي شيطان جا- مونکي دير ٿي ٿئي."

ارهن تي هلڪو هلڪو زور ڏيندي، دٻائيندي:

"هيءُ ٿلهڙا ٿي ويا آهن؟"

لڄ جي لالائي اونجي آيل:

"انکي پاڻڻ چڏي ڏني اٿم نہ. گرميءَ ڪري."

مٿو سيني تي رکيل.

ارهہ ٿلهڙا. ڳلن جو گوشت ڪونئرو. ڪونئري- ٿلهڙي گوشت جا لوڙا/ ٽڪر ٽنگيل. رت- بوءِ ناسن ۾ گهڙي ويندڙ.

اشهد ان لا الله الله ؤ ان محمد......

ڪاسائيءَ جي هٿ ۾ ڪاتي. ڇيلي ڪي سير.

"بابا ڪاسائيءَ کي ڪهل نٿي اچي؟"

"نہ پٽ. اهو انجو ڌنڌو آهي: ڪرت."

”چه ..... ويچارو چيلڙو! بابا ڪيئن پيو ڦٽڪي.“

”پٽ تون هنڪي نه ڏس هيڏانهن اچ نه......“

”نه بابا، مان ڊڄان ٿو روئي ٿو. مان ڏسندس. ان ڏينهن جڏهن ٿي. وي؛ تي ماٺهن ڪي ڦاسي ڏيندي ڏيکاريو هئائون. تڏهن به ڪو ڊڄو هوس.“

”منهنجو بهادر هوس.“

سير پيل ڦٽڪندڙ چيلو

ساهه بوءِ. ساهه بوءِ ساهه. ساهه بوءِ. ساهه بوءِ-

دڪيّ تي اڏيل ٿنين ۾ ٽنگيل سرڪٽيون.سرڪٽين ۾ ٻڌل، ڦاٿل ڳاٽا. ٽنگيل، اٽڪيل انسان. ڪارو چيلو ڦٽڪندڙ. ڪارا جبا پهريل. ڳاٽن ڦاٿل انسان. سرڪٽين ۾ ڳاٽا ڦاٿل انسان. سرڪٽين ۾ ڳاٽا ڦاٿل، ڳاٽا پڄندڙ. لٽڪيل: لڇندڙ، ڦٽڪندڙ انسان.

لڇ- ڦٽڪ

نعرءِ تڪبير- الله اڪبر

نعرءِ تڪبير- الله اڪبر

اشهد ان لا الله و اشهد ان....

لڇندڙ، ڦٽڪندڙ چيلو.

ڪاري ڪل•وارو چيلو: ڦٽڪندڙ

”تون چيلي کي ڪهين چو ٿو؟ معصوم سوال.

ڪاسائيءَ جو ٺهڪ.

”پٽ تون پاسي ٿي، رات جو ڊڄندين.“

”نه بابا، مان نه ڊڄندس. پلا ان رات ڊڄو هوس، جڏهن ٿي- وي تي ماٺهن ڪي ڦاسي ڏيکاري هئائون. هان! پر بابا، هي چيلي کي ڪهي چو ٿو؟“

(ڪيڏو نه چالاڪ نينگر آهي)

”پٽ اهو ته هن جو ڌنڌو آهي نه. جيڪڏهن ائين نه ڪهي ته گذر ڪٿان ڪري.“

”نه بابا. چيلي وٽ ڪاتي ڪانهي نه. ان ڪري ٿو ڪاسائي ماريس.“

”ها پٽ.“

"ءِ هو ڳالهائي بہ نٿو سگهي نہ."
"ها پٽ."
"پر، ٻي ٻي، تہ ڪري پيو."
"ها پٽ."
"ٻي ٻي ٿو ڪري، تڏهن ٿو مارين نہ ڪاسائي؟"
"ها پٽ. ڇيلو اُهو ڀلو جيڪو ٻي ٻي نہ ڪري."
لٽڪندڙ گوشت جا لوٿڙا. ٽڪي ٽڪي وهندڙ ڪاسائيءَ جي ڪاتي:
وڍجندڙ عضوا.
وڏيل عضون جو ڍير
"بابا."
"جي پٽ."
"هن ٻڪريءَ ٻي ٻي نہ ڪئي پوءِ بہ ڪاسائي ڪٺس؟"
"ها پٽ. ڪاسائيءَ جو ڪم ئي آهي ڪهڻ."
دل ڪچي.
ارهن ۾ پيل هٿ ڍرا.
اُرهہ: گوشت جا لوٿڙا.
گوشت جا لوٿڙا ۽ لڱڙا.
رت- پوءِ ناسن ۾ گهڙي ويندڙ
"ڇا گوشت جي ڇبي هتي پئي آهي؟"
"نڪو. رنڌڻيءَ ۾."
"پر هيءَ رت جي ڍپ ڪٿان پئي اچي؟"
"رت جي ڍپ!"
"ها. ناسن ۾ گهڙي وڃندڙ ۽ ساهہ گهٽيندڙ."
ساهہ پوءِ. ساهہ پوءِ. ساهہ پوءِ-
"اُبس تہ! پکو تيز ڪر. در کولي ڇڏ."
"ءِ ٻڌ پياري: اڄ گوشت نہ چاڙهہ."
"!"
"ورتو جو سين."
"نہ، دل ڪچي ٿيندي."

"اجايو زبان ٿيندو نہ."
"ڦتو ڪري ڇڏينس. يا پاڙي وارن کي ڏئي ڇڏ."
"پر هيءُ اوچتو! ۽ تنهنجو منهن ڦڪو!"
"سمجهہ ۾ نٿو اچي. گوشت نہ چاڙهہ. دل ڪچي ٿيندي."
ڪچي دل. ٺڪ. گهاٽي گجيدار ٺڪ.
"ڇگو تون ٿورو ليٽ يا ڪتاب پڙهہ. تيستر مان جهٽ پوڙ رڌي ٿي وٺان."

وڍيل عضون جو ڍير: هٿ. آڱريون. اکيون. منڍيون.
نعره تڪبير- الله اڪبر
نعره تڪبير- الله اڪبر
سير پيل ڦٽڪندڙ ڇيلو
سرڪٽين ۾ ڳاٽن ڦاٿل، لٽڪيل، لڇندڙ، ڦٽڪندڙ انسان. ڪارا جبا پهريل.
لچ ڦٽڪ
اشهد اَن لا الله الا الله و اشهد اَن محمد.......
وڍيل عضوا ڦٽڪندڙ. ٽپاڏيندڙ
دل ڪچي
ٺڪ
ڦلهڙا اُرهہ .ڪونئرا ڳٽا
ايسٿيٽڪ سينس/ احساس ۽ ان جو ماڻڻ انساني دنيا جي تخليقي جوهر جوئي – ۽ ڇهاءُ: جسمن جو. جسمن جي عضون جو. ان اعليٰ ايسٿيٽڪ سينس کي ماڻڻ جو وسيلو ئي- سونهن ٺڪ جو احساس/ لذت انسان جي تخليقي اوسر سان گڏ تڪميل ڏانهن وڌندي رهي ٿي. اعليٰ تخليقي اوسر/ معراج، انسانيت جو تخليقي معراج، پر اها سونهن ٺڪ/ اهو ايسٿيٽڪ سينس ڪاسائين جي راڄ ۾ سير پيل. ڪٺل. ۽ لچي لچي ساٿو ٿيل. ڦلهڙو. ڳٽا. گيان رس، ارهہ گيان رس ۽ اهو گيان رس ۽ سونهن رس ڪاسائين جي راڄ ۾.
وڍيل عضون جو ڍير: هٿ آڱريون منڍيون. ارهہ. ڇينهون ڇينهون

ٿيل پنا

"جاڳين پيو؟"

"ها."

"ماني تيار آ."

"پر مون کي اڃا بک ڪانہ لڳي آهي."

"تون اٿي تہ ســـهين. ايمان ســـانِ بوڙ اهڙو رڌيو اٿم جو آڱريون چٽيندين."

"جائي بہ."

"ڪائي ڏس."

"پر مون کي....."

"پر پر ڇڏ. اصل ڏاڪنئون ڪولڻ سان، خوشبوءِ تنهنجي بک نہ جاڳائي تہ-"

"نہ-؟"

"تون اچ تہ سهي."

ڏاڪنئون مان چمچي سان بوڙ ڪڍندڙ هٿ. ڊگهيون آڱريون. ننهن تي پالش. ڪرائي وٽان ڦربندڙ هٿ: سهڻو.

"هان وٺ. گرهہ پري ڏس پاڻهي خبر پوندئي."

هٿ اڳتي وڌيل. ڊگهيون آڱريون. هٿ جي تري ڳاڙهي.

وڌيل هٿن جو ڍير.

وڌيل هٿ، ڪرائيءَ وٽان ڌار ٿيل ڦٿڪندڙ.

"بابا" چيلو ڪيئن پيو ڦٿڪي."

"ها پٽ تون نہ ڏس. ڊڄندين."

"نہ بابا مان ٿو ڊڄان. هو ٿي. ويءَ تي جو."

وڌيل هٿ ڦـتـڪندڙ. ڌڪيءَ تي جوڙيل ٽنين ۾ پڌل سـرڪٽين ۾ قاتل ماڻهن جا ڳاتا. ڦٿڪندڙ. لڇندڙ ڪرا ٻوٽا. انسانن جا ٻوٽا.

انسان کي جانورن جي دنيا کان ڌار ڪرڻ ۾ هٿن نمايان ڪردار-ادا ڪيـو. جڏهن انسـان ٻئي ٻانهـون مـٿي ڪري، ٻن پيـرن تي هلڻ سکيـو ۽ ڪرنگهي جي هڏي سڌي ٿي، تہ انسان جي تنتي سرشتي ۾ بنيادي تبدلي آئي. سندس ڪم ڪرڻ جو ڍنگ. انسان ڏانءُ ٻٽيو: تخليقي. جنهن ۾ سوچ

هئي ۽ خلقڻ جو گڻ. انساني پورهيو: جنهن ۾ تخليقي سوچ آئي. ٻين جانورن جي دنيا کان ڌار. جو هٿ ٻانهن منجهان آزاد ٿيا. ۽ انسان قدرت کي پنهنجي وس ڪرڻ شروع ڪيو: خلقڻ

تخليقي پورهئي ۽ هٿن جو ڪردار

وڏيل هٿن جو ڏڳ

"تون ڪائين چو ڪونہ ٿو؟"

"هان! ها." -

"ٻوڙ ٿڌو پيو ٿئي."

"تنهنجا هٿ ڪيڏا نہ سهڻا آهن."

"ها بابا، پر هاڻي ڪائڻ تہ شروع ڪر. تون پنهنجا ٻہ تہ هٿ هلاءِ."

"پنهنجا هٿ هلايان ٿو سائين."

"چا ٻوڙ سنو ناهي."

"تنهنجن هٿن جو ئي ڪمال آهي، جو انهن ۾ اهڙو ماءُ-"

"بابا ڏي ٿالي الله جي."

"هنن مئن فقيرن بہ تپائي ماريو آهي."

"مون کي ڏي تہ ماني ڏيانس، هليو ويندو."

"هي ڪي مانيءَ تي ويندا. هنن کي تہ ڏوڪڙ کپن. مان سڃاڻان نہ."

ماني حاصل ڪندڙ هٿ وڏيل.

بيت المال ٻاهران لولن انسانن جي قطار هٿن بنا: ڪرايون.

لولو فقير

وڏيل هٿن جو ڏير

وڏيل هٿ ڦٽڪندڙ. ٿيا ڏيندڙ. ڪرائين مان.رت جون نيندڙيون وهندڙ. وڏيل هٿ ڦٽڪي ساڻا ٿيل ۽ ختم ٿيل.

نعره تڪبير- الله اڪبر

نعره تڪبير- الله اڪبر

اشهد اَن لا الله ال الله و اشهد اَن محمد.....

ساهہ ٻوءِ- ساهہ ٻوءِ- ساهہ ٻوءِ-

سنگهڻ سنگهي ڪجهہ ڳولڻ لاءِ وري سنگهڻ.

"چا ٿو سنگهين؟"

"رت جي بوءِ پئي اچي"
"رت جي بوءِ؟"
"ها."
"!"
"ساهه گهٽجندڙ. اُبس. دل ڪچي. اورت. اکين اڳيان ترورا: ڦٽڪندڙ چيلو. ڪاري ڪل وارو. ڪارا جبا پهريل. ڳاٽن ۾ سرڪٽيون پيل. ٽنگيل. لٽڪندڙ ٻه ننگا انسان. ڦٽڪندڙ. لڇندڙ. ڪنن ۾ پون پون: اشهد اُن لا الله ال الله و اشهد اُن محمد........
انسان بوءِ- انسان بوءِ- انسان بوءِ
انسان بوءِ- انسان بوءِ- انسان بوءِ
انسان بوءِ-
انسان ماريندڙ راڪاس
اوڪارو
نپوڙجندڙ ساهه
ساٿائي. اکيون پورجندڙ. پورجندڙ اکين سان ٻانهن تي نظر. هٿ وڏيل. هٿن سواءِ لوليون ڪرايون. تيبل هينان پٽ تي وڏيل هٿ لُڇندڙ. ڦٽڪندڙ. ٽپا ڏيندڙ.
ڪرائيءَ مان رت ٽمندڙ.●

● اُٿل

"پٽي جي ڦاسيءَ تي وڏا گوڙ ٿيا آهن."
"ها. خاص ڪري دادو ضلع ۾: ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻين هنڌن تي. ديرن ڪي ٻاهيون ڏنيون اٿن ۽ ڳاڏين جون پٽڙيون........"
"ته سنڌي اجا جيئرا آهن."
".ها. اهي اهڃاڻ ٻڌائين ٿا ته نه رڳو جيئرا آهن، پر جيئرا رهڻ چاهين ٿا. هر جوکو ڪٽي- اهم ڳالهه آهي ته اِهي سنڌي، جيڪي هڪ فرد لاءِ ايڏو جوکو ڪٽي سگهن ٿا ته، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ، پنهنجي سنڌ لاءِ ۽ خود پنهنجو پاڻ لاءِ جوکو ڇو نه ٿا ڪٽي سگهن! هان؟"
"سائين، مان سمجهان ٿو ته، ڪٽي سگهن ٿا. رڳو ڪين اهڙي قسم جو احساس ڏياريو وڃي ته: ڪوبه فرد نه- سنڌ! سيني سنڌين لاءِ، پنهنجو پاڻ لاءِ جوکو. سنڌ لاءِ جنهن سان خود هر سنڌيءَ جي هستي ۽ حياتي

لاڳاپيل آهي."

"بلڪل. جيئي سگهجي ٿو تہ جڏهن بہ سنڌي اُتن ٿا تہ اُڀرا ٿي، اُتاولا ٿي اٿن ٿا. اگ پٽ نہ جاچي- جڏهن تہ اڄ ويڙهہ جا هنر ۽ اٽڪلون ۽ رمزون ٻيون آهن. خاص ڪري چالاڪ ۽ مڪار دشمن کي آڏو رکندي."

"بنيادي سوال ليڊرشپ جو آهي. جيڪا عام جي مهنداري ڪري ٿي. ۽ اها نہ هئڻ جي برابر آهي."

"صحيح سائين. پوءِ نيٺ؟"

"حالتون، وقت ۽ انهن جون گهرجون پاڻمرادو سنڌي ليڊرشپ پيدا ڪنديون. جيڪا ظاهر آهي تہ نئين رت مان هوندي. سنڌ جو نئون رت. محروم ۽ مايوس. پنهنجي واٽ گهڙيندو... ها ڏي خبر پنهنجي مقالي جي-؟"

"سائين، اجا لکان پيو- نوٽس وني چڏيا اٿم. باقي ترتيب ڏيڻي آهي."

"ڏاڍو سٺو.......... سو ڳالهہ پئي ڪي سين قومي اڳواڻن جي ۽ قومي تحريڪ جي: ٿلهو نهراءُ. ڪتابڙا. جڏهن تہ عام سنڌي خلق کان چڱل. اهو صحيح آهي تہ نهراءُ توڙي ڪتاب يا اخباري بيان تحريڪ جو هڪ حصو آهن پر سڀ ڪجهہ نہ. جيڪڏهن گهٽو ڪجهہ آهي تہ اهو عمل: ايڪشن. ها حالتن جي گهرجن ۽ دشمن جي چالن کي آڏو رکندي: ايڪشن ۽ عام تياري لاءِ. منهنجو مطلب آهي ذهني ۽ سوپائتي تياريءَ لاءِ جيڪو وڏيرڪي سياست جي ابتڙ آهي. وڏيرڪي سياست: سوچ ۽ عمل جي لحاظ کان........ خير، ڪٿو پيو اچي. چڱو مان هلان ٿو. تون گهبراءِ نہ. لسٽون تہ نهٽيون آهن، سي نهنديون. پر بنيادي ڳالهہ آهي تہ اسان کي سنڌ ۾ ۽ سنڌ سان ٿي رهڻو آهي. ڪٿو اچي ويو. چڱو--"

ڪٽ

ساڳيو ئي اهي-

بلڪل ساڳيو. ساڳيا مهاندا. ساڳي چال.

شايد چوٿون ڏينهن بہ اهوئي- ڏيان ڏنو هوم. ها پڪ. منهنجي ڪٽ.

تہ ڇا ڪندا. اهوئي نہ......

سوئر جو پٽ.●

ماڻڪ جي جيون جو آخري انٽرويو
وڇڙيا ڪين ورن
انٽرويو/ روح رهاڻ

(هيءُ انٽرويو ماڻڪ کان 'ساهتي پبليڪيشن' ڪنڊيارو جي سهيڙيندڙ ورتو، پر ڪن اڻ ٽر مجبورين سبب ساهتي پبليڪيشن جي بند ٿيڻ ڪري هتي ڏنو پيو وڃي.)

ماڻڪ جو جيون خاڪو ۽ سندس لکڻيون

زندگيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ ماڻڪ جي وجود سان گڏ سندس هر لکڻيءَ ۾ ان گهاٽي مان ڪِيهون ۽ پڪارون ڪندي نظر ايندي آهي. ماڻڪ ڪڏهن به ايڪسپوز ڪونه ٿيو آهي. ان ڪري جو پوز ڪرڻ ڪانسواءِ ئي سڌيون سنواٽيون ڳالهيون ٿو لکي. توڙي جو انهن ۾ کهڙيون به ڪڙيون ڳالهيون ڇونه هجن!" حقيقت تي پردو وجهي، ڪن لاتار ڪرڻ هن پنهنجي سموري جيون ۾ جاتو ئي ڪونه: ڪيس خبر هئي ته سچ ڪاري هينان لڪي نٿو سگهي، ان ڪري بي سود ڪوشش ڪرڻ کان ئي وڙن ويندڙ هو! ڦٽل ناسپاتي، رومال ۾ ويڙهي هن ڪڏهن به لوڪ آڏو نه آندي- ان ڪري ئي ڪيترا ماٺهو بلڪ کوڙ ليکڪ به ڪيس دل کولي گاريون ڏيندا آهن پر سچ ڪؤڙو ضرور هوندو آ پر! ڪُوڙو هرگز نه!

5 مارچ 1943ع تي نوشهروفيروز ۾ جنم وٺندڙ ماڻڪ ايم. اي، ايم. ايڊ ۽ ايل. ايل. بيءَ سان گڏوگڏ سؤ کان مٿي ڪهاڻيون، ڪجهه ناول ۽ ناوليٽ لکيا! حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون) لڙهندڙ نسل -ناول) رڃ ۽ پڙاڏا (ناوليٽ ۽ ڪهاڻيون) پاتال ۾ بغاوت (ڊگهي ڪهاڻي) ڇهه انام ڪهاڻيون (ڪهاڻيون) ڇپجڻ سان ڪني پيٽ گذر لاءِ پهريائين ماستري، پوءِ صحافت ۽ آخر ۾ وڪالت پڻ ڪئي! هٺ ۾ جهليل ڪلڪ جي مٿان سنهڙي تند ۾ ٽنگيل تلوار جي ڪري هن لکڻ ڪافي قدر جهڪو ڪري ڇڏيو هو! پر تنهن هوندي به سندس هڪ ڪهاڻين جو مجموعو "پڇتاءُ" ۽ هڪ ناول "ساه مٺ ۾" ۾ اسان کي وڏيون اميدون آهن!

ماٺ 26 جنوري 1982ع تي اسان کان وڇڙي ويو. پر اهو شڪ آ. اسان سان هميشه ڪٺي آهي. هو جنم جنم جيئرو آهي.

● ڪهڙين حالتن اوهان کي لکڻ تي ۽ اهڙي ڪڙي، اُگري ۽ اُگهاڙي سچ لکڻ تي مجبور ڪيو؟

ج: ننڍپڻ کان تجسس جي هير، انساني لاڳاپن ۽ ناتن جي مشاهدي جي عادت. ڪتابن جي اپياس ۽ سڌي سنواٽي مزاج گڏجي لکڻ لاءِ انساهه پيدا ڪيو.

● منير احمد مان ماٺڪ ٿيڻ جو سبب؟

ج: هن جو ڪارڻ مان هن وقت ٻڌائي نٿو سگهان."

● ڪا تخليق جنهن جي لکڻ/ ڇپجڻ کانپوءِ اوهان کي غلطيءَ جو احساس شدت سان محسوس ٿيو هجي ۽ ڇو؟

ج: مواد جي لحاظ کان غلطيءَ جو احساس ڪونه ٿيو آهي. البت فني غلطين جو احساس ٿيندو اٿم.

● هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان، اوهان جي ڪا لکڻي پڙهڻ کانپوءِ جيڪڏهن مان اوهان کي ڪا ٿلهي متاري گار ڏيان ته-؟

ج:مان رڳو مرڪندس. ڇاڪاڻ ته هڪ پڙهندڙ جو اهو حق مان مڃان ٿو ته: هو منهنجي لکڻيءَ تي ڪنهن به روپ ۾ ڀلي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري.

● ڪو شعر جيڪو اوهان گهر ۾،هوٽل ۾ يا گهمندي ڦرندي جهونگاربندا هجو؟

ڪوبه نه.

● اسان جي ادب ۾ فرسٽريشن ڪيتري حد تائين جائز آهي؟

ج: فرسٽريشن جي جائز يا ناجائز هجڻ جو جواب ادب ۾ منهنجي آڏو اهميت نٿو رکي. جيڪڏهن ڪن پابندين يا سببن ڪري زندگيءَ ۾ فرسٽيشن آهي ته، ان جو اظهار ادب ۾ اوس ٿيندو. اهو هڪ تاريخي نياءُ آهي.

● معاشري جي اصلاح ۾ ڪهاڻي جو حصو؟

ج: جيڪڏهن معاشرو مڙهيل پابندين کان آزاد آهي ته، پوءِ هر ڪهاڻي، ان جي ردوبدل ۾ ڀربور ڀاڱو ادا ڪري ٿي.

● اج جي ڪهاڻيءَ مان اوهان مُطمئن آهيو؟

ج:ڪيترين بندشن ۽ پابندين جي باوجود. اج جيڪا سنڌي ڪهاڻي لکجي ٿي، مان ان مان مطمئن آهيان.

● سنڌيءَ ۾ جنسياتي ادب جي باري ۾ اوهان جي راءِ؟

ج:ادب ۾ جنسياتي، نفسياتي، سماجي وغيره جي ورچ جو مان قائل نہ آهيان، ادب، انساني زندگيءَ، لاڳاپيل دور ۽ هڪ تاريخي وهڪ اندر انساني ناتن جو اظهار آهي. اسان وٽ انسان جا جنسي/ نفسياتي ناتا جيئن نہ گهٽيل رهيا آهن. ان ڪري پيچيده شڪل اختيار ڪري ويا آهن. سنڌي ادب ۾ انهن پيچيده ناتن کي ڪهاڻين جي روپ ۾ جيتوڻيڪ نسبتي طور گهٽ اپٽاريو ويو آهي، ان هوندي بہ مان ان کي هڪ مثبت ۽ هڪ همت واري وک ڪوٺي سگهان ٿو.

● هن وقت سنڌي ادب جو ڇيڇڙ ۽ اديبن جي معجتا. ياري باشيءَ جي بنياد تي ٿي رهي آهي. ان مان فائدو/ نقصان؟

ج: اهو سڀ ڪجهہ مڙهيل تاريخي حالتن جو منطقي نتيجو آهي. جنهن مان پڌرو آهي تہ هاجو ئي رسيو آهي. باقي اهو ڪو وڏو مسئلو ڪونہ آهي جنهن کي، جيڪڏهن نيت نيڪ آهي تہ، منهن ڏئي نہ سگهجي.

● سنڌي اديبن ۾ ڌاڙابندين جا سبب؟

ج: مڙهيل تاريخي حالتون، پابنديون، ورهاڱو، ورهاڱي سبب پيدا ٿيل خال. وچولي طبقي جي اوسر، قومي جبر ڪارڻ محروميءَ جي احساس کي متاثڻ لاءِ سازشون، پلاند، هڪ ٻئي کان گوءَ کٽي وڃڻ لاءِ ڪڏا رستا. ڪيريئر ازم تنگدلي ۽ ننڍي گُجي.

● اديب جي قول ۽ فعل ۾ فرق آهي (ڏٺو ويو آهي) ائين ڇو آهي؟

ج: اديب انسان آهي. انسان جو پيچيده سماجي ناتن ۾ قول ۽ فعل ۾ تضاد منطقي آهي ۽ اديب بہ ان کان ڌار رکي نٿو سگهي. البت جيڪڏهن اوهان جو مقصد قومي تحريڪ جي ناتي سان اديبن جي قول ۽ فعل جو تضاد آهي، تہ پوءِ اهو فرق موقعي پرستيءَ، ڪيريئر ازم، خود غرضيءَ ۽ ذاتي مفاد کي، قومي مفاد مٿان رکڻ سبب آهي. پڻ ڪانئرپٽو بہ ان جو هڪ ڪارڻ آهي.

● نئين ٽهيءَ جي ڪيل ڪم مان اوهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

ج: نئين ٿهيءَ جي ڪيل ڪم مان گهڻي ڀاڱي مطمئن آهيان ۽ سندن ساراهه ڪندڙ بہ.

• هڪ نئين ليکڪ لاءِ سنڌي/ هندي لفظ، عربي/ انگريزي لفظ، سائنس/ ڏند ڪٿا، خارجيت/ داخليت، روحانيت/ ماديت ۽ اسٽائل، مسئلا بڻيل آهن. ان تي اوهان جي صلاح؟

ج: دراصل اهي مسئلا ناهن، باقي انهن کي زوريءَ هٿرادو مسئلا بڻايو ويو آهي. منهنجي آڏو ان جو مکيہ سبب تخليقي تنقيد جي کوٽ آهي. فقط، سائنس، ڏند ڪٿائون، خارجي يا داخلي ڪيفيتون/ حقيقتون ۽ اسٽائيل وغيرہ، تخليقي ۽ اڳتي اُسرندڙ جيئري جاڳندي ادب جو اهم ڀاڱو آهن. بنيادي سوال يا مسئلو آهي، تخليق جي ضرورت پٽاندر انهن کي واهپي هيٺ آڻڻ. البت انهن مان ڪنهن هڪ کي ڇهتي "ازم" جو روپ ڌار پيش ڪرڻ، ادب جو مسئلو تہ ٿي نٿو سگهي. باقي ان کي لاڙو ڪوٺي سگهجي ٿو. جيئڪو بهرحال ڪو مسئلو ڪونہ آهي.

• حساس طبيعت جي ناتي ۽ ليکڪ هئڻ جي حيثيت سان اوهان آڏو ڪوڙ سارا مسئلا اُڀرندا ٿا رهن، هر دؤر ۾ ان هوندي بہ هاڻ اوهان جي نہ لکڻ جو سبب؟

ج: مسئلا هاڻ بہ آهن. زندگيءَ سان وهنوار هاڻ بہ آهي- جو نيٺ جيئرو جاڳندو انسان آهيان. گهٽ لکڻ يا نہ لکڻ جو مکيہ سبب هڪ تہ ذهني نا آسودگي ۽ ٻيو وڏو ۽ اهم ڪارڻ آهي: لکڻ جي آزاديءَ، يا آزاديءَ سان لکڻ جو حق کسيل.

• ترقي پسند ۽ رجعت پرست جي اوهان وٽ سڃاڻ؟

جيڪي انساني زندگيءَ کي، انساني ناتن کي، وهنوار کي، انساني آزاديءَ کي، ان جي مثبت چرپر کي، سوچ کي. ڪن بہ اصولن، نظرين، عقيدن پٽاندر پابند ۽ قيد ڪرڻ چاهين ٿا. سي منهنجي آڏو رجعتي آهن.

• اوهان جي لکڻ جو داخلي ۽ خارجي انداز؟

ج: جيڪڏهن هرويرو داخلي ۽ خارجي لکڻ جي انداز کي ونڊو آهي تہ، منهنجين ڪهاڻين ۾ گهرج پٽاندر اوهان کي اهي ٻئي انداز ملندا.

• چيو وڃي ٿو تہ عورت سنڌي ادب ۾ جلد عظيم بنجي ٿي

وجي:..... ائين آهي؟

ج: منهنجي خيال ۾ هروڀرو ائين نہ آهي. اهو تہ پڌرو آهي تہ اسان جي سنڌي عورت، ڪيترين پابندين ۽ پردن هيٺ رهي ٿي، جڏهن هوءَ اُهي پردا چيري ڦاڙي ٻاهر نڪري ٿي، تہ سندس نمايان ٿي بيهڻ سياويڪ آهي. البت هن ڪان انڪار ڪرڻ تنگ نظري ٿيندي تہ هن وقت اسان جن ڪيترين سنڌي ليکڪائن جيڪو ادب، فني معيار توڙي تخليقي پختگيءَ جي لحاظ ڪان پيش ڪيو آهي، سُو عِظيم آهي ۽ سندن وڏيڪ وڌائي آهي ۽ سندن همٿ سان اظهار جي.

• اسان وٽ تنقيد جو معيار؟- ۽ ڇو؟

ج: اسان وٽ تنقيد بنهہ ڪانہ آهي. اوهان معيار جي ڳالهہ ٿا ڪيو. هونئن تہ تخليقي تنقيد، ادب جي اوسر لاءِ نهايت اهم آهي. پر اسان وٽ نلهي عام رواجي تنقيد بہ بالي ماتر آهي. ڇو؟ ڇو جو جواب اڳ ۾ ”سنڌي اديبن جي ڌڙي بنديءَ ۽ قول ۽ فعل ۾ فرق“ وارن سوالن ۾ ڏئي چڪو آهيان. ان ڪانسواءِ تخليقي سوچ جي کوٽ، نظرياتي گروهہ بنديون. تنگ نظري، ڪن پل ۾ ”عظيم“ بنجڻ جو ڪامپليڪس، ڪانٽريٽو. پاڻ پڌائڻ جو جنون، اڻ- سهپ ۽ سڀ ڪان مکيہ ڪارڻ لڳاتار پابنديون آهن.

• فقير، فقير ڪي نہ سهي، ڀاڪو ڦرندو- اديب اديب ڪي نہ سهي، مصور، مصور ڪي نہ سهي ٿيندو تہ وجي ائين ڇو؟

ج: پاڻ، پنهنجي فن/ ذات اعتماد گهٽ ۽ محروميءَ جو احساس- اهڙي ڀاڪي جي عمل ڪي جنم ڏين ٿا؟

• ڪهڙن ليکڪن ڪان متاثر آهيو؟

ج: ڪنهن ڪان بہ نہ. البت ليکڪن جي لکڻين ۽ تخليقن ڪان متاثر ٿيو آهيان.

• ڪنهن ڪان شڪايت؟

ج: ڪنهن ڪان بہ شڪايت ڪانہ آهي. البت ديس جي دشمن ۽ انسان جي دشمن ڪان سخت نفرت ڪندو آهيان.

• اوهان جي زندگيءَ ڪي جلا بخشيندڙ سپنو؟

ج: انساني آزادي: سوچ جي، اظهار جي، عمل جي. ديس جي ڌرتيءَ تي وسندڙ اڀوجهہ انسانن جي سماجي، اقتصادي تحفظ ۽ سلامتي جو-

جيڪو هن وقت تائين اڻلڀ آهي.

• اوهان ڪي حد ڪان وڌيڪ متاثر ڪندڙ سونهن؟

ج: پورهيت جي پگهر جي ڏپ ۾ ميرن، تڳڙيون تيل ڪپڙن وارو.

• اوهان جي پسند جو اميجينري اسڪيچ؟

ج: انساني زندگيءَ ڪي ڪنهن به نيپي هيٺ: نظرياتي يا عقيدن، اصولن پٽاندر قيد ڪرڻ خلاف لڳاتار سرگرمي. جسماني توڙي ذهني جاکوڙ سان.

• زندگي اوهان جي نظر ۾؟

ج: هر قسم جي پابندين ڪان آجي، ذهني، جسماني ڇرير.

• ڪا آس- ڪا اُميدَ؟

ج: ٻه واٽي ’تي بيٺل:

- يا ته باغي ٿي ايران.

- يا ته: جڏهن صبح جو سج اُڀري ته، منهنجو مٽل، اڻ- ساهو وجود ڪٿ تي پيل هجي/ ڪنهن ايڪسيڊنٽ ۾ ختم ٿي وڃان.

• ڏيس واسين لاءِ ڪو سنيهو؟

ج: ڪوبه نه.

البت ڪجهه سوال، سوچ لاءِ رکان ٿو.

- اسان جي قومي وجود جو، پنهنجي قومي سڃاڻپ جي ناتي سان جوڪجهه ٿي رهيو/ آهي؟ ان بابت ڪڏهن سوچيو اٿو؟

-جيڪڏهن سوچيو آٿو يا سوچيو ٿا ته: ته جذباتي ٿي، پر ان جي بچاءَ لاءِ ڪي تدبيرون ۽ گڏيل عمل؟

سياٿي اسين پنهنجي اصلي، قومي حيثيت سان تاريخ جي وهڪ ۾ باقي رهنداسين؟

- اسان جا دشمن ڪير آهن؟ دوست ڪير؟

- قومن جي زوال جي تاريخنءِ خود پنهنجي تاريخ جي اڀياس مان ڪڍيل نتيجا ۽ جيابي جون راهون؟

- جيابي جو ساهس آهي يا نه؟•

ماڻڪ مٽ سنڌو ۾ — ماڻڪ جون تحريرون — مرتب: ناز سنائي — سنڌي ساهت گهر-142











پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪِڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيـڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهنـدڙ بـہ ٿـي سگهن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تـہ ڪي ڪم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي -non commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مـالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٿي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)